# سنڌي چونڊ ڪهاڻيون

## (1989 - 2000)

مرتب

محمود مُغل

سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد

# سنڌي چونڊ ڪهاڻيون

(1989ـ 2000)


مرتب

محمود مُغل



سنڌي لئنگئيج اٿارٽي

حيدرآباد، سنڌ.

2010ع



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جو ڪتاب نمبر (153)

سڀ حق ۽ واسطا محفوظ

# سنڌي چونڊ ڪهاڻيون (2000- 1989)

| | |
|---|---|
| مرتب: | محمود مغل |
| ڇاپو پهريون: | 2010ع |
| تعداد: | 1000 |
| قيمت: | =/200 روپيا |
| پاران | ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو. |


**Catalogue Reference**
Mughal, Mahmood
Anthology of Sindhi Short Stories
Sindhi Language
Sindhi Language Authority
ISBN: 969-8194-30-4


**Anthology of Sindhi Short Stories** (1989-2000)


| | |
|---|---|
| Compiled by: | Mahmood Mughal |
| First Edition: | 2010 |
| Quantity: | 1000 |
| Price: | Rs.200/= |
| Composed by: | Asadullah Bhutto, Hussain Memon |
| Title: | Asadullah Bhutto |
| Printed by: | Pakeeza printers, Hyderabad. Sindh |
| Published by: | Taj Joyo, Secretary, Sindhi Language Authority, National Highway, Hyderabad, Sindh, 71000, Pakistan. |
| Tel: | 022-9240050-53 |
| Fax: | 022-9240051 |
| E-mail: | sindhila@yahoo.com |
| Website: | www.sindhila.org |
| Digitized by | M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro. |

هيءُ ڪتاب، تاج جويي، سيڪريٽري سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، ميشرس پاڪيزه پرنٽرس حيدرآباد، مان ڇپرائي، اداري جي آفيس، نيشنل هاءِ وي، حيدرآباد، سنڌ مان پڌرو ڪيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ارپنا

بيحد نيازمندين ۽ احترام سان پنهنجي قبلہ والد صاحب
فقير ميان نورمحمد مغل
۽
پنهنجن محترم ڀائرن
ڊاڪٽر عبدالرحمٰن مغل، خليل الرحمٰن مغل ۽
گل محمد مغل
۽
محترمہ والده جي نالي

- محمود مغل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ناشر پاران

سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي مقصدن مان هڪ مقصد آهي سنڌي ٻوليءَ جي واڌ ويجهه ۽ ترقي. انهيءَ مقصد کي سامهون رکي دل تہ چوي ٿي تہ سموري دنيا جا فن، ادب، سائنس، سوشل سائنس، ٽيڪنالاجي ۽ مختلف علمن جا سمورا ڪتاب ۽ لغتون هن ٻوليءَ ۾ هجن ۽ اها ايتري شاهوڪار ٿئي، جو اسين ان کي دنيا جي ڪنهن بہ ترقي يافتہ ٻوليءَ جي برابر هئڻ جي دعويٰ ڪريون- پر هن اداري جي محدود وسيلن کي ڏسندي اهڙي ڳالهہ ڪرڻ وڏي هام هڻڻ برابر ٿيندي. انهن وسيلن جي انصاف پرئي استعمال لاءِ اداري پاران پاليسي اها ناهي وئي آهي تہ ادب بابت ڪتاب تہ ٻيا مختلف ادارا بہ ڇاپين ۽ سرڪار سنڌي ادبي بورڊ بہ ٺاهيو آهي، شاهہ لطيف تي ڪتاب آڻڻ جو ڪم شاهہ لطيف چيئر ۽ ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز کي ڪرڻ گهرجي؛ سائنس جا ڪتاب سائنس بورڊ پاران تيار ڪرڻ گهرجن— ۽ سنڌي ٻولي اٿارٽي صرف ٻوليءَ ۽ لسانيات بابت ڪتابن تي توجهہ ڏئي ۽ اهڙن موضوعن کي سنڌيءَ ۾ آڻڻ لاءِ لغتن ۽ انسائيڪلوپيڊيا وغيره تيار ڪرڻ جي پابند رهي – ۽ سچ تہ انهيءَ پاليسيءَ تي هلڻ جي پوري ڪوشش ٿي رهي آهي... پر ڪي رٿائون جيڪي اڳ ۾ هلندڙ هيون ۽ جن تي اٿارٽيءَ جو پئسو بہ خرچ ڪيل هو، جيئن قديم مذهبي ادب، ٻارن جو ادب، ڪهاڻين ۽ شاعريءَ جا ڪي مجموعا وغيره تہ انهن کي سردخاني ۾ اڇلائڻ، ان جي ليکڪن جي محنت، وقت ۽ اٿارٽيءَ جي استعمال ٿيل فنڊن جو زيان ڪرڻ برابر عمل ٿئي ها. ان ڪري اهو طي ڪيو ويو آهي تہ اڳ ۾ منظور ٿيل اهڙا مسودا، جن جي لاءِ مصنفن کي ادائگي ٿيل آهي، ايڊٽنگ، ڪمپوزنگ، پروف ريڊنگ جي مرحلن مان نڪتل آهن، تہ انهن کي بہ ڇپائي پڌرو ڪيو وڃي.

انهيءَ ڳالهه کي سامهون رکندي، هن سال ۾ ڪجهه اهڙا ڪتاب ڇپجي رهيا آهن، جيڪي بهرحال سنڌي ٻوليءَ جي ادب ۾ واڌارو ڪندا ۽ نه صرف مصنفن جي محنت صاب پوندي، پر اٿارٽيءَ جا خرچ ڪيل فنڊ به سجايا ٿيندا.

محترم محمود مغل، سنڌي ٻوليءَ جو گهڻو پڙهيو ويندڙ هڪ اهم ڪهاڻيڪار، ڊرامانگار ۽ ڪالم نگار آهي ۽ ونس هڪ منفرد اسلوب سان گڏ فلسفياڻو ذهن آهي، جنهن جي ڪري سنڌي ادب ۾ هڪ خاص مقام رکي ٿو. ڪهاڻين جو هي مجموعو سندس محنت سان تيار ٿيل آهي. اسان کي اميد آهي ته مرتب پاران ڪيل چونڊ پڙهندڙن کي وڻندي.

15 آگسٽ 2010ع
حيدرآباد، سنڌ.

ڊاڪٽر فهميده حسين
چيئرپرسن

# پيش لفظ

نئين صديءَ جي ڏهاڪي ۾ گذريل صديءَ جي آخري ڏهاڪي جون چونڊ ڪهاڻيون کڻي حاضر آهيون.

وقت، پنهنجي بريڪن کي نهرائڻ نہ تو چاهي، شروعات کان ئي آٽواسپيڊ (Auto speed) تي سيٽ ٿيل سندس ايڪسيلريٽر (Accelerator) هڪ ئي رفتار سان هلندو تو رهي. گذري تو بي انتها سُست، پر جنهن پل بہ گذري وڃي ٿو تہ بي انتها تيز لڳي ٿو، هر ڳالهہ ”ڪالهہ“ جي ردا اوڍي، تيزيءَ جو اهڃاڻ بڻجي وڃي ٿي. حياتيءَ جي هر ميدان ۾، ”اڄ“، جڏهن ڪالهہ کي جنم ڏئي ٿي تہ تاريخ جو هڪڙو ورق هر روز مڪمل ٿي، فائيل ٿيندو تو رهي. اسين گذريل ڏهن سالن جي ادبي فائيلن ۾، ڪهاڻيءَ جي بابن جا ورق ورائيندا آهيون.

وقت جي ڪاتي جي ذڪر کي ڪجهہ اڃا اڳتي وڌايون تہ هڪڙو نقطو ازحد اهم آهي، تہ هيءُ ئي اهو ڏهاڪو آهي، جنهن ۾ ابلاغ جي ذريعن بي انتها ترقي ڪئي آهي. فنونِ لطيفہ جي هن رُخَ بہ ڪنهن لحاظ کان گهٽايو ناهي. اڄ جڏهن انٽرنيٽ ۽ اي ميل جي دنيا ۾، چئٽنگ (chatting) ڪندي، انساني ذهن انيڪ ڪهاڻين کي جنم ڏئي ٿو،اتي ئي هڪ ليکڪ جو مشاهدو ۽ سوچ بہ جدت جا سڀ رخ ساڻ رکي ٿي.

اڄ ڪلهہ جي هن دؤر ۾ ڪهاڻيءَ جي اهميت ڇا آهي...؟ نثرنگاريءَ کٽي هٽي وڃي هنڌ ڪيو آهي ۽ سوچ جي اظهار کي ڪهڙا مختلف رنگ مليا آهن، اهو سڀ غور ۽ فڪر جي لائق آهي.

هلندڙ وقت ۾ ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ انقلاب آڻيندڙ بل گيٽس (Bill Gates) جيتوڻيڪ ڪمپيوٽر جي ڪُنجين سان راند ڪيڏي ٿو، پر سندس ڪجهہ ئي سالن جي ڀرپور جاکوڙ کيس ”ڪهاڻي“ لڳي ٿي.

”منهنجي ڪهاڻي، هر طرح سان سادي آهي. هڪ ڇوڪرو، جنهن کي پوئين بينچ تان بہ اٿاريو ويو هو، ڇاڪاڻ تہ منجهس اها تيزي نہ هئي، جنهن

جي طلب هوندي آهي... من ۾ ڪهاڻين جي ڪردار جي اڏولتا کي ويچاري اڳتي اچڻ لاءِ جاڻ ۾ ويساهي ٿو.“

هاڻي ان هڪڙي حوالي سان ئي اهو سامهون اچي ٿو، تہ تيزيءَ جي هن دؤر ۾ اجا تائين بہ باهہ جي ٻاريل مچ چوڌاري ’ڏاڏيءَ‘ يا ’نانيءَ‘ جي لفظن جو تاثر جهڪو ناهي ٿيو. ڪهاڻيون سيني بہ سيني منتقل ٿينديون رهيون آهن ۽ اديب ۽ نثرنگار مشاهدي جي اک سان منظر جهٽي، ڪاغذن تي منتقل ڪندا رهيا آهن.

ڪهاڻيءَ يا افساني جي حوالي سان، دي ورڊ بُڪ اينسائيڪلوپيڊيا (The Word Book Encyclopaedia) افساني (Fiction) جي وصف ڪجهہ هن طرح ڏئي ٿو:

> ”افسانو هڪ ادب پارو آهي، جو ڪنهن بہ حڪايتي انداز ۾ لکيل ٿئي ٿو، مگر خالصتاً حقيقت تي مبني نہ آهي. هڪ ناول يا ننڍي ڪهاڻيءَ کي افسانو چئجي ٿو.“

اينسائيڪلوپيڊيا آف سوشل سائنسز ۾ آهي تہ ”افسانو“ اهو ادب پارو آهي، جنهن کي حقيقي زندگيءَ ۾ ڪوبہ سچو مفهوم ناهي“.

> Fiction. A designed or false story: A false hood: romance: The Novel. Story-telling as a branch of literature: A supposition of law that a thing is true, which is either certainly not true, as at least is as probably false as true. (Chamber's Twentieth Century Dictionary, New Mid-Century version, Edited by Willian Geddic.)

انهيءَ ذڪر کي اڳتي وڌائيندي، محترم شمس الدين عرسائيءَ، پنهنجي پي ايچ.ڊيءَ جي پيش ڪيل ٿيسز ۾ ”سنڌي افساني جي اوسر“ جي حوالي سان صفحي نمبر9 تي لکي ٿو:

”افسانو هڪ اهم تخليق ۽ عظيم ادب آهي، جيتوڻيڪ ان ۾ ظاهري طرح سان فرضي ڳالهيون ٿين ٿيون، تاهم اهي ڪن صداقتن تي مبني آهن، جن جو اختراع هڪ روشن آئيني وانگر محسوس ٿئي ٿو ۽ جنهن مان زندگيءَ جي گذريل واقعن ۽ زماني جي حادثن کي بخوبي ڏسي سگهجي ٿو. ائين بہ آهي تہ ڪٿي انسان جون پنهنجيون سڌون، خواهشون ۽ آئيندي جا حسين خواب انهيءَ مان نظر اچن ٿا. زندگيءَ ۾ آسائش ۽ لذتن کان محرومين ۽ ارمانن جي نقاب ڪشائي بہ ان مان ٿئي ٿي. افسانوي فن پنهنجي پر ۾ افادي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پهلو بہ رکي ٿو. قصي يا ڪهاڻيءَ ذريعي اخلاق جي تعمير جي ڪوشش بہ ڪئي ويندي آهي. ڪڏهن ڪڏهن معرفت جون رمزون ۽ نقطا بہ انهيءَ معرفت سمجهايا ويندا آهن. ارنيسٽ بيڪر پنهنجي شهره آفاق ڪتاب ”انگريزي ناول جي تاريخ“ جلد اول ۾ افسانوي جي حقيقت ڄاڻائي لکي ٿو:

> The World is fiction, like as it is to the world of daily experiences, is inhabited by figures, such as few of us will ever meet within the flesh. The great majority of these wonderful creatures are products of the realistic method.
> (Earnest. A.Baker. The History of English Novel, Vol:I)

”افساني جي دنيا، ٻيءَ روزمره جي ڏٺل وائٺل دنيا وانگر آهي، جنهن ۾ انساني شڪليون رهن ٿيون، ليڪن اسان مان ڪن ٿورن شخصن جو واهپو اهڙي قسم جي انسانن سان پيو هوندو، تاهم ان حيرت انگيز مخلوق جي وڏي اڪثريت اصل سان مطابقت رکي ٿي ۽ انهن جو وجود، حقيقت نگارانہ طريقي جي پيداوار آهي.“

افسانوي ۽ ڪهاڻيءَ جي حوالي سان انهن سيني تعريفن ۽ وصفن کي سامهون رکي، جي غور ڪنداسين تہ محسوس ٿيندو تہ هر دور ۾ اسان جي ليکڪن ادب جي هن رنگ کي ڀرپور نموني سان چوکو ڪيو آهي ۽ هلندڙ وقت جي ليکڪن بہ ڪنهن لحاظ کان وک پوئتي ناهي رکي.

جديد دؤر ۾ جني پرنٽ ميڊيا هڪڙي مضبوط جڙ وٺي چڪي آهي، اتي نثرنگارن جي لاءِ ڇپجڻ ۾ سهوليت تہ ٿي آهي، پر ان جو موضوعاتي ڪئنواس وڏيڪ وسيع ٿي ويو آهي ۽ مقابلي جي ميدان ۾ هاڻي معيار جو ڪاٽو ازحد مشڪل ٿيندو پيو وڃي. تاريخ جي حوالي سان جيڪڏهن ماضيءَ ۾ جهاتي پايون تہ 1854ع کان 1890ع تائين ڪهاڻيءَ جي ترتيب ڪجهہ هيئن ٿئي ٿي:

پهرين ڪهاڻي، غلام حسين قريشيءَ 1854ع ۾ لکي، ”يتيمي زميندار جي ڳالهہ“، جنهن کان پوءِ اهو سلسلو ڪجهہ هيئن رهيو:

| ڪهاڻين جو سرو | ليکڪ | سال |
|---|---|---|
| سڌا توري ۽ ڪڌا توري جي ڳالهہ | ميران محمد شاهہ اول | 1855ع |
| مفيدالصبيان | ميران محمد شاهہ اول | 1861ع |
| سوڪڙي | ديوان ڪيولرام سلامت راءِ | 1864ع |
| دلپسند قصا | مرزا قليچ بيگ | 1871ع |

عجيب دوا، دلارام، ڪادمبري،
شيطان جي ناني، هندستان جون
ديسي آکاڻيون | مرزا قليچ بيگ | 1890ع

اهو 1890ع جو ئي سال هو، جڏهن ساڌو هيرانند، "سرسوتي" نالي مخزن جاري ڪيو، جنهن ۾ ساڌو هيرانند، بولچند ڪوڏومل ۽ ٻيا ليکڪ شامل هئا. (سنڌي ادب جي تاريخ،ص 258، ڊاڪٽر عبدالمجيد سنڌي)

ماضيءَ جي انهيءَ هڪڙي پئراگراف مان ئي اهو ثابت ٿي وڃي ٿو ته 36 سالن جي عرصي ۾ تقريباً 19 ڪهاڻين جو حوالو ملي ٿو، جيڪي به مس مس وڃي، تقريباً ايتري ئي عرصي ۾ ڪنهن مخزن ۾ ڇپجڻ جي سوچ ساندين ٿيون، جڏهن ته هلندڙ دؤر جي ليکڪ کي پنهنجن مسئلن بابت پاڻ ئي خبر آهي. تيزيءَ جي هن سفر ۾، نت نون موضوعن سان جهيڙو جوڙڻ، سندس ئي همت آهي. 1989ع کان 2000ع تائين جي انهيءَ عرصي ۾، ليکڪن جي ڪوشش کي ڏسڻ کان پهرين، اسان کي هڪڙو حوالو ماضيءَ مان ٻيو به ساڻ کڻڻو پوندو.

افساني جي حوالي سان، شمس الدين عرساڻي صاحب لکي ٿو ته:

"قديم افساني جون ڪيتريون ئي جدا جدا صنفون رائج هيون. سيني کان پراڻي صنف کي Tale يعني 'آکاڻي' چئجي ٿو، جنهن ۾ هڪ فرضي يا خيالي قصو بيان ٿيل هوندو هو، يعني آکاڻين مان غيرارادي طور ڪو اصلاحي پهلو به نڪرندو هو.

ٻئي قسم ۾ Parables آهن، جن کي 'تمثيلي قصو' چوڻ مناسب ٿيندو. ان ۾ ظاهري قصي لاءِ الڳ پوشيدي معنيٰ به رکيل هوندي هئي. ٽيون قسم Fable هو، جيڪو حقيقت ۾ Tale يعني آکاڻي ۽ تمثيل Parable جو مرڪب سمجهيو وڃي ٿو ۽ ان ۾ پکين ۽ جانورن جون ڳالهيون آهن.

افساني جو چوٿون معروف قسم Romance هو، جنهن کي 'رومانوي قصا يا داستان' چئجي ٿو، جنهن ۾ عشق ۽ محبت جا واقعا، حادثا ۽ مضمون بيان ڪيل آهن." (آزاديءَ کان پوءِ سنڌي افسانوي ادب جي اوسر صفحو: 11 ۽ 12)

سڄي دنيا ۾ ڪهاڻي، انهيءَ معيار ۽ مقدار تي سرجي ٿي ۽ اسان کي به اهو فخر حاصل رهيو آهي ته هر دؤر ۾، اسان جن ليکڪن، مڙني

---

• انهن مان اڪثر ٻين ٻولين مان ورتل ڪهاڻيون هيون، جيڪي هڪ ئي وقت وڏن لاءِ به هيون، ته نصيحت جي خيال کان ٻارن جون به هيون. (ادارو)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لوازمات کي سامهون رکي، ڪهاڻيءَ جي جوڙجڪ ۾ بهرو ورتو آهي. اتي اهو چوڻ ۾ ڪوبه وڏاءُ ڪونه ٿيندو ته هن آخري ڏهاڪي ۾ ته ڪهاڻيڪارن، موضوعن ڪان وٺي، ڪردارنگاريءَ تائين ۽ مشاهدي کان وٺي اظهار جي مختلف پيراين کي ماڻڻ لاءِ مطالعي تائين، ڪنهن به جاکوڙ ڪان ناهي ڪيٻايو. هن دعويٰ جي ثبوت لاءِ، ڪن انگن اکرن کي ذهن ۾ رکڻ لازم آهي، ته جيئن خبر پئجي سگهي ته ڪهاڻي ڪيتر ۾، هنن ڏهن سالن ۾ ڪيترن ليکڪن پاڻ پتوڙيو آهي ۽ ڪيترا ڪتاب هنن ورهين ۾ پڙهندڙن جي هٿن تائين پهتا آهن. هن فهرست ۾ قابليت جي ڪابه دعويٰ ڪانهي، پر بهرحال ڪوشش اهائي هئي ته هر سال بابت مڪمل ڄاڻ حاصل ٿي سگهي. وري به جيڪي ڪتاب شامل ٿيڻ ڪان رهجي ويا هجن، ان لاءِ اڳواٽ ئي معذرت جا درخواست گذار آهيون.

هونئن ٿيندو ائين آهي ته اڪادمي ادبيات پاڪستان، مختلف ٻولين ۾ ڇپيل ڪتابن جا انگ اکر هر سال شايع ڪندي آهي، پر غور سان جائزو وٺڻ تي محسوس ٿيو ته ان فهرست ۾ ڪوٺ رهجي وڃي ٿي، ڇاڪاڻ ته ڪيترائي ليکڪ ۽ ڇپائيءَ جا ادارا، پنهنجا ڪتاب نه ته موڪلين ۽ نه سهيڙيندڙ. بهرحال مارڪيٽ ۾ آيل هرڪو ڪتاب ته خريد نه ٿو ڪري سگهجي، انهيءَ ڪري ئي مختلف اهم ادارن مان معلومات هٿ ڪئي وئي ۽ خاص طور تي، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽيءَ جي لائبريريءَ بيحد مدد ڪئي ۽ اتان جي داخلا رجسٽر مان، گهڻن ئي ڪتابن جو تفصيل معلوم ٿيو. مدد جي انهيءَ خوش رنگ ڪم لاءِ، لائبريريءَ جي مڙني ڪارڪنن جا لک ٿورا، ڇاڪاڻ ته هن فهرست جي پنهنجي جاءِ تي اهميت ته ان اداري جي مدد سان ئي ٿي سگهي ٿي:

| نالو | ليکڪ | سال | ادارو | صفحا |
|---|---|---|---|---|
| انگن چڙهيو انگ | ضراب حيدر | 1989 | شانتي پبليڪيشن، بدين | 164 |
| ائين ڪتا | موهن ڪلپنا | 1990 | نيوفيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد | 124 |
| پنهل ڪان پوءِ | شيخ اياز | 1990 | نيوفيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد | 211 |
| شهيد جي ماءُ | يوسف سنڌي | 1990 | پريت پبليڪيشن . | 54 |
| سنگسار | محمد انور بلوچ | 1990 | سچائي اشاعت گهر، دڙو | 136 |
| منهنجو ڏس آسمان ڪان پُڇو | امر جليل | 1990 | نيوفيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد | 196 |
| سوزيءَ سان پيار | الطاف شيخ | 1991 | نيوفيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد | 267 |
| غيرت | منصور ويراڳي | 1991 | مهراڻ اڪيڊمي، شڪارپور | 279 |
| ڪپيل هٿ | محمد انور بلوچ | 1991 | سچائي اشاعت گهر، دڙو | 219 |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| هي ڪھڙو ٻنڌڻ | نذير ناز | 1991 | ناري پبليڪيشنز، حيدرآباد | 100 |
| پاڻ ۾ وينا آهيون | نجم عباسي | 1992 | روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو | 202 |
| تون خدا آهين | ممتاز بخاري | 1992 | پريت پبليڪيشن، خيرپور | 71 |
| بند اکين ۾ ڪي يادون ڪي سپنا | طارق اشرف | 1992 | سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي | 409 |
| جڏهن بت ٿي چوي ڪافر | وهاب سهتو | 1992 | سنڌي ادبي سنگت، سنڌ | 111 |
| روپ بهروپ | اختر جانوري | 1992 | پريت پبليڪيشن، خيرپور | 81 |
| رياست جهنگل جي آڪاٽي | بدر ابڙو | 1992 | سنگم پبليڪيشنز ڪراچي | 150 |
| ست سنڌي ڪهاڻيون | اُتم | 1992 | گلشن پبليڪيشنز، حيدرآباد | 96 |
| شفق جي ڳولا | زرينہ بلوچ | 1992 | نيوفيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد | 200 |
| گم ٿيل محبتون | عابد مظهر | 1993 | مشعل اڪيڊمي، ڪراچي | 100 |
| مشعل ٻرندي رهندي | صنوبر سيد | 1993 | نيو ٿنڪرس فورم، حيدرآباد | 112 |
| منهنجو تخليقي سفر | خيرالنساء جعفري | 1993 | سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي | 325 |
| هيبتناڪ اسرار | محمدبخش جوهر | 1993 | ڪائنات پبليڪيشن، حيدرآباد | 165 |
| جيون اڌوري ڪهاڻي | ساحر پريمي | 1993 | سنڌي ادبي سنگت، ميرپور بٺورو | 176 |
| احساس | علي حسن عباسي | 1994 | آرٽ پبليڪيشنز، حيدرآباد | 71 |
| پل صراط تي هڪ وک | محمد انور بلوچ | 1994 | پرهه پبليڪيشنز، ٽنڊومحمدخان | 199 |
| پيرن جي ڳولا ۾ نڪتل ٻوٽ | مجيب ٻڙدي | 1994 | ذاتي ڇپايل | 93 |
| ترشنا | رمضان راهي | 1994 | نيو فرينڊس پبليڪيشنز، سانگھڙ | 112• |
| پاڇا پوئين پهر جا | انور بلوچ | 1994 | روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو | 152 |
| صديءَ جو سفر | طارق قريشي | 1994 | نئون نياپو پبليڪيشنز ڪراچي | 144 |
| ڪو ڪو جيون سواليہ نشان | ناهيد مغل | 1994 | سچائي اشاعت گھر دڙو | 111 |
| منهنجيون ڪهاڻيون (جلد-1) | علي بابا | 1994 | روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو | 400 |
| مونجهارن ۾ ڦاٿل هڪ شخص | ڊاڪٽر صالح ميمڻ | 1994 | نيوفيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد | 168 |
| سرها ساهہ پرينءَ جا | طارق عزيز شيخ | 1994 | باک پبليڪيشنز، حيدرآباد | 136 |
| محمود مغل جون ڪهاڻيون | محمود مغل | 1995 | باک پبليڪيشنز، حيدرآباد | 208 |
| زندگي | سليم چنا | 1995 | سليم چنا اشاعت گھر، حيدرآباد | 128 |
| سچ لهڻ ڪان پوءِ | منظور ڪوهيار | 1995 | سنڌ پبليڪيشنز، ڪراچي | 140 |

• هي رسالا / پبليڪيشنون آهن (ادارو)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| اکين ۾ ٽي ويهه | مقبول مارو | 1995 | سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد | 111 |
| اڄاڻل شهر جو نقشو | شبنم گل | 1995 | نيوفيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد | 203 |
| انيس جا افسانا | انيس انصاري | 1996 | مهراڻ پبلشرز، ڪراچي | 221 |
| شرافت جي پل صراط | عطيه دائود | 1997 | فضلي سنز، ڪراچي | 190 |
| صحرا جو چنڊ | سليم چنا | 1998 | سليم چنا اشاعت گهر، حيدرآباد | 192 |
| ڪاري (ڪهاڻيون) | ادا فضل قاضي | 1998 | سنڌ پبلشنگ هائوس، ڪراچي | 64 |
| سام (ڪهاڻيون) | ادا فضل قاضي | 1998 | هيرو پبلشرز، لاڙڪاڻو | 95 |
| ڪارو پاڻي | محمد انور بلوچ | 1998 | سچائي اشاعت گهر، دڙو | 163 |
| خواب ڪوتا سڪا | مظهر ابڙو | 1998 | وينگس پبليڪيشنز، خيرپور | 176 |
| تصوير جو درد | عنايت لغاري | 1999 | سنڌي ادبي سنگت، ٽنڊوقيصر | 136 |
| وارڊ نمبر ڇهون | اسلم خواجه | 1999 | سنڌ پبلشنگ هائوس، ڪراچي | 160 |
| پاڇي (ڪهاڻيون) | مشتاق پرڳڙي | 1999 | رم جهم پبليڪيشنز، دادو | 143 |
| پلاند | ظفر عباسي | 1999 | املهه ادب سيريز، ٽنڊوجهانيان | 64 |

اهو عجيب اتفاق ٿيو ته ڳولا ڪندي، ڪتابن جو انگ 50 تي ئي پورو ٿي ويو، جيڪو بهرحال اهو ظاهر ڪري ٿو ته سراسري طور 5 ڪهاڻين جا ڳٽڪا هر سال، پڙهندڙن تائين پهتا.•

انهيءَ ڏهاڪي جي تقريباً مڙني Periodicals رسالن ۽ مليل مجموعن کي نگاهه مان گذارڻ کان پوءِ، اهو احساس ٿيو ته چونڊ جو عمل ڪيتري قدر نه اٽانگو ٿي ويو آهي، ڇاڪاڻ ته جتي نالي چڙهيل اديبن، پنهنجي ساک سلامت رکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، اتي ئي نوجوان ليکڪن به پنهنجي پاران، مسلسل ۽ سنو لکڻ ۾ ڪابه ڪوتاهي نه ڪئي آهي.

دنيا جي ڪاروبار ۾ ائين ئي ٿئي ٿو ته سنگت ساٿ ڪم اچي ٿي. ڪجهه گهڙيون گڏ گذارڻ سان الائي ڪيترا بار ڪلهن تي پئجي وڃن ٿا ۽ ائين ئي سپ سلسلا هلندا رهن ٿا. سلسلا ته هلن ٿا، پر ميرٽ، پنهنجي سر هڪڙيءَ ڪنڊ ۾ مُنهن متو پٽيندي رهجي وڃي ٿي. پري جي ڳالهه ناهي. چند سال اڳ هڪ اشاعتي اداري ڪهاڻين جي چونڊ ترتيب ڏني پئي. مُرتب نوجوان هو، سيني گُرن کان واقف هو ۽ پهرين ڪهاڻي مون کان ورتي، ٽي مهينا انتظار ڪرائي ۽ ڪهاڻيءَ کي سيني مليل ڪهاڻين ۾ ”بهترين“ سڏي به، هن شايع نه ڪئي، ڇاڪاڻ ته منهنجو ذاتي قصور اهو هو ته شايد مان مسلسل لکان ٿو ۽ منهنجو ڪنهن به ”ڌڙي“ سان ڪو تعلق ناهي.

---

• ’ائين ڪٿا‘، ’پنهل کان پوءِ‘، ’منهنجو ڏس آسمان کان پڇو‘، موهن ڪلپنا، شيخ اياز ۽ امرجليل جي ڪهاڻين جا هن عرصي ۾ ڇپيل نوان ڇاپا آهن. (ادارو)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن سڄي قصي کي، قضئي کي، حوالي ۾ ڪم آڻڻ جي ضرورت نہ هئي، پر ڇاڪاڻ تہ مان پاڻ هن مهل مرتب جي ڪرسيءَ تي ويٺل آهيان، تہ الائي ڪيترا انومان مهنجي دل ۾ گردشون ڪري رهيا آهن، تہ ڪٿي، ڪنهن ڪهاڻيءَ جي چونڊ ۾ ڪا 'دوستي ياري' تہ ڪم ناهي آئي؟... اتي آئيني ۾ عڪس ڇوي ٿو "نہ..." ۽ اتي ئي محترم شمشيرالحيدريءَ جا "بهترين سنڌي ادب- ياڱو پهريون" جي صفحي نمبر6 تي لکيل لفظ ٻُڌڻ ۾ اچن ٿا:

"افسانن جي چونڊ لاءِ، هڪڙو صاف احوال اهو هو تہ ليکڪ جي نالي کي نظر ۾ نہ رکي، هر بهترين تخليق کي جاءِ ڏجي، ٻيو طريقو اهو هو تہ زياده کان زياده برک ليکڪن جا نمائندا افسانا چونڊي پيش ڪجن. اسان پهريون طريقو اختيار ڪيو تہ جيئن ذاتي پسند ۽ ناپسند جي بي انصافيءَ واري امڪان کي گهٽائي سگهجي. تنهن هوندي بہ اهو محسوس ڪيو ويندو تہ ڪي اهم تخليقون يا اهم ليکڪ اجا رهجي ويا آهن، يا ڪن ليکڪن جا هن مجموعي ۾ چونڊيل افساني جي پيٽ ۾، سندن ڪي وڌيڪ سٺا افسانا اجا ٻيا ڪي هئا، پر صفحن جي گنجائش اسان لاءِ ان جو وڏو سبب بڻي، جنهن لاءِ اسين پنهنجي لائق ليکڪن کان 'جڙيءَ ڪي جس' جا طالب آهيون. جيڪڏهن بهترين ادب جي نسبت سان، هن مجموعي ۾ آيل سنڌيءَ جا سڀ بهترين افسانا شامل نہ ڇاتا وڃن، تہ بہ اسين ضرور چئي سگهون ٿا تہ جيڪي افسانہ نگار پيش ڪيا ويا آهن، تن جون اهي بهترين تخليقون آهن".

مون پنهنجن ليکڪن کان گهٽو ڪجهہ پرايو آهي ۽ يقيناً حيدري صاحب جي اها ڳالهہ، منهنجي اندر جي اعتماد کي ان حوالي سان بہ وڌائي وئي تہ اها چونڊ مڪمل ميرٽ سان ڪرڻي هئي ۽ ان ڏس ۾ ڪنهن بہ 'وڏي نالي' جو بار خاطر ساڻ نہ ڪڻڻو هو. تخليق، بهرحال پاڻ مڃائيندي آهي، اها نالن جي محتاج نہ هوندي آهي.

هن ڳُنڪي ۾ 30 ڪهاڻيون آهن ۽ هر ڪهاڻي، موضوعاتي لحاظ کان ۽ پنهنجي اندر ۾ سانديل مڙني فني اصولن کي ساندي، ليکڪ جي ذهن مان ور وڪڙ ڏئي نڪتل تي لڳي ۽ ڪاڻي جي لحاظ کان ڇئن ئي ميزانن Fable, Parable, Tale ۽ Romance مان ڪنهن بہ هڪ ۾ ڀرپور وزن رکي ٿي ۽ ڪي ڪي ڪهاڻيون تہ ٻن يا ٽن زاوين کان بہ ڀرپور آهن.

ڪهاڻيءَ جي ترتيب سالن جي حوالي سان ڪئي وئي آهي، ان ڪري فهرست ۾ جديد ۽ قديم، سينئر ۽ جونئر ليکڪ جو ڪوبہ Reference نہ ٿو ڏئي سگهجي. هن ڏهاڪي ۾ بهرحال ڪيترن ئي قلمڪارن، صفحن تي خيالن

ڪي منتقل ڪيو آهي، جن ۾ سينئرن ۾ ڪجهه شخصيتون اهڙيون آهن، جن مسلسل لکيو آهي. محترم انيس انصاري، حميد سنڌي، طارق قريشي، اخلاق انصاري، رحمت الله ماجوٺي، محمود مغل، زيب سنڌي، لياقت رضوي، سيد ماڪن شاهه رضوي، مظهر ابڙو ۽ رسول بخش درس مسلسل لکندا رهيا آهن، جڏهن ته طارق عالم، شوڪت شورو، مشتاق شورو، مدد علي سنڌي، پنهنجيءَ رفتار سان هلندا رهيا آهن. جڏهن ته نوجوان ليکڪن ۾ فرزانه شاهين مگسيجو، مجيب بڙدي، زيب نظاماڻي، عنايت لغاري، تانيه ٽيبو، فردوس مزناڻي، عاليه آغا، ثمينه ميمڻ، بانو محبوب جوکيو، الماس، رسول ميمڻ، رعنا شفيق خوب لکيو آهي. خواتين ۾ ئي ليليٰ پروين سومرو، نورالنساء ميمڻ، منظور زهره، ناهيد مغل، ڪلثوم منظور، نجمه پنهور، سلمه پنهور، زاهده ٽيبو، ارم محبوب ۽ شگفته شاهه نمايان رهيون آهن.

تخليقي حوالي سان، هنن ڪهاڻين ۾ ڳوٺ کان وٺي شهر تائين ۽ پنهنجي اندر کان وٺي سماج جي ٻاهران ڪوڙاڻ تائين، هر تلخي، سونهن، رنگ، خوشبوءِ ۽ بدبوءِ ظاهر ڪيل آهي ۽ اها شعوري ڪوشش ڪيل آهي ته هر پڙهندڙ کي پنهنجي رنگ جي سونهن نظر اچي.

اسين سيني ايڊيٽرن ۽ ناشرن جا ٿورائتا آهيون، جن جي رسالن يا مجموعن مان ڪهاڻيون هن ڪتاب ۾ ورتل آهن. خاص طور تي نيوفيلڊس جي محترم فيروز ميمڻ جا ٿورا، جنهن ڪتابن جي فهرست کان وٺي، هڪ ڍاڪي جي ڇپيل ڪتابن بابت مدد فراهم ڪئي. مرحوم محترم گل محمد مغل لائبررين سنڌ الاجي، محترم محمد حسن جوڻيجو، سنڌي ادبي بورڊ جي پيڻ گلبدن جاويد مرزا ۽ ادي ثمينه جون مهربانيون، جن مواد کي سهيڙڻ ۾ منهنجي ڀرپور مدد ڪئي ۽ گڏوگڏ اسين سمورن شامل ليکڪن جا به، سندن تعاون ۽ دلچسپيءَ لاءِ ٿورائتا آهيون.

هنن ساعتن ۾، جڏهن هيءَ چونڊ اوهان جي هٿن ۾ هوندي ته بهرحال وقت وري به بريڪون نه نهرائي سگهيو هوندو ۽ تيزيءَ سان گذرندڙ لمحن ۾ جي اوهان هيءَ چونڊ پسند ڪريو ته فقير لاءِ دعا ڪري ڇڏجو ۽ جي ناپسند اچي ته پنهنجيءَ دل جا دروازا ڪليل ئي رکجو، اوهان جي مهرباني ٿيندي.

**محمود مغل**

سيئوستان هائوس،
ڄامر شورو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪھاڻين جي فهرست


| نمبر | ڪھاڻي | ڪھاڻيڪار | صفحو |
|---|---|---|---|
| 1. | مشعالون | شوڪت حسين شورو | 19 |
| 2. | سونل | انيس انصاري | 26 |
| 3. | زيرو ڏڪ | حميد سنڌي | 31 |
| 4. | وسري ويل ماڻھو | رسول ميمڻ | 39 |
| 5. | پنل نيڻ | فردوس مزناڻي | 49 |
| 6. | سوچون ۽ سپنا | تانيه ٿيبو | 56 |
| 7. | ساھ سڪي پر سور | بانو محبوب جوڪيو | 73 |
| 8. | بزنس | طارق قريشي | 87 |
| 9. | ڍھنڍڙ ليڪا | رزاق مهر | 98 |
| 10. | ڪجھ پلئہ پيو | رحمت الله ماجوٺي | 107 |
| 11. | پرڇھيئہ تنهن ڪان پوءِ | الماس | 114 |
| 12. | چتڪتائي | رسول بخش درس | 126 |
| 13. | اڇا گل ـ نيري ڍنڍ | رعنا شفيق | 131 |
| 14. | زندگيءَ ڏانهن | اخلاق انصاري | 138 |
| 15. | ليڙون لٿا جيون | عنايت لغاري | 142 |
| 16. | خواب مان جاڳيل شخص | لياقت رضوي | 147 |
| 17. | آخري ڪمري وارو اجنبي | مجيب ٻڙدي | 154 |
| 18. | هڪ لمحي جي خوشي | شبنم گل | 160 |
| 19. | مس لچي | قاضي اياز مهيسر | 170 |
| 20. | تنهنجو ڇھاءُ رهجي ويو آهي | محمود مغل | 178 |
| 21. | ڪجل بنا نيڻ | سيد ماڪن شاھ رضوي | 197 |
| 22. | بوسنيا جي ڌيءَ | شاھ زمان پنگر | 260 |
| 23. | هٿ ريڪائون ـ بند گهٽيون | زيب سنڌي | 263 |
| 24. | هڪ سفر جو انت | مظهر ابڙو | 282 |
| 25. | ڪوئل | طارق عالم | 290 |
| 26. | زندگي ۽ ٽيبل ٽاڪ | شرجيل | 318 |
| 27. | هيءَ پراڳارن | سحر امداد | 326 |
| 28. | مينهان ۽ نينهان | سانول | 332 |
| 29. | سمن سائين | بيدل مسرور | 336 |
| 30. | ائبسٽريڪٽ جيون جا ڪجھ ائبسٽريڪٽ | مدد علي سنڌي | 357 |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مشعالون

”اوهان جي شهري زندگي ۽ ڳوٺن ۾ ڪيڏو وڏو فرق آهي!“ ابريڪا ٻنيءَ جي وچان نهيل سوڙهن ٻنن تي خبرداريءَ سان هلندي چيو.

”ها، ڪراچيءَ جهڙي شهر مان نڪري هتي اچي هڪدم ائين ٿو لڳي ته اسين هڪ صدي پوئتي هليا ويا آهيون“، ڪارلوس هن کي سر ونايو.

”مون توکي تڏهن چيو ها ته منهنجي ڳوٺ هلي توڙي سنڌ جي ڪنهن به ڳوٺ ۾ هلي تون بور ٿيندينءَ...“ مون ابريڪا کي چيو.

”اوهه، نه نه، اها ڳالهه ڪانهي. خاموش ۽ سانتيڪي ماحول کي به پنهنجو رومانس آهي. مان هتي اچي بور ڪانه ٿي آهيان، مون کي افسوس آهي ته تو مون کي غلط سمجهيو. مون اصل ۾ سوشالاجيڪل نقطہ نظر کان ڳالهه پئي ڪئي. عجيب ڳالهه آهي. ايڪهين صدي شروع ٿيڻ واري آهي، پر اوهان وٽ ڳوٺن ۾ ڪافي ترقي نه ٿي آهي، پيئڻ لاءِ صاف پاڻي ڪونهي. ڳوٺ اڃا به سوين سال اڳ واري اونداهي دور جهڙا ئي آهن“ ابريڪا سنيالي پير رکندي چيو.

”نه ابريڪا، ڪجهه تبديليون اچڻ شروع ٿي ويون آهن، ڳوٺن ۾ بجلي پهچي وئي آهي. ڪراچيءَ کان ايندي نيشنل هاءِ وي تي تو کي گهٽ هنڌن تي فيڪٽريون ۽ مِلون نظر آيون هونديون. ڳوٺن کي ويجهو شگرملون نهيون آهن ۽ انهن جي ڪري ڳوٺاڻي زندگيءَ تي اثر پوڻ لڳا آهن، آئون ننڍي هوندي کان ڳوٺ ڏسندو اچان. منهنجي خيال ۾ گهڻو ڪجهه فرق پيو آهي. وڏي ڳالهه ته ڳوٺاڻن ۾ ذهني سجاڳي اچي وئي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. ائين تو لڳي تہ سوين سالن کان ستل ماڻهو اوچتو جاڳي پيا آهن“.
آئون شايد گهڻو ڳالهائي ويو هوس، مون ڏنو تہ ڪارلوس ڪلي رهيو هو.
”اوهانَ ايشيا جا ماڻهو ذهني سجاڳيءَ ڪي سياسي شعور سان ڳنڍي ٿا ڇڏيو.“ ڪارلوس چيو. ابريڪا مون ڏانهن ڏنو ۽ ڪلي ڏنو.
لهندڙ سج جي ڪرڻن ڪٽڪ جي سونهري سنگن کي وڏيڪ سونو بنائي ڇڏيو. پکي ولر ڪري پنهنجن آکيرن ڏانهن موٽي رهيا هئا، شام جي هلڪي هوا سنگن تان ترندي پئي وئي.
”اجان گهمنڊؤ يا واپس هلون“، ابريڪا جا وار ڪٽڪ جي سنگن وانگر هوا ۾ لُڏي رهيا هئا.
”توري دير ۾ سج لهي ويندو، اوندهہ ٿي ويندي“، مون چيو ۽ ڳوٺ وچڻ واري گس تي هلڻ لڳاسين. اسين ڳوٺ کان ايترو پري ڪون ويا هئاسين، ان ڪري جلدي واپس پهچي وياسين.
اوطاق جي ٿلهي تي ڪرسيون رکيون هيون. مون نوڪر کي چانهہ ڪٽي اچڻ لاءِ چيو. وڻ ۽ کيت اوندهہ جي پاڇن ۾ گم ٿيڻ لڳا هئا. آئون گهڻن ڏينهن کان پوءِ ڳوٺ آيو هوس. ڪراچيءَ جو گوڙ جڏهن ذهن کي ٿڪائي وجهندو آهي تہ ڳوٺ پهچي ايندو آهيان، پر هتي بہ جلدي بيزار ٿيو پوان. سواءِ سمهڻ جي ٻيو هتي ڪجهہ بہ ڪرڻ لاءِ ناهي. اهو ابريڪا ۽ ڪارلوس کي ٻڌايو هئم، پر هنن سنڌ جو ڪو ڳوٺ ڏسڻ تي چاهيو. ابريڪا ۽ ڪارلوس سان منهنجي پراڻي واقفيت هئي. اها ملاقات بہ مزيدار نموني ٿي هئي. آءٌ تڏهن بئنڪاڪ ويو هوس. هوٽل اڳيان ٽيڪسي ڊرائيور هڪ يورپين عورت ۽ مرد سان جهڳڙو ڪري رهيو هو. ٽيڪسي ڊرائيور وڏيڪ پاڙو ونڻ تي چاهيو. آئون سنڌي نموني هرويرو پرائي جهيڙي ۾ ٽپي پيو هوس ۽ مسافرن جو پاسو ڪنيو هئم. ٽيڪسي ڊرائيور ٻانهون ڪنجي ڪراٽي وارو پوز ۾ هٽي بيهي رهيو. مون بہ پهريان ٻانهون ڪنجيون ۽ پوءِ شلوار جا پائنچا ڇڪي گوڏن کان بہ مٿي ڪري ور ناهيم.
”اوڪي ڪم آن“، ٻانهون پکيڙي ٽيڪسي ڊرائيور کي چيم.
ٽيڪسي ڊرائيور وات پٽي حيرت مان مون کي ڏسي رهيو هو.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن سمجهيو تہ آئون ڪراچي کان وڌيڪ خطرناڪ ويڙهہ ڄاڻان. هو هيسجي ويو ۽ ٿائي زبان ۾ گاريون ڏيندي ٽيڪسي ڪٽي هليو ويو.

ڪارلوس ۽ ابريڪا اهو سڄو منظر وائڙا ٿي ڏسي رهيا هئا. ٽيڪسي ڊرائيور جي وڃڻ کانپوءِ ڪارلوس مون ڏانهن وڌي آيو ۽ هٿ وڌائيندي هن منهنجو ٿورو مڃيو. هن مون کي بار ۾ هلڻ جي آڇ ڪئي. آئون اڪيلو هوس ۽ مون کي ساٿ کپندو هو. بار ۾ ويهي اسان هڪ ٻئي جي سڃاڻپ ڪرائي. هو ٻئي آمريڪي هئا. ڪارلوس يونيورسٽي ۾ تخليقي ادب پڙهائيندو هو ۽ ابريڪا ڪل وقتي ليکڪا هئي. هن جا ڪجهہ ناول ڇپجي چڪا هئا.

وسڪي اچڻ کان پوءِ اسان ٽنهي جڻن جام ٽڪرايا ۽ ڍڪ ڀريا.

”اهو ويڙهہ جو ڪهڙو طريقو هو؟“ ڪارلوس حيران هو.

”ٽيڪسي ڊرائيور ڀڄي ويو!“

”اهو سنڌي طريقو هو“، مون کلندي چيو. ”اصل ۾ اهو هڪ نقل هو. سنڌ ۾ اسان وٽ هڪ راند آهي ملهہ. مون کي اها ايندي تہ ڪانهي، پر ٽيڪسي ڊرائيور ڪراچي جو پوزھٽي بينو، تہ مون بہ ملهہ جو پوز هنيو“.

”جيڪڏهن ٽيڪسي ڊرائيور ڪراٽو وڙهڻ شروع ڪري ڏئي ها تہ پوءِ؟“ ابريڪا پڇيو.

”اسان وٽ چوڻي آهي تہ ڏڏو ڏکر ڪجي، اڳلو نہ ڀڄي تہ پاڻ ڀڄجي، سو مون بہ سوچيو تہ ٽيڪسي ڊرائيور سچ پچ ڪراٽو ڄاڻندو هوندو ۽ مون ڏانهن وڌندو تہ آئون ڪڙيءَ تي زور ڏيندس“.

ابريڪا ۽ ڪارلوس ٿهڪ ڏيڻ لڳا ۽ اسان جي دوستي پڪي ٿي وئي. اسين هڪ ٻئي کي خط لکندا رهيا هئاسين ۽ ٻاهرين ملڪن جا پروگرام ڪجهہ ائين ناهيندا هئاسين جو ٽئي ڄڻا اتي وڃي گڏ ٿيندا هئاسين. هينئر هو منهنجي دعوت تي سنڌ گهمڻ آيا هئا.

”هو ڪير آهن؟“ ابريڪا پڇيو.

مون ان طرف ڏٺو. اوطاق کان ڪجهہ پري خالي ميدان تي جهوپڙيون نهيل هيون ۽ انهن جي اڳيان ٻاهيون پئي دکيون.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”اهي لاڏو آهن“، مون چيو. پر ڏنم تہ هنن ڳالهہ سمجهي نہ هئي.

”سنڌ جو هڪڙو علائقو آهي ٿر. اتي ماڻهن جو گذر سفر برسات تي آهي. برسات نہ وسندي آهي تہ ماڻهو اتان لڏا کڻي بئراج وارن علائقن ۾ ويندا آهن ۽ ٻنين ۾ پورهيو ڪري پيٽ گذر ڪندا آهن. جڏهن ٿر ۾ برسات پوندي آهي تہ موٽي ماڳن تي ويندا آهن“.

نوڪر چانهہ کڻي آيو هو.

”تو وٽ وسڪي ڪانهي؟“ ڪارلوس پڇيو.

”اوهہ! غلطي ٿي وئي. ڪراچيءَ مان بندوبست ڪري ڪنيو اچون ها“. مون کي افسوس ٿيڻ لڳو.

”اصل ۾ مون کي بہ ياد نہ آيو. ههڙي خاموش ۽ رومانٽڪ ماحول ۾ وسڪي وڏيڪ مزو ڏئي ها ۽ وقت سٺو گذري ها. اجا اٺ ٿيا آهن، تہ ائين پيو لڳي ڄڻ ڪافي رات گذري چڪي آهي“. ڪارلوس چيو.

”ها، هتي ائين لڳندو آهي. وقت سست رفتاريءَ سان گذرندو آهي“.

”اوهان جي ملڪ ۾ شراب تي پابنديِ آهي، تہ پوءِ ڪيئن ملندو آهي!“ ابريڪا پڇيو.

”اسان جي ملڪ ۾ جن ڳالهين تي پابندي هوندي آهي، انهن جي اهميت وڌي ويندي آهي“.

”يعني سڀ ڪجهہ هلندو آهي، پر لِڪ چوريءَ ۾!“ ڪارلوس چيو.

”ها ۽ ائين ماڻهن کي منافقي سيکاري ويندي آهي. مطلب تہ ماڻهو ظاهري طور هڪڙا هجن ۽ اندروني طور ٻيا...“.

ڳالهين هلندي ماني آئي ۽ هڪ ٻيرو وري چانهہ جو دور هليو.

ننڊ تہ ڪانہ ٿي اچي؟“ مون ابريڪا کان پڇيو.

”منهنجي خيال ۾ هاڻي سمهڻ کپي. مان صبح جو سويل سج اڀرڻ جو منظر ڏسڻ ٿي چاهيان...“ ابريڪا وراڻيو.

”نيڪ آهي، اوهان اندر ڪمري ۾ سمهو.“ مون اُٿندي چيو.

مون پهرين سوچيو تہ گهر وڃي سمهان. گهڻن ڏينهن کان پوءِ ڳوٺ آيو هوس، ان ڪري گهر وارن سان ڪجهہ وقت گذاريان، پر ابريڪا


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ ڪارلوس کي ڇڏي وڃڻ ٺيڪ نہ سمجهيم ۽ ڳوٺن ۾ حالتون سخت خراب هيون، ڌاڙا ۽ ڦرون پنهنجي جاءِ تي، پر ڌاڙيل ماڻهن کي ڪٽي تي ويا ۽ پئسا وٺي ماڻهو موٽائڻ روزمره جو معمول بڻجي ويو هو، ان ڪري مون اوطاق ۾ ئي سمهڻ مناسب سمجهيو. نوڪر مون کي وراندي ۾ کٽ وڇائي ڏني.

"چوڪيدار کي چئينس تہ خبرداريءَ سان پهرو ڏي. تون بہ اتي ئي ٻاهر سمھہ. چوڪيدار واري بندوق چٽي تي يا نہ؟"

"چٽي تي سائين" هن وراڻيو.

"ٺيڪ آهي. ڪارتوس وجهي تيار ڪري رکي"، مون چيو ۽ پوءِ کٽ تي ليٽي پيس. سوچيم، شايد سڄي ڏينهن جي ٿڪ سبب جلدي ننڊ اچي ويندي، پر ڪجھ دير گذرڻ ڪان پوءِ بہ ننڊ نہ پئي آئي. اندر ڪمري ۾ پيل پلنگ شايد پراڻو ٿي ويو هو، جو ان مان چيڪاٽ جا آواز اچي رهيا هئا. ڪارلوس ۽ ابريڪا جي پڻ پڻ جو آواز پئي آيو.

"چپ ڪري سمهي نٿا پون". مون کي چڙ اچڻ لڳي. جيستائين اهي نہ سمهندا، مون کي بہ ننڊ ڪانہ ايندي. مون ڪوشش ڪري هنن تان ڌيان هٽائي سمهڻ چاهيو، شايد مون کي ڪاميابي ٿي رهي هئي. اڌ جاڳ اڌ ننڊ واري ڪيفيت هئي. اوچتو ٻاهر ڪنهن رڙ ڪئي.

"ڪهڙو آهين؟ بيهہ اُتي..."

لڳو تہ ڪي ماڻهو ڊوڙي رهيا هئا. پوءِ بندوق جو ٺڪاءُ ٿيو. آءٌ تڪڙو تڪڙو اٿي ٻاهر آيس. نوڪر ۽ چوڪيدار ٻئي ڪونہ هئا. پريان ٽارچ جي روشني نظر آئي، شايد اهي ٻئي ڄڻا هئا. ابريڪا ۽ ڪارلوس نائيٽ گائون ۾ ٻاهر نڪري آيا.

ڇا ٿيو؟" ابريڪا گهبرايل هئي. "فائرنگ ڇو ٿي؟"

"خبر ناهي". مون چيو.

ٽارچ جي روشني تڪڙي تڪڙي اوطاق ڏانهن وڌندي آئي. چوڪيدار ۽ نوڪر ٻئي گڏ هئا. "ڇا هو؟" مون اتاولائيءَ مان پڇيو.

"سائين، لڏي وارن جو ڇوڪرو مري پيو". نوڪر گهبراهٽ ۾ چيو.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”هان!“ مون کان رڙ نڪري وئي. ”ڪيئن؟“

”مون کي خبر ڪانہ هئي تہ ڪو ڇوڪرو آهي. اوطاق ۾ اندر گهڙيو پئي تہ مون ڏسي ورتو، هڪل ڪيم تہ ڀڄڻ لڳو. مون سندس پنيان ڊوڙندي بندوق ڇوڙي تہ...“ هو چپ ٿي ويو.

”لاش ڪٿي آهي؟“

”اسين لاش جي مٿان وڃي بيناسين، تہ پريان ٻہ- ٽي لڏي وارا ايندي ڏناسين. اسين اتان کسڪي آياسين“. نوڪر چيو۔

مون ابريڪا ۽ ڪارلوس کي سڄي ڳالهہ ٻڌائي. ٻئي پريشان ٿي ويا.

”ويري سئڊ... ويري سئڊ...“ ابريڪا رکي رکي چوڻ لڳي.

اسين ٻاهر ٿلهي تي رکيل ڪرسين تي ويهي رهياسين. مون ڪارلوس کان سگريٽ ورتو. اسين ٽئي ڇتا ڊپريشن وچان سگريٽ پيئڻ لڳاسين. منهنجو ڌيان لڏي وارن ڏانهن هو. سوچيم تہ هاڻي ڇا ٿيندو، نوڪر ۽ چوڪيدار ڏانهن ڏٺم. اهي ٻہ ڊنا ڊنا چپ چاپ بيٺا هئا.

لڏي وارن جي جهوپڙين مان آواز اچڻ لڳا ۽ گهڻن ماڻهن جا آواز گڏجي گوڙ بڻجي ويا. جهوپڙين جي اڳيان وساميل ٻاهيون وري آهستي آهستي ٻرڻ لڳيون.

”خبر چار تہ وٺ. لڏي وارن سان ڳالهائي ٻولهائي معاملو ناهجي، نہ تہ ڏاڍي خرابي ٿي پوندي“، مون نوڪر کي چيو. هو ڊڄندو ڊڄندو جهوپڙين ڏانهن وڃڻ لڳو ۽ اونده ۾ گم ٿي ويو.

مون کي حيرت ان ڳالهہ تي هئي تہ جهوپڙين مان روئڻ جو ڪو آواز نہ پئي آيو. رڳو گوڙ هو. مرد ۽ عورتون زور زور سان ڳالهائي رهيا هئا. نوڪر کي وئي ڪجهہ دير ٿي تہ گوڙ هڪدم وڌي ويو. جهيڙو ٿي پيو هو.

اونده ۾ ڪو ڊوڙندو اوطاق ڏانهن اچڻ لڳو. چوڪيدار ٽارچ ٻاري اوڏانهن روشني ڪئي. نوڪر سهڪندي پئي آيو.

”سائين، لڏي وارا مچرجي پيا آهن. چون ٿا تہ اسان جو ڇوڪرو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڏيري مارايو آهي. اسين ڪيس نہ ڇڏيندا سين. اوطاق ڪي بہ باهہ ڏئي ڇڏينداسين". هو سهڪندو پَٽ تي ويهي رهيو. "آءٌ جيئن تيئن جان بچائي ڀڄو آهيان".

تيستائين سموريون جهوپڙيون ڏياتيون ڏياتيون تي ويون هيون. شايد لڏي وارا مشعالون باري اوطاق ڏانهن اچڻ وارا هئا.

"سائين، توهان هتان نڪري وڃو، تيستائين آءٌ بندوق جهلي اڳيرو تي هنن کي روڪيان ٿو"، چوڪيدار چيو.

"نہ نہ، چريو آهين ڇا؟ تنهنجي بندوق ڪيترن ماڻهن کي روڪي سگهندي. اوهين ٻئي هتان ڀڄي وڃو. اسين وڃون ٿا".

"پوءِ اوطاق سائين؟" نوڪر پڇيو.

"وڃي سڙي. هينئر پنهنجي ساهہ بچائڻ جي ڳالهہ ڪر". مون ڪاوڙ مان چيو.

ابريڪا ۽ ڪارلوس حيران پريشان تي اسان کي ڏسي رهيا هئا. مون تڪڙ ۾ هنن کي ڳالهہ ٻُڌائي.

"اوهين تيار ٿيو، آءٌ ڪار ڪڍي ٿو اچان". آءٌ چابي ڪڍي ڪار ڏانهن ڀڳس. اوطاق جي ٿلهي وٽ آيم تہ ڪارلوس ۽ ابريڪا نائيٽ گائون ۾ ئي ڊوڙندا اچي ڪار ۾ وينا. مشعالون اوطاق ڏانهن وڌنديون پئي آيون. اوندهہ هئڻ ڪري ڪار جون بتيون بہ ضروري هيون. مون ايڪسيليٽر تي زور ڏنو ۽ ڪچي رستي جي بہ پرواهہ نہ ڪئي. مشعالون ڊوڙڻ لڳيون، پر تيستائين اسين ڳوٺ مان نڪري چڪا هئاسين. پڪي روڊ تي چڙهڻ ڪان پوءِ مون ڪار روڪي. اسين ڪار مان لهي ڳوٺ ڏانهن ڏسڻ لڳاسين. ڳوٺ طرف آسمان تي شفق جي ڳاڙهاڻ هئي، ڄڻ سج ايرڻ وارو هو. پر اجا تہ آڌي رات تي هوندي، مون سوچيو اوطاق کي باهہ لڳي چڪي هئي. ابريڪا، ڪارلوس ۽ مون هڪ ٻئي ڏانهن ڏٺو، ڳالهايو ڪنهن بہ نہ. ڳالهائڻ لاءِ ڪنهن وٽ بہ لفظ ڪونہ هئا.

●●●


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انيس انصاري

# سونل

"بابا، ڪا ڳالهه ٻڌاءِ."
"ڪهڙي ڳالهه؟"
"ڪا به."
"مان ته توکي سڀ ڳالهيون ٻڌائي چڪو آهيان، جي مون کي ايندڙيون هيون."
"بابا!" آواز ۾ انگل به هو، التجا به هئي، جا گلڻ ٽاري نه سگهيو.
"پٽ! مان اڄ توکي سونل جي ڪهاڻي ٻڌايان ٿو."
"اها ڪهاڻي ته اڳ ڪا نه ٻڌائي اٿو بابا!"
"هڪڙو هو غريب شخص- ڏاڍو غريب ڏينهن جو ڪائيندو هو ته رات جو بک تي گذاريندو هو. پر ان جا خيال ڏاڍا متانهان هئا."
"خيال متانهان ڪيئن ٿيندا آهن بابا؟" پوٽي پڇيو.
"هاڻي ڳالهه ٻڌندين يا سوال ڪندين؟" ڏاڏي رهڙ ڏئي ڪڍيس.
"ڳالهه ٻڌندس بابا." ڇوڪرو روئڻهارڪو ٿي ويو.
"اهو غريب شخص ڪمائيءَ جي خيال کان پنهنجي شهر کان ڏهه ڪوهه پري هڪ شهر ۾ ويو. اتي ڪيس سنو ڪم ملي ويو."
"ڪهڙو ڪم بابا؟"
"وري سوال! مان ڳالهه ڪو نه ٻڌائيندو سانءِ."


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”بابا جيجڙا! مان هاڻي نہ ڳالهائيندس.“پوٽي جي آواز ۾ درد هو، التجا هئي.

”اهو شخص ڪاريگر هو، جايون سئيون جوڙي سگهندو هو.“

”اوهان بہ تہ ڪاريگر هئا نہ بابا؟“

ڏاڏي ڪاوڙ مان پوٽي ڏانهن نهاريو ۽ پوءِ مرڪي وينو.

”ان نئين شهر ۾ ڪاريگر جي ڪم جو ڏاڍو قدر تيو. هڪ جاءِ ۾ هٿ هوندو هيس تہ ٻي جاءِ بنائڻ لاءِ وٽس اڳوات ماڻهو اچي ويندا هئا. پر هو ٻيءَ جاءِ ۾ هٿ نہ وجهندو هو، جيستائين پهرين جاءِ پوري نہ ٿيندي هئي. ان ڪري ڪاريگر جي ساک پٽ قائم ٿي. ان سان گڏ ڪمائي بہ وڌيس. هاڻي هن ڪجهہ ڏوڪڙ پڻ ميڙيا. سندس خيال هو تہ ڪم ختم ٿيڻ بعد هو ڳوٺ ويندو ۽ ٻچايل پئسن مان گذارو ڪندو، جيستائين ڪيس ڪو ڪم ملي. هڪ ڏهاڙي...“ گلڻ ٽٻيءَ ۾ پئجي ويو. ڳالهہ ياد ڪري رهيو هو پراڻيون يادون!

”هڪ ڏهاڙي...“ چوڪري جي آواز گلڻ کي خيالن جي دنيا مان ڇڪي ڪڍيو.

”هڪ ڏهاڙي....“، گلڻ ڳالهہ شروع ڪئي، ”استاد ڪاريگر هڪ امير ماڻهو جي گهر جي مرمت ڪري رهيو هو.“ گلڻ بہ ٿي منٿ ماٺ ٿي ويو، ان بعد هڪ ڊگهو ساهہ کڻي چوڻ لڳو، ”اڌ گهر کي رسيءَ تي چادرون ۽ پردا وجهي ڍڪيو ويو هو. باقي گهر جي مرمت ٿي رهي هئي.“

گلڻ ماٺ ٿي ويو. پوٽس اکين ۾ نهاريو. موتيي پاڻيءَ کان ڏنڊلايل ماڻڪ اکين ۾ اچي ويئي هيس.

”پاڻي تہ پيار، روشن!“ ڏاڏي چيو.

پوٽو پاڻي کڻي آيو. گلڻ بہ ٿي ڍڪ پيري، کنگهڪر ڪري ڪهاڻي شروع ڪئي. ”انهن پردن پويان رهندي هئي سونل.“

”سونل؟“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"نالو تہ کو بيو هوس جو ڪاريگر ڪي ان وقت معلوم ڪين هو. هن جا سون جي تارن جهڙا وار ڏسي دل ئي دل ۾ سندس نالو سونل رکيو. وار بہ ڪاريگر کي اتفاق سان نظر آيا هئا. هوءَ ان وقت ڪنهن ڪم سان پردن پويان وڃي رهي هئي".

"پوءِ ڇا ٿيو؟" روشن پڇيو.

"سونل جو هٿ وري ڪير ڪان بہ زياده سفيد هو. اهو ڪاريگر ان وقت ڏٺو هو، جنهن وقت هوءَ پردي منجهان هٿ ڪڍي چانهہ جي ڪٽلي مزدور ڇوڪري کي ڏني، جنهن کي ڪاريگر ٻاهرين ڪم لاءِ ٻيهاريو هو... روشن يرا ٻيهہ ٻيڙي دکائي ونان" (سگريٽ جو ڪش هڻڻ بعد) هٿ ڏسي ڪاريگر ڪان ڪم وسري ويو. ڏهن ڏينهن بدران هن ڪان پندرهن ڏينهن ڪم کي لڳي ويا. ان وچ ۾ ڪاريگر سونل جي سونهن چڱيءَ طرح ڏسي چڪو هو. سونل ڏاڍي سهڻي هئي، ڄڻ پرستان جي شهزادي"، گلڻ ڪان هڪ آهہ نڪري وئي.

"ها بابا پوءِ". روشن پڇيو.

"ڪم پوري ڪرڻ بعد بہ ڪاريگر ان گهر ڪان پيو لنگهندو هو. ڪڏهن ڪڏهن ٻينل سونل سان سندس اکيون ميل ڪائينديون هيون".

"ميل ڇا ٿيندو آهي بابا؟" روشن سوال ڪيو.

"جڏهن وڏو ٿيندين تہ پاڻهي پتو پوندءِ". گلڻ ٿورو لڄي ٿيندي مسڪرائيندي چيو. ٿورو ساهہ پٽي، ٻيڙي ٻيهر دکائي، ڪش هڻي، کنگهڪر ڪري گلڻ ڳالهہ شروع ڪئي "اڳي هڪ شهزاديءَ جي ڳالهہ ٻڌائي هئي مانءِ روشن، جيڪا هڪ ديو وٽ ڪوٽ ۾ بند هئي. ساڳي طرح سونل بہ ماتيلي ماءُ وٽ قيد ۾ پئي وقت ڪاٽيندي هئي. ڪاريگر پڇا ڳاڇا بعد هڪڙيءَ مائيءَ هٿان سونل جي ماءُ کي سونل سان شاديءَ جو پيغام موڪليو. پتو اٿئي روشن! ماٽس ڇا ڇوائي موڪليو؟"

"ڇا ڇوائي موڪليو؟"


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”چوائي موڪليائين، ڏيڏريءَ کي زڪام ٿيو آهي ڇا؟ ڪاريگر کي آهن ڏهه هزار هڙ ۾ ؟ جڏهن ٿينس تہ پوءِ پيغام موڪلي“. جواب ٻُڌي ڪاريگر جون لونڊڙيون ڏنوڻ لڳيون. جينءَ وڏا ماٺهو تيئن وڏي بڪ! ڪاريگر تہ ويچارو ڪمي هو، پيسو پيسو ميڙي اٺ هزار گڏ ڪيائين“.

”پوءِ ڇا ٿيو بابا؟“ گلڻ کي ماٺ ٿيندو ڏسي روشن چيو.

”ڇا وري ڇا ٿيو. ڪاريگر کي پاڻ مارڻو پيو. جمع ڏينهن ۾ ٻين ڏڻ وارن تي بہ ڪم ڪرڻ لڳو سال کن ۾ بہ هزار ڪمائي ورتائين. هن پيري پنهنجي ماءُ پيءُ هٿان سونل جي شاديءَ جو نياپو موڪليائين. سونل جو پيءُ (سڳو) ۽ ماءُ (وڳي) ضد ٻڌي بيٺا تہ ڏهه هزار تہ روڪ وٺنداسين، ان ڪان سواءِ شاديءَ جو سمورو خرچ بہ گهوٽ پريندو. آخرڪار ڪاريگر جي ماءُ پنهنجا زيور وڪڻي پيسا هٿ ڪري پُٽ پرڻايو“

”چڱو ٿيو“، روشن جي منهن تي مُرڪ اچي ويئي، سندس دل تان هڪ وڏو بار لهي ويو.

گلڻ ٿهڪ ڏنو ۽ چيائين، ”ستاوڙي تي سونل ڳوٺ وئي تہ وچي اتي بند ۾ پئي. ماٺس چيو تہ اسان وٽ رواج آهي تہ ستاوڙي تي گهوٽ، سَس کي هزار روپيا سلام ڪرڻ جا ڏيندو آهي. ڪاريگر وٽ هالي هڙ ۾ ٽڪو بہ ڪونہ هو، سو ڪٿان ٿو هزار روپيا آڻي. راج مهاڄڻ ميڙيائين، سيني چيو تہ اهڙو رواج تہ اسان نہ ڏٺو آهي ۽ نہ ٻُڌو. هتون پيڪا ڏيءَ کي هڙئون وڙئون ڏيندا آهن. ان ريڙهہ پيڙهہ ۾ پريا ڇهہ مهينا گذري ويا“.

”ڇهہ مهينا“؟ روشن حيرانيءَ مان چيو.

”ها بابا ڇهہ مهينا“. هڪ ڏينهن ڪاريگر کي هڪ ڇوڪري چني اچي ڏني. چني سونل لکي هئي. ان ئي ڏينهن اڌ رات جو ڪاريگر سونل جي گهر جي پٺئين دروازي وٽ موجود هجي. ڪاريگر ويو. ڪتن جي پئي باهوڙ پئي. پريان چوڪيدار ”کهڙو کهڙو“ پئي ڪيو. آخر دروازو کليو. سونل ٿن لٽن ۽ چادر ۾ ٻاهر نڪتي. ٻئي ڄڻا پنڌ ئي پنڌ جهنگ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جهر لتاڙيندا، ڪِرڙن ڪندن مان رستا ڪندا صبح جو اچي استيشن تي پهتا. ريل ۾ چڙهي اچي گهر پهتا. اهي ئي ست ڏينهن گذريا ته پوليس اچي ڪاريگر جي در تي پهتي. پڪڙي وجي لاڪپ ۾ هنيائونس. ساهرن الزام هنيو هيس ته چوڪريءَ سان گڏ گهر مان سامان ۽ روڪڙ چوري ڪري ويو آهي“، گلڻ ساهي پٽي وري چوڻ لڳو.

”ڪاريگر انهن ڏينهن ۾ ڊپٽي صاحب جي جاءِ پئي جوڙي. ان ڏنو ته ڪاريگر ڪم تي نه آيو آهي ته تپي باهه ٿي ويو. معلوم ٿيس ته ڪاريگر ته قيد ۾ آهي. ڪيس سارو حال معلوم هيو. ٽاٽي تي ويو ۽ وجي ڪاريگر کي ڇڏائي آيو. سو روشن سائين! ڪاريگر ۽ سونل کي هڪ سهٽو پٽ پيدا ٿيو، جنهن جي شادي ڏام ڏوم سان ڪيائون. هاڻي انهن کي هڪ پوٽو آهي. تنهنجي عمر جو“.

پر بابا! روشن چيو، ”بابا ننڍو ته چوندو آهي ته ڏاڏي امان جا وار سون جي تارن جهڙا هئا، جي سج جي روشنيءَ ۾ پيا جرڪندا هئا“.

فالج ورتل سفيد وارن واري سندس ڏاڏِي، جا هڪ ڇِڳل کٽ تي ليٽيل هئي، ان جي اکين مان ٽپ ٽپ ڪري ڳوڙها ڳڙڻ لڳا.

•••


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# زبرو ڏک

بس مان جيئن هيٺ لٿس تہ سمجهيم ڪنهن قيد مان آزاد ٿيو آهيان. سامت ۾ اچي پريرو وڃي بيهي رهيس. ٿيلهو هيٺ رکي، مٿي تي رکيل ٽوال کي ڇنڊيم ۽ پوءِ بينس پاڻ ڇنڊڻ. ائين ڪو سڌ ٿيو. لوڙو هنيم، ڏسان تہ استاد نبن سامهون واري دڪان تي چلڪائين پٽي تي پاڪي تکي ڪري رهيو هو.

”پنهل سائين، انهيءَ چنڊ ڦوڪ لاءِ اسين حاضر آهيون“.

مون ٿيلهو کنيو ۽ اڳتي وڃي سندس دڪان تي چڙهيس. يڪدم ٻانهن کان وٺي ڪٽي ڪرسيءَ ۾ هنيائين.

”ويهہ تہ سائين، مس مس تو هٿ اچين“.

يڪدم ڦوڪارو ڪٽي اچي اهڙا ڦوڪارا ڪيائين، جو مان ٽڏڙي پاٽيءَ تي اصل موهت تي پيس. ٽوال سان انگ انگ اگهيائين. هو مالش کي لڳو تہ مون ڪٽي اکيون پوريون. ڳالهاءُ ٻڌان تہ پيو، پر پري کان.

”انهيءَ نکر بَس کان تہ پنڌ اچجي تہ بهتر. هيڏو آفيسر ٿيو آهين، پر اچين چڪڙي بس ۾. نندو مختيارڪار ڪا معمولي ڳالهہ تہ ناهي. ڏس تہ سهين، اسان جا ڪپڙا ڪيئن نہ لٽجي ميرا ٿيو پون. سونهن تہ ڏس، جوانڙو اصل لهسجي پيو آهي. ڳاڙها ڳلڙا رت پيا ڇڏين، گلڙا ڪومائجي تا وڃن“.

ائين ڪو آواز آيو: ”استاد، واندو آهين، سيرب نهرائٽي آهي“.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”بگن، جهٽ ترسي اچ. پنهل سائينءَ کي تيار ڪري وٺان“.
سندس هٿ بيٺو ته مون اکيون کوليون.
”بس چاچا نبن، گهڻو ٿيو. اچي هي وٺ، مان هلان ٿو. ابو انتظار ڪندو هوندو“.
”پنهل سائين، چو تو بي عزتو ڪرين. پيسا نہ ڏيندو ڪر. بس اسان وارو ڪمڙو ڪري ڏي، بنهہ پير ڌوئي پيئندومانءِ. هو ڏسين ٿو، ڪيئن اسان وارو يار ڪومايو وينو آهي“.
مون ڏٺو، استاد جو پيارو ڪُتو ڪومايو وينو هو.
”بنهہ نج بُلتري آهي. سندس ساٿي بہ بُلتري نسل جا هجن تہ واهہ واهہ ٿي وجي. ايڏنهين اُتر پاسي جو نوڪريءَ سانگي ويو آهين تہ ڪجهہ تہ اسان فقيرن سان بہ وهي وجي...ڪيڏيون نہ منٿون ڪيون اٿمان“.
”پر استاد، مونکي خبر ئي نہ ٿي پوي تہ بُلتري جا ٿيندو آهي“.
اُستاد بتال ڪاڙو.
”سائين، ڪمال آ، سڄي جمار اُستاد نبن ۽ ان جي بُلترين سان گذاري اٿوَ، توهان کي بُلتري ڪتي جي خبر نہ ٿي پوي، هيڏانهن ڏسو“.
اوچتو اُستاد نبن شڪل ڦيرائي وٺي غر غر ڪيائين. ”هيءَ ڏس، هيءَ بلتري هيئن ٿيندو آهي“. وٺي زور زور سان ڀونڪيو. سندس شڪل ٻاهر وينل ڪتي کان هيئن مختلف هئي، جو ڪنهن خوفناڪ ڪُتي جو روپ ڌاري بنهہ پئي ڏاڙهيائين. مون ڪيس هٿ سان روڪيو. يڪدم حملو ڪري هٿ ۾ چڪ هنيائين. مون هٿ ڇڏائي، دانهن ڪئي:
”استاد، ماڻهو جو روح اٿئي يا ڪتي جو“.
سندس ڏاڙهڻ بند ٿي ويو.
”يلا هٿايان ڪورس سُين جو“.
بنهہ ڪلي پيو. مان دُڪان تان هيٺ لهي پريرو ٿي بيٺس.
”استاد، اصل بُلتري تہ تون آن، باقي هي لوسي تہ چوڙي چڏ“. دڪان وٽ ٻڌل مرضيل ڪتي ڏي اشارو ڪندي چيومانس، اُتان وٺي اُلر ڪيائين.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”هي لوسي آ؟ هي لوسي آ؟ واهہ سائين واهہ! واهہ جي عزت ڪئي توَ خانداني ڪتي جي! خانداني ماڻهو تي ڪري خاندان جو قدر نہ ٿا ڪريو. واهہ سائين واهہ! بلٽري نہ ونئي ڏيو تہ توهان جي مرضي، پر ههڙو ذليل تہ نہ ڪريو“.

”استاد، ڪاوڙ نہ ڪر. بلٽري ايندا، بنھہ پلي نسل جا بلٽري، پر ويڙهہ ۾ نہ مارائجانءِ“.

ائين چئي مان گهر ڏي تکو ٿيس. هڪ تہ انين-پندرهين ڏينهن سئو ميل سٽي پهچ ۽ پهچڻ سان اُستاد نبن جي ور چڙهجي. ڏينهن ئي اصل گارو ٿيو وڃي. استاد نبن جو ڏوهہ نہ هو، سندس وڏا انهيءَ ڪتن جي ميل ۾ مارجي ويا. پلا ڪُتا ونئي ڏارڻ، رڇ ڪتي يا سوئر ڪتي جي ويڙهاند سندس پيشو هو. وڏا زميندار سندس محتاج هئا. پلي نسل جا ويڙهو ڪُتا ملندا بہ نبن جي وڏن وٽ هئا. خانداني ويڙهاڪ هئا، پر وقت ساڻن ويڙهہ وڙهي ويو. پهريائين نسل ڦٽو، پوءِ ڪئين نسل مئا. بلٽري هجي يا هاؤنڊ، وٽن ڪتو نہ رهيو. هيءُ شڪر جو اُستاد نبن حجامڪو ڏنڌو سکي پيو. اڃي شهر جي منهن تي، ونگ وٽ، دڪانڙو کوليائين. شوق ڏاڍو هيس. ڪي پلڙ ڪتڙا بہ هيس، پر آهستي اُهي بہ رڇ ۽ سوئر جي ميل ۾ مارائي ڇڏيائين. تنهن پويان بلٽرين جو ڪيس ڪو سٺو نسل نہ مليو. ايڪڙ ٻيڪڙ ڪو ڪتو ور چڙهندو هيس تہ ڪنهن شوقين کي وڪڻي ڇڏيندو هو. هاڻ وري هي ڪتو ملي ويو هئس، سو دُڪان تي ٻڌي نشان ٻڌائي جڳ کي پيو ڏيکاريندو هو تہ اڃان وٽس بلٽرين جو نسل آهي. پر اسان اُن ڪتي کي لوسي ڪتو چئي، کيس چيڙائيندا هئاسين. ڪڏهن وري ڪو وڏيرو ڦاسندو هيس تہ اُن جي اوطاق تي وڃي انهيءَ جي ڪتن جي سار سنڀال لهندو هو ۽ صلاحون ڏيندو هو. بہ چار ڏوڪڙ جڙي پوندا هيس. ڪتن ۽ رڇن يا سوئر جي ميل ٿيندي هئي تہ اتي ويندو هو ۽ جيڪو هوندو هيس، سو شرطن ۾ ئي وڃائي ڇڏيندو هو.

سندس حجامڪو دُڪان بہ ڄڻ تہ اوطاق هوندي هئي. ڪتن جي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شوقينن جو مزو هوندو هو. منهنجو نوڪري سانگي بس اسٽينڊ تي پنڌ هوندو هو. چڙهان تہ سامهون هي. لهان تہ بہ هيءُ سجڻ سامهون. ڪيس ڪنهن ٻڌايو تہ اُتر ڏي ڪتن جو نسل پلو ٿئي ٿو. منهنجي نوڪري روينيو ڪاتي ۾ هئي، هو هرويرو اهو زور لائيندو هو تہ ڪيس جوڙي بلٽري جي ڪتن جي وٺي ڏيان. هڪ تہ نوڪري، ٻيو انين ڏينهن ڳوٺ اچڻ، وري دنياداري، اسان ڪان ڳالهہ ئي ذهن تان لهيو وڃي. هڪ ڏينهن جيئن گشت تان موٽي جاءِ تي پهتس تہ ڏسان چاچو نبن وينو آهي.

”اڙي چاچا ڏي خبر،نيٺ پنڌ پئين“.

”پنهل سائين، ڪاتي تو ڇڏيانءِ. اسان جي تہ پينگ تي وئي آهي. هو شهنشاهہ ڏنو هيئہ، اهو بہ نيٺ ميدان ۾ لاٿم. يارن زور پريو، هن ڏڪ ئي نہ جهليو. پهرين ئي ڏڪ ۾ رِڇ چڪ هنيس، شهنشاهہ ڪئون ئي نہ ڪئي ۽ الله ڏي هليو“.

”اُستاد! چوندو هو مانءِ تہ زوريءَ تو هُن کي ٿوم مان جافران ٻڌايو هو، اصل ۾ شهنشاهہ نہ هو، هو لوسي هو“.

استاد نبن ڳاڙهو ٿي ويو، پر سور پي چپائين.

”پنهل سائين، تنهنجي تڏي تي آيو آهيان، بيعزتو تہ نہ ڪر. شهنشاهہ جا جوهر مون هڪ واري رئيس خاوندڏني واري سوئر واري ميل تي ڏٺا هئا. سوئر کي وچڙيو تہ رئيس سَوَ جو نوٽ مون کي ڏنو هو. خير توهان آفيسر ماڻهو جا ڄاڻو انهيءَ شوق مان، بس هاڻي پلائي ڪر. جوڙي ڪتن جي وٺي ڏي، پر هجن بُلٽري“.

مون سوچي ٻئي ڏينهن رئيس عارب کي، جو ڪتن جو وڏو شوقين هو، ماڻهو موڪليو. هو ٻنهہ جوڙي ڪتن سان اچي نڪتو. واقعي سنهڙا سيپڪڙا سهڻا ڪُتا هئا. چيائين پي تہ نسل جا آهن ۽ ويڙهہ جي ڏانءَ جا بہ هئا. اُستاد نبن جو هي پلوڙ ڪتا ڏٺا، ٻنهہ نري پيو.

”بس سائين، لئي تي وئي، ڏسان توتہ تر ۾ ڪير تو مون کي وٺي“.

واقعي هن جي لئي تي وئي هئي. سندس در تي جو ههڙا پلوڙ ڪتا هجن تہ چڱا رئيس بہ ايندا هئس. مان هاڻ جڏهن بہ وٽانئس لنگهندو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ائين ڪندي باھوڙ ٿي. ست اٺ ڪتا ميدان ۾ آيا، اڇي مرونءَ کي ورتئون. مرون آهستي لاچار اٿيو، پر گهڙيءَ ۾ ٻه چڪر ڏنائين ۽ ٻه ٽي ڪتا ڏڪي وڌائين. همراھ ڪنارن کان هيٺ پاسن کان پاسيرا بينل هئا. ڏڪي ڪتن کي ڪنيو ڊوڙيو مٿي چڙهي ٿي آيا. سوئر جا وَجَ واقعي تِکا هئا. کي ڏَڪيا، کي ٽڪيا. ائين ڪندي نوان ڪتا لاٿئون. مرون ٻه ڊوڙي ڊوڙي ٿڪو ضرور هو، پر ڪو خاص اثر نه ٿيو هيس. ائين ڏنم استاد پنهنجا ٻه ڪتا ۽ ٽي ٻيا جيڪي شايد رئيس جا هئا، ميدان ۾ ڇڏيا. واقعي ويڙهو هئا. ويڙھ مزي واري ٿي وئي هئي. مون جهڙو ماڻهو ٻه انساني جذبن کان پري جوش ۾ اچي، واھ واھ ڪرڻ لڳو. ڪتا ڏڪيا، مون تي اثر نه هو. هاڻ جوش ۾ رڙيون پئي ڪيم ”ونينس ونينس“، ڪُتڙا ويچارا ڦٽجي ڪريا. مون رئيس کي چيو، :”ٻيا لاهيو“. رئيس آخري ٻه ٽي لاٿا، پر مرون هاڻي ٿپيو بينو هو. منٿ تي ڪيائين. رئيس هاڻي ٻي چين هو.

”سائين هاڻ بس ٿا ڪيون، سوئر ڪاري ڪري ڇڏي آهي. ڏاڍا پلوڙ ماريا اٿئون“.

”رئيس! ڇڏڻو ناهي، هاڻي ڏَڪيو ٻه آهي، ڇڏيوس نه“.

ائين ڪندي ڏنم ته نبن پاڻ ميدان ۾ لٿو. ڪنهن رڙ ڪيس ”استاد نبن، ايڏانهن نه... ايڏانهن نه“.

”يار شينهن ٿا مرن“. سوئر جي گهمري هجي، بر ٿيو بينو هو. بس نبن جيئن جو ڏڪيل ڪتن کي ڪٽڻ لاءِ نئڙيو ته سوئر ڦيرو ڏئي اچي ڪڙڪيس. بس ڪنيو ويس. وچي ڪوٽ جي ٻي ڪنڊ کان ڪڍيائينس. چوڌاري رڙ مچي وئي. مان اُتي بيهي رهيس. ڪنڌ ڏوڻي نظارو ڏسڻ جڻ ته ميدان جنگ هو. ڏاڍو خون وهيو هو. ڪئين ڪتا ڦٽيا ڏڪيا پيا هئا. اسان جو استاد نبن ڏڪيو پيو هو. مون کي پاڻ کان نفرت اچڻ لڳي. مان ڪتي کان ڪتي هليو ويو هيس. بس مان ٻه ڪوٽ تان گهيڙ تي ٽپو ڏنو. ائين ڏنم ته ڪئين همراھ ڏڦا ڪٽي هيٺ لٿا. خاوند ڏني جو ڏنو ته پاڻ ٻه گهيڙ تي لهي آيو. مون کي ٻانهن کان اڳتي وڃڻ کان روڪيائين.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جوانن گهڙيءَ ۾ سوئر جو ڏڦن سان ڪم لاهي ڇڏيو. استاد نبن وٽ بہ همراهہ پهچي ويا. سچو ڇچريو پيو هو.

”استاد هي کهڙو قهر ڪيئہ“. منهنجي اکين ۾ پاڻي هو.

”سائين، هي بلتري ٻچا ڪري پاليا هئم، اصل جهبي اچي ويم. ڏاڍا وڻندا هئم. مارائڻا تہ نہ هئا“.

”استاد هي پنهنجا پاليہ هئيہ، وڻنداهئا تڏهن ني!“

استاد چپ هو، اکين ۾ پاڻي هيس.

استاد ٻچي ويو. سندس جسم سچو ڏڪيل ۽ ڇچريل هو. هاڻي بہ مون کي دُڪان تي جمڙائين پٽي تي پاڪي تکي ڪندي ملندو آهي، پر مون کي سڏ نہ ڪندو آهي. جي مان پنهنجي ليکي سيرب نهرائڻ يا ڦٽي قوڪاري لاءِ ويندو آهيان تہ هو بلتري ڪتن جي نہ ڳالهہ ڪندو آهي نہ فرمائش، هُن جي دُڪان تي ٻاقي ٻچيل ٻن ڪتن مان هڪ ڏڪيل ڪتو، زمين ۾ منهن هنيو پيو هوندو آهي. مون هڪ ڏينهن اُستاد کي چيڙائڻ لاءِ چيو:

”اُستاد هيءُ بلتري بہ لوسي تي ويو آهي“.

استاد هن دفعي نہ چڙيو. رڳو مرڪيو ۽ پوءِ چيائين:

”پنهل سائين! اسين ئي لوسي تي ويا آهيون، ٻچن جا ڏک ڏاڍا کي زبرا آهن“.

مون ڏرتيءَ ۾ منهن هَنيل ڏَڪيل، معذور ڪتڙي ڏانهن ڏٺو، جيڪو هاڻ بلتري تہ ڇا پر لوسي بہ نہ رهيو هو. پوءِ ڪنڌ متي کڻي کيس چيو:

”ها استاد، ٻچن جو ڏک برابر زبرو آهي“.

●●●


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# وسري ويل ماڻهو

جيستائين نظر ئي ڪتي تيستائين نيراڻ هئي. سمنڊ جون ڇوليون مرگهيءَ جي مريض جيان ڇڙيون هڻي تي ڦتڪيون. پاڻيءَ مٿان ترندڙ گج جڻ انهن جي وات مان ئي نڪتي. هر طرف هڪ لُڙ هو، جيڪو تيز هوا جي گهوگهاٽن مان اٿي سمنڊ جي ڇولين جي ٽڪرائڻ جي آوازن سان ملي هڪ ٿي ٿي ويو. بيڙي زلزلي ۾ قاتل شهر جيان ٿي لڏي، پر ٽنهن هوندي به هر ڪو خوشين ۽ ٽهڪن جي ڏن ۾ مگن هو. ڪنهن تيز آواز ۾ پئي ڳالهايو ته وري ڪنهن چپن کي گول ڪري سيٽيءَ ۾ ڪنهن پراڻيءَ ڏن جا سُر پئي ڇيڙيا. هر ڪو اڳتي وڌي پنهنجي زندهه دليءَ جو ثبوت ڏئي رهيو هو، پر هو الڳ ٿلڳ سمنڊ جي لهرن ڏانهن منهن ڪيو ڏسي رهيو هو. هن جون نظرون هيٺ مٿي ٿيندڙ لهرن ۾ جڻ ڪنهن کي ڳولي رهيون هيون، ۽ جڻ نيراڻ مان ڪو مٿي تي هن ڏانهن ليئو پاڻي وري هيٺ تي ويندو هجي. سمنڊ جا پکي گهٽو پري ڪناري تي رهجي ويا هئا. آسمان ۾ ڪو به هنج نظر نه ٿي آيو. جُهڙ جا ڪڪر هئا، جيڪي ڳيا ڳيا ٿيا پيا هئا، جن مان مينهن نه ٿي ٿميو. آسمان ڪمانيءَ جيان ڇٻو ٿيو سمنڊ مٿان ڪريو پيو هو ۽ سمنڊ آسمان وٽ ڪُنڊ بدران مٿي چاڙهيءَ ڏانهن ماني پاڻيءَ جو نيرو آسمان ناهيندو ڦرندو ٻئي طرف تي هليو ويو. ڪائنات اڌ گول جيان هئي، جنهن ۾ سمنڊ مانداڻ مچائي ڏني هئي. ٻن ڪان وڏيڪ مانداڻ ان لڏندڙ لمندڙ ٻيڙيءَ ۾ هئي، جيڪا آهستي آهستي پنهنجيءَ منزل ڏانهن وڌي رهي هئي. ان ۾ ڪيترائي هردلعزيز ماڻهو هئا، جن جي سجاڻپ ڪرائڻ ۽ پاڻ وٽائڻ جي قوت بي تحاشا هئي. اهي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪبئي سان سُر ملائي رهيا هئا ۽ هر ڳالهہ ۾ ڪنڌ کي ها ۾ لوڏي ٻين سان هٿ هٿ ۾ ڏئي جهومي رهيا هئا. اهي اديب هئا، شاعر، راڳيگر، اداڪار ۽ آرٽسٽ هئا. انهن ۾ سرڪاري ڪامورا ۽ عام ماڻهو هئا. هو سڀ ٻڪراءِ هئا، متفق ۽ هڪجهڙا هئا، پر هو انهن ڏي پٺ ڪيو ڏور خلائن ۾ نهاري رهيو هو، جتي ڪو بہ پکي نہ هو. جهڙ هو جيڪو آسمان جي چمڙيءَ تي اڇن وارن جيان تي لڙڪيو. وسڻ لاءِ مينهن جو ڦڙو بہ نہ بچيو هو. جيئن ڪروڙها سال اڳ اهو وسي چپ تي ويو هو، جنهن ڪري سمنڊ وجود ۾ اچي چڪا هئا. جيئن لوٽانو مينهن وسيو هو، جيڪو اڄڪلهہ نتو وسي. هن کي خبر هئي تہ اڪ مان تمندڙ ڳوڙهو لوٽانو چو هوندو آهي. ڪئي دفعا اهو هن جي ڳلن تان ترڪي چپن ۾ اچي چوسجي ويو هو. اهو ڳوڙهو نہ هو، سمنڊ جو پاڻي هو، جڏهن ڪروڙين سال اڳ حياتي سمنڊ مان وجود وٺي نوٽ ڌرتيءَ تي ڊوڙڻ شروع ڪيو تہ انسان جي موجوده صورت ۾ سمنڊ جي اها لوٽاڻ ڳوڙهن ۾ ئي وجي بچي هئي. هن پري ڏسندي سوچيو ۽ ڪنڌ کي سمنڊ مان ڳالهائيندي ها ۾ لوڏيو. بيشڪ اسان جي رت، پگهر ۽ جسم جي هر پاڻياڻ ۾ لوٽاڻ آهي، جيڪا سمنڊ جي اسان جي وجودن ۾ بچيل آخري سوڪڙي آهي. هو نظارن سان ڳالهائيندو مرڪندو پئي ويو. ڪتي ڪنهن گٽار جي تارن تي نونگو هٽي ڪڍيو ۽ اُن مان دانهن بلند ٿي، جيئن ڪنهن ابهم ٻار اونهاري جي منجهند جو ڪنڌيءَ جي وڻ جي ڇانوَ ۾ نند مان ڇرڪ پري اتي پاڻيءَ جي صدا هنئي هجي، ان زور سان ماءُ کي پڪاريو هجي. گٽار جي آواز تي هن جي وجود مان درڙي نڪري وئي ۽ هن ڪنايو تہ "واهہ واهہ" جو آواز آيو. ڪا پراڻي چوراڻيل ڌن هئي جنهن تي ڪيترائي ڪُڙيون گسائي نچيا پئي ۽ "عظيم عظيم" جا نعرا پئي هنيائون. ڪنهن اداڪار غير فطري انداز ۾ حرڪت پئي ڪئي. سڀ فنڪار هڪ ٻئي کي وٺائڻ جي ڪوشش ۾ ساراهون ڪري رهيا هئا. هن سڀ محبوس ڪندي منهن مٿي ڪٽي سچ سان اکيون ملائڻ جي ڪوشش ڪئي. سچ اگهاڙو هو، ان اگيان جهڙ جي ڪا بہ چادر نہ هئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن جون اکيون جلندي بچيون ۽ شرم کان هيٺ تي ويون. ٻيڙي اڳتي وڌندي رهي.

هو بہ ٻين جيان سياح هو، پر مختلف هو. هو فطرت جو چاڙهو ۽ ان کي خوبصورت لفظن جي تصويرن ۾ محفوظ ڪندڙ هڪ خاموش ڪلاڪار هو. هن لاءِ نظارا وڏي اهميت جا حامل هئا، جنهن ڪري سياحت هن جو مشغلو هئي. هو بہ ٻين سان ساڳي ٻيڙيءَ ۾ ان ٻيٽ ڏانهن وڃي رهيو هو، جنهن ۾ ٻيا بہ ڪيترائي سياح موجود هئا. هن ان ٻيٽ جي وڏي تعريف ٻڌي هئي. هو ان جي نظارن کي پنهنجي اک ۾ سمائي لفظن جي روپ ۾ ورجائڻ پيو چاهي. ان ٻيٽ ڏي وڃڻ لاءِ صرف اها ٻيڙي ئي هڪ ذريعو هئي، جيڪا صبح جو رواني تي سج لهڻ کان ٿورو پوءِ ان ٻيٽ کان واپس وري ڪناري ڏانهن موٽي ايندي هئي. هو بہ انهن زندهہ دل انسانن سان آهستي آهستي ان ٻيٽ طرف وڌي رهيو هو، جتي هن کي سارو ڏينهن گذاري وري واپس ڪناري ڏانهن موٽڻو هو. پر هن جي طبيعت هن کي ڏاڍو غير اهم بنائي ڇڏيو هو. هو ڪنهن بہ صورت ۾ انهن زندهہ دل انسانن جهڙو تي نہ سگهيو. هن گهڻي ئي ڪوشش ڪئي تہ هو بہ مصنوعي تي، انهن جيان داد حاصل ڪري، پر اهو هن جي فطرت جي خلاف هو. هو ان ٻيڙيءَ ۾ وينو تہ هو، پر ڄڻ هو ئي ڪو نہ. هن پاڻ کي ڪڏهن بہ محسوس ڪرائڻ جي ڪوشش نہ ڪئي. هو هوا جيان هو، جيڪا بي حد اهم هوندي بہ نظر نہ ايندي آهي، پر اها پنهنجو وجود محسوس ڪرائڻ لاءِ تيز هلڻ شروع ڪندي آهي. پاڻ سان گڏ مٽيءَ جا ذرا کڻي اڏامڻ شروع ڪندي آهي.

هو ظاهري طرح غير اهم هو. هن تي نہ ڪنهن سوچيو ۽ نہ وري ڪنهن ساڻس ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪئي. ان سموري سفر ۾ صرف هڪ پوڙهيءَ هن جي پرسان ويهي پنهنجي ڏندن ٻنان مهارن سان نرم صوف چٻاڙيندي هن کي هڪ دفعو مخاطب تي. اهو تيو هيئن جو ان پوڙهيءَ صوف کي چار قارون ڪندي هڪ پاڻ ڪاڏي ۽ جڏهن ٽي قارون ٻين ۾ ورهائڻ جي ڪوشش ڪئي تہ ان جو هٿ لاشعوري طور هن ڏانهن


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڏي ويو. ان هن کي صوف جي ڦار ڏني. هن اها ورتي ۽ کنڊ کي لوڏي ان پوڙهيءَ جي مهرباني مڃي، صوف جي ڦار ڪائڻ شروع ڪئي.

”تون هن ملڪ جو نہ پيو لڳين؟“ پوڙهيءَ هن کان پڇيو ”ڪٿان آيو آهين؟“ هن ڪجهہ پريشان ٿي ان کي ڏنو.

”آءٌ بہ هن ئي ملڪ جو باشندو آهيان.“ هن چيو ۽ پوءِ روئڻ جهڙي آواز ۾ کلڻ جي ڪوشش ڪئي. پوڙهيءَ ڪجهہ دير هن جي نامڪمل جواب جو انتظار ڪيو ۽ پوءِ هن جي اکين ۾ رحم جهڙين نظرن سان ڏسندي هلي وئي.

ڪچڙي منجهند ٿي تہ سمنڊ جي گجگوڙن ۾ پکين جا آواز بہ شامل ٿي ويا. اچي گج ۾ چولين تي هيٺ مٿي ٿيندڙ پکي وڏو فساد مچايون بيٺ جي آسپاس موجود هئا. هڪڙا ولر اڏريا پئي تہ ٻيا لٿا پئي. پري کان پهريون ناريل جي وڻن جون چوٽيون ظاهر ٿيون ۽ ان کان پوءِ انهن جا ٿڙ سمنڊ مان مٿي نڪرندا ظاهر ٿيندا ويا. هر طرف نيراڻ ساوڪ ۾ تبديل ٿي وئي. جڏهن ٻيڙي ان بيٺ جي ڪناري وٽ، اچي بيٺي تہ ٻين سان گڏ هو بہ هيٺ لٿو ۽ چوڌاري نهاريائين. سڀ سياح ڪناري تي ڦهلجي پکڙجي ويا ۽ هو بہ سونهن جي ڳولا ۾ هڪ طرف الڳ ٿلڳ هليو ويو.

بيٺ جون ننڍيون وڏيون ساوڪ سان ڀرپور ٽڪريون انهن مان ڦٽندڙ ننڍا وڏا مٺي پاڻيءَ جا چشما، هر طرف ڦهليل سرسبز ٻوٽا ۽ وڻ، گاهہ ۽ ان تي وينل ڏامندڙ لهندڙ خوبصورت، پکي. اهو سڀ ائين هو، جيئن سمنڊ جون ٻوندون مٿي اڏامي سج جي روشنيءَ اڳيان ستن رنگن ۾ ورهائجي ويون هجن.

هرڪو پنهنجي ڪاڏي پيتي جو سامان ٻيڙيءَ مان لاهي ان بيٺ جي رنگينين ۾ گم ٿي ويو. هو بہ فطرت جي ڳولا ۾ بيٺ، اندر گهڙي ويو. هو اڪيلو هو، هن جو ڪو بہ ساٿي يا دوست نہ هو. ماڻهو هن لاءِ غير اهم ٿي چڪا هئا. بيٺ ۾ اندر هلندي هن ڏٺو تہ گهاٽن وڻن جي ڇانوَ ۾ پاڇو بہ هن جو ساٿ ڇڏي ويو. پاڇي کي نہ ڏسي هن کي پنهنجي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وچڙيل محبوبا ياد اچي وئي، جيڪا اڄان به هن جي سوچن جو مرڪز هئي. هر نظاري ۾ ان جي تصوير هئي، هر منظر ۾ هوءَ موجود هئي، تنهن جا لفظ هن کي ياد آيا:

”تون دنيا جو ڪڏهن به وڏو ڪلاڪار نٿو ٿي سگهين. تون ڪيترو به سٺو سوچيندڙ ۽ لکندڙ ڇو نه هجين، جيستائين تون ماڻهن سان ها ۾ ها نه ملائيندين، تيستائين ماڻهو توسان ها ۾ ها نه ملائيندا!“

هو پنهنجي محبوبا جي ان ڳالهه تي مرڪيو هو.

”نه، ائين نه آهي“. هن اختلاف ڪيو. ”انسان جي حياتيءَ جي هڪ حد مقرر آهي، جتي ان کي ختم ٿيڻو آهي. پوءِ صرف فن ئي آهي، جيڪو وڃي رهندو. ماڻهن سان لاڳاپن واري اهميت به حياتيءَ جي حد تائين محدود آهي. جڏهن ته دنيا کي اسان جي حياتيءَ کان پوءِ به بچڻو آهي. بلڪل اسان جي فن جيان، تنهنڪري آءٌ اهڙي اهميت جو ڪڏهن به خواهشمند نه رهندس، جيڪا منهنجي حياتيءَ جي ختم ٿي وڃڻ سان ختم ٿي وڃي“.

هن جي محبوبا هن کان ناراض ٿي ويئي.

”ته پوءِ تون اڪيلو رهجي ويندين“. ان چيو هو.

”نه“ هن جواب ۾ چيو هو.

هن جي محبوبا آخري دفعو چيو هو. ”آءٌ وڃي رهي آهيان، ڇوجو توکي اهميت جي ضرورت نه آهي“.

پوءِ اها هن کي هميشه لاءِ ڇڏي هلي ويئي ۽ هو اڪيلو رهجي ويو.

وڻ جي ڇانو مان جڏهن هو ٻاهر نڪتو ته هن جو پاڇو ظاهر ٿي پيو ۽ هو ان کي ساڻ ڪري هڪ ننڍڙي سرسبز ٽڪريءَ تي چڙهي ويو، جتي هڪ آبشار به هو ۽ ان جي ڪرندڙ پاڻيءَ ۾ ڪي آواز به هئا، جن کي هن ڪنائڻ شروع ڪيو ۽ انهن سان مخاطب پڻ ٿيو. هو وينو ته پاڇو به وينو ۽ هو سمهيو ته پاڇو به هن سان گڏ سمهي پيو. ٻيٺ، جيڪو ڪجهه دير اڳ انسانن کان خالي هو، هاڻي اتي زندگيءَ جي رونق هئي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رکي رکي ڪتان ڪي ٿهڪ تي ايريا ۾ عرش ڏانهن ويندي آتش بازيءَ
جي ڦٽاڪي جيان ڦاٽي ڇٽنگون ڇڏيندي هيٺ تي ڪريا. سڀ هٽ هٽن
۾ ڏئي تي نچيا ۽ ڪاري جي واريءَ تي هيڏانهن هوڏانهن پئي ڊوڙيا.
گٽار جي تارن ڇڻ ڇاتيءَ تي ڌڪ هڻي پئي ماتم ڪيو. گريبان ڪليل
رانديگرن ڪنهن اينڊز ٽورناميںٽ تي تبصرو تي ڪيو ۽ هردلعزيز
اداڪار هر ڳالهه ۾ پاڻ کي مصنوعي ڪري پئي پيش ڪيو. دانشور هڪ
ٻئي تي واهه واهه ڪري رهيا هئا ڪامورا جتان تي لنگهيا، تاڙيون پئي
وڄيون. عام ماڻهوءَ هر ڪنهن آڏو آٽوگراف بوڪ تي ڦهلايا. سڀ خوش
تي ڏٺا، اهي پي ۽ ڪائي رهيا هئا، جيئن وقت ڏينهن کي ڪائي رهيو هو،
جيئن نوريئڙا وٽن کي ٺُڪي رهيا هئا. وقت گذرندي گذرندي ٽڪل سج
جو وجود رتوڇاڻ تي ويو. ابهرو سج جيڪو ايرڻ ۽ لهڻ وقت ٽڪڙو هوندو
آهي، باقي وچ آسمان جو سفر آهستگيءَ سان ڪندو آهي. وڏيل سج جي
وجود مان ٽمندڙ رت سمنڊ جي پاڻيءَ ۾ ڪري ڪنارن کي تي لڳو، سمنڊ
جي لالاڻ تبديل تي وئي. سج پاڻيءَ ۾ ڪرڻ کان اڳ ئي ٿڌو تي ويو،
جيئن انسان قبر ۾ لهڻ کان پهرين مري ويندو آهي. بيٽ جي وڻن جا
پاڇا قدآور ٿيندا ويا. آسمان مان هلڪي اوندهه ڇڻڻ لڳي. سيني پنهنجا
سامان ويڙهيا ۽ ٻيڙيءَ تي پهچي ويا.

”سڀ پورا آهيو؟“ ٻيڙي جي ملاح رڙ ڪري پڇيو.

”ها... بلڪل“. سيني هڪ آواز ۾ چيو.

هن آس پاس هيڏي هوڏي نهاريو، بيٽ خالي هو. اتي اوندهه
واسو ڪري رهي هئي. ڪنارا سنسان هئا. پکين بدران ڪارنهن سمنڊ
۾ وهنجي رهي هئي. فنڪار، اديب، شاعر، اداڪار، ڪلاڪار، رانديگر،
ڪامورا ۽ عام ماڻهو سڀ ٻيڙيءَ ۾ موجود هئا.

”ٻيڙيءَ کي اڳتي وڌايون؟“ ملاح رسو ڇوڙيندي هڪ دفعو وري
پڇيو.

”هائو بيشڪ“. سيني گڏيل آواز ۾ چيو ۽ ٻيڙي جهولندي لهندڙ
سج اڳيان تيز ڇولين ۾ هلڻ لڳي. اها هلندي رهي، اڳتي وڌندي رهي،


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تان جو پيٽ تي پينَل ناريل جي وڻن جون چوٽيون بہ گم ٿي ويون ۽ پوءِ پيٽ تمام پري رهجي ويو. ٻيڙي وچ سمنڊ ۾ اچي پهتي.

پوڙهي عورت کي ڪجهہ ٻک محسوس ٿي. هن چلڪيءَ ۾ هٿ وجهي ان مان صوف ڪڍي ان جون چار ڦارون ڪيون. هڪ پاڻ کاڌائين، باقي ٽي جڏهن ورهائڻ جي ڪوشش ڪيائين تہ هن کان ذري گهٽ رڙ نڪري وئي.

”اسين هُن کي پيٽ تي وساري آيا آهيون“. هن وائڙن جيان هيڏانهن هوڏانهن نهاريندي ڪنهن کي ڳولهيندي چيو، ”ها... اهو خاموش شخص... جيڪو هن ڪنڊ ۾ ويهي سمنڊ کي نهاري رهيو هو“.

سڀ حيران پريشان ٿي ويا.

”هتي پيو ڪير بہ نہ هو“. ڪنهن ٽڪل شخص چيو، ”توکي وهم آهي. اسين سڀ پورا آهيون“. ان ٻيڙيءَ ۾ وينل ماڻهن ڏانهن اشارو ڪندي چيو.

”نہ... اهو هو. توهان ان کي وساري رهيا آهيو... مون پاڻ هن سان ڳالهايو هو“. پوڙهيءَ ڳالهہ تي زور ڏيندي چيو.

سيني پنهنجي ٽڪل ذهنن سان سوچيو ”هائو بيشڪ هڪ الڳ ٿلڳ شخص هو، جيڪو ٻيڙيءَ جي هن ڪنڊ وٽ ويٺو ڪجهہ سوچي رهيو هو“. ڪنهن چيو.

”تہ پوءِ چا اسين سچ پچ ان کي وساري آياسين“. ٻيڙيءَ ۾ چوٻول پئجي ويو.

”پر اسين پيٽ تہ ڪافي پوئتي ڇڏي آيا آهيون. هاڻ تہ ڪنارو بہ اچڻ وارو آهي“. ڪنهن بيزاريءَ مان چيو.

ملاح ٻيڙيءَ کي روڪيو ۽ سڀ چپ ٿي ويا.

”منهنجو خيال آهي تہ ان کي ڇڏي ڏيو... اسان سيني کي دير ٿي رهي آهي“. اداڪار چيو.

”هائو بيشڪ ڪهڙو وري چڱو مڙس آهي؟“ رانديگر چيو.

”چا فاندو هڪ غيراهم ۽ الڳ ٿلڳ ماڻهوءَ لاءِ پريشانيءَ مان“.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دانشورن چيو.

”هلو، اڳتي منزل جي طرف وڌو، هاڻي منزل گهڻي ڏور نہ آهي. تيز قدم وڌايو“. جڏهن سيني پنهنجي پنهنجي راهِ ڏني تہ ٻيڙيءَ جو ملاح ڪاوڙجي پيو.

”مون ٻيڙيءَ ۾ سوار ٿيڻ کان اڳ توهان سيني کان پڇيو هو تہ سڀ پورا آهيو تہ پوءِ توهان ڇو ها ڪئي هئي“. هن زور سان ڳالهائيندي چيو. ”توهان جي بهتري ان ۾ هئي تہ توهان چپ رهو ها، آءٌ ماڻهو ڳڻي پنهنجو حساب پورو ڪري وٺان ها... اها سڄي منهنجي جوابداري هئي، پر توهان سڀ جاهل آهيو. جن ڳالهين جو توهان کي علم نہ هوندو آهي، انهن تي بہ ها ڪري پنهنجي ڪوڙي ڄاڻ جو ثبوت ڏيندا آهيو جيڪڏهن رات جو ان وساري آيل شخص کي ڪو خوني يا زهريلو جانور ماري ويو تہ اها ڪيڏي بدنصيبي ٿيندي“.

”اسان جو فرض هيو تہ ٻيڙي روڪي ٿوري دير ان شخص جو انتظار ڪريون ها“. پوڙهي عورت چيو، ”جيڪڏهن هو پوءِ بہ نہ پهچي ها نہ ان ننڍڙي ٻيٽ ۾ ان کي ڳولي اطلاع ڪرڻ آخر ڪهڙو ڏکيو ڪم هو.“

سيني مايوسيءَ مان ڪنڌ کي ها ۾ لوڏيو ۽ هڪ ٻئي ڏانهن نهاريو.

”اسان جي بهتري ان ۾ آهي تہ واپس هلي ان کي ٻيڙيءَ ۾ سوار ڪري وٺي اچون“. ملاح چيو، ”جيڪڏهن اهو رات مري ويو تہ ان جي موت جا ذميوار اسين سڀ ٿينداسين“.

آخر سڀ ان ڳالهہ تي متفق ٿيا تہ ٻيڙيءَ کي واپس ڪري ٻيٽ تي، ٻهچي ان کان معافي وٺجي، پوءِ واپس اَچجي.

ٻيڙي واپس مُڙي تہ ڪافي اونده ٿي چڪي هئي. ستارا چمڪي رها هئا ۽ اڌ چنڊ آسمان تي بيٺو هو.

ٻيڙي ڳورهاري عورت جي چال جيان چنگهندي جڏهن واپس ٻيٽ جي ڪناري وٽ پهتي تہ اهي حيران ٿي ويا. انهن سوچيو هو تہ اهو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شخص ضرور ڪناري تي حيرانيءَ جي حالت ۾ بيٺل هوندو، پر اتي ڪير بہ ڪونہ هو. هڪ ڪنڌ ڪان ٻيءَ ڪنڌ تائين ڪوبہ انساني پاڇو چرپر نہ ڪري رهيو هو. ملاح ٻيڙيءَ کي هڪ پاسي ڏانهن ٻيهاريو ۽ وسريل شخص جي حياتيءَ لاءِ دعا گهرڻ لڳو. ”خدا ان کي محفوظ رکجانءِ“. هن چيو ۽ سڀ مايوس ٿي ويا.

”لڳي ٿو، اهو شخص مري چڪو آهي“. ڪنهن چيو، ”نہ تہ اهو ضرور پريشانيءَ جي حالت ۾ اسان کي ڳولهيندو ملي ها“.

سڀ روئڻهارڪا ٿي ويا.

”اها سڀ تنهنجي خطا آهي“. هڪ دانشور ٻئي کي چيو. ”ٻيڙي جڏهن ٻيٽ جي ڪناري کي ڇڏي تورو اڳتي هلي هئي تہ تو مون کي شرارت مان اک هڻي چيو هو تہ اسين ان کي ڇڏي آياسين. ان غير اهم ماڻهوءَ کي، پلي ان کي سزا هجي، جيئن اهو پنهنجي طبيعت ۾ تبديلي آڻي... ڏس هاڻي ان ڳالهہ جو نتيجو“. دانشور جذباتي ٿيندي چيو.

”تہ پوءِ تو خبر هوندي بہ ٻيڙي چو ڪونہ روڪرائي“. ٻين ان جذباتي ٿيندڙ دانشور کي چيو.

”آءٌ سمجهي رهيو هوس تہ ان ڳالهہ جي توهان سڀني کي خبر آهي. توهين سڀ ڄاڻي واڻي ان کي نظرانداز ڪري رهيا آهيو“.

هن جي ڳالهہ تي سڀ خاموش ٿي ويا.

”هاڻي ڳالهين ڪرڻ سان ڇا فائدو؟ هلو جلدي ڪريو، ان کان اڳ جو اهو ڪنهن جانور جو شڪار ٿي وڃي، ان کي ڳولهي لهو“.

سڀ اڌ چنڊ جي هلڪي روشنيءَ ۾ اڳتي وڌيا. هنن وات جي چؤگرد هٿن کي ڏئي هن کي زور سان پڪارڻ شروع ڪيو. هو پڪاريندا رهيا، پر ڪٿان ڪوبہ جواب نہ آيو. انهن جا سڏ پڙاڏا ٿي هڪ ٻئي سان ٽڪرائبا رهيا ۽ انهن کي پڪ ٿي وئي تہ اهو زنده نہ آهي، ضرور مري چڪو آهي.

”جيڪر اسين ان کان معافي وٺي سگهون“. ڪنهن چيو. ”جيڪر اهو اسان کي ملي وڃي تہ ڏوهہ بخشرائي سگهون“.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو وٽن جي اونداهي جهنڊ مان ٽيندا جڏهن هڪ ٽڪريءَ تي چڙهي مٿي پهتا ته پري کان انهن کي چنڊ جي روشنيءَ ۾ ڪو انسان آبشار جي پرسان گاهه تي ڪريل نظر آيو.

”اوهه! اهو مري چڪو آهي“. ڪنهن روئندي چيو. ”ڏسو اهو ان جو لاش پيو آهي“. سڀ تيزيءَ سان اوڏانهن وڌيا.

اهي جڏهن ان جي مٿان پهتا ته انهن ڏٺو ته اهو شخص بي سڌ ٿيو سڌو سنئون ليٽيل هو. هنن جڏهن ان جي منهن ۾ نهاريو ته هن جون اکيون کليل هيون، جيڪي جڻ آسمان ڏي نهاري رهيون هيون

”ها هيءُ مري چڪو آهي“. ملاح چيو. ”هاڻي توهان خدا کان ئي معافي وٺي سگهو ٿا“.

جڏهن سيني کي پڪ ٿي وئي ته اهو مري چڪو آهي، تڏهن اداڪار پهريون دفعو عام رواجي انسان جيان اڳتي وڌيو ۽ هن ان شخص جي سيني کي ڇهي دل جي حرڪت کي محسوس ڪرڻ چاهيو. جڏهن اهو ان جي مٿان جهڪيو ته اوچتو ان شخص جي جسم ۾ حرڪت پيدا ٿي ۽ هو اکيون ڇنڀي ٽپ ڏيئي اٿي وبهي رهيو. هن مٿان بيٺل سيني ماڻهن جي واتن مان ذري گهٽ رڙيون نڪري ويون، پر پوءِ انهن جي منهن تي سرهاڻ اچي وئي، جڏهن انهن محسوس ڪيو ته نه اهو جيئرو آهي. ان کان اڳ جو اهي سڀ هن کان معافي وٺن، هن ڳالهايو ”دراصل آءٌ اکيون کولي چنڊ ۾ ڪنهن کي ڳولي رهيو هوس“. پوءِ هن هٿ ٻڌي سيني، کان معافي وٺندي چيو، ”نظارن ۾ آءٌ ايترو ته گم ٿي ويو هوس جو آءٌ توهان سيني کي وساري ويٺس... دوستو! سون کي، معاف ڪجو“.

•••


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فردوس مزناڻي

# پينل نيڻ

رات جو وڏو پهر گذري چڪو هو. اَڌ ڪان گهٽي هاسٽل مختصر موڪلن جي ڪري خالي لڳي پئي هئي. رات جي وڏي پهر گذرڻ ڪري، هاسٽل جا وڏا ڪاريڊور خاموش ۽ سنسان لڳا پيا هئا. ڌرتيءَ تي مهيني جي وچين تاريخن جي چنڊ جي چانڊاڻ چانيل هئي ۽ هوا جي تکن جهوٽن سان جهومندڙ وڻن جي سرسراهٽ جو آواز سڄي هاسٽل جي خاموشيءَ کي ٽوڙي رهيو هو. مون به لکڻ جي ڪم مان جان ڇڏائي سمهڻ جا سعيا پي ڪيا. ڪرسيءَ تان اُٿي هڪ نظر تنوير تي وڌم، جيڪا پڻ ننڊ جي پاڪر ۾ ليٽيل هئي ۽ ٻي نظر دريءَ مان چنڊ تي وڌم ته يڪ ٽڪ چنڊ جي حسن ۾ گم ٿي ويس. ڪڏهن ڪڏهن چنڊ ۾ ڪيڏو نه حسن نظر ايندو آهي. مون کي دريءَ وٽ بيهندي کن پل مس گذريو هوندو ته در تي ڪنهن جي هجڻ جو احساس ٿيم ۽ مون ڪنڌ ورائي ڏٺو ته ارونا بيٺي هئي. منهنجي پهرين نظر سندس پينل نيڻن تي پئي، جيڪي هوءَ پنهنجي وس آهر اُگهي خشڪ ڪري آئي هئي. مون ننڊ ۾ ستل تنوير تي نظر وجهندي آهستي چيو: ”ارونا تون اجا جاڳبن پئي ڇا؟ ننڊ نه ٿي اَچئي ڇا؟“ هن منهنجي سوالن جي جواب ۾ ڪنڌ لوڏي چيو: ”فيري تو وٽ ڪا ننڊ جي ٽيبليٽ هجي ته مون کي ڏي“. هن جي آواز ۾ اکين مان ان مهل ائين ٿي لڳو ڄڻ هوءَ ڪيترن ڏينهن کان ننڊ ناهي ڪري سگهي. مون چيو ”ارونا ڪمري ۾ اڪيلي آهين، ان ڪري ڊڄين ته نه ٿي“. ”نه ڊڄان ڪانه ٿي. مون کي ننڊ نه ٿي اچي“. مون سندس اداس ۽ وياڪل طبيعت کي ڏسي سمجهي ورتو هو ته هوءَ ڪنهن درد جي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهاٽي ۾ پيڙجي رهي آهي. پر پوءِ بہ مان هُن جي اڳيان اٽجاڻ رهيس. مون نہ تي چاهيو تہ هن کي خبر پوي تہ مان سندس اندر جو سارو ڪرب ڄاڻي ورتو آهي ۽ هوءَ وڌيڪ ٽٽي پوي، ڇوتہ ڪي ڪي ڇوڪريون ڏاڍيون ضدي ۽ اناپرست ٿينديون آهن. اندر ۾ ڀلي ڀڄي ڀري پون، پر پوءِ بہ اندر جي درد جو ڪڏهن بہ اظهار ناهن ڪنديون ۽ اروِنا بہ انهن ئي ڇوڪرين مان هئي.

مون چيو: ”اروِنا هتي تنوير ننڊ پئي آهي، هل تہ تنهنجي ڪمري تي، هلي ڳالهيون ٿا ڪيون. تي سگهي ٿو ڳالهيون ڪندي توکي ننڊ اچي وڃي“.

”نہ نہ فيري تون اِها تڪليف نہ ڪر“. هن تڪلف واري انداز ۾ چيو ۽ مون پنهنجائپ مان چيومانس: ”ڇري مون سان تڪلف ٿي ڪرين. مون کي خبر آهي تنهنجي روم پارٽنر بہ ڪانهي، ڪڏهن ڪڏهن ماڻهو اڪيلائپ کان تنگ اچي ويندو آهي. ٿي سگهي ٿو توکي بہ ڪا اهڙي نہ سمجهہ ۾ ايندڙ اڪيلائپ ڪائيندي هجي، مان تو سان گڏ تنهنجي ڪمري تي هلان ٿي“. ائين چوندي مان کيس ٻانهن کان ڇڪي سندس ڪمري ۾ وٺي آيس.

اروِنا ٽئين سال ۾ پڙهندي آهي ۽ اڪثر خاموش رهندي آهي. هاسٽل جون ڇوڪريون اڪثر ڪري اروِنا کي ائبنارمل، سائڪوڪيس جهڙا لقب ڏينديون آهن، پر ائين ناهي، هوءَ ڏاڍي سنجيده ۽ سلجهيل ڇوڪري آهي. مون سان سندس اڪثر ننڍيون وڏيون ڪچهريون ٿينديون اتس. هڪ دفعي سيمسٽر ٽيسٽ دوران رات جو لائيٽ وئي تہ ڇوڪريون ڪمرن مان رليڪس ٿي رڙيون ڪندي ائيں نڪتيون، جڻ ڪنهن زوري ڪمرن ۾ بند ڪيو هجين. ڇوڏاري سندن ٽهڪ ۽ رڙيون تي گونجيون. تڏهن اروِنا منهنجي پر ۾ ويهندي چيو: ”فيري هي ڇوڪريون ڪيئن ٿيون ايڏا وڏا ٽهڪ ڏين“. تنهن تي مون چيومانس نہ ”ٽهڪ بہ عمر لڪائڻ جو هڪ طريقو آهن، منهنجي مڃي“. ۽ اروِنا منهنجو منهن تڪيندي چيو هو تہ ”نہ مونکي اِهي ٽهڪ سمجهہ ۾ نہ ٿا


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڇن. اهڙي ايڪٽنگ مون ڪان ڇو نہ ٿي ٿئي“ ۽ مون ڪلندي چيومانس ”پوءِ تہ تون دنيا جي اسٽيج تي ناڪام اداڪاره آهين“.

مان ارونا جي ئي سوچن ۾ هيس پر اوچتو احساس ٿيم تہ مان ارونا کي وندرائڻ آئي آهيان، جيڪا خود ڪرسيءَ تي الائي ڪهڙن خيالن ۾ گم آهي. سندس ڪمرو ايڏو تہ بي ترتيب لڳو پيو هو، جو ڪابہ شيءِ پنهنجي جاءِ تي نہ هئي ۽ سندس اهڙي بي ترتيبيءَ جو احساس ڏياريندي چيومانس:”ڪڏهن ڪڏهن ڪمري کي بہ ٺاهيندي ڪر، ڏس تہ ڪابہ شيءِ پنهنجي جاءِ تي ڪانهي“ ۽ ارونا بيزاريءَ مان چيو:”جڏ فيري منهنجي تہ زندگيءَ ۾ ئي ڪا ترتيب ڪانهي تہ وري ڪمرو ڪهڙو ترتيب ۾ هوندو“.

مون سمجهائيندي چيومانس: ”زندگيءَ ۾ ترتيب هجي نہ هجي، پر ٻاهرين ترتيب تہ رکڻي آهي“. ارونا ٽڪڙ ۾ منهنجي ڳالهہ ڪٽيندي چيو هو ”پوءِ پلي دل چوي نہ چوي“. ”ها مني، دل چوي نہ چوي دنياداري ڪرڻي آهي“. مون سمجهائڻ واري انداز ۾ چيومانس ۽ هوءَ وري خاموش ٿي وئي ۽ مون سندس خاموشيءَ کي ٽوڙيندي چيو ”ايڏو ڊسٽرب آهين تہ پلا بہ ڏينهن گهر هلي وڃ، ارونا“.

”نہ گهر تہ ڪو نہ وينديس. اُتي وري ڪهڙو سُک رکيو آهي. بابا ننڍڙي لاءِ ڇڏي ويو ۽ اَمان ڊزن ٻارن مان ڪهڙن کي بيار ڏئي ڪهڙن کي ڏئي ۽ پوءِ مون جهڙا حساس ٻار ائين اڌورا رهجي ويندا آهن“. مون گهر وڃڻ لاءِ زور پريندي چيومانس. ”ايڏو مايوس نہ ٿي، گهر وري بہ گهر آهي. ٻہ ٽي ڏينهن ويندينءَ تہ هاسٽل جي يڪسانيت واري ماحول جي بوريت ختم ٿي ويندئي“.

”نہ فيري گهر في الحال ڪونہ ويندس“. هن قطعي فيصلو ٻڌائيندي چيو ”جڏهن بہ گهر وڃ تہ امان ويني مئل پيءُ جون ڳالهيون ڪندي، توهان جو پيءُ ههڙو هو، هُن توهان لاءِ ڪجهہ نہ ڪيو ۽ پوءِ مان اَمان سان وڙهي پوندي آهيان. چوندي آهيانس ”اَمان تون سچ ٿي چوين يا ڪوڙ، اسان کي ڪهڙي خبر، هو جهڙو بہ هو، هينئر اسان وٽ ڪونهي،


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”۽ وري عيسيٰ مون سان ڊپارٽمينٽ ۾ ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪئي. مان ڪوشش جي باوجود هن سان سخت لهجي ۾ ڳالهائي نه سگهيس، پر مون ان کي ڳالهائڻ کان منع ضرور ڪئي هئي. پر هو مڙيو ئي نه ٿي. سچ فيري هو ڏاڍو سنو هو، مان دل ۾ سوچيندي هيس ته ايڏو سنو ڇوڪرو جيڪو نه صرف پڙهائيءَ ۾، پر اخلاق ۾ به ڊپارٽمينٽ ۾ ۾ مشهور آهي، اُهو ڪيئن ٿو اچي زوري زوري مون سان ڳالهائي. پر مون هُن کي ڪڏهن به چڱو ريسپانس ڪونه ڏنو. ڏس فيري-“ ارونا جنهن جا ڳالهائڻ سان ڳڏ اکين مان ڳوڙها به وهي رهيا هئا، تنهن هٿن سان ڳوڙهن کي اُگهندي چيو ”جڏهن به هو مون سان ڳالهائيندو هو، منهنجي ڊپارٽمينٽ جون ڇوڪريون مون کي تنگ ڪنديون هيون. ڇوڪرا عيسيٰ جو نالو کڻي مون کي هوٽ ڪندا هئا ۽ ٽيچر تکين نظرن سان ڏسندا هئا. جڻ مان انهن سڀني جي ڪا اڪيلي ملڪيت هيس، جيڪا جڻ هنن کان کسجي رهي هئي. مان ته گهٽو چوندي هئس ته منهنجو هُن سان ڪوئي واسطو ڪونهي، پر پوءِ به ڏوهاري مان ئي هيس“.

”هڪ ڏينهن صُبح صُبح سان عيسيٰ جي ڪلاس جي ئي ڇوڪري مون کي طعني واري انداز ۾ چيو ”ارونا تون ته ڏاڍي تيز نڪتينءَ مهيني اندر ڊپارٽمينٽ جو چڱو ڀلو ڇوڪرو ڦاسايو اٿئي“ ۽ تڏهن ان جا اُهي لفظ ٻُڌي منهنجي اکين مان ڳوڙها ڳڙي پيا هئا ۽ مون يونيورسٽي ڇڏي وڃڻ جو فيصلو ڪيو هو، پر ائين ڪري نه سگهيس ۽ ان ڏينهن عيسيٰ وري مون سان ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ مون الاهي ڇوڪرن جي سامهون ان کي دڙڪا ڏنا هئا ۽ ٻن ٽن ڏينهن کانپوءِ مون کي سندس خط هاسٽل جي ڪمري تي مليو. فيري اڄ به هُن جو اهو خط مون کي ياد آهي. مون سانڍي رکيو آهي، لکيو هئائين. مجان تو تنهنجو ڏوهاري آهيان. ڇوته تون هن ماحول جي روايتن جي مون کان وڌ پابند آهين. پابند مان به، پر توکي ڏسندي هن ماحول جون سڀئي روايتون ڪوڙيون ۽ اجايون ٿيون لڳن. انهن روايتن کي پالي وڏو به اسان ڪيو آهي ۽ اسان ئي انهن کي پامال ڪري سگهون ٿا. پر تون


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏاڍي ڊڄڻي ۽ روايت پسند آهين، ان ڪري تو مان مون کي اهڙي اميد ته ڪانهي، پرڏک صرف اهو اٿم ته تو جهڙي پڙهيل لکيل ڇوڪري به انهن اجاين روايتن جو ڪاچ پئي ٻڌجي. پيو به گهڻو ڪجهه لکيو هئائين، پر ان جي خط جو مون تي ڪوبه اثر ڪونه پيو هو. چاهڻ جي باوجود مان هُن کي خط جو جواب ڏئي نه سگهي هيس ۽ ان خط کان پوءِ عيسيٰ وري مون کي هاسٽل فون ڪيو هو، چاهڻ جي باوجود مان هُن سان سٺي نموني نه ڳالهائي سگهيس". ڳالهائيندي ڳالهائيندي مان ته چپ هيس ۽ دل ۾ رڳو اهو ٿي سوچيم ته هن جري ڇوڪريءَ خاموش محبت جو ڪيئن ٿي عذاب ڀوڳيو.

"فيري جڏهن هو هتي هو، تڏهن ته مون کي ايترو محسوس به نه ٿيو هو، پر جڏهن هو فائينل ڪري هليو ويو ته مون کي ائين لڳو ڄڻ منهنجي وجود جو ڪو حصو مون کان ڪٽجي الڳ ٿي ويو هجي، ڄڻ مان اڌوري ٿي پيس، چوڌطرف رڳو رڃ ئي رڃ نظر آئي. مان ڏاڍو اداس رهڻ لڳيس، ڪوشش جي باوجود به پنهنجو پاڻ کي سنڀالي نه سگهيس ۽ پوءِ به ٿيو ائين جنهن کان ڊپ هيم. منهنجي اها حالت ڏسي منهنجي ڊپارٽمينٽ جي ماڻهن اهوئي تاثر ورتو ته عيسيٰ جي جدائيءَ مون کي جهوري وڌو آهي. هو اڄ به عيسيٰ جو نالو وٺي مون کي هوٽ ٿا ڪن. تڏهن سوچيان ٿي اگر ان جي ئي ناني سان بدنام ٿيڻي هيم ته صرف مان چوي هو به ته منهنجي نانءَ سان هوٽ ڪيو وڃي ها، پر شايد اها بدنامي صرف منهنجي حصي ۾ اُچڻي هئي". اروناجا سڏڪا تکا ٿيندا ويا ۽ سندس ٻانهون منهنجي، ڳلي ۾ سوڙهيون ٿينديون ويون. ارونا جون ڳالهيون ٻُڌي خود منهنجو به ڳلو ڀرجي آيو هو، پر ان کي آٿت ڏيڻ خاطر چيم "ڇري اهڙو اٽڃاٽائي وارو واسطو ڇو اٿڪائي ويٺي آهين، جيڪڏهن هو سچو هجي ها ته توکي حاصل ڪري ها، باقي تون هُن سان رستن تي ڊگها پند ڪرين ها، يا ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڪنهن ڏاکڻ يا لان ۾ ويهي ڳالهيون ڪرين ها ته پوءِ اهو تنهنجو پيار هجي ها. ڇوڪرن جي به اها ڪيڏي نه وڏي نڳي آهي، جو چون ٿا ته ڇوڪريون


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڳ ۾ اسان سان رومانس ڪن. ماڻهو ماڻهو وٽ خوار ٿين، تڏهن چون ته هوءَ اسان سان وفادار آهي. اڙي چري ارونا! ڇڏ چو ٿي پاڻ ٌني تباهه ڪرين“. ارونا جيڪا منهنجي گلي ۾ ٻانهون وجهي ڪافي وقت ڪان ماٺ هئي، تنهن چيو ”فيري هو ڪنهن عام ڇوڪرن وانگر نه هو. هو ڏاڍو مختلف هو. جڏهن ويو هو ته دکي هُو به ڏاڍو هو ۽ ويندي ويندي هڪ نيرو لفافو منهنجي روم تي موڪليندو ويو، جنهن ۾ لکيو هئائين ته جيڪڏهن گهر ۾ اڳ ۾ ئي هڪ نه ويني هجي ها ته خدا ڄاڻي توکي حاصل ڪري صدين جو سک هڪ پل ۾ ماڻيان ها. پر هاڻي اها زيادتي اُن سان به ٿيندي، جيڪا گهر ۾ آهي ۽ ٻي توسان به ٿيندي، ان ڪري عذاب جي اِها پل صراط مان اڪيلو ئي پار ڪندس ۽ تنهنجي ملڻ جي تمنا ڪندي به نه ڪندس“. ارونا ڳالهائيندي اوچتو ماٺ تي ويئي هئي، پر اکين مان ڳوڙها آهستي آهستي وهي رهيا هئس ۽ مان چپ چاپ متي اُپ ۾ نهاري رهي هيس، جتي پرهه ڦٽڻ جا آثار ظاهر ٿي رهيا هئا ۽ رات ڪُٺڻ واري هئي.

●●●


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سوچون ۽ سپنا

ڪڏهن ڪڏهن دل چوندي آهي تہ زندگيءَ سان، حالتن سان ڪا بغاوت ڪجي ۽ ماڻهو پاڻيءَ ۾ پٿر هڻندو بہ آهي. مختلف دائرا ٺهندا آهن، ڊهي ويندا آهن نيٺ هر شيءِ تي ساڳيو ٺهراءُ اچي ويندو آهي. ڪي ماڻهو هوندا، جيڪي حالتن سان سمجهوتو نہ ڪندا هوندا، پنهنجا رستا پاڻ ناهيندا هوندا، پنهنجا فيصلا پاڻ ڪندا هوندا، پر الماس انهن منجهان نہ هئي. هن ڪڏهن پنهنجي حالتن سان بغاوت نہ ڪئي هئي. هن جي زندگيءَ ۾ ڪيتريون ئي ڳالهيون هيون جيڪي هن ڪي نہ وڻنديون هيون. هن جي زندگيءَ جي باري ۾ ڪيترائي فيصلا هئا جيڪي ٻين ڪيا هئا ڪڏهن ايئن بہ ٿيو تہ زندگيءَ جي ڪنهن موڙ تي هن کي اهو چيو ويو تہ تون ڪنهن بہ فيصلي ڪرڻ لاءِ آزاد آهين پر اها هن کي خبر هئي تہ هوءَ ڪيتري آزاد آهي ۽ اگر اهو فيصلو غلط ثابت ٿيو تہ ان جا نتيجا ڀوڳڻ لاءِ هن کي اڪيلو ڇڏي ڏنو ويندو. ڪيتريون ئي ڳالهيون هن جي زندگيءَ ۾ اهڙيون هيون جيڪي هر وقت ڪو اڻوٽندڙ احساس پيون پيدا ڪنديون هيون ۽ هوءَ پنهنجو پاڻ کان پئي پڇندي هئي تہ انهن کان جان ڪيئن ڇڏائجي پر هن وٽ ان جو ڪوبہ جواب نہ هو، پوءِ بہ هوءَ مطمئن هئي. پر ڪهڙي قسم جو هو اهو اطمينان جنهن هن کان بيساختگي ۽ دلڪشي کسي ڇڏي هئي بس هڪ ڳالهہ جو اطمينان هو تہ مان ڪا اهڙي ڳالهہ، ڪو اهڙو ڪم نہ ٿي ڪيان، جنهن جي ڪري مون تي ڪو اعتراض ڪري سگهي.

بظاهر ڏسڻ ۾ الماس بلڪل عام ڇوڪري هئي. پنهنجي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خوبصورتي ۽ ڪپڙي لٽي جي پرواهہ ڪرڻ واري. انڊين ڪمرشل فلمون هن ڪي ايتريون ئي پسند هيون جيتريون ڪنهن عام ڇوڪريءَ کي پسند ٿي سگهن ٿيون. هن کي ڏسي ڪوبہ اهو نہ چئي سگهندو هو تہ ادب ۽ آرٽ جهڙي ڪنهن شيءِ سان هن جو ڪو واسطو هو ۽ خبر تہ هن جي گهر جي ڀاتين کي بہ نہ هئي تہ ان دنيا سان گڏ گڏ هڪ ٻي بہ دنيا هئي، جيڪا هن وسائي هئي، جتي هوءَ ڪجهہ بہ ڪرڻ لاءِ آزاد هئي جو تہ اتي هنن جون سوچون ئي هن جو عمل هيون. سوچ ۾ جيڪي تصويرون ٺهنديون هيون، جيڪي گهڙيون هوءَ گذاريندي هئي ۽ جنهن جنهن سان هوءَ ملندي هئي اهو سڀ ڪجهہ ڇڻ حقيقتاً هن جي زندگيءَ جو حصو هو ۽ ان دنيا ۾ سوچن ۽ احساسن جي ان حسين لمحن ۾ هوءَ ڪجهہ بہ سوچڻ لاءِ آزاد هئي، ٻين لفظن ۾ ڪجهہ بہ ڪرڻ لاءِ آزاد هئي.

. هو ادب پڙهڻ جي شوقين هئي پرهن ڪڏهن بہ ڪو ڪتاب انُ ڪري نہ پڙهيو هو تہ ڪو هن جي شهر يا هن جي اوسي پاسي جي انٽليڪچول حلقن ۾ ان ڪتاب کي پسند ٿو ڪيو وڃي (نہ تہ ڪيترائي ماڻهو تہ اهڙا هوندا آهن جو انهن جي ذهن ۾ وڏن اديبن ۽ انٽليڪچولس جي پسنديده ڪتابن جي لسٽ موجود هوندي آهي ۽ اهي ان لسٽ ۾ ڄاڻايل ڪتابن ۾ ڪوبہ نئون اضافو ڪرڻ کان ڊڄندا آهن ۽ بس اهي ئي ڪتاب پڙهندا آهن ۽ آهستي آهستي هنن کي اهو گمان ٿيڻ لڳندوآهي تہ اصل ۾ هنن جي پسند بہ اهائي آهي). هن جڏهن بہ ڪو ڪتاب پڙهيو تہ اهو سوچي پڙهيو ان ڪتاب پڙهڻ سان ئي هن کي خوشي ٿي ملي پوءِ اهو چاهي ڪو دوستو وسڪي جو ناول هجي يا Cosmopolitan يا Her ميگزين. هن جي خيال ۾ انهن ميگزينن ۾ جن ماڻهن تي لکيو وڃي ٿو اهي بہ آخر ماڻهو آهن ۽ اهو بہ زندگيءَ جو هڪ رخ آهي. Full of glamour and glimmer چا ٿي پيو تہ انٽليڪچول حلقن ۾ انهن ماڻهن جي ڪا اهميت ڪونهي ۽ انهيءَ ڪري انهن جون زندگيون ڳنڀير قسم جي ادبي ٽائيپ شخصيت لاءِ ناپسنديده آهن.

بظاهر پرسڪون نظر ايندڙ الماس جي دل ۾ هميشہ ڪي سمنڊ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موجون ماريندا رهندا هئا. هن جي دل هر ان ڳالهہ کان باغي هئي جيڪا انسان کي ان جي فطري لاڙن کان پري وڃڻ تي مجبور تي ڪري. هن کي مخلص ٻڌجڻ کان روڪي تي. هن کي ٻين جي لاءِ ڪجهہ ڪرڻ کان روڪي تي. هن کي پيار ڪرڻ کان روڪي تي.

هن جي عمر پنجويهہ سال هئي، پر هن ڪڏهن بہ ڪنهن سان پيار نہ ڪيو هو. جيڪي ناول ۽ ڪهاڻيون هن پڙهيون هيون جيڪا شاعري پڙهي هئي، ان مان گهڻي قدر شاعري ۽ ٻيون لکڻيون اُن جذبي تي ئي سرجيون ويون هيون پر اهي لکڻيون هن جي پنهنجي دل ۾ اهو جذبو پيدا نہ ڪري سگهيون. ائين لڳندو هو جڻ هوءَ ان جذبي کان عاري هئي. هن کي خبر هئي تہ هنن انن سالن ۾ هن جي دل ۾ اهي سڀ جذبا مري ويندا، جيڪي جوانيءَ جي نشاني هوندا آهن. هوءَ ان لهندڙ سج واري ساعت تي وينڌي جيڪا ڪن ڪن ماڻهن تي وحشت طاري ڪري ڇڏيندي آهي. جيئن بہ پهر پاڻ ۾ ملي پوءِ ڏارتي ويندا آهن. جيئن هڪ چوڪيدار سڄي ڏينهن جي ڊيوٽي ڪري پوءِ رات جو چابيون ٻئي چوڪيدار جي حوالي ڪندو آهي، تيئن هن جي جواني ۽ پوڙهپڻ هڪ پل لاءِ پاڻ ۾ ملندا جواني هن جي زندگيءَ جو چارج ٻڍاپي جي حوالي ڪندي ۽ پاڻ هميشہ لاءِ ڪائنات جي ڪن ۾ گم تي هڪ ڏکي ۽ ابدي ننڊ پئجي ويندي.

وقت بدلجي ويندو. هن جا احساس بدلجي ويندا. هن جو جسم بدلجي ويندو، چهرو بدلجي ويندو. هن کي لڳندو هو تہ سڀ ڪجهہ بدلجي ويندو، پر حالتون نہ بدلبيون. هن جي زندگيءَ ۾ اها خوشي نہ ايندي، جنهن جو انتظار هن تڏهن کان وٺي شروع ڪيو هو، جڏهن کان وٺي هن پنهنجي موجودگيءَ کي شعوري طور محسوس ڪيو هو. هر مڊل ڪلاس ڇوڪريءَ جو نصيب Arrange marriage هوندي آهي. هن جي نصيب ۾ شايد اهوئي لکيو ويو هو تہ هوءَ پنهنجي زندگي کي داءَ تي رکي اها جوا کيڏي ڇو تہ Arrange marriage هن جي نظر ۾ جوا ئي هئي، وارو لڳوتہ لڳو نہ تہ وينا نقصان پوڳيون.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

الماس جڏهن پنهنجي گهر ۾ اڱڻ ۾ ويهي چيخوف جون ڪهاڻيون پڙهڻ لڳي ته هن کي ياد آيو ته اڄ کان پنج سال، ڏهه سال، پندرهن سال اڳ به هوءَ خواب ڏسندي هئي ۽ اڄ به ڏسي رهي آهي. انهن سالن ۾ گهڻو ڪجهه بدلجي ويو آهي. ويهه سال اڳ هن کي پنهنجي ماءُ ڪپڙا پارائيندي هئي. ماني کارائيندي هئي، هنَ جي هر ڳالهه جو خيال رکندي هئي، اڄ هوءَ پنهنجا سڀ ڪم پاڻ تي ڪري، نوڪري ڪري پنهنجو پاڻ کي پاڻ پالي پر پوءِ به جنهن پڃري ۾ هوءَ ويهه سال اڳ قيد هئي، اڄ به ان ۾ قيد آهي. پڃري جي دري کلي به تي ته چا هن جا پر ته ڪتيل آهن (جن جي ڪتجڻ وقت هن ڪابه مزاحمت نه ڪئي هئي ۽ نه ئي اڄ ڪو احتجاج ڪرڻ جو ارادو هئس).

رات جي ماني پچڻ جي تياري تي رهي هئي. الماس ڪتاب ڪمري ۾ رکي رڌڻي ۾ وئي، هن جي ننڍي ياجائي ڀينديون ڪٽي رهي هئي. هن به هن سان گڏ ڪٽڻ شروع ڪيون ۽ پنهنجي ياجائيءَ سان هن جي ڀيٽن ۽ مائٽن جي باري ۾ ڳالهائڻ لڳي. ”ياپي توهان هن دفعي گهر ويئو ته نسرين اتي هئي؟“

”ها مان ويس ته هئي، پوءِ وري ٻن ٽن ڏينهن ۾ نوابشاه هلي وئي. انهن جا امتحان ٿيڻ وارا آهن.“

”چو هاٽي ته ٿيا هئن“. ”نه ڪٽي... اهي ته نيلم جا هئا“.

ٻاهر اڱڻ ۾ هن جا ياٽٽيا ياٽٽيون راند ڪيڏي رهيا هئا. الماس جي ننڍي ڀيڻ جيڪا ڪاليج جي اسٽوڊنٽ هئي، تنهن ريڊيو آن ڪيو.

”ميري پيار ڪي عمر هو اتني صنم“

پيار جي عمر! الماس دل ۾ چيو، هن جي پيار جي عمر ته هڪ گهڙي به نه هئي. هن ڪڏهن ڪنهن سان پيار ڪيو ئي نه هو. ڪنهن جيئري جاڳندي شخص سان پيار ڪرڻ لاءِ جنهن قسم جي دل کپي، اهڙي قسم جي دل هن وٽ هئي ئي ڪونه. ان ڪري هن سڄي عمر صرف پنهنجي خوابن سان پيار ڪيو هو ۽ انهن جي ساين جو انتظار ڪيو هو. هن وقت نه ته ٻن ٽن سالن ۾ هوءَ ڪنهن سان نه ڪنهن سان


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شادي ڪري ڇڏيندي. دل جا سڀ خانا پرجي ويندا، پر هڪ خالي رهندو ۽ اهو هوندو پيار جو.

"تو ڪڏهن ڪنهن سان پيار ڪيو آهي؟"جڏهن ڪو هن کان اهو سوال پڇندو هو ته هن کي پهرين ته ڪو جواب نه سجهندو هو. "نه پيار ته نه ڪيو آهي، باقي دل ئي دل ۾ پسند ڪيترن ئي ماڻهن کي ڪيو آهي" ٿوري دير ۾ هوءَ جواب ڏيندي هئي.

هن کي ياد آيو هڪ دفعو هن کان اهو سوال هن جي دوست فرح پڇيو هو."تو ڪڏهن ڪنهن سان پيار ڪيو آهي؟" "ڪڏهن زندگيءَ ۾ ڪو اهڙو ماڻهو آيوئي ڪونهي جنهن سان پيار ڪيان ها" الماس جواب ڏنو هو. "ائين ڪيئن ٿو ٿي سگهي. تنهنجو خاندان ايترو وڏو آهي، ان ۾ ڪيترائي ڇوڪرا آهن ۽ ٻيو ته تون ڪيترن ئي ماڻهن سان ملي هوندينءَ" فرح مشڪندي پڇيو "ها ڪيترن ئي ماڻهن سان ملي آهيان، پر ان سان ڪهڙو ٿو فرق پوي". "فرق پوي ٿو، ظاهر آهي اگر ڪو گهڻن ماڻهن سان ملندو ته انهن مان ڪو ته اهڙو هوندو، جنهن سان پيار ڪري سگهجي". فرح جيڪا هميشه پنهنجي باري ۾ پئي ڳالهائيندي هئي، سا شايد هينئر الماس تي ڳالهائڻ جي موڊ ۾ هئي.

پر الماس کي پاڻ تي ڳالهائڻ ڏکيو لڳندو هو ڇوته هن کي خبر هئي ته هن جي ذهن ۽ زبان جي وچ واري Communication ۾ ڪا گڙٻڙ ضرور هئي. هوءَ جيڪو ڪجهه چوڻ چاهيندي ۽ جيڪو چوندي، اهي ٻئي هڪ ٻئي کان گهڻو مختلف هوندا ۽ ٻيو هوءَ پنهنجي باري ۾ ٻين کي ڪا اهڙي ڳالهه ٻڌائڻ کان پوءِ پاڻ کي ڪمزور محسوس ڪندي هئي جيڪا هنن کي پهرين خبر نه هجي يا جيڪا هن جي شخصيت جي انهن پهلوئن جي باري ۾ هجي جيڪي هن هميشه ٻين کان لڪايا هجن. هوءَ پنهنجا جذبا، پنهنجي خوشي، پنهنجا غم ٻين تي ظاهر ڪندي هٻڪندي هئي.

"تون ۽ مان هڪجهڙيون آهيون". فرح ٻيهر چوڻ شروع ڪيو. "پر مون ته وري ٻه پنهنجي ذهن ۾ ڪي Options رکيا آهن. نيٺ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڏهن نہ ڪڏهن تہ پاڻ ڪي شادي ڪرڻي ئي آهي، ائين نہ ٿئي جو عمر گذري وڃي ۽ پوءِ نيٺ ڪو سمجهوتو ڪرڻو پوي. ظاهر آهي سمجهوتو ئي ڪرڻو پوندو ۽ هينئر جيڪا ڪوڙي سچي خوشي ملي سگهي ٿي سا بہ ويندي هٿن ڪان. ڏس اسان جي خاندان ۾ گهٽوڪري پنهنجو پاڻ ۾ شادي ڪرڻ جو رواج آهي ۽ جيڪي هڪ عمر جا يا جن جي عمر ۾ ٿوروگهڻو فرق هوندو آهي، انهن جون شاديون طئي ٿينديون رهنديون آهن، پر مون کي پنهنجي لحاظ ڪان ڪوبہ نيڪ ناهي لڳندو، يعني اهڙو جيڪو مون سان خوش رهي سگهي يا جنهن سان مان خوش رهي سگهان. منهنجو هڪ ڪزن آهي، ان بابا وارن کي منهنجي لاءِ چورايو، پر مون انڪار ڪري ڇڏيو. حالانڪ منهنجي هن سان تمام گهڻي دوستي آهي، پر هڪ ٻئي جي ايترو ويجهو رهڻ ڪان پوءِ بہ منهنجي دل ۾ هن لاءِ دوستيءَ ڪان سواءِ ٻيو ڪوبہ احساس ناهي اڀريو. سو هاڻي هن جي مڱڻي منهنجي ننڍي ڀيڻ سان ٿي وئي آهي“.

”حالانڪ انهن ٻنهي جي پاڻ ۾ دوستي تہ ڇا، پوري ڳالهہ ٻولهہ بہ ڪونهي، پر پوءِ بہ مون کي لڳي ٿو تہ هو هڪ ٻئي لاءِ نيڪ رهندا، پر اهو تہ ٿيو منهنجي عمر جو ڇوڪرو، باقي مون ڪان وڏن جون تہ جلدي شاديون ٿينديون ويندون ۽ پوءِ اسان جي ڪيپ جو وارواڻندو. مون اگر انهن مان ڪنهن ڇوڪري کي پسند نہ ڪيو تہ انهن جون ٻين سان شاديون ٿي وينديون، پوءِ مون لاءِ ڇا بچندو؟ پر پوءِ بہ مون کي جلدي ڪونهي. ان ڪري جو انهن معاملن ۾ تڪڙ ڪري بہ نہ ٿي سگهجي. پر ايڏي سستي! ؟ خبر اٿئي نہ تہ ڇوڪرا پاڻ ڪان گهٽين ننڍين ڇوڪرين ڏانهن اٽريڪٽ ٿيندا آهن. ستاوهين اناويهن سالن واري کي ارڙهن اوڻويهن ڪان وڌيڪ عمر واري تہ پسند ئي ناهي ايندي ۽ پاڻ جيتري ڇوڪري تہ هنن کي پوڙهي لڳندي آهي“. فرح پنهنجا فلسفا بيان ڪري رهي هئي. فرح ڳالهائيندي رهي ڇو تہ الماس سني ٻڌندڙ هئي. باقي ڳالهائڻ ۾ هوءَ ڪڏهن بہ پنهنجو صحيح موقف بيان نہ ڪري سگهندي هئي. لفظ هن جو گهڻو ساٿ نہ ڏيندا هئا. سوچون دل ئي دل ۾ رهجي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويندڙيون هيون. جملا ننڍا ننڍا ۽ ڊڪندا هئا، تانجو قصو ئي ختم ٿي ويندو هو. ٻي ڳالهہ نڪري ايندي هئي ۽ هن جي ذهن ۾ سرجندڙ مناسب جملو اڻچيل رهجي ويندو هو ۽ پيو ذهن جي ڪباڙخاني ۾ سڙندو هو. هن جي ان ئي ڪمزوريءَ جو فائدو وٺندي فرح هميشہ پاڻ پئي ڳالهائيندي هئي ۽ گهٽو ڪري پاڻ تي ئي ڳالهائيندي هئي. الماس ٻڌندي رهندي هئي ۽ مسڪرائيندي رهندي هئي ڇو تہ فرح جون ڳالهيون هميشہ بيساختہ هوندڙيون هيون ۽ ڏاڍيون Direct جڏهن تہ الماس جون ڳالهيون هميشہ شديد قسم جي Abstraction جو شڪار هونديون هيون. اهڙي قدر جو الماس کي پاڻ کي بہ سمجهہ ۾ ناهي ايندو تہ هوءَ ڇوڻ ڇاتي ڇاهي.

”تو بہ تہ هينئر تائين ڪو فيصلو ناهي ڪيو“. الماس هن کان پڇيو. ”ها ائين تہ آهي“ ۽ اهو چئي فرح اوچتو پنهنجي جڳهہ تان اٿي ۽ ڪنڊ ۾ پيل ٽيبل تان پنهنجو هينڊ بيگ کڻي، جيڪو هن اچڻ سان اتي رکيو هو،اچي ساڳي صوفي تي ويٺي. ”هي ڏس“ فرح پرس مان هڪ ڪاغذ ڪڍي هن کي ڏيکاريو.

”ڇا آهي“. الماس ڪاغذ وٺندي پڇيو. ”خط! منهنجو هڪ ڪزن آهي ائين سمجهہ تہ پري جو مائٽ آهي، ان اهو خط مون ڏي لکيو آهي. ڪجهہ مهينا اڳ هو اسان جي گهر آيو هو، پهريون دفعو ۽ جڏهن وڃڻ لڳو تہ پڇيائين ”مان توهان کي خط لکان تہ جواب ڏيندؤ“. مون چيو ڪوشش ڪندس. پيو ڇا ٿي چئي سگهيس. هن خط کي آئي مهينو ٿيو آ. سوچيان ٿي جواب ڏيانس نہ ڏيانس؟“فرح ڄڻ پنهنجو پاڻ کان سوال ڪيو ۽ نيٺ چوڻ لڳي ”منهنجي خيال ۾ في الحال جواب ڏيڻ جي ڪا ضرورت ڪونهي“، ”ڇو؟“

”بس ائين ئي، هينئر تائين مان هن کي اگنور ڪندي آئي آهيان ۽ مون اهوئي ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ مان هن جي دل جي ڳالهہ نہ ٿي سمجهان“. فرح جي چهري جو Expression تاثر ٿورو ٿورو مٽجڻ شروع ٿيو.

”پر ڇو؟“ الماس هن جي ان رويي جو مطلب نہ سمجهندي پڇيو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”هڪ تہ هن ڪابہ ڳالهہ ڊائريڪٽ ناهي ڪئي ۽ جيستائين هو ڪا ڳالهہ ڊائريڪٽ نہ ڪري، مان هن کي ريسپانس ڪيئن ٿي ڏيئي سگهان. جڏهن هن مون کان ڪجهہ پڇيو ئي ناهي تہ مان باقي هن کي جواب ڇاجو ڏيان ۽ نہ ئي هن ڊائريڪٽ اها ڳالهہ ڪئي آهي تہ ڪو هو مون ۾ Intrested آهي“.

”ان ڳالهہ جو خط جي جواب سان ڪهڙو تعلق آهي“. الماس ڪرسيءَ تان اٿي وڃي صوفي تي ويٺي.

”بس الاءِ ڇومان جواب ڏيڻ جي ضرورت نہ ٿي محسوس ڪيان“. ان ڏينهن فرح جيترا بہ ڪلاڪ الماس سان گڏ ئي، هوءَ پنهنجي باري ۾ ئي ڳالهائيندي رهي. پنهنجي ڪزن جي باري ۾ ٻڌائيندي رهي. ڳالهہ شروع الماس جي حوالي سان ٿي هئي، پر فرح مسلسل پنهنجي باري ۾ ئي ڳالهائيندي رهي.

”تون بور تہ نہ ٿي ٿين نہ؟ ائين تہ ناهي تہ مان توکي زوريءَ پئي سڀ ڪجهہ ٻڌايان“. فرح پڇيو. ”نہ تہ“ ۽ اهو سچ هو. الماس ڪوڙ نہ ڳالهائي رهي هئي هوءَ پاڻ ئي پنهنجو وارو وڃائي ويني هئي، سو فرح کي وڃهہ ملي ويو هو پاڻ تي ڳالهائڻ جو، پر الماس هن جون ڳالهيون ٻڌي مزو وٺي رهي هئي. جيڪي پاڻ سنو ڳائي ناهن سگهندا، ڇا اهي ٻئي کي ڳائيندي ٻڌي بہ ناهن سگهندا؟

جڏهن فرح وڃڻ لڳي تہ الماس کي محسوس ٿيو تہ هن جي تہ هر ڳالهہ دل ۾ ئي رهجي وئي، پر هن وٽ ٻڌائڻ لاءِ هيوئي ڇا؟ ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ جڏهن فرح آئي تہ هن پنهنجو قصو اتان ئي شروع ڪيو، جتي ڇڏيو هئائين ۽ هوءَ اهوبہ ٻڌائيندي رهي تہ هنن جو قصو ڪيستائين پهتو هو ۽ ڪهڙا ڪهڙا اهم واقعا پيش آيا. پر فرح پنهنجي ڳالهين جي وچ ۾ هڪ دفعو وري هن کان پڇيو.

”منهنجو معاملوتہ تقريباً طئي ٿيڻ تي آهي. تون ٻُڌاءِ؟“

”مون وٽ ڪجهہ ٻڌائڻ لاءِ آهي ئي ڪونہ ڇا ٻڌايان؟“ فرح هن لاءِ پنهنجي اندر کي ٻاهر ڪڍڻ لاءِ جيڪو در کوليو هو، سو هوءَ اهو ڇئي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بند ڪرڻ تي هئي تہ فرح پڇيو.
”تو هڪ ڇوڪري جو ذڪر ڪيو هو، جيڪو توسان گڏ يونيورسٽيءَ ۾ پڙهي تو!“
”ها منهنجي يونيورسٽيءَ ۾ ڪيترائي ڇوڪرا پڙهن تا ۽ انهن سان....“ الماس چوڻ شروع ڪيو پر فرح ڳالهہ ٻي طرح سمجهندي هن کي اڌ ۾ ڪٽي پڇيو.
”مان ان ڇوڪري جي ڳالهہ تي ڪريان، جيڪو توکي وڻيو هو؟“
”ها پر ان سان ڪهڙوتو فرق پوي. نہ ئي هو منهنجو ڪلاس فيلو آهي، نہ ئي مون هن سان يا هن مون سان ڪڏهن هڪ دفعو بہ ڳالهايو آهي ۽ مون کي اها خبر ڪونهي تہ هو ڪهڙي قسم جي طبيعت جو آهي. ڏسڻ ۾ تہ مون کي بلڪل ٺٺڪ ۽ لا ابالي لڳو.
ڊگهو ڊگهو ۽ پنهنجي قد جي لحاظ کان گهٽو سنهڙو ۽ هميشہ مسڪرائيندي. هن جي گروپ جا ٻيا ڇوڪرا وڏيڪ سنا آهن ۽ اگر ٻي ڪنهن ڇوڪريءَ کان انهن جي باري ۾ پسند پڇي وڃي تہ ڪابہ مون واري جو نالو نہ وٺندي...“
”توکي هميشہ اهڙا ڇوڪرا ڇو وڻندا آهن، جيڪي ڪنهن کي بہ نہ وڻن“ فرح مزاق ۾ هن کان پڇيو ۽ کلڻ لڳي.
”نہ نہ ائين تہ ڪونهي“. الماس بہ کلي چيو ۽ وري ان ڇوڪري جي باري ۾ ٻڌائڻ لڳي ”ها تہ مون ان کي صرف هڪ دفعو ڳالهائيندي ٻڌو آهي، جڏهن هن مون کي هڪ دفعو هوٽ ڪيو هو. بس مون کي هو ڏسڻ ۾ وڻندو آهي، خيالن ئي خيالن ۾ مان هن سان ڳالهائيندي آهيان، پر اصل ۾ مون کي ائين لڳندو آهي تہ هن سان پيار تہ ڪري سگهجي تو فلرٽ بہ ڪري سگهجي تو ۽ اهي ٻئي ڳالهيون تہ منهنجي وس ۾ ڪونهن، پر شايد هو اهڙونہ هجي، جنهن سان سڄي عمر گذاري سگهجي ۽ گهٽوڪري هوندو بہ ائين ئي...“ الماس چوندي وئي.
”اهوتون ڪيئن ٿي چئي سگهين؟“ فرح پڇيو ”نہ ئي تو هن سان ڪڏهن ڳالهايو آهي نہ ئي تون هن کي سڃاڻين؟“


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ها پر ماڻهو ڪنهن کي ڏسي به ته ڪجهه نه ڪجهه اندازو لڳائي ويندو آهي. فيس ريڊنگ ٻڌي اٿئي؟ ڇا تون پهرين نظر جي پيار کي نه ٿي مڃين؟ ان ۾ به ته ماڻهو هڪ نظر ئي ٻئي کي ڏسي اندازو لڳائي وٺندو آهي نه، ته هن سان پيار ڪري سگهجي ٿو“.

”پيو تو ڇا اندازولڳايو آهي“.

”اهوئي ته هن سان سڄي عمر نه ٿي گذاري سگهجي“.

فرح چيو ”هونئن صرف ڏسي ته اهو چوڻ مشڪل آهي، پر خير“.

الماس وٽ ڪوبه دليل نه هو، پر هوءَ پنهنجي ڳالهه تي قائم رهي ”فيصلوڪرڻ يا اندازو لڳائڻ هڪ ڳالهه آهي ۽ اهو فيصلو يا اندازو صحيح ثابت ٿيڻ ٻي ڳالهه آهي. مان اهو نه ٿي چوان ته ڪو اهو اندازو صحيح ثابت ٿيندو. اول ته ثابت ٿي سگهڻ جي نوبت ئي نه ايندي“. الماس ٿورو ترسي پهرين ڳالهه جو جواب ڏنو ”۽ تون پسند ڪرڻ جي جيڪا ڳالهه ٿي ڪرين سو پسند ڪرڻ ۾ به پنهنجو وس ٿورو ئي هلندو آهي. بس مون هن کي ڏٺو ۽ مون کي هو وڻيو. وڌيڪ ته مان ڪجهه به نٿي ڪري سگهان. نه پنهنجي پسند کي بدلائي سگهان ٿي ۽ نه ئي پنهنجي حالتن کي. فرح مون کي هو ائين وڻندو آهي جيئن ڪي اداڪار وڻندا آهن جيئن ٿي. وي جي اشتهارن ۾ ايندڙ اهي ماڻهو وڻندا آهن، جن جي ناليَ جي مون کي خبر ناهي هوندي، پر ڪنهن کي پسند ڪرڻ جوحقيقت جي دنيا سان ڪوتعلق ناهي هوندو. ماڻهو ڪنهن کي پسند جڻ خوابن ۽ خيالن ۾ ڪندو آهي ۽ ملندو حقيقت جي دنيا ۾ آهي، پر مون کي نه ٿو لڳي ته هو ڪڏهن منهنجي زندگيءَ ۾ ايندو سو تون اگر Option جو ٿي پڇين ته هي به ڪو Option ناهي. بس ڪنهن خواب ۽ خيال وانگر آهي“.

”مان به پوريءَ طرح ان ڳالهه تي ڪليئر ناهيان ته ڪو مونکي پنهنجي ان پري جي ڪزن سان شادي ڪرڻ کپي يا نه“ فرح اوچتو چيو جڻ هن کي پاڻ تي ڳالهائڻ جوسگنل مليو چڪو هو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”هن توکي پرپوز ڪيو آهي ڇا؟ الماس پڇيو.
”نہ سڌيءَ طرح تہ نہ پر ان جا آثار نظر اچن ٿا“.
”پوءِ تون ڇا جواب ڏيندينءَ؟“
”الماس مان اڃان تائين ڪو فيصلو ناهيان ڪري سگهي، تون ٿي ٻڌاءِ مون کي ڇا ڪرڻ کپي. مان چوويهہ ڪلاڪ هن جي باري ۾ پئي سوچيندي آهيان. مون الله سائينءَ کان دعائون بہ ڪيون آهن تہ مون کي هن جي سوچڻ کان نجات ڏياري پر...“
”تون هن ۾ Intrested آهين. هو تنهنجو مائٽ آهي، ان ڪري مائٽن جي مرضيءَ جو بہ مسئلو ڪونهي، هو بہ توکي پسند ڪري ٿو، پوءِ باقي ڪهڙو مسئلو آهي. جڏهن بہ توکي Propose ڪري توکي ها ٿي ڪرڻ کپي“.
”نہ اهو ايترو سولو ڪونهي“ فرح چيو.
”ڇا سولو ڪونهي؟“
”مان هن کي اڃان چڱيءَ طرح سمجهي ناهيان سگهي ۽ منهنجي دل ۾ هن جي باري ۾ هڪ عجيب قسم جو خوف آهي، جيڪو اڻڄاتل ڳالهين کان ٿيندو آهي“.
”مون کي تنهنجو مسئلو سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي“. الماس ٿوري خفگيءَ منجهان چيو. ”اڇا اهو ٻڌاءِ توهان پاڻ ۾ ڳالهائيندا ڇا آهيو؟“
”مان تہ گهٽ ڳالهائيندي آهيان. بس هو ئي مون کان انٽرويو وٺندو رهندو آهي. توکي ڇا پسند آهي ڇا ناپسند، هن ڳالهہ جي باري ۾ تنهنجو ڇا خيال آهي، توکي ڪهڙي قسم جا ماڻهو وڻندا آهن. توکي ڪهڙين شين ڪهڙين ماڻهن سان پيار آهي وغيره وغيره. پر مان هن کي هميشہ غلط جواب ڏيندي آهيان.“
”ڇو“ الماس حيرت مان مشڪندي پڇيو.
”هن پنهنجي باري ۾ پنهنجي شخصيت جي باري ۾ ڇا ٻڌايو آهي جو مان ٻڌايانس. پر گهڻوڪري هن جي اهڙن سوالن جا جواب غلط ڏيندي آهيان، جن جي غلط يا صحيح جواب ڏيڻ سان ڪو گهڻو فرق نہ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تو پوي. مثلاً هن هڪ دفعو مون کان پڇيو تون اگر ڪنهن جهنگ مان لنگهندي هجين ۽ توکي ڪو ٿيلهو ملي، جنهن ۾ پيسا هجن تہ تون اهو کڻندينءَ يا اتي ڇڏي ويندين؟ مون چيومان اتي ئي ڇڏي ڏيندس. ڪيترن ئي ڳالهين جي هن کي هونئن ئي خبر آهي، ڇو تہ اهي منهنجي سڄي خاندان وارن کي خبرون آهن ۽ مون ڪڏهن لڪائڻ چاهيون بہ ناهن. مثلاً هن کي خبر آهي تہ مون کي پيسي سان پيار آهي، ۽ مان ڪنهن امير ماڻهوءَ سان شادي ڪرڻ کي وڌيڪ ترجيح ڏيندس ۽ مان ڏاڍي Ambitious آهيان. امان کي چوندو آهي "فرح کي پيسي سان ڏاڍو پيار آهي، آنتي هن کي سمجهايو تہ پيسي جي ڪا اهميت ڪونهي، اصل اهميت خوشيءَ جي آهي". مون چيومانس "توهان وٽ تہ پيسو هميشہ رهيو آهي ان ڪري ٿا چئو، اهميت تہ واقعي خوشيءَ جي وڌيڪ آهي، پر ڪيتريون ئي خوشيون اهڙيون آهن، جيڪي پيسي سان ئي خريد ڪري سگهجن ٿيون".

"اڇا تنهنجو اهو ڪزن ڇا ڪندو آهي؟"

"ڪنهن وڏي فرم ۾ ملازم آهي. هنن جي پوري فيملي ڪافي امير آهي ۽ هوپاڻ بہ پيسي وارو آهي".

"پوءِ تہ تنهنجو اهو مسئلو بہ حل ٿي ويو".

"ها پر ان ڪري ئي تہ هن سان شادي ڪرڻ کان ڊجان ٿي ۽ مان پهرين پنهنجي پيرن تي بيهڻ ٿي چاهيان. مان ڪنهن جي غلام ٿي رهي نہ سگهندس".

"رهي ويندينءَ بشرطيڪ هو توکي ان غلاميءَ جو احساس نہ ڏياري". الماس چيو "امير ٿيڻ جو اهو شارٽ ڪٽ تہ عورتن لاءِ بهترين آهي ۽ اهوئي اختيار ڪنديون آهن".

"مون کي بہ جي بيو ڪو چارو نظر نہ آيو تہ اهوئي شارٽ ڪٽ اختيار ڪندس".

"خيال ڪجانءِ ڪٿي ٽيسٽائين دير نہ ٿي وڃئي".

فرح واچ ۾ ٽائيم ڏٺو، ڪافي دير ٿي چڪي هئي. "چڱو هاڻي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محدود آهي) ضروري آهي تہ زندگيءَ جا پنجويهہ سال اڪيلا گذارجن ۽ پوءِ ڪنهن ماڻهوءَ سان شادي جي ناليءِ ۾ ڇهتيل رهجي ۽ پنهنجون وفاداريون ان تي وارجن. هڪ پڃري مان نڪري ان ڪان وڌيڪ سوڙهي پڃري ۾ هليو وڃجي ۽ ان شخص کي تہ پڃري مان ڪڏهن ڪڏهن نڪرڻ جي اجازت هجي، جيڪو توهان سان گڏ ان ۾ قيد ڪيو ويو آهي، پر توهان کي نہ هجي ڇا اهو انصاف آهي؟ ڇا ائين هئڻ گهرجي. اخلاق، رسمون ۽ روايتون انسان کي اڪيلو ۽ ڏکي ٿيون ڪن پر پوءِ بہ انسان انهن سان چنبڙيل آهي ۽ جي پاڻ انهن مان جند ڇڏائي بہ ٿو تہ عورت کي ان سان چنبڙيل رهڻ تي مجبور ٿو ڪري. ڇا اسان جي نصيب ۾ آزادي ڪونهي، ڇا هيءَ ذهني ۽ جسماني غلامي اسان جو نصيب آهي“.

هن جي دل پنهنجو پاڻ ڪان پڇيو. جواب مليو ”ها!“

جڏهن پنهنجو پاڻ سان وڙهڻ ۾ ئي هار تي ملي تہ ٻين سان ڪهڙو وڙهڻ؟ زماني سان ڪهڙو وڙهڻ. دل اندر بہ هڪ ديوار آهي، اهائي نہ ٽي ٽٽي تہ گهر جي ۽ سماج جي ديوارن کي ڪهڙو ڏوهہ ڏجي. پر سچ تہ اهو هو تہ هن اڪيلي سر وڙهڻ بہ نہ ٿي چاهيو، ان ڪري جو ٻي هٿيار اڪيلو ماڻهو جي هزارين مصلح ماڻهن سان وڙهڻ نڪرندو تہ هن جو حشر برو ٿيندو ۽ اجتماعي ويڙهہ جو جيتري قدر سوال آهي تہ اها قومن جو يا معاشرن جو پنهنجو انفرادي ۽ خاموش فيصلو هوندو آهي. اها ويڙهہ وڙهڻ تي انهن کي ڪو مجبور نہ ٿو ڪري سگهي.

ٻاهر اڱڻ ۾ ڪچهري زورن تي هئي. ٻار سڀ سمهي پيا هئا. الماس جو پيءُ پنهنجي نئين لکيل ڪتاب جي باري ۾ ٻڌائي رهيو هو ۽ سڀ غور سان ٻڌي رهيا هئا. هن جو پيءُ يونيورسٽيءَ ۾ پروفيسر هو، ڏاڍي ٺڏي مزاج جو ماڻهو هو. ڪافي پڙهيل لکيل هو، پر هن جي زال هن جي صلاحيتن ڪان گهٽ متاثر ۽ مطمئن نہ هئي ۽ هن کي هميشہ چوندي هئي تہ ماستر ٿيڻ ڪان ڪو ٻيو ڌنڌو ڪري ها تہ هينئر هو وڌيڪ سکيا هجن ها. الماس جي پيءُ پنهنجي ٻارن جي معاملي ۾ ڪڏهن بہ تنگ نظريءَ ڪان ڪم نہ ورتو هو. آزاد خيال ماڻهو هو، پر مسئلو رڳو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن جي آزاد خياليءَ جو نہ هو. هن جي وڏي پٽ لو ميرج ڪئي هئي ۽ ٻئي پٽ Love-cum-arrange ميرج ڪئي هئي. الماس ٽئين نمبر تي هئي ۽ هاڻي هن جي شاديءَ جو وارو هو.

الماس کي خبر هئي تہ اگر هن جي زندگيءَ ۾ ڪو اهڙو ماڻهو آيو، جنهن سان هوءَ شادي ڪرڻ چاهي تہ هن جا ماءُ پيءُ هن جي راهہ ۾ رڪاوٽ نہ بڻبا. پر ائين شادي ڪرڻ تہ ڪنهن دڪان تان ڪو جوڙو خريد ڪرڻ، ان کي هميشہ پائڻ وانگر ٿيو ۽ بس. توهان کي اهو ڪتاب ٿي وڻڻو هجي ۽ ٻيو ڪوبہ ڪتاب توهان وٽ نہ هجي توهان کي سڄي عمر بس اهوئي ڪتاب پڙهڻو پوي تہ پوءِ توهان جا تاثر ڪهڙا هوندا ۽ توهان جي دل جي ڪيفيت ڪهڙي هوندي. شايد توهان کي اهو ڪتاب پڙهڻ کان چڙ ٿي وڃي، توهان هڪ شديد بوريت جو شڪار ٿي وڃو. ڇا اهو عمل ڪنهن لائبريريءَ مان ڪنهن ڪتاب وٺي پڙهڻ وانگر نہ ٿو ٿي سگهي. توهان هڪ ڪتاب وٺو، ان کي پڙهو ۽ واپس ڪري ٻيو ڪتاب وٺو. توهان جي ان لاءِ پسنديدگي ختم نہ ٿي هجي، پر ان کي هڪ دفعو پڙهڻ کان پوءِ توهان هڪدم ان کي ٻيهر تہ نہ پڙهي سگهندؤ. ان ڪري توهان ان کان ڌار ٿي وڃڻ لاءِ تيار ٿي وڃو. الماس پنهنجو پاڻ کان پڇيو، جواب مليو ”اها تہ بغاوت آهي ۽ سو بہ عورت سان اسان جو معاشرو اهڙي رعايت نہ ٿو ڪري سگهي“.

”تہ ڇا هي معاشرو عورت جي ڪلهي تي پنهنجي روايتن ۽ ريتن رسمن جي بندوق رکي هلائڻ چاهي ٿو، ان لاءِ پنهنجي ڪلهي کي بہ تہ ٿوري تڪليف ڏي“ الماس ٻيهر سوال ڪيو.

اهي روايتون ۽ رسمون تہ شايد انسان جي اڳيان هميشہ ڪنهن پهاڙ جيان بيٺل رهيون آهن پر ان هوندي بہ ڪيتريون ئي عورتون هونديون، جيڪي ڪجهہ رعايتون هن معاشري کان زوريءَ حاصل ڪنديون آهن ۽ تون بہ ائين ڪري سگهين ٿي. ائين نہ ڪرڻ تنهنجي پنهنجي چوائس آهي. جي تون بہ هنن وانگر معاشري جي پرواهہ نہ ڪندي، پنهنجي مرضيءَ سان جيئڻ شروع ڪرين تہ توکي ڪير روڪي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سگھندو؟

”پر ڇا تون ائين بغاوت ڪري خوش رهي سگھندين“.

”مان تہ خوش رهان پر هي معاشرو مون کي خوش رهڻ نہ ڏيندو. ڇوتہ هن معاشري ۾ هر عورت جي دل ۾ هڪ مولانا ويهاري ڇڏيو آهي، جيڪو هر وقت هن کي ياد ٿو ڏياري تہ هن کي هڪ عورت هئڻ جي حيثيت ۾ ڇا ڪرڻ کپي ۽ ڇا نہ ڪرڻ کپي. فرض جي هڪ وڏي لسٽ آهي ۽ حقن جو ڪٿي ڪو پتو ڪونهي“. الماس جواب ڏنو.

”توکي ڀنهي شين مان هڪ شيءِ چونڊڻي پوندي يا معاشري جي حمايت يا پنهنجي خوشي،ڇو تہ هن معاشري جي حمايت تہ توکي هن معاشري جي اصولن جي ابتڙ ڪم ڪري ملڻ کان رهي. اگر توکي پنهنجي خوشي پياري آهي تہ اها هن معاشري ۾ Approval کان سواءِ حاصل ڪرڻي پوندئي. ڇؤ تون ائين ڪرڻ لاءِ تيار آهين“.

”نہ“ الماس جو جواب اهو هو ”مان هڪ عام ڇوڪري آهيان، مان ڪو غيرمعمولي ڪم ڪرڻ جي همت پاڻ ۾ نہ ٿي ساريان“.

الماس هنڌ تي پاسو ورايو. ديوار تي لڳل موناليزا جي پراسرار مشڪ ڪمري جي هلڪي روشنيءَ کي وڌيڪ پراسرار ڪري ڇڏيو هو، جيڪا ٻاهران اڱڻ ۾ ٻرندڙ بلب جي ڪري هئي.

”زندگيءَ جا بهترين سال تہ اڪيلي ئي گذري ويا، اڳتي ڏسجي تہ نصيب ۾ ڇا آهي“.

الماس ٻاهر اڱڻ ڏانهن نظر وجهندي سوچيو ”سورنهن، سترهن، ارڙهن، اوڻويهہ، ايڪيهہ، يا شايد سورنهن کان ٿورو اڳ ۽ ايڪيهہ کان پوءِ بہ، اهي ئي هئا تہ جوانيءَ جا سال سي تہ ائين ئي گذري ويا، ڪنهن بہ جذباتي سهاري کان سواءِ ڪنهن بہ دل لڳيءَ دلڪشيءَ کان سواءِ پر ڏوهہ ڪنهن کي ڏجي، رسمن رواجن کي، پنهنجي حالتن کي يا پنهنجو پاڻ کي. ڪٿي ائين نہ ٿئي جو ٽالسٽاءِ جي ناول Anna Karenina جي هيروئن جهڙو حشر ٿئي. منهنجي زندگيءَ جي سرءُ اچڻ تي هجي ۽ زندگيءَ ۾ ڪو Vronsky بهار وانگر اچڻ تي ضد ڪري، پر زندگيءَ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي سرءُ پنهنجي جاءِ ڇڏي بهارڪي ڏيڻ لاءِ تيار نہ ٿئي”.

ٻاهر اڱڻ مان ايندڙ آواز جهڪا ٿيندا ويا متي آسمان ۾ هلڪا ۽ گهرا ڪڪر گڏ گڏ ڊوڙندا ٿي ويا، جن جي ڪري چنڊ ڪڏهن سارو لڪي ٿي ويوتہ ڪنهن وقت ائين نظر ٿي آيوجيئن ڄاريءَ جي شوخ رنگن واري رئي مان ڪنهن ڇوڪريءَ جو خوبصورت چهرو نظر اچي.

الماس ٿوري دير ۾ ئي ننڊ جي ٻانهن ۾ هئي ۽ خواب ڏسي رهي هئي،

”هوءَ درياءَ ڪناري بيٺي آهي ۽ پاڻيءَ ۾ هلندڙ هڪ ٻيڙيءَ ۾، هن جي موجودگيءَ کان بي نياز هڪ شخص ويٺو آهي، جنهن جا ڪلها چنڊ جي تيز روشنيءَ جي ڪري چمڪي رهيا آهن ۽ هيٺ ڌرتيءَ تي الماس جا پريشان وار جن کي هٿن سان سنڀالڻ جي ڪوشش ڪندي هوءَ ان شخص ڏانهن ڏسي رهي هئي، مايوس ۽ اڪيلي من سان. ان شخص جي چهري تي پنهنجي لاءِ مرڪ ڳولهي رهي هئي، جيڪا اونداهين راتين ۾ چنڊ جيان گم هئي”.

•••


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ساھہ سڳي ۾ سور

تنھن ڏينھن جڏھن ياٽس جي سک سندس من ۾ لڏا لاھي ويئي ھئي، تڏھن ھن ضديءَ جي دل پرجي آئي ھئي. تڏھن ڏاڍي نماڻي انداز ۾ زال کي چيو ھئائين. ”منوءَ ماءُ! ياٺو کي منھنجي بيماري جو نياپو ڪري ڇڏ! ھي اکيون مون سان بغاوت پيون ڪن. ڏاڍيون آتيون تي پيون آھن. دل جون پاڙون بہ ڄڻ ڪاڄنديون پيون وڃن، جن مان درد ۽ اڪيلائي جي ڪيري پئي ڇٽي. سو، جلد ڪري ياٺو کي نياپو ڪر! آءُ الائي ڪھڙي لمحي ھن بستري تي ھوندي بہ نہ ھجان تہ...“

جڏھن ياٽس کي خبر پئي ھئي تہ ڪيئن مينھن واچ ڪندو ايو ھئس. اچيس بہ چو نہ. ھڪ ئي دين دنيا ۾ ياءُ ھيس، جنھن کي ھن دنيا ۾ پنھنجو سمجھندو ھو. نہ تہ جوٽس جا مائٽ تہ سڀ اوپرا ھئس. ڪم ڪڍائو مقصد جا مائٽ. منھن ۾ موسيٰ ۽ اندر جا ابليس. ويچاري ڪيڏو يتيمي جو زھر پيتو ھو. مٿان ھِن وڏي ياءُ جو بہ ھٿ نہ ھئس، جيڪو اول تہ چوندو ئي ڪينِ ھو. اگر چوندو بہ ھو تہ زال جي چوڻ تي. پر سندس من ۾ ياءُ لاءِ محبت گُڏيل ھوندي ھئي. ان جي ڄاڻ تہ صرف سندس کي ئي ھئي، پر جڏھن سندس ننڍي ياءُ عليءَ جا ساھرا ساٽس عليءَ جي غيرموجودگيءَ ۾ وڙھيا ھيا تہ ھن زال جي چوڻ تي اھو گھر ڇڏي ڏنو ھو ۽ ڪافي عرصو نياٽيءَ جي در تي رھيو. پر ڄڻ برھمڻ ۾ اڇوت تي رھيو ھو. ھر ڪنھن کان ڪريو ڪرڻ وارا نياٽو ۽ نياٽي ڪيس ڪڏھن بہ ھٿ سان ماني ڪونہ ڪٽي اچي ڏني ھئس. چپري جي ھينان، اداس، اڌ چانو ۾ تنگن کان معذور پيو رھندو ھو. ياءُ جي سک بہ ساڙيندي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهيس. پر گهر مان جو ضد ڪري نڪتو، سو همراهه ماڻهن کي لڪائي ڪين ڏيندو هو تہ هو هٽ ڪک آهي. جوڻس جي بہ ٽنگ تي ڪي تِرِ هئا، جو جوانيءَ ڪان رلڻ، پنڻ جي شوقين. پاڻ اڪا، مڪا گهمي ايندي هئي ۽ هو هڪ هنڌ پيو هوندو هو. نہ ريڊيو نہ راڳ. جوانيءَ ڪان وٺي راڳ جو شوقين هوندو هو، ڪافي تہ پاڻ بہ ڪلام لکندو ۽ انهن جون ڏنيون ناهي ڳائيندو هو. ڪافي مزاحيہ شاعري بہ ڪندو هو. جو ٻڌندي پيٽن ۾ سور پوندا هئا. ڪل ۾ پئجي وجبو هو. پر هاڻ تہ ڪجهہ بہ نہ رهيو هيس. ياءُ جي گهر هوندو هو تہ اٽڪل ٻن هفتن ڪانپوءِ چار سيل آڻي ڏيندو هئس جو ڏينهن رات پيو ريڊيو ٻڌندو هو. پر هاڻ تہ سيلن لاءِ بہ پئسا ڪين هئس. نہ سگريٽ، ماچيس لاءِ. نياڻي ڪان گهرندو ڪين هو. نہ ئي نياڻس کي ڪو شرم ايندو هو. هو ايڏو تہ ضدي هوندو هو جو شروع ڪان وٺي ڪنهن جي ڪاڻ ئي نہ ڪڍندو هو.

ڪجهہ ئي ڏينهن ٿيا هيس جو نياڻس سڏي منهن ڪيس چيو هو "چاچا جمعا! تون آهين بيمار. ٻار آهن ننڍڙا، بيماريون بہ ڏاڍيون آهن وچڙندڙ. غريب، امير ڏسن ڪين. اسان وٽ ايتري پونجي آهي ڪونہ جو توهان مان ڪا بيماري اڏامي ٻار کي لڳي تہ ڪٿان پورا پونداسين. سو توهان ٻي جڳهہ ۾ وڃي رهو. آءٌ جيئن تيئن ڪري ان جاءِ جو ڪرايو پيو ڏيندس"

جمعو ويچارو ڪڇيو ڪين. پر اندر ۾ ڪپجي بہ اڌ ٿي پيو. هڪ دل چاهيس تہ ياءُ وٽ هلي وڃي. جت ياڻس، سندس پائيٽوز ارهي، سرهي، آڏي، مانجهي، منهن کي پيا ڏسندا هئا. جيڪو انگل سو پورو ڪنس. صاف سترو، تيل قليل ڪنس. هٿ تہ ٻکن تي ويلا تو ڪاٿي ڪير ڪنگهي ئي ڪين ٿو. هن کي ڇِڪ جهڙي ميري رلهي ۽ ڪپڙا تي ويا اٿس تہ ڪير صابڻ جي ڇٽ بہ نہ ٿو هٽي ڏئيس. پر وري جهيڙي واري ڳالهہ ياد ڪري، قسم پئي ڪنيائين دل ۾ تہ ان گهر ۾ اصل نہ ويندس. ڪڏي تہ ڪاڻ نياڻي جي بہ ڪين ها! پر مجبور هئو. سو زال جي مدد سان اتان لڏو پٽرائي ان ڪرائي واري جاءِ تي رهڻ لڳو. جاءِ ڇا هئي!


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گڏهن جو واڙو هو. آسپاس جي پٽين پويان گڏهه پيا آڏي مانجهي هينگندا هئا ۽ ڏپ لِڏ جي ڪنيو ويندي هئي. سڀ ڪجهه پيو سهندو ۽ ڪڙهندو هو. هوڏانهن جڏهن پاڻس کي خبر پئي ته هو ڪاوڙجي ويو آهي ته هن فيصلو ڪيو ته ڪيس وٺي اچي، پر پاءُ جي ضد کان واقف هئو ۽ هو پنهنجي پاڻٽي جي گهر به ڪين ويندو هو. سو هن پنهنجي ويجهي دوست کي هن ڏانهن موڪليو ته هو ڪيس ڪجهه خرچ لاءِ پئسا به ڏئي ۽ ڪيئن به ڪري پرچائي، معافيون وٺي، ساڻ وٺي اچيس. ويچارو پاڻ ڪونه ويو جو ڪيس خبر هئي ته ضديرو آهي ۽ نه ايندو ته ڪيس ڏک به ٿيندو. بئي پاسي جوٽس ۽ سهرنس جو دٻاءُ به هوندو هو ته "تنهنجو چا؟ تو جا خدمت ڪيس اها ڪافي آهي. هو چڙي ويو آهي. سو اچي به پاڻ. نه اچي ته ڪڏهِ وجي پئي، تون چو ٿو پيچ لڙڪينس". پر اهو ائين ڪري نه سگهيو جو پاءُ به ته هڪ ئي هئس.

جمعي کي جو پيغام پهتو ته هڪ دل پئي چيس، پاءُ ڏي هليو وڃي، پر سندس پاجائي ۽ انهن جي مائٽن جي ڪيل جهيڙي کان پوءِ اوڏانهن وڃڻ شڪست کان گهٽ ڪونه هو. هو شڪست ته ڪنهن کان به قبول ڪرڻ جو عادي نه هو، سو ڪين آيو. نيٺ اڪيلائي هٽي چيلهه چٻي ڪري وڌس. بيماري "اڪيلائي" کان سواءِ بي ڪا آهي ڪونه. ان اڪيلائي جي بيماري ڪيس ڊاهي وڌو هو. هوڏانهن پاڻس مختلف ماڻهن کي موڪلي معافيون، آزيون، نيزاريون، اچڻ لاءِ التجائون، ڪين گهٽايو پر جمن به ضد جي سُٽي پي وينو هو سو ضد جو بت پيجي ڪير؟

جڏهن صفا حالن ڪالن کان پئي ويو تڏهن بي ڏيءُ ڏي نياپو ڪيائين جا ڪانئس ڪافي شهر پري رهندي هئس ۽ هن واقعي کان بي خبر هئي. سا ڪيس پاڻ سان وٺي وئي، جت سندس دوا سان گڏ سنو کاڌو پڻ مليو ۽ سار سنيال به پئي ٿيس. سو ڪجهه وقت لاءِ نوبنو ٿي پيو. دل جڻ جوان ٿي پيس. پر چون ته جواني گهٽو وقت وفا ناهي ڪري سگهندي. سو پاءُ جي سڪ ۽ سار ڪيس ايترو ته نهوڙيو جو سندس دل جون تل، ترايون سڀ درد سان ٽمٽار ٿي ويون هيون، پر جڏهن ڏنائين


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ هوند تون عزرائيل جي بہ نہ ٻڌين ۽ نہ ڪنگھين ۽ ان ڪي بہ هوند اوسيئڙي ۾ ويهاري ڪڪ ڪرين. سو آءٌ ڪهڙي باغ جي موري. تون تہ ٻڌڻ ڪان ڏين هان آگوٺو. سو چپ رهيس. جيئن تيئن ڪري مائي اجان در ٽپڻ جي مَس ڪئي ۽ آءٌ ڪاوڙ ۾ وهنجڻ وارو ڪونچو ڪٽي توکي وهائي ڪڍيو هو تہ "اگر مائي وچي پئي تہ توکي زوري ويهارڻ جي ڪهڙي گتي پئي هئي". رکي رکي جمن ساهہ کڻندي چيو، "منوءَ ماءُ ڏک تہ بيلي! گهٽو نہ لڳو هيئہ!؟ لڳو هجئي، تہ معاف ڪجان! جو تڏهن جواني هئي ۽ جواني معنيٰ انڌو گهوڙو".

"منوءَ پيءُ! هئين تون بہ سدائين انڌي گهوڙي تي سوار. جواني ويچاريءَ جو تہ نالو چڙهيل آهي. ان وقت، ۾ اچن وارن جو پورو چج هيئہ متي ۾ چي جواني هئي. مڙئي! سگ وڏائي گابي پيو ٽپين. اجا بہ مولوءَ واري چرچي جون ڪوڪر تہ ميجائين تہ ڪجهہ مڙيوئي نالي ماتر جواني هيئہ! جڏهن هڪ ڏينهن مولوءَ توسان چرچو ڪرڻ خاطر توپيءَ وارو اچو برقعو پائي تنهنجي غيرموجودگيءَ ۾ دڪان تي آيو هو ۽ پيغام ڏنو هئين تہ "جمعو اچي تہ ڏسجوس تہ سندس زال آئي هئي ۽ تنهنجو پڇي پئي. مان وچان تي هوٽل تي چانهہ پيئڻ ۽ پوءِ اسٽيشن ڏانهن بہ وڃڻو آهي". ۽ تون پيغام ملڻ کان پوءِ ڳاڙهيون اکيون ڪري، مينهن واچ ڪندو آيو هئين. خوب ٽپيو هئين خوب ٻُلا (دڙڪا) ڏنا هيئي ۽ جڏهن چرچي جي ڄاڻ پئي تڏهن ڪر ٺريو هئين ۽ مولوءَ کي ڏاڍو گهٽ وڌ ڳالهايو هيئي".

"ها...!! ڏاڍو ڪو لاهہ هيو. ماٺهس الائي ڪيئن ڪيس ڇٽيو هئو. ڏاڍو ڪو مسخرو ۽ مذاقي هو. پيو پاڻس تہ صفا چريو. خبر ٿئي؟ ويو هو پنجاب ڪمائڻ ۽ پئسا ڳڏ ڪرڻ. ويچاري ڪان اتي ايڏو تہ بنين، گهرن جو ڪم، ڍوئڻ اهي ڳوٺيون ۽ پاڇيون، بس بيخ ڪڍي ڇڏينس. ايڏو ڪم ورتنس! جڏهن موٽيو تہ ڪم جي عيوض پوري پري ٻڌي آيو هو نوٽن جي ڪم بہ ڏهہ سال ڪيائين سو بہ رات ڏينهن آيو تہ خوشي ۾ نہ پئي ماپي. هئہ! منوءَ ماءُ! خبر ٿئي گهر اچي ڪيسا جاچيائين غائب


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ورهائڻ لاءِ ماڻهو تالهہ جهلي پڳڙن، ريوڙين جو بينا هوندا هئا. هو ۽ هن جا دوست نلهہ جيڏا ۽ ٻار چؤطرف ڦري بيهندا هئا. نياز ونڻ لاءِ تڏهن هو جهپ ئي هڪ هٽندو هو. دوست اڳواٽ رومال يا جهول جهلي بينا هوندا هئا. جيئن ئي تالهہ اونڌو ٿيندو هو، جيڪو پيو سو پيو رومالن ۾ پيو ٻار پيا جهپيندا ۽ ميڙيندا هئا. مولوءَ جو پيءُ تہ اصل اهڙو مومن هوندو هو جو جيئن ئي ذاڪر اسٽيج تي چڙهي اجان مجلس پڙهڻ لاءِ شروعات ئي مَسَ ڪندو هو جو امالڪ روئڻ جو آواز ايندو هو جان ڪٽي نظر ڪبي هئي تہ مولوءَ جو پيءُ پيو روئي. منوءَ ماءُ! اهي بہ بيلي ڪي ڏينهن هئا جيڪي جڻ خوشبوءِ تي اُڏامي ويا“.

”اڄ چو توکي انهن جي پچار لڳي آهي. آرام ڪر تہ ڪو سگهو چاق ٿين“. منوءَ ماءُ ڪيس مني انداز ۾ نهاريندي چيو. رکي رکي وري ڪجهہ سوچيندي چيائين ”منوءَ ماءُ! هوءَ زينا ڪيئن! جڏهن اسان جي گهر آئي هئي. مون کي ليٽيل ڏسي اتي ئي بيهي وئي. برقعي جي پڙي بہ هيٺ هجيس پر اندر نہ پئي آئي تہ ان مرد کي ٻئي ڪمري ۾ اماڻ. تو گهٽو چيس تہ ”معذور آهي هلي ڪونہ ٿو سگهي. ويچاري جي نظر بہ گهٽ آهي“. پر هوءَ ڊث ماري بيٺي هجي. اچي ئي نہ. ان ويل ريڊئي تي قمر سومرو ڪلام ڳائي رهيو هو، ”هلي آءُ! پير پري هلي آءُ!“ تڏهن هن جي ايتري چوڻ تي ڪاوڙ ڪين پئي لڳس. باقي مون تي پئي ٽٽي. نيٺ ايلاز منٿن سان وٺي آئبنس سو بہ برقعو مٿي نہ ڪيائين منهن تان. جا روز اچي تہ ان کي چريو ڪندي هئي تہ تعويذ تي لکان. بس هڪ نِپ آهن“ ۽ توهان اٻوجهڙيون پئسا پيون ڦرائينديون هئو. جڏهن منجندي هئي تہ ڪيئن سين جا پول پڌرا ڪندي هئي، اچا- ڪارا سيني جا ڪٽي ظاهر ڪندي هئي تہ فلاڻي پئي فلاڻي لاءِ تعويذ لکرائي ۽ فلاڻيءَ فلاڻيءَ لاءِ“.

”هئي بہ رن ڪا رهزن. هئي بہ تہ هڪ اک ڪان ڪاڻي. تون سچ چوندو هئين منوءَ پيءُ تہ ڪاڻا ماڻهو شيطان هوندا آهن. تنهن ڏينهن رعب رکڻ خاطر ڪيئن چوندي هئي تہ ”اڄ رات اڪين سان مون نوراني


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هلي ٻاهر ڏس ڪيڏو گند پيو آهي. اصل ڍير لڳا پيا آهن. اُهي مان صفا هلڪڙي جان ڪيئن ڪڻندس؟ تنهنجو جند ڇڏائڻ هن جي چڪ چڪان تہ ”هلي اکين سان ڏس. اگر مون تي اعتبار نہ هجئي“. ان ويل ڪيس احساس ئي ڪين هو تہ تون معذور آهين“.

جمن زال جي ڳالهہ ٻڌڻ کان پوءِ هڪ تڏو ۽ ايو ساهہ ڪڻندي چيائين ”بس! منوءَ ماءُ...! ڪڏهن ڳاڙهو ڳهوٽ، ڪڏهن مڙهہ مقام ۾“.

”ڪيڏو رعب هو، جو ماڻهو صرف منهن ڏسي نوڙت منجهان جهڪي پوندا هئا. جلال جي ڄاڻ تئي؟ جڏهن وهاڻءَ تي ويڙ هئس. انهن ديڳڙو پت جو گهر لاءِ ڏنو هئن. سو بہ ٻر... ٻرندو، ڪوسو جهڙو ٻاهہ. جلال ڪي چيم تہ ”ڪڻ متي تي!...“ جهٽ ۾ ڪٽي ديڳڙو متي تي رکيائين. رڙ بہ ڪين ڪيائين ”سائين متي تي سينهو بہ ڪونهي، متو سڙندو.“ مون بہ اوڏانهن ڪو خيال نہ ڪيو. مون سوچيو متي تي سينهو رکي، پوءِ ديڳڙو رکيو هوندائين. نہ ڄاڻ تہ گهر اچي ديڳڙو لاٿم تہ حيرت لڳي جو جت ديڳڙو رکيل هئو، اهو حصو وارن جو چتي جو چتو سڙي ويو هئس پر ڪڇيو ڪين.

”هئہ! ڪڏهن ائين هياس، جو پنهو ڏوتم ڪپڙا<br>
هاڻ ائين ٿياس، جو جت نہ نين پاڻ سين“

جوٽس ڪيس تڏو ساهہ ڪڍي ڏسي چيو: ”منوءَ پيءُ! مون سان سَلِ تہ سهين! ڪٿ ڳوٺ جي سار تہ نہ ستايو اٿئي جو سين ڪي پيو ياد ڪرين؟“

”لڳي آهي هي سار نہ چا؟ ڪو ڏوهہ تہ ڪونہ ڪيو اٿم“. هن ڪجهہ تيز انداز ۾ چيو ۽ پوءِ پاڻ ئي نرم ٿيندي چيائين: ”پر ان ڳوٺ کان اڳ هڪ ٻيو ڳوٺ پيو ڏسڻ ۾ اچيم. پنهنجي ڳوٺ نہ تہ هوڏي وڃڻ جي تہ پڪ سمجهہ. ان ڳوٺ جا بہ عجيب رواج آهن. جيڪي ان ڳوٺ ڏانهن وڃڻ لاءِ آتا هوندا آهن. انهن لاءِ ان ڳوٺ ڏي ويندڙ موت جي گاڏي رڪجندي ئي ناهي ۽ جيڪو نہ وڃڻ لاءِ پيو واجهہ وجهندو، ان کي ٽنگوٽالي ڪري بہ زوري ان گاڏي ۾ وجهن. آءٌ بہ جلد ان گاڏي ۾ ويٺو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اداس اکين سان پنهنجي زندگيءَ جي ساٿياڻيءَ ڏانهن ڏسي ٿو، جنهن جي چهري تي انيڪ گهنج پڪڙجي ويا هئا ۽ سوچي ٿو ته هن ساڻس ڪيئن هن معذوري جي حال ۾ به گذاريو آهي. هو ڪيس ڪجهه به ڏئي نه سگهيو آهي ۽ هاڻي ورندو ڪيس اڪيلو ڇڏي وڃڻ جا سانباها پيو ڪري. جمن پنهنجي ڇپن تائين زال جو ڪراڙو هٿ آندو ته سندس اکيون آليون ٿيون، پر آڻ نه مڃڻ واري انداز ۾ مرڪي چيائين: ”منوءَ ماءُ تون به صفا ڪا خزان تي وئي آهين. ڏس ته تنهنجون ڪراڙيون ۽ سانوريون ڇيڇون صفا جڻ چونهارا پيون لڳن“.

موت ۾ هوءَ مرڪي تي نهاريس.

اهو ڏينهن جڻ جمن جو آخري هو. رات جڏهن سرڪي آئي هئي ته هڪ ڀيرو وري هو ماضيءَ ڏانهن هلي ويو هو. سڀ جڏهن ننڊ ۾ هئا، تڏهن هن امالڪ دل جي پير ۾ لڳل ڪيسي مان پاءُ جا ڏنل پئسا ڪڍي ڪين ائين چمندو ويو، جڻ ڪيس پنهنجي پاءُ جو چهرو چمڻ لاءِ مليو هجي. ڪيس ياد ٿو اچي پاءُ جو عڪس، جو سندس ڪٽ جي سامهون رکيل پينگهي ۾ لڏندو هو. سدائين چپ، سدائين سوچ ۾ ٻڏل ۽ سدائين غم کائو. هڪ پاسي ساهرن جي چن، پٺ ٻئي پاسي پاءُ پيڻ جو وجود، سندس ساهرا ۽ زال ته اهو سهندا ئي ڪين هئا ته اهي گهر ۾ رهن، باقي پاڻ ڪاٺ پيئڻ جا ڪوڏيا. جا شيءِ ايندي هئي به حصا ٿيندا هئا شيءِ جا! هڪ حصو پاڻس جي غريب ۽ ٻکين. ساهرن ڏي ويندو هو ۽ ٻيو حصو گهر جي پاتين ۾، تنهن تي جمن جي پيڻ جو تڪرار ته منهنجي پاءُ جي ڪمائي تي پاڻس جي ساهرن جو حق ڇو؟ جنهن تي پاجائي، نٽان جا جهيڙا، جمن جي پيڻ لاءِ خراب للفاظ پاڻس جا. ساهرا ڪم آڻيندا هئا. سڄو ڏينهن جهيڙو پيڻ، ڪروڌ، نيٺ جمن جي پاجائي ۽ ان جا مڪار ساهرا، پنهنجن ڪامياب سازشن سان جمن جي بيواهه پيڻ ڪي ڌار ڪري ڇڏيو. هڪ گهر ۾ به ديگڙا چڙهندا هئا. جمن جو پاءُ اهو نه چاهيندي به چپ رهيو، پر پيڻ کي پئسا ڏيندو رهيو. پر سندس ساهرن جو پوءِ به من نه ٺريو. نيٺ جمن سان جهيڙو ڪري ڪيس به ان گهر مان لوڏي ڪڍيو.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هاڻ جمن بہ گھر ڇڏي هليو آيو هو. پيٽس بہ ڪافي مهينا اڳ گذاري چڪي هئي ۽ هاڻي هن جو پاءُ، سندس بڪيا ۽ مطلب پرست مڪار ساهرا هئا، جن جي وچ ۾ جمن جو پاءُ ائين چپ چاپ پيسجندو رهيو جيئن جنڊ ۾ اَن جا ڪڻا، ڏينهون ڏينهن اندر ڪاڇندو پئي، ويس. مٿان پاءُ جي جدائي تہ ڪيس جهوري وڌو هو، پاءُ کي ڪجهہ پئسا ڏئي ويو هو تہ جيئن هو پنهنجي نياڻي جي ڪاڻ نہ ڪڍي. پر افسوس! جو جمن موت جي ڪاڻ ڪڍي وينو ۽ ٻئي صبح تي سندس ڪفن تيار ٿيڻ لڳو هو يتيمي جي ڏکي ساري سفر ڪان پوءِ، جڏهن جمن جي پاءُ پنهنجي آخري سچي سهاري کي بہ ويندو ڏٺو، تڏهن ڏاڍو ڏکي پيو هو.

جمن جي مئل دل مٿان اڃان بہ پاڻس جا ڏنل پئسا پيسا هئا، جن تي پاڻس جا لڙڪ ائين پکڙيل هئا، جيئن سندس ننڍڙي يتيم پاءُ جي من ۾ اڪيلائي، اداسي ۽ درد جا پاڇا پکڙيل هئا.

●●●


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طارق قريشي

# بـــزنـــس

مان روزانه اخبار "زمين" جي پريس ۾ داخل ٿيس. سڌو چيف ايڊيٽر جي آفيس ڏي رخ رکيم. دروازي جي ٻاهران اسٽول تي ويٺل وڏين ڀورين مُڇن واري پٺاڻ سواليه انداز ۾ نهاريو.

"مون کي خانصاحب سان ملڻو آهي". مون کيس چيو.

"تون جو نالو ٻُڌائيندس".

"آڪاش، خانصاحب کي چئو ته آڪاش آيو آهي".

هو اندر هليو ويو ۽ گهڙي کن ۾ ٻاهر آيو. مون کي اندر وڃڻ جو اشارو ڪيائين. مان دروازي جو پردو پري ڪري اندر گهڙيس. سامهون خانصاحب ڊگهي ٽيبل جي پويان ويٺو هو. مونکي ڏسي اٿي بيٺو ۽ ڏاڍي گرمجوشيءَ سان ڀاڪر پائي مليو. مون کي هن کان ايڏي گهرائپ ۽ ويجهڙائپ جي اميد ڪونه هئي. مان هن جي سامهون واري ڪرسي تي ويهي رهيس.

"يار آڪاش مون کي تنهنجي ڏاڍي يادگيري هئي، مون توکي گهرايو به ان لاءِ ته توکي هڪڙي ڪم جي آفر ڪرڻي هئي. مان وري هڪڙي رننگ بزنس خريد ڪرڻ جي چڪر ۾ آهيان. سوچيو اٿم ته توکي ان جو مئنيجر بڻايان. تون ذهين ۽ باصلاحيت به آهين ۽ ٻيو ته اجان بيروزگار آهين".

"پر خان صاحب توهان کي مون اڳ به چيو هو ته مان ڪنهن به غيرقانوني ڪم ۾ انٽريسٽڊ ناهيان". مون رڪائي مان چيو.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”لالا، تون سمجھہ نہ، ھن ملڪ ۾ ھر غيرقانوني ڪم، قانون جي چادر ھيٺ ٿيندو آھي ۽ اھڙي ڪم کي غيرقانوني ڪوٺڻ غلط آھي. مون کي سمجھہ ۾ نٿو اچي. توکي اجان اھا خبر ڇو ڪونھي تہ قانون کي ڪيئن يوز ڪبو آھي“. ھن ٿورو مرڪي وري چيو: ”قانون تہ اسان جھڙن لاءِ شيلڊ آف پروٽيڪشن آھي“.

”پر پوءِ بہ مان اھڙو قانوني ڪم نہ ڪندس جيڪو اصل ۾ غيرقانوني ھجي“.

”آڪاش، لالا! تون قانون جي ايڏي پاس خاطري ڇوٿو ڪرين؟ توکي انھن قانونن تہ لاڪ اپ ڏيکاريو، تون انھن قانونن جي صدقي اڄا تائين جاب ليس آھين ۽ اڳتي بہ رھندين، انھن قانونن توکي ڇا ڏنو آ“.

مون ڪجھہ چوڻ چاھيو، پر فون جي گھنٽي وڳي. ھن ٽيبل تي رکيل سائي رنگ جي خوبصورت سيٽ جو رسيور کنيو ۽ ڳالھائڻ لڳو. مان ھن جي آفيس جو جائزو وٺڻ لڳس. ڏاڍي مھانگي ۽ سھڻي فرنيچر سان ڊيڪوريٽ ٿيل ھئي، نہ تہ اڪثرڪري پريس ۾ ايڊيٽر يا چيف ايڊيٽر جي آفيس ردي پنن سان ڀريل ھوندي آھي، ويھڻ لاءِ ڪا انڌي منڊي ڇڳل ڪرسي يا وري ڦاٽل صوفا جنھن مان اسپرنگ جھاتيون پيا پائيندا آھن، رکيل ھوندا آھن ۽ ڪنھن ڦٽل اوطاق جو ڏيک ڏيندي آھي. فون تي ڳالھائڻ کان پوءِ ھن مون کي چيو، ”تون ھتي ويھہ اڄ مان ھڪ نئون بزنس خريد ڪندس، ان ڪري توکي بہ اوڏانھن وٺي ھلندس، مان ٿورو اشتھارن جي سلسلي ۾ سائيٽ ايريا تو وڃان، بس ڪلاڪ اڌ ڪلاڪ ۾ موٽي ٿو اچان“. گھنٽي وڃائي ٻاھر اسٽول تي وينل پٽاڻ کي گھرائي پشتو ۾ منھنجي لاءِ چانھہ ۽ بسڪوٽن جو چئي، ھو روانو ٿي ويو.

خان صاحب سان منھنجي ملاقات لاڪ اپ جي ڊرائنگ روم ۾ ٿي ھئي. اسان جي پاڙي ۾ ھڪڙي گھر ۾ ڏينھن ڏٺي جو ڌاڙو لڳو ھو، مان ان وقت پنھنجي ننڍي بيمار ڀاءُ کي سرڪاري اسپتال ۾ ڏيکارڻ ويو ھئس، شام جو پوليس مون کي بہ شڪ ۾ گھران وٺي وئي،


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيستائين مان صفائي پيش ڪريان، مون کي ليتائي مارڻ شروع ڪيائون. ٻڌاءِ- ٻڌاءِ- ٻڌاءِ" پوءِ پڇيائون مون کي چيائون، "توکي ڪجهه به نٿا چئون"، "توکي ڇڏي ٿا ڏيون". "هاڻي هي وٺ چانهه پيءُ". "تون رڳو پنهنجي ساٿين جا نالا ٻُڌاءِ". "تون شريف ماڻهو ٿو ڏسڻ ۾ اچين، اسان کي پڪ آهي ته تو ڪجهه به نه ڪيو آهي، تون ياري باشي ۾ اچي ويو هئين". "ڪم ٻين ڪيو آ، توکي رڳو خبر آهي". "تون ڇڙو نالو ڪڍ ته جان ڇُٽئي، نه ته پيو هوندين".

"ها چورا ٿي سو پنجانوي لڳي ويندئي، ڏاڍو سخت قلم اٿئي"

مون چيو "مون کي ڪا خبر ڪانهي، مان ته پنهنجي ياءُ..."

"اڙي پيڻ جا.. ماءُ... تنهنجي ته رن کي... حرامي، سوئر... توکي سڀ خبر آهي سچي ته تنهنجا وڏا به ڪندا".

الائي ڪيترو دير ماريائون، اونڌو لٽڪائي، سڌو لٽڪائي هر طريقو آزمايائون، مون کي هر هر بيهوشيءَ جا دورا پئي پيا، هوش ۾ آڻي چوڻ لڳا "چئو ته مون سان بهاول، سرور، قيصر ۽ باغي به گڏ هئا".

"اهي ڪير آهن؟" مون ڪنجهندي چيو هو.

زٽ، بيد جو لڪڻ پيرن جي ترين ۾ وهائي ڪڍيائون، منهنجي دماغ ۾ نڪاءُ ٿيڻ لڳا، مان وري وري مار کائڻ سبب ساڻو ٿي ويو هئس. مون کي مار ڏيندڙ سب انسپيڪٽر چيو "اهي سيئي ماڻهين جا... آهن".

مون گهڻي دير کان پئي گاريون جهليون، وڏيڪ برداشت ڪرڻ منهنجي وس ۾ نه هو. ايڏي وڏي گار ته ڪو جانور به نه سهي، مون کي ڪاوڙ اچي ويئي. "بس ڪر" مون ايس آءِ کي رڙ ڪري چيو. "هاڻ گار نه ڏجان، مون ڏاڙو ڪونه هنيو آهي، پر هاڻي خون ضرور ڪري ڇڏيندس، سو به تنهنجو".

ايس آءِ مون کي نونشن سان اچي ورتو، ڌڙ ڌڙ ڌڙ، ڪا ڳڻپ ڪو حساب ئي ڪونه هو. ان وقت هو به هڪڙي سپاهي سان گڏ اندر ڪوٺڙي ۾ گهڙيو، مون کي ڏڪن لڳڻ ڪري چڱي ريت ڏسڻ ۾ ڪونه پئي آيو، پر ڏٺم ته ناهوڪو قدآور جوان هو، سب انسپيڪٽر هن کي ڏسندي ئي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”پهرين تون ڪنهن ڊاڪٽر وٽ هل، تنهنجي طبيعت تمام خراب آهي“. خيال خان پنهنجي ڪار ۾ مون کي ڊاڪٽر وٽ وٺي آيو. ڊاڪٽر مون کي ٻه انجيڪشنز ڏنيون ۽ ڪجهه دوائون ۽ ٽيوب لکي ڏنا. ان کان پوءِ هو مون کي گهر ڇڏڻ هليو. رستي تي چيومانس، ”خان صاحب اهو ايڏو وڏو وڙ توهان مون تي بنان ڄاڻ سڃاڻ جي ڪيو آهي، بلڪل ايئن جيئن ڪو فلمي هيرو، رحمت جو فرشتو بڻجي ڪنهن مجبور جي مدد لاءِ وقت تي پهچندو آهي، مان توهان جي رڳو مهرباني چئي توهان جي احسان جو بدلو چڪائي نه سگهندس.

خان صاحب ڪجهه به نه چيو ۽ مرڪندو رهيو. ٿوري دير رکي مون وري پڇيو، ”خان صاحب توهان ڇا ڪندا آهيو؟“

”مان رننگ بزنس خريد ڪندو آهيان“.

”رننگ بزنس“؟

”ها، رننگ بزنس مطلب هلندڙ ڪاروبار، مان ڪنهن به نئين ڌنڌي ۾ انويسٽمينٽ نه ڪندو آهيان، ڪو به هلندڙ ڪاروبار ڏسندو آهيان، مثال طور: ڪو شاپنگ سينٽر، ڪو سئنيما گهر، ڪا اسٽيٽ ايجنسي، جنرل اسٽور، بس، ٽرڪ، اخبار جي پريس، ڪو گدام، ڪا ايجنسي وغيره ته خريد ڪري وٺندو آهيان. رننگ بزنس جيئن ته نئين ڪاروبار کان وڌيڪ سولو هوندو آهي، ان ۾ نقصان جو به خدشو گهٽ ٿئي ٿو ۽ سنڀالڻ جي لاءِ تجربيڪار ماڻهو به مليو وڃن“.

مون کي خيال خان جي واڪنگ يا رننگ بزنس سان ڪا به دلچسپي ڪونه هئي، مون کي ته تعجب ان ڳالهه تي ٿيو جو خيال خان پٺاڻ ٿي ڪري ڏاڍي صاف سنڌي ڳالهائي رهيو هو. هن مون کان به انٽرويو ورتو، منهنجي باري ۾ ڪوڙ ڳالهيون پڇيون، ان کان پوءِ هن چيو: ”تون مون کي سنو ماڻهو لڳين ٿو. مان توکي گورنمنٽ جاب ته وٺرائي ڏئي نه سگهندس، باقي پنهنجي ڪنهن بزنس ۾ تولاءِ ڪجهه نه ڪجهه ڪندس، مڙئي تنهنجو خرچ پاڻي نهي پوندو. ٽي هزار ڪن پگهار ۽ ٻيا الائونسز پڻ ملندئي، ٻن ٽن ڏينهن کان پوءِ مان توکي گهرائيندس“.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجي ذهن ۾ ان وقت هڪڙو خيال آيو هو، پڇيومانس، ”خانصاحب! ڪير به پنهنجي خوشيءَ سان پنهنجو نهيل نڪيل ۽ چميل ڪاروبار ڪونہ وڪڻندو آهي، پوءِ توهان ڪيئن خريد ڪندا آهيو“؟

”ڇا نالو اٿئي“؟

”آڪاش“.

”ها، آڪاش لالا! واقعي ڪير بہ پنهنجو نهيل نڪيل ڪاروبار ڏيڻ ڪونہ چاهيندو آهي، پر اهو هرڪو چاهيندو آهي تہ ڪاروبار رننگ ڪري نہ ڪري، لائيف ضرور رننگ ڪري، بس پوءِ جنهن ڪي لائيف پياري آهي، اهو اسان ڪي، پاڻهي پنهنجو ڪاروبار وڪڻندو آهي ۽ وڃي بيو نئون ڪاروبار شروع ڪندو آهي، اها بہ تہ اسان جي مهرباني آهي جو اسان ڪنهن کان ڪجهہ قريون ڪونہ ٿا، لٽڻ قرڻ خراب ڳالهہ آهي نہ.؟“ خيال خان مرڪندي، ڏاڍي خيال سان آهستي چيو.

”معني! تہ توهان...“

”ها پيار سان ڪم نہ ٿئي تہ تورو ڪاوڙ وڃان، مڙئي ڪم وڻٿو...“

”پوءِ اهو تہ غيرقانوني ٿيو نہ؟“ مون چيو.

خيال خان کان ٿهڪ نڪري ويو. چيائين، ”يونيورسٽي ۾ پنج سال پڙهي هاڻي واندو ٿيو آهين، پوءِ بہ اهي ڳالهيون ٿو ڪرين؟ يار تون صفا سادو آهين، چڱو مان توکي ٻن ٽن ڏينهن ۾ گهرائيندس، نوڪري ڪندين مون وٽ؟“

”توهان مون تي هي وڏو تورو ڪري ڇڏيو آهي، توهان جو چوڻ ڪونہ موٽائيندس“.

”نہ نہ مون توتي ڪوبہ احسان نہ ڪيو آهي، توکي نوڪري جي اڄ بہ ان لاءِ ڪيم جو تو ٻڌايو تہ بيروزگار آهيان، جي نوڪري ڪرين تہ تنهنجي مرضي آهي نہ تہ هرويرو ڪا مجبوري ڪونهي“.

”نيڪ آهي مان سوچيندس، پر ڪوبہ غلط ڪم نہ ڪندس“. مون چيو.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ڇا مطلب؟ مان ڪو غلط ماڻهو ته ڏسڻ ۾ اچان، مان ڪو ڏاڙيل آهيان يا اسمگلنگ گينگ جو ليڊر آهيان جو تون چوين ٿو ته غلط ڪم نه ڪندس؟“

”سوري، ويري سوري، مون ڪان غلطي ٿي وئي، بهرحال سوچي پوءِ ٻڌائيندس“.

ان ڪان پوءِ اسان باقي سفر خاموشيءَ سان گذاريو. هن مون کي گهر وٽ لاٿو. رات تمام گهڻي ٿي وئي هئي. مون هن کان موڪلائي پنهنجي گهر جو دروازو کڙڪايو هو. منهنجي فليش بيڪ جو دروازو کلي پيو، ڇوجو ان وقت خيال خان ٻه آفيس جو دروازو کولي اندر گهڙيو.

”ڇو خانصاحب جلدي موٽي آيا آهيو؟“ مون پڇيو.

”اُت جلدي ڪر ته هلون، نئون بزنس هلي خريد ڪرڻو آهي، ٻي ڪنهن پارٽيءَ کي ڪڙڪ پئجي وئي ته اهو سودو هٿن مان هليو ويندو“.

مان هن سان گڏ آفيس مان نڪري هن جي ڪار ۾ اچي ويٺس. هيءَ ان ڏينهن واري ساڳي ڪار نه هئي، پر ڪار جو ڊرائيور ساڳيو پٺاڻ هو. مختلف روڊن رستن تان ٿيندا آخر هڪ هنڌ اچي پهتاسين. ڪا نئين ڪالوني هئي. هڪڙي بي ٽائيپ گهر جي دروازي تي لڳل ڪال بيل وڄائي سين، اندران هڪڙو نوجوان نڪتو، منهن تي شرعي ڏاڙهي هئس، جيڪا چمڪي رهي هئي، شايد تيل لڳل هئس. اکين ۾ سُرمو وڌل، منهن تي نور پيو برسي، مٿي تي دستار ٻڌل، اڳئين کيسي ۾ نم جو گرانٽ جيڏو ڏندڻ، سلوار مورن کان مٿي کنيل، لڳي پيو ته اجهو هاڻي نماز جو فرض ادا ڪري آيو آهي. مون واچ ۾ ڏٺو ته ساڍا ٻارنهن مس ٿيا هئا ۽ ڏينهن جو ساڍي ٻارهين وڳي ڪابه نماز نه ٿيندي آهي. هو اسان سان اچي مليو. هن خيال خان سان هٿ ملائي، وري مون سان ملايو. اسان ٻنهي کي پاڻ سان گڏ اندر وٺي هليو. اسان کي ٿن ڪمرن جي ٿهيل ان گهر ۾ هڪڙي ڪمري ۾ وٺي هليو، جتي فرش تي هڪ وڏو گلم وڇايل هو ۽ گلم تي پٿاريون وڇايل هيون. اتي ان نوجوان وانگر ٻه ٻيا ٻه نوراني چهرن وارا همراهه ويٺا هئا. انهن سان وينل ٽيون


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيندي چيائين.

”نيڪ آهي توهان جي آفر ڇا آهي؟“ عزيز چيو.

”هڪ لک ڪوڙ اٺئي“ خيال خان چيو.

”بس هڪ لک ڇڙو!“

”ته ڇا ڪروڙ ڏيندوسانءِ“.

”پر خان صاحب اِن پُٽ صفا نه هجي ۽ آئوٽ پُٽ روزانو هزارين روپيا، اهڙي ڪاروبار جو صرف هڪ لک روپيا، اهو ڪٿان جو انصاف آهي؟“

”يلا ڏيڍ لک“؟

”خان صاحب، توهان کي مفت ۾ ڪپي ته ڪٿو، باقي ڏيڍ لک روپيا ته ٿورا آهن“.

خيال خان کي چڙ اچي وئي. چيائين، ”مفت ۾ ته خيال خان ڪنهن کي... ٻه ڪونهي، تون مون کي مفت ۾ ڇا ڏيندين؟ ٻه لک وٺ، معاملو منهنجي حوالي ڪر“.

”خان صاحب پئسن جي جوڪائي هجي ته ڪوٺ واڌ ۾ مان حاضر آهيان. توهان جو گهٽگهرو آهيان، توهان کان پري ڪونه ويندس“. عزيز خيال خان تي جوابي چوٽ ڪئي.

”عزيز، تون مون کي گهٽ وڌ تو ڳالهائين، بيو ڪو وقت هجي ها ته مان تنهنجي سني ڏهاڙي ڇڏايان ها، پر هاڻ تون اڍائي لکن ۾ معاملو طئي ڪر، نيڪ آهي نه؟“

”نيڪ آ خان صاحب! جيئن توهان جي خوشي“.

”خان صاحب جي ڪهڙي خوشي!، بس تون خوش ته خيال خان اڳي ئي خوش، چگو ٻڌاءِ ته تو وٽ گهٽا همراهه آهن“؟

”ڪل ٿي آهن، پر ڏاڍا محنتي، ايماندار ۽ تجربيڪار آهن“.

”ڊيلي ويجز تي آهن يا پرمننٽ“؟

”هاٹي پرمنٽ ڪيو اٿمان“.

”پگهار ڪيتري ٿا وٺن“؟


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”پندرهن سو روپيا مهيني تي، دريس ۽ ٽي اي ڊي اي الڳ“.
”ٽوئر ڪٽي ڪٽي ڪندا آهن“؟
”ٽنڊو محمد خان کان ٽنڊو سائينداد، ٽنڊوڄام کان ڪيسانہ موري ۽ چينل موري کان حيدرآباد تائين“.
”مون کي سائيٽ تہ هلي ڏيکار يلا“. خيال خان بريف ڪيس کوليو ۽ هزار روپئي جي نوٽن واري هڪ ٿهي ڪڍي هن کي ڏيندي چيو، ”باقي شام تائين ملي ويندئي“.
عزيز پئسا وٺي پاڻ وٽ رکيا ۽ چيو، ”هلو نہ مان توهان کي سائيٽ ڏيکاريان“.
اهر نڪتاسين تہ نوراني چهرن وارا همراهہ پاڻ ۾ ويٺا ڪچهري ڪري رهيا هئا، هنن جون ڏاڙهيون چمڪي رهيون هيون.
خيال خان عزيز کي چيو ”سائيٽ ڏسڻ کان پوءِ ڪارڪردگي ڏسندس، هنن مان هڪڙي همراهہ کي چئو تہ اسان سان گڏ هلي“.
عزيز ڏاڙهي وارن کان پڇيو ”هينئر اوهان مان ڪنهن جي ڊيوٽي آهي؟“
هڪڙي همراهہ چيو ”منهنجي آهي“.
”اچ تہ توکي ڪنيو هلون“.
اسان وري خيال خان جي ڪار ۾ اچي ويٺاسين، خيال خان جي هن نئين ڪاروبار بابت ڪابہ ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ آئي هئي، مان اڃان ان جي باري ۾ ڪابہ حتمي راءِ قائم نہ پيو ڪري سگهان. اسان گهانگهرا موريءَ کان ٿورو اورتي اچي بيٺاسين. عزيز اشارو ڪري خيال خان کي ٻڌايو تہ اها اسان جي سائيٽ آهي. مون ڏٺو تہ اڳيان خالي پلاٽ ۾ هڪڙي ننڍڙي ٽڪري تي چوديواري ٻڌل هئي، جتي واري، بجري، مٽي ۽ سرون پيل هيون، چڻ ڪو ننڍو ڪمرو تيار ڪرڻ لاءِ بنياد وڌو ويو هئو. اتي ڪوبہ ماڻهو موجود ڪونہ هو. مون کي اها عجيب غريب سائيٽ سمجهہ ۾ ئي نہ آئي. خيال خان مون ڏي ڏسي چيو ”هاڻ هن بزنس جو تون مئنيجر آهين ۽ تنهنجو ڪم هنن همراهن تي نظر رکڻ هوندي، تون


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هنن کان روز ڪيش وصول ڪندين ۽ مون کي پندرهين ڏينهن ڏيندين”.

”مون کي سمجهه ۾ ڪجهه به نه آيو آهي“.

”سڀ سمجهي ويندين، ڪا ڏکي ڳالهه ناهي“.

سائيٽ ڏسڻ کان پوءِ اسان چينل موريءَ وٽ آياسين، خيال خان ڊرائيور کي پشتو ۾ چيو: ”تون هلي حيدرآباد انتظار ڪر، اسان اچون ٿا“.

ڊرائيور ڪار ڪاهي هليو ويو. ٿوري دير کان پوءِ ميرپورخاص کان بس آئي، اسان انهيءَ ۾ چڙهي پياسين. مون کي ۽ خيال خان کي هڪ ئي سيٽ تي جڳهه ملي. اسان گڏ ويناسين. عزيز کي ٿورو پريتي جاءِ ملي وئي. بس هلڻ کان پوءِ مون ڏٺو ته اسان سان گڏ آيل نوراني چهري واري نوجوان ڪيسي ۾ هٿ وڌو. پين ۽ هڪ بندي ڪڍي هٿ ۾ جهلي وڏي آواز سان ”السلام عليڪم برادران اسلام“ چيو ۽ پوءِ اردو ۾ ڏاڍي خوشوع خضوع سان نماز جي فائدن تي ليڪچر ڏئي ٻڌايو ته ”سامهون گهانگهرا موريءَ وٽ خدا جو گهر جڙي رهيو آهي، ان لاءِ هن ثواب جي ڪم ۾ جيڪو به اوهان کان پڄي سگهي روپيو، ٻه روپيا، پنج روپيا، ڏهه روپيا، خدا جي گهر مسجد جي تعمير لاءِ ڏيو ۽ ثواب حاصل ڪريو“. بس ۾ وينل عورتن ۽ مردن روپيو، ٻه روپيا، پنج، ڏهه روپيا ڏئي خدا جي گهر جي تعمير ۾ حصو وٺڻ شروع ڪيو. خيال خان منهنجي ڪلهي تي هٿ رکي هوريان چيو ”لالا، ڏاڍي فائدي وارو ڌنڌو آهي ۽ هاڻي پنهنجو ئي ته آهي“.

●●●


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رزاق مهر

# ٻهندڙ ليڪا

پيءُ گهر مان نڪتو، پول جي پر ۾ بيٺل نوجوان تي نظر پيس ته آپي مان نڪري ويو، جڻ ته ڪنهن گندرف جي وڏي ڍير کي باهه ڏئي ڇڏي. گاريون ڏيندو تيزيءَ سان هن ڏانهن وڌيو، گف وهڻ لڳس.

”هتي ڪا تنهنجي پيڻ ويني آ ڇا پڙوا؟

ڇو ايندو آن ڙي هيڏي حرامي...“

هو اُلر ڪري هن جي مٿان چڙهي ويو. وچي پٽ ۾ هنيائينس. پوءِ ساڳئي جوش ۾ جيئن ئي پادر لاهڻ جي ڪيائين ته پاڻ سنڀالي نه سگهيو ۽ ٿابو ڏائي پريان وڃي ڪريو.

ماڻهو مڙي ويا، پيءُ وري الر ڪئي. تڏهن ڪجهه ماڻهو پيءُ ڏانهن وڌي آيا ۽ ڪجهه ماڻهو رهڙا آيل نوجوان ڏانهن وڌيا. پٿر جي گيساڙي اچڻ سبب هن جي منهن تي رهندبون اچي ويو هيون، جن مان ٿورو رت وهي اتي ئي جمي ويو هو.

ڪجهه ماڻهن نوجوان کي سمجهايو. هو ڪپڙا ڇنڊي، قميص جي آڳي سان منهن اگهي اتان هليو ويو. پيءُ جو ساڳيو حال هو. اکيون ڳاڙهيون، اجا به منهن اوڏانهن ڪري گاريون ٿي ڏنائين، جيڏانهن نوجوان ويو هو.

ماڻهن هاڻي پيءُ مان هٿ ڪڍي ڇڏيو هو ۽ اهي ننڍين ننڍين چوڪڙين ۾ ورهائجي ويا هئا. پيءُ ڪڏهن هلندو، ڪڏهن بيهندو گاريون ڏيندو پئي ويو.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماڻهو رونشي تي اچا ۽ بينا هئا، ڪيترائي سوال ڪٽي ۽ ڪيترائي جواب سوچي هڪ ٻئي سان ڳالهائي رهيا هئا. پيءُ هاڻي سهڪندو گهر ۾ اندر داخل ٿيو. اکين ۾ اجان ساڳي ڪاوڙ ۽ ڪروڌ اماڙين وانگر ٿي نظر آيو. ڌيءَ تي نظر پيس ته وري باهه لڳي ويس.

"هي ته ڳڻ، لخ لعنت اٿئي، پاڄوڪڙ بي حيا، ڏڪ هٽي منڍي لاهي ڇڏجئي ٻيو ڪم نه ڪجئي..."

پيءُ ۽ ڌيءُ جي وچ ۾ جيڪي اخلاقي حدبنديو آهن، ڳاريون ڏيندي اهي اورانگهي ويو. اکين ۾ حون لهي آيو هوس. لڳو ٿي ڪنهن به لمحي هو ڌيءَ مٿان ڪڙڪي پوندو. ڪيس ٻن ڏکن ۾ پورو ڪري ڇڏيندو، پر ائين نه ٿيو. ڪجهه لمحن جي وٿيءَ ڪان پوءِ پيءُ جي ڪاوڙ ڍري ٿيڻ لڳي. هاڻي هن ۾ ڏک ۽ بيوسي ڏيرو ڄمائڻ لڳي. اکين ۾ چيڪو ٿيڻ لڳيس، زندگي پر جا اهنج ۽ سور هن، جي چوگرد ڦري آيا. ڪيڏا نه صدما سنا هئائين. ڪيڏي نه تڪليفن ۾ گذاري هئائين سڄي زندگي، ننڍپڻ ڪان جواني ۽ جواني ڪان ٻڍاپي جي چائنٺ تائين هن رڳو پوڳيو هو. رڳو سور پيتا هئائين. ڪڏهن ڪڏهن خوشيون ڪنهن ساوٽي ڪڪريءَ جيان، وسڪارو ڪري ويندي‌ون هيون ۽ وري وارو ايندو هو غمن ۽ ڏکن جي ننهڻ اس جو، جنهن ۾ پيو سڙندو هو ۽ پڄرندو هو. ڪالهه جي ئي ته ڳالهه هئي. هن جي ڏکن کي پلئه ۾ ڪٽي هن جي وڪ سان وڪ ملائي هلندڙ هن جي ملوڪان مري وئي هئي. ڪيڏو نه تڙپيو هو. چرين جيان ڪُوڪُون ڪيون هئائين، رُنو هو، رڙيو هو، پر وڃڻ وارا ٻه ڪي ورندا آهن جو هن جي ملوڪان موٽي ها. ڏک ۾ خزان ٿي ويو، مائٽن شاديءَ لاءِ زور پريس ته ڪٽي ڪاري رنگ ۾ ڪپڙا ٻوڙائي ڇڏيائين، اڌ چريو ٿي پيو.

اڳي ڪڏهن ڪڏهن اسڪول ۾ ڪو چرچو پوڳ ڪري وننڊو هو. پر هاڻ اسڪول ويندو، بي دليو پڙهائي واپس موٽندو، شام ٿيندي ته زال جي قبر تي ڦل وجي پڙهندو. اها هيس زندگي، پلا اها به ڪا زندگي هئي. نه پنهنجو خيال نه ٽن سالن جي معصومڙيءَ جو ڪر


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

احساس، جا وارث هوندي بہ لاوارث ٿي وئي هئي. تڏهن الائي ڪيئن پري جي مائٽن ڪي ڊيٽس تي ڪهل اچي وئي، ڪيس گود ونڻ جي ڳالهہ ڪيائون. هن مڃيو، پر جڏهن ڏيڻ جو وقت آيو تہ ڦري ويو. ڊيءَ ڪي ڪٽي پاڪر ۾ لڪايائين. چيائين "مئي متيءَ جي نشاني بہ پالي نہ سگهان تہ پوءِ ٻڏي چونہ مران...؟

۽ ائين ڊيءَ سان موهہ وڌيس. هاڻي هن جو سمورو ڌيان ڊيءَ جي خوشين ڏانهن هو. ڪيس بي انتها پيار ڏيڻ لڳو. پنهنجي حيثيت کان وڌيڪ خيال رکيائينس، ڪير چوندو تہ پرائمري ماستر جي ڊيءَ هئي. قسمين قسمين ويس نين ڊزائينن تي ٺهرائي ڏيندو هوس. جيڏانهن ويندو هو پوليءَ وانگر هوءَ بہ چنبڙيل هوندي هيس. دنيا جهان کان ڪٽجي هڪ اهڙي دنيا جوڙي ورتي هئائين، جا هن جي ۽ ڊيٽس جي دنيا هئي، جنهن ۾ پيار هو، خوشيون هيون، ننڍا ۽ وڏا ٽهڪ هئا. ڊيٽس ميٽرڪ پاس ڪئي تہ فڪر وٺي ويس. مٽ مائٽن ڏي اچ وڃ شروع ڪري ڏنائين تہ اوچتو هو مري ويو. ها پيءُ مري ئي تہ ويو هو، جڏهن چوڪيدار اچي ٻڌايو هيس تہ ڊيٽس پڳي هئي. پڄندي پڪڙجي ٽاڻي وچي ويني هئي.

"چا...؟" پيءُ جون وايون ٻتال ٿي ويون هيون، چڻ تہ هن ڪي اهڙي سزا جو حڪم مليو هجي، جنهن ۾ هو روز مرندو ۽ روز جيئندو رهندو.

پوءِ ڪيئن نہ ماڻهن کان نظرون بچائي هلندو هو. رستي مان گذرندو هو تہ محسوس ڏيندو هيس چڻ تہ سڄس ڪارو منهن ڪري جلوس ڪڍيو ويو هجي ۽ ماڻهو ڪيس پوندا ۽ ٺڪون هڻندا هجن. ڪيڏي نہ عزت هوندي هيس ۽ ڊيءَ ڪيئن نہ پنهنجي نظرن ۾ ڪيرائي ڇڏيس.

پيءُ هڪ ڏکهو شوڪارو پري پاسو بدلايو تہ ڪٽ هن جي اهنجن وانگر چيچلائي ماٺ ٿي وئي.

گهري خاموشي هئي. سامهون رڳو ڊيءَ ويني هئي، جا منهن


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي ٻانهن ڏيئي ستل پيءُ ڏانهن نهاري رهي هئي. هوءَ ٿي تہ هئي، جنهن پيءُ کي جيئري ئي قبر ۾ لاهي ڇڏيو هو. هجومن جي وچ ۾ پيءُ جو پٽڪو لاهي، هن جي اڇن وارن ۾ ڌوڙ وڌي هئي.

۽ پاڻ، پاڻ ڪهڙي زندهہ هئي. آئي وئي جي نظرن ۾ پاڄوڪڙ هئي، ڪريل هئي. ڏجي ڏجي پئي ڳالهائيندي تہ متان ڪوگتو لفظ نہ نڪري ۽ موت ۾ ٻڌڻو نہ پئيس، پاڄوڪڙ...!!!

جڏهن بہ ڪو مهٽي يا طعني ۾ پاڄوڪڙ چوندو هيس، تڏهن ڪيڏو نہ زهر پريل محسوس ڪندي هئي ان لفظ ۾، ڄڻ تہ ڪيس سرعام سنگسار ڪيو ويندو هجي.

اها شام بہ ڪيڏي نہ اداس ۽ ٽڪل ٽڪل هئي. هر طرف چپ چپات هئي. جلال چانڊئي جي شوقين علوءَ هوٽل واري کي بہ الائي ڇا ٿي ويو هو. سارو ڏينهن هلندڙ ٽيپ رڪارڊ چپ هيس. نہ چيڙيون هيون نہ يڪتارو هو ۽ نہ جلال چانڊئي جو آواز هو.

انهن اداس گهڙين ۾ پوڙهو سبزيءَ وارو سڄي ڏينهن جي رولڙي کان پوءِ، گهر واپس وري رهيو هو. ريڙهي جو اڳيون ٽائر پنڪچر ٿي ويو هيس، جنهن ڪري ريڙهي ڌڏڪو پئي کاڌس.

گهر جي اڳيان لنگهيو تہ ٽڪل ٽڪل آواز ۾ هوڪو ڏنائين. هوڪي تي ڏيءُ ٽڪڙ ۾ جست جو ٿالهہ کڻي هن ڏانهن وڌي آئي. اگهن تي پڪائي ٿيڻ لڳي. پوڙهي جو قسم تي قسم ۽ هن جي پڪائي تي پڪائي.

۽ تڏهن نہ ڏنو هئائين تہ هن کي هو سامهون هوٽل تان ڪرسي ريڙهي هن ڏانهن ڏسي رهيو هو. هوءَ سبزي ونڻ ۾ مگن هئي. پوءِ اوچتو نظر ويس تہ کڻي در ڏنائين. ٻيهر کلون اچلائڻ آئي تہ وري ڏنائين تہ اهو اجان بہ اتي وينو هو ۽ هن ڏانهن ڏسي رهيو هو. ڄڻ پنڌ پَهڻ ٿي ويو هو.

الائي ڪير آ ماريو. ڪيس خوف ٿيڻ لڳو. پٽس اجان گهر نہ پهتو هو. تڏهن اوچتو هڪ انديشو ذهن ۾ ايريس، جي زوري گهر ۾ گهڙي اچي تہ مان ضائفان ذات ڇا ڪري سگهنديس. ٽڪڙ ۾ در ڏنائين.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوءِ هو روز اچڻ لڳو ۽ ڪنهن نہ ڪنهن بهاني هن جي گهر اڳيان اچي گذري ويندو هو يا ڪڏهن ڪنهن ٻار سان ڳالهائيندو تہ ڪڏهن ڪنهن سامهون واري پول کي ٽيڪ ڏئي پيو هن ڏانهن ڏسندو هو. روز جي ڪرت هئي.

۽ هڪ ڏينهن هن ٿورو گليءَ ٻاهر طرف پئي نهاريو تہ لفافو هن جي آڏو ڏئي، رفوچڪر ٿي ويو.

ڏيءُ پيرن تائين ڪنبي وئي هئي. جڻ تہ لفافي ۾ ٻڪ وچڻ جو بند هجي. تڪڙ ۾ لفافو ڪٽي ورتائين. ڏپ وڪوڙي ويس. جي ڪنهن ڏسي ورتو تہ پنيور کي باهہ لڳي ويندي.

در بند ڪري خط کوليائين. پڙهيائين تہ ساهن جي رفتار تيز ٿي ويس. خط ۾ نوجوان پنهنجي محبت جو ڏاڍو روايتي نموني اظهار ڪيو هو.

پوءِ ٻن چئن ڏينهن بعد نوجوان جا پيءُ ماءُ هن جي گهر آيا هئا.

پر پيءُ کي اهو رشتو قبول نہ پيو. ڏيءُ ڳالهائي نہ سگهي. فقط پيءُ ڳالهايو، ”پاڻ برادري کان ٻاهر نہ ڪندا آهيون. نہ ڏيون نہ وٺون...“ ٺپ جواب ڏئي ڇڏيائين. نوجوان جي ماءُ مسلمان هجڻ جو ڪمزور دليل ڏنو، پر پيءُ اتي بہ ذات پات جي فرق کي مضبوط هٿيار بڻائي ورتو. مائٽي نہ ٿي. ڏيءُ کي ڏاڍو ڏک ٿيو. ڪيڏو خوش گذاري ها اتي جتي سندس چاهيندڙ هو. جتي محبت جي نالي سندس پوڄا ٿئي ها، جنهن هن لاءِ خودڪشي ڪرڻ جي دعويٰ تي ڪئي. سو ڪيڏو سُکي رکيس ها، پر پيءُ پنهنجي هلائي. پڙهيل ڳڙهيل پيءُ ذات پات جي پراڻن پيچرن تي ليڪو ڪڍي ويهي رهيو. ٻئي جتي هئا اُتي ئي ويهجي ويا. پيءُ جو پاتل ليڪو نہ ڏيءُ اورانگهيو نہ ئي نوجوان ايڏي همت ڪري سگهيو.

پوءِ گهٽن ڏينهن کانپوءِ هڪ ڏينهن نوجوان وري ظاهر ٿيو. ڏاڍو ڏکي، ڏاڍو اُداس پئي نظر آيو. ڄڻ تہ سڄي دنيا جو غم سمائي ڇڏيو هئائين. پنهنجي اندر ۾، ڏاڙهي وڌيل، اکيون ڏار ڏنل، ڪيڏو نہ اجڙي ويو هو. ڪيڏو نہ بدلجي ويو هو. ڏيءُ جي سيني ۾ دل، ڪنهن بند پکيءَ جيان اڇل ڪاڏي. هڪ سڏڪو ايري ويس. هي ڪهڙو پيار هو،


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهن ۾ وڇوڙي جا سور ڪٽي جيئڻو تي پيو. نه ڳالهائڻ نه ٻولهائڻ، ڪجھه به هٿ حاصل نه. پوءِ ڇو ويهي ڏک ڏجن ۽ پرائجن، ڏيءُ جي اکين ۾ ڳوڙها پرجي آيا. هٿ جو اشارو ڪري اتان هٽي وڃڻ لاءِ چيائينس پر نوجوان وري به هن ڏانهن وڌي آيو.

پريان ماڻهو اچي رهيا هئا. علوءَ جي هوٽل تي جلال چانڊئي جي ڪيسٽ هلي رهي هئي. چپڙين ۽ يڪتاري جو آواز اچي رهيو هو. ماڻهن وٽ زندگي هئي، پر ڏيءُ جي اندر جڻ ته موت واسو ڪري ويو هو. خوف هن کي وڻ ويڙهي جيان وڪوڙي ويو. ڏيءُ ڪجھه به چئي نه سگھي. نوجوان ڳالهايو، "سياڻي صبح جو سادي چئين وڳي ايندس تيار هججانءِ..."

"نه، نه، نه اچجانءِ..." در جي اوٽ مان ڏڪندڙ آواز ۾ چيائين، "مان اها خواري نه ڪٽنديس..."

"صرف چند لمحن جي ميلاپ لاءِ اچجانءِ پوءِ وري نه ايندس اچجانءِ. وڇوڙي لاءِ اچجانءِ..."

پويان لفظ هن جي نڙيءَ ۾ ڦاسي پيا.

وڏي مشڪل سان پاڻ ضبط ڪيائين ۽ اتان هليو ويو.

۽ ڏيءُ ها ۽ نه جي وچ ۾ لڙڪي پئي. سچ پچ هيڏي وڏي آزمائش، ڪنهن کان صلاح وٺي ڪير ڪيس سنئين دڳ وٺي وڃي. ڪهڙو دڳ صحيح هو ۽ ڪهڙو غلط، تنهن جو فيصلو ڪري نه ٿي سگھي. هڪ پاسي پيءُ جي متي جا اچا وار هئا انا هئي ۽ ان جا پاتل ليڪا هئا ۽ ٻئي پاسي هن لاءِ موت کي پاڪر پائيندڙ نوجوان هو. هن جي آخري خواهش هئي. وڇوڙي کان اڳ ميلاپ جي ڇري چاهت هئي. آخر ڇا ڪري، ڪيئي پيرا فيصلو ڪيائين ته نه ويندي. ڇا تو لڳي اهو اوپرو ۽ اڻجاتل، نوجوان جو اداس چهرو هن آڏو ڦري تي ويو. ڏاڍو دکي ڏاڍو ويڳاڻو، تڏهن هيانءُ مُٺ ۾ تي اچي ويس.

سڄي رات ائين ئي گذري هُيس ٻُڏتر ۾، جيئن جيئن رات وهامڻ تي لڳي، تيئن هن جي پريشاني به چوٽ چڙهندي پئي وئي.

۽ پوءِ جڏهن نيڪ ساڍا چار ٿيا هئا ته هوءَ اٿي پير پير ۾ ڏئي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چورن وانگر در تي آئي. پريان چوڪيدار پنهنجي وجود جو احساس ڏيارڻ لاءِ رکي رکي سيٽي وڄائي رهيا هئا ۽ ان سان گڏ وڏي واڪ خبردار ٻه چئي رهيا هئا.

ٻاهر نوجوان يت سان لڳي بيٺو هو. ڏيءُ جي حالت هراسيل هرڻي جهڙي ٿي وئي هئي. خوف هن جي وڏين وڏين اکين مان ليئا ڪا ٿي پاتا. ساهه روڪي در ڪوليائين ۽ پوءِ ڏڙڪندڙ دل سان وڃي مليس.

نوجوان جو آواز ڳرو ٿي ويو. سامهون واري اونداهي پاسي ڏانهن هلڻ لاءِ چيائين. ڏيءُ انڪار ڪيو. نوجوان ايلاز ڪيا. نوڪلائي ۾ چند لمحا گهارڻ لاءِ زور ڀريائينس. پر هن جي سيني تي ڪنهن خوف جي سر رکي ڇڏي هئي. هڪڙو پير ٻه اڳتي پائڻ لاءِ تيار نه هئي. نوجوان ڏکياري لهجي ۾ ڏوراپو ڏنس. "جي ايڏي پڪي هئينءَ ته پوءِ چو آئينءَ، نه اچين ها. مان اهو سوچيو هليو وڃان ها ته منهنجي محبت هڪ طرفي هئي". ڏيءَ ڪجهه نه ڳالهايو. وري به نوجوان ڳالهايو. "پوءِ وڃان..." ڪيڏي آزي ڪيڏي نه التجا هئي هن جي دکي آواز ۾. ڏيءُ پاڻ کي ڪنهن ڪُوري ۾ جلندي محسوس ڪيو هو. هنياءُ ڀرجي آيس. ڪنڌ جي هلڪي اشاري سان ها ڪري، چپ چپ هن جي پٺيان هلڻ لڳي. هو هڪ گهٽي ڇڏي اسڪول جي پرواري خاموش حصي ۾ آيا.

پويان اجان گهڙيون به هڪ ٻئي سان گذاري نه سگهيا هئا. هڪ ٻئي کي ڇڳي طرح ڏٺو به نه هئائو. نه ساهه ساهن سان ٽڪرايا هئا ته وٺ وٺ ٿي ويئي هئي. پهري تي بيٺل چوڪيدارن ڪٽي هنن ڏانهن ڊوڙ پاتي. پوليس چوڪي ويجهي هئي. ٻئي پڪڙجي پيا. ٿاڻي تي ٻنهي ڏاڍو ليلايو. ايلاز ڪيا. ٻانهون ٻڌيون. ڪارو ڪاري تي وڃڻ واري خوف جو اظهار ڪيائون. رنا، پٽيا واسطا وڌائون، پر اڳيان پوليس هئي، ڏاڍي هئي ڪجهه به نه ورين.

ٿاڻي جي يت تي منهن گوڏن ۾ لڪائي ڏيءُ روئڻ لڳي. ڏيءُ لاءِ زندگي جو هيءُ روپ ڪيڏو نه بڇڙو، اذيت ڀريو ۽ شرمناڪ هيو. اوپرن ماڻهن وچ ۾ پڳل عورت هجڻ جو احساس هن کي اندر ئي اندر


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر هڪ ڏينهن وچي کھاڙي ڪنيائين. ڪنهن ماڻهوءَ زال جي ماضيءَ جو طعنو ڏنو هوس. مڙس سهي نہ سگهيو. غيرت ۾ اچي ويو. سس سهرو وچ ۾ نہ اچن ها تہ ماري وجهيس ها... هن، ڪي ڏيءُ مٿان ترس اچڻ لڳو. هن کي محسوس ٿيڻ لڳو تہ ڏيءُ جي بدناميءَ ۾ هو بہ ايترو ئي حصيدار هو، جيترو سندس ڏيءُ هئي. هو ئي تہ هو جنهن نوجوان سان هن جي شادي نہ ڪري پنهنجي ۽ ڏيءُ جي ننڍڙي دنيا کي باهہ لڳائي ڇڏي هئي.

هاڻي هن کي وري نوجوان ياد اچڻ لڳو، جنهن جي اڳ ڪيڏي نہ بي عزتي ڪئي هئائين. سيني آڏو گاريون ڏنيون هئائين. ڌڪ هنيا هئائين، پر هن موٽ ۾ ڪجهہ بہ نہ چيو هو.

هاڻي هن کي پنهنجيءَ وڏي ڏيءُ تي قياس اچڻ لڳو. ڏيءُ هن وقت زندگيءَ جي جنهن موڙ تي بيني هئي، اتي ڪنهن وٽ بہ هن لاءِ همدردي نہ هئي. پنهنجائپ نہ هئي. پيار نہ هو، نفرت هئي، هاڻي تہ ڪيس ڪارو چور بہ قبولڻ لاءِ تيار نہ هو. تڏهن نوجوان ڪيئن نہ هن لاءِ وري پنهنجائپ کڻي آيو هو. همدردي کڻي آيو هو، ڪيئن نہ اليڪٽرڪ پول وٽ بيهي گونگي آچ ڏني هئائين ۽ پيءُ ڪيڏي نہ ڪنورتا سان موٽ ڏني هئي، بنا سوچڻ ۽ سمجهڻ جي.

پيءُ جي دل هاڻي پرجي وئي. نڙيءَ ۾ هلڪو هلڪو چيڪو ٿيڻ لڳس. ڄڻ ڪجهہ نڙيءَ ۾ ڦاسي پيو هجيس. هو اٿيو، ڪليل وارن واري مايوس ۽ غمگين ڏيءَ ڏانهن ڏٺائين ۽ ٻاهر نڪري ويو.

ٻاهر هر شيءِ تي اداسي ڇانيل هئي، ڄڻ ڪنهن ڏاڍگڻ وڏي ڏک منجهان آهہ ڀري هجي. سج ڦاسي گهاٽ جي قيديءَ وانگر اُخري پساهہ کڻي رهيو هو. ڪو هل هنگامو ڪونہ هو، ماڻهو ڄڻ ڪنهن جي پٽر تي گڏ ٿيا هجن.

تڏهن انهن اداس گهڙين ۾ پيءُ هڪ فيصلو ڪري ورتو، ذات پات جي پراڻن پيچرن تي پاتل ليڪا پاڻ ڊاهڻ جو فيصلو. هو موت جهڙي اداس ماحول مان نڪري نوجوان جي گهر ڏانهن هلڻ لڳو.

●●●


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رحمت الله ماجوٺي

# ڪجهه پلئه پيو!؟

”هن شهر ۾ جڏهن به ڪا پراڻي عمارت ڊاهي وڃي ته ڄڻ، مون کان منهنجي ڪا سڃاڻپ ڦري تي وڃي، پراڻي عمارت جي جاءِ تي ڪا ”اوپرائپ“ پلازه جو روپ وٺي بيهي ٿي رهي ۽ ڄڻ منهنجي ۽ ڪراچيءَ جي وچ ۾، نظر نه ايندڙ لوهي ڪنڊن جي تارن ۾ هڪ وڏيڪ تار ڇڪجيو وڃي، جنهن تي لتڪيل ڪو نظر نه ايندڙ نوٽيس بورڊ، ’خبردار تار کي ڇهڻ جي ڪوشش نه ڪجو‘ منهنجا ويچارا ڪيڏڻ لڳندو آهي.“

ارجن ڪا به ورندي نه ڏني ۽ ميز تان گلاس کڻي سُرڪ ڀرڻ لڳو، مون فليٽ جي ڳڙکيءَ مان اشارو ڪندي چيو:

”هو نئون اڏيل پلازه ڏسين پيو، اڳ ان جي جاءِ تي پٿر جي جا عمارت هئي سا نه منهنجي لاءِ وڏو اهڃاڻ هئي. ننڍپڻ ۾ بابا سان گڏ موٽر ۾ ڳوٺان ايندي، شهر ۾ داخل ٿيڻ شرط ئي منهنجون نظرون هن عمارت کي سڙڪن تي ڳولڻ لڳنديون هيون، ڇوته تن ڏينهن، ان عمارت جي پوئين پاسي اسان جي مائٽن جا گهر هوندا هئا.... ڪيڏي نه پنهنجائپ هئي، ان جاءِ سان...“

مون ڳيت ڏيئي گلاس خالي ڪري ڇڏيو. ارجن پٽڪڻ وانگر ڳالهايو، نشي ۾ ٻڏل آواز، جيڪڏهن اهو جملو لکي ها ته ڪيس ڪيترا نه فُل اسٽاپ ۽ ڪامائون، ڏيڻيون پون ها.

’توهان ليکڪ، وسڪي پي، قومي مسئلن تي ڳالهائيندي صفا ڦِڪا ڪونه ٿا ٿيو.... عمل ڪان ڪورا.“ لفظن ۾ طنز ۽ ڪاٽ.

مون ٽيون پيگ ٺاهي ورتو. چيم:


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”سياستدان بہ وري کھڙو عمل تا ڪن، جلسن ۾ ڏاڙون هڻن ۽ نعرا هڻائن، جيڪڏهن ’عمل‘ آهي تہ پوءِ ليڪڪ جو لکيل ڪو هڪ جملو بہ عمل آهي. هونئن بہ نعرن کان اڳتي ’عمل‘ جو شايد چوٿون آسمان آهي، جتي اسان جي ”جبرئيل“ جهڙن سياستدانن جا پَرَ سڙيو تا وڃن.“

ارجن ماٺ رهيو ۽ گلاس خالي ڪري، پرڻ لڳو. گلاس ميز تي رکڻ جو هلڪو آواز، بوتل مان وسڪي اوتجڻ جي موسيقي، وال ڪلاڪ جي ٽِڪ ٽِڪ، ڏور ڪان لنگهندڙ ڪنهن گاڏيءَ جو آواز. نہ تہ ماٺ ئي ماٺ. رات جي هن مهل شايد شهر بہ سمنڊ جي جوٺ تي ڪنڌ رکي سمهي پيو آهي. ارجن منهنجو ننڍپڻ جو دوست آهي، بہ دوست ساڳيائپ جا شڪار، قدبت ساڳيو، گوٺ ساڳيو، پاڙو ساڳيو، ساڳين ڪلاسن ۾، ساڳين اسڪولن، ساڳين ڪاليجن ۾ انٽر تائين گڏ پڙهياسين، شاطراڻيون سوچون ساڳيون، خُنام ساڳيا تہ خنامن جا طريقا بہ ساڳيا، زندگيءَ ۾ پنڪي آيل رنگين يا سنگين اتفاق بہ ساڳيا. بس ڪو فرق آهي تہ اهو، جو هو انٽر کان اڳتي پڙهي حيدرآباد ۾ چڳيرڙي نوڪري ونئي ويو ۽ آءٌ ڪراچيءَ جي هڪ سنڌي اخبار ۾، سياسي ڪارڪنن جي پريس رليزن جي صحت سڌارڻ ۾ شام جون اخبارون ڇٽي پنهنجي اخبار جو پيٽ پرڻ وارو صحافي ٿي پيس.

ارجن اڄ پاپيءَ سان گڏ پهريون پيرو مون وٽ ڪراچي آيل آهي. پاپي شيلا ۽ منهنجي زال زينون، اندرئين ڪمري ۾ خبر ناهي ڪهڙين دنيائين جون خبرون پيون ڪن. اها ڳالهہ ضرور آهي تہ وچولي ڪلاس جي پڙهيل لکيل زالن جي دنيا بہ ڏاڍي محدود هوندي آهي، بازار ۾ آيل نوان ڪپڙا ۽ سلائيءَ جا فيشن، زيور، پرپاسي ۽ واقفڪارن جا تيل سگ سياڪا، چاول ٻار، تن جا نالا ۽ بس!! اها اٿن ڪُل دنيا، جن جي حياتي ادائي ڪٿا.

”توهان وينا آهيو، مون سمجهيو سمهي پيا آهيو، ڳالهائڻ ئي بڌڻ ۾ نہ پيو اچي“. منهنجي زال زينو، خبر ناهي ڪيڏي مهل ڪمري


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ آئي هئي.

”پاپي! تنهنجو مڙس مراد آهي خيرن سان دانشور، پيئڻ کان پوءِ بہ نتو سڌري، سياست جو سُرو لڳل اٿس... هن عمر ۾ ئي متو کُسي ويو اٿس، باقي ڪي وار آرڪيالاجيءَ وارن جي مدد لاءِ رهيا آهن تہ جيئن سڄاٽي سگهن تہ مُني صدي قبل مسيح ۾ اهو متو هوندو هو.“ زينوءَ ٺهڪ ڏنو.

چيم: ”ڪيڏو بہ نشي ۾ هجين، پر ’دانشور‘ واري گار معاف نہ ڪندومانءِ.“

”پاپي! پلا شيلا سمهي رهي چا؟“ ارجن منهنجي ڳالهہ ان ٻڌي ڪندي زينوءَ کان پڇيو.

”ها، چپائين تي صبح جو 5 وڳي حيدرآباد روانا تي ويندا سين... آرام تي ڪريان.“

”چو؟ پنجين وڳي چو؟“ مون کي ڳالهہ نہ وڻي.

”يار! توکي جو هيترو ٻڌايم تہ سياٽي وقت تي ڊيوٽيءَ تي پهچڻ ڪيترو ضروري آهي... پر بہ ڊڪ پيتا اٿئي تہ سڀ وِسري ويئي.“

”اوه ساري“، مون کي ياد آيو.

”ڪافي وقت تي ويو آهي، هيترو پيتو اٿو، هاڻ تہ آرام ڪريو.“ زينوءَ اسان ٻنهي کي مشورو ڏنو.

”نہ پاپي نہ،“ ارجن جهومندي چيو. ”گهٽ ڏينهن کان پوءِ گڏيا آهيون ڪجهہ تہ ڪچهري ڪيون.“

”توهان جي مرضي... ارجن! توهان تڪجو تہ پوءِ اورئين بيڊروم ۾ سمهي رهجو، شيلا بہ اتي سُتل آهي.“ زينوءَ چڻ تہ ”ڪا ڳالهہ اسان ٻنهي کي سمجهائي ڇڏي.

”آئون هاڻ آرام تي ڪريان، صبح ڊيوٽيءَ تي وڃڻو آهي.“

”ها! تون وڃ، تنهنجي هيڊمسٽريس جو پارو دير سان اچڻ تي ٻاڙهي ليڪ ٽپي ويندو آهي... آءٌ چپ تڪا ڪري اچان ٿو.“

ارجن ٺهڪ ڏنو.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زينوءَ جي چهري تي حجاب جي ڪنوڻ ڪنوي ويئي، هوءَ وچڻ لڳي ۽ ان مهل لائيٽ ويئي هلي. ارجن بنا ڪنهن لحاظ جي ڪي، اي، ايس، سي جي نالي ڪچي گار 'تي'، سي. ايس' ڪري ڇڏي. "ماچس باريو تہ توهان کي ڪا ميڻ بتي ڳولي ڏيان." زينوءَ چيو. مون احتياط سان ٽاڦوڙا هڻي ماچيس ڳوليو. متان ٽيبل تي پيل ڪو گلاس اونڌو ٿي پوي ۽ مري، الله سائينءَ کي جواب نہ ڏيئي سگهان. تيلي، باريم تہ زينوءَ مون کان ماچيس وٺي اندرين ڪمرن ڏانهن هلي ويئي ۽ ڪجهہ دير کان پوءِ ٻرندڙ ميڻ بتيءَ کي هٿ جي اوٽ ڏيئي کڻي آئي.

"بس، اها هڪ ئي اٿو."

مون ڪانئس ميڻ بتي وٺي، ٽيبل تي لڳائي ڇڏي.

"اوهان کي تہ ميڻ بتيءَ جي ضرورت ڪانہ پوندي نہ؟" ارجن پڇيو.

"نہ اسان کي سمهڻو آهي، ميڻ بنيءَ کي ڇا ڪنداسين... مان هاڻ آرام تي ڪريان.... توهان کي هاڻ ڪنهن شيءِ جي ضرورت تہ ڪانہ پوندي نہ؟"

مون کان رهيو نہ ٿيو، چيم: "ضرورت پئي تہ تون پري تہ ڪانہ آهين."

ارجن ٺهڪ ڏنو، زينو ويئي هلي ۽ اسان جي ٻڌڻ لاءِ گهڙيءَ جي ٽڪ ٽِڪ يا ڪنهن ڪنهن مهل ماچيس جي ڪُڪ تي نيلي جي رهڙجڻ جو آواز، رهجي ويو. خبر ناهي ڪيترا گلاس خالي ٿي چُڪا هئا. اکين جا ڇپر هاڻ تہ مڻ مڻ جا ٿي پيا هئا. ايش ٽري ڪنهن آمريت واري ملڪ ۾ جمهوريت پسند ڪارڪنن جي اجتماعي قبر وانگر ستيو پيو هو.

"قبرستان جهڙي ماٺ ٿي ويئي آهي." ارجن ڳالهايو:

"ڇا پاڻ وٽ هاڻ ڳالهائڻ لاءِ ڪجهہ بہ نہ رهيو آهي؟" لفظن ۾ نهراڻ، ڪامائون ۽ فل اسٽاپ.

"لطيفو ٻڌايانءِ؟"

چيم: "تنهنجو لطيفو، لطيفو گهٽ الجبرا جو حساب وڌيڪ هوندو آهي... ۽ جي مون کي حساب ايندا هجن ها تہ انجنيئر بنجان ها... سنڌي قوم متحد ٿي ٻڌي ڪري.... چار مصلح هٿياربند اهو ڪري فرار


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي پڄي ويا... فلاڻي مطالبو ڪندي گهر ڪئي آهي.... جهڙا پريس رليز ناهيندڙ صحافي نہ هجان ها.” خبر ناهي منهنجي لفظن مان بہ گهڻا چٽيل هئا، ڪيٽريون ڪامائون ۾ فل اسٽاپ هئا. ارجن پر ۾ پيل ڪرسي گهلي، ڪرسيءَ جي پُٺ تي ٻئي هٿ رکي، مٿن ڪاڏي ٽڪائي چڙهي، ائين جيئن ساڌو تپسيا ۾ ويهندا آهن.

“ٻُڌ لطيفو....!”

“زبردستي!”

“ها... زبردستي” ارجن لطيفو ٻڌائڻ لڳو: “هڪ همراهہ پنهنجي گرل فرينڊ کي چيو: “اڄ پاڻ سئينيما ۾ فلم ڏسڻ هلنداسين ۽ سئنيما جي بلڪل آخري قطار ۾ ڪنڊ ۾ ويهنداسين.”

“اتي سيٽ نہ ملي تہ!؟” ڇوڪريءَ پڇيو.

“تہ پوءِ فلم ڏسنداسين.” ارجن ائين چئي ماٺ تي ويو.

آئون خاموش، ڪيس ڏسندو رهيس، بنهہ ائين جيئن ڊش اينٽينا جا ڏٽي، اسٽار تي وي ڏسندا آهن. ارجن جي هڪ اک هيٺ ۾ ٻي مٿي تي ويئي، ڄڻ سامهون وچينءَ جو سڄ هجيس.

“ڪجهہ پلئہ پيو؟.... يا مٿي تان گذري ويو؟”

مون واقعي ڪجهہ نہ سمجهيو هو ۽ جڏهن ارجن مون کي لطيفو سمجهايو تہ مون کلڻ جي ڪوشش ڪئي. سچي ڳالهہ اها آهي تہ ان پل مون کي بي عزتيءَ جو احساس پئي ٿيو. اهو نشي جو اثر هو يا ٻيو ڪجهہ، جو ڪُرسيءَ جي پُٺ تي ڪاڏي ٽيڪي ويٺل ارجن مون کي ان پَل وڏو مڪار پئي لڳو، دل ۾ آيو تہ ڪيس پريل گلاس ڦهڪائي ڪڍان.

“ٻيو ٻڌايانءِ”.

“يار، هاڻي بس ڪر! تنهنجا لطيفا، منهنجي سمجهہ کان زور آهن، ايترو پيتو اٿئون جو هاڻ اصل ڏاڍا پيا وٺيون.”

“بہ همراهہ هئا... ڏيان سان ٻُڌ”! ارجن ساڳئي نموني ڪرسيءَ جي پٺ تي ڪاڏي ٽڪايو ويٺو هو.

“ٻڌان پيو”، مون پنهنجو سڄو ڌيان ڌانهس ڪري ڇڏيو،


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪڏهن ارجن جو لطيفو نہ سمجهي سگهيس ۽ هن ساڳئي نموني هڪ اک هيٺ ۽ ٻي مٿي ڪري چيو: ’ڪجهہ پلئہ پيو‘ تہ شايد آءٌ پاڻ تي ضبط نہ ڪري سگهان.

’ڊيان سان ٻڌ‘ ارجن هرهڪ لفظ تي زور ڏيئي لطيفہ ٻڌائڻ لڳو.

”تمام گهڻو سيءُ هو، ٻہ همراهہ پراڻي ڪٽاري موٽر سائيڪل تي ويا پئي، پويان ويٺل همراهہ جي ڇاتي ڏڪڻ لڳي، هن ڇا ڪيو جو ڪوٽ لاهي، ڪوٽ جي پٺ اڳيان ڪئي ۽ بٽڻ پنيءَ تي بند ڪري ڇڏيا. اوچتو هڪ وڏو جمپ آيو، پويان ويٺل موٽرسائيڪل تان ڪري پيو. اڳيئن ڪي خبر ئي ڪونہ پيئي، ڪجهہ اڳيان وڃڻ کان پوءِ کيس احساس ٿيو تہ همراهہ ڪٿي ڪيرائي آيو آهيان، هو موٽر سائيڪل موڙي واپس ٿيو. هڪ جاءِ تي ڏسي تہ ڪجهہ همراهہ ميڙ ڪيو بيٺا آهن ۽ سندس ساٿي هيٺ پيو آهي. بيٺلن کان پڇيائين: ”همراهہ ڪيئن آهي؟“

هڪ ڄڻي چيو: ”پهريائين تہ ڪجهہ ڳالهايائين پئي، پر اسان ڪنڌ سڌو ڪيو اتس تہ ڳالهائي ئي ڪونہ ٿو.“ ارجن جي هڪ اک هيٺ ۽ ٻي مٿي تي ويئي. پڇيائين ”ڪجهہ پلئہ پيو!؟“

سچ پچ تہ هن ڀيري بہ مون کي ڪجهہ پلئہ نہ پيو. ارجن مون کي اهڙي نموني ڏسڻ لڳو، ڄڻ آئون ڪو صفا بيوقوف ماڻهو هجان. منهنجي اندر ۾ ڪروڌ پرجي ويو. ارجن ڪرسيءَ جي پٺ تان ڪاڏي هٽائي ڇڏي، پر سندس اک ساڳي طنزيہ نموني هيٺ ۽ ٻي مٿي هئي. ساڳيو وچينءَ جو سچ سامهون هئس.

”ڪجهہ پلئہ پيو؟“ هن ساڳئي نموني ٻيهر پڇيو.

مون کي ڏاڍي ڪاوڙ آئي، پاڻ تي ضبط ڪندي چيم ”ڇڏ لطيفن کي.... هاڻ سمهڻ گهرجي.“ ارجن وال ڪلاڪ ڏانهن ڏٺو ”ساڍا ٽي تي ويا آهن، هاڻ سُتس تہ 5 وڳي نڪري نہ سگهندس.... لطيفو تو ٻڌايانءِ.“ مون کي لڳو ڄڻ چوندو هجي، اجا تنهنجي بيعزتي تو ڪريان. آءٌ ڪرسي تان اٿيس.

”ڪيڏانهن!!!؟“


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”اڇان تو“ منهنجي ذهن ۾ شيطان پئي نچيو، ارجن ڪرسيءَ تي ذري گهٽ ليٽي اکيون ٻُٽي ڇڏيون، آءٌ وڏي مشڪل سان هلندو، بيڊروم ڏانهن وڌيس.

”ارجن توهان ٿڪو ته اورئين بيڊروم...“ منهنجي زال جا ڳالهايل لفظ، هن مهل منهنجا رهنما هئا ۽ اوندهه منهنجي رازدار، آءٌ شيلا جي پلنگ تي پهچي ويس. موٽي ڊرائينگ روم ۾ آيس ته ارجن ساڳئي نموني اکيون ٻوٽي، ڪرسيءَ تي ليٽيل هو. مون کيس جاڳائڻ مناسب نه سمجهيو، جيڪڏهن ارجن به شيلا وٽ ويو ته....!! مون کيس ائين ئي رهڻ ڏنو. ان مهل ميڻ بتي به موڪلائي ويئي. آءٌ پر ۾ پيل صوفي تي ليٽي پيس.

منهنجي اک کلي ته وال ڪلاڪ 8 ٽيڻ جي چُغلي پئي هڻئي، ڪرسيءَ ڏانهن ڏٺم، ارجن ڪونه هو. منهنجي ذهن ۾ راتوڪي ڪيل واردات ڦري آئي، پڇتاءُ جو احساس نانگ جيئن ڪر ڪڍي بيهي رهيو. جو ڪجهه وهيو واپرايو هو، ڪنهن منظر جيئن منهنجي ذهن جي اسڪرين تي اسٽل ٿي ويو، زينو جهونگاريندي ڪمري ۾ داخل ٿي، ڏاڍي سرهي پئي لڳي.

”اسڪول نه وئي آهين؟“

”بس هاڻي وڃان پئي، چيم توکي اٿاري پلنگ تي سمهاري وڃان“

پڇيم: ”ارجن ۽ شيلا ڪيڏي مهل ويا!؟“

”خبر ناهي؟ مون کي ته جاڳايائون ئي ڪونه،“ هوءَ صوفي تي ويهي رهي، منهنجو مٿو پنهنجي هنج ۾ ڪري، هڪ ڪِس ڪندي چيو:

”رات ڇا ٿي ويو هيئي... هيءَ ڏس چڪ پاتو اٿئي.“ هن ڳلي ڏانهن اشارو ڪيو. مون چرڪي ڳلي ڏانهن ڏٺو، مون کي ڳلي تي به ڏند نظر آيا، پوءِ سڄو چهرو، چهرو ڪرسيءَ جي پٺي تي ٽڪيل، هڪ اک هيٺ ٻي مٿي، چڻ وچينءَ جو سڄ سامهون هجيس، چهري تي مڪاري واريءَ مُرڪ چپ چوريا، ”ڪجهه پلئه پيو!!؟“

●●●


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پرجهيئہ تنهن کان پوءِ...!

ميڪ- اپ ڪي آخري ٽچ ڏيندي هن گهڙيال ڏانهن نظر ڊوڙائي تہ هٿ ڏڪي ويس. ”اڄ تہ سطوت پڪ ئي پڪ ناراض ٿيندي!“ هن هوريان پٽڪيو. هن چپن تي احتياط سان لپ گلوز لڳايو ۽ ڪنن جي پاپڙين وٽ ڳچي تي ڪوبرا اسپري ڪري، هڪ تنقيدي نظر آئيني ۾ نظر ايندڙ ڪيوٽ سراپي تي وڌي، بي اختيار چپن کي ڊيمائي سان ڪوئي، آرسيءَ ڏانهن Flying Kiss اڇلايائين ”شانو ڊرائيور کي چئہ تہ گاڏي ڪڍي.“ هن دروازي ڏانهن منهن ڪري رڙ ڪئي ۽ جلدي جلدي ميچنگ شوز پائي ٻاهر نڪتي، جت ڊرائيور سندس لاءِ در ڪوليو بيٺو هو.

”اڄا بہ نہ اچين ها!“

سطوت کيس ڏسڻ شرط پريان کان ئي دانهن ڪئي. ”Happy Birthday“. هن کيس پريزنٽ ڏيندي وش ڪئي تہ هن ڪاوڙ ڀُلائي کيس گلي لڳايو، سطوت جي ڪمري ۾ گهڙڻ سان کيس ائين لڳو. ڄڻ آوازن جي نياگرافال جي پرسان اچي وئي هجي. فل آواز ۾ ڊيڪ وڄي رهيو هئو ۽ ان ۾ ڇوڪرين جا بي فڪر ٽهڪ بہ رکي رکي پئي گونجيا. کيس ڏسندي سڀ خاموش ٿي ويو. ”اڙي، هي وقت آ تنهنجي اچڻ جو؟“ سين گڏجي هن تي هلان ڪئي.“ Sorry dear پر ڏسو نہ، انسان کي ڪا مجبوري بہ تہ ٿي سگهي ٿي!“

”هل- هل وڏي آئي مجبورين جي ماسي. ائين چو نٿي چئين تہ توکي ننڊ اچي وئي هئي.“ چوري پڪڙجڻ تي هوءَ ٿوٽ- پيسٽ جو اشتهار بڻجي وئي. سطوت کيس ٽيبل تي وٺي آئي، جتان ڪيڪ جو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽڪرو ۽ پينرول ڪٽي هوءَ واپس صوفا تي اچي ويٺي. سطوت هن لاءِ ۽ پاڻ لاءِ سيون اپ ڪٽي آئي. عائشہ وري ڊيڪ کي واليوم ڏنو ۽ سطوت جو ننڍڙو پائنيو ڊانس ڪرڻ لڳو ۽ عائشہ بہ ويٺي ويٺي ايڪشن هڻڻ لڳي.

جيئن ئي هن پليٽ سائيڊ ٽيبل تي رکي، تہ نبيلہ اچي سندس پاسو ورتو. ”هاڻي لهہ ميدان تي.“ هن ڪيس ٻانهن کان ڇڪيو.

”نہ اڄ نہ“ هن پنهنجي ٻانهن ڇڏائيندي عذر ڪيو.

”چو چو! صبا جي گهر ون- ڊش ۾ تہ سين کي ماري وئي هئينءَ باقي منهنجي مهل، اڄ نہ!!“ سطوت کي ڪاوڙ اچي وئي.

هوڏانهن ڊيڪ تي انڊين گاني جي ابتدائي ٽيون گونجڻ لڳي.

”هاڻي اٿ بہ ڪٽي. نخرا ڇڏ، مون کي توکان بدلو وٺڻو آ.“ نبيلہ وري ڪيس ٻانهن کان ڇڪيو.

”پليز توهان سمجهڻ جي ڪوشش ڪيو. منهنجي طبيعت ٺيڪ ناهي.“

”چو، ڇا ٿيو آ! سائين جن کي ڪهڙو مرض لڳو آ؟“

”بس، آهي ڪو بين الاقوامي مرض“ هن مرڪندي، اطمينان سان صوفي تي ٽيڪ ڏيندي چيو.

”اوهہ!!“ نبيلہ مايوسيءَ وچان هن جي ٻانهن مان هٿ ڪڍيو.

”ڏس بهانو تہ نہ پئي ڪرين؟“ سطوت بي يقيني مان پڇيس.

”جيئں چئين تيئن يقين ڏياريانءِ، جي چئين تہ...!“

”هاڻي نهيو- مان تہ ائين ئي پئي چوان.“ سطوت شڪي ٿيندي چيو ۽ هوءَ دل ئي دل ۾ ٺهڪ ڏيڻ لڳي. موڊ جي خلاف هوءَ ڪوبہ ڪم نہ ڪندي هئي ۽ اڄ بہ سندس موڊ نہ هيو.

ڪمري جي مرڪزي لائٽ آف ڪئي وئي. زيرو بلبن جي مڌم ۽ خوابناڪ روشنيءَ ۾ نبيلہ جي ٽڪي ڳاڙهي پشواز تي ٽاڪيل ستارا ۽ ٽڪون جرڪي رهيا هئا.

هوريان هوريان تاڙين جي ردم تي، هن اسٽيپس ڪنيا. ڊيڪ جي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فل واليوم سان هر آهنگ تاڙين جي گونج ماحول کي هڪدم نهايت Exciting بڻائي ڇڏيو هو. نبيلہ جي پينسل هيل جڻ تہ ڪنهن آئس شيٽ تي ترڪي رهي هئي. سندس ڊانس جو اسٽائل اڄ مڪمل سيڪُئنس ۾ هئو.

”مون سان مقابلي جي ضد ۾ لڳي ٿو ڏاڍي محنت ڪئي اٿئين.“

هن بي اختيار سندس ساراهہ ڪئي ۽ سطوت بہ هاڪار ۾ ڪنڌ لوڏيو.

”چو يلا، بينا نہ ٿي ڏسجي“؟ هن اوچتو چوڪربن تي نظر وجهندي پڇيو.

”توکي خبر ناهي؟“

”ڪهڙي خبر؟“

”اڙي، هوءَ ڪراچي شاپنگ لاءِ ويل آ، اينڊڙ هفتي سندس مڱڻو آ“

”چا!“ ڪونج جي رڙ ڊيڪ جي آواز ۾ دبجي وئي.

”تون آهين ڪهڙي دنيا ۾؟“ سطوت طنز ڪيس.

”يلا، آهن ڪير؟ پنهنجي خاندان ۾ تہ ڪيّس ڪو پسند ڪونہ هو“.

”خبر ناهي. پر ڪانہ ڪا خاص ڳالهہ آهي ضرور. بينا مون کي چيو هو، توهان سين لاءِ هڪ شاندار سرپرائز آهي. مونَ گهڻيون ئي هيناهيون متاهيون ڏنيون مانس، پر هوءَ بہ پورن ڏينهن جي آهي، مجال آ جو ڪا ڀڙڪ بہ ڪڍي هجيس.“

”اڇا... ڇئبو تہ ڪا وڏي آسامي آهي.“

”لڳي تہ ائين ئي ٿو. پر ڳالهہ صرف ايتري ناهي. اِن سسپنس جو ڪو ٻيو بہ ڪارڻ آهي.“

”خير، اها خبر پئجي ويندي“. پوءِ هو ان ماحول کي انجواءِ ڪرڻ لڳيون. نيڪ هڪُ هفتي ڪان پوءِ سڀ بينا جي گهر جمع ٿيون هيون. دعوت ۾ رڳو بينا جا ويجها مٽ مائٽ ۽ سهيليون شامل هئا. هنن ڪيس گهڻائي وجهہ وڌا، پر هوءَ بہ هڪَ نِنر هئي، مجال آ، جو ڪجهہ ٻڌائي. بس شرارت وچان مرڪندي رهي ۽ هو جڪ ’ڪائينديون رهجي ويون.

هو سڀ بينا جي ڪمري ۾ ڌمال وجهيون وينيون هيون. ڪونج


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪجھ گھڙين لاءِ ٽيرس ۾ اچي ويٺي. تازي هوا ۾ هن پاڻ کي انتهائي فريش ٿيندي محسوس ڪيو. تڏهن هن ڇئن پنجن ڪارن جو مختصر جلوس گيٽ ڪان اندر داخل ٿيندي ڏٺو. ڪيس خوشي ٿي ته گهٽا ماڻهو نه آهن. گاڏين جا در ڪلڻ ۽ بند ٿيڻ لڳا. هوءَ مٿان بيٺي بيٺي اندر ويندڙ ماڻهو ڳڻڻ لڳي... سورهن عورتون، ٽي ٻار ۽ نوَ مرد. هوءَ آڱرين تي ڳڻي رهي هئي، ڄڻ ته تسبيح پڙهندي هجي. ”شڪر آ، هڪ ئي ڦيري ۾ ماڻهو پورا ٿي ويا!“

هن آخري ڪار مان نڪرندڙ آخري ۽ اناويهين ماڻهو کي آڱوٺي جي پاڙ تي رجسٽر ڪندي سوچيو ئي پئي، ته اوچتو ان هينڊسم شخص مٿي نهاريو. سندس مک تي سجيل مرڪ گواهه هئي، ته هو شروع ڪان سندس باراٺي حرڪت واچ ڪري رهيو هو.

”اوهه منهنجا خدا!“ هوءَ پهرين ته گهٻرائجي وئي، پر اڳئين لمحي سندس يادداشت ڪيس حيرتن جي چوٽين تي رسائي ڇڏيو.

”هي ته! هي ته ساڳيو ئي ڇوڪرو آ، ته ڇا گهوٽ به؟“ هوءَ هڪدم پوئين پير ڪمري ۾ آئي ۽ در کولي ڪاريڊور ۾ نڪري آئي. هيٺ، ڊرائينگ روم ۾ بينا جا مٽ مائٽ مهمانن جو آڌرڀاءُ ڪري رهيا هئا. هوءَ ٻنهي هٿن سان ڏاڪڻ جي ريلنگ جهلي، ٿورو جهڪي هيٺ ڏسي رهي هئي. جيئن ئي بينا جي امي گهوٽ ماءُ کي هار پارائي هٽي، ته ڪيس انڪل سان پيرين پئي ملندڙ گهوٽ نظر اچي ويو.

”اڙي!! هي ته ساڳيا ”المنظر“ وارا ڇوڪرا آهن.“ پرشوخ آوازن تي ڪونج پوئتي مڙي ڏٺو. سڀ ڇوڪريون سندس پرسان اچي بيٺيون هيون ۽ اهو حيرانيءَ پريو جملو نبيله، سطوت ۽ عائشه جي واتان هڪ ئي مهل نڪتو هو. پوءِ هو هڪ ٻئي مٿان ڪرنديون اندر ڀڳيون. ”ذليل، ڪُتي، ڪيڏي نه گهُٽي آهين.“ هو سڀ بينا کي ورائي ويون ۽ هوءَ ويچاري هنن جي ڪتڪتائي ڪان بي حال ٿي پئي. ”سچي اڳ ۾ ته مون کي به خبر نه هئي، پر جڏهن مان تصوير ڏٺي ته سوچيم، توهان کي سرپرائز ڏيان“ هو ڪلندي، وضاحتون ڪندي ڏاڍي پياري پئي لڳي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کنوار کي سينگاري هو سڀ ڪيس هيٺ وني آيون. مگڻي جي رسم شروع ٿيڻ سان ڪيمرائن ۾ روشنيون اڇلڻ شروع ڪري ڏنيون. گهوٽ تہ خاموشيءَ سان ڪنڌ جهڪايو وينو هو. پر سندس دوست مسلسل شرارت وچان هنن ڏانهن ڏسي رهيا هئا. خاص ڪري آف وائٽ شلوار قميص ۽ ڳچيءَ ۾ اجرڪ پيل "اناويهين" همراهہ جي نهار ڪونج کي پزل ڪرڻ لڳي.

جيئن ئي ماني جو دؤر شروع ٿيو، تہ هنن جي ٻہ جڻ چڻي ۽ هو بينا کي وني مٿي ڪمري ۾ هليون آيون. هو ڪافي دير تائين ان معاملي تي ڪچهري ڪنديون رهيون ۽ پوءِ پنهنجن گهرن ڏانهن روانيون ٿيون.

رات جو ڏيڍ وڳي جڏهن ڪونج بستري ۾ گهڙي تہ سندس ذهن بينا جي مگڻي واريون ڳالهيون دهرائيندي هڪدم ڇهہ مهينا پنيان هليو ويو.

ان ڏينهن جهڙالي موسم هئي. هنن سين اڇي بينا کي ورايو تہ ڪيس ڊرائيونگ لائسنس ملڻ جي موقعي تي سين کي ٽريٽ ڏي. تڏهن بينا هنن کي "المنظر" تي وني آئي هئي. ڄام شوري جي پل تان گذرندي، بوندا باندي شروع ٿي وئي. ڪليل دروازن هينان گڙگاٽ ڪندڙ پاڻي، مٿان وري مينهن جي سنهڙي ورڪا ماحول کي پوڄڻ جي حد تائين سندر بنائي ڇڏيو هو. هنن بہ خوب مزو ورتو. سينڊل هٿن ۾ ڪٽي هو ڪافي دير لان جي پنل ڇپر تي گهميون هيون. ماحول کان بنهہ بي نياز تي ڏاڪڻين تي بہ لهي آيون. آلين ڏاڪڻين تي بيهي هڪ ٽڪ پاڻي جي طوفاني وهڪرن ڏانهن نهاريندي هو ڄڻ تہ ڪنهن منڊ ۾ منڊجي ويون هيون. ڪونج جي دل بي اختيار جهڳ اڏائيندڙ پاڻيءَ ۾ سمائجڻ لاءِ اڇلون ڏيڻ لڳي. تڏهن اوچتو، هو ڪنهن سڏ تي اُن سحر مان نڪري آيون. مٿي بند تان ڪو مقامي ماڻهو ڪين واپس موٽڻ لاءِ چئي رهيو هو ۽ پوءِ تمام احتياط سان مٿي چڙهڻ لڳيون. هن ان ڏينهن روايت کي ٽوڙيندي، پلي جي بجاءِ بروسٽ چکن کاڌو هو.

ان وقت هو "المنظر" جي ريلنگ کي ٽيڪ ڏيو ڪولڊ ڊرنڪ پي رهيون هيون. ڳالهيون ڪندي اوچتو بينا آهستگيءَ سان چيو، "هي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چوڪرا جيڪي هيٺ بينا آهن، مان نوٽ ڪيو آ تہ پوئين اڌ ڪلاڪ کان وٺي، اسان کي واچ ڪري رهيا آهن."

هنن ائين پئي پاڻ ۾ ڳالهائيندي واري واري سان، ماحول جو جائزو وٺڻ جي بهاني انهن کي ڏٺو. هو چار ڄڻا هئا ۽ هوريان هوريان پاڻ ۾ ڳالهيون ڪندا ويجهو پئي آيا. پنهنجي اسٽائل مان وڏ گهراٽا پئي لڳا.

"خبر ناهي حيدرآباد مان آيا آهن يا ڄام شوري مان؟" ڪونج جي پڻ پڻ تي بينا جا ڪن کڙا ٿي ويا.

"وڃي پڇي اچانِ". هن شرارت مان چيو.

"نہ نہ ڪا ضرورت ناهي، خوامخواه ڳچيءَ ۾ پئجي ويندا." ڪونج ڊڄي وئي.

"بس اتي اچي تون ڏاڍي ڪنزرويٽو ٿي ويندي آهين."

نبيلہ ڪونج کي اکيون ڏيکاريون.

"اچو تہ توهان کي مزو ڏيکاريان." بينا جون اکيون شرارت وچان هيرن جيان چمڪي رهيون هيون ۽ ان کان اڳ جو هو سندس ڳالهہ سمجهن، هن ڪوڪ جي منهن تي تري ڏني، بوتل کي زوردار جهٽڪو ڏئي هٿ هٽائي ڇڏيو. ڪوڪ اپامي وهڻ لڳي ۽ ان جا ڇنڊا چوڪرن تي ڪريا جيڪي اُن مهل بلڪل هينان هئا. هنن گهٻرائجي مٿي ڏٺو ۽ بينا جي وڏيل هٿ ۾ بوتل ڏسي ٽپي ويا. "Miss Behave your self" هڪ چوڪري اکيون ڦوٽاري دڙڪو ڏنو. پر هو پُني ڏئي کلڻ لڳيون.

"Sorry دراصل اسان کي خبر نہ هئي، تہ توهان هينان آهيو."

ڪونج کي واقعي بينا جي حرڪت تي افسوس ٿيو. سطوت هڪدم ڪيس ٻانهن کان ڇڪي هٽايو ۽ پاڻ سامهون ٿي بيني. "ها- چاهي" سطوت هيٺ ڏسندي انتهائي بي ڍنگي ۽ ڄنڪي لهجي ۾ ڏوئنس رکين تہ هو اڻ لکو مرڪي پيا. هڪدم سنجيده ٿي جهيڙو ڪرڻ لڳا. سندن ڪِٽ- پِٽ ڪافي دير تائين هلي پر بينا بہ هڪ نِنر هئي. هن کي معافي نہ وٺڻي هئي سو نہ ورتائين.

"مِس، ياد رکجو هيءَ شرٽ مان توهان کان ئي ڏوئرائيندس."


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فيروزي شرٽ واري ڇوڪري (جيڪو وڏيڪ متاثر ٿيو هو) پنهنجي شرٽ کي ڪلهي وٽان چپٽي ۾ جهلي، بينا جي اکين ۾ نهاريندي هڪ عزم سان چيو.

”هنهه“! بينا جي انداز هنن جو اندر به ساڙي ڇڏيو.

هو شهزادين جيان بي نيازيءَ سان گاڏيءَ ۾ ويٺيون ۽ واپس موٽي آيون ۽ ڳالهين ۾ ڪين احساس ٿي نه ٿيو ته سندن پيڇو ٿي رهيو آهي.

۽ اڄ اهوئي فيروزي شرٽ وارو، جنهن جو نالو مسعود هيو، بينا جا سمورا حق پنهنجي نانءُ ڪرائي، ويو هو.

۽ هاڻي هو سڀ ڪجهه ڀُلائي شادي جي تياريءَ ۾ رڌل هيون.

”بينا، ڪٿي هو بدلو ته نه ٿو وٺي.“ ڪونج ڪنهن لڪل خوف جي ڪري بينا کان اڪثر پڇي ويهندي هئي.

”اڙي، تون ته صفا ڪا چري آهين. اها به ڪا ڊڄڻ جي ڳالهه آ. اهو ته هڪ عام مذاق هئو، جنهن ۾ هو به برابر جا شريڪ هئا. هونئن به تون سوچ، اگر هو بدلو وٺڻ چاهي ها، ته عام ڇوڪرن جيان ڪريل حرڪتون ڪري ها. هينئن گهر جي راڻي ۽ دل جي مالڪ نه بڻائي ها. مان هن سان ڪوڙ ڦيرا ملي آهيان. اهڙي ڪابه ڳالهه ناهي. هو مون کي واقعي چاهڻ لڳو آ،“ هن جي لهجي ۾ يقين هو.

”خدا توکي بي پناهه پيار ۽ سک نصيب ڪري.“ ڪونج خلوصِ دل سان ڪيس وِش ڪئي.

شاديءَ کان پوءِ بينا واقعي ڏاڍي خوش هئي. مسعود کيس دنيا جي هر سک سان گڏ پيار جو سک به ڏنو هو. هو اڪثر گڏجي بينا جي شاندار بنگلي تي ويندیون هيون. جتي ڪڏهن ڪڏهن مسعود جي ٻين ٽن دوستن محسن، علي ۽ زوار سان هلو هاءِ تي ويندي هُين.

ٻار جي پيدائش بعد بينا جي مصروفيتن ۾ اضافو ٿيڻ ڪري هنن جي ملاقاتن ۾ ڪافي وقفا پوڻ لڳا.

هي به گريجوئيشن مڪمل ڪرڻ بعد ڪجهه ڪرڻ جي شوق ۾ مٿو جوڙي ويٺيون ۽ نيٺ ڪُٺو هڪ مشترڪ بيوٽي پارلر ۽ بوتيڪ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪولڻ جي حق ۾ نڪتو ۽ هو بيوٽيشن جا مختلف ڪورس ڪرڻ لڳيون.
ان ڏينهن سنجها ويل هوءَ گهر موٽي ڪمري ۾ گهڙندي ئي پرس صوفا تي اڇلائي، جوتن سميت بيڊ تي ڪري پئي. ڪجهه گهڙيون جسم کي آرام ڏيڻ بعد پلنگ جي پٽي ۾ ڪڙيون ڦاسائي هن ستي ستي، سينڊل لاهي ڦٽي ڪيا. واچ سائيڊ ٽيبل تي رکندي سندس نظر ابتي پيل تصوير/ ڪارڊ تي پئي. هن ڪٽي هڪ اچاتري نظر وڌي، پر هڪدم چرڪ ڀري اٿي ويٺي. هڪدم سندس تصور ۾ بينا جي مڱڻي ڀيري آف وائٽ سوٽ پهريل محسن جو ڪنڌ ڪٽي مرڪندڙ اکين سان نهارڻ ياد اچي ويو. پريزيڊنسي جي پس منظر ۾ نڪتل ان تصوير ۾ محسن انتهائي موهيندڙ پئي لڳو. هوءَ ڪجهه گهڙين لاءِ ماحول کي فراموش ڪري ويٺي.
”پئي، نظر هٽڻ جي ارادي کي ڪجهه مهينن لاءِ سنڀالي رک.“
پرهه جي شرارتي لهجي تي هوءَ پشيمان ٿيڻ لڳي. هن کي سندس آمد جو احساس ئي نه ٿيو. پنهنجي ايڏي محويت تي هن کي ڦڪائي ٿيڻ لڳي، پر ننڍي ڀيڻ آڏو هن پاڻ سنڀالي ورتو.
”يلا هيءَ تصوير هتي ڪهڙي خوشيءَ ۾ رکي وئي آ؟“
”اها اتي توهان جو رايو وٺڻ لاءِ رکي وئي آ، ته توهان سڄي عمر موصوف سان گذارڻ لاءِ تيار آهيو يا نه.“ پرهه ساڳي انداز ۾ ٻڌايس.
”ته ڇا؟“ ڪيس پنهنجي دل ۾ خوشين جا گلاب ٽڙندي محسوس ٿيڻ لڳا.
”ها ادي، انڪل ۽ آنٽي باقاعده پرپوزل ڏنو آ. هنن توهان کي شايد بينا آپي جي شاديءَ ۾ ڏٺو هيو.“ پرهه سنجيدگيءَ سان ٻڌايس.
ڪيس پرهه جي اڻ ڇاٽائيءَ تي پيار اچي ويو.
”ته ڇا، مان امان جن کي ٻڌايان ته توهان راضي آهيو؟“ هُن ڪونج جي مرڪ کي راضپو سمجهيو.
”نه نه، حالي نه، ٻه- ٽي ڏينهن ترس“ هن جي مرڪ گهري ٿي وئي.
”جيڪا توهان جي مرضي.“ هوءَ ٻاهر نڪري وئي ته هيءَ وري تصوير ڏسي سوچن ۾ گم ٿي وئي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻئي ڏينهن پارلر کان واپسي تي، مشورو وٺڻ جي نيت سان بينا جي گهر وئي. پر اتي پهچي سندس پيرن هيٺان زمين نڪري وئي. بينا جا هر وقت پاڻ کي سنواري رکڻ ۾ مشهور هئي، سا پنهنجو پاڻ کان ائين لاپرواهه ٿي سگهي ٿي اهو ڪنهن جي ٻه گمان ۾ نه هيو. سندس وکريل وارن جي ڪٽنگ ڏسي پئي ته ڪافي وقت کان هن وار سيٽ ناهن ڪرايا.

هوءَ چانهه ۾ چمچو ڦيرائيندڙ بينا جي آڱرين کي غور سان ڏسي رهي هئي.

"بينا، اڄڪلهه ٽرنڪولائزر پئي وٺين نه." ڪونج سندس هٿن جي لرزش ۽ اکين هيٺان ڪارا داغ ڏسندي ڏک وچان پڇيس.

"اڄڪلهه دراصل ننڊ نه ايندي آ، سو مڙئي ڪڏهن ڪڏهن هڪ اڌ..."!

هن جملو اڌ ۾ ڇڏي ڏنو. ڄڻ ته اڳتي ڳالهائڻ وسري ويو هجيس.

"ڇو مني، پنهنجي سرتيءَ تي اعتبار نه اٿئي؟ سچي ٻڌاءِ ايڏي ڊپريس ڇو آهين. ادا مسعود سان ته جهڳڙو نه ٿي پيو آ؟"

ڪونج کيس ڀاڪر پائي ڇيو ته هوءَ ڀُري پئي. سندس اندر جو اوٻر اکين مان اُٿلي پيو.

"ڪونج، مان ايڏو عذاب نٿي سهي سگهان. هن جي اندر ۾ لڪل شڪي مرد مون کي ماري... وڌو آ. شروع شروع ۾ ته بلڪل نارمل لڳندو هو. پر هاڻي سندس ذهنيت کلڻ لڳي. اگر ڪنهن فنڪشن ۾ ڪنهن مرد سان کلي ڳالهائيندم ته گهر اچي سوين سوال ڪندو. جي ان مصيبت کان بچڻ لاءِ ڪنهن سان نٿي ملان ته ٻه سوسائٽيءَ ۾ بيڪ-ورڊ سڏائجڻ جي خوف کان ائين ٻه نٿو ڪرڻ ڏي."

"پوءِ تون ڇڏي ڇو نٿي ڏينس. ائين پاڻ کي برباد ڪرڻ مان ڇا حاصل؟"

"منهنجي محبت منهنجي پيرن جي زنجير بڻيل آ. مان کيس ڪيئن ڇڏيان! هو ٻه ته پنهنجي روش تي پڇتائيندو آ، معافيون گهرندو آ. پر وري عادت کان مجبور ٿي ڪجهه نه ڪجهه چئي ڏيندو آ."

هوءَ وري سڏڪي پئي. ڪونج کيس ٿڌي پاڻيءَ جو گلاس ڀري


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏنو، جيڪو پيئڻ بعد هوءَ ڪجهه رليڪس ٿي.

”خبر اٿئي ڪونج، شاديءَ کان اڳ وارين مستين ۾ مذاقن جي ڪري عورت پنهنجو اعتبار وڃائي ويهندي آ. جڏهن ته ساڳي حرڪت مرد لاءِ زنده دلي ۾ بي داريءَ جو تمغو هوندي آهي.“

بينا جون نظرون ڪنهن نظر نه ايندڙ شيءِ تي ڪتل هيون. هوءَ خاموشيءَ سان گهر موٽي آئي. هن جي فيصلي سين کي اچرج ۾ وجهي ڇڏيو. محسن سين کي ڏاڍو پسند آيو هو. ڪيس وڏن سمجهايو پر هن ”ها“ نه ڪئي.

محسن پاڻ هن سان ڳالهائڻ چاهيو، پر هن انڪار ڪري ڇڏيو.

ڪافي عرصو گهر وارا هن کان ناراض رهيا، پر آهستي آهستي زندگي پنهنجي معمول تي اچي وئي، پوءِ هوءَ بيوٽيشن جا وڏيڪ ڪورس ڪرڻ لاءِ سنگاپور هلي وئي. سنگاپور وڃڻ سندس خواب هيو. ڪيس پنهنجي ميدان ۾ مهارت حاصل ڪرڻ جو جنون هيو. ٻن سالن جي اندر هنن ٽنهي پنهنجي ڪاروبار جو مضبوط بنياد رکي ڇڏيو. جلدئي سندن ذاتي پارلر ۽ بوتيڪ معيار ۾ انفراديت جي علامت بڻجي چڪا هئا ۽ اها انفراديت هنن ٽنهي سهيلين جي مشترڪ ڪاروبار جي نالي ۾ به هئي. عورتن لاءِ، بورڊ تي جڳمڳ ڪندڙ اکرن ۾ لکيل ”سطڪوشنب، بيوٽي پارلر اينڊ بوتيڪ“ نالي ۾ به بي پناهه اٽريڪشن هئي.

هڪ ڏينهن جڏهن هوءَ واندي ويٺي هئي، جڏهن ته شيلا ۽ سطوت ڪنوار سينگارڻ لاءِ ويل هيون. ڪجهه عورتون هيون جن کي پارلر ۾ ڪم ڪندڙ ڇوڪريون ڊيل ڪري رهيون هيون. تڏهن سندس نظر ڪائونٽر تي پي- منٽ ڪندڙ نوجوان عورت تي پئي. هوءَ ڪيس ڪجهه ڄاتل سڃاتل پئي لڳي. جيئن ئي هوءَ سڌيءَ ٿي ته ڪونج ني اک پيس.

”اڙي ڪونج“! هن ڪيس بي اختيار ياڪر ياتو ته ڪيس ياد اچي ويو.

”روزي! تون ته صفا سڃاڻڻ ۾ ئي نه ٿي اچين.“

”شاديءَ کان پوءِ ڪجهه فرق ته پوندو آ نه.“ روزي ڪلندي اطلاع ڏنس.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”تہ ڇا منهنجا خدا! تو شادي بہ ڪري ڇڏي ۽ مون کي ڪھرائيءَ بہ ڪونہ. ايمان سان صفا بي مروت نڪتينءَ.“ هن ڏوراپا ڏيڻ شروع ڪيا. هوءَ انتهائي ايڪسائيٽڊ ٿي رهي هئي.

”بس مان ايڏي تہ اپ- سيٽ هيس جو ڪنهن کي بہ نہ ڪھرايم.“

”يلا توکي ۽ ادا جاويد کي ظالم سماج ملڻ ڪتي ڏنو!“

روزي هڪدم هن جي وات تي هٿ رکي ڇڏيو. ميڪ- اپ جي گلابي تهہ جي باوجود، ڪونج هن جي منهن تي پکڙجي ويل هيڊاڻ محسوس ڪري ورتي هئي.

آفيس ۾ چانهہ سپ ڪندي روزينہ هوريان پنهنجي ڪٿا ڪيس ٻڌائڻ شروع ڪئي.

”توکي تہ خبر آ جاويد ۽ مان هڪ ٻئي کي ڪيڏو ڀائيندا هياسين. جدائي جي تصور کان ئي اسان ڏڪي ويندا هياسين. پر پوءِ حالتن اهڙا تہ پاسا ورايا، جو اسان جي وچ ۾ وڇوڙي جا سمنڊ اڇي ويا. جاويد کي تہ بخشرائڻ خاطر پنهنجي ماسات سان شادي ڪرڻي پئي. پوءِ مون بہ سڄي عمر شادي نہ ڪرڻ لاءِ سوچي ڇڏيو هو. پر امان جي دل ايڏي تہ ڪمزور ٿي وئي هئي، بقول اسان جي فيملي ڊاڪٽر جي، منجهس ڪوبہ صدمو سهڻ جي سهپ نہ هئي. بس پوءِ منهنجي فيصلي جي سختيءَ کي سحبتن ۽ مصلحتن جي ڪَٽِ کائي وئي. شاديءَ کان اڳ مون اقبال کي سڄي حقيقت ٻڌائي هئي؛ پر هو سمورو اختيار پنهنجن مائٽن کي ڏئي چڪو هو. بهرحال شابس آ، هن مرد کي جو ڪڏهن پلجي بہ مون کي جاويد جو مهڻو نہ ڏنو اٿائين. مون کي تہ ائين لڳندو آ، ڄڻ جاويد ڪو خواب هيو، جنهن جو حقيقت سان ڪوبہ واسطو نہ هو. اقبال ايڏو تہ احترام ڪندڙ ۽ خيال رکڻ وارو آهي، جو سچ تہ مون کان جاويد وسري ويو هيو. اهو ايترو بہ اڄ تو ياد ڏياريو آ.“

”You are really lucky نہ تہ، مرد تہ زال جي ماضيءَ سان وابستہ ڪنهن ”مذاق“ کي بہ نہ سهي سگهندا آهن، محبت تہ وڏي ڳالهہ آ“. ڪونج جي تصور ۾ بينا جو سراپو گهمي ويو.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"Of course I am lucky" روزي فخريہ لهجي ۾ چيو.

ٻاهر اچي پڄيرو اچي بيٺي هئي.

"اوهہ، اقبال اچي ويو. مان هاڻي هلنديس." هوءَ شيشي کان ٻاهر ڏسندي اتي کڙي ٿي. ڪونج بہ هن جي نهار ڏانهن نگاهہ ڪئي تہ ڇرڪ نڪري ويس، ڇوجو ڊرائيونگ سيٽ تي وينل لينڊ- لارڊ هوبهو محسن جهڙو هيو. سندس پراڻو ڦٽ اکلي پيو. "روزي، تو گهر واري جو نالو ڇا ٻڌايو هيو؟" هن هٽڪندي پڇيو.

"اقبال... سيد محسن اقبال. ڇو سڃاڻينس ٿا؟" روزي ڪجهہ حيران ٿيندي وضاحت سان مڙس جو نالو ٻڌايس.

"نہ بس ائين ئي. دراصل وسري ويو هيم." ڪونج کان ٿڌو ساهہ نڪري ويو. "Ok.... By" روزي پرس سنڀاليندي ٻاهر نڪري وئي.

"خدا حافظ". هن ٻڏل لفظن سان موڪلايو.

ڪونج جو هنياءُ ڄڻ تہ مٺ ۾ اچي ويو هيو.

اف منهنجا رب! هوءَ ريوالونگ چيئر تي ڍهي پئي. سندس پيشانيءَ تي پگهر جا ڦڙا جرڪڻ لڳا ۽ ڪيس پنهنجو ذهن پڇتاوَن جي ڪُن ۾ ڦيريون پائيندي محسوس ٿيڻ لڳو.

رکي رکي سندس من- ڦرهيءَ تي اياز جون سٽون اڀرڻ ۽ مٽجڻ لڳيون:

اڙي سانگي سک جا، پتو ڪونہ پيوءِ!

ڏونگر سارو ڏک جو، جيءَ منجهان جوڙيوءِ،

پرجهيئہ تنهن کان پوءِ، ڇاڪان پير پٽون ٿيا.

●●●


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# چتڪتائي

سجو ڏينهن سوچن جي رڻ ۾ رلندو رهيو. ڪروڌ، ڌڪار، چتڪتائي ۽ پوءِ وات مان گگ- ڪاوڙ جا مچ، ذهن ۾ ولولا، ڌماڪا- فيصلي نہ ڪري سگهڻ تي ويتر مايوسي، متي ڪي زور سان جهلي، "مان چريو ٿي ويندس، هي مغز ۾ ڌماڌم." سور جي وير چڙهي تہ، ڦهہ ڪري ڪٽ تي ڪري پيو. ذهن جي منچ تي ساڳيو سِين ايري آيو. صبح سوير اوچتي جاڳ، ڪنن تي پُڻ پُڻ "ڪتان پيو اچي اهو پٽڪو؟"

حواسن تي زور، پرواري ڪمري مان آواز "سارنگ! توکي ڏسان ٿي تہ هنيانءُ ٺري ٿو پوي، وڃين ٿو تہ دل وساميو وڃي."

"چا ڪجي؟ زمانو ظالم آهي. روز روز ملي بہ تہ نہ ٿا سگهون."

ان مهل سندس تن، تندور ٿي. ويو. ٽپ ڏيئي پر واري ڪمري ۾ آيو. دريءَ ٻاهران ڪو هوا جو واچوڙو ٿي ويو. اندر، مومل پند پهڻ تي ويٺي هئي. رنگ پيلو، ساهہ گهٽيل، گهوري ڏنائينس تہ اکيون جُهڪي ويس. چوٽي، چنبي ۾ اچي ويس. چڪ ڏنائينس تہ، وايومنڊل ۾ ڪِيهہ ٻري ويئي. ٻيو هٿ ورائي وات تي رکيائينس.

ڪرود، بخيلي، چتڪتائي، زور سان پٽ ۾ نڪاءُ- ٻيو، ٽيون ۽ مومل ڍرڪي ويئي پٽ تي- پوءِ لتون، مُڪون، نونشا، چتڪتائيءَ جي حد.

مومل جي عاج جهڙي بدن تي ڪارا ڏٻا. بدن سائو سائو نہ ساهہ نہ پساهہ ۽ چوڏاري ماڻهن جا ميڙ. زالين مڙسين ڪيس ڇهنيل، هٿ سُڪ ٽيل، ماڻس جون دانهون ڪُوڪُون. هُل گوڙ، وٺ وٺان. سجو پاڙو گڏ. سندس اکين ۾ رت لٽل- لوهہ ڪيائين تہ چند سان سيني ڪان چڏائي ويو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ وڃي کٽ تي اونڌي مُنهن ڍنو. ڇا وهيو ڇا واپريو. ڪل ڪانہ پيس!!
هوش ۾ آيو تہ سڄو ماحول لاڪس بدليل هو، چرچن، چٽرن جا ڦهاڙ، ڏائڻ نگاهون، طعنا، ٽوڪون ۽ نفرت نهارون.
۽ پوءِ لوڪان لڪي نڪتو. رُلي رُلي ٿڪو، ڪو ماڳ پانءِ نہ پيس تہ موٽيو، ڪجهہ بہ نہ بدليو هو. مُومل تي هڪ پل لاءِ نظر ويس تہ وري ڪروڌ، بخيلي، ڇتڪتائي- ڪميڻي، ذليل، رنڍي.
گهر اوپرو، اوپرا ماڻهو، نس نس ۾ نفرت جا ڪرنٽ.
پنهنجي ڪمري ۾ ليٽيو تہ کٽ تي واسينگ وڇايل لڳس. زهر نس نس ۾ رچي ويو. ماڻس، مٽان بيهي منٿون ڪرڻ لڳي، "اٿي منهنجا بابل! ماني تہ کاءُ" ڪهڙو اڇي ڀاڳ ڦٽو آهي منهنجي گهر جو، ڪهڙي نظر گهائي وئي آهي ٽوڪي؟"
پاڻ اکيون پوري ڇڏيائين- اوندهہ گهري ٿي ويئي.
ماڻس بيهي بيهي هلي ويئي. رات اجا بہ گهري ٿي وئي.
ٻيهر اک کليس تہ گهر ننڊ جي ٻَک ۾ هو. وراندي مان لنگهي پر واري ڪمري ۾ آيو. اوندهہ ۾ آٽڙيو تہ آواز ٻُريو، "ڪتو، ڪتو مئا! هاڻ تہ سمهڻ ڏيو." ڪي پل بيٺو رهيو. مومل جو آواز ڪيڏو نہ لاڪس اوپرو ٿي پيو هو. سڦا ڌاريو ۽ زهريلو- ٻاهہ جو ڀڙڪو- آهستي آهستي بلب ٻاريائين. مومل، ماڻس جي پر ۾ اگهور ننڊ سُتل، ڪير جهڙي مُنهن تي ڪارا ڪارا داغ. سندس ذهن تي ڪروڌ، بخيلي، ڇتڪتائي- سامهون ٽنگيل بندوق هٿن ۾ هلي آئي ۽ ٻئي پل ٻئي نال مومل، جي منهن تي ڇنيل- سوچ جو تير گهرو گهاءُ ڪري ويس، 'پهرين سارنگ، پوءِ مومل، ها، پهرين سارنگ....' ۽ سندس وکون سارنگ جي گهر ڏانهن- اَڙنگ ڪوسي رات- سندس من ۾ ويٽر ويروتار وسوسن جا.
پٽ ٽپيو سڄي گهر جا پڪا تيز هليل، هيٺان گهر پاٽي ننڊ جي منڊ ۾ مُنديل، 'پر سارنگ ڪٿي ستل آهي؟' سڄو گهر جانچيائين، پر سارنگ نظر نہ آيس. 'هون! ڇٽبو ٽري ويو، ويندو ڪيڏانهن؟' ڪروڌ، بخيلي، ڇتڪتائي. "سيني کي پروڙ ڪري ڇڏيان. هي سڀ منهنجي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُڪون جا ويري آهن. پيار جا قاتل، منهنجين واتن تي واسينگ وڇائڻ وارا- مون کان زينو ڦرڻ وارا- پر زينو چو ياد آئي ؟؟؟'

'زينوءَ لاءِ تہ مون ذهن جا سمورا در بند ڪري ڇڏيا آهن. تالا- تالا، پوءِ زينو ڪٿان آئي؟ زينو منهنجو پهريون پيار.' ياد اچڻ لڳس. حيلا هلايائين تہ بہ زينوءَ جو سگ نہ مليس. ڪيڏو نہ ملول ٿيو هو ۽ يادن جا واچوڙا، درياءَ ۾ ٽپ ڏيڻ جا خيال، ريل هيٺان سِسي رکڻ جا ارادا، زهر کائڻ جون سوچون ۽ پوءِ هميشہ لاءِ زينوءَ جو نانءُ وسارڻ جا جتن ڪيا هيائين. وقت جي دز ۾ لَٽيل رينو جو نانءُ جڏهن بہ ذهن ۾ زلزلو ٿي آيو تہ ڇٽو ٿي بيهندو. اڄ وري زينو جي ياد- 'پر مون تہ زينو لاءِ ڪڏهن بہ ميري اک نہ رکي، زندگيءَ ۾ زهر پيڻ نہ چاهيم! زينو! تون منهنجي آهين. بس هاڻي توکي وٺي ويندس هميشہ لاءِ- ٻي ڪا واهہ ناهي. تون ازل کان منهنجي آهين. هر حال ۾- هاڻي توکي مون کان ڪير بہ ڪسي نہ سگهندو.' ڪروڌ- بخيلي، چتڪتائي- يت ٽپي وڏيو تہ زينوءَ جي گهر جو بلب ٻرندي نظر آيس.

در ٽپيو تہ سامهون زينو، ٻارڙي جو پينگهو ويني لوڏيو. "جمال تون؟ هن ويل!؟ ۽ هي ڪلهي ۾...؟" هو چپ بيٺو رهيو. زينوءَ نيڻ ملايس تہ پٿر ٿي ويو. "مون کي پڪ هئي، تون ضرور ايندين، حياتيءَ جو ڏڳ پلجي توکي اوس اچڻو پوندو."

"زينو" چپ ڦڙڪڻ لڳس، نڙيءَ ۾ ڳنڍ. ڳيت ڏيئي لاهڻ جي ڪيائين. "زينو! ڏاڍا وس ڪيم توکي وسارڻ جا. پاڻ تي هماليا لڏي ڇڏيم، پر پهريون پيار بہ ڪڏهن وسريو آهي؟ آئون اڄ بہ توکي پنهنجو سمجهان ٿو. هن حال ۾ بہ."

زينو مرڪي سندس بندوق ڏانهن ڏٺو، "پر پنهنجن وٽ هيئن اچبو آهي؟"

زينوءَ جي نانگڻ وڄ واري وار بہ اڏ ڪري ڇڏيس. وجود جي سگهہ ميڙي چپ چوريائين، "مون فيصلو ڪيو آهي تہ تون مون سان هميشہ گڏ هجين!"


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زينو هڪ پل لاءِ ڏڏي وئي، پر وري وار ڪيائين، ”جمال! هاڻي هوش آيو اٿئي. پهرين مون توکي منٿون ڪيون. ليلايو، پر تون همت هاري وينين- هاڻي ڏڏو ڪير ٽٽن ۾ نه پوندو. قلهيار ۾ ڦوڪون نه ڏبيون آهن.“

وري ڪروڌ، بخيلي، چتڪتائي، ”سارنگ ڪٿي آهي!؟“

”چو سارنگ جو تو پڇين؟“

نڙيءَ مان زهر ابڙڪا ڏيڻ لڳس، ”زينو! سارنگ تي منهنجو حساب سوايو تي ويو آهي. هڪ ڀيرو گڏجي ته برابر ڪريان.“ زينو جي عورتپڻي اڇل ڪاڏي، ”سارنگ جو ڏوهه اهو آهي ته هو مومل سان پيار ڪري ٿو ۽ مومل تنهنجي ڀيڻ آهي.“

”زينو! بس اڳتي اکر به نه ڪڇجان؟!“

زينو ڪوراڙ وارو واراڪو ڪيو، ”اڌيءَ رات جو سارنگ جي ڀيڻ جي گهر ۾ بينو آهين، اڪيليءَ عورت اڳيان، پوءِ به سارنگ سان حساب تو ڪرين؟؟“

وجود ويجهي ويس- نانگ ڪي پڇ تي لت- بل ڏاٽون- ناسن ۾ ڦوند- باهه جا ڀڙڪا- زينوءَ ڪلهي تي هٿ رکيس ته چرڪي پيو، ”جمال تون ويهندين ڪونه؟- سالن ڪان پوءِ به گهڙيون به نه ويهندين؟“

بدن تي وڄ ڪري پيس. جادوءَ جو اثر، زينوءَ جو هٿ ڪلهي تي- حواس گم- سرت وڃائي وينو. ڪٿ جي پيرانديءَ پاڻ ڪي اڇلائي ڇڏيائين.

اندر ۾ ڪورا ٻريس پيو. اَنا جو شينهن ٻُيا ٻُيا- بيوسيءَ جو وڏڦڙو- زينو!! سندس ساهه جي تندن ۾ اٽڪي پئي. نه مئن گڏ نه جيئرن گڏ. ڪروڌ- بخيلي- چتڪتائي جي وير لهي پٽ تي ويئي. نماڻائي- بيوسي- زينوءَ اڳيان نيڻ ڪنيائين ته جڻ سندس نگاهون ليلائي رهيون هيون، ”زينو! مان ڏوهي آهيان- بزدل آهيان، وري به تو مون ڪي هارائي ڇڏيو آهي.“ زينوءَ جيئن چپ چوريا ته سندس اروٽ دل تي وڏڦڙو وسڻ لڳو- ٿمر- مانار- سهپ ساڃاهه جي سُتي سندس منجهيل سُٽ سُلجهائڻ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڳي. زينوءَ جي جادوگر- پهرين پيار جو چانورو سندس من تي پها- دردن جي دوا- هلڻ لڳو تہ وک وِک تي زينوءَ جا لفظ سندس ذهن ۾ پرندا رهيا ”جمال هي پنهنجو گهر اَئي، منهنجو سارنگ جهڙو ياءُ آهين، پنهنجو ماضي ڇڻ خواب هو، خواب وساري ڇڏيا آهن.“

سندس گهر جو بلب اجا ٻريو پئي. مومل ماءُ جي ڪڇ ۾ سُتل- روشنيءَ تي سندس مک چٽو داغ ڪارا ڪارا- ضمير جي ڪبنواس تي ڪارا ڪارا داغ پچتاءُ- پيڙا- اڪين ۾ آگر- مومل جون اکيون اوچتو کُلي پيون. ڊپ هراس- اکين ۾ آيل خوف جو طوفان، چرڪ ڀري اٿي ۽ ياءُ کي هراسيل هرڻيءَ جيان ڏسڻ لڳي. ساڳي پٿر جي مورتي- سُن تيل، اکين ۾ ڊپ- هراس، موٽ ۾ ياءُ جو هٿ متي تي ڪجهہ دير ماٺ ۽ پوءِ مومل جون ٻانهون سندس ڳچيءَ ۾.

●●●


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اچا گل — نيري ڍنڍ

نيويارڪ کي حق تي Concrete Jungle يعني سيمينٽ جو جهنگ چئبو آهي. هر طرف آڪاش سان لڳل عمارتون (Sky scrapers) گاڏين سان زوزاٽ ڪندڙ هاءِ ويز، ماڻهن جي پيڙ هينان فٽ پاٿ ۽ وري زمين جي هيٺان سب ويز جي ٻي دونهاٽيل هترادو دنيا. ان دونهاٽيل شهر منجهه وري اهو ميلن تي پکڙيل سينٽرل پارڪ! ڄڻ هڪ اونداهي ذهن جو سندر سمو.

مينهيٽن (Manhattan) جي علائقي ۾ اهو پارڪن جو بادشاهه جتي قدرت پنهنجي سڄي ڪنئارپ سان بيٺي هئي. ننڍين وڏين ٽڪرين جي وچ ۾ پتاشن وانگر لسن پٿرن جا وروڪڙ رستا. هر طرف سائو سائو گاهه، هر پل ماڪ ڦڙن سان پڳل اوچا اوچا گهاٽا جهونا وڻ جن جي ٽن تي چمبڙيل لچائيندڙ وليون. شفاف ڍنڍون ۽ ان تي ترندڙ نيل ڪنول. آمريڪا ۾ هر شيءِ توڙي اها قدرتي هجي يا هترادو، هر احساس، هر طبقو سندس پرپور انداز ۾ ظاهر ٿيندو آهي. آئون پروڊڪشن جي ڪورس جي لاءِ انن مهينن کان اتي هئس.

اڄڪلهه اسٽوڊيو وڃڻ جو ڪم نه هو. صبح جا چار پنج ڪلاڪ لائبرريءَ ۾ ڪم ڪري آئون اتي اچي ويهندو هئس. منهنجي ڪاليج جي زماني جا ڪجهه پراڻا دوست اتي مستقل رهندا هئا. هو مون کي ڪمري مان ڪڍي پاڻ سان وٺي ويندا هئا، ۽ روز شام جو نيويارڪ جون رنگينيون ڏيکاريندا هئا. ڏاڍو سٺو وقت گذرندو هو. هنن سان منجهند


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو پارڪ ۾ ڪيفيٽريا وٽان بيٺو جو ڪين وني ٿڌي گاهه تي ويهي رهندو هئس تہ خبر ئي نہ پوندي هئي، هتي ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڪيئن گذري ويندا هئا. مون کي اتي ڏاڍو سڪون ملندو هو. ان وقت جي انمول خزاني ۾ ٻيو منهنجي ذات ۽ اهو نوٽ بڪ. اهو نوٽ بڪ پريل هو، منهنجي اسڪيچن سان، ڪو من پائيندڙ منظر، اڳيان ويٺل ڪو اخبار پڙهندڙ ماڻهو، ڪو سڪل پن، ڪو جهونو وڻ.

پر بنيادي طور آئون هڪ شاعر آهيان، سو نوٽ بڪ ۾ لفظن ذريعي پاڻ کي ڳوليندو آهيان. من ۾ ايندڙ ڪو سوال، ڪو خيال ان ۾ قيد ڪندو آهيان، چوجو هڪڙو دفعو ڪو خيال جهاتي پائي من مان نڪري فضا ۾ گم ٿي ويندو آهي تہ ڏاڍو ڏک ۽ پڇتاءُ ٿيندو آهي.

اڄ موسم موهيندڙ هجڻ جي ڪري سينٽرل پارڪ ۾ ماڻهن جو ميڙ وڌي ويو هو.

ٿورو پري راڪ ميوزڪ جي مڌر ڌن وڃي رهي هئي ۽ جوان ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون ان جي مدهوش موسيقيءَ تي رقص ڪري رهيا هئا.

اوچتو پارڪ ۾ پٿاريل، سون جهڙي قيمتي اُس وسامي وئي ۽ مينهن ڦڙا پوڻ لڳا. پوءِ تہ جڻ سڄي دنيا جا بادل نيويارڪ جي پاپي شهر تي ڇانئجي ويا، ۽ آڪاش مان پاڻيءَ جو اڻ کٽندڙ سلسلو شروع ٿي پيو

مون ڊوڙي وڃي هڪ وڻ هيٺان اجهو ورتو، اوچتو هڪڙي ڇوڪري ڊوڙندي آئي ۽ مون سان ذري گهٽ ٽڪرائجي ويئي. ڏٺم تہ ايشيا جي واسي لڳي.

مون کي ان ڏٺو تہ اکين ۾ چمڪ اچي ويس جڻ سڃاتو هجيس.

مون پڇيو "آر يو ايشين؟"

"يس ايند آ يو سعيد اعجاز؟" هن مرڪندي منهنجو نالو ورتو تہ آئون حيران ٿي ويس.

"پنهنجي ديس ۾ ڪنهن غير ۽ خوبصورت ڇوڪريءَ جي واتان پنهنجو نالو ٻڌي عجيب نہ لڳندو هو. پر اتي پرديس ۾ ...." منهنجي وات مان نڪتو.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”او منهنجا سهڻا چنڊ
چون ٿا پنيان آهين ڪارو
پر آهين تہ منهنجو پيارو“

هن جواب ۾ منهنجو ئي شعر پڙهي مون کي لاجواب ڪري ڇڏيو. اڌ ڪلاڪ مينهن پوندو رهيو ۽ پوءِ آسمان صاف ٿي ويو. مون محسوس ڪيو تہ هوءَ سيءَ جي ڪري ڏڪي پئي. بئي هٿ آلي جينز جي کيسن ۾ هئس. مون پنهنجو اوور ڪوٽ لاهي، ان جي ڪلهن تي رکيو.

بئي ڏينهن جو ملڻ جو ٽائيم ڏيئي هوءَ هلي وئي. ڇو جو اوورڪوٽ موٽائڻو هئس. ان کان پوءِ هوءَ ڪڏهن هفتي ۾ هڪ بہ ڀيرا ان پارڪ ۾ ايندي هئي. اسان ملندا بہ عجيب انداز ۾ هئاسين. هوءَ آرٽ اسٽوڊنٽ هئي، ان وٽ بہ هڪڙو نوٽ بڪ هوندو هو. هڪ ڏيڍ ڪلاڪ اسان خاموشيءَ سان ويهي پنهنجي پنهنجي ڊائرين ۾ ابتا سبتا ليڪا ڪيندا هئاسين. ڪڏهن معنيٰ سان ڀريل ۽ ڪڏهن بي معنيٰ گول چڪرا.

هن مون کي اسڪيچ ناهڻ جون خاص پينسلون ڏنيون هيون، پر پنهنجو منهن هميشہ ڪٽيل وارن ۾ ڄاڻي ٻجهي ائين لڪائيندي رهندي هئي، تہ متان آئون سندس اسڪيچ نہ ناهي ڇڏيان.

هن جو نالو ڇا هو، ذات ڪهڙي هئي، ڳوٺ ڪهڙو هو، ڪا خبر نہ پئي. نالو پڇڻ تي مرڪندي ابتو مون کان سوال ڪندي هئي. ”ڇو توهان ڪي جوتشي آهيو جو نالو ٿا پڇو؟“ تہ آئون ان کي مس ايشين چئي سڏيندو هئس. اسان ڳالهيون الاهي گهٽ ڪندا هئاسين؛ پر جيڪي ڳالهيون بہ ٿيون، انهن مان اندازو ٿيندو هو تہ ٽين دنيا جي مسئلن تي پاڻ کي ڏاڍو جلائيندي هئي. هڪڙو ڀيرو مون تنگ ڪندي کيس چيو، ”توکي تہ، مس ٿرڊ ورلڊ سڏڻ کپي!“

هن بہ تہ مون کان منهنجي باري ۾ ڪجهہ نہ پڇيو. هونئن پنهنجي ديس جي سڄاتل ۽ نامياري شاعر هجڻ جي ڪري، عوام جي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ملڪيت تي پيو آهيان ۽ منهنجو تجربو آهي تہ الاهي ماڻهن جي ذهنن ۾ ڪمپيوٽر وانگر منهنجي بايوڊيٽا فيڊ ڪيل آهي. تي سگهي ٿو تہ هن کي بہ خبر هجي تہ منهنجون هن جيتريون بہ ڏيئريون آهن.

ها باقي پنهنجو تازو ڪلام ان کي ضرور پڙهي ٻڌائيندو هئس.

هڪڙي ڏينهن مس ايشين مونکي پارڪ جي ٻاهر (72nd street) وٺي وئي. فٽ پاٿ تي سندس ۽ سندس ساٿين جي نهيل اسڪيچن جي سيل هئي. ان سيل جا پئسا ايٿوپيا جي بکايل عوام جي چندي جي لاءِ هئا. مون هن جو ناهيل هڪڙو اسڪيچ ورتو. ننڍو ايٿوپين ٻار چانورن جو آخري گرهہ کائي خالي ٿالهيءَ کي ڏسي رهيو هو.

هڪڙي ملاقات ۾ هن مون کان پڇيو، ”ان پارڪ ۾ توهان جي آئيڊنٽنٽي گم نٿي ٿئي؟ ڪٿي سنڌ جي وارياسي ۽ گرم فضا ۽ ڪٿي هي بهارون؟“

”دل ۾ سنڌ جي يادن جا جيڪي جهوٽا هلندا آهن.“ مون ڪجهہ پل رکي چيو ”انهن جهوٽن سان منهنجي دل بهار جي سيني رنگن سان پرجي ويندي آهي، ۽ پوءِ منهنجي دل جي دنيا ۽ هيءَ ٻاهر جي دنيا هڪ ٿي ويندي آهي.“

مس ايشين يڪدم چيو. ”پر اعجاز صاحب، توهان جي اها ڪائنات منهنجي واڪمين بنا بلڪل سانتيڪي ۽ بي آواز آهي.“

”مس ايشين توهان تہ مون کي آمريڪين وانگر اعجاز نہ چئو. اهو منهنجي ڏاڏي جو نالو آهي.“ مون مرڪي چيو. ”پوءِ توهان جي نالي جي پنيان توهان جي ذات هئڻ گهرجي. هونئن توهان جي ڏاڏي جي شخصيت بہ نالي وانگر موهيندڙ آهي؟“ هن جي اکين ۾ مستي هئي. مون ٺهڪ ڏيندي چيو ”منهنجو ڏاڏو وچ ۾ منهنجو رقيب بڻجي ڪٿان اچي ويو؟“

منهنجا ديس وڃڻ جا ڏينهن ويجها اچي رهيا هئا، ۽ آئون وڃڻ جي تياريءَ ۾ لڳي ويس. انسٽيٽيوٽ ۾ بہ ڪم وڌي ويو هو. چار ڏينهن ڪن پارڪ ۾ نہ وڃي سگهيس. هڪڙي ڏينهن وقت مليو تہ هليو ويس. مس ايشين جو انتظار هو، پر هوءَ نہ آئي. ٻئي ڏينهن وري ويس. ڏٺم تہ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون کي ڳوليندي مون وٽ پهتي. هٽ ۾ واڪمين پليئر هئس. اڄ هن معمول خلاف ديسي ڪپڙا پاتا هئا. پيلي چُنيءَ ۾ ٽيولپ جو گل پئي لڳي. ٽيولپ (Tulip) جو گل پنهنجي سڄي سونهن ۽ تازگيءَ سان گڏ رڳو بهار ۾ ٽڙندو آهي ۽ سو به ڪجهه ڏينهن لاءِ! منهنجي زندگيءَ ۾ به ته اهو ٽيولپ به چار ڏينهن ئي ٽڙيو هو.

هن منهنجي پرسان ويهي واڪمين آن ڪيو. سنڌ جي انقلابي ڳائڻي جو آواز يڪ تاري جي سرن ۾ گڏيل سينٽرل پارڪ ۾ ائين ڇانئجي ويو، ڄڻ سوين ڪبوتر يڪدم فضا ۾ پکڙجي پون ۽ گيت هئا منهنجا! ديس تي قربان ٿيڻ جي جذبن کان وني، پرينءَ جي جدائيءَ جا واڪا ٻڌي منهنجي دل ان نرالي ۽ اتاهين نذراني کان ڇيرجي وئي.

گيت ختم ٿيا ته آئون پنهنجي جوش جي خول کان ٻاهر نڪتس. پاسي ۾ هڪڙي جهوني وڻ سان چنبڙيل ول جون ٽاريون اسان جي مٿان جهڪي رهيون هيون. مس ايشين پهرين ول مان اڇا گل پٽي پٽي پئي لهرون لهرون ڍنڍ ۾ اڇليندي رهي. ڍنڍ ۾ ترندڙ مڇيون ٽپيون هٽي گلن کي کاڌو سمجهي پڪڙڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳيون. هوءَ پهرين ڍنڍ جي سانتيڪي مٿاڇري کي ڊسٽرب ڪري، پوءِ ول جي سنهن پنن کي پٽي آڱرين ۾ مهٽڻ لڳي. اهو سڀ مون کي نه وڻيو، پر آئون ماٺ ۾ رهيس، ڇوجو هوءَ ڪنهن گهري سوچ ۾ هئي.

”ائين ڇو ٿيندو آهي ته هڪڙي دل اسان جي لاءِ تڙپندي آهي، پر اسان ٻيءَ بي پرواهه دل جي پنيان آسائتا هوندا آهيون؟“ هن اوچتو سوال ڪيو.

آئون هن کان پنجويهه سال وڏو آهيان. اڃا به منهنجي زندگيءَ ۾ نندا انقلاب ايندا رهندا آهن، شاعر ۽ ريڊيو تي پروڊيوسر هجڻ جي ڪارڻ. پر آئون اچرج ۾ پئجي ويس، ته انهن سيني ڳالهين کي ڪهڙو نالو ڏيان؟ دوستي؟ يا هڪڙي ڇوڪريءَ جنهن جو پيءُ ان جي ڄمڻ کان پهرين ئي مري ويو هو، ان جو مون جهڙي چاليهه سالن جي ماڻهوءَ ۾ ويساهه رکي ملڻ!؟ يا وري ٻيو ڪجهه؟


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”اسان ڪڏهن تہ پنهنجي دل جا مالڪ ۽ تابعدار لڳندا آهيون، پر ڪڏهن لڳندو آهي تہ اها دل ڪنهن غير جي ٿي وئي آهي.“ مون جواب ڏيڻ لاءِ چئي ڇڏيو.

”اعجاز صاحب، آئون هڪڙي عام ڇوڪري جنهن زماني کان ڊڄي ڪڏهن غلط قدم نہ کنيو. مون کي اهڙو مستقبل کپندو هو، جنهن ۾ هڪ باوقار مڙس هجي ۽ زندگي عزت ۽ پيار سان گذري وڃي. اهو سڀ ڪجهہ مون کي ملي رهيو هو، پر مون پنهنجي پرسڪون مستقبل کي جواريءَ جي آخري نوٽ وانگر داءَ تي هڻي ڇڏيو.“

”منهنجو مڱيندو جيڪو منهنجي ڇوڪس ذهن جي ڊڄڻ اصولن تي پورو لهي ها. آخري وقت تي مون هن سان شاديءَ کان انڪار ڪري ڇڏيو.“

هوءَ ڳالهائيندي رهي، آئون ٻڌندو رهيس. ”ڇو جو دماغ جو فيصلو دل نہ مڃيو. الائي ڪيئن زالون دل کي ماري زندگيءَ کي دماغ جي فيصلي تي گذاري ڇڏين ٿيون!“

”منهنجو ڪزن جنهن کي خبر ئي نہ هوندي تہ ان جي لاءِ هڪڙي ڇوڪري پنهنجي سلامتي وڃائي ويٺي آهي، هو مون کي ايترو پيارو آهي، جو ان جي بنا زندگي گذارڻ جو آئون سوچي بہ نٿي سگهان!“

”جيتوڻيڪ سمجهان ٿي تہ اهو ڪزن منهنجي پيار جي لائق نہ آهي، پر مجبور آهيان. مون سوچيو تہ شادي ڪتي بہ ٿئي، پر ان کي ضرور ٻڌائيندس پنهنجي دل جي ڳالهہ. مون پنهنجي مڱيندي کي اها ڳالهہ ٻڌائي تہ ان چيو تہ هو پاڻ مون کي منهنجي ڪزن وٽ ڇڏي ايندو ۽ هڪ ڀيرو آئون ملي پلي جيڪي چاهي ڪيان ۽ چوان، پر شاديءَ کان انڪار نہ ڪيان. اهڙا ماڻهو بہ هوندا دنيا ۾؟ پر منهنجي دل نہ مڃيو، ڇو جو اهو ان سان ظلم ٿئي ها! ۽ پوءِ هيءَ اسڪالرشپ ملي ۽ آئون هتي اچي ويس.“

”تون پنهنجي سوٽ کي ايترو عرصو ڇونہ ٻڌايو؟“ مون نہ سمجهي پڇيو.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”انهن جي فيمليءَ سان اسان جا ناتا سنا نہ هئا. سامهون ئي نہ ٿيندو هو. ٻي ڳالهہ اها بہ هئي جو شپ ۾ آفيسر هجڻ جي ڪري ملڪ کان ٻاهر وڌيڪ رهندو آهي، پر اعجاز صاحب، اڄ ان جي شپ نيويارڪ پهچڻي آهي. ڪجهہ ڏينهن ٿيا، مون کي ان جو خط مليو. شايد ائڊريس گهران ورتي هوندائين، اچڻ سان مون کي فون ڪندو. پرديس ۾ ڪنهن کي ياد هوندو آهي تہ ناتا سنا نہ هئا؟“

هن جي من جي خوشي روشني بڻجي اکين مان پڌري پئي ٿي. مرڪڻ جي ڪري ڳِٽن ۾ بہ گهرا ۽ سهڻا کڏ پئجي ويا، جيڪي مون پهرين نہ ڏٺا هئا.

”خدا ڪري، تنهنجي ان سهڻي سپني جي پڄاڻي بہ اهڙي ئي سهڻي ٿئي، ۽ تون هميشہ خوشيون ڏسين.“ منهنجي وات مان دعا نڪتي. ”خبر اٿئي، پرهينءَ آئون واپس پاڪستان ٿو وڃان.“

”واقعي، اعجاز صاحب؟ تہ هيءَ اسان جي آخري ملاقات آهي؟“

”آخري ڇو؟ تون آخر تہ سنڌ واپس ايندينءَ ملڻ تہ ٿيندو رهندو.“ مون چيو، ”شايد زندگيءَ جي پارڪ جي ڪنهن موڙ تي اوچتو وري ملي وڃون.“ هن چيو.

اسان هلندا سب ذي وٽ پهتاسين. مون هن کي ٽڪيٽ وٺي ڏني ۽ هوءَ ٽرين ۾ وڃي ويني. در پاڻهي ئي بند ٿيا ۽ ٽرين هلڻ لڳي.

هن جو وجود هڪ پتنگ وانگر منهنجي ذهن جي آڪاش تي اڏامندو رهندو. متي الاهي متي، جتي هن کي سڄي دنيا الاهي ننڍي ۽ بي معنيٰ ٿي لڳي. جيستائين هن جي زندگيءَ ۾ هن جون من مرادون پوريون نہ ٿين!

●●●


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# زندگيءَ ڏانهن

ٻہ ڏينهن اڳ هن جو ڪُتو مري ويو هو.

پاڻ جيڪو گهٽ ڳالهائو مشهور آهي. سندس مشغلن ۾ ڪتاب پڙهڻ، بحث ڪرڻ، بيڊمنٽن کيڏڻ ۽ موڪل جي ڏينهن تي دوستن جي ماني ڪرڻ ۽ شطرنج کيڏڻ، ڪجهہ ٽائيم ڪڍي ٽن سالن جي پٽ کي ڪهاڻيون ٻڌائڻ شامل آهن... هاڻ ٻن ڏينهن کان خاموش آهي. زال پرتي پرتي رهيس ٿي. آفيس ۾ مزو نٿو اچيس. آفيس کان اچي ڊرائينگ روم ۾ سمهي ٿو پوي.

اڄ هن پنهنجي وارن کي ٻہ ڏنو. ڪلر ڪرڻ جي ضرورت محسوس ڪيائين... هو وارن کي ڪلر ڪري، صوفا جي ٻانهن تي پلاسٽڪ وڇائي، ڪنڌ رکي سمهي ٿو پوي. سندس مٿن کان شيلف تي پٽ جو وڏو فريم ٿيل فوٽو پيو آهي، جيڪو هن جي سالگرهہ جي ڏينهن تي ڪڍيو هئائين. ٻئي حصي ۾ موهن جي دڙي وارو ”پريسٽ“ جو بت جيڪو ”پلاسٽر آف پيرس“ سان ٺهيل آهي، پيو آهي ۽ شيلف جي مٿان پلاسٽڪ جا گل، گلدان ۾ رکيل آهن، جن تي هلڪي دز چڙهي وئي آهي.

سوچي ٿو: ”پريسٽ اکيون بند ڪري ”آنند“ سان وينو آهي، ڪڏهن لڳيس ٿو گهري سوچ ۾ ٻُڏل آهي. شايد عبادت ۾ هجي، تہ وري لڳيس ٿو- ائين بہ ٿي سگهي ٿو تہ سندس منهن تي معصوميت ڳاڙڙ فڪر، ان وقت رعايا لاءِ سوچيندو هجي...“


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٺڪ ٺڪ جو آواز هن ڪي نہ ٿو وڻي. سندس سترهن سالن جو ڪاٺو بواءِ اسٽائيل پُٽ اسپورٽس سائيڪل ڪي ناهي ٿو. هو خاموش آهي ۽ خاموش رهڻ بهتر ٿو سمجهي. جي ڪُڇندو تہ سڀي گهر ۾ گوڙ مچائي ڇڏيندو.

ٽي ڏينهن اڳ، هو دوست جي پٽ جي شاديءَ تي ٻاهر ويل هو. موٽيو تہ سندس "پوڊل نسل" جو ڪتو بيمار هو. ڪتو ڳري ڪندا تي ويو هو. سندس زال سُستي ڪري هن کي کير ۽ ڊبل روٽيءَ بدران مڇي ڏني هئي، جنهن ڪري الٽيون تي پيون هئس. جيڪي ڪجهہ کائي يا پيئي پيو تہ سڄو الٽيءَ ۾ ٻاهر ڪڍي ٿي ڇڏيائين.

هو ڪتو کڻي وٽرنري ڊاڪٽر ڏي ويو. انجيڪشنس دوائون ڪرايائين، پر مري ويو. پوءِ هن ڪتي جون سڀ شيّون بيڊ، بيلٽ، زنجير ۽ کاڌي واري وٽي، ڪار ۾ رکي ڪار اسٽارٽ ڪئي تہ دل پرجي آيس. ايڪسيليٽر مان آواز جڻ ڪتي جي گونرڻ سان ملي پيو. بيڪ مرر مان ڏٺائين، گهر ڏنڌلو نظر آيس.

ٻن ڏينهن کان ٿي. وي بند آهي. گهر ۾ خاموشي آهي. هو صوفي جي ٻانهن تي ڪنڌ لاڙي پنهنجي منهن پڙهڪي ٿو:

موتي منا.

ٽانڪيءَ جي ڦڙي ڦڙي ڪرڻ جو آواز اندر چيري ٿو.

ڇو ويندو هئين ان باٿ روم ۾.

(آواز پرجي ٿو اڇيس.)

تنهنجو پيرن کي چٽڻ،

مونکي تنگ ڪرڻ،

موٽ ۾ پونڪڻ، ڪڏڻ،

ياد ڪري اندر وڍجي ٿو،

شاپنگ بيگ سان کيڏڻ،

وار اپا ڪري کاوڙ ڪرڻ،


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ياد تو اچي تہ ڪڙهان ٿو.
ڇا ائين ڇئي پاڻ پرڇايان تہ:
”لڪيو منجهہ نراڙ.“
پر پوءِ بہ من تان مونجهہ نہ ٿي لهي،
پاڻ کي ڪيئن پرڇايان؟
مون کي ڪير پرڇائي؟؟
زالنهنس ماني پاڻي ۽ چانهہ پنهنجي ٽائيم تي ٽيبل تي رکي ٿي وڃيس.

گهر ۾ زال جي ڪروڌ کان ڇتل آهي.
”سگريٽ گهٽا تو پيئين؟“
”نرگس ڇوٽي فون ڪريئي؟...“
”ڪهڙو چڪر آ...؟“

فون ڪنهن جي بہ اٽينڊ نہ ٿو ڪري. گهر واري سيني کي ڇئي ٿي ڇڏي، ”ٻاهر نڪري ويو آهي... ننڊ پيو آ.“ هن کي ريڊر ڊائيجسٽ ۾ ان ڪتي جي ڪهاڻي ياد ٿي اچي، جيڪو مالڪ کي اسٽيشن تي ڇڏڻ ويو هو، پر ٽرين حادثي ۾ مالڪ مري ويس، پوءِ ڪتو روز اسٽيشن تي ويندو هو ۽ هن کي وفاداريءَ جو عالمي اعزاز ڏنائون ۽ سندس مجسمو ٺاهي چوڪ تي هنيو ويو.

وفاداريون ڇا آهن؟ هن جو ذهن ڪم نہ ٿو ڪري. وفاداري جي وصف نہ ٿي اچيس. رڳو اهو سوچي ٿو تہ ڪتو مالڪ سان وفادار هوندو آهي ۽ ٻلي جاءِ سان.

سوچي ٿو، هاڻي وهنجان... ڪلر ڪڍان، پر هو زال کي پاڻي گرم ڪرڻ لاءِ چوڻ نہ ٿو چاهي. سندس ٽن سالن وارو پٽ، جيڪو ڊرائنگ روم ۾ الائي ڪيترا دفعا ليٽا پائي ويو هو تہ، ”من بابا سڏ ڪري ڪهاڻي ٻڌائي.“ سو هر دفعي مايوس ٿي موٽي ٿي ويو.

هو آرس ڀڄي پاڻيءَ کي گرم ڪرڻ لاءِ اٿي ٿو. در ٿو کولي تہ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندس پٽ مُرڪي چپ تي وجي تو. هن جي اندر ۾ آنڌ مانڌ مچي تي وجي. سوچي تو: ”ٻارڙي کھڙو ڏوھ ڪيو؟“ ننڍڙي ڪي ڪٽي ٻاڪر پائي تو تہ ننڍڙو چپ ٿو ڪدي، اکين مان ڳوڙها ٿا ڪرنس. هو ڳوڙها اگهي ڪيس ٻاڪر ۾ ڀيڪوڙي صوفي تي اچي ويهي ٿو ۽ چئيس ٿو، ”پٽ... پٽ ڪهاڻي ٻڌايانءِ!“ ٻڌائڻ شروع ٿو ڪريس: ”هڪڙو هئو فقير...“ پٽ اکيون اکين ۾ ملائي جواب ۾ چئيس ٿو: ”فقير لڌي ڳنڍڙي- ڳنڍڙيءَ ۾ هئي مصري- ڳالھ وئي وسري.“

۽ پوءِ فضا ۾ وڏا ۽ ننڍا ٽھڪ ڦهلجي ٿا وڃن.

●●●


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ليڙون لٽا جيون

رات جا سوا اٺ- هوٽل ۾ ويٺو آهيان. هوٽل پريل پر ايئن ٿو لڳي ڄڻ خالي، ٽي وي تي ڊرامو. مون کي ڪشش بدران ٿئي ٿي هانءُ گهٽ، ساهه ٻُوسٽ. چاهيان ٿو، اٿان، پر ڄڻ ڪنهن سنگهرون هٿي جڪڙيون آهن. خيال ٿو اچيم دانهن ڪرڻ جو ڦانءِ تي ڪرڻ، ڦٿڪڻ، ۽ ڦٿڪي چنائي پڃڻ جو. پڄندو رهان، پڄندو رهان ۽ پوءِ، ڪري پوان ڦانءِ تي. مون سان ڳڏ ڪري پون ڦانءِ تي، هانءُ گهٽ ۽ ساهه ٻوسٽ! پاڻ چوريان پوريان ٿو، اهو ڏسڻ لاءِ ته ڇُري پُري سگهان ٿو يا نه؟ چوري، ڦري هڪ ڪري، ڏسان ٿو ويٺل ماڻهن جا چهرا، ته ڪٿي ڏسن ته نه پيا مون کي! پر سيني جون اکيون ٽي ويءَ تي ڪتل. آءٌ به ٽي ويءَ ڏي ٿيان ٿو متوجه، ايئن ئي خيال بدلائڻ ڪاڻ، پر ڊرامو ڏسي، محسوس ڪيان ٿو وڌندي هانءُ گهٽ ۽ ساهه ٻوسٽ.

اِهو خيال ته: ويندو ساهه نڪري، ايندي اخبار ۾ خبر، 'هڪ نوجوان هوٽل ۾ ٽي وي ڏسندي فوت' ماڻهن جا پوندا وات ڪلي.

'ادا، اوچتو موت، الله ڏي پناهه.'

'ٿيس ڇا؟'

'دل بيهي وئي هوندس'.

'ڊرامي جو ڪو ڏکوئيندڙ منظر ماري ويس.'

'بار پسون، رولي ويو.'

'جوان زال رنڙ ڪري ويو.'

سڀ ڪجهه ڄڻ منهنجي هٿ ۾ هو. مرڻ بار پسون رولڻ، رنڙ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرڻ زال جو. اُن ۾ جڻ هانءُ گهٽ ۽ ساھ ٻوسٽ واري ماحول جو هٽ ئي نہ هو! هوٽل ۾ مرڻ ٻدران جهڙي تهڙي حال سان بہ گهر جي ميدان تي مرجي. اهو سوچي اتان ٿو تہ. ٻاهر اونده، رات بہ جڻ منهنجي قسمت سان ڪئي هجي ريس. آسمان ڪڪرالو، هلندي هلندي ڪُتن ۽ مڇر اڏري اچي پون ٿا وات ۾، ”ٿُو ٿُو“ توڪاريان ٿو. رُڳهہ ڪان جڻ ساھ اجهو ويو. 'بيزار ڪي هر شيءِ پئي بيزار ڪندي آهي. سوچبان ٿو. هلندي اچيم ٿو ٿابو. ناليءَ ۾ ڪرندي بچان ٿو.

پيچرا بہ سنوان ڪونهن. سوچيان ٿو، ڪران ها تہ لتاڙجي وڃان ها. ماڻهو هاڻ اندا تي ويا آهن. ڪريل (غريب) جو سات نہ ٿا ڏين. هونئن آءٌ بہ جڻ هڪ ڪريل (غريب) شخص آهيان. اها ٻيءَ ڳالهہ آهي تہ آهيان گهٽن ڪِريلن (فريبي شخصن) ڪان گهٽو چڱو، نہ تو قٻايان مٺلن جا مال. دل ئي دل ۾ پاڻ سان ڳالهائيندو پهچان ٿو گهر. هڪ ڪمري ۾ ليٽو پايان ٿو. ٻار، تي وي ۽ گوڙ پنهنجي ڪمري ۾ اچان ٿو. هوءَ ننڍڙي زين سان، منهنجي کٽ تي ليٽيل. ننڍڙي جون اکيون ٻوٽيل. وات کير واري جاءِ تي. 'شايد بخار سمهاري ڇڏيس.' سوچيان ٿو. سوچي محسوس ڪيان ٿو هانءَ ۾ چڪ. نظر ڦيرايان ٿو بہ ننڍيون نياڻيون پٽ تي ستل. آءٌ منجهي منجهي رهان ٿو کٽ تي ويهي. ڪجهہ گهڙيون ايئن ئي ويون گذري.

”ننڍڙي کي ڏاڍو بخار آهي. هاڻ تہ روئي بہ نہ ٿو سگهي.“ هوءَ اٿي تي ويهي.

”سياڻ اول خير ڊاڪٽر ڏي شهر هلنداسين.“

”پئسا مليا؟ ڪتان مليا؟“ هوءَ سوال پنيان سوال تي ڪري.

من ۾ آيو چوانس ”حوا جي ڌيءَ! اتئي غريبي گلزار، موچاري مينگهو چوي، ”جهڙن شعرن جو ڊوز غلط معنيٰ ذريعي اسان جي ذهنن ۾ Feed ڪيو ويو آهي. پر غريبيءَ مان مراد اها قطعي ڪانهي تہ اسان معاشي طرح بدحال هجون. پر غريبيءَ مان مراد آهي تہ سياءَ ۾ غريب هجون.'

آئون ڪجهہ چوان ان ڪان اڳ چرندڙ لچندڙ ننڍڙي کي، جيڪو روئي نہ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هلائي- الائي ڪيئن ڪٽي رهيو هو ساهه! نبض تي رکان ٿو هٿ. الائي ڪيترا هنيو وجي ڌڪ! بدن سخت گرم.

”جيسين شهر ڊاڪٽر ڏي هلون، تيسين هتي ڪنهن کان دوا وٺ.“

آءٌ ساڻس اتفاق ڪندي، نڪران ٿو ڪمري مان ٻاهر. اوچتو ٻاهر ٿئي ٿي ڪنوڻ ۽ گوڙ. ان ئي لمحي تيز برسات ٿي وڃي ٿي شروع. هوءَ چت پئي ٿي نهاري. اڳ وُنل برسات سان ڦڪيون ٿي ويل چت جون سرون، ۽ ڪٿ چڙهيل ٽيئر ڏسي، نڪري وڃيس ٿو ٿڌو ساهه. آهه ڀري ٿي.

”پئسا هجن ها تہ چت راڳائجي ها.“ پر ايڪا ايڪي وري چوي ٿي.

”نہ، چت نہ راڳائجي ها. پر زين جي دوا وٺجي ها.“

بجليءَ جو پنکو ۽ بلب هڪ جهٽڪو کائي، ٿي وڃن ٿا بند. سمجهان ٿو بجلي وئي. پر ان ئي لمحي اچي ٿي بوءِ ڪنهن شيءِ جي سڙڻ جي. پڪ ٿئيم ٿي ميٽر جي مرڪلائڻ جي.

”ميٽر سڙي ويو.“ چوان ٿو.

”جي؟“ ٻڌائين پر سمجهائين ڪين.

”ميٽر بہ سڙي ويو.“

هوءَ ڪجهہ چوي ان کان اڳ ٻاهر ڦهڪو ٿئي ٿو. ٻي ڪمري مان ٻار نڪري اچن ٿا ورانڊي ۾ آءٌ بہ ورانڊي ۾. اچي لالٽين ٻارڻ گهران ٿو. لالٽين گاسليٽ کان خالي. ٻري، وڃي ٿي وسامي. ان وچ ۾ ڪريل پت ڪنوڻ سان پوي ٿي ڏسجي. ”امان! پت ڪري پئي.“ هڪ ئي وقت ٻارن جو گڏيل آواز.

هوءَ نڪري اچي ٿي ٻاهر، زين کي چڏي هيڪلو.

”پاڻيءَ جو نيڪال صحيح نہ هو ڪيئن؟“ هوءَ چڻ مون کي، نهرائڻ چاهي ڏوهي.

آءٌ ڏک لنوائيندي چوان ٿو، ”صبح جو ميٽرن جي سڙڻ جا ۽ پتين جي ڪرڻ جا قصا ٻڌجانءِ.“

هوءَ ماٺ ٿي ٻيهي رهي ٿي ٻارن سان گڏ. ٻار ڪجهہ دير تائين مينهن ڏسي، ٿڪي وڃي ٿا سمهن.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ارچتو اڇيم تي رحيم جي ياد.

"رحيم جي وهاڻ جي دعوت آئي آهي." ڪيس ٻڌايائين ٿو.

"ڪڏهن آهي؟" پڇي ٿي.

"هن جمعي تي."

"اڄ ڇا جو ڏينهن آهي؟"

"سومر."

"پوءِ؟"

ڪيس خبر آهي ته رحيم جو اُسان سان ڪهڙو آهي ناتو. هو مائٽن ڪان وڌ مائٽ ۽ دوستن کان وڌ دوست آهي.

"ڪجهه پٺ سڀ." ڪس چوان ٿو.

"ڪٿان ڪنديس؟"

"تنهنجي پيڪن مان."

"انهن جا پنج هزار ته اڳ ئي آهن" جتي تي: "تون ڪنان ڪجهه..."

"آءُ؟" ڇرڪي پوان ٿو جڻ دل ۾ آيو چوانس: 'ڇري ناسون وندڙ گوشت سان بند ٿي رهيون آهن. پٽري، گردن ۾ مثانن ڪي وجي تي ڪائيندي. ڪنهن آڌو تري ڏڪڻ ۽ ويچارو بوٽ ڪٽي وڃڻ ڪان تڪليف، ڪي فوقيت ڏئي رهيو آهيان. ڏ ويندس بيگم! ڪنهن وٽ به پئسن ڪاڻ.' ان سان هوءَ ڏڪوئبي ويتر. اهو سوچي چوان ٿو، "پل ڏينهن ويجها اچن."

هوءَ موٽي وڃي ٿي ڪمري ۾ نارچ ڪڍي ٿي. ٽارچ جي پراڻن سيلن جي اڻ چٽي روشني زمين جي منهن تي.

ان ئي لمحي ٻاهر مينهن وڃي تو زور تي. ڇتي تي زوردار ڪنوڻ ۽ گوڙ هوءَ ڊڄي وڃي ٿي، بر زمين نه ٿو ڊڄي.

•••



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# خواب مان جاڳيل شخص

عمارت ۾ اندر گهڙندي جيڪا شيءِ مون پهرين ڏٺي، سي چند ڏاڪا هئا، جيڪي مڙندي هڪ طويل ڏاڪڻ سان مليل نظر آيا هئا. منهنجي ياءُ مون کي ٻانهن کان جهلي ڏاڪڻ تي چڙهڻ ۾ مدد ڪئي ۽ استقباليه ڪمري ۾ پهچي هڪ شيرين اکين واري ڇوڪريءَ کي منهنجو ناءُ لکايو. مان هن کي روسي ڇوڪري سمجهي خوش ٿيس ۽ هڪ پراڻي ڪرسيءَ تي ويهي رهيس.

ياءُ مون کي سمجهائڻ لڳو: "ڊاڪٽر سان تعاون ڪجانءِ هُو جيڪي به پڇي، صحيح ٻڌائجانس". مان 'ها' چوڻ چاهي پر ڪجهه اجنبي خيالن منهنجيءَ 'ها' کي روڪي ڇڏيو، مان رڳو ڇپن کان اندر مرڪيو. منهنجي سامهون وينل شخص، ديوار کي ائين ڏسي رهيو هو، جڻ اُن سان سندس پراڻي واقفيت هجي. مان اِن شخص ۽ ياءُ جي وچ ۾ هڪجهڙائي ڳولڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ڇوڪريءَ جون اکيون وچ ۾ اچي ويون. مون سوچيو، ڇوڪريءَ جون اکيون ڪڏي پنهنجي ترڻءَ تي رکي ڏسان ته ڪيئن ٿيون لڳن، پر انهيءَ خيال سان ئي مون کي اُلٽي اچڻ لڳي، مون اوڪارو ڏنو، جيڪو دور منهنجي اندر ۾ گهنڊ جيان وڄندو ويو، ياءُ پريشانيءَ مان منهنجي پُٺي مهٽڻ لڳو، مون کي گهر جي بي انتها ضرورت محسوس ٿي پر چاهڻ جي باوجود به گهر جو تصور نه ڪري سگهي.

ڊاڪٽر جي ڪمري ۾ گهڙندي ئي منهنجي بدن ۾ سرديءَ جي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ نہ پر ڊاڪٽر جي ميز تي رکيل شيشي هيٺان پيل ڪنهن اجنبي گل جي عڪس مرڪيو، مان هوريان هوريان لفظن کي ڳولڻ شروع ڪيو ۽ اوجاڳيل اکين سان ڊاڪٽر ڏي ڏسندي چيو: ”پهريون پيرو مون، هُن کي يونيورسٽيءَ جي بس ۾ ڏٺو هو، هوءَ مون کي شاعري جهڙي پياري لڳي پوءِ...“ اوچتو مون کان اهي سڀ لفظ وسري ويا جيڪي ڪنهن بہ سوال جي جواب ۾ اچي سگهن ٿا. مون ٿڪل مُرڪ سان ڊاڪٽر کي چيو: ”مون کي پنهنجي باري ۾ خبر ناهي.“

ڊاڪٽر پنهنجي چپن سان خاموشيءَ جا ٽانڪا ويڙهيندو رهيو، سندس اکين ۾ ڪجهہ ٻڌڻ جي خواهش، مون کي ڳالهائڻ لاءِ سڏڻ لڳي، مان ائين ڳالهائڻ لڳس جڻ ڪنهن ڪال بيل تي هٿ رکي ڇڏيو هجي.

مون هُن کي چيو: ”مون کي توسان پيار ٿي ويو آهي. هوءَ پنهنجي مٿي تي هٿ رکي ويهي رهي. پر اها ڳالهہ تڏهن جي آهي جڏهن هوءَ ڪنهن ٻئي جي ناءُ سان بدنام ٿيندي هئي. مان اوندهہ ۾ ٿي بيٺو رهيس. جڏهن مان هُن اڳيان پنهنجي عشق جو اعتراف ڪيو هو تہ هوءَ مٿي تي هٿ رکي ويهي رهي هئي، بلڪل ان گهڙي مان پنهنجو سمورو اختيار وڃائي ويٺو هوس. ڊاڪٽر! مون کي هُن لاءِ مرڻ جو ايترو شوق آهي جو هُن جي پرپٺ ڪوبہ ماڻهو مون کي هن جي نالي زهر ڏئي تہ مان خوشيءَ سان ڪائيندس پر پوءِ بہ مان هُن کي سليقي سان ڪونہ ٻڌائي سگهيس تہ مون کي هُن سان ڪيترو پيار آهي.“ مان اڃان وڏيڪ هُن تي ڳالهايان ها پر لائيٽ هلي وئي ۽ سمورو ڪمرو اٽپوري اونداهي ۾ ٻڏي ويو. مان پنهنجي سامهون ويٺل ڏنڊلي شخص کي ڪونہ سڃاتو، جيڪو ماڻهن جو نفسياتي علاج ڪندو آهي. مون کي لڳو تہ هو ڪلي رهيو آهي. هن جي بي آواز کل منهنجي ڪنن کي، ڪُتري رهي آهي. منهنجيءَ دل چيو تہ مان رڙ ڪيان پر مون ڏاڍيان چيو: ”ها“.

منهنجي زوردار آواز اونده کي چيري ڇڏيو، دُر کليو، هڪ اجنبي شخص ۽ منهنجو ياءُ اندر آيا، ياءُ پريشاني مان چيو: ”ڇا ٿيو؟“


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊاڪٽر ياءُ کي تسلي ڏني، اجنبي شخص ڪمري جون دريون کوليون ۽ ٻاهر هليو ويو، سان، ياءُ ۽ ڊاڪٽر کي هڪ ٻئي وقت ڏسندي چُپ رهيس ۽ پنهنجي اندر ۾ پنهنجيءَ 'ها' جو پڙاڏو ٻڌندو رهيس.

ياءُ ٻاهر ويو ته ڊاڪٽر مون ڏي دوستن وانگر ڏسندي چيو: "پوءِ ڇا ٿيو؟" مان سمجهي نه سگهيس ته ڊاڪٽر ڇاجي باري ۾ ٿو ڳالهائي، ان ڪري مان چپ رهيس. مون کي پنهنجي اڪيلائي ڏاڍي ياد آئي.

ڊاڪٽر چيو: "ڪجهه پنهنجي ننڊپڻ جي باري ۾ ٻڌاءِ دوست" ڊاڪٽر جو لهجو مون کي ڏاڍو وٽيو مان ڪنڌ ورائي پنهنجي ماضيءَ ڏي ڏٺو. مون کي ننڊپڻ ته ياد ڪونه آيو، پر مان محسوس ڪيو ته ڪا شيءِ منهنجي دماغ ۾ سُرنگهه پئي ناهي، مان ڏڪي ويس ته اها سُرنگهه ..هنجي دل تائين نه هلي وڃي. مان ٻئي هٿ لونڊڙين تي ڪٽي رکيا. ڊاڪٽر پڇيو: "ڇا ٿيو؟ مٿي ۾ سور آ ڇا؟"

"مان هي سرنگهه بند ڪندس." مون مٿي کي زور سان جهليو، "ڪهڙي سُرنگهه!" ڊاڪٽر پنهنجي حيراني لڪائيندي پڇيو، مون ڊاڪٽر کي ٻڌائڻ چاهيو، پر اوندهه جي طوفان سان منهنجون اکيون پرجي ويون. ڊاڪٽر مون ڪان پري ٿيندو ويو، دماغ جون رڳون ڦاٽڻ لڳيون، مان برداشت ڪرڻ جي حد ڪان ٽپي ويس ته هوءَ مون کي ڏاڍي ياد آئي. منهنجي اونداهين اکين مان لڙڪ وهڻ لڳا. هوريان هوريان اوندهه، اکين ڪان ٿيندي دماغ جي رڳن ۾ ڦهلجڻ لڳي. ڊاڪٽر جا لفظ ڏندلا ٿيندا ويا منهنجا هٿ مٿي تان ڍرا ٿيندا ويا ۽ منهنجي خوابن مان اچي هُن منهنجي وجود جا در بند ڪري ڇڏيا، مان بيهوش ٿي ويس.

ڪنهن اونداهي درياهه ۾ ڪرندي، پهريان، مان پاڻ کي بچائڻ جي خواهش ڪئي، پر اوندهه تيزي سان مون کي ٻوڙي ڇڏيو

رات تي وڃڻ جي احساس، اوندهه جي درياهه ۾ سوراخ ڪيو، مون آهستي آهستي اکيون کوليون. تيز لائيٽ منهنجي اکين سان ٽڪرائجي، ڊاڪٽر ۽ ياءُ کي آلو ڪندي وئي. ياءُ انتهائي بدحواسيءَ جي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حالت ۾ مون کي آرپار ڏسڻ لڳو. ڊاڪٽر پيشه ورانه تحمل سان مونکي تپاسيندو رهيو. مان مرڪي ياءُ کي آٿت ڏيڻ چاهي، پر منهنجي مُرڪ منهنجي ئي پگهر ۾ وهي وئي.

ڊاڪٽر ياءُ کي "پرسڪرپشن" ڏيندي چيو ته هي دوائون ڪارايوس، وري سياڻي وٺي اچجوس. مان سياڻي جي ڳولا ۾ سدائين ڪالهه ۾ رُلي ويو آهيان، اها ڳالهه مان ياءُ کي سمجهائي ڪونه سگهيس. تنهن ڪري مون کي روز ڊاڪٽر ڏي وڃڻو پيو، دوائن سان گڏ، ڊاڪٽر جي ٻڌڻ جي سگهه، مون کي متاثر ڪيو، مان ڊاڪٽر آڏو ڳالهائيندو رهيس. هو ٻڌندو ائين آهي، جڻ ڪنهن رسيءَ جون ڳنڍيون کوليندو هجي. مان ڊاڪٽر کي ٻڌايو ته "مون سان مسئلو اهو آهي ته جڏهن جاڳان تو ته منهنجو انتظار به جاڳي تو، پر جيڪڏهن مان سمهي تو پوان، منهنجو انتظار پوءِ به جاڳندو تو رهي. هيءُ زخم منهنجي وجود کي گهايل ڪندو تو رهي: مان روئي روئي ٿڪجان نٿو، منهنجون پنبڻيون قلوڪڻا ٻڌجي ٿيون پون. پر مون کي خبر نه ٿي پوي ته مون کي ڇاجو انتظار آهي، ڇو مان اميد جي خوشفهميءَ ۾ زنده رهندو تو رهان، ڊاڪٽر مان توهان کي ٻڌايو هو ته، پهريون جڏهن مان هُن اڳيان عشق جو اعتراف ڪيو هو ته هوءَ متي تي هٿ رکي ويهي رهي. پنهنجي گهر جي در تي ئي، مان واپس موٽي آيو هوس. خالي خالي، بنان جواب وٺڻ جي. پر پوءِ ان جي ٻئي ڏينهن جو رات جو ٻين وڳي هوءَ مون وٽ آئي، ننڊ جي ڪيپ ۾ سمجهيم هوءَ مونکي سڏي رهي آهي. اکيون کوليم ته سچ پچ هوءَ منهنجي بلڪل متان بيٺل هئي. ڊاڪٽر! توهان سمجهو ٿا نه ته هوءَ مون ڏي اڌ رات ڪان لڪي آئي هئي." ائيں چئي مان ايترو کليس جو منهنجيون اکيون آليون ٿي ويون. "سدائين، منهنجي ڪِلَ، منهنجي اکين کي آلو ڇو ڪندي آهي؟" مون ڊاڪٽر کان پڇيو.

ڊاڪٽر به کليو، منهنجي سوال جي جواب کي پاڻ وٽ رکندي چيائين: "واقعي، هوءَ تو وٽ آئي، تون خوش نصيب آهين جو توکي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محبت جو جواب محبت سان مليو.“ مان اتي بيٺس، مون سان گڏ ڪمرو به اتي بيٺو، ڊاڪٽر ڪرسيءَ تان ڪرندي ڪرندي بچيو ۽ بچندي پڇيائين: ”ڪيڏانهن؟“

”ڪيڏانهن؟“ مون ورجايو. مون کي اهو لفظ ڏاڍو ڳورو لڳو. مان ڪرسيءَ تي ويهي رهيس. پر مونکي لڳو ڄڻ مان ڪنهن وڻ تي ويٺو آهيان. مون کي پنهنجي اُن خيال تي کل آئي جيڪا اندر ئي ڪٿي رستو پُلجي پئي. سامهون ميز تي رکيل شيشي جي گلاس ۾ پيلي رنگ پاڻيءَ، مون کي ڏٺو، مان پاڻيءَ جا به ٽي ڍُڪ پري گلاس واپس ميز تي رکندي ڊاڪٽر کي چيو: ”هُن جي ۽ منهنجي وچ ۾ انتظار جو درياهه ڪاهي پيو آهي. ائين چو ٿيندو آهي، ڪنهن کي جيترو چمبو آهي، اُهو اُوترو من ۾ لهندو ويندو آهي؟ مان هُن سان اڪيلائيءَ ۾ ملبس ته منهنجي اڪيلائي وشال ٿي وئي، مان هُن جي پاڪرن ۾ ڏاڍو رنس. مان، ڊاڪٽر توهان کي ڪيئن ٻڌايان ته هُن جا وار منهنجي چهري کي ڪيئن ڍڪيندا هئا، ڪيئن هُن کي پاڪر ۾ پريندو هئس، مان هُن سان اڱهاڙي پيرين، ڪيتريون ٿڌيون زمينون ڳولهي لڌيون، ڪيئن مان هُن جي چپن جي رس مان شاعري ناهيندو هوس، اهو سڀ خواب وانگر، ان سوراخ مان الائي ڪٿي ڪري پيو آهي. مان ننهن کان چونيءَ تائين انتظار سان پرجي ويو آهيان، ويني ويني مان الائي ڪيڏانهن هليو ٿو وڃان، مان ڪنهن به ماڻهوءَ سان ملندي ڊڄان ٿو، بيزار ٿيان ٿو، مون کي ڪنهن به شيءِ ۾ ڪابه دلچسپي نه رهي آهي. مون کي هر ڳالهه تي ڪاوڙ ٿي اچي هوءَ ڪجهه به نه ٿي سمجهي، مان به ڪجهه نٿو سمجهان، توهان به ڪجهه نٿا سمجهو، ڪير به ڪجهه نٿو سمجهي منهنجو دماغ ڦاٽي پوندو، پر سدائين هُن جي ياد مون کي اچي ٿي قابو ڪري. ڪيستائين... مون کي خبر ناهي. هوءَ مون سان پيار ڪري ٿي. ڪنهن ٻئي سان به ۽ هڪ بي انتها مصروف زندگيءَ ۾ پاڻ کي ورهائيندي ٿي رهي، مان هُن سان بي انتها پيار ڪيان ٿو، پر هُن کي سمجهي نٿو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سگهان ڪير آهي، جيڪو منهنجي دماغ ۾ سُرنگهه هڻندو ٿو رهي؟“ ڳالهائيندي ڳالهائيندي مون کي لڳو، ڪنهن مون کي سَڏُ ڪيو. مان دروازي ڏي ڏٺو، ڪير به ڪونه هو. ڊاڪٽر سوال نظرن سان مون ڏي ڏٺو. مون کي لڳو، ڪو ٻيو به مون کي ڏسي رهيو آهي. مان ان جي غير محسوس نگاهن کان بچڻ چاهيو، پر ڪمري ۾ سواءِ ٽيبل جي ٻي ڪابه لڪڻ جي جاءِ نه هئي. مان يڪدم اتي ٽيبل هيٺان هليو ويس، ان کان اڳ جو ڊاڪٽر مون کي ٽيبل هيٺان ڪڍي، مان تيزيءَ سان نڪري وٺي ڀڳس، ڪجهه آوازن مون کي پڪڙڻ چاهيو، پر مون کي منهنجيءَ ڊوڙ بچائي ورتو، ۽ مان ان مهل ٿورو حيران ٿيس، ڊوڙندي ڊوڙندي منهنجي رستي ۾ درياهه اچي ويو. توڻي جو درياهه سڪي رهيو هو، پوءِ به مان درياهه کان هُن جي اکين جو رازُ پڇيو، پر درياهه کي ڏاڍي تڪڙ هئي، اُن منهنجو سمورو رستو ٻوڙي ڇڏيو. اٿاهه پاڻي ۾ مان ان اوندهه سان به مليس، جنهن ۾ مان هُن سان عشق جو اعتراف ڪيو هو. منهنجو ساهُ منجهڻ ٿو لڳي، مان خواب مان هڪ صحتمند ڇرڪ ڀري جاڳي ٿو پوان.

ٻئي ڏينهن صبح جو، هر روز جيان تيار ٿي لئبارٽريءَ ۾ اچان ٿو. اڄ ڏينهن پوريءَ محنت ۽ ڌيان سان تجربا ڪندي گذاريان ٿو. منجهند جي ماني ڪائيندي فقط هڪ ٻيرو مون کي اُها ماني ياد ٿي اچي جيڪا آخري ڀيرو هُن سان گڏ ڪاڌي هيم، هن جي زبان جو ذائقو ياد ڪندي مان مرڪي پيس. ڪائي وري تجربن ۾ گم ٿي ويس ۽ فراموشيءَ جي طويل ڀيريءَ مون کي قتل ڪري ڇڏيو.

●●●


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# آخري ڪمري وارو اجنبي

هوءَ سياري جي اس ڪٽي آئي هئي. هن جي آندل گلن ۾ بهار جا رنگ هئا ۽ هوءَ پاڻ جون- جولاءِ جو اونهارو ٿي پئي هئي.

اسپتال جو ننڍو ڪمرو پورو سال ٿي پيو هو. ڪمري جي بيڊ تي ليٽيل، هن جي ٻانهن تي بينڊج ٿيل هئي ۽ هو غور سان هن جي ڳاٽي هٽي ويل چهري کي ڏسي رهيو آهي.

هن کي مونجهه ٿيڻ لڳي.

”هڪ تہ مون کي ڳالهہ سمجهائڻ نہ ايندي آ.“

هوءَ پنهنجيون خوبصورت اکيون دريءَ کان ٻاهرين منظر تي کپائيندي چوڻ لڳي:

”مان پنهنجي اندر جي رڻ ۾ ڪافي دير کان اڪيلي هن جي اوسيئڙي ۾ بيٺي آهيان.“

هوءَ وري چپ ٿي وئي.

هن کي خاموش ٿيندو ڏسي هن جي اندر بي چيني، وشال رات جي لهرن جيان ايرڻ لڳي.

”دراصل مان ان راند جو نهايت ناڪام رانديگر آهيان. مان محبتن ۾ هميشہ غلط فيصلا ڪيا آهن. هر غلط فيصلو منهنجي دل جي زمين تي گهوٻي سان نڪتل هن جي صورت ۾ اڪري پوندو آ ۽ اتي تلخ تجربن جو فصل ٿيندو آ. جيڪو فهم جي لاپ کان اڳ ئي منتشر سوچن ۽ ڪاهليءَ جي بي موسمي بارشن ۾ سڙي ويندو آ.“

هن جي سهڻين اکين ۾ ياس جا پاڇا ڏکها ٿيڻ لڳا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”هُن پنهنجي اکين سان منهنجي زندگيءَ ۾ محبت جو ٻج تہ ڇٽيو آ پر ان کي اجان پرگهور جو ريج نہ ڏنو اٿائين. مونکي سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي مان ڇا ڪريان؟ جي هن اجان دير ڪئي تہ رُت نڪري ويندي ۽ ٻج اٿين ئي منهنجي خالي جيون ۾ سڪو رهجي ويندو. ڪڏهن سائو نہ ٿيندو.“

هن جي اندر بيچيني چوٽ چڙهڻ لڳي. هو ان گهڙيءَ کي ڪوسڻ لڳو، جنهن ۾ ان ڇوڪريءَ پرواري آخري ڪمري ۾ ليٽيل شخص جو ذڪر ڪيو هو. هن جي سامهون ويٺل خوبصورت اکين واري ڇوڪريءَ جو من تتل زمين جيان سوڪ ٿي ويو هو. جي هن جي وس ۾ هجي ها تہ هو ان وقت ئي اظهار جي بادلن سان هن جي من تي ڇانورو ڪري ڇڏي ها ۽ اقرار جو مينهن وسائي سندس ساري ڇر پنهنجي اندر جذب ڪري وٺي ها. پر هو ڪجهہ ڪري نہ پئي سگهيو. سڀ ڪجهہ ڪرڻ ۽ چوڻ چاهيندي بہ.

هن جا حواس ڪمري جي ڇٽن موسمن ۾ رلجي وڪرڻ لڳا. هوءَ محبت جي ازل جي تصوير ٿي پئي هئي. پر ان تصوير جا رنگ پر واري آخري ڪمري ۾ ليٽيل ڪنهن اجنبيءَ جي نگاهن جا هئا؛ جنهن جي اظهار جي هوءَ منتظر هئي.

هن جي اندر بي قراريءَ جو وشال سمنڊ موجون هڻڻ لڳو. هو ان ڇوڪريءَ جي خوبصورت اکين ۾ ياس جا پاڇا لمندي ڏسڻ لڳو. هو سوچڻ لڳو جنهن جي اظهار جي هوءَ منتظر آ، اهو الائي چو هيءَ تصوير ڏسي نہ سگهيو آ ۽ مان جيڪو اقرار جو ريج اکين ۾ اوتيءِ وينو آهيان تنهن کي هوءَ الائي چونہ ڏسي سگهي آ.

هن کي آخري ڪمري ۾ ستل اجنبيءَ سان ساڙ ٿيڻ لڳو. هن جون اکيون سڙڻ لڳيون. جيتوڻيڪ هن ڪيس ڏٺو نہ هيو، پر تنهن هوندي بہ هو ساڻس نفرت ڪرڻ لڳو. پر هن اهو ظاهر ٿيڻ نہ ڏنو ۽ اٿين ئي ڳالهين جو سلسلو جاري رکڻ لاءِ پڇيائين:

”اها تہ مونکي بہ خبر آ هو مون وانگر شهر جي هنگامن ۾ زخمي ٿيل آ پر توکي خبر آ تہ هو آهي ڪير؟“

”هو! ...“ هوءَ سوچيندي چوڻ لڳي. ”هو انهن منجهان آهي، جيڪي پهرين نظر ۾ پنهنجا لڳڻ لڳندا آهن. جن سان ڳالهيون ڪرڻ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي دل چوندي آ. جن کان ڳالهيون ٻڌڻ تي دل ڪندي آ. ان کان وڌيڪ مون کي خبر ناهي. بس هو ڪنهن شاعر جي سٽ آ: ڪن سان ملي راحت ملي؛ ٻافي ماڻهو ماڻهن جهڙا.”

هو مرڪي پيو.

هو سوچڻ لڳو هوءَ ڪيڏي نه معصوم آ!

هن جي نظرن ۾ خالي پڻ پرجي آيو.

”ها! ڪي ڪي ماڻهو گهاتي چانوَ جهڙا هوندا آهن.“ ڇوڪريءَ حسرت سان ڳلن ڏانهن ڏٺو.

”۽ مان ڪيڏي نه چري آهيان. ساهي پنڻ کان پوءِ چانوريءَ کي پنهنجي پرس ۾ وجهي ڪٽي وڃڻ تي چاهيان!“

سندس آواز ڪمري جي چئني موسمن سان رلجي ڪا پنجين موسم تي پيو.

هو ڪجهه دير ڪيس ڏسندو رهيو ۽ پوءِ جڻ پاڻ کي ٻڌائڻ لڳو.

”محبت احساس، ادراڪ، ۽ ارادي جي زبردست قوت جو نالو آ، محبت هوڏ آ.“

”هون! مون کي خبر ناهي، پر لڳي ٿو محبتون اهڙين ئي هونديون آهن.“

”ان هوڏ ۾ هر محبت ڪندڙ ”تڪليفن“ جي ذميواري ڪٽي وٺندو آ.“

ڇوڪريءَ غور سان هن کي ڏٺو جڻ مفهوم تي سوچيندي هجي. هن وڌيڪ چيو.

”۽ تڪليفن جي تڪي اس ۾ ئي محبت جو گل اسرندو آ.“

ڇوڪريءَ جي اکين ۾ بي پناهه معصوميت لهي تي. هوءَ ٿامس هارڊي جي ٽيس (Tess) جهڙي تي پئي. هوءَ پاڻ سان آندل ڳلن کي ڏسندي چوڻ لڳي.

”مون کي خبر ناهي! مان ته صرف ايترو ئي تي ڄاڻان ته مان هن اسپتال ۾ شهر جي هنگامن ۾ ٽيندڙ سيني رخمين لاءِ گل ڪٽي ايندي آهيان. پوءِ نه ڄاڻ ڪڏهن ڪهڙي ڳل سان ڳڏ مان پاڻ به هن کي سونپي ڇڏيو.“


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن کي لڳو چڻ هوءَ ڪو خوبصورت گل آهي. هو پاڻ کي اهو مالهي سمجهڻ لڳو، جنهن کي ڪي ڪي گل وڏيڪ پيارا هوندا آهن ۽ گل پٽڻ مالهيءَ جي مذهب ۾ حرام هوندو آ. هوءَ چوڻ لڳي:

”مان گل اچي هن جي ٽيبل تي رکيا ۽ پوءِ..“

”۽ پوءِ ڇا؟“

”۽ پوءِ مان هن کي ڏٺو، سوين احساسن سان گڏ. مگر ساڻس ملڻ کان پوءِ ٻيا سڀ احساس، هوا لڳڻ کانپوءِ ڇٽيل پنن جيان وکري ويا ۽ صرف هڪڙو احساس وڃي رهيو: اهو ته هو پنهنجو آ. هو اهڙو آ جهڙو ڪوئي توقعات جي گهر ۾ رهندو آ. هر ماڻهوءَ جي اندر ڪو اجنبي توقع ٻڌجي رهندو آ. مان ڪيس سڃاڻي ورتو. هو ڪيترن سالن کان منهنجي توقع ۾ رهندو آيو هو.“

هوءَ ٿڌو ساهه کڻي چپ ٿي وئي.

ڪمري ۾ چڻ ٿڌ وڌي وئي. هو سندس چهري تي لڳ سيڪڻ لڳو. هو سوچڻ لڳو ته پرسان واري ڪمري ۾ ستل هو اجنبي ڪيڏو نه خوشنصيب آ. محبت پاڻ ڪيس ڳولهي لڌو آ. هتي ته هرڪو تمام عمر محبتن جي ڏنڌلين عڪسن پٺيان ڊوڙندي گذاري ٿو ڇڏي.

هن جي نگاهه ۾ جهٽ لاءِ حسرت ليئو پائي موٽي وئي. هو جنهن عڪس پٺيان ڊوڙندو رهيو هو اهو هڪ ڪمرو پريان وڃي ٻيٺو هو. هن غور سان ڏٺو. اهو عڪس هن جو نه هو پر پرواري آخري ڪمري ۾ ستل ڪنهن اجنبيءَ جو هو.

هوءَ اٿي، ڪمري جي اڪلوتي دريءَ وٽ وڃي بيٺي.

”مون کي لڳي ٿو شايد مان هن کي ڪڏهن به ٻڌائي نه سگهندس.“

”۽ مون کي لڳي ٿو مان توکي اهو سمجهائي نه سگهندس. هونئن به اهي ڳالهيون ته پاڻ سمجهڻ جون هونديون آهن. سمجهائڻ يا ٻڌائڻ انهن جي توهين آ ۽ جنهن پاڻ نه سمجهيو اهو عمر ڀر خالي رهجي ويندو آ.“

هوءَ موٽي اچي هن جي پرسان ويٺي.

”بلڪل ائين جيئن اڄ توهان ڊسچارج ٿي هتان هليا ويندا ۽ هي ڪمرو خالي رهجي ويندو.“


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن نظرون جهڪائي ڇڏيون. ڪيس اندازو نہ ٿيو تہ هوءَ ڪيترين صديون ڪيس گهوريندي رهي تان جو هن ٻيهر ڇيو.

”مان وڃان!“

هن هڪ نظر ڪيس ڏنو ۽ پوءِ منهن پرتي ڪري ڇڏيائين. هوءَ آهستگيءَ سان اٿي ٽيبل تي رکيل گلن مان هڪ ڏار ڪري رکيو ۽ پوءِ دروازي ڏانهن وڌڻ لڳي.

هو تڙپي پيو.

”بڌ!“

هوءَ بيهي رهي. سندس رخ دروازي ڏانهن ئي رهيو. هن جيڪو ڪجهہ چوڻ چاهيو هن پيري بہ چئي نہ سگهيو.

”هي سڀ گل مان پنهنجي ڊائري ۾ رکي ڇڏيندم.“ ڇوڪريءَ بيني بيني ٽورو ڪنڌ لوڏيو ۽ پوءِ دروازي ڪان ٻاهر نڪري وئي.

سامان ويڙهيندي هن گل ڪٽڻ نہ وساريا. هن احساس جون چارئي موسمون بہ ڪنيون ۽ ٻُڌتيءَ جي پنجين موسم بہ پنهنجي بيگ ۾ سٽيائين. هن ڪمري ۾ وڪريل سيئي لمحا بہ ويڙهي ڪنيا. دريءَ وٽ بينل ان ڇوڪريءَ جو پاڇولو بہ ڇندي بيگ ۾ وڌو. ڪمري ۾ هلندڙ پکي جي ٽوري هوا، ڇوڪريءَ جي آواز جي خوشبو، ۽ سندس ڪپڙن جا ٽورا رنگ بہ ڪنيا.

تياري مڪمل ڪري هن آخري نظر ڪمري ڪي ڏنو ۽ ٽڪل ٽڪل وڪون ڪٽندو اسپتال جي ڪمري ڪان ٻاهر نڪري آيو. نہ چاهيندي بہ هن جي نظر پرسان واري دِروازي ڏانهن کڄي وئي. هن ڪان ڇرڪ نڪري ويو. پرسان ڪوئي ڪمرو نہ هو.

•••


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# هڪ لمحي جي خوشي

هوءَ فارينہ جي ڊريس چينج ڪري رهي هئي تہ سميع پويان رڙ ڪئي ”آشا! مان ليٽ پيو ٿيان، ميٽنگ ۾ پهچڻو اٿم.“

فارينہ کي تيار ڪري، هوءَ ڪيس ڊائننگ ٽيبل وٽ ڇڏي، ڊوڙندي ڪچن ۾ ويئي. ناشتي جو سامان ٽري تي رکي ڊائننگ ٽيبل تائين پهتي. فارينہ ۽ فهد کي سلائس تي مکڻ ۽ جام لڳائي ڏيئي وري ڪچن ۾ وڃي فٽافٽ چانهہ تيار ڪري کڻي آئي. جيستائين سميع ناشتو ختم ڪيو ان وقت تائين هوءَ سندس بريف ڪيس ۽ ڪوٽ کڻي آئي.

”اڄ فون جي بل جي آخري تاريخ آهي.“ سميع کيس ياد ڏياريو.

”ها ياد اٿم، ان ڪري تہ ڪاليج مان موڪل ڪئي اٿم، جيئن اڄ ئي سمورا ڪم ڪري وٺان.“

هوءَ سميع، فارينہ ۽ فهد کي ڇڏڻ دروازي تائين آئي ۽ مرڪي کين خدا حافظ چيائين. واپس مُڙي هن گهر ڏانهن ڏٺو، ڪا بہ شيءِ پنهنجي جاءِ تي نہ هئي. پهرين هن بيڊروم کي ٺيڪ ڪيو. ڊرائنگ روم ۾ ڪُشن زمين تي پيا هئا. رسالا ۽ اخبارون الڳ وکريل هيون. سڀ کڻي ترتيب سان رکي، ڪچن ۾ موٽي آئي. مختصر ناشتي کان پوءِ ڊريس چينج ڪري، ٻاهر وڃڻ جو سوچي رهي هئي تہ اوچتو چڪر اچي ويس. گهڙيءَ پل لاءِ هوءَ صوفي تي ويهي رهي.

پنهنجي حالت کي سامهون رکي کيس ٻاهر جا سمورا ڪم ڪينسل ڪرڻا پيا. گهر ۾ ويهي ڇا ڪنديس، هوءَ بوريت جي احساس


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪان گهبرائجي ويئي. ڪيس مونا جو خط ياد آيو. هوءَ مونا جو خط ڪڍي ڪولي پڙهڻ لڳي. لکيل هو:

”ڊيئر آشا!

ڪڏهن ڪڏهن لڳندو اٿم تہ پابندين ۾ ساهہ ٻوساتجي ويندو. الڳ گهر جا ڪيڏا نہ خواب ڏٺا هئم، پر تعبير جي ڪنجي منهنجي سس جي هٿ ۾ آهي. ان ڪري في الحال رڳو خوابن سان دل ٻهلايان پيئي. جوائنٽ فيملي سسٽم بہ هڪ عذاب آهي. انسان پنهنجي مرضيءَ سان ڪجهہ بہ نہ ٿو ڪري سگهي. خالد منهنجو ايترو خيال ناهي رکندو، جيترو پنهنجي گهروارن جو. ان ڪري جيئڻ جنجال آهي. جيڪڏهن احتجاج ٿي ڪيان، تہ خالد منت ميڙ ڪري مون کي چُپ ڪرائي ٿو ڇڏي.

آشا! سوچان ٿي. تون ڪيڏي نہ خوش قسمت، آهين، جو هڪ خودمختيار آزاد زندگي گذاري رهي آهين. ڪراچيءَ جهڙي خوبصورت شهر ۾ رهين ٿي. سڀ کان وڌي ڳالهہ تہ سمنڊ ڪناري هڪ خوبصورت فليٽ ۾ الڳ رهين ٿي. نہ سس جو جهڳڙو نہ نڻان جي ڪِر ڪِر. سميع ۽ توکي هڪ ٻئي جي احساس کي شيئر ڪرڻ جو ڪيڏو نہ وقت ملندو هو! هڪ خالد آهي، جو سڄي خاندان کي منهن ڏيئي رڳو رات جو ڪجهہ گهڙيون ئي مون کي ڏيئي سگهندو آهي. ۽ هوئن! اها بہ ڪا زندگي آهي، جنهن ۾ تعلق رڳو خواهش پرستيءَ جو انڌو کوهہ ٻڻجي وڃي. ائين ٿو لڳي شادي ڇڻ تہ جنس جو سودو هجي.

اسان ٻنهي ۾ ضرور پيار جو ڪو جذبو هوندو. پر ان پيار ۾ ذاتي تشنگي آهي. جيئن ڪنهن اُڃ ۾ مرندڙ ماڻهوءَ کي ڍڪ ڍڪ ٿي پاڻي ملندو هجي. خير، پنهنجا ڏک ٻڌائي توکي بور ڪرڻ نہ ٿي چاهيان.

تنهنجي خط جو انتظار رهندو.

فقط تنهنجي مونا.

خط پڙهي هوءَ مونا جي اندازِ تحرير تي مرڪي پئي. مونا سندس بيسٽ فرينڊ هئي. حد کان وڌيڪ جذباتي ۽ کرو سچ ڳالهائيندڙ بيباڪ ڇوڪري، پر ساهرا اهڙا مليس، جيڪي ڪافي حد تائين


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنزرويٽو هئا. جڏهن تہ سندس پرورش آزاد ماحول ۾ ٿي هئي. هوءَ سوچڻ لڳي تہ ماءُ پيءُ اولاد جي زندگيءَ جو فيصلو ڪرڻ وقت ڪين مختلف ماحول ۾ موڪلي، اهو نہ ٿا سوچين تہ ان مختلف ماحول ۾ سندس اولاد کي ايڊجسٽ ڪرڻ لاءِ ڪيترا نہ جتن ڪرڻا پوندا!

”ڇا مان واقعي خوش قسمت آهيان!“ آشا پنهنجي وڪريل وارن کي سميٽي سوچيو.

کيس ياد آيو، شاديءَ جي شروعاتي ڏينهن ۾ سميع هن کي ڪيڏو نہ خوش رکيو هو. هر ڪم سميع هن کان پڇي ڪندو هو. هن آشا جي اصرار تي سمنڊ ڪناري فليٽ ورتو، جنهن کي هن پنهنجي مرضيءَ سان ڊيڪوريٽ ڪيو هو.

شاديءَ جي ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ، چوڏهينءَ جي رات هو سمنڊ ڪناري خاموش وينا هئا. نہ ڳالهائڻ جي باوجود بہ هو هڪ ٻئي جي موجودگيءَ جي احساس ۾ گم هئا. ڪيترا ڪلاڪ هو ان ڪيفيت ۾ وينا رهيا. پوءِ خاموشيءَ کي ٽوڙيندي آشا چيو هو.

”هاڻ گهر هلون!“

”سان سڄي رات هتي گذارڻ ٿو چاهيان.“

”ائين ويهي“ آشا کلي پئي.

”ها ائين، هڪ ٻئي جي هٿن ۾ هٿ ڏيئي خاموش رهي سڄي، رات جاڳنداسين.“

”ائين بنان ڪجهہ ڳالهائڻ جي؟“ آشا چنڊ کي ڏسندي چيو.

”جذبا لفظن جا محتاج ٿيندا آهن ڇا!“

سميع جي ڳالهہ ٻڌي سندس دل ۾ ڪنارن جهڙو سڪون لهي آيو.

محبت اندر جي دنيا جي تڪميل آهي. هن کي محسوس ٿيو، ڪائنات جو هر رنگ تڪميل جي ان پرنور روشنيءَ سان گڏ رقص ڪري رهيو هجي، ۽ اڄ هن چوڏاري پٿين کي ڏٺو. سڀ ڪجهہ ڪيڏو نہ بدلجي چڪو آهي. شايد اهو دنيا جو دستور آهي تہ جيڪو ڪلهہ هو اُهو اڄ نہ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوندو. جيڪو ڪجهہ اڄ آهي اهو سڀاڻي نہ رهندو. انساني مزاج، روين ۽ رشتن ڪي ڪا stability ڪانهي.

هوءَ پنهنجي زماني جي موسٽ ايڪٽو گرل هئي، ان ڪري هن جلدئي گهر جي هر ذميداري سنڀالي ورتي. گهر جا سمورا ڪم سنڀاليندي بجلي، سوئي گيس، ٽيليفون جا بل هوءَ جمع ڪرائڻ لڳي. گهر جو سيڌو سامان يوٽيلٽي اسٽور تان وٺي ايندي هئي. پهرين ٻارن کي اسڪول ڇڏڻ جو ڪم سميع جي حوالي هو. اُهو بہ هن پاڻ سنڀالي ورتو. ٻارن کي اسڪول ڇڏي پاڻ ڪاليج هلي ويندي هئي. سميع کي گهر جي طرفان ڪوبہ فڪر نہ هو.

پر آخر ڪيستائين؟ هوءَ زندگيءَ جي يڪسانيت کان جلد گهٻرائجي ويئي. هاڻ هو هڪ ڪلڪيوليٽيڊ مشيني زندگي گذاري رهيا هئا. سميع شام جو ڇهين وڳي واپس ايندو هو. ڪپڙا تبديل ڪري چانهہ پي ويهندو هو تہ سندس ڪونہ ڪو دوست اچي ويندو هو. سميع ڪافي سوشل هو. سندس دوستن جو حلقو انتهائي وسيع هو. اها ڳالهہ آشا کي ڏاڍو بيزار ڪندي هئي. هن جي شديد تمنا هئي تہ سميع زندگيءَ جي هر معاملي کي هن سان برابر شيئر ڪري، ڪڏهن سندس حال پڇي. اُهي ساڳيون ننڍيون ننڍيون رنجشون، اُهي ڳالهہ ڳالهہ تي رُساما موٽي اچن، جن سان پيار جي جذبي ۾ شدت ۾ پنهنجائپ جو احساس ٿيندو آهي. پر انهن سيني ڳالهين لاءِ وقت گهربل هو، جنهن جي آشا جي زندگيءَ ۾ کوٽ هئي.

ٻارن جو اسڪول مان موٽڻ جو ٽائيم ٿي ويو هو. هن سميع جي آفيس فون ڪئي تہ سميع هڪ اهم ميٽنگ ۾ مصروف هو. هاڻ ڇا ٿيندو! هوءَ پريشان ٿي ويئي. آخرڪار پنهنجي وِڪريل قوت کي گڏ ڪري هن پاڻ ٻارن کي وٺي اچڻ جو فيصلو ڪيو. هوءَ جلدي جلدي تيار ٿي گاڏي ڪڍي ارم اپارٽمينٽس کان ٻاهر نڪري ويئي.

رات جو هوءَ چيڪ اپ ڪرائي موٽي تہ سميع جو موڊ سخت خراب هو. ٻارن کي پنهنجي ڪمري ۾ سمهاري واپس بيڊ روم ۾ موٽي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ سميع خلاف توقع جاڳي رهيو هو. جڏهن تہ هوءَ ڏاڍي خوش هئي. کيس ائين محسوس ٿي رهيو هو ڄڻ هوءَ اندر جي گهُٽ کان ٻاهر نڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويئي هجي. سندس وجود خلائن ۾ هلڪو ڦلڪو ٿي اُڏامي رهيو هو. چانڊوڪي سندس ٻانهن ۾ هئي ۽ ڪيترا ستارا هن مُٺ ۾ جهلي رکيا هئا. هڪ ٻيو اڻ ڏٺل وجود سندس اندر ۾ گردش ڪري رهيو هو. زندگيءَ جي Monotony ختم ٿي رهي هئي. هن محسوس ڪيو، سميع بي چين هو.

"ڇا ڳالهہ آهي، ڇو پريشان آهيو؟"

"اسان کي ٽئين ٻار جي ڪا ضرورت نہ آهي."

سميع جي ڳالهہ ٻڌي کيس صدمو رسيو. هن جي وهم ۽ گمان ۾ بہ نہ هو تہ ڪو سميع ان انداز ۾ سوچي سگهي ٿو. هن غور سان سميع کي ڏٺو. هن کي سميع جو چهرو ڏاڍو اوپرو لڳو. کيس لڳو تہ اندر ۾ ڪا شيءِ ڀڄي ڀيئي هجي. شايد ويساهہ جو نازڪ شيشو ڀڄي پيو هو. هو هڪ ٻئي جي ويجهو هوندي بہ هزارن ميلن جي فاصلي تي هليا ويا هئا. هو نرم ۽ نازڪ جذبا رکندڙ سميع تہ نہ هو. هو ماحولياتي آلودگيءَ ۾ ساهہ کڻندي کڻندي پنهنجي اندر جي سونهن کي وڃائي ويٺو هو. هو ڪمپيوٽر ايج جو مشيني انسان هو. يا خدا، انسان ايڏو جلدي بہ بدلجي سگهي ٿو. سمورا احساس ۽ جذبا ائين مري بہ سگهن ٿا! ڪاش، هوءَ سميع سان وڙهي سگهي ها، پر هن تہ وڙهڻ، رُسڻ ۽ پرچڻ جو حق بہ ڪسي ورتو هو.

"پر اها قدرت جي ڳالهہ اهي". آشا خار کائيندي چيو.

"ٻار جو Abortion بہ ٿي سگهي ٿو."

"سميع...!" آشا سڪتي ۾ اچي ويئي.

"ان کان سواءِ ٻيو ڪو چارو نہ آهي."

"اهو ڳناهہ آهي" هوءَ هراسجي ويئي.

"توکي ائين ڪرڻو پوندو" سميع سختيءَ سان چيو.

"تون هڪ خود غرض انسان آهين" آشا جي اکين ۾ لڙڪ اچي ويا.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”آشا! نئين دور جي تقاضائن کي سمجھڻ جي ڪوشش ڪر. ملڪ ۾ اڳ ئي آباديءَ جو ڪيڏو بوجھہ آهي.“

”مان ڪجھہ بہ ٻڌڻ نہ ٿي چاهيان.“

”تون سياڻي ڊاڪٽر شمع سان ملي پنهنجو مسئلو حل ڪرائي ڇڏ.“

ائين چئي هو پاسو ورائي سمهي رهيو.

زندگيءَ ۾ پهريون دفعو هن کي سميع جي وجود کان نفرت محسوس ٿي. هوءَ وهاڻو کڻي ڊرائنگ روم ۾ هلي آئي. ڪارپيٽ تي وهاڻو رکي ليٽي پيئي ۽ سوچڻ لڳي تہ شادي شده زندگيءَ ۾ ٻار، عورت لاءِ سڀ کان وڏو سهارو هوندا آهن. هڪ اهڙو Supporting Factor جيڪو عورت جي ڏکن ۽ محرومين جي وچ ۾ هڪ توازن پيدا ڪندو آهي. عورت ماءُ آهي ۽ اهوئي سندس سڀ کان وڏيڪ خوبصورت روپ آهي. هوءَ انسان جي روپ ۾ هڪ ڪائنات کي خلقي ٿي، جيڪو تخليق جي سگھہ رکي ٿو، اُهو ڪڏهن بہ تخريبي نٿو ٿي سگھي.

”نہ نہ، مان ائين ٿيڻ نہ ڏيندس.“ هوءَ سمهڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي.

ان کان پوءِ ان موضوع تي هن جو سميع سان ڪيترا ڀيرا جهيڙو ٿيو. آخرڪار هن سميع سان ڳالهائڻ ڇڏي ڏنو. ڪجھہ ڏينهن خاموشي رهي. هوءَ جڏهن سميع سان ڳالهائڻ لڳندي هئي تہ وري ساڳئي موضوع تي بحث ٿيندو هو. ٻہ ٽي مهينا هن شديد اذيت ۾ گذاريا. هوءَ ڪنفيوز رهڻ لڳي. ذهني اذيت کيس بيمار ڪري وڌو. هڪ ڏينهن هوءَ ڏاڪڻ تان سلپ ٿي ويئي. کيس هاسپيٽل ۾ ايڊمٽ ڪيو ويو. سندس ٻار Miscarriage ٿي ويو. ان صدمي سندس دماغ سُن ڪري ڇڏيو. هفتو اسپتال ۾ رهڻ کانپوءِ هوءَ گھر موٽي آئي.

”هو Unwanted Child هو. تڏهن تہ دنيا ۾ نہ اچي سگھيو.“

هوءَ اهو سوچي روئي پوندي هئي. سميع کي ڏسڻ سان ئي سندس چهري تي نفرت جا آثار لهي ايندا هئا. هوءَ لاشعوري طور تي ان واقعي جو ذميوار سميع کي سمجھڻ لڳي هئي.

هوءَ جن حالتن کان گذري رهي هئي، انهن ۾ ٻار جي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خوشخبري ڪيس نجات جو رستو لڳو هو. سندس وجود ۾ هلڪي درد جي احساس ۾ هڪ عجيب مِناس هئي، ڄڻ تہ سندس رشتو هڪ اڻ ڏٺل پُرنور دنيا سان جڙي ويو هو.

ان رات هوءَ بيڊ تي خاموشيءَ سان سُتي پيئي هئي. اوچتو دريءَ جو پردو تيز هوا سان لڏڻ لڳو. ڪيس ڪمري ۾ آسماني روشني محسوس ٿي. هن جي Vision ۾ ٻار دريءَ مان اُڏامندو، هن کان ڪجهہ فاصلي تي اچي ويهي رهيو.

"تون مون کي ڇڏي ڪيڏانهن هليو ويو آهين!"

"مما! مان پنهنجيءَ دنيا ۾ تمام خوش آهيان."

"پر مان توکان سواءِ خوش نہ آهيان."

"مما! مان توهان کان پري نہ آهيان. جيڪڏهن محسوس ڪيو تہ توهان جي وجود جو اڻمٽ حصو آهيان."

"مون کي تنهنجي سخت ضرورت هئي."

"سنو ٿيو تہ مان دنيا ۾ نہ آيس مما! توهان جي دنيا ۾ گهري اونداهي ۽ ڏاڍي ڪرپشن آهي. هر ماڻهوءَ جي من ۾ کوٽ آهي. هرڪو خواهش جي پڃري ۾ بند آهي. ماڻهو سچ جي سڳهہ کان منهن موڙي ورتو آهي. ان ڪري مصلحتن جي مورچن ۾ لڪا وينا آهن. اهڙيءَ دنيا ۾ اچي ڇا ڪيان ها، جتي ڇهرن تي منافقت جو نقاب چڙهيل آهي، جتي سچن رشتن جي ڪا سڃاڻپ ڪانهي. مصلحت ۽ بناوت جي ڏور سان ٻڌل رشتن جي وچ ۾ رهندي مان ڪوڙ جي ان ڏنڊ ۾ وڃائجي وڃان ها. محرومِ تمنا ٿي رهان ها. پنهنجي وجود ۾ اوپرو ٿي جيئڻو پوي ها."

"منهنجي ويجهو اچ، جيئن مان توکي پيار ڪري پنهنجي اندر جي محروميءَ جي تلافي ڪري سگهان."

ٻار سندس اکين جي ويجهو آيو. هن جيئن ٻار کي جهلڻ جي ڪوشش ڪئي. سندس هٿ هوا ۾ متي اُتي هيٺ جهڪي ويا. هن اکيون کولي ڇوڏاري ڏٺو تہ ڪمري ۾ هوءَ اڪيلي هئي. هوءَ ڇهرو هٿن ۾ لڪائي روئڻ لڳي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سمنڊ جي لهرن ۾ ڏاڍو چاڙهہ هو. ان چانڊوڪي رات ۾ هوءَ اڪيلي دير تائين سمنڊ جي لهرن کي ڏسندي رهي. لهرن، چنڊ ۽ هوائن ۾ هڪ عجيب هارموني هئي. سندس ڏڙڪنون منتشر ٿيڻ لڳون. ڪيس چڪر اچي ويو. هوءَ زمين تي ويهي رهي.

"آشا! اهو ڪهڙو مذاق آهي؟"

هن ڪنڌ مٿي ڪنيو. هن جي اڳيان سميع بيٺو هو. سندس چهرو ڪاوڙ ۾ تپي ڳاڙهو ٿي ويو هو. هن ڏٺو تہ بار ڪجهہ فاصلي تي بيهاريل گاڏيءَ ۾ پريشان وينا هئا.

"ڇا ڪيو آهي مون" هوءَ اتي بيهي رهي.

"مان توکي ڪيتري دير کان ڳوليندو ٿو رهان ۽ تون ٻنا ٻڌائڻ جي هتي هلي آئين آهين!"

"تون مون کي سڄي زندگي ڳوليندو رهندين. پر مان توکي ڪٿي بہ نہ ملندس." هوءَ لهرن ڏانهن مُنهن ڪري بيهي رهي.

"آشا! مان تنهنجي رويي کي ڇا سمجهان!"

"تون ڪڏهن مون کي سمجهڻ جي ڪوشش ئي نہ ڪئي آهي."

سميع کي خبر هئي تہ بار واري حادثي کان پوءِ هوءُ ذهني طور تي اَپ سيٽ ٿي ويئي هئي، ان ڪري هن ڪاوڙ جي باوجود لهجي ۾ نرمي پيدا ڪندي چيو:

"ڇا مون کان ڪا ڪوتاهي ٿي آهي؟"

آشا ڪيس حيرت سان ڏٺو. هو ڪيڏو نہ اٽجاڻ بڻجي رهيو هو، ڄڻ تہ ڪجهہ بہ نہ ٿيو هو.

"توکي ياد آهي سميع! شاديءَ کان پوءِ هڪ رات اسان دير تائين سمنڊ تي وينا هئاسين."

"ها ياد آهي."

"اُها رات تہ مون کان ڪسي ورتي آهي. ان رات کان پوءِ ايندڙ ڪنهن بہ رات ۾ وري ڪڏهن چنڊ نہ اُڀريو آهي. مون کي اُها رات موٽائي ڏي."

هوءَ سميع جي گريبان ۾ هٿ وجهي ڪيس جهنجهوڙي رڙيون


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرڻ لڳي.

”آشا! پليز آشا! ڪجھ تہ هوش ڪر.“ سميع ڪيس سنڀاليندي چيو.

”مون کان اُها رات وڃائجي ويئي آهي. مون کي ٻيو ڪجھ بہ نہ گهرجي، فقط اُها رات گهرجي جنهن جي خاموشيءَ ۾ جذبن ڳالهايو هو. مون کي اُها رات موٽائي ڏي. خدا جي واسطي مون کي اُها رات موٽائي ڏي.“

هوءَ ٻارن وانگر روئي رهي هئي. هو ماڻهن جي توجھ جو مرڪز بڻجي رهيا هئا. تماشي ٿيڻ کان بچڻ لاءِ هو آشا کي ٻانهن کان وٺي گهليندو ڪار تائين وٺي آيو. گهر اچي هن آشا کي زوري سليپنگ پلز کارائي سمهاري ڇڏيو. وقت گذرڻ سان گڏ، آشا حالتن سان سمجهوتو ڪري ورتو. هاڻ هن سميع کان اميدون وابستہ ڪرڻ ڇڏي ڏنيون هيون. اُهائي ساڳي مشيني زندگي وري موٽي آئي.

هڪ رات سميع دير تائين دوستن سان ويٺو رهيو ۽ هوءَ بہ بي چين سڄي گهر ۾ گهمندي رهندي. پنهنجي ڪمري ۾ دريءَ مان لهرن مٿان چانڊوڪيءَ جي ڪرڻن، جي جهرمر ڏسندي رهي، ۽ پوءِ ٿڪجي سمهي رهي.

ننڊ جاڳ جي ڪيفيتن ۾ هن سميع جي موجودگيءَ کي محسوس ڪيو. هو سندس پير ۾ ويهي سندس چهري کي غور سان ڏسي رهيو هو. جيڪو هلڪي روشنيءَ ۾ ڦڪو ۽ بيمار لڳي رهيو هو. هن ڪيس سڏ ڪيو.

”آشا!“

”جي“ هن اکيون کوليون.

سميع سندس وار چهري تان هٽائيندي چيو: ”آشا پنهنجو خيال رکندي ڪر، ڏس ڪهڙي حالت ڪري ڇڏي اٿئي؟“

سميع سندس ڳل تي پيار سان هلڪي ٿپڪي ڏيئي وڃي سمهي رهيو. آشا کي محسوس ٿيو تہ سندس من جي اونداهيءَ ۾ ڪو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيپ ٻري پيو هجي. جيون ڪرڻا ڪرڻا تي جرڪي پيو هجي. ڪنهن ڏورانهين سفر تان ايندڙ ٻيڙيءَ ساحل ڪي ڇهيو هجي. جڻ مري ويل جذبا ٻيهر جيئرا تي پيا هجن. جڻ هر طرف روشني هجي. من ۾ به ته روح جي گهرائين ۾ به، هڪ لمحي جي ان خوشيءَ اڳيان هو پنهنجي ذات ۾ گلاب ٻڻجي مهڪي پئي. ڪيترين راتين کان اوجاڳيل اکين ۾ ننڊ جا سپنا لهي آيا.

ڇا سڄي زندگي محرومين جي اونداهين ۾ ائين لمحو لمحو تي لاٿ ٻرندي رهي. سندس اکين جي ڪنارن کان هڪ لڙڪ لڙي وهاڻي ۾ جذب تي ويو. ٿوريءَ دير ۾ هوءَ سُمهي رهي. سندس چهري تي اهو هڪ لمحو خوشيءَ جو گلابي عڪس ٻڻجي جرڪي رهيو هو!

•••


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مِس لِچي

ماءِ لچي! اج لِچي نہ پيئنديںءَ؟
نہ، اج مان گرم چانهہ پيئنديس. سيارو اچي ويو آ نہ، گلو خراب ٿي پوندو. هونءَ بہ منهنجا tonsils اڪثر inflammed رهندا آهن.
صرف tonsils تہ نہ، اوهين ڇوڪريون تہ سڄيون ئي infection prone هونديون ۽ اڪثر... ۽ بڌ، لِچي!
ڇاهي؟
تنهنجي سائٽن تنهنجو نالو لِچي ڇو رکيو؟ منهنجو مطلب آهي تہ ... تون اسٽرابري بہ لڳيس ها.
مون وٽ فضول ڳالهين لاءِ وقت نہ آهي.
اهو تہ وڏو مسئلو ٿي پيو. لِچي! ايڏو ٿهين چالاڪ ٿي؟ ڪلهہ ئي تہ اوهين ڇوڪريون فارمي ڪڪڙين وانگي ڪيمپس جي ڊاڪٽين تي وينيون هيون. اِهو سيڪجهہ فضول آهي تولاءِ؟
تون تہ .... خبر بہ اٿئي يا بس ائين ئي ڳالهائي ڇڏيندو آهين؟
اسان بس جوانتظار پئي ڪيو.
۽ بس، گذري ويئي، پر اوهان جو انتظار ختم نہ ٿيو.
تنهنجو ڇا ويو؟ اسين ڪجهہ بہ ڪريون!
منهنجو ڇا ويو؟ ويو تہ ڪجهہ بہ نہ، لِچي، پر اوهان جي انهيءَ ڊبل اسٽئنڊرڊ تي حيرت ٿي ٿئي. هونديون ڪجهہ آهيو، لڳنديون ڪجهہ ٻيون آهيو. مطلب جيئن توکي Sandwich ناهن وڻندا، پر ڪئمپس ۾ مون توکي هزار دفعا سئنڊوچ کائيندي ڏٺو آهي. سچ ۽ ڪوڙ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي وچ ۾ اوهين ايڏو manage ڪيئن تيون ڪريو پنهنجي پاڻ ڪي؟ ۽ تنهنجو ego لِچي! الائي ڪڏهن ڪڏهن مون ڪي اندي جي مرڪب وانگر لڳندو آهي. اچو، ڦِڪو، ٻيئي گڏ گڏ Instant ready اچن سان اچو، ۽ ڦڪن سان ڦِڪو. توٻهن!

تون چانهه ناهيندين، يا مان وجان؟

وجن تنهنجا دشمن. چانهن تہ تيار آهي. اِجهو، اچي وئي ۽ هاڻي تون چوندين توکي کنڊ ناهي وٽندي. هڪ چمچي ۾ ويهه ڪيليريز... نہ نہ مان تہ نہ پيئندس! وڏي ڳالهہ تہ اسان جي فيمليءَ ۾ سيئي Diabetic آهن.

۽ تيون ڏينهن مون توکي ڪئنتين ۾ ٽي پريل چمچا چانهن ۾ وجهندي ڏٺا هئا... ۽ مون کي ٻي بہ خبر آهي تہ تون کنڊ ڦڪيندي بہ آهين. پر هينئر تون پنهنجي پرس مان ڪينڊرل ڪڍندين. جنهن سان تون نہ ڄاڻ ڪيترن تي پنهنجو امپريشن رکيو آهي. اِئين آهي نہ، لِچي؟

ايڏو چتو چا لاءِ تو ڪرين؟

تون چالاءِ تي تين؟

تون سڙين چا لاءِ تو؟ مان ڪجهہ بہ ڪريان، ان سان تنهنجو ڪو نقصان تہ نہ ڪيو اٿم؟

ڦڪي چانهن پي، تون منهنجو ڪهڙو نقصان تي ڪري سگهين. مٿان فائدو پئي ڪرين. هونئن بہ کنڊ مهانگي تي وئي آ ۽ راشن سسٽم بہ ختم تي ويو آ ۽ اهو بہ اوهان جهڙن ڪري غريبن جو راشن کائي، Diabetes جا مريض نہ تيندئو تہ چا تيندو!

تون بس نہ ڪندين؟

توکي منهنجي بس جو انتظار ڪرڻو پوندو، جيڪو يقيناً تون ڪونہ ڪري سگهندينءَ. ها، جي هتي ڪئمپس هجي ها تہ پوءِ ڪا ڳالهہ ئي نہ هئي. بس جو انتظار ڪرڻ، ۽ ان بهاني حسن جي مينا بازار لڳائڻ، ٽڪٽ فِري نمائش!

تنهنجي رڪارڊ ۾ گهاري نہ تي پوي؟


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڙي مس لِڇي، ڪهڙي دور جون ٿي ڳالهيون ڪرين. ڪاٿي هِن اڄڪلهه اهي هز ماسٽرس وائس وارا ڪُتي ڇاپ رڪارڊ! هي تہ CDS جو زمانو آ، نہ گهاري پوڻ جو خطرو، نہ روائينڊ- فارورڊ جو خفو. صرف ڊجٽ ڪي پش ڪريو، اوهان جو پسنديده گانو حاضر.

پپا بہ پنهنجي، BMW ۾ سي- ڊي پليئر هٽايو آ. توکي خبر آ نہ پپو؟

پپو! مان وري پپو ڪڏهن کان ٿي ويس؟ عجيب ڳالهہ آ، لِڇي. پيءُ "پپا" دوست "پپو"، پ پلي سان ايڏو پيار! ۽ تون چوندينءَ، اهو ماڊرنزم آهي، ۽ مون کي تنهنجي ان ماڊرنزم مان هيومنزم جي سڙيل ڏپ ٿي اچي. انسانيت ايلورا جون گڦائون ٿي وئي آهي، ۽ اسين ماڻهو ماڊرنزم جا سائبورگ. ڪلڻ ڪپي يا روئڻ. ڪا ڳالهہ سمجهہ ۾ نٿي اچي!

ايڏو ڊيپ ڇالاءِ ٿو وڃين؟

ٻڏندڙن کي بچائڻ لاءِ ڊيپ ئي وڃڻو پوندو آ. سرفيس تي ويهي چولين ڳڻڻ سان تہ ڪجهہ نہ ٿيندو.

تو نيڪو ڪنيو آ ڇا دنيا جهان جو؟

ٿيندر تہ اوهين پريندا آهيو دنيا جهان جا، نيڪو مان ڪٿان ڪٽندس؟

اليڪشن وڙهہ.

رهڻ ڏي، لِڇي، بہ ٿي تہ دوست آهن، سي بہ ڦٽائيندينءَ ڇا؟

ڪار تہ مون بہ ناهي چاڙهي، ۽ نہ ئي تنهنجا دوست شوخ رنگ ڪپڙا آهن جو ڦٽي پوندا.

ڪپڙا تہ برابر ناهن، پر شوخ رنگ ضرور آهن. تو وانگر، لِڇي، بلڪل تو وانگر، ڪڏهن ڪنهن جا ڪڏهن ڪنهن جا. توکي پنهنجي سهيلي تہ ياد آهي نہ، ڪينجهر، جيڪا ان تي مرندي هئي.

ڪيڏا نہ ناٽڪ ڪيا هيا هن ڇوريءَ! ڪهاڻيءَ جي ائنٽي ڪلائمڪس ۾ اظهر کي اڪيلائي ڏسڻي پيئي، ۽ ڪينجهر پنهنجي ڪلائمڪس سان "نسان پيٽرول" ۾ چڙهي هلي وئي. اِهائي آهي نہ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوهان جي دوستي ۽ جذباتي لڳاءُ؟ لڳي ٿو، لِڇي، اوهان ڇوڪرين جو لڳاءُ ڪنهن جي سچيءَ محبت سان نہ. پر هن جي سوشل اِسٽيٽس سان هوندو آ.

لڳي ٿو ڇا؟ اهو سچ آ... ۽ ائين هئڻ بہ گهرجي. سچو پيار ڇاهي، سواءِ دماغي خلل جي؟ ۽ ultimately سچي پيار جو ڪلائمڪس بہ تہ انهيءَ ئي نقطي تي حاصل ٿو ٿئي. ڪنهن بہ مرد ۽ عورت جو ڪلائمڪس، سچو پيار، سچي محبت... ڇا ٿا ثابت ڪرڻ چاهيو اوهين؟ سچي پيار مان اوهان جي مُراد sexual satisfaction کان سواءِ پوري ٿي سگهي ٿي. سوشل اسٽيٽس بہ تہ ساڳي ٻڪ آهي، ۽ جتي ساڳئي وقت ڪنهن مان ٻيئي خواهشون پوريون ٿيون ٿين. ان جو پيڇو ڪرڻ ۾ ڪهڙي برائي آهي؟ اظهر، ڪينجهر جي صرف هڪ خواهش پوري ڪري سگهيو، ٻي نہ، ۽ منهنجي خيال ۾، هن جيڪو بہ ڪيو، صحيح ڪيو. ٻين جي لاءِ نہ، تہ گهٽ ۾ گهٽ پنهنجي لاءِ تہ صحيح ڪيائين.

لِڇي، دل ڪچي نٿي ٿيئي اهڙيون ڳالهيون ڪندي؟

نہ- ۽ تنهنجي بہ نہ ٿيڻ کپي. سچ کي مڃ! سڀ سيڪجهہ سئولو ٿي پوندو تولاءِ.

اڳي تہ صرف اندازو هوم. لِڇي، پر هاڻي پڪ ٿي وئي اٿم تہ تون نہ صرف سئو فيصد vegetable mind آهين بلڪ ان سان گڏ حد قسم جي skeptical بہ آهين. تنهنجيءَ نظر ۾ مذهب اخلاقي، سماجي ۽ انساني قدرن جي ڪا قدامت نہ آهي. انسان ڪهڙي بہ دائري ۾ گهريل چونہ سهي. پر هن جي ذهن ۾ حدون واضح هجڻ گهرجن، جيڪي انسان کي جانور کان الڳ ٿيون ڪن. تون ڪيڏيءَ نہ خوبصورتيءَ سان هڪ غيراخلاقي حرڪت کي سچ جو ليبل هڻي، پسند جي ڳالهہ مڃرائڻ ٿي چاهين. مون ڪڏهن چيو آ تہ اهو سچ نہ آهي؟ سچ ڪوڙ نٿو ٿي سگهي، پر ڪوڙ سچ تہ ٿي سگهي ٿو. ۽ تون ان کي justified ٿي سمجهين، حيرت آ، لِڇي، حيرت آ جو پوءِ بہ چوين ٿي تہ مونکي اُلٽي نہ اچڻ کپي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ وڃ، ڪري آ. ڪنهن جهليو تہ نہ ٿئي ۽ بهتر بہ اِهو ٿيندو تہ تون پنهنجو اِهي ideologies واش- بيسن ۾ وهائي ڇڏ، بجاءِ ٻين تي زوريءَ ٿَڦڻ جي.

تو غور ڪيو آ، لِڇي؟

ڇا تي؟

تنهنجي ذهني ڪائنات جي cosmology گهٽيءَ حد تائين منجي نہ وئي آ؟ اڳي تہ عورت جي chastity جي نہ صرف وڪالت ڪندي هئينءَ، پر ان جو مثال هوندي هئين. خبر نٿي پوي تہ تون واقعي بہ مثال هوندي هئينءَ يا محض پنهنجو رعب رکڻ چاهيندي هئينءَ.

تون سمجهين ڇونہ ٿو! اِها هڪ مجيل حقيقت آ تہ انسان جيڪو نظر ايندو آ، اها صرف پنهنجي، اصليت کي لڪائڻ لاءِ هن جي ڪوشش هوندي آ.

افسوس، لِڇي، صد افسوس، جو هن جون اهي ڪوششون هن جي اصليت لڪائي نہ سگهنديون آهن! سچ ڇوندا آهن تہ ڪُوڙ جي حياتي جيتري وڏي اوتري ئي ذلت ڀريل هوندي آهي.

اوڳاڏ! بس بہ ڪندين يا ... توکي evangelist ٿيڻ جو ايڏو شوق ڇو آ؟

پاڳل هان نہ، ان جي ڪري.

پاڳل نہ، پرفيڪشنسٽ.

ٻُڌ غور سان ٻُڌ، مان وري بہ چوانءِ ٿي. انسانذات مان ايڏي سُنائيءَ جي اميد نہ رک.

تہ ڇا، جانورن مان رکان، لِڇي؟

ڪنهن مان بہ نہ. ڪوئي سنو ناهي، هن دنيا ۾. هرڪو سنائيءَ جو خول پايو پيو گهمي، ۽ اندران جانورن کان بہ گندو آ. تون، مان، هو، هوءَ. سيئي اڇي تا وڃون ان category ۾. پنهنجن بنهنجن ڪپڙن اندر، هرڪوئي ننگو آ. ۽ ٻُڌ، هر پرو "م" ملائڪ ٿيڻ جي ڪوشش نہ ڪر. ائين ڪري تون انسانن سان صرف نفرت ئي ڪري سگهين ٿو، محبت نہ.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نفرت ڪهڙو ڪافر ٿو ڪري. مون کي تہ رحم ٿو اچي انسان ذات تي. ۽ افسوس ٿو ٿئي تہ هن تي صرف رحم ئي ڪائي سگهجي ٿو.

انسان تي رحم ڪائڻ جي ڪا تنظيم چونہ ٿو ناهين؟

اوهان جي بدتنظيميءَ ڪهڙي ڪسر ڇڏي آ باقي جو ڪا نئين تنظيم ناهي، وجي. تنظيم جي مونوگرام جي آڙ ۾ جيترو انسان جي حقن جو قتل عام ٿي چڪو آهي، ڇا اهو ڪافي نہ آهي، لِڇي؟

تہ پوءِ هيئن ڪر... هيئن ڪر... بيهہ، مان سوچيان... هيئن ڪر جو تون خودڪشي ڪري ڇڏ! ۽ جڏهن ڪري ڇڏين، تہ ٻڌائجانءِ تہ مانُ بہ ڏسان هڪ سچي انسان جو جنازو ڪيئن ٿو نڪري!

جنازا تہ سيني جا ساڳيا نڪرندا آهن، لڇي. ڪوڙن ڳوڙهن جذبن جي Exaggeration ۽ رڙين ۾. ۽ ڪجهہ وقت ڪان پوءِ سيني جو سڀ ڪجهہ ساڳيو ساڳيو ٿي ويندو آهي. ڪنهن جو موت ڪنهن لاءِ صرف گهڙيءَ ڪن جو صدمو هوندو آ، ۽ ان ڪان پوءِ ان صدمي کي برداشت ڪرڻ لاءِ هو پنهنجي اندر ۾ anti-bodies ناهڻ شروع ڪندو آ. زندگيءَ کي تہ نهيو، لڇي، ماڻهن تہ موت کي بہ هڪ تماشو ناهي ڇڏيو آ. اڄا مرڻ واري جي مٽي بہ ٿڌي ناهي ٿيندي تہ ٿڌي تي دنيا جون خبرون گرم ٿي وينديون آهن. ٿڌي تي دوستيون ياريون ملهائبيون آهن، ۽ دعوتن وانگر ويلن جون مانيون serve ڪيون وينديون آهن. ڪنهن جو موت، ان جي عزيزن لاءِ، ماڻهن سان سياسي رشتا ۽ social relations وڌائڻ جو ذريعو بڻجي ويندو آ. اهڙيءَ نفسانفسيءَ ۾ تون منهنجو جنازو ڏسي ڇا ڪندينءَ، لِڇي؟

مان وري بہ ايندس. ڇانهن پيئڻ!

۽ ٿورو روئيندينءَ بہ، جيئن ٻين کي خبر پوي تہ منهنجي موت جو صدمو جيترو بہ رسيو آهي، اوترو شايد ئي ڪنهن ٻني بشر کي رسيو هجي!

ها ها، ڇو ڪونہ، مان بہ ائين ڪنديس نہ، جيئن ٻيا ڪندا!

ٻڌ، لِڇي، تون اهڙو ڪجهہ چونہ ٿي ڪرين، جيڪو جيئن تون


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرين، ٻيا بہ ائين ڪن؟ سدائين ٻين جي influence هيٺ رهڻ ڪا سٺي ڳالهہ تہ نہ آهي.

تون بہ چريو آهين صفا ڪو. اهو بہ نٿو سمجهين! ماڻهو ٻين جي هيٺ رهڻ پسند ناهن ڪندا، پر ان influence کي استعمال ڪندا آهن، اهڙي نموني جو ٻيا بہ پسند ڪن ۽ انهن تي بہ پنهنجيءَ پسند جو influence هلائي سگهجي.

تنهنجي psychology ڏاڍي سٺي پئي وڃي. لڳي ٿو، لِڇي، تون جاڏي بہ ويندين، Shine ڪندينءَ.

۽ تون ائين ئي سڙندو رهجانءِ، منهنجين ڪاميابين تي. ٻڌي ڇڏ، مان بہ تنهنجي downfall تي جشن ملهائيندس!

ٻيو تون ڪري بہ ڇاٽِي سگهبن؟ جي توکي اها خوشفهمي آ تہ تنهنجا جشن منهنجي زخمن تي لوڻ وارو ردعمل ڪندا، تہ اها تنهنجي غلطفهمي آ، لِڇي! مون لاءِ نہ ڪاميابيون زندگيءَ جو مقصد آهن، ۽ نہ ئي downfall ان جو اختتام.

تون انسان گهٽ، گندارا آرٽ جو شهڪار وڌيڪ ٿو لڳين ۽ توکي خبر هئڻ گهرجي تہ مون کي antiques کان سخت الجهاءِ ٿيندو آهي.

ساري، لڇي، مون کان وسري ويو هو تہ تون feminism جي freedom fighter آهين. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ تون freedom جي وصف کان واقف نہ آهين، ۽ اها اڃا بہ ٻي ڳالهہ آهي تہ تو جهڙيون ڪيئي freedom fighters صرف ان لاءِ freedom جو symbol استعمال ڪنديون آهن تہ جيئن پنهنجيون پنهنجيون ضرورتون پوريون ڪري سگهن. نہ ڄاڻ ڪهڙيون ڪهڙيون ضرورتون! ٻڌ. لڇي، اِهي ضرورتون ڪجهہ ضرورت کان وڌيڪ نہ ٻڌجي ويون هن اوهان جون؟

ضرورت ايجاد جي ماءُ هوندي آ. ان جي ڪري، شايد گهٽيون ضرورتون گهٽين ايجادن جو ڪارڻ ٻڌجي وڃن!


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايجاد لفظ بہ عجيب ايجاد آهي. آهي نہ، لِچي؟ مطلب، جيئن لپ اسٽئڪ بہ ايجاد آ اوهان جي. وڏيڪ تون بهتر ڄاڻين ٿي تہ ڇالاءِ! پر تون نہ مڃيندينءَ. مون کي خبر آ، ڇوتہ ان سڀ لاءِ اوهان وٽ هڪ بهترين لفظ ايجاد ٿيل آهي fashion جيئن اڄڪلهہ شلوارن جو فيشن، جيڪو مون کي فيشن گهٽ پر seduction وڌيڪ ٿو لڳي.

توکي تہ "الائي ڇو، "وڌيڪ لڳڻ" جي بيماري ٿي پئي آهي! پر تون صحيح بہ چوين ٿو. شايد ائين ناهي بہ. آهي بہ.

ڇا مطلب؟ ناهي بہ، آهي بہ!

مطلب .... مطلب....

ڇا ....؟ لِچي، تون بہ.....

●●●


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# تنهنجو ڇهاءُ رهجي ويو آهي

**پڄاڻي:**

"تنهجي گهر ۾ سڀ نيڪ آهن؟"

"جي آنٽي- سڀ نيڪ آهن."

"تنهنجي مميءَ جي ڪنگهہ ڪيئن آهي؟"

"ڪافي جهڪي آهي، هاڻي..."

وري ماٺ ٿي وئي. ازل کان ابد تائين جيڪا سلامت رهڻي آهي. هن دنيا جي تخليق کان پهرين بہ ماٺ هئي ۽ پڄاڻيءَ کان پوءِ بہ اها پنهنجي اثر رسوخ کي قائم رکي ٿي. ڀلا ڪڏهن ڪنهن خدا کي بہ ڳالهائيندي ڏٺو آهي؟ ڪڏهن هن جو ڪو جملو ٻڌو اٿائين؟ خدا جي ذات بہ تہ ماٺ جي ئي گفتگو پسند ڪندي آهي.

جملا ڪٿي ويا هئا، پر جملن جو ڪم ئي ڪٿي وڃڻ آهي. جڏهن اسين نہ ڳالهائڻ چاهيندا آهيون تہ موسم ۽ بيماري اسان جي گفتگوءَ ۾ شامل هونديون آهن ۽ جي ڳالهائڻ چاهيون تہ اهي ٻئي شيون پري پري تائين نظر نہ اينديون آهن. هن مهل بہ اسين شايد اهڙي ئي ڪنهن چؤواٽيءَ تي بيٺل هئاسين، جنهن تاڪ منجهند جو ڪوبہ چاپرو نہ هو. يا شايد ٽرئفڪ اسان جي اندر ۾ هئي ۽ سپاهي ڪٿي گم ٿي ويو هو. ٻنهي صورتن ۾ گمشدگيءَ جو هڪ احساس جاڳي رهيو هو.

ڪڏهن ڪڏهن ماڻهو نہ چاهيندو آهي تہ ڪير مون وٽ ويهي. هن گهر جي بام ودر جو ديدار ڪري ۽ هتي جي پٿين ۾ پنهنجي خوشبوءِ جو رنگ ڇڏي وڃي، پر مجبوري اهڙي ئي شيءِ جو نالو آهي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

توهان جي چاهڻ نہ چاهڻ سان ڪوبہ فرق نہ ٿو پوي. جنهن ڪي اوهان وٽ ڪجهہ پَلَ گذارڻا آهن اهو ٻئي در ڪيئن ٿو وڃي سگهي.

اسان ماٺ هئاسين، آنٽيءَ، ٽيبل جي هينائين خاني مان هڪ مئگزين ڪنيو ۽ مون ڏي وڌايائين.

”ڏس ويهي... ساڌنا اچڻ واري ئي هوندي...“

مون ڪانئس رسالو ورتو. ضروري آهي ڇا تہ ماڻهو هر ڳالهہ ۾ نهڪار ڪري؟... ائين هجي ها تہ پوءِ هاڪار الائي ڪٿي هجي ها. دنيا جو ڪاروبار رڳو ڪلهن واري پاسي مٿي ڪي ڦيرائڻ تي هلي ها.

هوءَ اٿي وئي. نگاهن ڪي ڪهڙو ڪم هو اها خبر نہ پَئي پئي. مئگزين جا ڪاغذ اجايا هئا. مهہ رخن، پري ڇهرن تي نظر نہ پئي اَٽڪي. پريان ڪٿان اندر مان آواز آيو هو. ’تون هن ڪي ڏسڻ ڪونہ آيو آهين... نظر ڪاغذن تي ڇونہ ٿي بيهي؟ ڪيس سمجهاءِ هوءَ جي آئي بہ تہ گهٽي دير تہ نظر ڪي ڪاغذ تي ئي رهڻو آهي‘.

۽ هوءَ اچي وئي. هوءَ جيڪا هر ڪنهن ”هُن“ جي خيال ۾ هوندي آهي. جنهن جي نظر گلابن جي خوشبو ۽ وات گلاب رکندو آهي. هن جي ڪري ئي تہ اسان جهڙن جو اندر مهڪندو آهي.

هن ڪي ايندو ڏسي مان اٿي ڪڙو ٿيس. هوءَ هميشہ جيان با وقار ۽ خوشنما هئي.

”هلو“

”هلو...“ مون ڳيت ڏني. نڙي يقيناً اهڙن ئي موقعن تي خشڪ ٿي ويندي آهي. هوءَ سامهون واري صوفي تي اچي ويٺي. ڪمرو ڇڻ هڪدم ڀرجي ويو هجي. پتين جو هلڪو رنگ، تيز ٿي ويو هو ۽ ڏور ڪٿي گهنڊن ڪي وڄڻ تي مجبور ڪندڙ رسي ڇڪجي رهي هئي.

”توهان ڪي الاهي دير ٿي وئي...“

هن جون نظرون هميشہ جيان تند و تيز هيون. ڪن ڪن اکين ۾ اهڙو وهڪرو هوندو آهي جو ماڻهو ازخود لڙهندو ويندو آهي. اتي ڪٿي ڪا وهندڙ لامر، ڪا ٺاري، ڪو تختو. ڪا سپورٽ ڪجهہ بہ تہ ناهي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوندو ۽ جي هجي بہ تہ ماڻهو ٻڌڻ کي وڏيڪ پسند ڪندو آهي.

”نہ بس اهائي ڪجهہ منٽن جي وٿي ٿي آهي.“

”توهان ۽ منهنجي اچڻ ۾... ها نہ...“

هن مرڪي منهنجي ڳالهہ ڪٽي. مون هاڪار ۾ ڪنڌ لوڏيو ۽ گهور ڪري ڏانهنس نهاريو، هوءَ پاڻ بلڪل فريش هئي، پر سندس مُرڪ جو يڪي گهائل پئي لڳو...

”ڪيئن پيو هلي اوهان جو ڪم ڪار..“

”بلڪل ٺيڪ...“

”مريض وغيره اچن پيا...“

”هونهن...“

”مون وانگر تنگ تہ ڪونہ ٿا ڪن نہ....؟“

اهو هڪ تيز ڌار وارو سوال هو. نشتر هو. اک ۾ ڪک هو. مون وٽ وري بہ ڪو جواب نہ هو.

”اوهان ورندي ڪانہ ڏني... معنيٰ تہ مون واقعي تنگ ڪيو هو... ها نہ...“

منهنجي اندر واڪا ڪيا، ُچئي ڏي جيڪي چوڻ آيو آهين. ... وري وقت ڪونہ ملندئي... موقعو ڪونہ ملندئي. نياڳا... ڪُجُ. ڪليئر ڪر...

”نہ...“ ”مون تڪڙو ڳالهايو...“ اهڙي ڪا بہ ڳالهہ ڪانهي...“

وري ماٺ ٿي وئي... مون کي لڳو جڻ وقت تيز کان تيز تر ٿيندو ٿي ويو. منهنجو جهاز ڪنهن پاڪٽ ۾ ڦاسي پيو آهي ۽ منهنجي وجود جا مسافر خيال لرزش ۾ آهن. ٿي سگهي ٿو اهو لرزو ختم ٿئي. ٿي سگهي تہ نہ بہ ٿئي

الاءِ ڪيترا لمحا گذريا تہ مون چيو ”مان هلان...“

دل ۾ خيال آيو. چوندي ”بس... ايتري ۾...“ پر هوءَ بہ اُٿي ڪڙي ٿي...

”توهان ڪجهہ پيتو آهي ڪامران...“

”ها ... آنٽي اسڪواش آڻي ڏنو هو...“

اسان ٻئي ڊرائنگ روم لتاڙيندا گهر جي در ڏانهن وڌياسين. در


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ويجهو پهچي، هن پنهنجا هٿ مَهٽيا...

”ڪامي اصل ۾. توهان سمجهي سگهو ٿا... اسان ڪير آهيون... ڇا آهيون ۽ توهان جو ۽ منهنجو تعلق ڇا ٿي سگهي ٿو...“

”انهن سيني ڳالهين جي ڪا به ضرورت ناهي.“ منهنجي اندر ۾ ڇڻ ڪير نلڪو هلائي، گهٽي ڪان گهٽي پاڻي ڪڍڻ جي ڪوشش ڪندو هجي. ”مان سڀ سمجهان ٿو ۽ اصل ۾ مان اڄ موڪلائڻ ئي آيو آهيان... بس رڳو هڪڙي ڳالهه چوڻي آهي،... جي توهان ائين نه سمجهو ها ته وڏيڪ سنو ٿئي ها... ڪيترين ئي محبتون اندر ۾ سانڍڻ لاءِ هونديون آهن... ۽ اسين انهن کي ماڻڻ نه چاهيندا آهيون... ۽ يقيناً هي اهڙوئي هڪ رشتو هو... توهان ڏاڍو غلط سمجهيو... بس اهوئي مونکي چوڻو هو...“

هن جا نيڻ ڀنل هئا. اکين ۾ پاڻيءَ کي ڪنٽرول ڪندي چيائين ”باءِ...“

”خدا حافظ“.

مون هٿ اڳتي وڌايو، ۽ هن جي ٻانهن جهلي. هٿ چڪي اڳيان ڪيو. هٿ ملائي سندس ڳل ٿڦڪيا ۽ گهران ٻاهر نڪري آيس.

**شروعات:**

هڪ مانڊاڻ متل هو. آوازن جو هڪ سمنڊ هو، جيڪو ڇڻ ڪنارن سان پنهنجيءَ سلامتيءَ جي جنگ وڙهي رهيو هو. هر ڪنهن جي نڙيءَ ڪنهن نه ڪنهن جملي جي ادائگي ضرور ڪئي پئي ۽ مان هڪ پاسي کان خاموش تماشائيءَ جيان بيٺل هئس.

امدادي ڪارڪنن جي هڻ وٺ لڳي پئي هئي. سامهون ڪريل جاءِ جا گادر ٽيٽر پري پئي ٿيا. ڪجهه گهڙيون پهرين جيڪا هڪ پڳل پر خوبصورت ۽ وسيع عمارت هئي. هن مهل مٽيءَ جو ڍير هئي ۽ انهيءَ ڍير هينان هڪ وجود لڪل هو. گهر جي ٻين ڀاتين کي قسمت بچائي وڌو هو رڳو ساڏنا ئي اندر هئي. ٻاهر سندس ماءُ، پيءُ ڀائر ۽ هڪڙي ڀيڻ بيٺل هئي. منهن تي عجب ريڪائون هئڻ. الاءِ هو پنهنجي نڪرڻ تي ٿوري خوشي محسوس ڪري رهيا هئا، الاءِ ساڏنا جي اندر هجڻ تي سندن من


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ طوفان متل هو. بهرحال هنن جا منهن گهٽو ڪري سراسري اطمينان جو اظهار ڪري رهيا هئا. وڏن ماڻهن جو شايد اهو به هڪ خاصو هوندو آهي.

منهنجي پر ۾ اميت بينل هو. وڪريل وار. ميرا ڪپڙا. ڪجهه دير پهرين جڏهن ڪيس خبر پئي هئي ته ساڏنا جو گهر ڪريو آهي ته هن پهرينءَ سٽ مون کي ئي ٻڌايو هو. اسان ٻئي پڪا هئاسين. اميت ساڏنا جو هم مذهب هو، واقف ڪار هو. چڱيءَ طرح سان هڪ ٻئي کي سڃاڻندا هئا. هن جي دل ۾ ساڏنا لاءِ تمام نرم گوشو هو. اها ٻي ڳالهه هئي جو ساڏنا ڪيس راکي ٻڌي ڀاءُ ناهيو هو. اميت جا سڀ انومان ختم ٿي ويا هئا، هو ساڏنا کي ماڻي نه پيو سگهي. ڪيس پنهنجو سنگي ساٿي نه پيو ناهي سگهي. پر ان جو مطلب اهو به نه هو ته ساڏنا هن جهان ۾ ئي نه هجي.

هن مهل مون سان هو به هتي موجود هو، بلڪ هن جي ڪري سان هتي موجود هئس. سامهون امدادي ڪارڪنن جي ڪم ۾ ڍير ڏي نهاريندي هن مون ڏي ٿڪل ٿڪل نظرن جو رُخ ڦيرايو هو.

”ڪامي... هوءَ مشڪل بچي...“

مون سندس ڪلهو دٻايو.

”همٿ ڪر اميت، پاڻ ته ڊاڪٽر آهيون يار... پاڻ کي ائين جذباتي ته نه هجڻ گهرجي.“

منهنجي ڳالهه ٻڌي هن هاڪار ۾ ڪنڌ لوڏيو ۽ وري سامهون نهارڻ لڳو. ڪجهه پريرو ئي ساڏنا جي فيملي بينل هئي. مون هنن ڏي نهاريو. هو سڀ ٻاڪيائي هئا. اڻ لڪا، نامحرم... سامهون سندس پيءُ سگريٽ ڇڪيندي، جڻ ڪنهن پان هائوس ٻاهر بينل هجي. هن جي ماءُ جو منهن اداس هو. پيڻ جي نظرن ۾ هاڻي ڪرب بکي رهيو هو. ۽ سندس پائر، ٻئي پريرو بينل هئا جڻ ڪنهن جي مرتئي تي رسمي طور آيل هجن.

جاءِ جي ڍير کي صاف ڪندڙن جو هجوم هو. جيڪو ڪيسي جي گرميءَ کي ظاهر ڪري رهيو هو. عام ماڻهو به هئا، پر فائر برگيڊ کان وني سرڪاري عملدارن جو هڪ وڏو انگ. طاقت ۽ اثر رسوخ جي دٻاءَ کي ظاهر ڪري رهيو هو.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوچتو مون هڪ عجيب پڙ پڙ ٻڌي. ساڌنا جي ماءُ سندس پيءُ ڏي نهاري جملي کي ڏکي ڪڍيو هو.

”ڪيڏو نہ چيو مانوَ... جاءِ ختم ٿيڻ تي آهي، بنگلي کي جلد کان جلد مڪمل ڪرائي وٺو ۽ ان وچ ۾ ڪنهن ڪرائي جي جاءِ ۾ تا هلي رهون...“

ساڌنا جي پيءُ، هڪ وڏو سوٽو هنيو ۽ دونهون اوڳاڇي، زال کي نو لفٽ ڪري ڇڏيائين. هوءَ هيڏي هوڏي نهاري چپ ٿي ويهي رهي ۽ ان مهل ئي چوٻول جي هڪ ٻي لهر اٿي، گوڙ وڌي ويو ۽ اسان سامهون وڏي ڏنو. هڪڙي گادر هينان هوءَ پيل هئي. جتي ٻيا ڊاڪٽر وڌيا، اتي مان ۽ اميت بہ اڳتي وڌياسين. ساڌنا جو پيءُ غيرمتحرڪ هو. هن شايد اهوئي سمجهيو هو تہ هوءَ مئل هوندي. سندس ماءُ هڪ وڏو سڏڪو پريو، ڊاڪٽرن ۽ امدادي ڪارڪنن مان ڪنهن رڙ ڪئي.

”جيئري آهي چوڪري... ساهہ کڻي پيئي.“

سيئي اڳتي وڌي آيا هئا. ۽ ”هٽو... پڇو... پري ٿيو. جاءِ ڏيو...“ جي آوازن ۾ اسان هڪ رڙ ٻڌي. اهو ساڌنا جي ماءُ جو آواز هو.

”اميت! ڪامران سان گڏ، چوڪريءَ کي سنڀالي ڪٺاءِ...“

هن جملي جي ضرورت ڪونہ هئي. اسان هونئن ئي اڳتي وڌي ويا هئاسين. ڪومايل گلن جهڙو سندس وجود، اسان جي ٻانهن ۾ منتقل ٿي چڪو هو.

**ڪهاڻي:**

حياتيءَ ۾ ڇا ٿيندو آهي؟ ڇا ٿيڻ گهرجي. ماڻهو ماڻهو سان ملندو آهي ملي الڳ ٿي ويندو آهي. الڳ ٿيڻ جو عمل حياتيءَ ۾ ضرور ٿيندو آهي. جنهن تي اوهان جي چاهڻ نہ چاهڻ جو ڪوبہ سڪو عمل نہ ڪرائي سگهندو آهي. ڪنهن سان ملڻ نہ ملڻ اوهان جي وس تي سگهي ٿو. الڳ ٿيڻ اوهان جي وس کان ٻاهر هوندو آهي. اوهان پاڻ ڪنهن کان الڳ نہ ٿا ٿي سگهو. ڪڏهن ڪڏهن تہ اوهان کي تمام دير سان خبر پوندي آهي تہ توهان تہ فلاڻي ماڻهوءَ کان الاءِ ڪڏهن، ڪهڙي گهڙيءَ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾، ڪهڙي وڻ جي ڇانوري هيٺ الڳ ٿي ويا هئا... بس ياد رهندو آهي ته اهو ته ”هُو مليو ضرور هو“.

ائين ئي هن سان منهنجي ملاقات ٿي هئي. پهرين غيرحاضريءَ ۾ پوءِ حاضريءَ ۾. منهنجي دل جي شهر ۾ هڪ ئي دوست رهندڙ هو... اميت... جنهن جي اندر ۾ پروڻ جيان سوراخ هئا. جيڪي سندس خاموش محبت ڪري ڇڏيا هئا. هُو هڪ بنهه پري جي ڄاڻ سڃاڻ واري ’ساڌنا‘ سان محبت ڪندو هو. ۽ انهيءَ محبت بابت صرف مون سان حال احوال ڪندو هو... پوءِ الائي ڪيئن. هن جي اظهار ڪان پهرين ئي ساڌنا هڪ ڏينهن هن جي ساڄي ڪرائيءَ ۾ هڪ ڌاڳو اچي ٻڌو هو. ڪيس راکي ٻڌي ياءُ ناهيو هئائين ۽ اميت جا جذبا. ”چوڙيءَ گليءَ“ ۾ نهندڙ چوڙين جي ڳڌ تيل تڪرن وانگر، هوش جي دڪانن ڪان ٻاهر سٽيل هئا. هن اهو سور پي ورتو هو، پر ڪوڙاڻ سندس برادشت ڪان ٻاهر هئي. هن التي ڪرڻ نه پئي گهري. چاڪاڻ ته ڪيترين شين کي نه چاهيندي به اسان ڪندا ضرور آهيون. جيئن ڪيترا زهر پيئڻ ۾ ئي عافيت محسوس ڪندا آهن.

مان ۽ اميت ڪلاسي هئاسين ۽ ڪلاسي گهٽ دُرست وڌيڪ هئاسين. ڊاڪٽريءَ ۾ داخلا پوءِ ٿي هئي. دوستي پهرين ٿي هئي ۽ قدرت سان گڏ ميڊيڪل ۾ داخلا ملڻ به هڪ بهانو بڻجي پيو ۽ اسان وڌيڪ ويجها اچي وياسين.

وقت گذرڻ سان پنهنجو سڄو رنج و الم هن مون کي ٻڌايو هو ۽ مان ٻڌڻ ڪان سواءِ ٻيو ڪجهه به ڪرڻ جي حالت ۾ نه هئس. ڇا پئي ڪري سگهيس مان؟ جڏهن تير ڪمان مان نڪري وڃي ته ڪمان پيڇي جذبي ڇا؟ يا وري سندس، رُخ پاڻ ڏي ته نه ڪبو نه... پاڻ تي وسڻ لاءِ ٻين جا تير ڇا گهٽ آهن؟

ساڌنا جو سور مون به محسوس ڪيو هو. هوءَ اميت کي روز فون ڪندي هئي. هن سان ڪچهري ڪندي هئي. اميت هن بابت هر ڳالهه مون کي ٻڌائيندو هو ۽ اڻ ڏٺي نموني مان ساڌنا بابت هر ڳالهه


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چاڻندي جڻ هن جي ويجهو ٿيندو پئي ويس. هوءَ ڪو گلاب جو گل هئي. چنبيليءَ جي ول هئي. جنهن جو هڳاءُ اوسي پاسي تي ڇانئيل هو ۽ اڄ اها ول هوائن جي زور جي ڪري، پنهنجي رسيءَ کي ٽوڙي. زمين تي نمي وئي هئي ۽ تمام سخت ضرورت هئي ته ڪيس ڇڪي سڌو ڪري ٻڌو وڃي.

سرجريءَ ڪان پوءِ ڪيس وارڊ ۾ منتقل ڪيو ويو هو. جاءِ جي ڏير هيٺان ايندي، سندس هڪ ٽنگ، هڪ ٻانهن، ڪجهه پاسراٽيون ۽ ڪجهه آڱريون ڀڄي پيون هيون. جنهن گهڙيءَ مون ۽ اميت هن کي اسٽريچر تي منتقل ڪيو هو ته اميت برداشت نه ڪري سگهيو هو. هن مون کي ڪنن ۾ سڙٻاٽ ڪيو هو.

”تون سنڀالينس يار.“

۽ پاڻ کسڪي ويو هو... ايتري شديد حادثي ڪان پوءِ به هوءَ هوش ۾ هئي. سندس گلاب جهڙو مکڙو ڪومائجي ويو هو. وارن جون ڇڳون ڇهري تي چنبڙي پيون هئس. جن ۾ رت ۽ پگهر گڏيل هو... هن پهرين نظر مون تي وڌي هئي ته ڄڻ اکين ۾ ڊرل مشين ڪٽي آئي هئي.

مون هڪ پروفيشنل مرڪ ڏني هئي ”its O.K you are, safe now...“ هن واپسيءَ ۾ مرڪڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، پر اها مرڪ تمام جهيڻي هئي. مون محسوس ڪيو هو ته، ڪيس سهاري جي سخت ضرورت هئي. هن جا مائٽ شايد ان ڪري ويجهو نه پئي آيا جو شايد هنن اهو سمجهيو پئي ته ڊاڪٽر ساڻ آهي وڌيڪ خيال رکي سگهي ٿو...

۽ هن مائٽن جي پڇا ڪانه ڪئي هئي. مون ساڄي هٿ سان سندس ڪاٻو هٿ جهليو ته هن ڪان اڻ لکي رڙ نڪري وئي... مونکي شڪ ٿيو ته يقيناً اها ٻانهن ڀڳل آهي. مون هڪدم ڪاٻي هٿ سان سندس مٿيءَ سان پريل ميرانجهڙي ساڄي هٿ کي جهليو. ننهن جي نيل پالش ختم ٿي چڪي هئي ۽ ان تي رهڙون ظاهر هيون. منهنجي هٿ جهلڻ تي هن مرڪيو هو ۽ مون هڪ جهيڻو آواز ٻڌو.

”ٿينڪ يو...“

ايمبولينس ۾ سڄي واٽ مون سندس هٿ پڪڙيو هو ۽ جڏهن


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسپتال اندر داخل تي ڪيس ڦيٿن واري اسٽريچر تي منتقل ڪيو ويو هو تہ بہ هن منهنجو هٿ پنهنجي هٿ ۾ رکيو هو. ڪاريڊور ۾ اسٽريچر ڏڪڻ شروع ڪيوسين تہ خبر پئي هڪڙي ڦيٿي جي گولائي پڳل هئي ۽ اسٽريچر آرام سان هلي نہ پيو سگهي. ڦيٿي جي هر چڪر تي هڪ وڏو ڌڏڪو آيو پئي، ۽ سندس زخمي وجود لڏي پئي ويو.

مون همٿ ڪندي. ساڄي هٿ سان اسٽريچر جي اها ڪنڊ ڪٽي ورتي هئي. جنهن هيٺ پڳل ڦيٿو هو. هاڻي سندس مٿن ڪان ڪيس ڪوبہ لوڏو نہ پئي آيو ۽ اسٽريچر ٽن ڦيٿن سان آرام سان راهي هو... ايڏي حالت هوندي بہ هن مڪمل خبر رکي پئي. هن وري هڪ اداس ۽ پڳل تتل مرڪ ڏني هئي.

”ٿينڪ يو اگين.“

مون موٽ ۾ ڏند ٽيڙيا هئا.

”اٽس ماءِ ڊيوٽي...“

”توهان جو نالو...؟“

مئل آواز ۾ هن اجان نہ اخلاق نڀايو پئي.

”ڪاسي... ڪامران...“

هن منهنجو نالو ٻڌو ۽ سندس سڄو وجود خاموشيءَ جي سمنڊ ۾ غرق ٿي ويو هو.

الاءِ ڪيترو وقت هليو هو سندس آپريشن، ۽ الاءِ ڪيتري دير ڪان پوءِ هوش ۾ آئي هئي. حياتيءَ جي اميد نہ هئي شايد ان ڪري اسان سڀ مٽس مڙبل هئاسين. وقت جو ايڪسلريٽر خراب ٿي ويو هو. پوئتي ئي نہ پئي ٿيو. تان جو سندس اک کلڻ تي جڻ اوچتي بريڪ لڳي وئي هجي.

هن جهيڻي آواز ۾ پاڻي گهريو. اسان لاءِ اهو اهڃاڻ پرپور هو تہ هن اک کولي هئي. پر پاڻي ڏيڻ اسان جي وس نہ هو. اميت ماٺ هو. مون ئي وڏي جواب ڏيڻ جي همٿ ڪئي هئي.

”ڪجهہ دير آهي پاڻي ڏيڻ ۾ ... تورو ترسي ڏيون ٿا.“

”گهڻي دير آهي؟“


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندس چپن تي هيلوتين جون پيپڙيون ڄميل هيون. گلاب جو رنگ سورج مکيءَ جي اثر هيٺ هو. سندس وار وکريل هئا. منهن ڪومايل هو، پر سندس اکين جي جوت اهائي ڀرپور هئي جڻ پنجن ڪلاڪن جي بيهوشيءَ ڪيس هٿ ٻه نه لاتو هجي. اماوس جي رات چنڊ مٿان ڪڪرن جي محتاج نه هوندي آهي.

”اڌ ڪلاڪ کن... اڌ ڪلاڪ کان پوءِ پاڻي ڏينداسين.“

هن چوڌاري نهاريو هو. پريان سندس ماءُ ڊاڪٽر سان ڳالهه ٻولهه ڪندو ڏسي ويجهو نه پئي آئي. مون ڳالهه پوري ڪئي ته ڏانهنس هلي آئي. وار چمندي. نرڙ تي چپ رکندي چيائين:

”آءِ لو يو سوئيٽي...“

ساڏنا جي مک تي هلڪي مرڪ آئي هئي. لڳو پئي هوءَ ڪا چونڊيل شخصيت هئي. جنهن کي هر گهڙيءَ مطابق ردعمل ڏيڻ جو فن آيو پئي.

”باقي ٿورو وقت جاني... پوءِ کوڙ پاڻي...“ ماڻس ڳالهه جاري رکي هئي.

”بار کي Hallucinate نه ڪر...“ سندس پيءُ ڪمري جي ڪنڊ کان بيٺي گجگوڙ ڪئي هئي. ”جيڪو فيڪٽ آهي اهو ضرور ٻڌائينس.“

اهو هڪڙو جملو ئي ڪافي هو جنهن مان لڳو پئي ته سندس گهرو مراسم ڪيئن هئا... ماءُ ڇا هئي ۽ پيءُ ڇا هو.

هن اشاري سان مون کي سڏيو هو... پتليءَ تي اڻ ڏٺل ڏور جي ڇڪ جو اثر هو. مان ڏانهنس هليو ويس. ماڻس جي پر ۾ بيٺس جيڪا مڙس جي جملي جي موٽ ۾ ماٺ هئي.

”Exact ٻڌايو... ڪيڏي مهل پاڻي ملندو؟“

”ٻن ڏينهن کان پوءِ ملندو...“ مون ڄڻ توپ جي منهن مان گولو ڪڍيو هو.

سندس نيٽن جي جوتِ ڪن پل لاءِ جهڪي ٿي هئي پر وري هن پاڻ سنڀالي ورتو هو.

”ٺيڪ آهي. پوءِ هتي. هن ڪمري ۾ ڪو به ڏينهن پاڻي نه پيئندو.“


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندس لهجو قطعي هو. منهنجيءَ دل چيو تون جي حڪم ڪرين ته الاءِ ڪيترا وجود سڄي عمر گلاس ڪي هٿ نه لائين. اتي ئي سندس پيءُ جي گجگوڙ وري پڌڻ ۾ آئي هئي.

”بار نه تي بابا... تڪليف تون پاڻ سهڻ سڪ... Be brave...“.

انهن ساعتن ۾ مون کي هوءَ هڪڙو اهڙو بار نظر آئي هئي. جنهن وٽ کيڏڻ لاءِ مهانگي کان مهانگو رانديڪو هجي، پر ان جي چابي وٽس نه هئي.

مون هلڪڙي آواز ۾ چيو هو ”مان ڪمري کان ٻاهر ٻه ڏينهن پاڻي ڪونه پيئندس.“

پهريان ڪجهه ڏينهن ائين گذريا هئا جيئن ڊگهي سفر تان موٽڻ کان پوءِ ماڻهوءَ جي بدن ۾ ۽ ڪپڙن ۾ مٽي ڪَچ ڪَچ ڪندي آهي. توهان جيستائين تڙ نه ڪندؤ. اها خوشبو اوهان کي گهيري رکندي. اهو احساس ڏياريندي پئي ته ريل جي ڪليل دريءَ مان تيزيءَ سان گذرندڙ منظر به اوهان کي ڪجهه نه ڪجهه ارپي وڃن ٿا.

هن جو حادثو به تيز ترين هو ۽ سندس جسم پور پور ڪري، تڪليفن جي خوشبو ارپي ويو هو. سندس جسم پٽين ۾ ورنل هو ۽ قدرت جي عجيب مهر هئي جو سندس چهرو هڪ رهڙ کان به خالي هو. ڪرندڙ ديوارن تي شايد آئينا لڳل هئا.

هن جي جسم تان زخمن جون ڪُڙيون لهڻ شروع ٿيون هيون. هوءَ ڏاڍي نفيس هئي. لٽل ڪل کي هٿ لاهڻ نه ڏيندي هئي. سندس وي آءِ پي ڪمري ۾ هاٿي تاس جون بازيون لڳڻ شروع ٿيون هيون. هڪ طرف وي سي آر ۽ فلمن جو ڍير بوريت ختم ڪرڻ لاءِ پيو هو ته ٻئي طرف ڪيرم بورڊ رکيل هو. ڪو حادثو نه ٿيو هو، پڪنڪ جو سامان تي پيو هو.

مان در تي ناڪ ڪري، ٽراليءَ سوڌو اندر داخل ٿيو هوس. اندر گوڙ ۾ هلڪي ماٺار آئي ۽ اهو وري شروع ٿي ويو هو. انهيءَ گوڙ ۾ هن جو آواز به شامل هو.

”نه چيم نه... هٿ نه لايو... مان رڙيون ڪندم...“


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”هلو...“ مون سيني کي وِش ڪيو هو. ڊريسر ٽراليءَ سوڌو مون سان آيو پئي. متس ماٺس جهڪيل هئي. ٻانهن جي زخم تي لٽل ڪڙيءَ کي شايد الڳ پئي ڪيائين.

”هلو“ ساڏنا جي منهن تي مُرڪ تري آئي هئي

”اجهو ڊاڪٽر بہ اچي ويو...“ ماٺس جند ڇڏائي... ”هاڻي ڳَل لاهيندئي...“

ڪِلندي هوءَ مون وٽان لنگهي وئي هئي. ”ڇوڪري ناهي... هچا آهي...“

”۽ هو ڊاڪٽر ناهي... ڪامران آهي..“

ساڏنا پريان رڙ ڪئي هئي. سندس آواز ۾ چِلولوپڻ هو... اهڙو جيڪو اميرن جي اولاد ۾ هوندو آهي.

”ڪامران جو مريض ڪيئن آهي...“ مون سندس ٻانهن جهلي هئي.

”ٺيڪ آهي... بس ڳلَ نہ تو لاهڻ ڏئي...“ هوءَ کلي هئي. ٺهڪ جڻ ڪنن جي جاءِ تي دل ٻُڌي رهي هئي.

”سيولان ڏي...“ مون ڊريسر کي چيو... هن آلي ڪپهہ جا ٻُڙا مون ڏي وڌايا...

”نہ... هي ساڙيندو...“ هن هڪدم ٻانهن پري ڪئي هئي.

”ڪونہ ساڙيندو... اسپرٽ ناهي... مون تي اعتبار ڪيو...“ منهنجي لهجي ۾ گرمي هئي. دل چيو پئي تہ جي تو اعتبار لائق نہ سمجهيو تہ پوءِ ڪير اعتماد ڪندو.

هن واپس ٻانهن ورائي، منهنجي هٿ تي رکي هئي. مون اها دوا سان آلي ڪري، اوزار ڪٽي، ڳلَ جا ٽُڪرَ صاف ڪرڻ شروع ڪيا هئا.

”هن ڪي تہ بس رڳو توهان تي اعتبار آهي ڊاڪٽر ڪامران...“ ماٺس، ٿرماس مان سُوپ پيالي ۾ ڪڍيو پئي... مون پنهنجو ڪم ڪندي، متس نظر وڌي هئي.

”اها هنن جي مهرباني آهي...“

سڀ کلي پيا، الاءِ کلڻ جي ڳالهہ بہ هئي الاءِ نہ... ساڏنا جي اکين ۾ الاءِ ڇا پرجي آيو هو... تمام جهيڻي آواز ۾ چيو هئائين.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رکندو هوس.

پنهنجي داخلا جي تقريباً ڏيڍ مهيني کان پوءِ هوءَ پهريون ڀيرو ڪمري کان ٻاهر نڪتي هئي. هاٿي سندس چيلهه جا زخم ڀريا هئا ۽ هوءَ ويهڻ جهڙي ٿي هئي تہ هڪ ويل چيئر تي مان کيس ٻاهر وٺي آيو هوس. ڪرسي سندس پاءُ ڍڪي رهيو هو. ڪاريڊور مان ٿيندا پنئين پاسي لان ڏانهن آياسين پئي تہ اوچتو، پاٹس کي ڪو دوست ملي ويو. هو اتي ئي بيٺو هو.

"ڊاڪٽر... پليز... جي توهان ساڏنا کي وٺي وڃو... مان هينئن ٿو اچان." هن چيٽي وڃائي هئي. ڪڏهن ڪڏهن هُو امير خاندان جا امير فرد ٿي پوندا هئا ۽ مان صرف ڊاڪٽر... پر هتي اها ادا بہ وڻندڙ هئي. مان ڪرسي ڍڪي کيس لان ۾ وٺي آيو هوس. سامهون پاٹس دوست سان گپ شپ ۾ لڳل هو. هوءَ پهريون ڀيرو مون سان اڪيلي هئي ۽ مون محسوس ڪيو هو تہ ايترو بولڊ هوندي بہ هن جي اندر جي ڇوڪريءَ کي پنهنجي نازڪيءَ جي خبر هئي.

"اڃا گهڻو وقت رهندم مان اسپتال..."

"منهنجي خيال ۾ باقي ٿورا ڏينهن آهن..."

"پاٹيءَ واري ڳالهہ وانگر گشو تہ نہ هٽو نہ... بقول پاپا جي... ڇوڪريءَ کي فيڪٽ ٻڌايو..." هوءَ کلي هئي.

"نہ... ٻار کي فيڪٽ ٻڌايو..." مون سندس جملو درست ڪيو هو. مُنهن تي ڪن پَلَ لاءِ پاڇو آيو هوس.

"تہ توهان کي ياد آهي...؟" سندس لهجي ۾ ڪجهہ ٽوڪ هئي.

"ڪجهہ ڳالهيون نہ وسري سگهنديون آهن..."

مون ڏانهنس گهوريو هو. روشني تيز هئي ۽ سج چنڊ کي پنهنجو حصو ڏئي رهيو هو.

"توهان کان پنهنجا مريض وسري ويندا آهن ڪامران..."

"جيڪي ڊاڪٽر سڏيندا آهن اهي وسري ويندا آهن. ڪامران سڏيندڙ يقيناً نہ ٿا وسري سگهن..." منهنجي وات مان جملو نڪري ويو هو... هوءَ وري ماٺ ٿي وئي هئي. ماٺهو ڪڏهن ڪڏهن ڏاڍو بي اختيار


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بڻجي ويندو آهي.

”پاپا آهن ئي اهڙا...“ هن موضوع مٽايو هو. ”هو تہ هرڪنهن سان رَف آهن...“

”مون ڪا شڪايت تہ ڪانہ ڪئي...“ سمجهہ ۾ نہ پئي آيو. ڇا پئي چوڻ گهريم...، ڇا چئي رهيو هوس...

”نہ پر... مان انهيءَ ڏينهن کان وٺي توهان کان ساري ڪرڻ لاءِ سوچ ۾ هئم، پيو ڪو ڊاڪٽر هجي ها تہ شايد اهو لهجو برداشت نہ ڪري ها...“

”ڪم آن ميڊم... اهڙي ڪابہ ڳالهہ ڪانهي... اميت جي حوالي سان توهان مون لاءِ اسپيشل آهيو. مان اهڙيون ڳالهيون برداشت ڪري سگهان تو...“

”هونئن اسپيشل ناهيان؟...“

سندس ڪمان جو رخ هاڻي مون ڏي هو... ۽ پهريون تير مون کي لڳي چڪو هو... ان کان پهرين جو منهنجو جسم دفاع نہ ڪرڻ جو اظهار ڪري، پاڻس پهچي ويو هو ۽ معاملو اتي ئي ختم ٿي ويو هو.

مون لاءِ هن جون ڳالهيون عجيب هيون. هوءَ ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن ضديري نہ مڃيندڙ ٻار وانگر ڪيٽو ڪندي هئي. بلڪل بہ نہ ٻڌندي هئي تہ اڳيون ڇا ٿو چوي ۽ ڪڏهن ڪڏهن تہ بلڪل رجيل لوهہ وانگر هوندي هئي. جنهن ڪارب ۾ وجهوس اهڙي صورت وٺي.

”منهنجي هيءَ ڏيءَ ٿئي بادشاهہ...“ اسپتال مان رخصت ٿيڻ کان هڪ ڏينهن پهرين، هن جي ماءُ چانهہ جو ڪوپ، منهنجي هٿ تي رکندي چيو هو، ”ڪاوڙجي تہ سڀ ڪجهہ نيست نابود ڪيو ڇڏي... پرچي تہ جڻ ٻوڏ اچي وئي...“

”ممي...“ ساڏنا لاڏ سان نهاريو هو. ”هاڻي ائين بہ ڪونهي...“

”نهيو نهيو...“ ماڻس مرڪي هئي. ”اڌائي مهينا تہ ڪامران بہ ساڻ رهيو آهي... تنهنجي سڄي خبر پئجي چڪي اٿس...“

”ها ڪامران... مان اهڙي آهيان...؟“

”توکان وڌو آهي. ڊاڪٽر ڪامران چوندي ڪرينس...“


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”اهڙو ڪيترو وڏو آهي. اميت دا جو ڪلاسي آهي... ست اٺ مهينا وڏو هوندو...“

”اڙي جائي ڪامران... اميت ڪاٿي آهي؟ ڪو گم آهي...“ ساڏنا جي ماءُ جڻ چرڪ پريو هو.

”ٻاهر ويل آهي. ... I Mean ... ڪراچي... ٻن ٽن ڏينهن ۾ موٽي ايندو...“

”هتي ته ڏهن ڏينهن کان ناهي آيو.“ ماٽس جي لهجي ۾ شڪايت هئي.

”اميت دا جي خبر تئي ممي... الاءِ ڪيئن ڊاڪٽر ٿيو؟... ايڏو ڏڪڻو ته آهي...“

ءِ اتي ئي سندس پيءُ داخل ٿيو هو.

”هلو ڊاڪٽر...“ هن هٿ ڊگهيريو هو.. مون چانهه جو ڪپ ٻئي هٿ ۾ منتقل ڪندي، ساٽس هٿ ملايو.

”بزي؟...“

هن هٿ ملائڻ ۾ ٿوري دير تي ٽوڪَ ڏئي.

”نو سر... Just Refreshing...“ مون زهر پيئڻ جي ڪوشش ڪئي هئي.

”توهان سيني لاءِ پلي خبر... مان پروفيسر سان ملي آيو آهيان. سياڻي گهر هلون پيا...“

”وائو... (wow)“ ساڏنا رڙ ڪئي هئي. منهنجي اندر ۾ ڪجهه ڀڳو هو. ”ڪاغذ پَٽَ ڊاڪٽر ڪامران تيار ڪندو... ءِ صبح جو پاڻ هلنداسين...“

”ڪامران ته اسان جي ايڏي خدمت ڪئي آهي...“ ماٽس هڪدم منهنجي ڪلهي تي هٿ رکيو ”جو اسين سندس ٿورا ٻه نه ٽا لاهي سگهون...“

”نه آنٽي... اهو ته فرض هو منهنجو...“

جملا نه پئي نهيا. آواز ٻه نڪرڻ جي موڊ ۾ نه هو.

”سياڻي توهان اسان سان گڏ هلندؤ...“ ساڏنا جو منهن ٻَهڪيو پئي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ڏسان. ڊيوٽي شيڊول الاءِ ڪيئن آهي...“ مون کي سمجهه ۾ نه پئي آيو. چا چوڻ گهرجي.

”اڙي چڏ شيڊول کي يار...“ پڻس منهنجو ڪلهو دٻايو ”هلجانءِ...“

اها سڄي رات، منهنجي فليٽ ٻاهر چنبيليءَ خوشبو وکيري هئي. سڄي رات هوا کُهلي هئي ۽ هنڌ تي وهاڻن ۾ ڪجهه عجيب احساس سمايل هو. مون کي پنهنجي خبر هئي. اهو رشتو ناممڪن هو، جيڪو گل ۽ خوشبوءِ ۾ هوندو آهي. پر بهرحال، ماڻهو سڄي حياتي نه هلي، ڪجهه وکون ته کڻي سگهي ٿو. اميري نه هجي پر بدحالي به ته چڱي ناهي.

سندس گهر ۾ داخل ٿيو هوس ته چڻ ڪنهن محلات ۾ اچي ويو هئس. چا نه هو اتي... سڀڪجهه چڻ فلمي هو... هنن بابت منهنجو جيڪو اندازو هو، هُو ان کان به تمام مٿانهان هئا.

سندس ڪمرو ڏاڍو خوبصورت هو. اهڙوئي هو جنهن ۾ ڪا نسيم ڪا نازش رهي سگهي، ڪن پَلَ لاءِ ڪيس پنهنجي بيڊَ تي ليٽائي، نوڪرن جي فوج کان الگ ٿي مان نڪتس پئي ته مون ٻڌو ماڻس مڙس کي، ٻاڏايو پئي.

”ڏاڍو عزتدار نينگر آهي،... ائين نه ڪيو...“

”نه ته پوءِ هزار رپيا ڏينس...“ هن جي گجگوڙ اجا به سلامت هئي... ”پنج سئو جي مناسب نه ٿا لڳنئي...“

”هن کي پئسا نه ڏيو...“

”چو ... هن خدمت ڪانه ڪئي آهي چا؟... بابا ڪجهه ڏسي محنت ڪئي اٿس... هيستائين آيو آهي... ڪجهه ته سوچ ۾ هوندس نه... ڪجهه ته ڏينس...“

ڏور ڪٿي، ڪنهن جاءِ جا بنياد لڏي رهيا هئا... ڪجهه ٿيو پئي، جنهن ۾ ڏاڍي نقصان جو انديشو هو. مان بنا موڪلائڻ جي تيزيءَ سان انهيءَ محلات مان نڪري آيو هوس.

هوءَ اڍائي مهينا ساندهه مون ساڻ رهي هئي. انهن ڏينهن جي صبح ۽ شام جو مون هن جو ديدار ڪيو هو، هاڻي هڪدم پري ٿي وئي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ الاءِ چا تيڻ لڳو هو... هي پنجهتر ڏينهن، ڪو خواب هئا، اجايا هئا يا هئا ئي ڪونہ...!

’سندس پيءُ منهنجي قيمت هنئي پئي.. پر ان سان هن جو ڪو تعلق نہ هو. ’اندر مان آواز آيو‘. هوءَ تہ معصوم آهي... سادي آهي... ڪيس انهيءَ سڄي وهنوار جي خبر ڪانہ هوندي... بلڪ... هوءَ تہ ڏڪاري ٿيندي جي مان نہ ويومانس... پنهنجي پاڻ کي خصيص نہ ڪر ڪامران... ائين سڻ سان تعلق نہ ٽوڙبو آهي... مٿي آٽي هيٺ نہ اڇلائجي... ڪنهن جي سزا ڪنهن ٻئي کي، نہ ڏجي... اهي تنهنجا اصول آهن... تہ پوءِ تون هن کي ائين هڪدم ڪيئن ٿو ڇڏي سگهين...‘

سندس گهر ۾ منهنجو اچڻ وڃڻ عام هو...

هوءَ اجان بہ پنهنجي جسم سان جنگ وڙهي رهي هئي. مون سندس واپس ورڻ ۾ مدد ڪئي. ڪلاڪ اڌ لاءِ ڪجهہ ڪچهري ڪجهہ ورزش ۽ پوءِ موٽي ايندو هوس... هي چا پئي ٿيو. ان جي مون کي خبر نہ پئي پئي... هن جي ۽ منهنجي وجودن ۾ جيڪو فرق هو ان جو احساس هو مون کي... هوءَ ٻيو ڪنارو هئي، مان ٻيو... پر اسان جي وچ ۾ وهندڙ پاڻيءَ جو رنگ واضح نہ هو. منهنجي دل چوندي هئي. مان ڪيس چوان، مان توسان محبت نہ ٿو ڪيان... بس تنهنجيءَ ڪمپنيءَ ۾ ساهہ کي سرور ملي ٿو. اجايل کي جڻ پاڻي ٿو ملي... پر چئي نہ سگهندو هومانس... دل چيو هوءَ ايڏي ڏهين آهي. ڪيس، خبر نہ پوندي هوندي چا؟

هڪ ڏينهن اهو سيڪجهہ ٿي ويو هو...

منهنجو هٿ جهليندي، اميت پاڻ سنڀاليندي چيو هو...

”هنن وٽ نہ ويندو ڪر ڪامي...“

”ڪنهن وٽ...“

”ساڏنا وارن وٽ...“

هڪدم ماٺ ٿي وئي هئي...

”پر چو؟ ... چالاءِ...؟...“

”ڏسُ.... ماڻهو ائين ڪونہ آهن... جيئن نظر اچن ٿا... مان


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سمجهان ٿو، تون هن جو دوست آهين ۽ بس ... پر ... ماڻهو جسم ڏسن ٿا... ٻن مرد جسمن ۾ ته دوستي ٿي سگهي ٿي، باقي عورت مرد ۾ نه... I Mean ... تون سمجهي سگهين ٿو...“ هُو منجهي پيو هو...

”ها مان سمجهان ٿو...“ مون ٻيت ڏني هئي...“ پر مان هن کي ڪيئن ائين اڪيلو، اوچتو ڇڏيان... هوءَ ضديري آ... ڪو نه ڪو نقصان ڪري ويهندي...“

”نه ڪندي نقصان...“ هن زور ڏنو هو...“ مان ڪالهه هنن وٽ ويو هوس... جيڪي ڪجهه مون اني ڏٺو... ان مون کي اهوئي احساس ڏنو آهي... ڏسُ.... هنن جي ضرورت هئي. تنهنجو ڇهاءُ قبول هو... هاڻي قبول ناهي...“

اکيان صرف اوندهه هئي.

هيءَ سڄي ڪٿا منجهيل هئي... ڪجهه به قبول نه هو... ڪجهه به قبول ناهي... تنهنجي ڪابه طلب ڪانه هئي، تنهنجي ڪابه طلب ناهي... مان صرف توکان هڪڙو پيرو ملي اهو پڇڻ ٿو گهران، ته تو مون کي غلط ڇو سمجهيو... منهنجي هٿ ۾ ڪا خباثت هئي، ڇا؟... ۽ جي تنهنجو هٿُ پاڪُ نه هو ته پوءِ تنهنجو ڇهاءُ ڇو رهجي ريو آهي.

●●●


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪجل بنا نيڻ

ڏرتي متي جيئن تيز هوائن جي زور تي چٽيل ۽ سُڪل پن اُڏامندا آهن، تيئن وقت جي تيز واچوڙن ۾ انسان بہ اُڏامندو ۽ گردش ڪندو رهي ٿو. وهندڙ پاڻيءَ کي روڪڻ لاءِ بند ٻڌبو آهي ۽ ويندڙ مسافر کي وري جبل جيڏي دل ۾ وسندڙ اڻ ميي پيار جي ڏاڍي سان قابو ڪبو آهي، سو وقت جي طوفانن هٿان چٽيل پن جيئن پٽڪندڙ سانوڻ کي بہ ڪاڪي فضل قُرب جي ڏور ۾ اهڙو تہ ٻڌي قابو ڪيو جو هن جي رولاڪ من ۾ ماٺار اچي وئي.

اڄ کان ٻارنهن سال اڳ جڏهن سانوڻ جي ڄمار بہ ٻارنهن ورهيہ هئي، تڏهن هن وڏي ڀاءُ جي پادرن کان بيزار ٿي پنهنجو ڳوٺ ڇڏيو هو. ماءُ پيءُ تہ ننڍپڻ ۾ ڇورو ڪري ويا هئس ۽ ڀاڻس، ڀاءُ تورو ۽ مُلھ ڳڌل غلام گهٽو سمجهندو هئس، سڄو ڏينهن مال ۾ رُلڻ، جهنگن ۾ ڏکا ڪائڻ ۽ واهن جا ڪپ پيرن هيٺان ڪيڻ سببان ٻت سور سان پرجي ويندو هئس. مٿان وري لڪڻ سان مالش ۽ پنن کي گهرو هٿ بہ ڦيرايو ويندو هئس، سو هو بنھ بيزار ٿي پيو.

انسان بيزار ٿئي تہ دنيا ڇڏيو ڏئي، پر سانوڻ رڳو ڀاءُ جو گهر ڇڏيو ۽ پوءِ پورا ٻارنهن سال هن جي ٽڪل جنگهن ڏرتي جي سيني تي هلندي گذاري ڇڏيا. ڪٿي بہ چار ڏينهن ترسي ڪنهن جي ٻني مان وڏٿانيون وڍيائين، ڪٿي ڪنهن هوٽل ۾ چار ڏينهن چانھ ڪاڙهيائين. ڪٿي ڪنهن جي پُريل پِٽ کي مينهن کان اڳ راڳو ڏنائين. مزور کي مزوريون گهٽيون اڄ هٽي سُيان هُٽي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر جڏهن ڪاڪي فضل سندس حقيقت کان واقف ٿي، وسائي واري ڪاڄ مان هن کي پاڻي پرڻ جي ڪنواڻي ڇڏائي گڏ وني آيو، تڏهن هن کي هي ڳوٺ ۽ ڳوٺ وارا ڏاڍو وڻي ويا ۽ هو اڳتي وک به نه چريو ۽ پوءِ هن ڪاڪي فضل کي بادشاهه پير جو هٿ ڏنو ته هاڻي هو سندس در مري ڇڏيندو.

ڪاڪي فضل سانوڻ جي اچڻ کان مُرڳو به مهينا اڳ ننڍي نيٽي نازو سان نڪاح ڪري ٿيون گهر سجو ڪيو هو. نازو جو پيءُ حاجن بوڙو به ڄائي ڄم کان ٿوڻي هوندو هو. جوانيءَ ۾ جُوا جي پٽ هوندي هئس ۽ هاڻي پيريءَ ۾ پيٽ لاءِ پريشان هو. تنهن وڏي ڳڻ ڪري، ارڙهن ورهين جي نازو کي ڪاڪي فضل جي ڪنوار ڪندي ويرم ئي ڪانه ڪئي ۽ پنهنجي پر ۾ هن ڪاڪي فضل جي گهر تڙ ۽ ٻني ٻاري کان وني ٻڪرين نڪرين ۾ به پنهنجو حصو ڳنڍي ڇڏيو ۽ اتي لٿي جي، فڪر کان آجو ٿي ويو هو. جيتوڻيڪ هو فضل جي ڳوٺ ڏيءَ وٽ گهٽو ڪونه ايندو هو، پر جماڻي جنڊِاڻي پيرو پيو پڇندو هو. ڪاڪي فضل به زالون اڳ ئي پنهنجن هٿن ۾ سُرهيون ڪيون هيون، پر انهن مان ڪو اولاد ڪونه ٿيس. هاڻي ته سانيڪو ورهيه جينوٽيڪ ڳڙڪائي ويو هو ته به سندس يقين انهيءَ پهاڪي تي پختو هو ته مرد ۽ گهوڙو ڪڏهن پوڙهو نه ٿئي، ۽ پاڻ کي جوان ظاهر ڪرڻ ڪاڻ ثبوت طور هن پنهنجي ڏهٽيءَ کان به ننڍي نازو سان لانئون لهي راڄ وارن کي انهيءَ پهاڪي جي سچائي ثابت ڪري ڏني هئي.

بي اولاد ۽ پوڙهو ماڻهو جي مال ملڪيت وارو هجي ته گهٽين لالچي نگاهن جو نشانو بڻبو آهي، سو حاجن بوڙي به انهيءَ نشانيءَ تي بندوق چوڙي هئي.

پوڙهو ماڻهو جوان زال جي پر چڏڻ تي وسنئون راضي نه ٿيندو آهي، پر پيٽ پاپيءَ خاطر ڪاڪي فضل کي به نه چاهيندي گهر چڏڻو پوندو هو. سانوڻ جي اچڻ کان اڳ هو سارو ڏينهن ٻڪرين چارڻ لاءِ ڏڻ سان گڏ رلندو هو. تنهن کي سانوڻ اصل جيئاري ڇڏيو. هاڻي ٻڪريون


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سانوڻ جي بلي ڪري هو سارو ڏينهن بي فڪرو ٿيو گهر ۾ وينو هوندو هو.

سانوڻ لوڙهي جي گهٽيءَ تي ٻڪرين جي واڙ اڳيان بينل پپر جي وڻ هيٺ سمهندو سڙهندو هو. ڏينهن جو مال سان ۽ رات جو اها پيٽي اها پٽ. سانوڻ کي بخشيل پراڻي واڻ واري کٽ ڏينهن جو ڪاڪي فضل جي آرام لاءِ ڪتب ايندي هئي ۽ رات جو سانوڻ ان جو ڏٽي اچي ٿيندو هو. هونئن به هن کي گهر ۽ ڇت جي ضرورت به ڪهڙي؟ سُجو سر هو. سياريءَ جي ٿڌي رات ۾ ٿُلهي سوڙ ۽ به رليون سيءَ جهل هونديون هيس ته گرميءَ ۾ گهلندڙ هير ۽ ستارن جي چادر مٿي ڇانءَ وقت وهندڙ پاڻيءَ جيئن وهندو پئي ويو.

ڪاڪو فضل پنهنجي وَهي وقت ۾ قنذار مڙس هو. چورن چڪارن ۽ ڪاتڪن سان سينڌ سلامت رکيو آيو. سموريون مڙساڻيون خصلتون هڏ ۾ وينل هئس. گهڙن مُنهان غيرت رڳ رڳ ۾ رچيل هئس. پر وقت وقت جي ڳالهه آهي. پيريءَ ۾ سئو عيب هوندا آهن ۽ هو ته پيريءَ ۾ به گهٽو اڳتي نڪري آيو هو. نظر به جهڪي تي وئي هيس ته مُڇن، ڏاڙهي ۽ مٿي جا وار به گهٽا ڪُسي ويا هئا ۽ جيڪي بچيا هئا سي به ماهئي ڪير جهڙا اڇا تي ويا هئا. ويندي ٻانهن جا وار به اڇي جهڙا ڪارا نه رهيا هئا. ڏند به ڪو هيڪڙ ٻيڪڙ اصل هو، نه ته چوس ڏيئي چاڙهڻ وارا پٽر جا جڙيل ڏند وات جي لڄ رکيو پئي آيس. هن شاديءَ تائين رهيل وارن کي ميندي هڻي سُنت پوري ڪندو هو. سڀ شوق هن ۾ هئا، پر هن پنهنجو اصلي ويس نه ڇڏيو هو. چوندو هو ته ويس ۽ ديس ڇڏڻ مڙساڻو شان ڪونهي. اهائي صدري، گوڏاواڙ سُٿڻ ۽ پٽڪو، مينگهواڙ ڪان هٿراڏو چاندي مڙهيل جتي نهرائي، تيل ۾ جهڙا ٻوڙ ڪري پوءِ پائيندو هو. اڳ ته ڪڏهن ڪهاڙي هٿ مان نه ڪديائين، پر هاڻي پٽائين پُڇ چڙهيل لٺ ڪهاڙي جي جاءِ والاري هئي. مڙس ڪرڙي اک وارو پاڻيانو هوندو هو. اڄ ڪلهه جي وات ڳاڙهن چورن جي چرچي تي جهٽ چڙي پوندو هو ۽ مرڻ مارڻ لاءِ تيار تي ويندو هو. هي نارو سان جيڪا شادي ڪيائين سا به ائين ئي ڪچهريءَ ۾ عوٺو جي ٽوڪر تي جوش


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ اچي.

تيو ائين جو ڪاڪي وٽ ڪي مزمان آيا. ڪا پراڻي سنگت هئي. آيل مڙس بہ جيتوڻيڪ پيرسن هئا تہ بہ جڙد مڙد تي لڳا. ڪاڪي جي گھر جا سونهان ڪونہ هئا سو عوثو ڪين گڏ وٺي ڪاڪي جو گھر ڏيکارڻ آيو.

اڳ تہ ڪاڪي فضل جي اوطاق گھر کان بہ ايڪڙ پري هوندي هئي، سدائين آيو ويو پيو ٺُڪر پور لاءِ لڙندو هو. پر ڪاڪي جو پويون گھر بہ پڇي پيو. گھر واري ويئي هُن جهان ڄمار بہ بہ تي ڏاڪا چڙهي آئي. پراڻي ياري بہ هاڻ نہ اچڻ جهڙي تي آئي. ڇو تہ سندس تُور جا ڪي تہ رهجي ويا. اٿڻ کان آزُرت. تہ ڪي وري پيالو پي ويا هئا.

عام مزمان مڙي لاءِ وڏيري علڻ جي اوطاق هوندي هئي، سو ڪاڪو فضل اجايو اوطاق ڇا لئہ رکي؟ رڳو لوفرن ۽ ڳاڙهہ واتن چورن لاءِ اوطاق رکڻ کان رهيو. جنْ ڪي نہ نندِ وڏائي جي ساڄهہ نہ پنهنجي پرائي واري سُڃاڻو اک. جنهنْ جو ڪائن گلا بہ ان جي ڪن. اهي سڀ ويچار ڪري، هن اوطاق واري لانڍي ڊاهي ڇڏي ۽ گھر جهلي ويهي رهيو. سو هاڻ جو عوثو ڪاڪي جي ساتاري يارن کي هٿ ڏس ڪري وٺي آيو تہ ڪاڪو ڏاڍو ڦِڪو ٿيو.

سؤ قرب هجن. گھر ۾ زال هجي يا نہ، پر دوست کي گھر جي پردي ۾ تہ ڪونہ وٺي وڃبو؟ اهوئي تہ مرد جو شان آهي. گھر جا ’ڪايا‘ تہ ڪونہ ڳڻائبا؟ سو يارن لاءِ کٽ کڻي ٻاهر آيو ۽ پپر جي وڻ هيٺ ڪين ويهاريائين. مزمان لاءِ ماني سومار جي گھران پچرائي ورتائين. سومار ايترو ڏاريو ڪونہ هو. ڇڏائتو ور وراڪي مائٽ هوس جواڻ جماڻ هو سال کن اڳ پرڻيو هو. هڪڙو پٽڙو بہ خدا ڏنو هئس. لوڙهو لوڙهي ۾ ڏيو وينو هو. سو اهڙين مهلن ۾ ڪاڪو هن کان حجاب ڪونہ ڪندو هو. اوير سوير سومار جي زال جنان ماني تکر پچائي ڏيندي هئي.

سو مزمان مان هڪ جهوني ڪاڪي فضل جي تڪليفن کي ڏسندي کل يوڳ ۾ ٽين شاديءَ جي کڻي صلاح ڏنيس. ڪاڪو ٽنائڻ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڳو تہ عوثو نوڪر هٽي ڪدي، چي: ”ڪاڪي فضل جا هاٽي ڏڪ پيا وڃن، اتڻ ويهڻ ۾ هلاڪ سو تو شادي ڪري.“ چورا بي افعالا، چا ڄاڻن نندِ وڏائي مان؟ سو اهڙن جي ڳالهہ ڪتي تو ڪاڪو فضل ٻڌي. سو هن اتي ئي فيصلو ڪري ڇڏيو.

”بس ڪر، ڙي چورا! مون ڪي پٺهين جي چني بہ ياد آهي. پر اڄ بہ ٻانهن ۾ هٿ وجهئين تہ ڇڏائي ڪونہ سگهندين. پوڙهو اُٺ بہ ڪنوات لهي عوثوخان!“

”برابر ڪاڪا! پر شادي... سا بہ هن ڄمار ۾، ڪير سنگ ڏيندءِ؟ ماڻهن وٽ ڪي ڌيئون گهٽيون تہ ڪونہ تيون آهن.“ عوثو وري بہ ڦوڪ ڏني ۽ ڪاڪو باهہ تي ويو.

”اي انهيءَ ڳالهہ تي تو اڃين تہ ڏس تہ ڪيئن تو پرڻجي ڏيکاريانءِ. ٻُڪيو پينگيو ڪونہ آهيان. لُنب لوفر ڪونہ آهيان، جو سنگ نہ ملندم“ ڪاڪي نقلي ڏندن ڪي زبان سان سنياليندي چيو.

پوءِ تہ ڳالهہ آئي ويئي تي ويئي. عوثو بہ وڃي پنهنجي ڪرت سان لڳو تہ ڪاڪي جا مزمان بہ سندس وٺو پاٽيءَ جو پي وڃي پنهنجي پنهنجي گهر رسيا. پر ڪاڪو فضل شاديءَ جي شوق، ۾ اڌ چريو تي پيو، هن پنهنجي ڳوٺ ڪي تورڻ تڪڻ ڪان پوءِ پر واري ڳوٺ ۾ بہ ڪوششون شروع ڪيون ۽ پوءِ ڪاڪي جي جاڪوڙ هٽي وڃي هنڌ ڪيو. حاجن ٻوڙي ڪاڪي ڪي نازو جو سنگ ڏيڻ قبوليو. ايرو سيرو يت تيو. ڪارڪون ۽ پتاشا ورهايا ويا. ملان عبدالله نڪاح پڙهايو. ڳوٺ جا ڪي پتڪي ور ڪاڄ ۾ وينا ۽ ڪاڪو نازو ڪي وٺي پنهنجي ڳوٺ ان گهر ۾ آيو، جتي ڪاڪي جي ٻن مرهيات زالن جا روح اڳ ئي واڪا ڪري رهيا هئا. نازو جي بہ قسمت جو سُنهن ڪٽجي. ماءُ ٻنڌڻ ۾ ئي ڇڏي وڃي خدا ڪي پرتي. پٹس اڳ ئي جوئاري نڪمو. اوطاقن جو ٻانڌاٽي. جتي سٽيو تڪر سُجهيس ات پڙ ڪديو ويهيو رهي.

نازو سدائين پراين درن جا ڌڪا جهليا ۽ وندڻ جا لولا ڪائي، وڏي تي. ساري ڄمار اوبرون پلئہ پيس. پر خدا جي قدرت جو ٻکن، مارُن، ڏکن


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ دڙڪن هوندي ٻه جوانيءَ ۾ پير پائي هو حسن جو پتلو بڻجي پيئي. پورو پنو پريل بت، ڪجليون اکيون، لال لب، موتين جهڙا ڏند، رنگ اهڙو جهڙو کير ۾ گلاب جو ڳاڙهو شربت. بس ڏٺي هٿ سان ويهي جوڙيو هئس. جواني آهي ئي خوابن جي موسم. هرڪو جاڳندي ذهن سان خواب ڏسندو آهي. دل ئي دل ۾ تمنائن جا محل جوڙيندو آهي. پوءِ جي اهي محل واريءَ گهرڙن جيئن ڊهي پون ته ڪنهن جو ڪهڙو ڏوهه؟ سو نازو به دل ۾ ڪئين شيش محل جوڙيا هئا. رنگن ساڻ رهاڻ رچائي هئي. ناني سڦوران جڏهن ڏهٽين پوٽين کي ڳالهيون ٻڌائيندي هئي ته نازو به وچي ير وني وهندي هئي.

هن کي ان غريب ڇوڪريءَ جي ڳالهه ڏاڍي وڻندي هئي، جيڪا سُور سهندي مارون کائيندي وڏي ٿي هئي. پوءِ هڪ ڏينهن هڪڙو شهزادو گهوڙي تي چڙهي آيو ۽ ان غريب ڇوڪريءَ کي پَٽ راڻي بنائي ساموندي گهوڙي تي سوار ڪري وٺي ويو، اتي جتي پرستان ۾ هن جو موتين جڙيل محلات هو. ناني سڦوران جي اها ڳالهه ننڍپڻ کان نازو جي دل ۾ گهر ڪري وئي هئي ۽ هو دل ئي دل ۾ اڻ ڄاتل ساموندي گهوڙي واري شهزادي جو انتظار ڪندي هئي. پٽس ڪڏهن وال ڪپڙي جو به يادگريءَ ۾ وٺي ڪونه ڏنس. هن جڏهن کان هوش سنڀاليو هو، تڏهن کان ڦٽين جا چونڊا ڪري، ڪٽڪن جا لابارا ڪري يا ٻاڙي وارن جي ٻارن کي راند ڪرائي، ٻهارا ڪڍي، ٿانو ملي، انگ ڪاڻ اڌوراٽي اگڙي حاصل ڪئي هئي. هن کي ياد نه هو ته ڪڏهن سندس گهر ۾ عيد برات تي به چلهه ٻري هجي. خدا ڪارڻ جا لولا يا اوبر سوبر سندس پيٽ پريندا هئا. سکن جي ڪابه تصوير هن جي نگاهن ڪانه ڏٺي هئي... ۽ پوءِ ٻالڪپڻ سات ڇڏي هن کي جوانيءَ جي بسنت رُت حوالي ڪري ڪيڏانهن گم ٿي ويو.

۽ اڄا هن تمنائن جي نه ته پوري فهرست ئي پڙهي هئي ۽ نه چانديءَ جهڙا خواب پورا پڙهيا هئا، جو پٽس هن کي انين پُري اُٺ جو گهوگهيتو ماسات وارو سنگ ڳنڍي ڪاڪي فضل جي ڪنوار بنائي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇڏيو. اوڙي پاڙي جي عورتن کي هن نڪ تي آڱر رکي توبه توبه ڪندي ڏٺو. ڪيترين اکين ۾ هن پاڻ لاءِ همدرديءَ جا پاڇا به پسيا، پر ڪا زبان هن جي لاءِ حق جو ڪلمو پڙهڻ لاءِ ڪانه کُلي ۽ نازو بي زبان ڳُڳدام جيان ڪاڪي جي ڪِلي تي اچي ٻڌي. هن سپنن جي تعبير صفا ابتڙ ڏٺي. ساموندي گهوڙي تي چڙهيل شهزادي بدران ڏاڏي جيڏو ڪاڪو فضل، موتي محل جي جاءِ تار لوڙهي اندر مٽيءَ ۽ چيٽي سان راڳيل گهر، لوڙهي جي گهٽي تي، ٻڪرين جي واڙي ۽ ان واڙي اڳيان پپر جو وڻ.

ڪاڪو فضل روايتي مڙس ماڻهن جيان هو، ان ڪري ڳوٺ جي ٻين گهرن کان هن جو گهر مڙيئي جدائتو ۽ پنهنجي ٻنيءَ ۾ نهيل هو ۽ سواءِ سومار جي گهر کان ٻيو ڪو ويجهو گهر به نه هو. ان ڪري نازو جي پهرين واقفيت ادي سومار جي زال جنان سان ٿي ۽ پوءِ ڏينهن اندر ٻنهي ۾ گهاٽي سنگت ۽ محبت به ٿي ويئي،

جنان به سانوري رنگت ۽ ملوڪ منهن مهانڊي واري ڇوڪري هئي. سال کن ۾ ئي هن پهرين زال ۽ پوءِ ماءُ ٿيڻ جو تجربو ماڻيو هو. ڪاڪو فضل ڏينهن جو ٻڪريون چارڻ ويندو هو، ان ڪري نازو گهر ۾ اڪيلي هوندي هئي. مٿان جهونو زال ذات کي ضابطي ۾ رکڻ جو قائل هو، ان ڪري نازو کي سواءِ ادي سومار جي گهر وڃڻ ۽ جنان سان ملڻ جي ڳوٺ ۾ وڃڻ جي موڪل نه هئي. رهيو سندس ڳوٺ ته اتي پلا نازو جو هو ئي ڪير، جنهن لاءِ هو وڃي؟ انهيءَ ڪري جنان ئي هن جي ساٿي سهيلي مائٽياڻي سڀ ڪجهه ٿي پئي. جنان به هن جيان ٻئي ڪنهن ڳوٺ مان پرڻجي آئي هئي. پويان جيتوڻيڪ وڏو ڪٽنب ڇڏي آئي هئي، تڏهن به هتي ته سواءِ نازو جي هن جو ٻيو ساٿ نه هو. ان ڪري ٻنهي ۾ محبت ڏاڍي گهاٽي هئي.

ڪاڪو فضل شادي ته ڪري آيو، پر پوءِ به اوطاق ڪانه نهرايائين. شاديءَ جا ڪجهه ڏينهن خير جا گذريا، ڪاڪو ٻالڪ ٻار زال ڏسي ڪپڙن ۾ نٿي ماپيو. پر نازو جو من خبر ناهي ته ڇو هن سان نه پِريو. ڪاڪو فضل هن کي ٻنهه نٿي وڻيو. شاديءَ کان پوءِ ڪاڪي به


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شوق ۾ ڪجهہ تبديليون آنديون. ميندي ڇڏي جوڪر ڇاپ خضاب سان مٿو مڇيون ۽ ڏاڙهي سينگارڻ لڳو ۽ پوءِ مهيني سوا کان پوءِ حاجن پوڙي بہ هڪ اڌ چڪر لڳايو تي ۽ پنهنجي پر ۾ ڪاڪي کان بہ تي ڏوڪڙ بہ تي ورتا. هن جي وجڻ پڄاڻان ڏينهن جا ڏينهن نازو کي ڪاڪي فضل جو کُرڪو ٻڌڻو تي پيو.

ٻن ادائن مهينن پڄاڻان ڪاڪو فضل سانوڻ کي وٺي آيو، ڏُهانيل سانوري رنگ واري جواڻ جماڻ ۽ بي افعال سانوڻ کي، جيڪو نہ تہ ڪپڙائي سولا پائي ڄاڻندو هو ۽ نہ هٿ منهن بہ وس هوندي ڌوئيندو هو. ميري سُتڻ جا ٻئي ور ڪٽيو لٺ هٿ ۾ جهلي سارو ڏينهن ٻڪرين پويان چنگ وڄائيندو وتندو هو.

پر خبر ناهي ڇو نازو هڪ بہ ڀيرو لڪي لڪي سانوڻ کي ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. ڪاڪي جي گهر ۾ ڇا وَهي ڇا واپري، سانوڻ کي ان سان ڪابہ غرض ڪانہ هئي. هونئن تہ ڪاڪو هن کي گهٽوئي پائيندو هو. هڪ ڀيرو هن ڪيس، خاڪي رنگ جا ٿلها ڪپڙا بہ سبائي ڏنا. جُتي بہ وني ڏني. ماني ٽڪي بہ وقتائتي هٿ سان کٽي اچي کارائيندو هئس. باقي ڪنهن ڪنهن ويل ڪوڪون ڪرڻ ۽ جهڳي هٽڻ جي تہ ڪاڪي کي پراڻي عادت هوندي هئي، ان ڪري هو ان جي نہ ڪا ميار ڪاڪي کي ڏيندو هو ۽ نہ دل ۾ ئي ڪندو هو.

پوءِ ائين ئي چار پنج مهينا لنگهي ويا، تڏهن پهريون ڀيرو هن نازو کي ڏٺو. ان ڏينهن ڪاڪي فضل کي تپ آيو هو، مچرن وارو تپ تہ جواڻن کي بہ جهولايو ڇڏي، هي تہ ويچارو مَڙهو مڙس هو. اصل شيڪجي ويو. ڏندن کان سواءِ باقي سڄو پئي ڏڪيو. ڏند بہ ان ڪري ڏڪڻ کان بچي ويا هئا جو وهاڻي هيٺ سيرانديءَ کان پيل هئا. ان ڏينهن ادو سومار بہ جنان کي وٺي ساهرن ويو هو.

تڏهن نازو سانوڻ کان چانهہ لاءِ ڪير ڪاڻ ٻڪري ڏُهڻ جو چيو هو، جيئن هو ڪاڪي کي چانهہ سان تپ واري گوري کارائي سگهي.

نازو هن سان پهريون ڀيرو ڳالهايو ۽ سانوڻ هن کي پهريون ڀيرو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏنو هو. اڏ لوڙهي اندران لڪل، اڏ گهٽيءَ مان ظاهر تيل نازو... چنڊ ڪڪرن پويان لڪي به چنڊ ئي هوندو آهي. جواني پردي پويان لڪي به جواني هوندي آهي. بئي هرحال پاڻ پسائيندا آهن.

سانوڻ به نازو کي اڏ ڏنو نه ڏنو، پر هن جي حُسن ۽ جوانيءَ کي محسوس ضرور ڪيو هو. بئي ڀيري هن نازو کي نڏهن ڏنو هو، جڏهن نازو مڙس سان گڏ الهورائي جي ڌيءَ جي شاديءَ ۾ وڃڻ لاءِ گهران نڪتي هئي. سانجهي ويل اجرڪ ۾ ويڙهيل نازو پنن ڍڪيل گلاب جيان، لهندڙ سج جي آخري ڪرڻن به هڪ ڀيرو هن جي چهري کي شايد چمڻ چاهيو هو. سانوڻ کي ائين لڳو هو، جڻ نازو آڏي اک سان هن کي ڏنو هو. ان ويل هن ٻڪرين کي واڙ ۾ پوري واڙ جي گهٽيءَ تي ڏينگهر پئي ڏنو ۽ هن کي پهريون ڀيرو ساجن سوائيءَ جي ميڙي ۾ ڳائٽي جو ڳايل ڪلام ياد آيو هو.

نيڻن جي نشاني سان قتلام ڪيو تو ڪيئن.

ڪانيون رڳو ٿانڊي تي رکي ڇڏجن ۽ ڦوڪ ڏيئي ٻار جي نه ته هنن مان رڳو ڏُونهن نڪرندو آهي. اهو دونهن ڪانين جو احتجاج هوندو آهي ته رڳو ٿانڊن جي تپش ڇو؟ اسان ته شُعلن ۾ سڙي روشني ڪرڻ ٿيون چاهيون. پر رُڏ مغز سانوڻ نيڻن جو احتجاج ڇا سمجهي؟ پوءِ هڪ رات سانوڻ ۽ نازو جي وچ ۾ ٽنگيل پردو گهٽو هٽي ويو.

ان رات سانوڻ سانباها ڪيا هئا. آڌيءَ رات جو مينهن ٻي مهل مزمان وانگر اچي ڪڙڪيو هو. وڏ ڦڙي وسڪارو لاتو هو. سانوڻ مينهن کان بچڻ ڪاڻ پپر جي وڻ هيٺ رکيل ڪٽ هيٺ گهڙي ويو هو، پر پُسيل هنڌ جا ڇُٽاڪا هن تي وسي وسي ڇٽي رهيا هئا. 'پُٽ سانوڻ!... اوهيرن کان ٻيلا ڪيئن بچندين؟'

تڏهن ڪاڪي فضل جو سڏ هُن جي ڪن تي پيو هو.

"سانوڻ... س... ا... ن... و... ڻ... .هو... هـ... و... هو..."

ڪاڪي فضل جو بلغم ۾ ٻُڏل آواز مينهن جي شپڪي ۽ هوائن جي گهوگهٽ سان وچڙندو هُن تائين پهتو. پهرين ته هن سمجهيو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ سندس ڪن پيا وڄن، پر سڏ وري بہ ٿيو تہ هُن ڪي پڪ ٿي.

”هُو... هُو“ هُن جواب ڏنو.

”گهر هليو آ... گهر هليو آ... اي ٻاهر پُسي ويندين.“ ۽ هو پُسيل رَلي اوڍي سيرانديءَ کان رکيل کهاڙي کٽي گهٽيءَ جو ڍينگهر پاسي ڪري اندر لنگهي آيو.

”ڪاڪا... او ڪاڪا...!“ اڱڻ ۾ بيهي سڏيائين.

”ها ها... هليو آ“

۽ هو گهر ڏانهن وڌيو. هُنَ جا پير ڳرا ٿيندا ويا. لانڊي اڳيان نهيل ڇَني ۾ پهچي هو بيهي رهيو. ڪاڪو ۽ سندس زال اندر لانڊيءَ ۾ هُئا، جتي گاسليٽ جي ٻتي پنهنجي ٻي سَتي روشني پکيڙي رهي هئي.

”اتي ڇني ۾ کٽ تي سمهي پئو. ٻاهر مينهن آهي، آءٌ ٽولاءِ رلي کڻي ٿو اچان“، ڪاڪي فضل اندران چيو ۽ ويرم کان پوءِ سڪل رِلي ۽ وهاڻو آڻي هن کي ڏنائين. سانوڻ ٻُت سان ويڙهيل آلي رَلي لاهي رکي. قميص بہ سڄي پُسي ويئي هئس. هن اها بہ لاٿي ۽ آلي، سُٿڻ سميت سڪل رلي اوڍي کٽ تي سمهي پيو. ڪاڪو وري اندر هليو ويو.

”رَلي ڏنئي؟“ نازڪ نازڪ سُريلو آواز سانوڻ جي ڪن پيو.

”هائو“ ڪاڪي وراڻيو.

”ڇڱو ڪيئہ، نہ تہ ڇورو سڄي رات پُسي ٽپجي پوي ها“ آواز ۾ همدرديءَ جو اظهار هو.

سانوڻ جي دل جي ڌڪ ڌڪ وڌي ويئي.

”ڪيڏو خيال اٿس مون جو“ دل ئي دل ۾ سوال اُڀريس.

”سارو ڏينهن وٽن ڪمايان ٿو، ايترو خيال بہ نہ ڪن تہ ...“ اندر ئي اندر ۾ جواب بہ اُڀريو.

”ويچارن کي شاٻس هجي، نہ تہ اڄ ڪلهہ ڪير ڪنهن جو آهي. سڏ نہ ڪن ها تہ ساري رات ٻاهر مينهن ۾ پيو پُسان ها...“ دل ئي دل ۾ هن ڪاڪي فضل سان گڏ نازو جو بہ ٿورو مڃيو.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ پوءِ هو الائي تہ ڪيتري دير اندرئي اندر ۾ پنهنجو پاڻ سان ڪچهريون ڪندو رهيو. لانديءَ مان ڪوبہ آواز ڪونہ ٿي آيو. بس ڪيڏي ڪيڏي ويل اڻ لڳا چوڙين جا ڇڻڪاٽ يا ڪپڙن جي هلڪي هلڪي سَر سَر اُيري وري گم ٿي ويئي ٿي.

سُريلي آواز جو انتظار دل جي ڪنهن خاني ۾ اُپريو ٿي... پر پوءِ ڪوبہ آواز ڪونہ آيو. ۽ خبر ناهي تہ ڪهڙي ويل نيٽن ۾ ننڊ پرجي ويس.

فجر جو ڪاڪي فضل ٻانهن ڪان وني ڌونڌاڙي اُٿاريس.

”اي اُٿي چورا! ... ڏينهن اچي اُپريو آهي. اُٿي ٻڪريون ڌُهِي وٺ تہ چانهہ چُڪو چاڙهيون...“ تڏهن هن رلي منهن تان لاٿي ۽ آرس ڀڃي اُٿيو. خبر ناهي چو پهرين نظر لانديءَ جي در ڏانهن ڪجي ريس. گاسليٽي بتيءَ جيان چمڪندڙ چهرو هڪ پل لاءِ نظر اچي ويو. مرگهہ جهڙيون ڪجليون اکيون هن ڪي تڪي رهيون هيون ۽ هن جي نظر پوڻ سان اهي نيڻ ائين جهاتي پائي لڪي ويا جيئن ڪنوڻ ڪڪرن مان جهاتي پائي لڪي ويندي آهي.

”اُٿي ٻيلي! اسان وٽ، بہ جواٽي آئي هئي، پر حرام جو ڪا ڳَهر هجي. ڪڪ جي ڪڙڪي تي بہ چرڪ پري اُيا تي ويندا هئاسون. اجان بہ زهيا ڪونہ آهيون، تو جهڙو جواڻ تہ اڄ بہ آهيان. پر تو سان تہ يار پليان پلي لڳي پئي آهي. ايڏي ڊِر! صفا ڪو موڳو آهين.“ ڪاڪي فضل ساٻوڻ جي جوانيءَ سان پنهنجي ڄمار جي ڀيٽ ڪندي آڏي اک سان لانديءَ جي در ڏي ڏٺو، ڄڻ تہ هو پنهنجي ڦڙتائيءَ سان ڪنهن ٻئي کي قائل ڪندو هجي.

پيري هميشہ جوانيءَ تي ڪُرڪي، ڪوڪلا دليل ڏيئي پاڻ پڏائيندي آهي. پر حقيقت کي ڪير بہ ۽ ڪڏهن بہ ڪوڪلن دليلن سان مٽائي نہ سگهيو آهي. سو ڪاڪو بہ حقيقت جي پاڙ اُکيڙڻ جي ناڪام ڪوشش ۾ ڪُرڪندو ۽ کنگهندو رهيو ۽ ساٻوڻ قميص پائي ٻاهر نڪري ويو.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خبر ناهي چو اڄ جهنگ ۾ ٻڪريون چاريندي به هُن جو ذهن سوچن جي اڻ ڪٽ ڄار ۾ جڪڙيو رهيو. رڪي رڪي ملوڪ مهاندو اکين آڏو پئي ڦريس. هن ڪاڪي فضل جي ليمڪ کي لڄائڻ نتي گهريو. گهڻو ئي پاڻ تي ڦِٽ لانت ڪيائين، شيطان کي گاريون ڏنائين، پر نازو جي تصوير کان جند ڇڏائڻ ۾ ناڪام رهيو.

جن کي من ۾ اڇٽو هوندو آهي، اُهي چُپ چاپ بنا موڪل صفا ماٺ مبٺ ۾ اکين ۾ کُپي ۽ دل ۾ چُپي ويندا آهن ۽ دل ۾ چُپيل ڪندو ڪڍڻ ناممڪن هوندو آهي. سو هو به اکين رستي هن جي دل ۾ ٻاهري ڪندي جيان چُپي ۽ چپي ويئي هئي. هن جيترو هُن جي صورت کان پاڻ بچائڻ تي گهريو هو اوتروئي من مندر ۾ چِٽي ٿيندي پئي ويئي.

”ٻيلي سانوڻ! الله هر ڪنهن جي لڄ رکي، پاڻ کي ڪاڪو گهڻيئي تو پانئي. خدا سان ڪم پوندو، مُڙس جو ليمڪ ڪاڏو اٿئون رب ڪري شل رهجي اچي. مولا پت رکندو...“ هو دل مان وهمن ۽ وسون کي تڙڻ جي ناڪام ڪوشش ڪندو رهيو.

دل جو چور هميشہ اندر ئي اندر ڪاٺ هڻندو آهي ۽ هن جي دل ۾ به ڪو چور ڪاٺ هڻي ويو هو. هر هر، آرسي ۾ پاڻ کي ڏسي دل ئي دل ۾ سوال اُڀرندا رهيس.

’آئي مُئي نازو! هي لال رتول چپڙا، هي پورا پورا ڳتول ڳل، هي سوٺ سخت جسم، هي ڪارا ڪارا نيڻ... گهوڙا، هنن جو ڏٺي فضل پوڙهو؟... هي ته نسورو ناحق چٽبو. مُئو ڏاڏي کان به وڏو. سڄو سر سر، جهڙو ڏوتل ريشمي ڪپڙو، دم، سهڪ، ڪانگهارا... سي تنهنجي نصيب ۾... پَري جا مُک هڻجيس ته مئو قسِي پئي.‘ اندر ئي اندر ۾ خار پريل سوچ.

’پر ڇا ڪريان؟... ابي وٺ ڪهڙو ڏن ڪائي ويئي هيس. يا ڳوٺ جا سڀ جيڏا مري ويا هئا، تڏهن هي مُئو پِيڻ پيم ڳچيءَ ۾...‘ اڻ لکي ميار... پر ڪنهن تي؟

”ابي کي به حيف هجي. پيريءَ ۾ تو مُئو شاهوڪار ٿئي. مُئي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فضل جو ڪو پرٽي جو هي وقت آهي. هي تہ مُئو مري تہ نهي... ابي پانيو تہ هي قبر ۾ پير لڙڪايو سگهو مرندو تہ سپ مال ايندم هٿ. جيسين امان حياتي هئي تہ چون ٿا تہ اُها پورهيا ڪري ڪارائيندي هيس. انهيءَ مري جند ڇڏائي تہ ننڍي لاڪئون مون ڪان پرايا گولپا ڪراياٿين. وڏي ٽيس تہ لالچ ۾ پيءُ جيڏي سان پرٽائي ڇڏيائين. ڪهڙو لڄايو هومانس؟... سئو اڪيون گهورڻ واريون هيون. پر چيم غريب آهيان. پڇاڙيءَ جو راڄ ۾ ٽڪ لانت جو طوق پوندم ڳچيءَ ۾. ڪير آهي جو مون تي اڳڙي وجهي، سو ڪنڌ ڪونہ ڪنيم ڪنهن سامهون. پوءِ بہ...؟' پنهنجو پاڻ سان ڪچهري. ڏک ڏوراپا.

'پهرين تہ اَبي ڪي هن بہ ڳاڙها نوٽ ٽي ڏنا. ابي بہ پانيو ٽي تہ سدائين پيو ائين مال ڳڙڪائيندس... پر هاڻي جي چار پهر ٽڪي ٽو تہ مُئي جو ٻُوٽ بہ ڦٽيو وجي... هاڻي تہ ابي ڪي بہ ڪبر تہ پئي... سچو ڏينهن مُئو پهرو ڏيو وينو آهي. بئيمان. جهڙوڪر...؟ هونئن زال ذات پنهنجيءَ ٽي اچي تہ چا نٽي ڪري سگهي؟ مُئا اڪين ۾ سُرمو وجهو هليو وڃن. هر ڪنهن کي پنهنجو مرم ماري. شرم پلي.'' پيءُ تي ميارون ڪندي مڙس ٽي خار اچڻ لڳس، جيڪو انئي پهر ڏندو ٽيڪيو گهر ۾، يا گهٽيءَ واري پپر هيٺ وينو هوندو هو. گهر جو وڪر وانو بہ ادي سُومار هٿان گهرائيندو هو. جهنگ جي خيال سان اُٿندو هو تہ لانڊيءَ جي پويان وڃي ويهندو هو. گهر ۾ نازو ري ٻيو هو بہ ڪير؟ سو اتان ئي وينو زال سان ڳالهائيندو هو.

هونئن بہ نستي ۽ نبل جسم ۾ سواءِ شڪ جي ٻيو باقي بچي بہ چاتو؟

'اي ڪهڙا پئي سينگار ڪرين؟... هيڏانهن اچ، بہ ٽي زور تہ ڏينم. جنگهن ۾ سُور اٿم'، ڪاڪي فضل زال جي هٿ ۾ ٽِڪ ڏسي هڪل ڪئي ۽ نازو جي سوچن جي سنگهر ڇڄي پئي.

'مُئي کي منهنجي سينگار جو بہ وڏو سُور آهي. اهو سُور تہ قبر ۾ بہ گڏ ڪٽي ويندو.' دل ۾ چيائين.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ڪانہ تي ڪريان سينگار، اچان تي.“ ورندي ڏيئي ٽِڪ جاري ۾ رکي ٻاهر نڪري آئي، جتي ڇني ۾ جهونو کٽ تي ليٽيو پيو هو. هو کٽ جي ايس تي ويهي سُريل ڪانين جهڙن ڇنگهن کي آهستي آهستي زور ڏيڻ لڳي. هن کي لڳو ڄڻ ڇنگهن بجاءِ چمر چڙهيل لٺ کي زور ڏيندي هجي.

”زور تي ڏئين يا راند تي ڪرين؟ مُڪون هٽيم“ جهوني کي زور ڪونہ وڻيا.

”مئا، هي هٿ تہ اهڙا آهن جو لاش کي لڳن تہ بہ ڇڱو ڀلو ٿي پئي پر...“ دل ئي دل ۾ ڇيائين ۽ ماٺ ڪري مُڪون هڻڻ لڳي.

هڪ لڱان من ۾ آيس تہ هڪ مُڪ مَڙهي جي گنجي مٿي ۾ وهائي ڪڍي، پر هو مجبور هئي. ٿوري وير ۾ جهوني جي اک لڳي وئي ۽ ڪانگ واري ننڊ جهُٽڪي جي. جهوني جا لڪاٽ ۽ کُونگهرا، نازو جي ڪن پيا. پوڙهي جو وات پٽجي ويو. اکيون اڌ کُليون هيون. هو هن زنده لاش کي ڏسڻ لڳي ۽ خيالن ۾ وري ميلا مچڻ لڳس.

هن جي بُت ۾ رت جي گردش تيز ٿيڻ لڳي ڄڻ سجو بُت پيڙجي رهيو هئس. اکين ۾ ڄڻ تہ ٽانڊا ٿي ٻريس. دل چيس تہ اڄ جيڪر پَهڻ بہ پاڪر ۾ اچي وڃيس تہ ڪر ان کي پيهي پٽي ڪري ڇڏي. هن تي بيخودي جي ڪيفيت ڇانئجڻ لڳي ۽ هن جون سخت آڱريون لسن لسن وارن ۾ قرڻ لڳيون. جيئرو وجود ٻانهن جي گهيري ۾ اچي ويو. پاڪر جو گهيرو تنگ ٿيندو ويو... اوچتو دانهن... هڪ ٻرڙاٽ ٿيو ۽ هن ڪان ڇرڪ نڪري ويو. اچي رنگ جو ٻڪر هن جي پاڪر مان نڪري ويو... ۽ پري ڪان ٻيهي هن کي عجيب و غريب حيواني نگاهن سان ڏسڻ لڳو. سانوڻ کي ڪل اچي ويئي. هن ان ڇيلي کي پاڻ سان هيرائي ڇڏيو هو. هو ڄڻ تہ سندس گهاٽو دوست هو. جڏهن ٻيون ٻڪريون ٻبرن ۽ ڪامهون جي وڻن تي لڙڪي چرنديون هيون تہ هي اچي ڇيلي سان رهاڻيون ڪرڻ لڳندو هو. ٻبرن مان پلڙا پٽي ۽ ڪنڊين مان سڱريون ڇني هن کي کارائيندو هو. آڱر ڏارائيندو هئس... ڇيلو بہ مٿس ٽپ ڏيئي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيو چڙهندو لهندو هو.

”اي سانوڻ!... اي ٻڪريون پرائي ٻني ۾. يچ پيٽيان مار تو ڪائين.“ پريان لڪاني هڪل ڪيس. لڪانو به هن جو يار هو، هن جهڙو ٻڪرار هو. گڏ گڏ ٻڪريون چاريندا هئا.

هن لٺ کڻي ٻڪرين ڏي رومڙ ڪئي، جيڪي سندس غفلت سبب سامهون ٻروچن جي ٻنيءَ ۾ وڃي پهتيون هيون. شام ٿي ته اُتران وري ڪڪرن جا ڪارونيار چڙهڻ لڳا. هن به ٻين ڌراڙن وانگي پنهنجو ڌڻ واپس واريو. مال واڙي ۾ پوري بس ڪيائين ته بوندون برسڻ لڳيون.

”ميان! ڪا ايري سيري يُونگي ناهي وجهين ته به مينهن پاٽي کان بچي پوين“ ڪاڪي فضل چيو ۽ تڪڙيون وکون کڻي گهر ڏي هلڻ لڳو.

”ڪاڪا! سارو ڏينهن خفي ۾ آهيان، واندڪائي ملي ته...“ سانوڻ ورندي ڏني.

”نهيو هاٽي گهر هليو آ... پُسين تو“، ڪاڪي چَني ۾ پهچي چيو.

۽ هو سِگهو سِگهو اندر هليو آيو.

نازو اج لانديءَ بدران چني ۾ چُلهه تي مانيون پئي پچايون. هن کي ڏسي تورو پاسيرو ٿي ويٺي. چُني جو پلئه چڪي چڏيائين. ٻرندڙ باهه ۾ وسندڙ مينهن ۾ ڀڪندڙ حُسن جو روپ ئي نرالو هوندو آهي.

ٻاهر مينهن پئي ونو اندر باهه پئي ٻري ۽ نازو جي منهن تي پگهر ڦُڙا ائين پئي چمڪيا ڄڻ اُڀرندڙ سج جي روشنيءَ ۾ گلاب جي پنکڙي تي ماڪ جا موتي. پر سانوڻ کي انهن شاعرانه خيالن جي کهڙي خبر؟ هن کي ته بس ڪا خبر ڪانه هئي، سواءِ انهيءَ جي ته نه چاهيندي به ڪيڏي ڪيڏي مهل اک هن کي ڏسڻ لاءِ کڄيو ٿي ويئي.

”پينسان مينهن به يڪي ناڙي آهي. نه وِهڻ جو مزو نه وري سُمهڻ جو مزو“ ڪاڪي فضل مينهن تي ميار ڪئي ۽ اجرڪ جي ڪانپ ڪڍي زال ۽ ڌراڙ جي وچ ۾ ويهي رهيو.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هر پيري گهٽو ڪري پنهنجي جواني جا ورق وساري ٻن جوانين جي وچ ۾ ديوار ٻڌجي ويندي آهي ۽ انهيءَ ديوار کي غيرت جو نالو ڏيئي پَڪي ڪري جائز قرار ڏيڻ لاءِ سئو سئو جتن ڪندي آهي. پر جوان نگاهون تہ پٿر جي هُن پار بہ هڪ ٻئي کي جانچي وٺنديون آهن.

سانوڻ ڪاڏ جي ٻورين مان ناهيل گاهہ واري چادر وڇائي ان تي وينو هو. ڪنڌ جهڪيل ۽ اکيون ڌرتي ۾ کُتل هئس پر پوءِ بہ رکي رکي بي اختيار نگاهہ هن ڏي کڄي تي وئي. دانگيءَ مان نڪتل گرم ماني ڪاڪي هٿن سان کڻي هن کي ڏني.

"اچي ڪوسي ڪوسي کاءُ. نرڻ کان پوءِ مانيءَ جو مزوئي نڪريو وڃي. هي وري جيڪو هاڻ نئون ٻج نڪتو آهي. سو تہ وري اهڙو جو نرڻ کان پوءِ اٽو جهڙو رڳو چٻاڙيندي حال آهي." ڪاڪي پنهنجي ڏندن جي غيرحاضري ۽ چاڙين جي نستائيءَ کي نظرانداز ڪندي سارو ڏوهہ نئين جنس جي ڪڻڪ تي اڇلائي ڇڏيو.

ڪاڪو ٻکي هٿندو رهيو ۽ سانوڻ پيندين جي ٻوڙ سان ماني کائيندو رهيو. هر گرهہ ۾ هن کي نازو جي هٿن جي سُرهاڻ پئي محسوس ٿي. ماني کائي هن پاسي ۾ پيل گهڙي مان پاڻيءَ جو وٽو ڀريو ۽ چني اندر ئي ٻيهي ٻاهر وسندڙ مينهن ۾ ڳُرڙي اڇلائي.

پوئتي وريو تہ نازو هڪدم منهن ٻئي پاسي ڦيري ڇڏيو. سانوڻ کي لڳو ڄڻ نازو هن کي چور نظرن سان ڏسندي رهي هئي. هن نازو جي منهن ڦيرائڻ سان پنهنجون اکيون ڦيرايون تہ هڪ لحظي لاءِ هن جي اکين فيشني چولي جي کليل ڳلي جي اندر اهو ڪجهہ ڏسي ورتو، جيڪو جواني جي نظر ۾ سڀ کان قيمتي ڌن آهي. جواني انهيءَ ڌن کي دل کولي خرچ ڪرڻ چاهيندي آهي ۽ پيري ان کي سو پردن ۾ ويڙهي رکڻ جي ڪوشش ڪندي آهي.

رات گذرندي رهي. مينهن وسندو رهيو. ٻاهہ ٻرندي رهي. جيءُ جلندو رهيو. هن جي اکين کان ننڊ رُسي ويئي هئي. هن جا ڪن لانديءَ مان ايندڙ سُرٻاٽن کان سواءِ ڪو ٻيو آواز ٻڌڻ لاءِ تيار ڪونہ هئا. راتوڪي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساڳي ڪٽ تي ليٽي هو ننڊ جي انتظار ۾ سوچيندو رهيو هو تہ هي اندر ئي اندر ۾ پيچ ڏاهہ جو شروع ٿي ويئي آهي.

"هونئن، هونئن... پري ٿي سُمهہ". اندران منڊي آواز ۾ ڪارو لهجو هن جي ڪن پيو.

"ڪوهَ..." جهوني جي سهڪندڙ آواز جو جملو هن پورو ڪونہ سمجهيو.

"ها... ڇُهٽيو پيو آهين... ڪو..." سريلي آواز جو چيل پويون جملو بہ سمجهي نہ سگهيو.

"ڪميٽي نخرو ٿي ڏيکارين..." اوچتو ڪاڪي فضل جي ڪاوڙ پري هڪل ٻُڌي سانوڻ تپ ڏيئي ڪٽ تي ويهي رهيو.

"ڪميٽيون هوندءِ پنهنجون، مُئا مرو!" نازو بہ تيز لهجي ۾ چيو.

"تنهنجي تہ..." ڪاڪي فضل جي گار ۽ چماٽ جو ٺهڪو گڏجي سانوڻ جي ڪن تائين پهتا. اهو ٺهڪو پڪ نازو جي منهن يا ٻُت تي ٿيو هو.

"مئا ڪتا سوئر ڪِڳ ڏڪ تو هٽين. ڪا قيدياڻي آهيان ڇا؟" نازو رڙ ڪندي چيو ۽ وري ٻيو ٺهڪو ٿيو. پر پهرين کان مختلف. ائين لڳو ڄڻ ڪو ڪٽ تان هيٺ ڪريو هُجي.

"بيهہ تہ رن. گڏهہ لتون هٽيون تي ڪيرائين." ڪاڪي فضل هڪل ڪئي.

"اڙي گهوڙا ڙي... نڌڻڪي ٿيو پئي مارجان..." نازو رڙ ڪئي. سانوڻ کي ائين لڳو ڄڻ هو هن کي مدد لاءِ سڏيندي هجي ۽ پوءِ خبر ناهي ڇو بنا سوچ سمجهہ جي هو لانديءَ ۾ گهڙي پيو. ڪاڪو فضل تريون ڪوڙي پٽ تان اُٿي رهيو هو ۽ نازو ڪٽ جي ٻئي پاسي بيهي رڙيون ڪري رهي هئي.

ڪاڪو فضل سانوڻ کي ڏسي وڏيڪ پيڙ ٿي ويو.

"ڇا سمجهيو اٿئي ڪميٽي. آءٌ بِنهہ پوڙهو آهيان ڇا. اڄ بہ تو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جهڙين ڪُتين جا ساهہ گهُٽي ڪيڻ جي سگهہ اٿم.“ چاچي ڦُرتائي سان ڪٽ جي پيراندي ڪان ڦرندي نازوءَ جي ڳچيءَ ڏي هٿ وڌائي رومڙ ڪئي. پر سانوڻ وچ ۾ اچي ويو.

”ڪاڪا، ڪاڪا، ڌيان ڪر. ڀنوري جو ماٺهو تو ڪلائين. ڳالهاءُ ٻاهر پيو ٻُڌجي.“

سانوڻ ڪاڪي جي ٻانهن جهليندي چيو.

”تون بس ڪر. ڏس تہ اڄ ڪيئن ٿو هن... جو ساهہ ڪيان.“

ڪاڪي زور لڳايو پر جلد ئي پڪ ٿي ويس تہ ٻانهن ڇڏائي ڪونہ سگهندو. تڏهين هو ٿورو ٺڏو ٿيو.

”نہ ڪاڪا نہ... ماٺهو چا چوندا.“ سانوڻ ڪاڪي کي وڏيڪ ٺڏو ڪندي چيو.

”ماٺهو وجي ڏوڙ پائن... پر... پر“ ڪاڪي جو ساهہ پرجي پيو. سينو اندر ٻاهر پئي ٿيس ۽ چتين وحشي اکين سان نازو کي گهوري رهيو هو.

سانوڻ هن جو هٿ ڇڏي ڏنو ۽ ٻاهر نڪري پنهنجي هنڌ تي اچي وينو.. ڪجهہ گهڙيون هو ائين ئي وينو رهيو. پوءِ ليٽي پيو. مينهن شايد بند ٿي ويو هو. اندر ٻاهر چپ چپات لڳي پئي هئي. فضا ۾ رڳو آر جي چر چر ۽ ڏيڏرين ٽانءِ ٽانءِ پکيڙي پئي.

سانوڻ کي رکي رکي ڪاڪي تي خار پئي آيا.

’پيٽسان ڇتو ٿي پيو آهي، اهڙي ماٺهو کي تو ماري؟ ويچاري رڙيون تہ ڪيئن ٿي ڪيون. آءٌ نہ هجان ها تہ پڪ مسڪين مارجي وڃي ها. منهنجو وس پُڄي تہ ڪر نيوڙي ساهہ ڪدي ڇڏيانس.‘ سوچ ذهن جي پردي تي ترڻ لڳي.

”کهڙي خبر بيقدرن کي، پيٽ اٽن پريل تڏهن پيا...؟“

’پر آءٌ چو پيو دل من هٽان؟ مونجو وڃي چا؟ آءٌ تہ نہ هنن جو عزيز نہ قريب. ميان جا فقير سانوڻ! ڪو ڌيان ڪر. هو زال مُڙس ڇاڻن پاڻ ۾. تون چو اچي اجايو ڇتو ٿيو آهين؟‘ پاڻ کي پنهنجي پَر ۾


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سمجهايائين.

رات جون گهڙيون گُذرنديون رهيون. اندران لانديءِ مان ڪاڪي جي ڪونگهرن ۽ اونگهاٽن جا آواز اچڻ لڳا. چوڌاري سانت هئي، پر ننڊ سانوڻ جي نيڻن کان اڄ صفا موڪلائي ويئي هئي.

هن جي ذهن ۾ ڪيئي خيال اچڻ وڃڻ لڳا. هو پاسا ورائيندو رهيو ۽ پوءِ رات جي ڪاري چادر ڇڪجڻ لڳي. اُجري اُجري پرهه ڦُٽڻ لڳي. ڪُڪڙن ٻانگون ڏنيون، پر سانوڻ هنڌ تي پيو ئي رهيو. هن جي دل اٿڻ تي نه پئي ٿي. تڏهن لانديءِ اندران ڪاڪي فضل ڊيگهه سان ڪلمو پڙهي ڪنگهڻ شروع ڪيو. پوءِ گهڙي دير ڪنگهڻ کان پوءِ ڪاڪي ٻهريون پاءُ ڪن جيترو ڪانگهارو لانديءَ جي گهٽيءَ مان ڇني ۾ اڇاليو ۽ پوءِ پاڻ نڪري آيو.

سانوڻ اُٿڻ گهريو پر ڪيس ائين لڳو، ڄڻ سندس انگ انگ ۾ پيڙا پڙجي ويئي هجي. هن متو ڪٽڻ جي ڪوشش ڪئي ته مغز ۾ سور جون سوئون اُڀري پيس.

”ميان! اڃان ڏانداريو پيو آهين.“ ڪاڪي ڇڙٻ جهڙي لهجي ۾ چيو.

”ڪاڪا! اڄ مڙيئي جوڙ ڪونه آهيان.“ سانوڻ آهستي وراڻيو.

”هان؟ وري ڇا ٿيو؟“ ڪاڪي هن جي ٻُت تي هٿ رکيو.

”اڙي توکي ته تپ آهي. هي منڌئي اهڙي آهي. رات جو ڪائن مڇر ۽ ڏينهن جو پيئو جَهڻ، تپ نه ايندو ته ٻيو؟ ٻيلي! هُونئن ٻه نالي جا جوان آهيو، اسين جُواڻي ۾ ته نهيو، پر اڄ اڃواڻي تائين انهيءَ تپ تاءُ کي ته پُڇون ٻه ڪونه، پر ڏوهه آنجو ڪونهي. اڄ اهي ڪاڏا ئي ڪونهن. ڏالڊا تي ڪهڙي ڪانڪت (طاقت)...“ ڪاڪو يڪو خُطبو پڙهي ويو.

ان مهل اندران هوءَ ٻاهر نڪتي. پرهه جي مٺي مٺي ٿڌي ٿڌي روشنيءَ جيان صبح ويل گهُلندڙ نرم نرم هوا جيان سانوڻ کي لڳو ته ڄڻ پرهه هاڻ ڦُٽي هجي. هن ڪجلين اکين سان هڪ نظر سانوڻ تي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڏي. سندس منهن تي اڻ لکي مُرڪ تري آئي ۽ پوءِ هوءَ چُپ چاپ گهڙي مان پاٽي جو وٽو پري ٻاهر اڳڻ ۾ منهن ڌوئڻ لڳي.

”پوءِ هاٽي ٽپيو پيو آهين تہ ڪو هتي پيو هوندين ڇا؟ هاٽي هل ٻاهر. انهيءَ لاءِ تو چوان تہ ڪا پونگي ناهي ڇڏ، پر آن کي ڪهڙي گرز؟ هڪ ڪن ڪان ٻُڌي ٻي ڪان ڪڍيو ڇڏيو.“ ڪاڪي جي زبان جيڪا زال کي ٻاهر ايندو ڏسي لمحي لاءِ بند ٿي هئي، سا وري چالو ٿي ويئي. ان ويل هوءَ منهن ڌوئي اندر مُڙي هئي ۽ سانوڻ کي هن جا ڪجل پنا نيڻ دل ۾ چُڀي ۽ جگر ۾ کُپي ويا هئا.

”ها ڪاڪا اُٿان ٿو.“ سانوڻ اکيون جهڪائيندي ۽ نازو جي صورت دل ۾ لڪائيندي چيو.

”ايئن نہ اُٿي سگهين تہ ڪٽي اُٿاريئن“. ڪاڪي پنهنجي ٻانهن جي ڏنئوري تي هٿ ڦيريندي چيو، جتان ماس رُڙي ويو هو ۽ مڙي پُسيل اگڙي وانگر هيٺ لڙڪي پئي هئي. ڪاڪي جي اها آچ سانوڻ کي ٻٽڇي جيان لڳي ۽ هو ٻي گهڙي ڪٽ ڇڏي اُٿي ٻيهي رهيو. ڪيس ائين لڳو جڻ متي ۾ لاتعداد ڪنڊا چُڀي ويا هجن. ڪن لاءِ هن کي پنواٽي بہ آئي، پر پير جهلي هٿن سان ڪپڙا ڻاهيندو ٻاهر نڪري آيو.

لوڙهي جي گهٽي اڳيان ٻڪرين جي واڙ سامهون پپر جي وڻ هيٺ اڇي وينو. وڻ تي وينل ڪوئل مني سُر ۾ ڪوڪون ڪري رهي هئي. هن کي ڪوئل جو آواز ڏاڍو وڻيو. هو وڻ جي ٿُڙ کي ٽيڪ ڏيئي ينل ينل ٿڌڙي زمين تي ويهي رهيو.

”اي ٻيو تہ نهيو، پر اڄ ٻڪرين جو ڇا ٿيندو. چورو تہ ٽپيو پيو آهي.“ اندران ڪاڪي فضل جو ايندڙ آواز هن جي ڪنن سان ٽڪرايو.

”تہ پوءِ انهيءَ ۾ ويچارين ٻڪرين جو ڪهڙو ڏوهہ؟ اڄ ڪٽي تون پهراءِ“ نازو جو جواب ٻڌائين.

”آءٌ ڪونہ ويندس پلي پيون ڏوڙ پائن“ ڪاڪي ڪنگهندي چيو.

”اُکيون مري وڃن، نہ ڪٽي وڃ، مونجو ڇا؟“ نازو وراٽيو.

چپ ٿي ويئي. ڪجھ ويل مانار چانئي رهي. پوءِ ڪاڪو جست جو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڳ ڪٽي ڪير ڏُهڻ لاءِ ٻاهر آيو.

”ترس ڇورا! ٻڪري ڏُهي وٺان تہ چانهن ڇُڪو ڪاڙهيون. من ڪا فرحت ڏيندي.“ ڪاڪي چڙ تہ هن کي دلاسو ڏنو، پر هو چپ چاپ رهيو.

ڪاڪو واڙي جو ڏينگهر لاهي اندر ويو ۽ ڪاڇڻ ٻڪريءَ کي جهلي ڏُهڻ لڳو. ٻڪري ڏهي ڪير ڪٽي گهر ويو تہ اُن ويل ڏور اوڀر ڪان سج بہ عرش تي سڄو سارو نڪري نروار ٿيو. ٿوري دير کان پوءِ ڪاڪو چانهہ جي ڪٽلي ۽ ڪوپ کڻي ٻاهر آيو.

”اڇي هي چانهہ پي.“ سانوڻ ڇرڪ ڀري خيالن مان جاڳي پيو.

”تون چانهہ پي تہ آءٌ تون لئہ منجو گهلي اچان. هتي ٿڌي مٽي تي وڌيڪ اگهو ٿي پوندين.“ ڪاڪو چانهہ هن کي ڏيئي گهر اندر هليو ويو.

سانوڻ چانهہ جو ڪوپ ڀريو، تہ چانهہ مان اُٿندڙ خوشبوءِ هن جي نڪ سان ٽڪرائي. هن کي اُها سرهاڻ نازو جي وجود مان ايندي محسوس ٿي. هن چانهہ جو ڍُڪ ڀريو. اڄ تہ چانهہ جو سواد ئي ٻيو هو. نج قوتن جي سُرهاڻ واري گهاٽي چانهہ. اهڙي سوادي چانهہ هُن حياتيءَ ۾ پهريون ڀيرو پيتي هئي. هن چانهہ جا ٻہ ڪوپ پي ڪٽلي ۽ خالي ڪوپ هڪ پاسي رکيا تہ ڪاڪو ٻہ کٽ گهليندو جڳ پاڻي جو ۽ گلاس هٿ ۾ لوڏيندو اچي پهتو. کٽ ۽ پاڻي رکي وري گهران هنڌ کڻي آيو.

”هاڻي سئولو ٿي سمهہ.“ ڪاڪي کٽ تي پٿراڻي وڇائي.

سانوڻ اُٿي کٽ تي ليٽيو تہ ڪاڪي مٿانئس ڇڪي سوڙهہ اوڍي ڇڏي ۽ پوءِ هن جي اک لڳي ويئي. الاءِ تہ ڪيتري دير هو سِتو رهيو. جاڳ تڏهن ٿيس جڏهن ڪاڪي منهن تان سوڙهہ ڇڪي لاٿس.

”ڇورا! ڪيئن آهين؟“ ڪاڪي هُن جي نراڙ تي هٿ رکيو، جتي چڙ تہ ڪورو ڏڳي رهيو هو.

”اڇي هي گوري کاءُ من فرحت ڏيندي. ڏينهن مٿي چڙهي آيو آهي، ٻڪريون هاڻ مرن ٿيون. تون ليٽيو پيو هُج تيسين آءٌ ٿو ٻڪريون


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ورڪايان. پري ڪونہ ويندس اهو پريان ڏوري وٺ تو بيهان. ڪجھ سامت ۾ اچين تہ هليو اچجانءِ، نہ تہ ماني مهل آءٌ پاڻهي هليو ايندس.“ ڪاڪي اسپرو جي گوري سانوڻ جي هٿ تي رکي پاڻيءَ جو گلاس پري ڏنو ۽ سانوڻ گوري ڳڙڪائي، ڪاڪي جي تقرير ٻڌي وري ليٽي پيو.

......

’ويچاري ڪي شابس آهي، رات مونجي پاران اچي وچ ۾ پيو، نہ تہ هُن جو مون ۾ وڃي ڇا؟ اسين زال مڙس ڄاڻون پاڻ ۾‘ نازو جي ذهن ۾ سانوڻ جي راتوڪي پلائيءَ جو خيال اُڀريو.

’حيف اٿئي مُئي نازو! اڄ ٻريو اگهو ٽيو آنجي در تي پيو آهي. هُن جي هِٽ ڪا امان، ڪا ادي؟ مُئي بہ وڪون پري هُن ڪان پُڇي اينديئين تہ ڪا لهي ڪانہ پونديئين.‘ پنهنجو پاڻ ڪي ميار ڏنائين،

’هونئن، آئون الله لڳ پُڇڻ وڃان ۽ پران ڏسي مُئو ڪوڳ تہ جلو ٻاري ڏي. مُئو اهڙي شڪي نہ ڏنوسين تہ ٻڌوسين.‘ پنهنجو پاڻ ڪي سمجهايائين.

’پهرين جانچي ڏسان. مڙهو اورياڙ پرياڙ ۾ آهي يا رڳو مونجهو پيو اجايو هينئون ڦاٽي.‘ هڪ خيال آيس، هو اٿي بيٺي. اڱڻ جي ڪنهڙي تي بيهي هُن لوڙهي جي چوڏاري نگاهہ ڦيرائي، پر مُڙسس ڪٿي بہ نظر ڪونہ آيس. پريان ٻنين ۾ بہ ٽي مايون گاهہ ڪري رهيون هيون يا پري پوٺي تي ڪي ٻارڙا ڪنيين ۽ ڏانجوري جي گولا ۾ ڊوڙندي ٽي وتيا.

هو ٻنجريءَ تان هيٺ لهي آئي. دل جي ڌڪ ڌڪ وڌي وئي هيس. نہ چاهيندي بہ هن جا قدم گهٽي ڏي کڄڻ لڳا، جتي پپر جي وڻ هيٺ هو ٽپيو پيو هو. گهٽيءَ جي اڳ ڪان سرهن جا وڏا ٻوٽا ڏيڏي ناهيو پردو پناهہ بڻيا بيٺا هئا. اڱڻ ۽ لوڙهي جي گهٽي وچ ۾ وڇوٽي گهٽي ڪانہ هئي. پر اهو ٻن وِکن جو پنڌ بہ هُن لاءِ ڪوهين پري ٿي پيو هو.

......

هن جي اک کلي پيئي. ڪيس پيشاب ڏاڍو تنگ ڪيو هو. مجبور ٿي اُٿيو ۽ پريان سرن جي جهنڊ آڏو وڃي ويٺو. وري اڳٿ ٻڌي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪٿ ڏي وريو، تڏهن هُن جي پيرن اڳتي پنڌ ڪرڻ وساري ڇڏيو.

هو گهٽيءَ ۾ بيٺي هئي. ٻه ٽي وکون پري. چپن تي هلڪي مُرڪ، اکين ۾ چمڪ، ڳلن تي لالاڻ، سانوڻ کي ائين لڳو ڄڻ سج هاڻ اُڀريو هجي. اڄ هو سڄي ساري سامهون اچي بيٺي هئي.

”ڪيئن آهين؟ تپ لٿو يا... رات مون کي ڇڏايئه، تو جي پلائي.“ هن کي هڪ هڪ لفظ ائين لڳو ڄڻ ماکي جي ڪنڌي مان ٽمندڙ رس ڦڙا. هن ڪان سَت ڇڏائجي ويو. هن کي ائين لڳو. ڄڻ هو پنهنجو پاڻ ۾ ئي ڪونه هو، نه زبان هن جي هئي نه بُت ۾ ساهه باقي رهيو هو.

”آءٌ وچان ٿي. متان مڙهو ڪٿان ڏسي نه وٺي.“ هن جا چيل لفظ وري ڪنن سان ٽڪرايس. پوءِ هن نازو کي واپس مُڙندي ۽ لوڙهي اندر گم ٿيندي ڏٺو. ڄڻ ته سج لهي ويو هو. ڪا گهڙي اُتي ئي بيٺو رهيو. پوءِ آهستي آهستي هن پنهنجي پاڻ کي پاڻ ۾ جيئرو ٿيندي محسوس ڪيو ۽ ٿڙندو ٿاٻڙندو ڪٽ تي اچي ڍنو.

’شابس هجيس، ٻيلي چڱائي ملهائي وڌائين. ماڻهو جي آهي وات جي جيءَ، ڏکي سکي ۾ ماڙهو هڪ ٻئي ڪان پُڇي ته ڪو لهي ته ڪونه پوندو. آءٌ آهيان ئي هنن جو نوڪر ٻيو مون جو آهي به ڪير؟‘ هن جي ذهن ۾ سوچن جا سلسلا هلي پيا.

’پر ڪاڪي جو حال ڏسو. صبح ڪان وٺي ڪو قربائتو لفظ ڪڍيائين زبان مان؟ ٻڪرين ۾ به ٻرندي سڙندي ويو ۽ هن ته صُفا مُلهه وٺي ڇڏيو. زال ذات، اهڙو ڪنو مڙس، جو ڳالهه ڳالهه تي مارڻ پيو اچي. پوءِ به هلي آئي. واهه ٻيلي واهه.‘

’پر اهو ڇو؟ اڳي ته ...‘

’الا... ڪيڏي نه ميناج سان پُڇيائين. يار سانوڻ! ڪو تولو حياءَ جو اٿئي ته هاڻي نئون بنو ٿي پئو. اهڙو ماڻهو هلي اچي پُڇي ۽ پوءِ به بيماري رهي؟ صاف اڻ ٺيٺي...‘ نازو جي مٺي لهجي کي محسوس ڪندي پاڻ تي ميار ڪيائين.

”پر ٻيلي سانوڻ! اهڙي بيماري به چڱي جو اهڙو ماڻهو منهن


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پائي اچي پُڇي، نہ تہ پنهنجو ڪهڙو روئڻ وارو تہ ڪهڙو پِٽڻ وارو.“ هن ڪي پنهنجي بيماريءَ تي پيار اچڻ لڳو.

”ڪبر هن اگهو ڏسي خدا ڪارڻ بہ اکر چيا ۽ آءٌ پاڻ مرادو بتال تي پيو آهيان؟ پر خير چا بہ تي پوي هاڻي تپ ڪان جند ڇڏائڻي آهي.“ هُن کي ائين لڳو ڄڻ سندس بُت مان بخار جي تپش گهٽبي وڃي ۽ انهيءَ ويل ڪاڪو فضل بہ ٻڪريون ڪاهي متان اچي پهتو.

”ڪيئن آهين ڇورا؟“ هن کي ڪاڪي جون نگاهون وجود ۾ چيڀنديون محسوس ٿيون.

”هاڻي چاڪ آهيان ڪاڪا! تون پلي گهر وڃ آءٌ پاڻهي تو ٻڪرين سان ويجان“ سانوڻ بي ڏڙڪ چيو.

”ها ها، اها گوري اصل اهڙي آهي جو مِلٿ ۾ انڪور ڪريو ڇڏي.“ ڪاڪي سندس ڏنل گوري جي واکاڻ ڪئي.

”ها ڪاڪا، گوري اصل انگ انگ مان بيماري چوندي ڪڍي ڇڏي.“ سانوڻ مُرڪندي وراڻيو ۽ اکين آڏو موتين جهڙا ڏند ۽ گلاب جهڙا چپ ڦري ويس.

.........

ساين ڇُهڇ ڄارين تي گولاڙي جو ولهيون وچڙيون پيون هيون. لال رتول گولون هار ۽ پوتل مٺين جيان تي لَڳيون. ڪي ٻڪريون اڳيان پير ڄارين تي رکي اُڀيون ٿي گولون چري رهيون هيون تہ ڪن وري گُرڙا ولهہ جي ولهہ ۾ بينل گُرڙ چري اوڳر پئي واري. سانوڻ ٻڪرين ۾ اکيون کُپايو، ڪندي جي وڻ سان ٽيڪ ڏيو وينو هو. ڪندي ڪچي پکي ٻُور ۽ سگرين سان جهنجهہ هئي. سانوڻ ۾ تہ ڦوڳ ڦلارجو پون، رڳ رڳ رباب ٻڄيو پوي. سو سانوڻ بہ خوش هو. مينهن جي ميگهہ ملهار مُند ۾ . گاهن جا نونر هئا، سانوڻي، مُرٽ، مانڊاٽي، مکٽي، ڪيهہ، ڏنونهين... ٻڪريون تہ ٻڪريون پر مينهون ۽ ڍڳيون بہ اولڙ ڪريو بينيون هيون. سانوڻ بہ جهونگارڻ لڳو....

مينهن وسي پيا منڙا آءٌ وطن ڏي وري،


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهنجي جُدائي ڪئي، دلڙي منهنجي چري.

اڄ ڪاڪو فضل نورڻ جي پوٽي جي شاديءَ ۾ ويل هو. دعوت رات ڏينهن جي هئي، پر ڪاڪو رات جو ڪيڏانهن وڃڻ گناهه سمجهندو هو. وس پڄي ته ڏينهن جو به ڪونه ويندو هو، پر نورڻ سان گهاٽي ياري هئس. ننڍي هوندي اِتي ڏکر گڏ ڪيڏيا هئا، ان ڪري لاچار وڃڻو پيو هئس. ويندي ويندي به هو سانوڻ کي هدايتون ڏئي ويو هو.

”مال پري نه ڪاهي وڃجانءِ. آءٌ الائي ڪيڏي مهل اچان. ماني کائي وڃجانءِ متان بک مرين.“

هاڻي سانوڻ ٻڌتر ۾ هو ته الائي ماني ڪو هتي کڻي ايندو يا کيس وڃڻو پوندو. ڪاڪو ڳالهه چٽي ڪري ڪونه ويو هو. اڳ ته ڪاڪو سيمر ۾ ماني کڻي هن کي پهچائي ويندو هو. پر اڄ پلا ڪير آڻيندو؟ ادي سومار وارا به ته بارين ٻچين شاديءَ ۾ ويل هئا. ته پوءِ...؟

”کڻي پاڻ وڃان.“ سوچيائين.

”انهيءَ بهاني من ڪو تجلو پَسي وٺان“ اندر مان چور سوچ اُپريس. هن کان جهونگهار وسري ويئي. سڄي بُت مان سيسڙاٽ نڪري ويس.

”توبهه توبهه... مون کي ته الائي ڇا ٿي ويو آهي.“ پنهنجو پاڻ کي چيائين.

”اڙي حرامي! ليمڪ جي مار به کانه پوندئي؟ هرويرو اڇي انڌو ٿيو آهين.“ پاڻ کي جُٺ ڪيائين.

’پر رڳو ڏسڻ ۾ کهڙو ڏوهه بُري بڇڙي پانجي ڪانهي.‘ من مان ٻهانو اُپريس.

هُن چور سوچ کي اڳتي وڌڻ نه ڏنو.

’پر بُک ته مرڻو ڪونهي. ڪاڪو آهي ڪونه، نه ادي سومار وارا آهن. پوءِ ڪير کڻي ايندو ماني؟ اُٿ ادا سانوڻ! ڪر ڪو پيٽ جو ٻلو، ٻاهران ٻيهي سڏ ڪندس. ته... ته ...‘ من جي چور سوچ اڳ جهلي ٻيهي رهيس.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن وڏيڪ سوچڻ کان پاسو ڪندي ٻي ڏراڙ چوڪر کي سڏ ڪيو، جيڪو اُتي ئي پنهنجون ٻڪريون چاري رهيو هو.

”اي لڪانا! اي منهنجي مال جي ساجهه ڪجئين، تيسين آءٌ ماني کائي اچان.“

”ها ها ... ڀلي وڃ...“ ۽ هاڻي هن وٽ نه وڃڻ جو ڪو بهانو ڪونه بچيو هو.

......

’شادي تي ويو آهي، ڪو جهنگل جي خيال سان ته ڪونه نڪتو آهي، جو اجهو اچي مٿان ڪڙڪندو. ماني کائيندو، ننڊ لڪائيندو. وري ڪو پاڻ جيڏو جهونو گڏجي ويس ته ٻيالوس جي بيماريءَ واري سال جون خبرون ڪندا... پر هي خبر ناهي ڪيڏانهن ويو. ماني ڪڏهوڪي پڪي رکي آهي.‘ نازو جي دل ۾ خيالن جا ليڪا نهڻ ۽ ڊهڻ لڳا.

’شت اجان ٻُڪ کانہ لڳي آهيس. جواڻي ويچاري آهي ئي بيپرواهي. نہ ٻُک جي نہ اُڃ جي.

’شت اهو سمجهي ته جهونو ايندو تڏهن لولو ملندم. پر هو ته پاڻ چئي ويو آهي تہ چورو اچي تہ ماني ڏجانس. هريرو مُئو ايڏو ٻي اعتبار بہ ڪونهي. پر پيري ۾ ڪڏهن ڪڏهن تہ مت کي ڊينگهري اچو بہ وڃي. ۽ آئون هرويرو ويچاري تي... هونئن بہ مُئي ۾ شڪ ۽ ڪُرڪي کان سواءِ ٻيو رهيو بہ ڇاهي؟ ڦُلهيار اڪين ۾ نہ پوندو تہ ٻيو ڪهڙي ڪم ايندو؟ پر هي چورو ويو ڪيڏانهن. اچي بہ گرهه کائي تہ بہ چڱو. مڙهو اهڙي ماني ڪارائڻ تہ نهيو، پر جي رڳو ڏسي بہ وني تہ باهه ٻاري ڏي.“ هن گيهه ۽ ڪنڌ ۾ مهنيل چانورن جي ماني کي چوري ڪري ڍڪي رکيو هو.

”ويچارو اهڙي سٺيي ڪاڏي لاءِ سڪندو هوندو. عيد برات کان سواءِ تہ اسان جي گهران ڪو چڱو کاڄ ڪونہ تو مليس... مال چاري، روز ڪانين جي ٻري بہ آٽي، پر پوءِ بہ.... اهو ساڳ سان رُکو ٽڪر يا ٻڪري جي کير جو وٽو... ياڻيان ٿي تہ اڄ بہ نصيب ۾ هي سٺيو گرهہ لکيل


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪونہ آهيس. اجايو وينو ديرون ڪري. ماڙهو آيو، ماني ڪاڏي، جند ڇُٽي. هي آهي سو لاٽ صاب ٿيو... ڪير آهي جو هِن لاءِ ويهي ڪانگ اُڏاري؟" هن کي سانوڻ تي خار اچڻ لڳا. ۽ تڏهن سڏ ٿيو. تمام آهستي، ڄڻ ڪو ٻيو نہ ٻُڌي.

'سڏڻ واري لکي تي سڏ ڪيو.

"ڪاڪا... م ... ماني" هو بي اختيار تپ ڏيئي اگڻ نڪري آئي.

"هلي اچ.... گهر اچي ڪاءُ..." لڪل لڪل جهيڻو جهيڻو جواب ڏنائين.

هن چئني پاسي ڪنڌ ڦيريو. ڪير ڪونهي، نہ اورياڙ نہ پرياڙ، پوءِ پير لوڙهي جو در مٿي اندر وڌيا. پوءِ هن جي سامهون اچي بيٺو.

"اچ ويهہ، ماني ڪائي پوءِ پيو ماڙهو گهمي ڦري." ناز سان اکين جي ڪنڊن مان ڏسي چيائين، ائين جيئن ور پرست ونی پنهنجي ور کي پيار مان چوندي آهي. پر هن ڪان تہ اکر بہ موٽ ۾ ڪونہ اُڪليو ۽ هو ٻرا پير ڪٽي هن جي پويان لانديءَ ۾ گهڙيو.

"ٻاهر ڪنهن ايندي تہ ڪونہ ڏٺئي." آهستہ پڇيائين.

"نہ"... ٺُڪ ٻُڙڪائي نڙيءَ ۾ آلي ڪري چيائين.

تڏهين هو هن ڏي مُڙي صفا ويجهو...

"ڏيان ڪجين، هو ماٺهو اٿئي شڪي، متان لڪائي نہ وجهين."

دل جي ڏڪ ڏڪ هن جو سينو ڦاڙڻ لڳي ۽ الائي ڪيئن اوچتو ئي اوچتو هن جا ٻئي مضبوط سگهارا کُهرا هٿ نرم نرم ڪُلهن ۾ کپي ويا ۽ هو لوهہ جي سُئي جيان مقناطيس جي سخت پٿر سان چنبڙي وئي. ٻاڙهن چانورن جي پورڙ ماني گيهہ ۽ کنڊ ۾ پوري چوري تي پيئي هئي ۽ هو وحشي انداز ۾ چوري کائڻ لڳو.

.....

سڀ ڏوهہ ثواب وسري ويا. حجابن جا پردا هٽي ويا. چور جذبا ڇتا ٿي پيا. سانوڻ لنگهي ويو. سيارو آيو. اُتر واءُ وريا. سَرنهن جا پيلا گُل سرد هوائن تي جهومڻ لڳا. ڪٽڪن ٻوڙا هنيا. مچر چارو، ڪُت،


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مک ماکوڙي، سپ لکي ويا. سيءُ جهل لاءِ سوڙيون نکري آيون. ٻاٻرن ٽانڊن جا مچ ٻريا. گرم گرم نرم نرم جسمن هڪ ٻئي جي ضرورت محسوس ڪئي. جوانيءَ کي جواني جي ضرورت محسوس ڪئي. جوانيءَ، جواني ضرورت هئي. وچ ۾ پيري جي ديوار اجائي ۽ اڻ سونهائيندڙ ٿي لڳي. ميناج پريا منا لفظ ٻڌڻ لاءِ دليون آتيون ٿيون. کورکي، جهڳي ۽ بلغمي کنگهڻ کُڙکن کان بيزار من ويتر بيزار ٿيڻ لڳا. اڇا بي ستا وار، خضاب جي رنگ سان ڪارا ٿيل وار، اڇين پاڙن وارا وار. گندا گندا سوگ جهڙا، پر مجبورين جي سنگهرن ۽ رواجن جي هٿڪڙين ۾ جڪڙيل انگ انگ.

کماند جي تار فصل ۾ هو سندس انتظار ۾ ڪڏهوڪو وينو هو. اوڪڙون ويهي ويهي ڄنگهون ٿڪجي پيون هئس. پر پوءِ به اڻ ڄاتن رسن ۾ ٻڌو پيو هو. سچ وچينءَ کان به لڙڻ لڳو هو. مال جي پارت لکاني کي ڏيئي ڪنهن مهل کان هتي پُرڙيو پيو هو. توري توري کُڙکي تي هن جي اندر اُچل ڪاڏي. سُڪل کُوري ۾ ڪو ڪوئو ٽي ڊوڙيو يا ڪا سانڊي ٽي ڦري ته کماند ۾ ٽڙڪاٽ پئجي ٿي ويو. هوائن جي گهوگهٽ پنن ۾ هلچل ٿي مچائي ڇڏي.

’الائي ڇو دير ڪئي آهيس مڙهو شت جهليو وينو آهس ويچاري سان مُئو ڪريو ظلم وينو آهي. ساري رات کُرڪو سارو ڏينهن يَخي ڪاوڙ ڪروڌ. اها زال آهي، جو ايترو ٿي سهي. ٻي ڪا هجي ته ڪر...‘
هن کي ڪاڪي فضل تي ڪاوڙ ۽ نازو تي رحم اچڻ لڳو.

’ڏني ته پڪ هئائين پوءِ به هيڏي دير؟‘.... ۽ تڏهن کماند ۾ ٽڙڪاٽ پئجي ويو. پڪ ٿيس ته کماند ۾ ڪو ماڙهو گهڙيو آهي. هن به ٻن ٽن ڪانن کي لت هڻي ته ڪڙڪو اُڀريو. ايندڙ کي به پڪ ٿي ته کهڙي پاسي وڃڻو آهي. ۽ پوءِ هو ساون پنن مان تازي گلاب جيئن ظاهر ٿي.

”مون سمڌو ته تون هاٽي ويو هليو هوندين“. ناز مان مُرڪي چيائين.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"ويندس مرڻ کان پوءِ جيئري ڪيئن ويندس؟" ياڪرن ۾ پريندي چائينس.

"الائي سچ تو چوين يا رڳو تو وندرائيم."

"مُڙساٽو اقرار اٿئي. مري تنهنجو در ڇڏيندس." جذبات ۾ آواز پرجي ويس.

"مُئو هينئر ڇڏي ئي نہ. ڪيڏانهن تي وڃين. ڇوتي وڃين؟... ساڳ پَٽڻ جو بهانو ڪري آئي آهيان."

"اهي تو جا تورا، نہ تہ آءٌ ڪو ايترو لهان. ائين ڏٽي آءٌ آنجو پورهيت".

"ٻڌو اٿئون تہ سياري ۾ جهونا نوڙي ڪُترايو وڃن، پر هي جهونو تہ ٻيو سيارو بہ پير پڪا ڪريو پيو مٿائي." چرچي طور مُرڪندي چيائين.

"گهٽئي تا چولا ڪٽي پٽيونس پر جڏهن ڇُوٽا ڪُتنس."..... ٻانهن جا گهيرا سوڙها تي ويا ۽ هو سَوڙ وانگر هڪ ٻئي کي سيءَ کان بچائڻ لڳا.

......

پيار حيوان کي بہ جيئڻ جا ڍنگ سيکاريو ڇڏي، سو سانوڻ جهڙو جانور بہ ماٺهو تي پيو. اڳي مهينن جا مهينا پاڻيءَ جو منهن ڪونہ ڏسندو هو. مئين واءُ وهندو هو تہ اڳئين کي پگهر جي بدبوءِ ضرور محسوس ٿيندي هئي، پر هاڻي هو روز وهنجڻ لڳو هو. ڪپڙا جيڪي مهينن کان پوءِ ڪچي پاڻي مان ٻوڙي ڪڍندو هو، سو اهڙو ڪو واءُ وريو جو ڪاڪي فضل هُن کان ڪپڙا وٺي گهر ڌُئارڻ شروع ڪيا. پوءِ جڏهن محمد شاهہ مست جو ميڙو لڳو، تڏهن هو ڪاڪي فضل کان سئو روپيا وٺي ميلو گهمڻ ويو تہ واپسيءَ ۾ لوهہ جي ننڍي پيتي بہ وٺي آيو. جنهن کي تالو لڳل هو. پيتي ۾ بہ وڳا ڪپڙن جا، تيل جي شيشي ۽ سرمي داڻي کان سواءِ صابڻ، ڏاڙهي ڪوڙڻ جا اوزار ۽ عطر جي شيشي بہ هئي. ڪم ڪار ۾ سُستيءَ ڪري هو چار چار پنج پنج ڏينهن ڏاڙهي ڪونہ لاهي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئي، سو اوچتو ئي اوچتو هن کي پنهنجي منهن ۾ مٽي تي ماڪوڙيون سُرنديون محسوس ٿيون، پوءِ هلڪي هلڪي خارش ٿيڻ لڳي. هن پهرين تہ ڌيان ڪونہ ڏنو، پر پوءِ ڌيان ڏيڻو پئجي ويس. اوچتو ئي اوچتو هن جي واتان رڙيون نڪرڻ لڳيون. هن زال کي سڏ ڪيو. ڪپڙي جي ٻوڪاني لاهي اُڇلائي.

نازو پاڻي کڻي آئي، هُو ٻنهي هٿن سان مُنهن ڌوئيندو ۽ وات مان سُوسٽ ڪندو رهيو. ڏسندي ئي ڏسندي سڄو منهن ۽ مٿو سُڄي ويس. ڪٿان وار بہ کُسڻ لڳا. ڪاڪي کي لوڇ پوڇ لڳي ويئي. هن جو بدن تپ ۾ ونجي ويو. گهر ۾ ڪوبہ ڪونہ هو. سانوڻ پهر سوا پهرين ٻڪريون ڪاهي جهنگ ڏي ويو هو. نازو آتر ويلن ۾ اچي ويئي. ذري گهڻي کان ٻاهر ڪو ايندڙ ويندڙ ماڻهو تي ڏنائين تہ ذري مڙس جي حالت تي جانچڻ لڳي.

نيٺ ادي سومار جي زال جنان کي سڏيائين، جنهن ٻڌايس تہ مڙسهنس گهر ڪونهي.

”ٻيلي! هاڻي جيئن چوين تيئن ڪريان...“ مڙس کان صلاح ورتائين.

”اڙي سانوڻ کي سڏ ڪر... اتي... اني... پڌي تي هوندو...“ ڪاڪي ٻنهي هٿن سان ڪاڇي ڪندي چيو. نازو جو سڄو بدن ڏڪي ويو. سانوڻ کي پلا ڪيئن سڏ ڪري. ڇا چوي؟

انسان جي فطرت آهي تہ جنهن شيءِ کي حاصل ڪرڻ ۾ تڪليفون هجن، مجبوريون جون سنگهرون هجن تہ سِر ترِي تي رکي سمورا خوف دل مان تڙي سڀ ڪجهہ داءُ تي لڳائي، وڃهہ ونئي بہ حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪبي آهي، پر جڏهن پابنديون خود هن جي سامهون وڃڻ جي موڪل ڏين تہ ماڻهو گهٻرائجي ويندو آهي. چئو تہ دل پاسراٽيون ٺوڙي ٻاهر تي نڪري آيس. هو چاهڻ جي باوجود وِک نہ چري سگهي.

ڪاڪو هن تي يا هن جي حالت تي ڌيان ڏيڻ جهڙو ڪونہ هو، نہ تہ سندس چهري جي گهٻراهٽ تجربي جي بہ نظر کان لڪي نہ رهي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پلا غيرتي مڙس زال کي شهر ساڻ چو وني وجي هزارين اکين جو نشانو بنائي، سو ڪاڪو راضي نه ٿيو. نازو پيتي مان پئسا ڪڍي هن کي ڏنا. سومار ڏيڻ جون رسيون ڇڪيون ۽ گاڏي ڊوري وارو موڙ مٽي رستي جي ڄارين پويان گم ٿي ويئي. ٻئي ڄڻيون اوتي تي چڙهي گاڏيءَ کي ويندي ڏسنديون رهيون ۽ پوءِ ڇني ۾ پيل کٽ تي اچي ويٺيون.

سج اڀرڻ تي پُهچي ويو هو.

”ائي مُئي جنان! حيف اٿئي، صفا لاڙو ئي ڪانه ڪرين“ نازو جنان کي پيرو نه ڪرڻ جي ميار ڏني.

”ادي! پاڻهي خبر اٿئي ته گهر جو خفو ڪيترو آهي. امان ڳوٺان آيل هئي. تون پاڻ هٿ ڏيڻ آئي هئين، وري ننڍڙو ٻار گهر ۾، تنهنجي پاءُ جي حاضري، آيو ويو مزمان مڙو... سچئين نازو! ايڏو ڪم آهي جو ڇا چوان. اڄ صبح جو امان مون واري ڇوڪري کي ٻه گڏ وني ويئي. سو اڄ هونئن ٻه اچان ها... ته وري مٿان...“ جنان ڏوراپي جو جواب ڏنو. ”پر مُئي! هي ڪاڪي کي ٿيو ڇا؟“

”الائي ڇا ٿيس، منهن تي ڪيس مکيندي جهڙوڪر سوٻٽ ڦري ويس. سُڃي وري ويو آهي، جهڙو ڪکرن ڪاڏو هجي. گهٽئي جهليانس تي ته مُئا هرويرو چوتو ڪارٽ تڦين ان سان ڪو جواڻ ته ڪونه ٿيندين، پر تيسين نه مڃيائين. جيسين اڄ...“ چوندي چوندي جملو اڌ ۾ ڇڏي ڏنائين.

”هائوڙي ادي! هر ڪا شئي وِهي وخت سان نهي تي مئي! تو وارو مڙس ته... خير نهيو آءُ چونديس ته تون ڪاوڙجي پوندين.“ جنان رتيل چرچو اڌ ۾ ڇڏي چيو.

”ڪاوڙ چو ٿيندي؟ تون چئين نه چئين، آءُ ٻه انڌي ڪانه آهيان، مئو چيچڙو ٿيو پيو آهي.“ نازو منهن کي موڙو ڏيندي چيو.

”مئي! توکي ته گهٽئي ٿو پائئي... خدا سان ڪم پوندو.“ جنان چيو.

”اهڙي پائڻ کان ماٺهو ائين چڱو...“ نازو چيو.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”هَل ڏيکار رلي، وري کهڙن پُورن ۾ پئجي وئين“ جنان ٻانهن ڏونداڙي ڇيس تہ هو ڇرڪي پئي.

”ائي ڇڏ رَلي کي، چانهہ جي مهل ٿي وئي آهي. اڄ تہ چانهہ ڪاڙهيون. ڏراڙ بہ اجهو آيو، رَلي پوءِ ڏسجانءِ“. نازو چيو.

”ها سچئين ڇوري! تو وارو ڏراڙ بہ ڳرٽ ورٽ متر مواڙ لڳو پيو آهي. ڪٿي تون تہ...“ جنان وري بہ مشڪري شروع ڪئي. هن ڪان ڇرڪ نڪري ويو. لڱ ساهہ ڇڏي ويس. هن کي لڳو ڄڻ تہ جنان سندس چوري پڪڙي ورتي هجي. هوءَ سڄي هارجي وئي ۽ جنان هن جو متجندڙ رنگ ڏسندي رهي ۽ انهيءَ وقت ٻاهران سانوڻ سڏ ڪيو.

”ڪاڪا... او ڪاڪا...“ نازوءَ جي دل ۾ ڄڻ تہ ڪا ريل گاڏي هلڻ لڳي... ڏڙ ڏڙ ڏڙ... رکي رکي کيس جنان تي خار اچڻ لڳا.

’مئي ڏائڻ يڪو پڙ ڪڍي ويهي رهي. ٿري بہ نٿي، هاڻي ورندي ڪيئن ڏيانس؟‘ سوچيائين.

”يانيان تي ڏراڙ آيو آهي... ائي جنان! ورندي ڏينس، چئو ڪاڪو نيڪ جهڙو ڪونہ هو سو شهر ويو آهي. تون ويهہ چانهہ ملئي تي“ هن جنان کي سوال ڪيو.

”آءٌ ڇو ڏارئي ماڻهوءَ سان ڳالهايان؟ ڏراڙ آنجو، تون پاڻ نٿي ورندي ڏينس.“ جنان اک جي ڪنڊ مان ڏسندي چيو.

انهيءَ ويل سانوڻ وري سڏ ڪيو... هو گهٽي ۾ اچي بيٺو هو. ڪجهہ اندر ٻاهر.

”تون... تہ تون ويهہ چانهہ ڪڙهي تي“ نازو ڪاوڙ مان جنان کي ڏسندي سانوڻ کي ورندي ڏني، پر آواز جي ڏڪٽي لڪائي نہ سگهي.

جنان چپ چاپ هن جي هڪ هڪ حرڪت کي ڏسندي رهي. جڏهن کان نازو هتي پرڻجي آئي هئي، تڏهن کان جنان هُن جي سهيلي هئي. اڄ تائين هو هڪ ٻئي کي تير پتير توري گهٽي هر ڳالهہ ٻڌائينديون هيون، پر الائي ڇو نازو اڄ تائين جنان کي پنهنجي ۽ سانوڻ جي وچ ۾ قربت جي راز کان واقف نہ ڪيو هو. هن سانوڻ جي محبت


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي دل جي ٿجوڙي ۾ هر بني بشر پڪي پڪڻ ڪان لڪائي رکيو هو. پر اڄ... اڄ... اڄ؟ هن ڪوپ ڏوتا ۽ هاٿي چُلهہ ۾ باهہ ٻارڻ لاءِ ڦوڪون ڏيئي رهي هئي. گڏوگڏ هن جي ذهن ۾ خيال جي ڏي وٺ بہ تيزيءَ سان ٿي رهي هئي، ۽ جنان ڪٿ تي ويٺي ويٺي هن جي اندر جي ڪشمڪش کي پرکڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي.

’ٻچيءَ ۾ ڳرهو وجهي جنان جي پيرن تي ڪري پوان؟ مهينہ ڪان متي اچي ڏينهن ٿيا آهن، ٻُل ڪونہ ٿو ملي. جنان اهڙي ڪانهي جا مونجي اڳڙي اگهاڙي ڪري، پر ... ڪاٺ جي پور ۽ ماٺهوءَ جي اندر جي کهڙي خبر؟ پاڻ بہ تہ پنهنجي ڪا ڪچي ڦڪي مون کي ڪانہ ٻڌائي اٿس. ڳالهہ دل ۾ نہ رکي سگهي تہ پوءِ؟‘ دل ئي دل ۾ پيچ گهڙ ڪندي رهي.

......

هن کي بہ پڪ ٿي ويئي تہ ڪاڪو گهر ۾ ڪونهي. ڪيڏانهن ويو آهي، سا خبر ڪانہ هيس. گهٽي تي بيل گاڏيءَ جي چاڪن جا نشان ڏٺا هئائين، پر سمجهي نہ سگهيو هو.

مڙهو ڪٽي ڪيڏانهن بہ ويو هجي، پر ديدار جي سهوليت تہ پيدا ڪري ويو هو. پر اڳيان جڌهن ڪو اشارو ڪونہ مليس، تہ ڪجهہ حيرت ۽ ڪجهہ دُک دل تي تري آيو هئس. نازو جو جواب ٻُڌو هئائين، هن ڪيس ٻاهر وهڻ لاءِ چيو هو. هڪ بہ پيرو ڊڄندي اتاولي مان جهاتي پائي بہ ڏٺائين. آخر جنان کي ڪٺ تي ويٺل ڏسي ڪجهہ ڪجهہ سبب سمجهہ ۾ اچڻ لڳو هوس.

’مار پويس راضي شاهہ جي، هي وري ڪٿان اڄ ٺيڪيداري ڪرڻ آئي آهي؟ هن ۾ بہ حال ڪونهي، وجهي هٿ چوٽ ۾ ڪڍيس ٻاهر.‘ نازو جي بي همتي هن کي نہ وڻي. ’پر جي پوءِ ڳالهہ وڃي ڪاڪي فضل تائين پهچي تہ...؟‘ پوائتو خيال ذهن تي تري آيس.

’نہ تہ پيرن تي ڪِري ڪريس منٿون. هونئن تہ پڪيون ساهيڙيون آهن. باقي... پر شايد هُن جي دل ۾ بہ هاٿي سچائي ناهي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهي. زال ۽ درياءَ جي پُور تي ڀلا ڪهڙو اعتبار؟'

دل ئي دل ۾ نازو کي ميارون ڏيڻ لڳو. هن طرف هي هو هُن طرف هوءَ هئي. وچ ۾ جنان ديوار بڻيل هئي. ان ڪري هو ٻئي ان ديوار کي دل ئي دل ۾ پِٽي رهيا هئا. خار کائي رهيا هئا.

.....

عورت، عورت جي دل جي ترجمان هوندي آهي. هُو هڪ ٻئي جي دل ۾ متل اُڻ تُڻ ۽ اندر جي اٿجپائي کي لحظي ۾ پرکي وٺندي آهي، سو جنان به نازو جي اندر جي چڪتاڻ کي محسوس ڪري رهي هئي. ٻه ٽي ڀيرا چور اکين سان نازو کي گهٽي ڏي جانچيندي به ڏٺو هئائين ۽ آڏي اک سان سانوڻ کي به جهاتي پائيندي پَسيو هئائين. پنهنجي پر ۾ هو گهڻو ڪجهه سمجهي به ويئي هئي ۽ ٻنهي جي اُتاولي تي دل ئي دل ۾ کلي به رهي هئي.

”اچي چانهه پيءِ...“ نازو جنان ڏانهن چانهه جو ڪوپ وڌايو. جنان کانئس ڪوپ ورتو ته نازو جي هٿ جي هلڪي ڏڪڻي به محسوس ڪئي. هن کي متس رحم اچڻ لڳو.

'ويچاري ڪري به ڇا؟ مُئي جنازي جي پلئه پئي آهي. ماڙهو جو ڪهڙو وس.

دل تي ڀلا ڪهڙو زور؟ ائي جنان ويچارن جي حالت نه ڏس. ڇورو به آتر ويلن ۾ آهي. ذري بيهي ٿو ذري وِهي ٿو ۽ هي ته جهڙي ڪر ڇري.' نازو سانوڻ جي چانهه جست جي ڪٽلي ۾ وجهي گهٽي ڏي وڃڻ لڳي ته سندس پير صاف ٿڙيا پئي. جنان هن کي ڏسندي رهي ۽ پنهنجي اندر جي درياءَ ۾ لهرون لهرون لُڙهندي رهي. پتر پرائي سُور هرڪو پنهنجا روئي. اهو وڻ ڪهڙو جيڪو واءُ نه لوڏيو هجي. هن کي به يادن جا ڏينهو ڏنگ هڻڻ لڳا. جڏهن ڪنواري هئي. ماءُ پيءُ جي دادلي هئي. ٻن ڀائرن جي ڀيڻ. ڪوهه تان پاڻي ڀرڻ ويندي هئي، ٿارا ڀجڻ، ٻني مان گاهه ڪرڻ، ساڳ پٽڻ ويندي هئي. پر ڪڏهن به اڪيلي نه هوندي هئي. رضو جون مست ڇريون اکيون ساڻس گڏ هونديون هيون. دل ۾ ڪپندڙ،


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوءِ ماسي ديوار مان رازدار بڻجي پئي هئي... ۽ پوءِ ڪيترا ڏينهن لهي اُبريا، اُبري لٿا. رضو خون جي ڪوڙي ڪيس ۾ جهلجي ويو ۽ پويان هُن ڪي سومار سان پرڻائي ڇڏيو هئائون، تڏهين هو بي زبان حيوان جيان ٻين اڳيان تہ ڪُجي بہ نہ سگهي هئي، پر ماسي حُرمت ڪي ياڪر پائي هوءَ بي انتها رُني هئي، پوءِ سومار ڪيس هٿ وٺي آيو هو. پوءِ... الائي تہ ڪيترا ڏينهن گذري ويا هئا. هوءَ هڪ پُٽ جي ماءُ بہ بڻي. تڏهن ٻُڌو هئائين تہ رضو جيل ۾ تيل جهيڙي ۾ مارجي ويو هو. پر هو ڪيس ساري روئي بہ نہ سگهي هئي. پر هن جي دل رضو ڪي ڪنهن ويل وساري بہ نہ سگهي هئي. ڀلا ڪو پنهنجي پهرئين پيار ڪي بہ وساري سگهيو آهي؟

اڄ هن ڪي ائين لڳو هو ڄڻ هُو رضو ۽ جنان جي وچ ۾ ماسي حُرمت جيان ديوار بڻيل هجي، پر نازو ۽ سانوڻ ڪي کهڙي ڪل تہ پيار جا پوڄاري پيار تي پهريدار نٿا بڻجن.

..........

”چانهہ وٺ“ ڏڪندڙ هٿن ۽ مُئل آواز سان چانهہ جي ڪٽلي سانوڻ کي ڏيندي چيائين.

”مڙهو ڪيڏانهن ويو؟“ هن چانهہ وٺندي پڇڪيو.

”بيمار آهي. ادو سومار شهر کڻي ويو اٿس.“

”پوءِ ڀلا“

”هو جنان ويني آهي“

”توجي ساهيڙي آهي، منٿ ميڙ ڪرينس.“

”نہ مڃي ۽ بڌائي ڏي تہ پوءِ...“

”الائي وڏيڪ واقف تون آهينس. توکي بہ جي اڇٽو هجي تہ همت ڪر نہ تہ....“

”الا دل نٿي جهلجهي.“

”تہ ڀلا نهيو، آءٌ وڃان ٿو، ڪا مهل ٿي آهي. سج وڃڻ ڪان بہ هيٺ لڙي ويو. توري ويرم ڪان پوءِ لڪانو بہ ڪُڪورا ڪندو، سڄو ڏينهن


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ مال ڪونہ جھليندو.“ هُن جي لهجي ۾ ميار بہ هئي تہ ڪاوڙ بہ ۽ ويندڙ وقت جو ماتم بہ.

”تون ٿورو ترس... آءٌ ڏسان ٿي من...“ محبوب جي اکين ۾ رُسامي جي هلڪي جهلڪ ڏسي هن فيصلو ڪري ورتو ۽ گھر ڏي موٽي.

جنان الائي ڇو ڪهڙن پُورن ۾ ٻڏل هئي، چانھہ جو ڪوپ ڪٽ تي رکيئي رکيئي ٿڌو ٿي ويو هو. اوچتو ئي اوچتو جنان کان ڇرڪ نڪري ويو. نازو جا ٻئي هٿ هُن جي پيرن تي هئا ۽ اکين جا لڙڪ ڪجل کي پڄائي رهيا هئا. هُو ڄڻ نہ گونگي هئي ۽ پوءِ جنان هُن کي بي اختيار ڀاڪر ۾ ڀري چُميون ڏنيون تہ هو سُڏڪا ڀري روئي پيئي. ٻنهي جون دليون حال ڀائي ٻٽجي ويون.

”ڇري سون کان ٿي ڊڄين.“ جنان هُن جي دل تان خوف جي ڇپ لاهيندي چيو ۽ کٽ تان اُٿي ٻاهر اڱڻ ڏي نڪري آئي. نازو سانوڻ کي اشارو ڪري گھر ۾ هلي ويئي.

جنان ڏور نيري آپ جي ڇاتي تي اُڏامندڙ اڇن ٻگهن جي جوڙي کي ڏسڻ لڳي، جيڪي گڏ گڏ اُڏامندا پئي ويا...

..........

ڪاڪو فضل مرڻ کان بچي ويو هو، پر مُنهن مٿو ڦتجي پيا هئس. وار ڇٽي پونو ٿي ويا هئس. هن جو سڄيل بوٽ ڇليل ڪدو جهڙو ٿي لڳو. پورو مهينو نازو هُن کي چمچن سان رب پياريندي رهي.

ڪاڪي جي بيماري ۽ جنان جي رازداريءَ سبب ٻنهي جي وچان گھٽي وڃوٽي گھٽجي وينئي هئي. هو ڏينهن رات ڏور ۾ ٻڏل لغڙ جيان هڪ ٻئي ڏانهن ڇڪبا رهيا. ڳچ ڏينهن کان پوءِ ڪاڪي فضل بہ کٽ جي جند ڇڏي. پيري اڳئي اُلوڙيو هئس، مٿان بيماري رهي کُهي ڪسر ڪڍي جيئرو لاش بنائي ڇڏيو هئس. ڇم ڇڙهيل نيت جيان هرهڪ هڏي ظاهر پئي لڳيس. سڄو ڪُسي روڏ ڪانگ جهڙو ٿي پيو هو، پر پوءِ بہ موت کي ملهہ ماري ويو هو. ڏسندي ئي ڏسندي بہ مهينا ٻيا بہ لنگهي ويا. تڏهن نازو کي اوچتو هڪ ڏينهن اُلٽيون ٿيون، مٿي کي چڪر آيا.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وري بہ بہ ٽي ڏينهن وچ ۾ ڇڏي هن جي دل ڪچي ٿيڻ لڳي. تڏهن ڪاڪي ڪي نازو جي اڳهائي مجبور ڪري وڌو ۽ هو هن کي ٻن اجرڪن جي گهونگهٽ ڪڍائي سومار جي بيل گاڏيءَ ۾ شهر وٺي ويو.

ڊاڪٽر هن کي چڱي ريت تپاسيو، حال احوال بيماري جا پار پنا پُڇيا.

”جهونا! تنهنجي نينگريءَ کي حمل آهي. يعني ڇوڪري پيٽ سان آهي.“

ڊاڪٽر ڪاڪي فضل کي دوائن جو چِٺو ڏيندي چيو ۽ سومار جي منهن تي مرڪ اچي ويئي.

”هي منهنجي گهر واري آهي داختر صاب“ ڪاڪي کي ڊاڪٽر جي اياڻپ ڏسي وضاحت ڪرڻي پئي.

”تنهنجي زال آهي؟... تہ پوءِ... تہ پوءِ هن جي پيٽ ۾ تنهنجو ٻار آهي“ ڊاڪٽر جو لهجو حيرت ۾ ٻڏل هو.

”چو آءٌ ڪو صفا ويل آهيان ڇا؟ بس ٽي يار داختر! سُورن ڪائي ڇڏيا آهيون نہ تہ ڪي ايڏا وڏا بہ ڪونہ آهيون. جنهن سال ڇپني وارو ڏڪار پئي تنهن سال اجا يڪي چولي ۾ هئس.“ ڪاڪي پنهنجي نندي ڄمار جو ثبوت ڊاڪٽر آڏو پيش ڪندي چيو. پر ڊاڪٽر جون اکيون وڏيڪ ڦوٽارجي آيون.

پوءِ سڄي واٽ ڪاڪو سومار سان وِيل وقتن جون خبرون ۽ نازو سان چونچلا ڪندو پنهنجي خوشي ۽ خوش مزاجيءَ جو اظهار ڪندي آيو.

”ڏنئي سومار! اهو اتئي مولا. جڏهن يار راضي ٿئي. ڄمار تي اصل ڪونهي. بہ گهر اڳ پرٽيس پر اُتان سير متيءَ جو لکيل ڪونہ هو. هاڻي جي رب وريو آهي تہ ڏِس دير ئي ڪانہ ٿي. پنهنجون قدرتون پاڻ ڄاڻي.“

”ها ڪاڪا! جڏهن ڏاتار ڏي“ سومار وراڻيو.

”ڪيئن چوندي هئينءَ تہ پوڙهو آهين، جهونو آهين، هاڻي ٻڌاءِ. اي مڙد ۽ گهوڙو بہ ڪو پوڙهو ٿيا؟ ها... ها... ڪي ڪي ...“


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ائي حاجاڻي ٻڌئي، هو ڇوري پيٽ سان آهي نازان... اها حاجن واري ڇوري جيڪا مُئي ڪاڪي فضل کي ڏني اٿن. آءٌ ته سمجهان ٿي ته فضل پاڻ کان به گهٽو وڏو هوندو. پاڻ ته پوٽن جا به پُٽ ڏٺا ۽ هي هاڻ ٿو اولادي ٿيئي. توبهه الله توبهه.“

”هائو ڙي صابل! اُهي پاڻ وارا ڏينهن ويا. هي ته ڪاري قيام جا چِٽا آهن. اهو پاڻ وارو سَت سيل وارو وخت ئي ويو.“

”هائو جيجل! ماڙهُن جا قلب ڪارا ٿي ويا. اکين جو ديد ئي مري ويو. پاڻ وارا وخت سنيار. ٻن ٻن سالن جي ارهه ساجاهه هوندي هئي ته به هڪ جيڏن سان پيون مال چارينديون هيوسين ۽ واهن ۾ ڪُندرو راند ڪندي پيون ٽُٻيون هڻنديون هنيونسين، پر بُري بڇڙي جي ڪا زادگيري ئي ڪانه هوندي هئي.“

”هائو ڙي ادي ويا مڃ مَڃن کي ڪائي.“

هر ماڻهو هر دؤر ۾ پاڻ کي سڀ کان وڌيڪ پاڪ چالاڪ دلير ۽ عقلمند ڄاڻندو آهي. هر ماڻهو پنهنجين خطائن ۽ غلطين کي دل سان تسليم ناهي ڪندو. انهي ڪري ٻئي جي خطائن ۽ غلطين ۽ ڪمزورين تي دل کولي چٽر ڪندو آهي. سو نازو تي ماضي توڙي حال گڏجي تبصرا ڪندا رهيا.

.........

ڪنهن جي ڦٽ کي ڦٽبو آهي ته قِتل کي لوچ پوچ ضرور لڳندي آهي. نازو ماڻهن جي وات کي هٿ نٿي ڏيئي سگهي ته ڇا ٿيو، هو پنهنجي منهن انهن کي برو بڇڙو چئي اندر جي باهه ته اُجهائي ٿي سگهي.

”مئن مروانن کي خدا بڇڙو ڪندو. اجايو ڇاڙيون هڻندا وتن. خدا مئن کي ڇاين ۾ لوڙائيندو، ۽ وري رنون ڏسو ڪيئن ٿي زبان هلين. ميون آءٌ ڪا ڪنواري آهيان، رنول آهيان، ڪو مونجو مڙس ڪدڙو آهي جو... مويون پلي اچي آزمود ڪن. هنن جي جواڻن کان اجا سگهيرو آهي مڙسن جو مڙس آهي...“


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوڙهي مڙس آڌو جوان زال ويهي هن جي مڙسي جي تعريف ڪري تہ مڙس هن پاران جڳ سان جنگ جوٽڻ لئہ تيار ٿي ويندو آهي. جي سندس دل ۾ ڪو شڪ بہ هوندو آهي تہ اهي ڳالهيون ٻڌي ائين لهي ويندو جيئن صابڻ سان ڪپڙي تان داغ لهي ويندو آهي. سو ڪاڪو فضل بہ زال جي واتان پنهنجي مڙسي جي تعريف ٻڌندي ٿڙي پوندو هو.

”اي پلي پيا پڙوت ڪن. مون کي ڪنهن جي گرز ڪانهي. پرپُٺ ماڻهو پاتشاهہ کي بہ پيي گُٿو ڳالهائيندا آهن. تون ماٺ ڪريو ويٺي هُج.“

.........

”اي سانوڻ! ڏاڍو حرامي آهين ٻيو. وڏو ڏک وجي هنيو اٿئي“ لکاني پڇيس.

ڏينهن جو جڏهن سج منجهند ڏي مڙندو هو تہ هو ٻڪريون ڪاهي گهاٽن وڻن جي ڇانو ۾ اچي ويهندا هئا. ٻڪريون ويهي يا بيهي پيون اوڳر واريندڀون هيون ۽ ڏراڙ ويهي ڪچهريون ڪندا هئا.

”ڪهڙو ڏڪ...؟“ سانوڻ حيرت مان پڇيو.

”هي دنيا ۾ هُل پئجي ويو آهي ۽ تون پيو اجان اسان يارن کان لڪائين.“

”الائي سُون مون کي تہ ڪبر بہ ڪانهي. تون ٻڌاءِ تہ سهي تہ ڳالهہ ڪهڙي آهي؟“ سانوڻ وڏيڪ عجب ڪائيندي چيو. سندس دل جو چور من ئي من ۾ منهن لڪائڻ لڳو.

”اها ڪاڪي فضل واري زال، تو واري مجيرڻ، چون ٿا تہ توسان ڪريل آهي، ۽ هن جي پيٽ ۾ تنهنجو بار آهي.“ لکاني پڌري پٽ بنا ڪک رکڻ جي چئي ڇڏيو ۽ سانوڻ جي ٻُت مان جڻ تہ ساهہ نڪري ويو، پر هن منهن جي پڪائي ڪئي.

”ميان جا ڦقير! ڊڄ خدا پر. توبهن توبهن، پاڻ تہ ٻڌون ئي توکان پيا.“ اهو سارو ڏينهن هو موڳو ٿيو وتيو.

’وج...! سڄي ڳوٺ ۾ اها ڪبر پئي هُلي ۽ آءٌ آهيان سو دلجاءِ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪريو وتان تہ ڳالھہ ڍڪي پئي آھي.‘ ھو دل من ھٹڻ لڳو.

’ھاڻي الائي تہ ڇا ٿيندو؟‘ خوف جون لھرون اُڀرڻ لڳيون.

’انھن ڪمن ۾ ائين تہ ٿيندو. اُڪرين ۾ مٿو وجھبو تہ مُھرين پر ڪونہ ڊجبو. بس يار تان سِر قُلبان آھي.‘ دل ٿي دل ۾ چيائين.

’يا تہ پڄي وڃان. اڃان ڪنھن سُئي ڪنھن نہ سئي. نڌڙڪو ماڻھو، نہ ھتي اڌو نہ ابو. اڃايو پوان ھائي ۾، تنھن کان ڏيان ڪُتڙين تي زور.‘ ھڪ لڳان خيال آيس.

’ائين تہ سيني کي پڪ ٿي ويندي، آءٌ تہ ويندس ساھ بچائي پر پويان ھن سان الائي تہ ڪھڙي ويڌن ڪن. ڪڍنس ڪھاڙين مان، نہ تہ ائين ڪونہ ڪبو. اڪين ڪنھن ڪونہ ڏٺو آھي، ھرويرو ڪو چوندو تہ ميجبو ٿورُوئي.‘ ھُن جي اندر جو آواز اُڀريو.

...........

چوڻ وارا حجت ۾ خدا کي بہ چٽي ويندا آھن. ڪاڪو فضل تہ ماڻھن جھڙو ماڻھو خاڪ جي چپٽي ھو. سندس ننڍپڻ جو ساٿاري نورڻ راتوڪو وٽس ترسيل ھو. اڄ بہ نيرڻ پاڻي ڪري واندا ٿي پپر جي وڻ ھيٺ کٽ رکيو ڪچھري مچايو ويٺا ھئا.

”بڊئي فضل! دنيا ڇا چوندي وتي.“

”الائي ڪھڙي تو ڳالھہ پُڇين.“ ڪاڪي ٿوال جي ڪانپ ڪڍندي چيو.

”ڳالھہ بڌ فضل! پاڻ ھڪ جيڏا ھونداسين، پاڻ تون مون کان مُٺ سوايو ھجين تہ بہ بروبر ھوندو. آءٌ ھن ڄمار ۾ ھانسيڪار پاڻ گھلي تو وٽ آيو آھيان. نہ تہ ھن وھي ۾ گھران نڪري مسافري ڪرڻ ڏاڍي ڏکي ڳالھہ آھي.“ نورڻ ڳالھايو تہ ساھہ پرجي ويس ۽ گھڙي ڪن لاءِ ھو چپ ٿي ويو.

”ڀلي آئين، جيءُ آئين، جيءُ جي واٽن آئين، ھاڻي پاڻ واري ٿُور مان بچيا بہ تون ۽ آءٌ آھيون. ٻي سنگت تہ ويئي وارو وڃائي.“ ڪاڪي فضل ٿڌو شوڪارو ڀري گذريل وقت ۾ يارن کي ياد ڪيو.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ها، اڄ ڪلهه جي يارن ڪي ڏسين پيو. منهن تي مِٺ مِٺ، پر پٺ گلا، لولو بہ اُتي ڪائن تہ...“ ڪاڪي نورڻ اڄڪلهہ جي ياري تي تنقيد ڪئي.

”هائو يار... اڄ مڙس ڪو تو پارو هڪڙو هوندو باقي تہ رنن مثال پيا هلن“ ڪاڪي فضل ڪنگهندي نورڻ جي ڳالهہ جي تائيد ڪئي.

”زاد اٿئي جڏهين سيٺ وشني مل سان منهنجي پل پائي ياري هجي.“ نورڻ جواني جو واقعو بيان ڪرڻ کان پهرين ڪاڪي فضل کي ياد ڏياريو.

”هائو، ڪالهوڪي ڳالهہ آهي. سيٺ سان ٻروچن جو ٻنيءَ تي تڪرار ٿئي ۽ تون سيٺ پاران وڃي ٻني جي قنوضي تي وينو هئين. جهيڙي ۾ بہ ماڻهو ماري وڌئي پوءِ ڪاري پاٽي جي سزا وٺي ويو هئين. صفا ڪالهوڪو ڏينهن مون کي ڪيئن وسرندو.“

”هر سُنوائي تي ڪورٽن جا پند گڏ ڪياسين.“ ڪاڪي فضل پنهنجي ياداشت جو مظاهرو ڪيو.

”ها... هي متي ۾ ڌڪن جا نشان بہ تن ڏينهن جا آهن“ نورڻ متي تان هيڪڙ ٻيڪڙ ميندي رتا وار پاسي ڪري متو جهڪائي ڪاڪي کي ڏيکاريو.

”هائو هائو“ ڪاڪي ڪنڌ ڏيکاريو.

”ها، سوچيم تي تہ اُهي وخت ٻيا، اڄوڪا وخت ٻيا. اڄ ساڄهہ صفا لڏي ويئي آهي. ملڪ مان محبت سيِ ويا موڪلائي، پر تو پارو مڙد اڃان بہ آهي جنهن تي لهي اُيري پيو.“ نورڻ هيٽري ڊيگهہ کان پوءِ اصل ڳالهہ ڏي وريو.

”هائو يار! مُڙسي تہ ڪانہ چڏبي، پوءِ حياتي تہ هڪ ڏينهن نيٺ پوري ٿيڻي آهي.“ ڪاڪي فضل چيو.

”پر آءٌ پانيان ٿو تہ پا صفا پوڙهو ٿي ويو آهين يا وري مُڙسي ڇڏي اٿئي.“ نورڻ ٺوڪر هنيس.

”اهو ڏينهن مرڻ جو ٿيندو، جو مُڙسي ڇڏجي. نہ ڪو پوڙهو ٿيو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهيان نہ ڪو همت ڇڏي آهيم. تون دل کولي ڳالهہ تہ ڪر“ ڪاڪو باهہ تي ويو.

”تہ پوءِ دنيا جون ڳالهيون ٻڌيو اجان ماٺ ڪيئن ڪريو وينو آهين؟“ نورڻ چيو.

”ڪهڙيون ڳالهيون؟“ ڪاڪي حيرت مان پڇيو.

”وچ...! نند ۾ آهين ڇا؟... اي آءٌ اهي ڳالهيون ڳوٺ مان ٻُڌي نڪتو آهيان. تو جي نہ ٻُڌي آهي تہ ٻُڌ. چون ٿا تہ تنهنجي گهر واري ڪاري آهي. هن جي پيٽ ۾ تو جو ٻار ڪونهي، هاٽي ٻُڌئي.“ نورڻ جوش ۾ ڏڪندي چيو.

”ماڻهو وتن... آءٌ ڪو انڌو آهيان ڇا. تون ڀاڻ مونجو واقف آهين. آءٌ زال ڪي وِڪ ڪٽڻ مان سهي ڪرڻ وارو آهيان. منهنجي ڪاڪت جي ڪبر بہ مون ڪي آهي. اج اهي ڳالهيون ڪرڻ وارا مون ڪي پرٽائن، جي اُها بہ پيٽ سان نہ ٿي تہ مون ڪي گهرڙي بجو ڏجئين. ايڏي ڪاڪت اجان سنبران پيو، ٻڌءِ نورڻ!“ ڪاڪي فضل ڳالهين ڪرڻ وارن ڪي وڏي گار ڏيندي نورڻ ڪي پنهنجي طاقت بابت واقف ڪندي چيو. ۽ نازو جي ٿيندڙ ٻار ڪي نج پنهنجو ڪونيو.

”نيڪ... جي توڪي اجان بانور آهي پڪ آهي تہ پوءِ دنيا جي بوٿ ۾ ڇائي. باقي ماڻهو ڪنهن سانوڻ جو نالو پيا ونن. ڪو تو وٿ ڏراڙ آهي. تہ پوءِ ان ڪي ڇو وهاريو اٿئي. ڪڍي ڇڏينس. نہ هوندو تہ ماڻهن جا وات پاڻهي بند ٿي ويندا.“ نورڻ ڪاڪي فضل جي دعويٰ ڪي مڃيندي ڪيس مفيد مشوري سان نوازيو.

”ها... بروبر... پر انهيءَ ۾ بہ هڪڙي ڳالهہ اٿئي. ڏس ڏراڙ سئو ليي پوندا، هڪڙو ويو تہ ڇا ٿيو. پر اهي ساڳيا ڳلا خور وري چوندا تہ ڏنان، اسان جي ڳالهہ سچي نڪتي. فضل نيٺ اڪين ڏنو تڏهن ڏراڙ ڪي ڪڍيائين، پوءِ اهي ڊيڪ ڏيڻ وارا ٻيٺي خواري ڪندا.“

ڪاڪي فضل عقلي دليل ڏيئي سانوڻ ڪي بہ ڪڍڻ جو سبب بيان ڪيو.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”بروبر... اها ڳالهه تو ڳڻ واري ڪئي. خير هاڻي پيا ڏوڙ پائن. منهنجو هينئو جاءِ تيو.“ نورڻ چيو ۽ پوءِ ٻئي جهونا انهيءَ زماني جي خبرن چارن ۾ لڳي ويا، جڏهن نج گيهه انين آني سير ۽ سون چوڏهن روپيا تولو هوندو هو ۽ ٻن روپين ۾ وڳو ڪپڙن جو پٽڪي سوڌو ملي ويندو هو.

.........

هو لوڙهي جي اندران بيهي مُڙس ۽ ڏاڏي نورڻ جي وچ ۾ تيندڙ سڄي ڳالهه ٻڌندي رهي ۽ پوءِ هٽي چني ۾ آئي، جتي جنان اڳ ئي کٽ تي ويٺي هئي. نازو جي منهن تي مرڪ ڏسي پڪ تي ويس ته حالتون سازگار آهن.

”ڪر خبر؟“ جنان پڇيو.

”مئي گوڙو چورت سان ڪونه گهٽايو، پر پاڻ وارو جهونو به پير ڪوڙي بيٺو جو هُن جي صفا ڪانه هلي. مئي ڳاڙهه ڏاڙهئي کي ارهه تي هٿ هٽي چيائين ته بار مونجو آهي“ نازو نورڻ کي مختلف لقب ڏيندي ٻڌايس.

”چڱو تيو، مُڙس کي زال تي شڪ نه هجي، باقي ٻيا ڪهڙو نُنيو پٽيندا“ جنان نازو کي ڪلهي تي هٿ رکندي چيو.

”مون کي ته خبر ئي ڪانه پئي نه ته اهڙا ڏينهن ڏسٽائي ڪونه پون ها“ نازو چيو.

”تو واري هُن کي ڏاڍو ڊپ هوندو. غريب نڌڻڪو ماڻهو، نه اوهي نه واهي، ڪٿي ڪري نه ڊپ ڪان جُتي چنبن ۾“ جنان سانوڻ جي پڄي وڃڻ جي امڪاني انديشي جو اظهار ڪيو.

”هو مري وڃي ته به مون کي ڇڏي ڪونه ويندو“ نازو ناز ۽ اعتبار سان چيو.

”پوءِ به تون وڃهه ڏسي چئي ڇڏينس ته ڊپ نه ڪر“ جنان صلاح ڏني.

”وڃهه ڪٿي تو ملي. ان ڳالهه کان پوءِ مُئو ڪڳو چوڪسي ڪريو وينو آهي. هڪ گهڙي به ويساهي نٿي ملي، تون ڪٿي ڏسينس


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ دلاسو ڏجانس“ نازو سانوڻ کي تسلي ڏيڻ جو بار جنان تي رکندي چيو.

.........

ڪاڪو فضل اڳ بہ سانوڻ سان شوخي مان ڳالهائيندو هو، پر هاڻي تہ ڪجهہ وڌيڪ کهرو ٿي پيو هو تہ رُکو بہ. رات جو لانڍي جي در کي قلف هڻي ڪنجي اڳڻ ۾ ٻڌي پوءِ زال سان گڏ سمهندو هو. سانوڻ کي بہ ماني ٽڪي هٿ سان ڪٽي ٻاهر ڏيندو هو. گهر ۾ اُڙيو تڙيو اچڻ وڃڻ بہ بند ٿي ويو هو.

نازو ۽ سانوڻ بہ هوشيار ٿي ويا هئا. مٿان ڪاڪي جو پهرو، سو بہ مهينا گذري ويا، پر هو هڪ ٻئي سان هڪ اڌ اکر ڳالهائي بہ نہ سگهيا. ڪڏهن ڪڏهن جنان جي معرفت هڪ ٻئي کي ڪو دم دلاسو پيا موڪليندا هئا نہ تہ خير.

جڳ جهان جي منهن ۾ ڍينگهر ڏيئي، نازو جي اينڊڙ ٻار کي پنهنجو چئي، سانوڻ ۽ نازو تي ڪرڙي اک رکي بہ الائي ڇو ڪاڪي فضل جو من اجان شڪ جي چار مان نڪري نہ سگهيو هو. ڪجهہ گذريل جواني ۽ ڪجهہ هلندڙ پيري جو تجربو هن جي سمورن هوڏن هنن ۽ ڏاڍ مڙسين کي هارايو بيٺو هو.

هن شڪ جي بنياد تي سانوڻ کي خون ڪرڻ نٿي گهريو ۽ نہ نازو جي رت ۾ هٿ رڱڻ ٿي چاهيا. هونئن بہ پيري جي آخري ڏاڪي تي ويهي جواني کي قتل ڪرڻ ڏاڍي ڏکي ڳالهہ آهي. دنيا جي ننول ۽ شڪ کي پختي ڪرڻ جي ڀؤ کان هو سانوڻ کي في الحال ڪڍي بہ نٿي سگهيو. جيتوڻيڪ پنهنجيءَ پر ۾ هو اصل حقيقت کي ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو تہ بہ هن کي اجا ڪا اهڙي ثابتي نہ ملي هئي جو هن جو شڪ پڪ ۾ بدلجي. پوءِ بہ هن لاءِ سانوڻ جو وجود ناسور بنجي پيو هو. هن دل ئي دل ۾ سانوڻ کي صاف دشمن سمجهي ورتو هو.

پر پيري ۽ جوانيءَ ۾ اهوئي تہ فرق آهي، جو جواني ۾ هوش جي صلاح گهٽ ۽ جوش جو حڪم وڌيڪ هلندو آهي. ٻري ٻلي کي پسڻ ۽ پرکڻ جو وقت گهٽ ملندو آهي، پوءِ ڪٿي ڀاڳ ۽ پيري ۾ تہ جوش


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهندو ئي ناهي. هُوش بہ گهٽو ڪري اڻ سالم، پوءِ سواءِ پُور پچائڻ ۽ چالون هلڻ ڏني مان بہ ڏسڻ ڪان سواءِ باقي بچي بہ ڇاتو؟ سو سچ ۽ ڪوڙ جي سڃاڻپ ڪاڻ هُن پنهنجي دماغ ۾ هڪ رت رتي. رات جو ڪائي پي جڏهن زال سان گڏ اچي ستو تہ ڳالهہ ڇوريائين.

"آءٌ صبح جو پاسي واري ڳوٺ ويندس. اتي ڪي ماڻهو نوان لڏي آيا آهن، اهي پئسن تي سنگ ڏين ٿا. سانوڻ ڪا انين ۾ نينگري ڏسي آيو آهي، صو صفا ڇريو تي پيو آهي. چئي ڪاڪا منهنجو ابو بہ تون تہ ادو بہ تون. مون کي ڪيئن بہ ڪري اهو سنگ وني ڏي، نہ تہ اقٽ مري پوندس. آهي بہ ويچارو نڌڻڪو سو يانيان تہ سيان ڏوڪڙن جي ڇتائيءَ ڪري هن ڪي بہ ڪريون گهوٽ. لڳيءَ ڪي لانت آهي. ڇورو ڪمائتو آهي. سياڻي ٿيئي ڇريو يا آسرو پلي پڃي وڃي، تنهن ڪان بہ ڏوڪڙ ويا تہ گهوريا. هونئن بہ هو ڪمائي پيو، جي هو ڇوڪري آئي تہ تو وٺ پئي ڏنڌو ڪندي ۽ تنهنجي هيڪلائي بہ لهي پوندي."

ڪاڪي جا لفظ نازو جي دل تي ڪرنٽ بڻجي اچي ڪريا. هو ماٺ تي ويئي، پر اندر ۾ اڻ چاتل باهہ ٻري پيس. ڪير تو پنهنجي پيار کي پائيوار بنائڻ چاهي.

"سانوڻ اها ڇوري ڪيئن ڏني؟" نازو پڇيو. هن جي آواز جي ڏڪڻي ڪاڪي صاف محسوس ڪئي. آخر تہ زمانو ڏسيو وينو هو.

"هي ڪو ٻڪريون چاريندي پري نڪري ويو هو. ان ويل ڳوٺ جي انهن عورتن ڪي جهنگ ۾ ڪانيون پئي ڪيون. انهن ۾ اها نينگري بہ هئي. جواڻي آهي ديواني، سو ڇورو دل هارائي وينو. پوءِ اتي ڏراڙن ڪان پڇا ڪيائين تہ اهي ماڻهو ڪير آهن. خبر پئي تہ غريب ماڙهو آهن. ڳوٺ ۾ ڏوڪڙن تي بہ تي سنگ پيا بہ ڏنا اٿن، ان ڪري آسرو سمجهي لڏي اچي اتي وينا آهن. مون کي تہ ڇوري ايترو ٻڌايو وڌ تير پتير تہ مون ڪونہ پڇيا."

"تہ هاڻي ڏراڙ بہ تو عشق ڪري؟" نازو جي لهجي ۾ ڪاوڙ جو اڻ لکو تاثر هو.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”عشق تہ اڄ بار بہ پيا ڪن، هونئن بہ ويچارو ڇڙهو ماڻهو آهي. مون کي چيائين تہ ڪاڪا تون تہ ٻچڙيوال آهين سياڻي ٻچڙو بہ ٿي پوندئي، هاڻي ڪو منهنجو ڀلو ڪر. مون تہ پنهنجي ڳوٺ ۾ حڪيم وارو گهر هن لاءِ تاڙيو هو. چيم، اهي بہ اپرا ماڻهو آهن. چورين جي چانگ اٿن. بہ ٿي هزار هيڏانهن هوڏانهن تہ مون کي جباب ڪونہ ڏيندا، پر چورو چوي تہ بي ڪا حُور پري ڪانہ کپي. پيون سيءِ انهيءَ چوريءَ جي پير تان صدقي. مون کي اصل اها ونئي ڏي يا چمار ڪمائيندس.“ ڪاڪي سانوڻ جي عشق کي ويتر چٽو ڪري ٻڌايو.

”ائي گهوڙا! ائين تو چوي...؟“ نازو هنڌ تي اٿي ويهي رهي. هن جي لهجي ۾ ڪاوڙ بہ هئي تہ ميار بہ. جواني ۾ اهائي تہ خامي آهي جو جوش هڪدم اچي ۽ هوش غائب ٿي وڃي ٿو. ماڻهو ماحول کان بي خبر ٿي عقل جون حدون اورانگهيو وڃي.

”پر توکي ڪهڙي ڪاوڙ لڳي؟“ ڪاڪي اوچتو پڇيو ۽ نازوءَ جي بت مان ڇڻ تہ ساهہ نڪري ويو.

”موجو چا وڃي، مون کي تہ عجب لڳو جو... تڏهن پڇيم.“

”ڪهڙو عجب؟“ ڪاڪي پڇيو.

”بيلي! هن رستي هلندي ڪنهن کي ڏٺو نہ جاڻ نہ سڃاڻ نہ ڳالهايو نہ ٻولهايو، پوءِ ايترو عشق ڪيئن لڳي ويس.“ نازو پڇيو.

”هونئن، توکي ڪهڙي خبر، تو ڪو ڪڏهن عشق ڪيو هجي تہ...“ ڪاڪي چيو.

”الله پناهہ ڏيندو.“ بي اختيار چيائين.

”ماڻهو لڳي تہ هڪ نظر ۾ لڳي پوي، بس دل لڳندي ڪا دير آهي. ڪالهہ تو مون کي چوي تہ ڪاڪا وارو ڪر. هاڻي تہ ڍار جون ڊڊيون ۽ ڳڏهيون اصل نٿيون وڻن.“ ڪاڪي چيو.

”مارڪا...“ آخر جملو چڏي ڏنائين. ياد آيس تہ ”مون ۾ آهين تو متان...“ ۽ پوءِ ڪاڪو منهن ڦيري سمهي پيو، ڄڻ تہ هٿ سان نازوءَ کي سوچڻ جو موقعو ڏنائين.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نازو پنهنجيءَ پر ۾ دل جو راز ڪاڪي ڪان لڪائي ويئي هئي، پر هن کي اها شايد خبر ڪانه هئي تہ جواني جي ٻهاني ۽ پيريءَ جي تجربي ۾ ڏينهن رات جو فرق آهي.

ماڻهوءَ جي اها نفسياتي ڪمزوري آهي تہ جيڪڏهن هن کي اوچتو ڪو شاڪ لڳي تہ آپي ڪان ٻاهر ٿي ويندو آهي. خاص طور عام ذهن جو ماڻهو، جنهن وٽ نہ مطالعو هجي نہ مشاهدو، نہ صبر جي فائدن جي ڪل هجيس ۽ نہ قوت برداشت جي خبر. نازو بہ ائين ئي هئي. پوري، پرمتڙي. هن کي رکي رکي سانوڻ تي خار ٿي آيا، جنهن پرپٺ ڪاڪي وٽ ڏار جي ڏبين ۾ گڏهن جو ذڪر ڏنو هو. جڻ تہ هُن اهي نالا هن کي ڏنا هئا. هن سان لنئون لائي، صفا پنهنجو ڪري هاڻي اڪيون ٻئي ۾ اٽڪائي وينو هو.

’بيقدرو، بيوفا، شادي تو ڪري! واٽ ويندي سان عشق تو ڪري. پٽس فضل کي منٿون ڪريون تو لاڏو ٿئي. ڏءُ نتو ٿئي مُئي جو. حيف اٿئي ڪوڙا، دل ڦري دوڪا تو ڪرين. شابس اٿئي.‘ دل ئي دل ۾ هوءَ سانوڻ کي ميارون ۽ ڏوراپا ڏيڻ لڳي. پوڙهي جا اونگات شروع ٿي ڪونگهرن ۾ بدلجي ويا تہ نازو جي اکڙين مينهن وسائي ڳل پسائڻ شروع ڪيا. هن جي دل کي هي ڳالهہ ٻڏي ڏڪ لڳو هو. من ۾ ٻاهہ ٻرجي ويئي هيس. هو دل ئي دل ۾ سانوڻ سان وڙهندي رهي.

’چو پلا، هاڻي آءٌ نتي وڻئين؟، مئو دغاباز! مون کي چئي ’تو سواءِ نندي پيڻ وڏي ماءُ، ۽ اڄ وري؟ ٻارن لاءِ تو پرڻجي؟... تہ پوءِ پلا منهنجي پيٽ ۾ ڪنهن جو ٻار آهي. اهو بہ تہ تنهنجو. فضل ٻن زالن کي اولادي ڪيو باقي مون کي ڪندو؟‘ ائين روئيندي، دل ئي دل ۾ جهيڙيندي الائي ڪيڏيءَ مهل ننڊ هن جي اکين ۾ پرجي ويئي. پر ننڊ جي وادي ۾ بہ هو سانوڻ کي سامهون ڏسندي رهي. ان محبوب کي، جنهن جي قرب ۾ ڪُسي هو هن حال کي پهتي هئي، جو سڀي راڄ ۽ ڳ جي طعنن تُنڪن جو نشانو بڻيل هئي.

هن خواب ۾ سانوڻ کي گهوٽ بڻجي گهوڙي تي چڙهيل ڏٺو.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن سانوڻ جي ڪنوار کي ڳاڙهي ڪنهبي ۾ ٻهڪندي ڏٺو. اوچتو هن سانوڻ جي ڪنوار جي منهن تان گهونگهٽ پاسي ٿيندي پسيو. سانوڻ جي زال وڏن ڏندن واري ڏائڻ هئي. نازو سانوڻ جي گهوڙي جو اڳ جهلي بيهي رهي.

”حيف اٿئي... بيقدرا... منهنجي قرب جي ... انعام... ڪتي... واه سانوڻ... جاني... واه... فضل... مري ويندو... آءٌ توسان پڇي وجان... توهن هِن ... ڏائڻ کي ماري ڇڏ... نہ نہ سانوڻ نہ تون منهنجو .... مونجو آهين...“ بي ربط اٽپورا جملا هن جي زبان مان نڪرڻ لڳا. هوءَ رڙ ڪري جاڳي پئي. خواب ۾ چيل لفظ بي ترتيب جملا چئل تہ برابر هئا، پر ٻڌڻ ۽ سمجهڻ واري لاءِ تہ چٽو چٽو اعلان هو. اطلاع هو. سچ هو. پڪ هئي.

رڙ سان هن جي اک کلي پيئي. هن آڏيءَ اک سان مڙس ڏي نهاريو، جيڪو هن جي رڙ تي بہ سجاڳ ڪونہ ٿيو هو ۽ ائين ئي ڪونگهرن ۾ هو. نقلي ۽ اصلي ڪونگهرن جو فرق نازو پرکي نہ سگهي. هن کي ننڊپڻ کان ئي ننڊ ۾ ورلڻ جي عادت هئي. مڙس بہ ڪيئي ڀيرا سمجهايو هئس پر ڪوشش هوندي بہ هو پنهنجي ان عادت کي ترڪ نہ ڪري سگهي هئي.

’گهوڙا! اڄ تہ الائي ڇا پئي چيم. خدا ڪيو مُئو ننڊ ۾ هو نہ تہ...‘ دل ئي دل ۾ چيائين. هن کي وري صبح تائين ننڊ ڪانہ آئي. صبح جو جنان هٿ سانوڻ ڏي ميار موڪلي هئائين ۽ شام جو جنان اچي سُنهين ساڪين ٻڌايس تہ اهو نسورو ڪوڙ آهي. هن تہ اهڙي ڪا ڳالهہ ڪانہ ڪئي آهي. هن جي دلجاءِ تہ ٿي، پر هو سمجهي نہ سگهي تہ جهوني اها قوڪ ڏني ڇو؟

............

ضروري ڪونهي تہ جنهن کي سُتل يا بي خبر سمجهجي، تہ اهو واقعي ستل يا اڻڄاڻ هجي. نازو تہ ڪاڪي کي ننڊ ۾ سمجهي مطمئن ٿي ويئي هئي، پر ڪاڪو تہ سڄي رات ستوئي ڪونہ هو. هن جيڪو عقل جو ٻج ڇٽيو هو، ان جو فصل پچندي ڏسڻ لاءِ هو ساري رات جاڳندو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ سمهڻ جو بهانو ڪندو رهيو هو. هن نازوءَ جي چپن مان نڪرندڙ هڪ هڪ اکر چٽو ٻڌو. هاڻي هن کي پڪ ٿي ويئي هئي ته دل ۾ وينل شڪ جو نانگ چو نتي نڪتو. هن جو اندر پُتل پاڻ کي لڳل باهه وانگر دکي رهيو هو.

غيرت جو دونهون دل جي دنيا ۾ پکڙندو ويو. هن جو ساهه گهٽجڻ لڳو هو، پر هو جي رهيو هو. زال ذات تي پلا کهڙي ميار. ماکي نه ڏسي وڻ. زال نه ڏسي وڙ. پر سانوڻ کي ته هن ٻچو ڪري سمجهيو هو. ٻي آسري کي آسرو ڏنو هو. ٻي واهي جو واهي بڻيو هو ۽ هن بيهي ليمڪ لڄايو هو. اڄ هو ٻي پجت پوڙهو هو. ڪنهن جوان مڙس کي مارڻ جي سگهه هن جي جسم ۾ برابر ڪانه هئي، پر غيرت پوڙهي نتي ٿئي.

هڪ لڳا سوچيائين ته هو سانوڻ کي ڪڍي ڇڏي، پر وري خيال آيس ته ڪڏهن وجهه وٺي هو نازوءَ کي پڄائي وڃي ته پوءِ؟ هن چپ سبي ڇڏيا. هن کي هاڻي پيريءَ جو ڀرپور احساس ٿيو هو. پنهنجن غلطين جو احساس نانگ بڻجي هن کي ڏنگڻ لڳو.

هن سوچيو ته هو نورڻ سان صلاح ڪري، پر جنهن يار اڳيان هو ارهه تي هٿ هڻي پڪ ڏيئي سندس ڳالهه کي رد ڪري چڪو هو، ان آڏو غلطي مڃڻ گوارا نه ٿيس.

هاڻي هن کي لڄ جي ويريءَ سان پاڻ ئي منهن ڏيڻو هو. پوءِ هو سِٺائون سٺيندو رهيو. اندر ۾ پڇندو رهيو، پر هلت چلت مان ظاهر ٿيڻ نه ڏنائين. ڪجهه مهينا وڏيڪ گذري ويا. هاڻي نازو اڄ سيان تي هئي. ڪنهن به وقت ننڍڙو بالڪ دنيا ۾ اچي ٿي سگهيو. ان ڪري ڪاڪي دائي ڪريمان کي اڳوات ئي وٺي اچي گهر وهاريو هو. سُئاجي جو سامان، سڃي گيهه ۽ ڪونيٽ جي ڪنئور ڪان وٺي نباتن تائين هر شيءِ وٺي رکي هئائين.

۽ تڏهن پر واري پوڊي تي سامي فقيرن جو وڏو سرو اچي لٿو هو. پکن جا گهرڙا اڏجي ويا هئا. فقير فقراءُ ڳوٺن ۾ گدائي شفا لاءِ پکڙجي ويا. هنن سامين ۾ جهونو حاجي فقير، ڪاڪي فضل جو ڪنهن


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زماني کان يار هو. جڏهن سج ڏرتيءَ تي آخري رنگ هاريا تہ ڪاڪو فضل فقيرن جي پڪڙن ڏي روانو ٿيو. گهر ۾ دائي ڪريمان جي ڪري اڪيلائي ڪانہ هئي ۽ ڪاڪو پري پنڌ لاءِ نڪتو ڪونہ هو.

هو ڍوري وٽ ٻڪريون جهليو بيٺو هو. اڄ شام جي چانهہ تي ويندي بہ اوير ٿي ويئي هئس. هن کي خبر هئي تہ گهر ۾ دائي ڪريمان انن ڏينهن کان ويني آهي، پر جڏهن ڪاڪي فضل کي پريان لٺ سوڏو ويندي ڏٺائين تہ دل ۾ اُڌمن پويان اُڌمان اٿڻ لڳس. هن کان پل بہ نہ سري. هو ٻڪريون لڪاني جي حوالي ڪري چانهہ پيئڻ جو بهانو ڪري مٿان ٿري سومار جي گهر پويان ڪماند ۾ گهڙيو ۽ اچي سومار جي لوڙهي وٽان نڪتو. سومار ڪالهوڪو ساهرن پُٽ کي وٺڻ لاءِ ويل هو. جنان گهر ۾ اڪيلي هئي. هن پتر اڇليو تہ جنان هن کي ڏسي هلي آئي. هو لوڙهي جي ٻاهران هو ۽ جنان لوڙهي جي اندران.

"ادي اڄ مڙهو ڪيڏانهن ويو آهي، خدا جي نالي پاتشاهہ پير جي مُهابي اڄ هن جو منهن ڏيکار" سانوڻ جي اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا.

جنان کي هن تي رحم اچي ويو. هن کي ڪماند ۾ وجي ويهڻ جو چئي هو سڌي نازوءَ جي گهر هلي آئي.

"اَئي نازو!" جنان گهٽيءَ تان بيهي سڏ ڪيو.

"چا هي ادي!" نازو اندران وراڻيو.

"اَئي ادي! هيڏانهن اچ، مُئي اڳٿ جي تانجي مُنجهي پئي آهي، سا تہ سمجهائي وڃيم." جنان چيو.

هونئن بہ نازو ۽ جنان کي هڪ ٻئي جي گهر وڃڻ جي ڪا جهل پل ڪانہ هئي. ماسي ڪريمان ستي پيئي هئي، سو نازو جنان سان گڏ هلي ويئي.

.........

ٻئي جهونا ورهين کان پوءِ گڏيا هئا. حاجي فقير ۽ ڪاڪي فضل جي ياري بہ ورهين جي هئي. پر فقير ماڻهو، اڄ هتي سڀاڻي هُتي. سالن جا سال سفر ۾. پنڻ ۽ ڪائڻ، نہ ڪو هڪ هنڌ راڄ نہ ڳوٺ. هونئن تہ نانگ ٻلائون پالڻ ۽ واسينگن کي ور وجهڻ جوڳين جو ڪم آهي، پر


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي ڪي سامي سڄ وڙاءُ به هوندا آهن ۽ حاجي فقير به انهن مان هڪ هو ۽ اڄ وري پنهنجي پراڻي يار ڪي ڏسي هو ڪپڙن ۾ نٿي ماپيو. دين مذهب جو ڦيرهو سو چانهه پاڻي جي صلاح رڳو زباني ٿي. پوءِ حال احوال، ويل وقت جون پچارون ڪندي نيٺ ڪاڪو فضل پنهنجي مطلب تي آيو.

”بيلي فقير! اڄ تو وٽ ڪم سان آيو آهيان.“

”يلي يلي آئين... تون پڻ ڦقير جو يار... هي سِر به تولاءِ حاجر.“

حاجي فقير ٻانهون ٻڌي چيو.

”يار! ڳالهه اها اٿئي ته ڪتو ڏاريم، پر ڪتو حرامي نڪتو. ڏٺي به نٿو سڃاڻي. ليمڪ به لڃائي ڇڏيو آهيس. لڄ ۾ اڪيون هنيون اٿس. مڙس آهيان پوڙهو، ڪتي ڪي ڪهاڙيءَ سان مارڻ جي ڪاڪت ڪانه اٿم. مون ڪي ڪو اهڙو وِهه ڪپي جو ڪتو ماٺ ميٺ ۾ مري وڃي. تو جا احسان پيو ڳائيندس.“ ڪاڪي پر ۾ ڳالهه پچاري ۽ فقير پر ۾ سمجهي ويو.

”بيلي فجُل! تون ڦقير جو يار. جواڻي ۾ توسان چار ٺهڪ، توڪان ڪيڙو ڳال لڪو ڪيئن ڦقير ڪنڌ ڪڍائي. اهڙو شئي ڏيندس جو ڪتو، ماڙو، اٺ اصل ٽنگ نه چوري، نه ڪو لکي ته ڪيئن مرو مري ويو.“ فقير چيو ۽ ڪاڪي ٻئي هٿ ڪٽي سندس پيرن تي رکيا. فقير اهو به ٻڌايس ته هي زهر ڪنهن نانگ بلا جو نه پر ڪنهن جابلو ٻوٽي جو آهي.

..........

دلين جا وهم، وسوسا، شڪ، شبها سڀ لحظي ۾ لهي ويا. ڪين ائين لڳو ڄڻ سالن کان پوءِ مليا هجن.

جنان جي تڪڙ لڳي پئي هئي. پر هنن جو جڻ جڻ جدا ٿيندي هينئون ٽي ڦاٽو. نازو ته عورت هئي، پر سانوڻ مرد هوندي به ان ڏينهن رئڻ سان هاڃا هٽي ڇڏيا. پر وقت جون گهڙيون لڙڪن جي سنگهرن ۾ ڪٽي ٽيون ٻڌجي سگهجن، نيٺ هن کي جدا ٿيڻو پيو.

”منا! دل نه لاهجانءِ ماڪ جو ڏونگر نيٺ لهي ويندو.“


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”نہ نہ ... دلبر سائين! دل ڪونہ ٿو لاهيان، پر الائي ڇو ائين ٿو لڳيم جڻ اڄ ڇپچاڙي جو ڳڏيا هجون.“ چوندي ڇوندي هو وري روئي پيو.
”الله خير ڪندو، مرڻ کان اڳ وڇڙون اها اڻ ٽيٽي آهي. ڪپي سو پيو زور لڳائي، تون اصل دل وڏي ڪر.“ نازو هن کي دلاسو ڏيئي پوئتي موٽي، پر هو اتي ڪيترو وقت بيٺو رهيو.

.......

”اڇي ماني کاءُ، اڄ ٻيو ڳنڍڻ ڪونهي سو کير سان کائي ڇڏ.“ ڪاڪي فضل سانوڻ کي رات جي ماني ڏيندي چيو. سانوڻ ماني ۽ کير جو گلاس ڪاڪي کان ورتو.
”آءُ گهر ٿو هلان. پانيان ٿو تہ اڄ رات ئي خير جو ٻارڙو ڄمندو.“ ڪاڪي گهر ڏي ويندي چيو ۽ سانوڻ دل ئي دل ۾ نازو لاءِ دعائون گهرڻ لڳو.
جنان جي گهران ايندي ئي نازو کي سور شروع ٿي ويا هئا. ڳچ ويرم کان پوءِ ڪاڪو فضل بہ اچي ويو هو. ڪاڪي جي گهر ۾ ماني ٽڪي جو ڪم اڄ جنان کي سنيالڻو پيو هو. ادو سومار بہ چوڪري کي وٺي اچي ويو هو، پر ان کان اڳ ڪاڪو فضل سانوڻ کي ماني ڏيئي ويو هو.
نازو ۽ دائي ڪريمان اندر لانڍي ۾ هيون، باقي سڀ اڱڻ ۾ وينا هئا. سومار جو ننڍڙو بہ ماءُ جي هنج ۾ سمهي پيو هو. رات سنجهي کي ڇڏي اڳتي وڌي ويئي هئي. ادو سومار ننڍ کي ٽارڻ لاءِ ڪچهري جو خيال ڪٽي ٻاهر سانوڻ ڏي نڪري آيو.
”سانوڻ! ڪر خبر ڪهڙا حال اٿئي؟“
”نيڪ آهن ادا، مڙيئي پيا ڏينهن گهاريون. پر اڄ تہ پيٽ ۾ سُور ٿي پيو آهم.“ سانوڻ چيو.
”ڪاڏي هوندئي ڪا بادي شئي.“ سومار چيو.
”ٿوري ويرم اڳ تہ کير سان ماني کاڌي اٿم. باقي ٻپهرن جو سو سانڌاڻو بروبر کاڌو هئم.“ سانوڻ چيو پر اوچتو سُور کان بيٺو ٿي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويو.

سومار هن جي حالت ڏسي سندس پنا مهٽيا. ويچوڙيءَ جي لت ڏني، پر هر گذرندڙ گهڙي سان هن جي حالت وڌيک بگڙندي رهي.

نيٺ سومار ڪاڪي جي گهران اچي پيٽ جي سور جي دوا پڇي. پر ڪاڪي انڪار ڪندي ٻڌايس ته وٽن اهڙي ڪا به دوا ڪانهي. وري سومار زال کي گهر اماڻي ڪجهه ڦوٽا ۽ جنوهر جون ٽڪيون گهرايون.

هوڏانهن نازوءَ جي حالت به بگڙڻ لڳي هئي. هن جا سور به وڌ کان وڌڻ لڳا هئا. انسان دنيا ۾ سور کائي ۽ ٻين کي سور ڏيئي ايندو به آهي ته ويندو به آهي.

نازوءَ جون دانهون هاٽي اڱڻ ۾ به ٻڌڻ ۾ پئي آيون.

سومار ٽڪيون ڦوٽا کڻي سانوڻ وٽ آيو ته ان وقت سانوڻ جي حالت ويتر خراب هئي. هو لُڇي لُڇي کٽ تان هيٺ ڪري پيو هو ۽ ڪُنل ڪڪڙ وانگر ڦٿڪي رهيو هو. وات مان اچي جهڳ پئي وهيس. سومار هن کي سڏ ڪيا پر هو هوش ۾ ئي ڪونه هو. نيٺ سومار هراسجي ڪاڪي فضل کي سڏ ڪيا، جيڪو ٻتي کڻي ٻاهر آيو.

"هن کي وري ڇا ٿيو؟"

"الائي ڪاڪا!... پيٽ جي سور جو ڇيائين، آءٌ ڦوٽا کڻي آيس ته هن جي هيءَ حالت آهي...!

"ته پوءِ هاڻي...؟" ڪاڪي پڇيو.

"منهنجي صلاح آهي ته هن کي شهر داختر ڏي کڻي هلون." سومار چيو.

"هن اويري مهل... گهر جي به پاڇهي ڪبر اٿئي. هن ويل ڪيئن هلجي...؟" ڪاڪي عذر ڏنو.

"ته تون کڻي گهر رهه ڪاڪا! آءٌ ڏِڳي گاڏيءَ ۾ هن کي کڻي تو وڃان". سومار چيو.

"ڏِڳي گاڏي به هڪڙي، جي تون اها به ڪاهي وڃين ته پوءِ جي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پويان هيڏانهن ڪيئن هوڏانهن، تہ قصو ڪيئن ٿيندو؟“ ڪاڪي وري نازوءَ جي تڪليف جو اشارو ڏنو، جنهن ڪي پڻ گاڏيءَ جي ضرورت پئجي سگهي ٿي.

”تہ پوءِ... هن ڪي جي ڪجهہ ٿي ويو؟“ سومار چيو.

”الله پناهہ ڏيندو، هر ڪنهن جو خير... پيٽ جو سور آهي. شٽ گڙدي جو سور هجيس. گهڙي پل ڏسون پوءِ ڪو بِلو ڪنداسين، من تيسين فرحت ٿي وڃيس.“ ڪاڪي چيو.

سومار خاموش ٿي سانوڻ کي پاڪر پري ڪٽي کٽ تي سمهاريو. هن ڪي سانوڻ جو جسم بي ستو ٿي لڳو.

اوچتو سانوڻ رت جي الٽي ڪئي. هن جو منهن، کٽ، بسترو رت ئي رت ٿي ويو ۽ هن جي جسم هڪ زوردار جهٽڪو کائي ساهہ ڇڏي ڏنو.

”اڙي... اڙي... هي تہ...“ سومار گهبرائجي ويو.

ڪاڪي اڳتي وڌي سانوڻ جون اکيون ٻتي جي سوجهري ۾ ڏٺيون. ٻانهن تي هٿ رکيو...

”هي تہ خير... ڏٺي جي شئي ڏٺي وٺي ويو.“ ڪاڪي اعلان ڪيو ۽ الائي ڇو سومار جي اکين مان بي اختيار لڙڪ وهي نڪتا. اهڙا لڙڪ جيڪي بيوس مسافر جي موت تي وهائبا آهن، ۽ ان ويل... ڪاڪي جي گهران ننڍڙي ٻالڪ جي اُوئان اُئان جو آواز اُڀريو ۽ ڪاڪو ٻتي کڻي تڪڙو تڪڙو گهر ڏي هليو ويو.

مسافر مئو ڪنهن نہ سُئو. ازل کان دنيا جو دستور اهي تہ ڪو ويندو آهي تہ ڪو ايندو آهي. ڪاڪي فضل جي گهر جي گهٽي تي سانوڻ موڪلايو ۽ گهر اندر ننڍڙو ٻار آيو. دائي ڪريمان ٻاهر نڪري ڪاڪي کي پٽ ڄمڻ جي مبارڪ ڏني ۽ ڪاڪي ڪيس موٽ ۾ ڪاڇڻ ٻڪري ڏيڻ جو اعلان ڪري خوشيءَ جو اظهار ڪيو.

جن کي جيئري نہ پڇبو آهي، تن کي مئو ڏسي ماڻهو مڙندا آهن. سانوڻ جي حياتيءَ ۾ جن ساڻس ڪچهري ڪرڻ بہ سنو نٿي ڄاتو،


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهي هن جي مرڻ جو بڌي اچي گڏ ٿيا. ڪئين ڳالهيون، ڪئين رايا.

"اي ڇا ٿيس؟"

"اي شام جو انڪور چڱو ڀلو هو."

"بس ادا، آدم ته ڪهڙو ڀروسو، دم ڪنئي نه ڪنئي جهڙو."

"پر ڪو ته ٻهانو ٿيو"

"بس ماني کائي وينو، پيٽ ۾ سُور پيس ۽ همراهه موڪلائيندي دير ڪانه ڪئي."

"هو به الائي ڪٿي جو؟"

"ڪهڙي خبر."

"ڪو وصي وارث به هئس الائي نه."

"ڪاڪي کي ڪل هوندي. توبهن الله سائين توبهن."

ڳالهيون ٿينديون رهيون. جي وات ڪالهه تائين سانوڻ جي ڳلا ڪندا رهيا هئا، اهي وري نيڪي ڪرڻ لڳا. جيئري جي ڳلا ۽ مُئي جي واکاڻ ڪرڻ پراڻي ريت آهي.

"يار ماڻهو چڱو هو."

"هائو صفا ڳوٺ، نه ڪنهن جي لٽي ۾ نه چڙهي ۾."

"ٻلي ويچارا ماڻهو."

فجر ويل ملان موسي جنازي کي غسل ڏنو. ڪفن جو ڪپڙو ته ادو سومار رات ئي ڏُوري ميمڻ جو دڪان کولائي وٺي آيو هو. جنازي نماز ٿي. ڇئن ڪلهو ڏنو. چار پوئتي وربا ۽ سج ابريو ته سانوڻ ڌرتي اندر ۽ سندس ڳالهيون ڌرتي مٿي رهجي ويون. ڪاڪي جي گهر ۾ ننڍڙي ٻالڪ جي اوئاز اوئان گونجندي رهي. نازو اجان پوريءَ ريت هوش ۾ ڪانه هئي. نه ڪيس سانوڻ جي موت جي خبر هئي.

دائي ڪريمان ننڍڙي نينگري کي وهنجاري سرمو پارائي ڪٽ تي پيل "مُنهن-رکي" ۾ ليٽائي ڇڏيو ۽ هاڻي نازو کي تيل جي تري هڻي رهي هئي.

ڪاڪو فضل ڇني ۾ ڪنهن ويچار ۾ ويٺو هو. هن غيرت جي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دشمن سان پيريءَ ۾ پلاند ڪري منهن مرڪندو ڪيو هو. سندس روح اڄ ڏاڍو خوش هو. پنهنجي منهن مرڪي هن وک چوري ۽ لانڍي ۾ داخل ٿي ويو. دائي ڪريمان هن کي ڏسي اٿي. نازو جون اکيون به ڪاڪي جي چهري کي ڏسڻ لڳيون. دائي ڪريمان ڪاڪي جي چهري تي خوشي جا تهه ڏسي "منهن-رکي" مان ننڍڙو ڪڍي آئي.

"ڏس ڪاڪا، تنهنجي سوڪڙي، الله ۽ مرشد بشڪي بچائي ڏينئي." ·

ڪاڪي دائي ڪريمان جي هٿن تي ڪنيل ننڍڙي بالڪ جي چهري تي نظر وڌي... ۽ ... ۽ چڻ ته ڪو شيشو زور سان ڪري پچي پيو... شيشي جا پور ڪاڪي جي اندر ۾ پري پري تائين پکڙجي ويا.

هن جي آڏو سانوڻ جي صورت هئي. اهڙي آرسي، جنهن ۾ سانوڻ جو عڪس وڌيڪ چٽو ٿجي اڀريو هو.

هو بي اختيار ٻاهر نڪري ويو. دائي ڪريمان جي چهري تي حيرت جون ريکائون اڀريون. هن ٻارڙي کي واپس سمهاري نازو ڏي ڏنو.

نازو جي ڪجلين اکين جي ڪُندن مان به ننڍڙا لڙڪ موتي ٿجي ڦٽي نڪتا هئا، ۽ انهن کان بي خبر ٻاهر ڪاڪو فضل پپر جي وڻ هيٺ اڪيلو ڪنڌ جهڪايو ويٺو هو. هو جيتيل بازي به هاري چڪو هو. هو سانوڻ کي ماري به ماري نه سگهيو هو.

●●●


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# بوسنيا جي ڌيءَ

هُن اڌ کليل ڳڙکيءَ مان ٻاهر نهاريو. هن جي سامهون روڊ هو. روڊ، جيڪو شهر مان مختلف گهرن جي دروازن تي لڳل پٽين تي لکيل نمبر ۽ ماڻهن جا نالا پڙهندو ٻاهر پئي آيو، جتي شهر کان ٿورو ٻاهر سرب فوجي شهر جو محاصرو ڪري روڊ تي به قابض هئا. ڪنهن به گاڏيءَ کي شهر کان يا ٻاهر وڃڻ نه ڏيڻ جو قبضو: قبضو، جيڪو هميشه ڏاڍ سان ڪيو ويندو آهي.

هن وانگر ٻيا به سڀ شهري مسلسل محاصرو هئڻ ڪري گهُٽ ۽ ٻوسٽ واري ماحول، کاڌ خوراڪ جي شين جي کوٽ ۽ ٻاهر نه نڪرڻ ڪري پنهنجي خوف جي محاصري ۾ هئا. جيتوڻيڪ فوجي شهر ۾ ڪونه گهڙيا هئا.

هُن جي نظر روڊ ۾ ڪتيل هئي. شايد روڊ ۾ پنهنجي پيءُ جي رت جا نشان پئي ڳوليائين، جنهن کي گذريل مهيني واري ٽن ڏينهن جي محاصري دوران سرب فوجين گهر مان ڪڍي روڊ تي قتل ڪيو هو. انهيءَ ڏينهن جڏهن فوجي سندن گهر ۾ گهڙيا هئا، تڏهن پٽس کيس ڪٻٽ ۾ ڪپڙن پويان لڪائي ڇڏيو هو، ۽ مرڻ گهڙي تائين ڪونه ٻڌايو هئائين ته کيس ڪا ڌيءَ به آهي.

”دريءَ کي بند ڪر.“

هُن ماءُ جي اوچتو چيل جملي تي ڪنڌ ورائي ڏانهس ڏٺو، هوءَ مسلسل ڏانهس ڏسندي رهي. سندس نهار ۾ ڪيئي سوال هئا. خوف جا، بيوسيءَ جا، لاچاريءَ جا، ڪيئي سوال، جن جو ڪوبه جواب ماڻس


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وت ڪونہ ھو. ھوءَ لڙڪن کي روڪي نہ سگھي.

ماءُ ڪيڏي بہ ڏجڻي ھجي، اولاد اڳيان بھادر ھوندي آھي، ماٽس بہ لڙڪ لڪائڻ لاءِ ڪنڌ جھڪائي ڦيري ڇڏيو.

ھن يت تي لڳل گھڙيال ۾ ڏٺو. ڏيھا ڏيھي ميڊيا تي خبرن جو وقت ٿي ويو ھو. ھن جلد ڳڙڪي بند ڪئي ۽ پر واري ڪمري مان ٽرانسسٽر کڻي خبرون ٻڌڻ لڳي. ھن پنھنجي سماعتن کي ائين ريڊيو حوالي ڪيو، جيئن ڪنھن پامسٽ اڳيان پنھنجو ھٿ جھلي ڪائنس زندگيءَ جا راز پڇبا آھن. بوسنيا بابت خبر ۾ ھن ائين دلچسپي ورتي، ڄڻ پامسٽ سندس پيار متعلق پيو ٻڌائي.

بوسنيا بابت خبر اھا ھئي تہ فوج کي بوسنيائي شھرن جا محاصرا ختم ڪرڻ تي مجبور ڪيو ويو آھي ۽ امن جي عالمي اداري پاران ترت ڪاڌ خوراڪ جو سامان روانو ڪيو ويو آھي، جيڪو اڄ ئي ڪنھن وقت محصور شھرن تائين پھچي ويندو.

ھُن جي لڙڪن ھاڻي چھري تي ھاڻي خوشيءَ جا آثار نمايان ھئا، ھن نظر ڦيرائي ماءُ ڏانھن ڏٺو. ماٽس جي مُک تي ڪو خاص تاثر ڪونہ ھو. ان ڳالھہ جي پرواھہ نہ ڪندي ھوءَ ٽرانسسٽر ٽيبل تي ڇڏي سڌي ڪچن ۾ وئي. ريفريجريٽر مان ڪاڌي جو رکيل اھو سامان جيڪو انتھائي ڏکئي وقت لاءِ بچائي رکيو ھئائون، ڪڍي آئي. اڌ، ماءُ جي اڳيان رکي باقي اڌ مان پاڻ کائڻ لڳي. ماٽس پنھنجو پاڱو ۽ آخري ڪٽيل سلائيس، جيڪو ھن لاپرواھيءَ ۾ ٽيبل تي اڇلائي ڇڏيو ھو. کڻي واپس ريفريجريٽر ۾ رکيا، ھوءَ بي ڌڙڪ کائيندي رھي.

ٻاھران ڪنھن گاڏيءَ جي اچڻ جو آواز ٻڌي ھوءَ ٽپ ڏيئي اُٿي ۽ سڌو ٻاھرئين دروازي ڏانھن تيز تيز وکون کڻڻ لڳي. ھن سمجھيو تہ امداد پھچي وئي. امن جي اداري بچائي ورتو.

”نہ کول دروازو نہ کولجانءِ“.

سندس پيرن ۾ خوشفھم وکن کي ماٽس جا چيل لفظ روڪي نہ سگھيا. ھن در کوليو. ٻاھر فوجي ٽرڪ ڏسي ھيسجي وئي. دروازو ٺڪ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان بند ڪيائين. مگر سرب وحشي اکين سندس مُڪڙيءَ جهڙي جوين ڪي تاڙي ورتو.

توري ئي دير ۾ ٽرڪ جي واپس ٿيڻ ۽ سندن گهر جي ٻاهران بيهڻ جو آواز ٿيو. لانگ بُوٽن جو آواز- دروازي تي نڪ نڪ.

هوءَ هراس ۾ بُت ٻڻجي وئي. سندس هرٽي جهڙا نيڻ خوف وچان ڏيڏر جي دوڏن جيان ڦوٽارجي ويا.

دروازو پڳو ۽ بوٽن جي نڪ نڪ ويجهو اچڻ لڳي. هن ساھ لاءِ هيڏانهن نهاريو، هر پاسي پتيون. گهر جو سامان ۽ سندس ماءُ، جنهن جا هٿ مٿي هئا، انهن ئي تہ ڪيس هيستائين پناھ ڏني هئي، مگر اڄ سڀ ڪيڏا نہ مجبور هئا، لاچار ۽ بيوس.

باز جي چنبي جهڙو هٿ، ابهم ٻار جي مرُڪ جهڙي ٻانهن ۾... هڪ زوردار ڇڪ، سندس جسم ٻانهن جي شڪنجي ۾ جڪڙيل ۽ ماءُ جا مٿي ڪان مٿي ڪجيل هٿ اکين تي ڍرڪي آيل.

●●●


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# هٿ ريڪائون ـ ٻند گهڙيون

هو ريڊيو تي لائيو پروگرام جي ڪمپيئرنگ ڪري رهيو آهي.

پروگرام ختم ٿيڻ ۾ اڃا پورا پندرهن منٽ آهن، جو هو شيشي جي ٻئي پار ويٺل آپريٽر کي هلندڙ ڪلام فيڊ آئوٽ ڪرڻ جو اشارو ڏئي ٿو. آپريٽر حيرت مان ڏانهنس ڏسي ٿو، ۽ ڪلام فيڊ آئوٽ ڪرڻ بجاءِ وال ڪلاڪ ڏانهن ڏسي ٿو، ۽ پوءِ ڪِي ڏيئي ڪانئس پڇي ٿو، ”حسين صاحب، اڃا ته پورا پندرهن منٽ پيا آهن، ۽ توهان ڪلام فيڊ آئوٽ ڪرڻ ٿا چاهيو! ان ڪان پوءِ ته ڪيو شيٽ ۾ باقي هڪڙو ئي ڪلام لکيل آهي!“

”ها مون کي خبر آهي، پر جلدي فيڊ آئوٽ ڪر.“ حسين هڪدم وراڻي ٿو ۽ نظرون سامهون بلب تي کُپائي ڇڏي ٿو.

آپريٽر جيئن ئي ڪلام فيڊ آئوٽ ڪري ٿو، ۽ ريڊ بلب ٻرڻ سان جيئن ئي اسٽوڊيوز آن ايئر ٿئي ٿو، لفظ پنهنجو پاڻهي هن جي وات مان نڪري، مائيڪ مان ٿيندا، هوائن ۾ وڃڻ لڳن ٿا: ”اڄوڪي پروگرام جو آخري ڪلام سنڌيءَ ۾ ناهي. ممڪن آهي ته توهان کي ڪجهه حيرت ٿئي منهنجي انهيءَ عمل تي، ته مان سنڌي پروگرام ۾ ڪنهن ڌاري ٻوليءَ جو ڪلام نشر ڪري رهيو آهيان. ٻولي ته ماءُ برابر هوندي آهي، ۽ جيئن ڪا ڪا عورت اسان کي پنهنجي ماءُ جان ئي محسوس ٿيندي آهي، ائين هڪ ٻي زبان به مون کي پنهنجي ئي محسوس ٿيندي آهي، ۽ انهيءَ ٻوليءَ جو شاعر به مون کي ائين ئي محسوس ٿيندو آهي. ڄڻ پڻائيءَ جو ڀاءُ هجي. حاضر آهي توهان لاءِ خواجه فريد جو ڪلام پٺاڻي خان جي سدا حيات آواز ۾...“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بوٽ ۾ وينل آپريٽر اسٽوڊيوز جي ڪِي ڪٽي، ڪلام آن ايئر ڏئي ڇڏي ٿو، ۽ اسٽوڊيوز ۾ پٺاڻي خان جو آواز گونجڻ لڳي ٿو:

ميڏا عشق وي تون، ميڏا يار وي تون
ميڏا جسم وي تون، ميڏا روح وي تون
ميڏا قلب وي تون، جند جان وي تون
ميڏا ڪعبہ قبلا مسجد ممبر، مصحف تي قرآن وي تون...

آپريٽر ڪلام آن ايئر ڏيئي بُوٽ مان ٻاهر نڪري ڪنٽرول رُوم ڏانهن هليو وڃي ٿو، جو شايد ڪيس احساس ٿي وڃي ٿو تہ هي ڪلام پروگرام جي پڇاڙيءَ تائين ٻارنهن تيرنهن منٽ لڳاتار هلندو. هُن، بُوٽ ۾ ويهي خواجہ فريد جي فڪر ٻُڌڻ تي ڪنٽرول روم ۾ وڃي چانهن چُڪي پيئڻ کي ترجيح ڏني آهي.

آپريٽر جي بوٽ مان نڪري وڃڻ ڪان پوءِ هو اسٽوڊيوز ۾ تنها رهجي وڃي ٿو، ۽ پٺاڻي خان جي آواز سان گڏ ڪلام جي وهڪري ۾ وهندو هليو وڃي ٿو.

ميڏي فرض فريضي، حج زڪاتان
صوم صلوات، اذان وي تون
ميڏي زهدُ ڪي طاقت، اطاعت تقويٰ
علم وي تون عرفان وي تون
ميڏا ذڪر وي تون، ميڏا فڪر وي تون
ميڏا ذوق وي تون، وجدان وي تون

ڪلام جي ڪيفيت سندس اندر جي گهرائيءَ ۾ لهندي وڃي ٿي. هو مائيڪ اڳيان نونئيون ٽيبل تي رکي. نرڙ کي ٻنهي هٿن جي وچ ۾ رکي، ڪنڌ جهڪائي ٿو ڇڏي. ڪلام هلندو رهي ٿو، پر هو ڪلام جا لفظ نٿو ٻڌي. بس، لفظن ۾ سمايل احساس مڏ جيان سندس اندر ۾ اوتبو ٿو وڃي، ۽ هو پنهنجو پاڻ کي وسارڻ واري ڪيفيت ۾ گهرو ٿيندو ٿو وڃي.

اوچتو اسٽوڊيوز جو در کلي ٿو تہ هو ڇرڪي پوي ٿو. در ڏانهن ڏسي ٿو تہ ڪيس پنهنجي اکين تي يقين ئي نہ ٿو اچي.، پر جڏهن ٻاڪ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڳتي وڌي اچي ٽيبل جي پرسان بيهي ٿي ته ڪيس پنهنجي اکين تي يقين ڪرڻو ٿو پوي، ۽ ان يقين واري احساس سان سندس چپن تي مرڪ به ايري اچي ٿي. هو باڪ جي آجيان خاطر اٿڻ جي ڪوشش ڪري ٿو، پر باڪ هڪدم پهرين ته پنهنجي چپن تي آڱر رکي ڪيس خاموش رهڻ لاءِ چوي ٿي، ۽ پوءِ ساڄئي ئي هٿ سان ڪيس ويٺي رهڻ جو اشارو ڏئي، پاڻ ٻيئي هٿ ٽيبل تي رکي، تورو هيٺ جهڪي، غور سان ڪلام ٻڌڻ لڳي ٿي. سندس نظرون ڇت ۾ وڃي اٽڪن ٿيون.

ميڏي سوران دا سامان وي تون
ميڏا بخت تي نام نشان وي تون
ميڏا حسن تي ڀاڳ سهاڳ وي تون
ميڏا عشق وي تون ميڏا يار وي تون...

باڪ جون نظرون ڇت ۾ کتل رهن ٿيون، پر لڳي ٿو ڄڻ هوءَ دور خلائن ۾ ڪٿي گهوريندي هجي.

حسين حيران رهجي وڃي ٿو. پهرين ته ڪيس اها ڳالهه سمجهه ۾ نٿي اچي، ته ڇهن سالن جي ڊگهي عرصي کان پوءِ اڄ اوچتو ئي اوچتو باڪ ريڊيو تي ڪيئن هلي آئي آهي ۽ ٻيو ته شوخ ۽ چنچل ڇوڪري، جيڪا فاسٽ ميوزڪ کي پسند ڪندي هئي، اها ڄڻ ڪيس خواجه غلام فريد جي فڪر ۾، پٺاڻي خان جي آواز جي ناوَ ۾ لڙهندي نظر ٿي اچي.

ميڏا ڏيکڻ ڀالڻ، جاچڻ جوچڻ
سمجهڻ ڄاڻ سڃاڻ وي تون
ميڏا عشق وي تون ميڏا يار وي تون...

حسين حيرت مان يڪ ٽڪ باڪ ڏانهن ڏسندو ۽ مرڪندو رهي ٿو. سندس دل چاهي ٿي ته اڳ جيان اڄ به هو باڪ کي چرچي ۾ ڪو شوخ جملو چئي ڏئي، پر هو باڪ جي ڪلام ۾ سنجيدگي ۽ ڪنسنٽريشن ڏسي خاموش رهي ٿو، تڏهن به حسين جي دل ۾ اهو خيال ضرور ڪَرَ موڙڻ لڳي ٿو، ته هوءَ شايد اداڪاري ڪري رهي آهي، ۽


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪلام ختم ٿيڻ کان پوءِ هوءَ شرارت مان وڏو ٽهڪ ڏيندي. "ها ها- ها ها- ڏسو منهنجي اندر جو فنڪار اڄ بہ زندهہ آهي!"

ڪلام هلندو رهي ٿو:

ميڏي وحشت جوش جنون وي تون

ميڏا گريہ آهہ و فغان وي تون

ميڏا اول آخر، اندر باهر

ظاهر تي پنهان وي تون

ميڏا عشق وي تون ميڏا يار وي تون...

باک ڪلام ٻڌندي رهي ٿي ۽ هو باک ڏانهن ڏسندو رهي ٿو. اوچتو ڪلام پورو ٿئي ٿو ۽ اسٽوڊيوز ۾ ريڊ بلب ٻرڻ لڳي ٿو. هو باک سان نظرون ڪڍي مائيڪ ڏانهن منهن ڪري ٿو، ۽ سامهون وال ڪلاڪ ڏانهن ڏسي ڪلوزنگ جا لفظ چوڻ شروع ڪري ٿو "... ۽ هاڻي حسين کي اجازت ڏيو، اڄوڪي پروگرام جو وقت پورو ٿئي ٿو. چند لمحن کانپوءِ توهان خبرون ٻڌي سگهندا."

ريڊ بلب آف ٿي وڃي ٿو، ۽ ڪلوزنگ ميوزڪ هلڻ لڳي ٿي تہ حسين کي مائيڪ مان منهن هٽائڻ کان اڳ ئي ان ڳالهہ تي حيرت لڳي ٿي تہ باک جو ڪو شرارتي ٽهڪ اسٽوڊيوز ۾ چوڌار گونجيو آهي. انهيءَ حيرت واري احساس سان ئي هو ڪنڌ ورائي باک ڏانهن ڏسي ٿو، پر باک جيئن جو تيئن گم سم ويٺي رهي ٿي. حسين سمجهي وڃي ٿو تہ اڄ بہ باک واقعي اداڪاريءَ جي موڊ ۾ آهي. ڪامياب اداڪاريءَ کان پوءِ هوءَ ڪيس ڪونہ ڪو جملو چئي، ڪيترن دفعن جيان، ڪيس اهو واقعو ياد ڏياريندي، جڏهن هڪ ڊرامي جي رڪارڊنگ مهل جملن جي صحيح ادائگي نہ ڪرڻ تي حسين ڪيس دڙڪا ڏنا هئا. پر باک جيئن جو تيئن جڻ چپ کان ٻاهر ڊرو خلائن ۾ گهوريندي رهي ٿي. تڏهن حسين موقعو سمجهي، اڳي جيان باک کي ڪونہ ڪو شوخ جملو ڏيڻ خاطر مرڪي چئي ڏئي ٿو، "تنهنجي اکين ۾ ماضيءَ جا ڪي سپنا روئي رهيا آهن!"

باک نظرون هيٺ ڪري، ٿڌو ساهہ کڻي حسين ڏانهن ڏسي ٿي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ سندس اکين مان بہ ڳوڙها نڪري ڳلن تان تمي هيٺ ڪري پون ٿا.

پشيماني حسين جي مرڪ تي حاوي پئجي وڃي ٿي. ڪيس محسوس ٿئي ٿو تہ سالن جي سفر باک جي شخصيت کي بدلائي ڇڏيو آهي، ائين اٿندي ئي ڪيس باک کي اهڙو جملو نہ ڏيڻ گهربو هو. هونءَ بہ باک کي شرارتي ۽ شوخ جملا ڏيڻ وارو وقت، ڇهہ سال پوئتي رهجي ويو هو، جڏهن اڃا باک جي شادي نہ ٿي هئي ۽ هوءَ ريڊيو تي وٽس پئي پروگرام ڪرڻ ايندي هئي.

باک بنا ڪجهہ چوڻ جي چپ چاپ ويٺي رهي ٿي. هو پشيمانيءَ واري حالت ۾ اتي ويهي ٿو ۽ معذرت لاءِ اڃا ڪي لفظ سوچي ٿو تہ باک بنا ڪجهہ چوڻ جي هڪدم پوئتي منهن ورائي، اسٽوڊيوز جي دروازي ڏانهن وڌڻ لڳي ٿي.

هو باک کي روڪڻ جي ڪوشش ڪري ٿو، ”باک، باک- پليز باک!“

باک در کولي ٻاهر نڪري وڃي ٿي.

هو اڳتي وڌي در کان ٻاهر نڪري ٿو. باک ڪوريڊور مان تڪڙي تڪڙي ٻاهر وڃي رهي آهي. جڏهن باک ڪوريڊور جي دروازي مان بہ ٻاهر نڪري وڃي ٿي، تڏهن حسين پنهنجي چيل جملي جي ندامت جي بار سان، بوٽ مان وڃي ٽيپس کڻي ٿو ۽ آهستي آهستي هلندو، ڪوريڊور مان ٻاهر نڪري ٿو. ميوزڪ لائبريريءَ ۾ ٽيپس ڏئي، ڊيوٽي روم جي در وٽان گذري ٿو تہ اندر نظر پئجي وڃيس ٿي. هڪ خاتون اناؤنسر باک کي ويهڻ لاءِ زور پري رهي آهي، پر باک بيٺي بيٺي ئي ڪانئس موڪلائڻ جي ڪوشش ڪري ٿي، ”تمام جلديءَ ۾ آهيان، وري ڪڏهن ٻئي دفعي ايندس. ڏس، شام جا پنج ٿي رهيا آهن ۽ مون کي گهر واپس پهچڻو آهي.“

”نہ پئي نہ. شاديءَ کان پوءِ سالن تائين غائب رهي آهين. وري الائي ڪڏهن اچين.“ خاتون اناؤنسر باک جو هٿ پڪڙيندي چوي ٿي.

حسين ڊيوٽي روم جي در ويجهو وڃي، چوڪاني تي هٿ رکندي باک کي سڏي ٿو، ”باک!“ باک ڪنڌ ورائي حسين ڏانهن ڏسي ٿي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”فقط هڪڙي منٽ لاءِ اچو!“ حسين باک کي رڪئيسٽ ڪرڻ واري لهجي ۾ چوي ٿو.

خاتون انائونسر ٿورو حيرت مان حسين ڏانهن ڏسندي باک جو هٿ ڇڏي ٿي ڏئي. باک ٻاهر اچڻ لڳي ٿي. حسين دروازي کان ٿورو پاسيرو ٿي ڪوريڊور ۾ بيٺي رهي ٿو.

”جي!“ باک حسين جي ويجهو اچي هلڪي آواز ۾ چوي ٿي.

”ٿي سگهي ٿو تہ منهنجي چيل جملي لاءِ مون کي معاف ڪري ڇڏيو.“ حسين معذرت ڀرئي لهجي ۾ چوي ٿو.

”توهان غلط ٿوروئي چيو جو معافي ٿا وٺو!“ باک ٿڌو ساهہ کڻي ڪنڌ جهڪائي ٿي ڇڏي.

”ڇا!“ حسين حيرت مان ورائي ٿو، ”مون سمجهيو ڪونہ!“

باک ڪنڌ مٿي ڪري مرڪي پوي ٿي، ”توهان کي هر ڳالهہ دير سان سمجهہ ۾ ايندي آهي، انهيءَ ۾ منهنجو قصور تہ ڪونهي!“

هو ڦڪي مرڪ مرڪي پوي ٿو. موضوع بدلائڻ خاطر چوي ٿو، ”ٻڌو اٿم لاهور ۾ پيا رهو.“

”ها، سال ٿي ويا آهن.“ باک ورائي ٿي، ”چار ڏينهن اڳ ئي ڪجهہ ڏينهن لاءِ آئي آهيان.“

”اڄ اوچتو هتي ڪيئن اچي ويئو؟“

”پرسان ئي شاپنگ ڪرڻ آئي هيس. واپس وڃڻ لاءِ گاڏيءَ ۾ ويهي ريڊيو آن ڪيم تہ توهان جو آوار ٻڌم، ۽ هلي آيس.“ باک ورائي ٿي. ”اڄ توهان پاڻ پئي پروگرام جي ڪمپيئرنگ ڪئي.“

”ها اتفاق سان ڪمپيئر نہ پهتي هئي“. حسين چوي ٿو ”توهان چانهہ پيئندؤ.“

”هڪڙي شرط سان!“ باک مرڪي پئي ٿي.

”ها، چئو!“

”ساڳي باڪڙا هوٽل واري چانهہ“، باک ٺهڪ ڏيئي کلي پوي ٿي.

”ها، بلڪل ساڳي باڪڙا هوٽل واري چانهہ، پيگل ڪنارين واري


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪپ ۾!“ حسين مرڪي وراڻي ٿو.

”نيڪ آ، توهان پنهنجي آفيس ۾ وڃو. مان ڊيوٽي روم مان پنجن منٽن اندر فريده کان موڪلائي اچان ٿي.“

”اوڪي، پر ساڍا پنج منٽ نه ٿيڻ گهرجن.“ حسين مرڪندي واچ ڏانهن ڏسي ٿو.

باک مرڪي ڊيوٽي روم ڏانهن هلي وڃي ٿي.

حسين پنهنجي ڪمري ڏانهن وڌي وڃي ٿو. ڪمري ۾ داخل ٿئي ٿو ته اڳ ۾ ٽيليفون بيل وڄي رهي آهي. هو اڳتي وڌي ڪرسيءَ تي ويهندي فون کڻي ٿو: ”هيلو!“

ٻئي پاسي جو آواز ٻڌي سندس چپن تي مرڪ پکڙجي وڃي ٿي.

”ڪٿي هئينءَ، ٻن ڏينهن کان پوءِ فون ڪئي اٿئي؟“ حسين مائوٿ پيس چپن جي ويجهو آڻي، نهايت جهيڻي آواز ۾ ڳالهائڻ شروع ڪري ٿو.

ڏهه سال اڳ جڏهن هو پروڊيوسر ٿيو هو ۽ ڇهه مهينا اسلام آباد ۾ رهي ٽريننگ پوري ڪئي هئائين ته سندس پهرين پوسٽنگ هن اسٽيشن تي ٿي هئي. هتي جيڪو پهريون پروگرام ڪيس ڏنو ويو هو، ان ۾ ڪيترن اهڙن ماڻهن جي بڪنگ ٿيل هئي، جيڪي هن جي خيال ۾ پروگرام سان زيادتيءَ جي برابر هيا. هن اهڙن ماڻهن کي پروگرام مان ڌار ڪرڻ لاءِ سوچيو هو، ته انهن ئي ڏينهن ۾ جوگر شوز پهريل، ننڍي عمر جي هڪ شوخ ۽ چنچل قسم جي ڇوڪري هن جي ڪمري ۾ هلي آئي هئي.

”مان باک آهيان!“

حسين واچ ڏانهن ڏسي شرارت مان چيو هو، ”منجهند جا ٻارهن لڳي سترهن منٽ ۽ ٻٽيهه سيڪنڊ ٿي رهيا آهن. هن مهل باک ڪٿان آئي!“

هوءَ بي اختيار ٽهڪ ڏئي کلي پئي. چيائين ”مان توهان جي ڪمري ٻاهران توهان جو نالو پڙهي اندر آئي آهيان. توهان ڪهڙي قسم جا شاعر آهيو!“

”هاڻي مون کي پنهنجو قسم ٻه توهان کي ٻڌائڻو پوندو!“

هن وري هڪ زوردار ٽهڪ ڏنو هو، ۽ چيو هئائين، ”منهنجو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مطلب آهي، شاعر تہ باک جي آجيان ڪندا آهن. توهان تہ ويهڻ جي صلاح بہ نٿا ڪيو!“

”پر مان بدقسمتيءَ سان پروڊيوسر بہ آهيان.“

هن شرارت مان چيو هو، ”۽ پروڊيوسر تہ چوڪرين جي آجيان لاءِ آتا وينا هوندا آهن!“

باک جو جملو ٻڌي هو ٺهڪ ڏئي، کلي پيو هو. چيو هئائين، ”مان نئون آهيان، اجا اهڙو مرحلو ناهي آيو. پر هڪ ڳالهہ ٻڌي ڇڏيو، هر پروڊيوسر ائين ناهي هوندو“.

”پوءِ نيڪ آ، مان پاڻهي تي ويهي رهان.“ باک مرڪي ٽيبل جي ٻئي پر هن جي سامهون ڪرسيءَ تي ويهندي چيو هو.

هو ٽيبل تي ٻانهون رکي ٿورو اڳتي سري آيو هو ۽ شرارت مان چيو هئائين، ”خير، مان توهان جي آجيان ڪيان ٿو، توهان کي ويلڪم ٿو چوان!“

”اي، اي شاعر، پروڊيوسر، شاعري ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪجانءِ، بابي جو نالو ٻڌائيندي سانءِ تہ سموري شاعري وسري ويندئي!“ باک شوخيءَ سان مرڪي چيو هو.

”جو تنهنجو پيءُ رينجرس جو صوبيدار آ ڇا؟“ هو مرڪي پيو هو ۽ جڏهن باک پنهنجي پيءُ جو نالو ٻڌايو هو تہ هو واقعي ڇرڪي پيو هو. باک پنهنجي وقت جي تمام وڏي براڊڪاسٽر جي ڌيءَ هئي. اهڙو براڊڪاسٽر، جنهن کي هن پنهنجي سانپر ڪان وني ٻڌو هو ۽ جنهن جو آواز ۽ انداز اڄ بہ هن جي ذهن ۾ ڏاڍي چٽائيءَ سان موجود هو. تڏهن هن پهريون دفعو باک سان سنجيدگيءَ سان ڳالهايو هو، ”باک، براڊڪاسٽنگ جي تاريخ ۾ توهان جي بابا جو هڪ وڏو نالو آهي. سچ پچ مون کي توهان سان ملي خوشي ٿي آهي.“

باک وري شرارتي لهجي ۾ چيو هو، ”پر مون کي تہ اجا تائين توهان سان ملي خوشي ناهي ٿي!“

ڇا مطلب؟“ هو مرڪي پيو هو.

”مون کي تہ تڏهن خوشي ٿيندي، جڏهن مون کي توهان کو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پروگرام ڏيو.“ باک مرڪندي سڌي سنئين ڳالهه ڪئي هئي.

هو مرڪي پيو هو، ”هون! تہ توهان ان ڪري منهنجي ڪمري ۾ آيا هيئو!“

”بيو نہ تہ ڪو توهان جي شاعري ٻڌڻ توروئي آئي آهيان.“ هوءَ کلي پئي هئي.

”مان پنهنجي شاعري ڪيسي ۾ کڻي نہ هلندو آهيان.“

”ڪيسي ۾ کڻڻ جي ضرورت ئي نہ هوندي، جو اها تہ توهان کي سڄي ياد هوندي.“ باک شرارت مان وراڻيو هو، ”۽ شاعري تہ توهان چانهہ گهرائي پوءِ ٻڌائيندا.“

هن کلي، پٽيوالي کي سڏي چانهہ آڻڻ لاءِ چيو هو ۽ پوءِ باک ڏانهن منهن ڪري چيو هئائين، ”پروگرام مان توهان کي توهان جي بابا جي نالي جي ڪري نہ ڏيندس.“

”معاف ڪجو، اهو مان بہ نٿي چاهيان.“ باک سنجيدگيءَ سان وراڻيو هو.

هن کي لڳو هو، ڄڻ باک پنهنجي عمر کان وڏي ڳالهہ ڪئي هئي.

حسين چيو هو، ”ها، اها ڳالهہ نيڪ آهي، اڳي ڪهڙا پروگرام ڪيا اٿو؟“

”فقط هلڪا سلڪا اعلان ئي پڙهيا اٿم. ڪو ڍنگ جو پروگرام مليو ئي ناهي!“ باک شڪايتي لهجي ۾ وراڻيو هو.

”چئبو تہ حال ڪونهي!“ هو مرڪي پيو هو.

”ائين بہ تہ ٿي سگهي ٿو تہ هتي موجود پروڊيوسرن جو حال پورو هجي!“ باک تلخ لهجي ۾ چيو هو، ”هنن وٽ ٽئلينٽ پرکڻ جي صلاحيت ئي نہ هجي.“

باک جي بيباڪيءَ هن کي حيران ڪري وڌو هو. تڏهن هن باک سان هڪ اهڙي نئين سلسلي لاءِ ڊسڪس ڪيو هو، جيڪو بين سينيئر آرٽسٽن بہ فقط ان ڪري نٿي ڪيو، جو اهو انتهائي محنت طلب ۽ مشڪل هو.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باڪ چئلينج جي طور تي هڪدم اهو سلسلو ڪرڻ لاءِ هاڪار ڪئي هئي، ۽ چانهه پيئڻ کان پوءِ ساڳئي شوخ لهجي ۾ چيو هئائين، ”سر! هاڻي باڪ وڃي؟“

”اوڪي. مان توهان جي اسڪرپٽ جو انتظار ڪندس.“

باڪ وڃڻ لاءِ اٿي هئي نه هن به اٿي بيهي ڪيس خدا حافظ چيو هو.

فقط ٻن ڏينهن کان پوءِ باڪ اسڪرپٽ کڻي آئي هئي ته هو سندس اسڪرپٽ پڙهي حيران ٿي ويو هو. ڪيس يقين ئي نٿي آيو ته ڪاليج گرل نظر ايندڙ ٽين ايجر ڇوڪري ايڏو پرپور اسڪرپٽ لکي سگهي ٿي!

اسڪرپٽ جي رهرسل ۾ به باڪ ڪيس مطمئن ڪيو هو. ۽ جڏهن هو باڪ جي آواز ۾ اسڪرپٽ رڪارڊ ڪرڻ لاءِ پينل تي وينو هو، تڏهن ته سندس حيرت ۾ تهائين واڌارو اچي ويو هو. باڪ مائيڪ تي وڃي وڏيڪ پراعتماد ٿي وئي هئي ۽ لفظن کي انهن جي اصل مفهوم سان اچاري احساس کي ڪميونيڪيٽ ڪري وئي هئي.

”ڇوڪري، تون ته واقعي ڏاڍي ٽئلينٽيڊ آهين!“ هن خوشيءَ مان باڪ کي ڪامپليمينٽس ڏيندي چيو هو.

حسين باڪ کي سندس ٽئلينٽ جي ڪري مستقل طور تي پروگرام ۾ بڪ ڪري ڇڏيو هو. باڪ جو پروگرام ته هفتي ۾ هڪڙو ڏينهن هو، پر هوءَ پروگرام کان سواءِ به اڪثر ريڊيو تي ايندي هئي ۽ اچڻ شرط حجت سان چوندي هئي، ”سر، چانهه پياريو!“

هڪ دفعي باڪ جو پيءُ هن کي ٿينڪس چوڻ آيو هو، ”توهان باڪ جو خيال رکيو آهي، سندس مدد ڪئي آهي، مان توهان جو ٿورائتو آهيان.“

”نه سر، مون سندس ڪابه مدد ناهي ڪئي. پروگرام هوءَ پنهنجي صلاحيتن سبب ڪري رهي آهي. ها، باقي مان توهان جي ڪري هن جو ڪجهه وڌيڪ خيال ضرور رکندو آهيان!“

باڪ جو پيءُ هن جا ٿورا مڃي هليو ويو هو.

ڪجهه ڏينهن کان پوءِ باڪ آئي هئي ته هن ڪيس ٻڌايو هو ته تنهنجو بابا آهيو هو. تڏهن اوچتو باڪ جو لهجو الائجي ڇو تلخ ٿي ويو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو، "هون! اڳي ڏاڍو خيال رکيو اٿائين، جو هاڻي وتي ٿو پارتون ڪندو!"
۽ پوءِ هوءَ پنهنجي پيءُ جي ننڍين وڏين شڪايتن جو دفتر کولي ويهي رهي هئي.

هو باڪ کي سمجهائيندو رهيو هو "ڇري ڇوڪري! اهڙيون گهٽ وڌايون هر گهر ۾ ٿينديون آهن، پر وڏن لاءِ گهٽ وڌ ناهي ڳالهائبو."

"اوبر تہ نڪري وڃڻ گهرجي نہ!" باڪ ڪِلي پيئي هئي.

"پر گهر جون ڳالهيون ٻاهر نہ ڪرڻ گهرجن." هن ڪيس سمجهايو هو.

"معاف ڪجو، اهي ڳالهيون مان فقط توهان سان ڪندي آهيان. چڱو هاڻي جلدي چانهہ پياريو."

ائين ئي هوءَ ٺهڪ ڏيندي ايندي هئي ۽ دوستن وانگي هيڏانهن هوڏانهن جون ٽڙاڪ ڦڙاڪ ڳالهيون ڪندي هئي. ڪي شرارتي جملا ٻڌندي هلي ويندي هئي. وڃڻ وقت هر دفعي ساڳيو جملو چوندي هئي، "سر هاڻي باڪ وڃي؟"

هو کيس مرڪي اجازت ڏيندو هو، "جيڪا مرضي باڪ جي!"
۽ باڪ مرڪندي هلي ويندي هئي.

هڪ ڏينهن باڪ هن جي آفيس ۾ آئي هئي تہ روٽين جي ابتڙ نہ تہ اچڻ سان چانهہ جي حجت ڪئي هئائين ۽ نہ ئي ڪا جملي بازي. تڏهن باڪ کي چيو هو، "اڄ تون باڪ بجاءِ سانجهي جو لڳي رهي آهين؟"

"ڳالهہ ئي اهڙي آهي." باڪ منهن سڄائي چيو هو.

"ڇا ڳالهہ آ؟"

"منهنجي انگيجمنٽ ٿي رهي آهي!" باڪ ساڳي ناراض لهجي ۾ چيو هو.

"تہ پوءِ ان ۾ منهن سڄائڻ جي ڪهڙي ڳالهہ آهي." هن کلي چيو هو.

"هيڏي وڏي خبر ٻڌڻ کان پوءِ توهان کي، مون کي اهو جملو چوڻو هو!" باڪ ناراضگيءَ مان چيو هو.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”قطعي نہ.“ هن وراڻيو هو، ”مون وٽ ٻہ توکي ٻڌائڻ لاءِ هڪ وڏي خبر آهي تہ منهنجي هتان بدليءَ جا آرڊرس اچي ويا آهن!“

”ڇا؟“ باک پريشان ٿي وئي هئي، ”توهان مذاق تہ نٿا ڪيو؟“

”نہ، اڄ ئي آرڊر ٿيو آهي. هڪ هفتي اندر مان هتان رليو ٿي ڪوئيٽا هليو ويندس.“

ڪجهہ دير باک چپ ويٺي رهي هئي ۽ پوءِ هن کان موڪلائي هلي وئي هئي.

اهو سڄو هفتو باک روز هن سان ملڻ لاءِ ايندي رهي هئي، پر ڪنهن شوخيءَ ۽ شرارت کان سواءِ ڪجهہ دير هن وٽ ويهي هلي ويندي هئي. هُو باک کي سمجهائيندو رهندو هو تہ نوڪري ڪرڻي آهي، وري قسمت هوندي تہ تنهنجي شهر ۾ بہ اچبو.

آخري ڏينهن تي باک کيس چيو هو ”منهنجي شاديءَ ۾ ايندئو؟“

”تون دعوت ڏيندينءَ تہ ڇو ڪونہ ايندس؟“ هن مرڪي پختي لهجي ۾ چيو هو.

۽ پوءِ آخري ڏينهن تي باک وري ٺهڪ ڏئي، جملي بازي ڪري ڪانئس کلي موڪلائي ويئي هئي.

هو ڪوئيٽا پهتو هو تہ ٻئي ڏينهن تي ئي باک کيس فون ڪئي هئي. هو حيران ٿي ويو هو، ”باک! تو منهنجو فون نمبر ڪٿان آندو؟“

”اهڙ وري ڪهڙو وڏو مسئلو آهي،“ ٺهڪ سان گڏ باک جو آواز رسيور مان ابريو هو، ”ڪوئيٽا جي ڊيوٽي روم مان فون ڪري پڇيم!“

”تون منهنجي اندازي کان وڌيڪ چالاڪ ڇوڪري آهين!“ هو مرڪي پيو هو.

”چالاڪ نہ، مخلص، يا ڪٿي بيوقوف ئي چئو!“

۽ پوءِ اڪثر باک کيس فون ڪندي هئي. سندس خيريت پڇندي، ڪڏهن ڪا ڳالهہ شيئر ڪندي ۽ ڪڏهن وري ساڳي جملي بازي ڪندي هئي.

هڪ دفعي باک جي فون سبب هو پريشان ٿي ويو هو.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”سَر، مان اڄڪلهہ پريشان آهيان!“ باک جو رسيور مان آواز اڀريو هو.

”ڇو، ڇا ڳالهہ آهي؟“

”بس ائين ئي!“ باک اداسيءَ مان چيو هو.

”باک، تون ٻڌائين چو نٿي، ڳالهہ ڇاهي؟“ حسين زور ڀريو هو.

”هر ڳالهہ ٻڌائي تہ ناهي سگهبي نہ!“ باک جي انهيءَ جملي سان گڏ رسيور مان سڏڪو اڀريو هو ۽ فون بند ٿي وئي هئي.

هو سوچ ۾ پئجي ويو هو. عجيب ڪشمڪش ۾ پئجي ويو هو.

ڪجهہ ئي دير کان پوءِ باک ڪيس ٻيهر فون ڪئي هئي.

”سر، توهان پريشان تہ نہ ٿي ويا هئا؟“ باک کلندي پڇيو هو. ”اها بہ ڪا پڇڻ جهڙي ڳالهہ آهي باک“. هن ڏکاري لهجي ۾ وراڻيو هو.

”سر، هڪڙي ڳالهہ ٻڌايو. سچي سچي.“

”ها، پڇ!“

”توهان کي واقعي منهنجو ايترو خيال آهي؟“

”باک! توکي مون کان اهو سوال پڇڻ جي ضرورت محسوس ٿي آهي، اهو ڄاڻي مون کي افسوس ٿي رهيو آهي.“

”نہ سر، پليز توهان ناراض نہ ٿيو!“ باک جي لهجي ۾ منت جو تاثر هو.

”نہ، مان ناراض ناهيان، پر ٻڌاءِ ڳالهہ ڇاهي؟“

”ڳالهہ تہ ڪائي بہ ناهي،“ باک جو ٽهڪ اڀريو هو، ”بس توري دير لاءِ اداڪاري ٿي ڪيم. پر هاڻي توهان کي هڪ رڪئيسٽ ڪرڻي اٿم.“

”ها چئو“.

”توهان هڪ ڀن ڏينهن لاءِ حيدرآباد نٿا اچي سگهو؟“

”ڇو، تنهنجي شادي ٿي رهي آهي؟“

باک جو وڏو ٽهڪ اڀريو هو، ”نہ، انهيءَ ۾ تہ اڃا دير آهي بس، ائين ئي دل چاهي ٿي.“

”ڏاڍو مشڪل آهي باک. ها، باقي تنهنجي شاديءَ ۾ ضرور


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اينڊس. اهو توسان وعدو ڪيل آهي.“

ائين ٻن سالن تائين باڪ ڪيس فون ڪندي رهي هئي. روئڻ، ڪلڻ، جملي بازي، حيدرآباد اچڻ لاءِ چوڻ، پر هو ڪڏهن به وري حيدرآباد نه وڃي سگهيو هو. هو چاهيندي به باڪ جي شاديءَ ۾ نه وڃي سگهيو هو، ڇوته ان ڏينهن هن کي هڪ وي. آءِ. پي شخصيت جي فنڪشن جي ڪوريج لاءِ او. بيءَ تي وڃڻو پئجي ويو هو ۽ ڪيس موڪل نه ملي هئي.

ان کان پوءِ هنن جو رابطو ڪٽجي ويو هو. باڪ وري ڪيس فون نه ڪئي هئي. حسين محسوس ڪيو هو ته باڪ شاديءَ ۾ نه اچڻ ڪري ڪانئس ناراض هوندي، يا وري هوءَ پنهنجي دنيا ۾ مصروف ٿي ويئي هوندي.

حسين پورا پنج سال ڪوئيٽا ۾ رهيو هو، ۽ پوين ٽن سالن ۾ باڪ جي ڪيس ڪا به خبر چار نه ملي هئي. پنجن سالن کان پوءِ حسين کي ڪوئيٽا کان وري حيدرآباد بدلي ڪيو ويو هو.

حيدرآباد ۾ حسين کي ڪنهن ٻڌايو ته باڪ جي ايم. بي. اي ڪيل مڙس شيراز کي لاهور جي ڪنهن پرائيويٽ فرم ۾ سٺي جاب ملي ويئي آهي، ۽ باڪ گذريل اڍائي سالن کان مڙس سان گڏ لاهور ۾ پئي رهي، ۽ هڪ ٻار جي ماءُ به آهي.

حسين باڪ کي ڪمري ۾ اندر ايندي ڏسي، نهايت هلڪي آواز ۾ فون تي چوي ٿو، ”هاڻي فون بند ٿو ڪيان.“

باڪ اڳتي وڌي ڪرسيءَ جي پرسان اچي پهچي ٿي

حسين وڌيڪ آهستگيءَ سان فون تي چوي ٿو، ”سمجهندي ڪر نه. چڱو، ڪلاڪ کن کان پوءِ ٻيهر رنگ ڪجانءِ.“ باڪ حسين جا آهستي چيل لفظ ٻُڌي وٺي ٿي ۽ مُرڪي پوي ٿي.

حسين رسيور ڪريڊل تي رکي ڇڏي ٿو، ۽ ڦڪي ڦڪي مرڪ سان باڪ ڏانهن ڏسي ٿو.

”آءِ ايم ساري، توري دير ٿي وئي اچڻ ۾. ڦريده چانهه پيارڻ کان سواءِ نه ڇڏيو.“ باڪ ٽيبل جي ٻئي پاسي حسين جي سامهون ويهندي چوي ٿي، ”ڪنهن سان پئي ڳالهايوَ!“


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ڪنهن دوست سان!“ حسين لنوائڻ جي ڪوشش ٿو ڪري.
”دوست يا دوستِ؟“ باک ٻنهي لفظن تي زور ڏئي مرڪندي چوي ٿي، ”ڪير آهي؟“
”ڪھڙو فرق ٿو پوي انهيءَ سان!“ حسين وراڻي ٿو، ”بس ائين ئي فون ڪندي آهي ۽ مان بہ وقت گذارڻ لاءِ ڳالهائي وٺندو آهيان!“
”هون! وقت گذارڻ خاطر!“ باک معنيٰ خيز مرڪ سان پڇي ٿي، ”شادي ڪئي اٿو؟“
”نہ!“
”چو؟“
”شدت سان ڪنهن چاهيو ئي ڪونہ!“ حسين مرڪي پوي ٿو.
”اهو فيصلو توهان ڪيئن ٿا ڪيو!“ باک جي مرڪ وڌيڪ معنيٰ خيز ٿي وڃي ٿي، ”انهيءَ جي خبر تہ چاهڻ واري کي هوندي.“
”ڇڏ انهن ڳالهين کي باک!“ حسين سنجيده ٿيندي چوي ٿو، ”پهرين تہ تون مون کي اسٽوڊيوز ۾ چيل جملي تي دل سان معاف ڪر.“
”توهان ڏاڍو خوبصورت جملو چيو هو.“ باک مرڪي حسين جي جملي کي ورجائي ٿي، ”تنهنجي اکين ۾ ماضيءَ جا ڪي سپنا روئي رهيا آهن!“
”۽ منهنجي جملي توکي رئاري بہ ڇڏيو!“ حسين افسوس سان چوي ٿو، ”ريئلي مون ائين ئي مذاق ۾ توکي جملو چئي ڇڏيو هو، منهنجو مقصد ڪنهن بہ طرح سان توکي هرٽ ڪرڻ نہ هو.“
باک ڪنڌ هيٺ ڪري ٿڌو ساهہ کڻي ٿي، ۽ پوءِ حسين ڏانهن ڏسندي چوي ٿي، ”پر توهان غلط ٿورو ئي چيو هو!“
”ڇا ڳالهہ آهي باک!“ حسين فڪرمنديءَ واري لهجي ۾ چوي ٿو، ”تون خوش تہ آهين نہ پنهنجي زندگيءَ مان!“
باک مرڪي پئي ٿي ۽ وراڻي ٿي، ”سنو گهر آهي، گاڏي آهي، بئنڪ بئلنس آهي، خوبصورت لائيف پارٽنر آهي، ٻيو ڇا گهرجي هڪ عورت کي!“ جملو چوندي چوندي باک جي اکين ۾ لڙڪ مڙي ٿا اچن.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”مون کي لڳي ٿو، تون ڳجهارتن ۾ پئي ڳالهائين باک!“

”مان ڳجهارتن ۾ نہ پئي ڳالهايان.“ باک پنهنجون ٻانهون ٽيبل تي رکندي چوي ٿي، ”چو تہ توهان ڳجهارتن کي سمجهي ناهيو سگهندا! لفظن جي تهہ تائين پهچڻ جي ڪوشش ئي ناهيو ڪندا.“

”تون مون کي ايترو سطحي ذهن جو مالڪ سمجهيو آهي!“ حسين ڦڪي مرڪ سان چوي ٿو.

”نہ، مون ائين تہ ڪونہ چيو تہ توهان ۾ لفظن جي تهہ تائين پهچڻ جي صلاحيت ڪانهي.“ باک وراڻي ٿي، ”پر مون فقط اهو چيو تہ توهان لفظن جي تهہ تائين پهچڻ جي ڪوشش ناهيو ڪندا!“

حسين ڪرسيءَ کي ٽيڪ لڳائي، ٿڏو ساهہ کڻي هڪ لمحي لاءِ سوچ ۾ پئجي وڃي ٿو ۽ پوءِ چوي ٿو، ”چڱو مون کي اهو ٻڌاءِ، تون منهنجي جملي تي روئي چو پئي هئينءَ!“

”بس ائين ئي مون توهان جو جملو ٻڌي ٿورو رليڪس فيل ڪيو هو.“

”تہ پوءِ اهڙا ڏهہ ويهہ جملا مان ٻيا بہ تو چوان!“ حسين ماحول جي تلخي ختم ڪرڻ خاطر مرڪي پوي ٿو. باک ٿڌو ساهہ کڻي گهور ڪري حسين ڏانهن ڏسي ٿي.

حسين ڦڪي مرڪ مرڪندو رهي ٿو.

”چئو، چئو نہ- چپ چو وينا آهيو!“ باک لفظن تي زور ڏيندي چوي ٿي.

”هاڻي ڪجهہ چوڻ جو وقت ئي ڪٿي رهيو آ!“ حسين جي وات مان، پيجري مان اوچتو پڙڪو ڏئي نڪرندڙ پکيءَ جيان جملو نڪري وڃي ٿو.

حسين جي چهري تي، پنهنجي ئي چيل جملي جي گرميءَ جو احساس جاڳي پوي ٿو.

”چئو. چئو چاتا چوڻ چاهيو!“ لفظ ڪنهن اڌمي جيان باک جي اندر مان ڦٿڻ لڳن ٿا. ”ڪڏهن ڪڏهن دل مان اٿندڙ ڪنهن هڪ جملي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي ڇپن مان آزاد ڪرڻ ڪان روڪيو آهي ته اهوئي جملو اندر جو روڳ ٻڌجي ويندو آهي!"

باک جي لفظن ۾ لڪل درد حسين کي جهنجهوڙي ڇڏي ٿو. هو ٻنهي هٿن کي زور سان پنهنجي چهري مٿان گهمائي ٿو، ۽ هٿن کي ڪاڏيءَ وٽ روڪي، گهور ڪري باک ڏانهن ڏسي ٿو. هلڪي مرڪ ڇپن تي آڻي چوي ٿو، "مان جيڪو ڪجهه چوان، اهو تون ٻڌي سگهندينءَ!"

"مون توهان کان ڪجهه ٻڌڻ ته چاهيو آهي!"

"شيراز خوش قسمت هو، جنهن توکي حاصلِ ڪري ورتو!"

حسين ڪوڙي مرڪ جو اشتهار ٻنجڻ جي ڪوشش ٿو ڪري.

باک جي چهري تي درد جون ريکائون ڪَرَ موڙڻ لڳن ٿيون.

اکيون آگر ٿيندي محسوس ٿي ڪري. ڪنڌ جهڪائي ٿي ڇڏي. ٿڏو ساهه کڻي ڪنڌ مٿي کڻي ٿي ته بادل برسي ٿا پون، "مون ته تصور به نه ڪيو هو ته ڪڏهن توهان کي منهنجي لاءِ ائين سوچڻ جي فرصت ملي هوندي!"

حسين پاسي تي ڪنڌ ورائي هيٺ جهڪائي ٿو ڇڏي.

باک درد جي چادر ۾ ويڙهبي ٿي وڃي، ۽ پنهنجي ڳالهه جاري رکندي چوي ٿي، "موڪلائڻ مهل سدائين مان هڪڙو جملو چوندي هيس، "هاڻي باک وڃي؟" ۽ توهان ته ڪڏهن باک کي روڪڻ جي ڪوشش ئي نه ڪئي هئي!"

ڪوريڊور ۾ ڪنهن جي قدمن جو آواز ٻڌي، باک پنهنجا لڙڪ اگهي ڇڏي ٿي. قدمن جا آواز دور ٿيندا ٿا وڃن.

حسين پنهنجا ٻئي هٿ، پنهنجي اکيان سدا ڪري، پنهنجي هٿن کي گهوريندي چوي ٿو، "مون کي ته پنهنجون هٿ ريکائون اهي بند گهنٽيون لڳنديون هيون، جن مان ڪنهن جو گذر ئي نه ٿيو هجي!"

"ڪڏهن ڪڏهن بند گهنٽيءَ جي ڪنهن اوٽ ۾، ڪوئي مسلسل ڪنهن جو انتظار ڪندو رهندو آهي، ۽ ان گهنٽيءَ جي رهندڙ کي خبر ئي نه پوندي آهي!" باک ڇُلي پوي ٿي، "ڪجهه دير اڳ ئي هيٺ ڪوريڊور


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ مون توهان کي چيو هو تہ توهان کي هر ڳالھ دير سان سمجھ ۾ ايندي آهي ۽ ان ڳالھ جو تہ توهان کي احساس ئي نہ ٿيو، تہ توهان کي ڪيترو شدتن سان چاهيو ويو هو!“

حسين پنهنجي ڇاتيءَ جون رڳون ڇڄنديون محسوس ڪري. سندس لفظ لفظ درد جي علامت بڻجي ٿو ويو، ”پر تو ڪڏهن اهڙو اظهار بہ تہ نہ ڪيو هو!“

”هر احساس کي اظهار جي ضرورت ناهي هوندي!“

باڪ وراڻيو، ”پر مان تہ توهان سان جملن جي ڏي وٺ ۾ مسلسل اظهار ڪندي رهي هيس. سڀ ڪجھ چوندي رهي هيس.“

حسين جي اکين مان بہ لڙڪ نڪري پنبڻين ۾ اٽڪي ٿا پون. هو پنهنجي هڪ هٿ جي آڱر ۽ آڱوٺي سان اکين کي لونڊڙين واري پاسي مهٽي، ڳوڙهن کي پنهنجي چهري جي پاسن تي ڦهلائي غائب ڪري ٿو ڇڏي. نوٽ کي ٽيبل تي رکي، نرڙ تي هٿ رکي پاڻ کي زور ڏئي ٿو، ۽ پوءِ ڪنڌ کڻي باڪ ڏانهن ڏسي ٿو، ”مان تنهنجي چيل هر جملي کي مذاق ئي سمجهندو رهيو هوس.“

باڪ جي دل- ڌرتيءَ تي ڄڻ ڪو شيشو ڀڄي ذرا ذرا ٿي ويو، ۽ هوءَ هر ذري جي درد کي ڀوڳيندي چوي ٿي، ”مان تہ سڌو سنئون اظهار نہ ڪري سگهيس. عورت هيس مان تہ — توهان تہ مرد آهيو، توهان بہ اظهار ڪري نہ سگهيؤ! توهان کي ڇا ٿي ويو هو!“

”مان تنهنجي ۽ پنهنجي عمر جي فرق ڪري ئي پنهنجي دل ۾ قيد جملي کي ڇپن کان آزاد ڪري نہ سگهيو هوس!“

”توهان فقط منهنجي ظاهري بيهڪ کي ڏسي اهو اندازو لڳايو هوندو تہ توهان جي ۽ منهنجي عمر ۾ ڏهن پندرهن سالن جو فرق آهي. فرق تہ فقط پنجن سالن جو هو!“

”ڇا! فقط پنجن سالن جو فرق!“ حسين حيرت مان باڪ ڏانهن ڏسي ٿو.

”برٿ ڊي ڪارڊس توهان کي مان ڏينديون هيس، ان ڪري مون


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي خبر هئي.“ باک جو آواز ڪنبڻ لڳي تو، ”توهان تہ مون ڪي ڪڏهن برٿ ڊي ڪارڊ نہ ڏنو هو!“

حسين پنهنجي هٿ ريڪائن ڪي غور سان ڏسي، ٻنهي هٿن جي آگرين ڪي هڪ ٻئي ۾ ڦاسائي زور ڏئي ڇڏي تو، ۽ يڪوڙيل هٿ ٽيبل تي رکي تو ڇڏي. ڄڻ پنهنجو پاڻ ڪي ڦاٽي پوڻ کان بچائڻ جي ڪوشش تو ڪري.

ٽيليفون جي گهنٽي وڄڻ لڳي تي.

باک اٿي بيهي رهي تي.

حسين ٽڏو ساهہ کڻي باک ڏانهن ڏسي تو.

ٽيليفون جي گهنٽي لڳاتار وڄندي رهي تي. باک ڪنڌ ورائي ٽيليفون ڏانهن ڏسي تي ۽ پوءِ حسين ڏانهن منهن ڪري چوي تي، ”تي سگهي تو تہ هاڻي ڪو ٻيو بہ توهان کي شدتن سان چاهيندو هجي، ۽ توهان کي ان جو احساس ئي نہ هجي!“

باک چپ چاپ ڪمري کان ٻاهر وڃڻ لڳي تي، حسين ڄڻ گهاٽي ۾ پيڙجڻ لڳي تو.

ٽيليفون جي گهنٽي لڳاتار وڄندي رهي تي.

●●●


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# هڪ سفر جو انت

مون کي ياد آهي ته هوءَ مون سان ترين جي سفر دوران ملي هئي. اها بهار جي موسم هئي ۽ مان تفريح جي ارادي سان ڪوئيٽا وڃي رهيو هئس. هوءَ به روهڙي اسٽيشن کان ساڳي سليپر ڪيبن ۾ چڙهي هئي. جنهن ۾ آئون اڳيئن اسٽيشن کان موجود هئس. اتفاق سان اها ڪئبن هُن، سندس ٻن ٻارن ۽ منهنجي لاءِ ئي "Reserve" ٿيل هئي. اسان سان گڏ سفر ڪرڻ وارو ٻيو ڪوبه نه هيو!

هن کي ڏسندي ئي منهنجي اندر ۾ الائي ڇو هڪ اڻ ڄاتل احساس پيدا ٿيو هو، جيتوڻيڪ هوءَ مون کان عمر ۾ ڪجهه سال وڏي پئي لڳي، پر پوءِ به سندس پُروقار شخصيت مون کي تمام گهڻو متاثر ڪري رهي هئي. مون هن جي ڊگهي قد ۽ سيپڪڙي جسم ۾ عجيب جادوئي ڪشش محسوس پئي ڪئي. سندس نفيس ترين چهرو هاٿيءَ جي ڏند جهڙو خوبصورت ۽ اُجرو هيو. سندس ڪنن جي پاپڙين کان مٿيون حصو دلڪش انداز ۾ ظاهر هو، هن جا وار بادلن جهڙا ڪارا چمڪندڙ ۽ ريشمي هئا. چپ هيٺان ڪاري رنگ جو تِرُ هُئس ۽ سندس ڳِلن جا هلڪا چُگهه به ڏاڍا دلربائي هئا. اکين جا تارا بلڪل ڪارا ۽ اکين مٿان پوري رنگ جون ڀِرون هئس. اهي پرون نهايت وٽندڙ ۽ ٻين اکين جي پرن کان ڪجهه مختلف پئي لڳيون. هن جي اکين جي نرالائي سندس مهانڊي جي شوخيءَ کان بلڪل مختلف هئي. هن جي حسن ۾ انفراديت ۽ ٻالڪ پڻو سمايل هو.

گاڏيءَ جي اسٽيشن ڇڏڻ کان پوءِ آئون هڪ رسالو ڪڍي پڙهڻ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڳو هئس، ڪنهن ويل آئون ٿيڏيءَ اک سان هن ڏانهن به ڏسي رهيو هئس. هن جا ننڍا ٻار ڪنهن ڳالهه تي ضد ڪري رهيا هئا ۽ هُوءَ ڪين راضي ڪرڻ جي چڪر ۾ رڌل هئي. هن جو آواز مون کي ڪنهن ٻيءَ دنيا مان ايندڙ نهايت رسيلو ۽ ترنم ۾ ٻُڏل محسوس ٿي رهيو هو. اهو آواز ٻڌندي ۽ رسالي ۾ اکيون اٽڪائي مان زندگيءَ جي تصور ۽ آرزوئن جي دنيا ۾ گُم ٿيڻ لڳو هئس ۽ نيٺ مان مڪمل طور لاشعور جي دنيا ۾ وڃائجي ويس. شعور جي دنيا ۾ واپس تڏهن وريو هئس جڏهن ٽرين هڪ اسٽيشن تي بيٺي هئي. مون جڏهن پنهنجيون اکيون کوليون ته هوءَ ڏاڍي گهرائيءَ سان مون ڏانهن ڏسندي، سامهون ويٺي چانهن پي رهي هئي، جڻ ته مون بابت ڪنهن سوچ ۾ ٻڏل هئي.

هن جا ٻار هاڻي برٿ تي سمهي چڪا هئا. مان به سيٽ تي سڌو ٿي پاڻ کي ٺيڪ ڪري رهيو هئس، ته هن اوچتو ۽ پاڻ مرادو مون کان چانهن جو پڇيو هو. مان غيريقيني ڪيفيت مان گذرنڌي ۽ حيرت مان چپ پڪوڙي هن جي صلاح قبولڻ يا رد ڪرڻ متعلق اجا ڪجهه سوچي ئي رهيو هئس، ته هُن چانهن جي ٿرماس مان مون لاءِ ڪوپ پرڻ شروع ڪيو هو، ۽ ڪجهه سيڪنڊن ۾ اهو مون ڏانهن وڌايو هئائين. ڪانئس چانهه جو ڪوپ وٺندي مون هن جو ٿورو مڃيو هو، ۽ پوءِ ڪوپ چپن سان لائِي چانهن جون چسڪيون پرڻ لڳس. هاڻي خاموشي مون کي چڻ ڏنگي رهي هئي، چانهن جو ڪوپ ڏئي هن ڳالهه کي اڳتي وڌائڻ جو مون کي رستو ناهي ڏنو هو، پر مان پوءِ به گفتگوءَ کي شروع ڪرڻ لاءِ اجا لفظ ويچاري رهيو هئس. ليڪن منهنجي ڳالهائڻ کان اڳ هُن جو سريلو آواز هڪ ڀيرو ٻيهر منهنجن ڪنن تائين پهتو هو. هُوءَ اردو زبان ۾ مون کان منهنجي سفر جي منزل متعلق پُڇي رهي هئي. سندس سوال جي جواب ۾ مون ڪيس پنهنجي منزل ”ڪوئيٽا“ ٻڌائي هئي. پوءِ ٿورو گهبرائيندي مون به هن کان ساڳيو سوال پڇيو هو، جنهن جي موٽ ۾ هن به پنهنجي سفر جي پڇاڙي ”ڪوئيٽا“ تائين ٻڌائي منهنجي دل کي جڻ خوش ڪري ڇڏيو هو. هن گفتگوءَ کي تفصيلي ٻڌائيندي مون


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي اهو بہ ٻڌايو تہ سندس مڙس سنڌ ۾ فوجي آفيسر آهي ۽ هوءَ پنهنجي ٻارن ڪي سندن پيءُ سان ملائڻ لاءِ آئي هئي. پنهنجي سنڌ اچڻ جو سبب ٻڌائڻ کان پوءِ هتان جي مختصر رهائش واري تجربي جي روشنيءَ ۾ هُوءَ سنڌ جي ماحول ۽ رهڻي ڪرڻيءَ متعلق ڳالهيون ڪرڻ لڳي هئي. ڳالهائڻ سان گڏ گهڻي ياڳي هوءَ پنهنجا هٿ بہ لوڏي رهي هئي، هن جون ڳالهيون ٻڌڻ ۽ سندس انداز ڏسڻ وقت مان هن جي ذهانت کان بي حد متاثر ٿي رهيو هئس. هن پهريان مون سان سنڌ جي ماحول، ۽ پوءِ ملڪ جي مسئلن تي بہ ويچار ونڊڻ شروع ڪيا هئا. هن سان ڳالهائڻ وقت مان محسوس ڪري رهيو هئس تہ هن کان اڳ مان جيترين بہ عورتن سان ملي چڪو آهيان، هوءَ انهن سيني کان مختلف آهي. هن جي ڳالهائڻ ۾ شائستگي ۽ لچڪ هئي. آهستي آهستي مون هن ڪي پاڻ سان بي تڪلفيءَ واري انداز ۾ ڳالهائيندي محسوس ڪيو هو. هن کان اڳ مون ڪي دنيا جون بيون بہ گهڻيون شيون متاثر ڪنديون رهيون هيون. پر اڳ ۾ ڪڏهن بہ انهن لاءِ دل ۾ اهڙو احساس پيدا نہ ٿيو هئم جهڙو هن جي اکين جي گهرائيءَ ڏانهن ڏسي منهنجي من اندر جاڳيو هو. آهستي آهستي هن جو حُسن منهنجي روح ۽ حواسن مٿان ڇانئجڻ لڳو هو ۽ نيٺ بي خوديءَ ۾ مان هن کان سندس نالو پڇي وينو هئس. اهڙي ذاتي سوال تي هن جي ناراض ٿيڻ جو انديشو هو، پر ائين نہ ٿيو هو. هن ڪاوڙجڻ بجاءِ ڏاڍي پاٻوهہ منجهان پنهنجو نالو ”ناديہ“ ٻڌايو هو. پنهنجو نانءُ ٻڌائي هن مون کان بہ منهنجو نالو پڇيو هو. جڏهن مون ڪيس پنهنجو نالو ”هالار“ ٻڌايو هو تہ ڄاڻ لاءِ هن مون کان منهنجي نالي جي معنيٰ بہ پڇي هئي، اهڙي سوال تي پهريان مان ٿورو گهبرائجي ويو هئس، پر پوءِ مُرڪندي ڪيس ٻڌايو تہ ”هالار“ هڪ جبل آهي، منهنجن مائٽن شايد انهيءَ جو نالو مون تي رکيو آهي. منهنجي ورندي ٻڌي هن وٺندڙ انداز ۾ چيو هو تہ، مان واقعي ڪيس جبل جهڙو لڳي رهيو آهيان.

اهڙيءَ ريت سڄي سفر دوران اسان ڪنهن نہ ڪنهن موضوع تي ڳالهائيندا رهيا هئاسون. توڙي جو ٽرين جي انجڻ لڳائڻ لاءِ ٽرين


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ اسٽيشن تي ڏيڍ ڪلاڪ بيهي رهي هئي، پر پوءِ به اسان کي سفر جي ٿڪاوٽ يا بوريت محسوس نه ٿي هئي. ”ڪوئٽا“ اسٽيشن پهچڻ کان اڳ مان هن کان ڌار ٿيڻ جو سوچي پنهنجي من ۾ ڏک محسوس ڪري رهيو هئس ۽ پاڻ کي هن کان موڪلائڻ لاءِ تيار ڪري رهيو هئس، پر ان کان اڳ هن مون کي پاڻ سان گڏ سندس گهر هلي ترسڻ جي آڇ ڪئي هئي. مون هن جي آڇ کي معذرت سان موٽائڻ چاهيو ها، ڇوته مون نه پئي چاهيو ته منهنجي زندگيءَ جو اهو سفر ڪو افسانو بڻجي وڃي! هونءَ به ڪنهن ڌاريءَ عورت سان ريل ۾ گڏ سفر ڪرڻ سبب ساڻس ايترا واسطا وڌائڻ مون کي مناسب نه پئي لڳو، پر هن جي پنهنجائپ واري رويي اڳيان منهنجون سوچون ۽ مرضي ڪجهه به ڪري نه سگهي هئي. ڇوته هن نهايت اسرار ڪندي چيو هو ته، سندس گهر اسٽيشن کان تمام ويجهو آهي، تنهن ڪري مان رات جي پهر ۾ ڪنهن بئي هنڌ وڃي پريشان ٿيڻ بجاءِ وٽس هلي مهمان ٿيان. جيتوڻيڪ ان وقت هن جي انداز ۾ مون کي هڪ ’پيڻ جي پنهنجائپ‘ به محسوس ٿي هئي ته ’محبوبا جو ضد به!‘ پر، پوءِ به مان واضح طور اهو سمجهي نه سگهيو هئس ته هن جي ايڏي پنهنجائپ واري رويي جو ڇا مقصد آهي؟

اسٽيشن پهچڻ تي هن ٻارن کي ننڍ مان جاڳايو هو، ۽ واري واري سان مون کي سنڌن نالا ٻڌايا هئائين، هن ٻارن سان منهنجي سڃاڻپ سندن ”Uncle“ جي حيثيت سان ڪرائي هئي. پوءِ پٽڪڙي ”صدف“ ۽ ننڍڙي ”فرحان“ مون سان هٿ ملايا هئا. اسان سامان ڪڻي گاڏيءَ کان هيٺ لٿا هئاسون ۽ اسٽيشن ٻاهران ٽيڪسيءَ وسيلي هنن جي گهر پهتا هئاسون. اسان سندن خوبصورت گهر جو مک دروازو ٽپڻ کان پوءِ هڪ وڏي ڊرائنگ هال ۾ داخل ٿيا هئاسون جتي ديوارن سان بانس جا لڪڙا لڳل هئا. هتي ويهڻ لاءِ خوبصورت ڪرسيون ۽ صوفا سيٽ رکيل هو. فرش مٿان هڪ عاليشان قالين وڇايل هو ۽ درين ۽ دروازن کي ڳاڙهي رنگ ۽ سُنهري ڪوالٽيءَ جا پردا لڳل هئا. هڪ ديوار جي سائيڊ سان ڏکو ’شوڪيس‘ رکيل هو، جنهن ۾ خوبصورت ثقافتي شيون سجايل هيون.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هال ۾ ويني مان پاڻ کي خواب ۾ پائڻي رهيو هئس، مون کي پنهنجين اکين تي يقين نہ پئي آيو! سفر جي هلڪي ٿڪاوٽ کان ڪجهہ دير رليڪس ٿي هوءَ ڪاڏو تيار ڪرڻ لاءِ اُٿي هئي. مون کيس اويلي مهل تڪليف کان بچائڻ لاءِ بک نہ هجڻ جو بهانو پيش ڪيو هو، پر جڏهن هُن سنهنجو ڌيان ان طرف ڇڪايو هو تہ مون سان گڏ هوءَ ۽ سندس ٻار بہ بک تي آهن، تڏهن مان ڏاڍو شڪي ٿيو هئس. ۽ کيس ڪاڏو تيار ڪرڻ جي اجازت ڏني هئم. هن جي بورچي خاني ڏانهن وڃڻ کان پوءِ سندس ٻار جلد مون سان کُجائتا ٿي ويا هئا. حرڪتون ڪندي ڪنهن ويل هو منهنجي ڪرسيءَ پنيان پئي لڪيا تہ ڪڏهن منهنجن ڪلهن تي هٿ رکي پوبان چنبڙيا پئي.

ماني نيار ٿيڻ بعد هُوءَ اسان کي پر واري ننڍڙي ڊائننگ هال ۾ وني ويئي هئي. هال ۾ هڪ وچولي ميز رکيل هئي، جنهن جي وچ تي خالي گلدان پيل هو ۽ باقي ميز مانيءَ ۽ ٿانون سان پريل هئي. هال ۾ وٽنڊڙ خوشبوءِ پڻ ڦهليل هئي، ڪاڏي ۾ بہ اهڙي لذت هئي، جيڪا مون اڳ ڪڏهن بہ نہ چکي هئي. مان سمورين شين کان تمام گهڻو متاثر ٿي ر هيو هئس. ماني کائڻ وقت هن جي اکين ۾ مون کي هڪ عجيب اسرار نظر آيو هو.

ڪاڏي کان فارغ ٿي هوءَ ڪپڙا چينج ڪرڻ لاءِ ڪمري ۾ هلي ويئي هئي ۽ مان وري ٻارن سان ڊرائنگ هال ۾ ويهي چرچا ڪرڻ لڳو هئس. جڏهن هوءَ پنهنجي ڪمري کان واپس وري هئي، نہ منهنجو پنهنجين اکين تان اعتبار ويتر ڪڇي ويو هو. مون ڏٺو هو تہ هن جي خوبصورت جسم تي بغير ٻانهُن وارو هڪ ريشمي گائون ٻهريل هو. جنهن جو رنگ هن جي جسم جهڙو گلابي هو. هن جي جسم ۽ گائون مان وٽنڊڙ عطر جي ٻرءِ پڻ اچي رهي هئي. جنهن ڪري منهنجي دماغ جي ننڍڙي ڪمري ۾ جڻ نرم ۽ لطيف بادل ڇانئجي ويا هئا ۽ مان انهيءَ دنيا ۾ گم ٿي چڪو هئس جيڪا منهنجي حقيقي دنيا کان ڏهہ ڀيرا وڌيڪ حسين ۽ دلڪش هئي. مون کي شعور جي دنيا ۾ واپس آڻي پاڻ سان گڏ هوءَ مون کي پنهنجي ۽ ٻارن جي ڪمري ۾ وني ويئي هئي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن جو سندس ٻارن سان نهايت شفقت ڀريو سلوڪ هيو. انهن سان ڀوڳ چرچا ڪندي هوءَ بہ بلڪل ٻار ٿي لڳي رهي هئي. سمهڻ جا ڪپڙا تبديل ڪرائڻ وقت ”فرحان“ جي شرٽ لاهي هوءَ سندس، اگهاڙي پيٽ تي هٿ ڦيريندي ڪيس چئي رهي هئي تہ، ”خدا تہ توکي ڇوڪري ٺاهڻ چاهيو هو، پر تون الائي ڪيئن ڇوڪرو ٺهجي وئين!“ فرحان کي چيڙائيندي هن جا ڪپهہ جهڙا نرم هٿ سندس ڪپڙا هن جي جسم کان الڳ ڪري رهيا هئا. اڳيان ڪپڙا ٻارن جي جسمن تان لاهي، هن ڪين ڍلا ڪپڙا پهرايا هئا، ۽ پوءِ هنن کي آرام ڪرڻ لاءِ چيو هئائين.

ٻارن کي سمهاري هُوءَ مون کي مهمانن واري ڪمري ۾ ڇڏڻ هلي هئي. هاڻي هن جي جوان جسم ۽ اڪيلائيءَ جي موجودگيءَ واري احساس منهنجي اندر باهہ جهڙي حرارت پيدا ڪري ڇڏي هئي. منهنجا جذبا برف جيان ڳري رهيا هئا ۽ دل بہ پنهنجي اصل رفتار کان وڌيڪ ڌڙڪي رهي هئي. هن جا اگهاڙا ڪُلها ۽ سندس جسم تي پهريل ريشمي گائون ڏسي منهنجي اکين ۾ جڻ هڪ جادوئي تاثر ڇانئجي ويو هو. منهنجو ذهن مون کي ٻنان دير هن سان ڇُهڻي وڃڻ لاءِ چئي رهيو هو، پر اُن کان اڳ منهنجو بسترو نيڪ ڪري ۽ مون کي آرام ڪرڻ جو مشورو ڏيئي هوءَ هلي ويئي هئي. هن جي وڃڻ کان پوءِ مان سڀ ڪجهہ پنهنجي توقع جي ابتڙ پائي سڄي رات آرام ڪرسيءَ تي ليٽي، بيقراريءَ جي باهہ ۾ سڙندو رهيو هئس. بيقراريءَ ۽ نااُميديءَ جي باهہ ۾ پچرندي نيٺ مون ٻاک ڦٽائي ڇڏي هئي هئي، پرسُڪون پوءِ بہ ماڻي ڪونہ سگهيو هئس.

صبح جو جڏهن هوءَ مون لاءِ چانهن کڻي آئي هئي تہ چيو هئائين ٻارن کي اسڪول اماڻڻ کان پوءِ هوءَ مون کي ”ڪوئٽا“ گهمائڻ لاءِ وٺي هلندي. هن جي انهيءَ ڳالهہ تي منهنجي من ۾ ٻيهر اميد جا ڪرڻا ڦُٽا هئا، ۽ مان اتان ڪجهہ دير ۾ موڪلائڻ وارو پنهنجو ارادو معطل ڪري اتي ترسي پيو هئس. نيٺ ٻار بہ ناشتو ڪرڻ کان پوءِ اسڪول روانا ٿي ويا هئا ۽ هوءَ مون سان گڏ ”ڪوئٽا“ جي خوبصورت


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پهاڙن جي سير لاءِ هلي هئي. هن سان گڏ پهاڙن جي چوٽين تي گهمندي مون پانيو هو تہ، اسان بي خبريءَ ۾ اوچتو جبل جي ڪناري تي اچي پهتا آهيون. اسان جي چوڌاري هر طرف وسيع ۽ پورا پهاڙ هئا. اُهن پهاڙن تان اشارا ڪري هوءَ مون کي اتان جا وڻندڙ منظر ڏيکاري رهي هئي. هوءَ هيٺ بيٺل ماڻهن کي هٿ لوڏي سلام پڻ ڪري رهي هئي. انهيءَ وقت هن جي اکين ۾ مون هڪ اهڙي چمڪ ڏٺي هئي. جيڪا بس ڪنهن جي بہ اکين ۾ ڪڏهن ڪانہ ڏٺي هئم! فضا ۾ چانيل ڪوهيڙي ۽ پهاڙن تي هلندي هوءَ مون کي ريگستان جي واريءَ مٿان گهمندڙ ڊيل جيان لڳي رهي هئي، جنهن جي هر وِک قيامت جهڙي هوندي آهي.

ٻارن جي اسڪول کان موٽڻ واري ٽائيم کان ڪجهہ دير اڳ اسان گهر موٽي آيا هئاسون. هوءَ مون کي مهمانن واري ڪمري ۾ ڇڏي پاڻ ماني تيار ڪرڻ لاءِ بورچيخاني طرف هلي وئي هئي. مان رليڪس ٿيڻ لاءِ وري بہ آرام ڪرسيءَ تي آهلي پيو هئس، ۽ اکيون پوري تصور جي دنيا ۾ گم ٿي ويو هئس. گهڻيءَ دير کان پوءِ مون کي پنهنجي ڪلهي تي هٿ جو ڇهاءُ محسوس ٿيو هو، ۽ ڪنهن نهايت آهستي مون کي سڏيو پڻ هيو، اکيون کوليون هئم تہ سامهون هوءَ پنهنجي دلڪش مُرڪ سان بيٺي هئي ۽ مون کي مانيءَ تي هلڻ لاءِ چئي رهي هئي. مون کيس بہ منٽ پاڻ وٽ ويهڻ لاءِ چيو هو ۽ هوءَ بيڊ جي پيرن کان ويهي رهي هئي. هن کي پاڻ وٽ ويهاري مان وري ڪجهہ سيڪنڊن لاءِ ڪمري ۾ سندس اوچتي آمد متعلق سوچ ۾ پئجي ويو هئس. هوءَ ڪنهن پاڇي جيان منهنجي ڪمري ۾ داخل ٿي هئي، ايترو تہ آهستگيءَ سان آئي هئي جو جيڪڏهن منهنجي ڪُلهي تي پنهنجو هٿ نہ رکي ها تہ شايد مان سندس آمد کان اجا ڪافي دير بي خبر هجان ها! بهرحال، اهڙين گهڻين ڳالهين ڪري محسوس پئي ٿيو تہ هوءَ هڪ ڀرپور اثر ڇڏيندڙ شخصيت جي مالڪ آهي. هن جو جمال مون کي بي مثال پئي لڳو. هن جا نقش سونهن جي باضابطا ڪلاسيڪي معيارن کان ڪافي مختلف هئا. خوبصورتيءَ ۾ هوءَ مون کي دنيا جي عظيم ترين مُصورن جي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

’شاهڪار‘ ڪان بہ اُتم لڳي رهي هئي، جنهن سبب منهنجي قوت برداشت پنهنجو وڌيڪ ڪم ڏيڪارڻ ڪان نابري واري بيٺي هئي. هاڻي مون ان ڳالهہ ۾ شڪ جي توري بہ گنجائش محسوس نہ پئي ڪئي تہ، هوءَ مون کي چاهي ٿي پر شايد مون پاران اظهار جي منتظر آهي. ”عورت ذات آهي! ڀلا ڪيئن کليل لفظن ۾ پنهنجي مرضي بيان ڪري؟“ اهو سوچي مون پيار ۾ اڳرائي ڪرڻ جو فيصلو دل اندر ڪري ورتو هو. هاڻي منهنجيون اکيون وجهي هن جي حوس ڀرين ڇاتين تي کتيون هيون، جيڪي پڻ مون کي هن تائين پهچڻ جي دعوت ڏئي رهيون هيون. نيٺ هٻڪندي مون هن کي پنهنجي دل جو حال ٻڌائڻ شروع ڪيو هو. آغاز طور مون هن کي ٻڌايو هو تہ، مان ڪائنات سندس ڪا شيءِ گهرڻ چاهيان ٿو! منهنجي جملي تي هوءَ حيران ٿي وئي هئي ۽ تڪڙ ۾ منهنجي گهربل شيءِ جو نالو پڇيو هئائين. هن جي معلوم ڪرڻ تي مون بہ نارنگيءَ جي ٻن ڦارن جهڙن، سندس ڇاڙن ڇپن ڏانهن اشارو ڪندي ڪيس پنهنجو مقصد واضح ڪري ٻڌايو هو، ۽ پوءِ پنهنجي عمل جي ردعمل لاءِ تيار ٿيڻ لڳو هئس. پر ٻيو لمحو اهڙو هيو جنهن ۾ مون کي زندگيءَ جي هڪ نئين ۽ بلڪل انوکي تجربي مان گذرڻو پيو هو. منهنجي دماغ جي ڪارخاني ۾ هونءَ تہ ڪيترائي اسرار لڪيل آهن، پر انهيءَ لمحي جو اسرار منهنجي حواس جي دنيا کي اڄ بہ لوڏي ڇڏيندو آهي، جڏهن مون کي ياد پوندا آهن هن جا چيل لفظ: ”مون تہ سنڌ ۾ ترسيل ڪجهہ عرصي جي مشاهدي تحت سنڌي ماڻهن کي نهايت مهذب ۽ عظيم ڀانيو هو. مان انهن جي مهمان نوازي ۽ پنهنجائپ واري رويي کان بي حد متاثر ٿي هئس، ۽ تڏهن ئي توکي پنهنجو مهمان بڻائي هتي وٺي آئيس هئس.

پر تون تہ....!

●●●


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طارق عالم

# ڪوئل

نما شام ۾ جهاز سان لڳل ڏاڪڻ جا ڏاڪا لهي، اسلام آباد ايئرپورٽ ني وک رکي ته نه ڊسمبر جي ٿڌ پنهنجن شفاف هٿن ۾ درويش جو چهرو جهلي، هن جي گرم چپن تي سرد مهري ۾ ٻڏل چمي چهٽائي ڇڏي تي، هو بليزر اندر ٿڙڪندڙ جسم تي قابو پائي، مسافر ڍوئيندڙ بس ۾ چڙهي ريلنگس پڪڙيو بيهي رهي ٿو.

آيو ته آمريڪن ڪونسيلٽ جي 'ڊراپ اِن باڪس' ۾ ويزا لڳرائڻ آهي، پر ان بهاني جي پٺيان اصل حقيقت، جينيٽڪس ۾ ايفل ڪندڙ "ڪوئل" سان ڪچهري ڪرڻ آهي. ڪوئل پنجابڻ آهي، سندس جنم ۽ جواڻي سنڌ جي موسمن ۾ وڌي ويجهي آهي. هن جا وڏا پنجيتاليهه سال سنڌ ۾ رهڻ ڪان پوءِ، گذريل سال پنهنجي قيمتي سامان ۾ ڪوئل کي به پئڪ ڪري پنجاب کٽي ويا. ڪوئل سنڌ ڇڏيندي، پاڻ کي ڪنهن شولڊر بئگ ڪان وڌيڪ محسوس نه ڪري سگهي هئي. هن جا وار، اکيون، چپ، هٿ، پير ۽ دل هڪ هڪ تي لاڙڪاڻي جي ڳلين ۾ ڪرندا ويا ها، هوءَ سموري پوئتي رهجي وئي هئي. روهڙي اسٽيشن جي پليٽفارم تي، پهچي ته بي جان بنڊل ٻڌجي پئي هئي.

.......

ماڊل ٽائون واري گهر ۾ رات جڏهن ڪوئل جي بيڊروم جي دريءَ سان ستارن جون لڙيون لاهڻ لڳنديون هيون، ته گهيرتڻ سبب هن جي هٿن مان ڪتاب ڪري پوندو هو، ۽ هوءَ بلينڪٽ ورائي سمهي پوندي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئي تہ لاڙڪاڻي جون دز اڏائيندڙ ڳليون، بخملي بلينڪٽ مان وراڪا ڏئي، ڪوئل جي پنبڻين رستي سندس روح ۾ لهڻ لڳنديون هيون. جناح باغ، ڪمال اتاترڪ، شاهہ بهارو، جيلس بازار، پاڪستان چوڪ، رحمت پور، شاهي بازار، لاڙڪاڻي جنڪشن جا مال گودام، جتان ”هندڙ ڪليان“ پچائڻ لاءِ هوءَ ٻين ٻارن سان گڏجي سيلا چانور چورائي ايندي هئي. اسٽيشن واريون پاڻيءَ جون اهي ٽانڪيون، جتي ڏر تتي جي ننڍَ ستل مائرن جي وڏن وڏن روئن ڪي برقعا ٻڌائي، ٻچيل سچيل ماني ۽ ڳڏين جو سامان ٻڌي، پاڙي جي ڇوڪرين سان ڪيڏڻ لاءِ هلي ويندي هئي، ۽ ٽانڪين وٽ پهچي برقعا ٻرقعا لاهي سيئي ڇوڪريون ٽانڪين تي چڙهي ويندي ون هيون. مسجدن مان ايندڙ جمعي جا خطبا، اذانن جا آواز، ريل جي سيٽين جا پڙاڏا، گهٽين ۾ گهورڙين جا سريلا هوڪا، ٽانگن ۾ جوٽيل گهوڙن جي سنبن مان نڪتل ٽاپ ٽاپ، هوٽلن تي وڄندڙ با آواز بلند پنجابي گانا، تهہ سياري ۾ گهرن جي چائنٽ ڪي ٽيڪ لڳائي سنگهون چٽيندڙ ٻوڪيءَ ٻڌل ٻارڙا، سومهڻيءَ جو گهرن ڏي موٽندڙ مال جا ڏوڙ اڏائيندڙ ڌڻ ۽ انهن سمورن منظرن جي اٿل پٿل ۾ هوءَ پاڻ ڪي ڏسندي آهي ڳليءَ جي ٻارڙين سان ڪيڏندي- ڪوڪر، لنگڙپالي، پهل دوج، هندڙ ڪليان، ارچڪ مرچڪ، ڇيلي چنر، اک ٻوٽ، اونچ نيچ، گڏوگڏي ۽ لال ڦيري راند ڪندي تہ، ڪڏهن وري اڪيلي ئي اڪيلي رستي هلندي پيرن ۾ اچي ويل نڪريءَ کي ويندي آهي پري تائين ٺڏا هڻندي.

...........

1945ع واري ياج دوران گهر ڇڏي هندستان پهچي ويل هندن جي خالي گهرن مان هڪ گهر ۾، ڪوئل جا وڏا اچي آباد ٿيا هئا. ڏڙي محلي جي ان گهر جي متينءَ ماڙيءَ ۾، 22 سيپٽمبر 1965ع تي ڪوئل جو پهريون سڏڪو ٻڌي، لاڙڪاڻي جي ميرانجهڙي شام ۾ ستل ستارو اوٻاسي ڏئي اکيون مهٽيندي جاڳي پيو هو، ۽ ڪوئل کي روئندي ڏسي ٻين ستارن کي بہ هڪ هڪ ڪري جاڳائي ڇڏيو هئائين. ان گهر جي اڱڻ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي ڪوئل بانبڙا پاتا هئا، ڪتن جي پاون ڪي پڪڙي پيرڙو ڪرڻ سکي هئي، ڪاٺ جي ڏاڪڻين کان متي چڙهڻ ۽ هيٺ لهڻ جي سکيا ورتي هئائين، گهر جو ڪڙو لاهي ڳليءَ ۾ ڪيڏندڙ ٻارڙن کان، خيالن ۾ گم بزرگن جي ڪن تي وات رکي ’ڪن ڪن ڪُرر‘ جي رڙ ڪري، ڇرڪ پرائي ٽهڪ ڏيڻ جو لطف ڇاتو هئائين ۽ پاڻ کان ڪجهه وڏن ٻارڙن کان چيلي چنر، لال قيري، قرقر سوٽڻو، اک ٻوٽ، لنگڙ پالي، پهل دوج، گڏوگڏي، برف پاڻي، ارچڪ مرچڪ ۽ ٻين ڪيترين ٻاراڻين راندين جا اصول سکي هئي، ڪجهه وڏي ٿي تہ رئو متي تي رکي، ڪتابن جي ٻجڪي ڪلهي ۾ لڙڪائي، اسڪول ويندڙ رستي تي روز ملندڙ گهرن، گهرن جي اڱڻ ۾ بيٺل وڻن، ۽ وڻن جي ٽارين تي ٻوڙندڙ نوريئڙن، ڪبرن، ڪانون، جهرڪين، شهر جو گند چرندڙ ڍڳين، آواره ڪُتن، گاڏن ۾ ٻڌجڻ جو انتظار ڪندڙ گڏهن، سيڌي جي ننڍڙن دڪانن ٻاهران اس ڪائيندڙ ٻلين سان بہ واقفيت ڪيائين. انهيءَ واقفيت دوران ڪوئل انسانن جي چهرن ۾ جانورن ۽ پکين سان مشابهت ڳولهي لڌي. اسڪول جي ساڳي رستي، ڪوئل ۾ اعتماد پيدا ڪيو ۽ هُن پاڻ جيڏي ماسات سان گڏجي، شهر جي مختلف حصن ڪي ’ڪولمبس‘ جيئن ڳولي لهڻ شروع ڪيو تہ شهر جو نقشو هن جي ننڍڙي دماغ ۾ چٽو ٿيندو ويو. اهڙي ريت، ڪوئل جي وجود ۾ نسرندڙ ڄمار جو ٻوٽو گونچ ۽ ڇاڙ ڪڍندو، جوانيءَ جي ميوي سان جهنجهيل قدآور وڻ بڻجي پيو.

ڪوئل ڪاليج پاس ڪري، ٻالجتيءَ کان ذهن ۾ گونجندڙ سوال "مان ڪير آهيان..." جو پيڇو ڪندي سنڌ يونيورسٽيءَ پهچي وئي.

..............

هڪ زرد موسم ۾ جڏهن پن ٽارين مان ڇڏائجي وڻن ڪي اڪيلو ڪندا ٿي ويا، ڪوئل ڊپارٽمينٽ جي سيمينار لائبريريءَ ۾ ڪتاب مٿان جهڪيل هئي، تہ هن، ڪوئل ۽ ڪتاب جي وچ ۾ Error بڻجي چيو هو: "هيلو مس- مان افتخار آهيان، سيد افتخار جمال".


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان رات مارئي هاسٽل ۾ ڪمري جون سموريون بتيون وسائڻ کان پوءِ به، ننڊ پکي هن جي نيڻن جي آکيري ۾ نه لٿا هئا. هن جي ذهن ۾ ڪالهه کان ڪيترائي ڀيرا پڙاڏجي ويل جملو هڪ دفعو ٻيهر پڙاڏجي ويو هو: 'هيلو مس! مان افتخار آهيان، سيد افتخار جمال'...

ان رات کان پوءِ افتخار جمال، ڪوئل جي زندگيءَ ۾ هل اسٽيشن بڻجي پيو هو.

.........

انهيءَ سال چيٽ جي منڊ ۾ ڪئمپس جي هاسٽلن ۽ گهرن ۾ ٻوريل انبن جي ٽارين تي ڪوڪندڙ ڪوئل ڪان وڌيڪ، ڪوئل جي من ۾ ٻوريل انب جي ڇهڇ ساون پنن ۾ لڪل ڪوئل ڪوڪيو هو، ته ڪوئل کي پهريون ڀيرو ان ڳالهه جو ادراڪ ٿيو هو، ته ڪوئل جي ڪوڪ ۾ فقط اداسي ئي نه، پر عشق جي سمورن رنگن جا شيڊز به سمايل هوندا آهن ۽ اهو به، ته جڏهن ڪوئل ڪوڪندي آهي، بادل پرجي ايندا آهن، ته انسان جي اندر ۾ محبت مور ناچ نچڻ لڳندي آهي. هن برٽرينڊرسل ۽ آئنسٽائن سان گڏ فرائيڊ کي به پڙهڻ شروع ڪري ڇڏيو هو. جو سندس اکين نان اسٽاپ خواب ڏسڻ شروع ڪري ڇڏيا هئا. هوءَ هڪ ئي وقت آئنسٽائن جي ٿيوري آف رليٽيوٽي ۽ افتخار جي وڇايل عشق جي شطرنج کي اڪيلي سر ڪيڏڻ لڳي هئي. انهن ٻنهي راندين کي ڪيڏندي ڪوئل، آئنسٽائن کي ته شهه ڏئي يونيورسٽيءَ مان پوزيشن حاصل ڪري ورتي هئي، پر افتخار جي وڇايل عشق جي بساط کان مات کائي ويني هئي. اها خبر هن کي گهڻو پوءِ پئي هئي، ته افتخار شادي شده هو، ۽ ڪوئل جي پريت، ساڳي راند هن چاندڪا ۾ پڙهندڙ فائنل ايئر جي شاگرديائيءَ سان ڪيڏندي ڪوئل کي داءُ تي لڳائي ڇڏيو هو. ته ڪوئل ڪٺيل بازي هارائي هميشه لاءِ پيادي بڻجي وئي هئي.

......

جونيئرز طرفان مليل الوداعي پارٽيءَ تان واپس اچي، بيگن ۾


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساماني پريندي ڪوئل کي محسوس ٿيو هو، هينگرز تي ٽنگيل لباس نه، پر پنهنجا مري ويل احساس لاهي رهي هئي. ٽيبل تان ڪتابن جا لاش ڪٽي بئگ جي قبر ۾ بند ڪري ڇڏيا هئائين، ۽ اکين مان ڇلڪي پيل لڙڪ پرس ۾ ميڙي، جڏهن لاڙڪاڻي جنڪشن پهتي هئي، ته بيگ ۽ پرس ايترا ته وزني ٿي چڪا هئا، جو مجبورن ڪوليءَ کي سڏڻو پيو هئس.

.......

گهر اچي هر شيءِ کان بيزار ٿيڻ لڳي هُئي، هُو ڪمرو بند ڪري، پهرن جا پهر هنج ۾ رکيل هٿن جي خالي ترين ۾ ڏسندي گذارڻ لڳي. ماءُ سمجهيو ڪوئل روح سان گڏ جسم به افتخار جمال کي خيرات ڪري آئي آهي. هن اهڙا ڪيترائي سوال ڪوئل کان پڇيا به هئا، جن جو ڪوئل وٽ ڪوبه جواب نه هو. بلڪ هن ته ماءُ جي هر پڇيل شڪي سوال جي نگاهه ۾ نگاهه اٽڪائي حيرت منجهان سوچيو هو. ’ماءُ، تون به...! تون به ٻين وانگر مون تي شڪ ٿي ڪرين!!؟ ... تنهنجي ڌيءَ محبت جي عيوض دل ته برابر نيلام ڪري آئي آهي، پر جسم جي سرحدن جي حفاظت ته هن ننڍپڻ کان ڪنهن سپاهيءَ وانگر ڪرڻ سکي ورتي آهي.‘ پر اهڙو ڪوبه جملو زبان مان اچاري نه سگهي هئي، ڇاڪاڻ ته بيگناهي لفظن جي بيساکيءَ کان وڌيڪ، يقين جي آرسيءَ جي محتاج هوندي آهي. ماءُ جي اهڙي آڌي پڇا کان پوءِ ڪوئل جي چپ ۾ واڌارو اچي ويو هو.

......

افتخار ٻي شادي ڪرڻ جي ڪجهه عرصي کان پوءِ ٻئي زالون ڇڏي، سنڌ کي خيرآباد چئي آمريڪا پهچي ويو هو ۽ نيويارڪ جي اسٽريٽس ۽ اوينيوز تي سڄيون سڄيون راتيون جاڳي، يلو ڪئب هلائي ڊالر ڪمائڻ لڳو هو، ۽ بار ۾ شراب پيارينڊڙ اسپينش ڇوڪريءَ سان پيپر ميرج ڪري، آمريڪن سٽيزن ٿيڻ جا خواب ڏسڻ لڳو هو

.......

ڪوئل جي راتين ۾ گهڙي آيل نائٽ ميئرز جي ٻگهڙن، هن جي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اکين جي سرحدن مان خوابن کي جڻ تہ هميشہ هميشہ جي لاءِ جلاوطن ڪري ڇڏيو هو.

اهڙين پوائيتين راتين مان هڪ رات، ڪوئل هڪ ٻئي پنيان ٻہ عجيب خواب ڏٺا. ٻہ خواب، جن ۾ هڪ ئي شخص مرڪزي ڪردار هو، فقط هن جا روپ ٻہ ها. پهرين خواب ۾ هو شخص ٽرين جي سفر ۾ هڪ اسٽيشن تان گاڏيءَ ۾ چڙهي ڪوئل کان اجازت وٺي، سندس سامهون واري سيٽ تي ويهي رهيو هو ۽ خود ڪلامي ڪندي ڪندي ڪوئل سان مخاطب ٿي ويو هو. ان خواب ۾ هو شخص بغير ٽڪيٽ هئڻ جي ڏوهہ ۾ گرفتار ڪيو ويو هو، پر ڪوئل جڏهن پنهنجي اسٽيشن اچڻ تي گاڏيءَ کان ٻاهر آئي هئي، تہ سندس خوشيءَ جي ڪا حد نہ رهي جو ساڳيو شخص، پليٽ فارم تي سندس منتظر هو.

ٻئي خواب ۾ ڪوئل ڏٺو، اهو ساڳيو شخص، رات جي پَهر ۾ ساڏ ٻيلي جهڙي ڪنهن مندر ۾ پنيءَ اگهاڙو گيڙو رنگ جو چوتو ٻڌيون، نلڪي هينان پنهنجو اوچڻ ڌوئي رهيو هو. ۽ هوءَ جڏهن ڊڄندي ڊڄندي سندس پير مان مَٽي هئي، تہ ساڌو احترام منجهان ڪجهہ وڌيڪ ئي پاڻ ۾ سمائجي ڪوئل ڏانهن نهاريو هو، ان هڪ جهلڪ ۾ ڪوئل، ساڌوءَ جي ڪمزور چهري تي ٻن ماڪ ڀنل نيڻن ۾، پنهنجي روح سان گڏ مندر مٿان چانيل ستارن ڀري رات کي واچوڙي جيئن ڦيري ڪائي سمائجندي ڏٺو هو.

اهڙن ٻن خوابن ڏسڻ جي پوري ڏيڍ سال کان پوءِ، گرمين جي هڪ سانت ٻڏل منجهند جو، ڪوئل جي حيرت جون سموريون حدون ان وقت پنهنجي سجاٽپ وڃائي وينيون. جڏهن ڪوئل پنهنجن خوابن جا عڪس، درويش جي ڪهاڻين جو مجموعو پڙهندي، جيئن جو تيئن سندس ٻن مختلف ڪهاڻين ۾ پڙهيا هئا ۽ ڪتاب جي بئڪ تي ليکڪ جي تصوير ڏسي تہ ويتر وائڙي ٿي وئي هئي، جو اهو ساڳيو چهرو، ٽرين جي خواب واري سفر ۾ سندس سامهون ويهي خود ڪلامي ڪندڙ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شخص جهڙو هو ۽ ان ڇهري ۾ به ماڪ پنل نيڻ ڪنهن بي جا نه، پر ساڳي ساڏوءَ جا هئا. پنهنجن خوابن جا عڪس پڙهي، ۽ خوابن ۾ نظر ايندڙ مرڪزي ڪردار جا وصف ڪتاب ۾ ڏسي، ڪوئل جي دل چاهيو هو: ’ڪاش فرائڊ جيئرو هجي ها، ته هوءَ ڪائنس پڇي ها، وٽس خوابن جي حقيقت جو راز ڇا هو...!؟‘ پر پاڻ کي اهو ڇئي ماٺ ڪرائي ڇڏي هئائين ته اهو سڀ ڪو مابعد الطبعيات جو چڪر آهي.

.......

ڏکهيءَ ٻڌتر ڪان پوءِ، ڪوئل سال جي پهرين بارش ۾ گهر جي ماڙيءَ واري ساڳي ڪمري مان، درويش کي طويل خط لکيو. جنهن ڪمري ۾ هن پنهنجن پوپٽ جي پرن جهڙن نازڪ ڦڦڙن ۾ پهريان ساهه جهٽيا هئا. ڪوئل خط کي ته ڪري لفافي ۾ وجهي، ان آسري تي لفافي مٿان ٽڪلي بجاءِ پنهنجن چاڪليٽي چپن جي مهر ڇهٽائي پوسٽ ڪيو، ته درويش ڪيس جواب ضرور ڏيندو.

درويش آفيس جي دريءَ مان نظر ايندڙ قبرستان مٿان، سال جي پهرين بارش وسندي ڏسي رهيو هو، ته پوسٽ مين ڪمري ۾ داخل ٿي برسات ۾ پڳل وردي ڇنڊي، هن جي ٽيبل مٿان نيري رنگ جو لفافو رکي موٽ رسيد تي صحيح وٺي هليو ويو. ته هن ٽاپ گلاس تي پيل نيري رنگ جي ڳري لفافي کي پنهنجي ٻُڪ ۾ اهڙيءَ طرح ڪنيو، جيئن ٻالڪپڻ ۾ گلن تي ٻي خياليءَ ۾ وينل پوپٽ کي، جهٽ هٽي ٻُڪ ۾ قاسائي وجهبو هو. درويش ٻُڪ ۾ ڪنيل لفافي کي ڪا دير ڇهري آڏو جهلي مُرڪندو رهيو، پوءِ ٽيبل تي رکيل پيپر ڪٽر سان لفافو چاڪ ڪري، ناوليٽ جيڏي طويل خط جا صفحا جيئن پڙهي ورائڻ لڳو، ته هو جوڻ مٿائيندو پهريون Egg ٻٽيو. پوءِ Egg مان ڦري Caterpilar ٿي پيو ۽ Caterpilar مان Pupa ۾ تبديل ٿي، پوپٽ جو روپ اختيار ڪري ويو. خط جو آخري صفحو پڙهي ختم ڪرڻ ڪان پوءِ هن ڏٺو، ٽيبل تي ڦاٿل نيري لفافي مان به ميندي‌ءَ رتا هٿ ٻاهر نڪتا، ۽ جهٽ هٽي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن جي پوپٽ ٻڌجي ويل وجود کي پنهنجي ٻُڪ ۾ قيد ڪري ڇڏيائون.
هو، ميندي رتن هٿن جي بند ٿيل ٻُڪ جي ڏنڌلي انڌيري ۾ ڏاڍو ڦٿڪيو، آڱرين جي وٿين مان ٻڪ اندر ڇٽي ايندڙ روشنيءَ رستي ٻاهر نڪرڻ چاهيائين، رڙيون ڪيائين، پر آفيس جو پنيوالو ڪمري ۾ موجود هئڻ جي باوجود، هن ڪان ٻي ڌيان ئي رهيو. انهن طلسمي گهڙين ۾ درويش کي ڪافڪا جو ميٽامارفيس ڏاڍو ياد آيو، هو چاهيندي بہ ڪجهہ نٿي ڪري سگهيو، ۽ اهي ميندي رتا هٿ، هن کي ٽيبل تان ڪٽي افافي ۾ غائب ٿي ويا.

......

درويش راتيون جاڳي طويل خط ۾ جادوئي تحرير جي باري ۾ سوچيندي صبح ڪندو رهيو، جيڪو هاڻ هن جي الماريءَ جي انهن ڪتابن جي وچ ۾ رکيل هو، جن کي هر دفعي پڙهندي، نواڻ محسوس ڪئي هئائين. خط کي هر دفعي پڙهي ختم ڪرڻ ڪان پوءِ، هن جي دل هر ڀيري خط جو جواب لکڻ چاهيو هو، پر عافيت ان ۾ ئي سمجهي هئائين تہ خاموش رهي.

......

ڪوئل جواب جي اوسيئڙي ۾ باغ طرف ڪلندڙ گهر جي بالڪنيءَ مان، چئن موسمن کي ايندي ۽ واپس ويندي ڏٺو. پر جواب نہ پائي اباڻڪي ٿي هڪ دفعو ٻيهر ڪمرو بند ڪري، هٿن کي هنج ۾ رکي پهرن جا پهر خالي ترين ۾ ڏسڻ لڳي، تہ هن جي پيءُ ڪيس گهر جي قيمتي سامان سان گڏ پئڪ ڪيو، ۽ پنجاب ڪٽي ويو.
ڪوئل جي نئين گهر ۾ باغ طرف ڪلندڙ ڪابہ دري ڪونہ هئي، جتي ٻيهي هوءَ سال جي بدلجندڙ رتن کي ڏسي سگهي ها. اهڙن ٻي موسم ڏينهن ۾، ڪوئل جي خوابن ۾ هڪ هڪ ڪري، ڪيتريون ئي دريون باغ طرف ڪلنديون ويون. هوءَ لاڙڪاڻي جي ڳلين، رودن، ٻنين ٻارن، صبح شامن ۽ ننڊيڻ جي يادن سان گڏ، درويش کي بہ ڪنهن نہ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهن روپ ۾ ڏسڻ لڳي.

هڪ سيپٽمبر ۾ ڪوئل پنهنجي گهر جي ڪڌ تان، لاهور شهر مٿان لهي آيل شام ۾ ڪبوترن جي آخري اڏام ڏسي رهي هئي، ته هوا جو اداس جهوٽو سنڌس ڪن ۾ سرٻاٽ ڪري غائب ٿي ويو:

”ڪوئل، جنم ڏينهن مبارڪ هجئي.“

ڪوئل شفق رنگ شام ۾ ڪبوترن کي آسمان جي ڦيري ڏئي ڇٽَ تي لهندي ڏٺو. ۽ ڪمري ۾ اچي ديوار تي ٽنگيل ڪلئنڊر تي تاريخ ڏسي، جنم ڏينهن جي پڪ ڪئي. ۽ ڪمري جون بتيون وسائي ڪئنڊل لائيٽ ۾ درويش کي هڪ ٻئي پنيان به خط لکيا. ۽ صبح جو پوسٽ ڪري، پنهنجو ضروري سامان کڻي هڪ دفعو ٻيهر ٻالجتيءَ کان پڇندڙ سوال، ”مان ڪير آهيان...؟“ جي گولا ۾ اسلام آباد جي سرسبز پهاڙن ۾ آباد يونيورسٽي پهچي. جڏهن هاسٽل جي ڪمري جو دروازو کوليو، ته فرش تي پيل لفافي کي پنهنجو منتظر ڏٺائين. ڪوئل غيريقيني انداز ۾ فرش تي جهڪي لفافو کنيو. موڪليندڙ جي نانءُ تي نظر پوندي ئي من جي دل جي تاڪ تي اجهاٽل ڏيئو روشن ٿي پيو. هُن شولڊر بيگ ڪلهن مان ڪڍي فرش تي ڦٽي ڪري ڇڏيا، ۽ لفافي کي هٿن ۾ پڪڙي، خالي ڪمري جي فرش تي راڪ ان رول ڪرڻ لڳي. اهو خط ملڻ ڪان پوءِ، ڪوئل ۽ درويش مٿان خطن جو وڏڦڙو وسڻ لڳو. هو اڻ سوبهان هوندي به هڪ ٻئي جا سونهان بڻجي ويا.

.......

بس، ٽرانزٽ لائونج آڏو پريشر بريڪ هنيو، درويش ٻين مسافرن سان لائونج مان نڪرڻ هال ۾ اچي انتظار ڪندڙن تي نگاهه وڌي، ۽ پنهنجي نانءُ جي تختي کنيل شخص ڏانهن وڌي ويو. ڊرائيور جهڪي سلام ڪيو ۽ درويش کان هئنڊ بئگ ورتي، روڊ ڪراس ڪري پارڪنگ لاٽ ۾ اچي ڪار جو پٺيون دروازو کولي ڇڏيو. درويش سيٽ تي ويٺو، ڊرائيور دروازو بند ڪيو، ۽ ڊرائيونگ سيٽ تي ويهندي هئنڊ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بئگ فرنٽ تي رکي ڇڏي.

ڪار ايئرپورٽ جي علائقي مان نڪري ڪشادي روڊ تي پهچي ٽاپ گيئر ۾ اچي وئي. درويش پنهنجي سيٽ تي ٽيڪ لڳائي شفاف شيشي پنيان ڪار سان ڊوڙ پچائيندڙ ڪشڪول چنڊ ڏانهن مرڪي ڏسڻ لڳو. تہ ڪار زوردار بريڪن سان روڊ تي اسڪيٽنگ ڪندي فوٽ پاٿ سان ٽڪرائيندي بچي. ڊرائيور جي چپن مان هندڪو ٻوليءَ جي گار قلابازي کائي اچي ڊيش بورڊ تي ڪري، درويش سيٽ تي سڌو ويهندي هيڊلائيٽس جي روشنيءَ ۾ ڏٺو، سنسان روڊ تي وائٽرو تي ويل سوئر لنڊو پيچ ڦٽڪائيندو جهنگ ۾ غائب ٿي ويو. هو چپن ۾ پڙڪيو. "مِرن جو شهر."

......

گاڏي هوٽل جي پورچ ۾ اچي بيٺي، گارڊ اڳتي وڌي دروازو کوليو، درويش ٻاهر نڪري ڊرائيور کي صبح جو پروگرام سمجهايو ۽ ڪائونٽر تي اچي ڪمرو بڪ ڪرائي بيرر جي رهنمائي ۾ لفٽ ذريعي پنهنجي ڪمري ۾ پهتو، ۽ بيرر کي ٽپ ڏئي دروازي ٻاهران Don't Disturb جو سائن لڙڪائي ڇڏيائين. ڊنر هن ڪمري ۾ ورتڻ مناسب سمجهيو ۽ پلنگ تي ليٽي مختلف چينلز واچ ڪندي سمهي رهيو.

رات جي ڪنهن پهر خواب ۾ پاڻ کي واديءَ جي سڀ کان اونچيءَ چوٽيءَ تي بيٺل ڏٺائين، جتان ستارن جا موتيا چنندو رات جي ڏاڳي ۾ پوئي رهيو هو. هن ستارن جو گجرو رات جي ڏاڳي ۾ مڪمل ڪري ڪرائي ۾ پاتو، ۽ آسمان جي اونهي پرسڪون سَرمائي ڍنڍ جي مٿاڇري ڏانهن هٿ وڌائي چنڊ جو ترندڙ ڪنول ٽوڙي، ڪوٽ جي ساڄي پاسي واري اندرئين کيسي ۾ احتياط سان رکي ڇڏيو. ۽ آلي ٿي ويل آڱرين تي چمڪندڙ سرمئي قطرن کي اکيون بند ڪري چپرن تي ملي ڇڏيو.

صبح جو ننڊ مان جاڳيو تہ غيرمعمولي سڪون محسوس ڪيائين. خواب جو تاثر سندس ذهن تي ڇانيل هو، پردا هٽائي دريءَ مان


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرديءَ ۾ ويڙهيل اسلام آباد تي نگاهه وجهي باٿ روم ۾ هليو ويو. شيو ڪندي هن جي ذهن ۾ پيٽ خالي ڪرڻ جو غير محسوس خيال جاڳيو، جنهن کي ڪا خاص اهميت نه ڏئي، شاور وٺي، ضروري ڪاغذ ۽ پاسپورٽ کڻي ڪمري مان نڪري ويو.

.......

هُن، ڪار مان نڪرندي بي يقينيءَ مان آمريڪن ڪونسليٽ ٻاهران ويزا لڳرائيندڙن جي نه ختم قطار ڏانهن ڏٺو. ۽ بي دليءَ سان روڊ ڪراس ڪري قطار جو حصو بڻجي رڙهندو اميگريشن آفيسر آڏو پهچي، پاسپورٽ ۽ گهربل ڪاغذ ڪاؤنٽر تي رکي ڇڏيائين. آفيسر ڪاغذن ۽ پاسپورٽ جي پڙتال ڪري ڪانئس هڪ اڌ بيوقوف قسم جو سوال ڪيو، جنهن جو هن بيوقوف قسم جو جواب ڏئي، آفيسر کي مطمئن ڪيو ۽ ويزا جي پرچي وٺي ٻاهر اچي پارڪنگ لاٽ ڏانهن وڌي ويو.

گاڏي مختلف ملڪن جي سفارتخانن جي عمارتن کي پٺتي ڇڏڻ لڳي ته درويش جو چهرو ترو تازه تي پيو. هو خمار آلود نگاهن سان ڪوئل جي هاسٽل ڏانهن ويندڙ رستي کي ڪٽيندي ڏسڻ لڳو. ڪار جيئن يونيورسٽيءَ ۾ داخل تي مختلف روڊن تي هلڻ لڳي، ته درويش ڪئمپس تي ڇانئيل غير متوقع ماٺ کي واضح طرح محسوس نه ڪري سگهيو، ان ڪري به ته ڪئمپس جا اهي پنڌ پيچرا هن لاءِ اڻ سونهان ها. هو سمورن ڊپارٽمينٽس کي پوئتي ڇڏيندا سانت ۾ ٻڏل گرلز هاسٽل آڏو اچي بيٺا، درويش ڏٺو، بينچن جي قطار مان هڪ تي ڪا ڇوڪري سن ٻاٽ وٺندي مطالعي ۾ محو هئي، ۽ ڊسمبر جي سونهري اُس ۾ تڙڪو وٺندڙ هاسٽل جي گيٽ مان به ڇوڪريون نوٽس لوڏينديون، ٻاهر نڪري خالي پيل بينچن جي قطار ڏانهن وڌڻ لڳيون. درويش ڊرائيور جي لهڻ کان پهريان دروازو کولي مين گيٽ وٽ بيٺل بندوق بردار سپاهيءَ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏانهن وڌي ويو.

”روم نمبر ڊيش جي مس ڪوئل سان ملڻو آهي.“

سپاهي ٽي چار ڏاڪا هيٺ، هاسٽل جي اندرين گيٽ وٽ شال ويڙهيل ماسيءَ سان مخاطب ٿيو:

”روم نمبر ڊيش جي ڪوئل جو مهمان آيو آهي.“

”ڇا!؟“ تعجب ماسيءَ جي لهجي سان گڏ ميندي لڳل وارن ۾ ٻڦو ٻڻجي ظاهر ٿي پيو. هوءَ زمانه سازنگاهه جو اولڙو درويش جي سراپا تي وجهي ڪاريڊور ۾ غائب ٿي وئي.

درويش پيرن ۾ پاتل رَف ٽَف نائڪيءَ تي نگاهه ڄمائي، برف ٿيندڙ آڱرين کي گرمائڻ لاءِ Bugleboy جي ملائم ٽرائوزر جي کيسن ۾ هٿ کسڪائي تڙڪي تي پسار ڪرڻ لڳو.

”اوهان اندر اچي ويهو؟“ سپاهي پنجابي ڪوٽيڊ اردو جملو ڳالهايو. هو سپاهيءَ پنيان گيٽ ۾ داخل ٿيو ته سپاهيءَ ساڄي طرف وڌي گيسٽ روم جو دروازو کولي ڇڏيو. درويش ڪشادي گيسٽ روم ۾ اندر اچي دروازي جي سامهون رکيل صوفا تي ويهي رهيو، جتي ٻاهران ايندڙ جي نگاهه اوسين نٽي پئجي سگهي، جيسين هو باقاعدي گيسٽ روم ۾ داخل نٽي ٿيو. هن شايد ڪوئل کي سرپرائيز ڏيڻ خاطر ان اڪيلي صوفا تي ويهڻ پسند نه ڪيو هو، گيسٽ روم جي ٿڌ آهستي آهستي سامان مان نڪري درويش جي جسم ۾ لهڻ لڳي، ته هن پيٺ ۾ وٽ محسوس ڪيو، ٻاهران ڪوئي گيسٽ روم سان لڳ ديوار تي هٿوڙا وسائڻ لڳو. درويش کي گيسٽ روم جي دروازي مان نظر ايندڙ هاسٽل جي ديوار ڪنهن قلعي جي مضبوط فصيل جهڙي لڳي ٿي، جيڪا جيئن پوءِ ٿيئن سوڙهي ٿيندي وسيع باغ تي وڃي ختم پئي ٿي. هاسٽل جي ان قلعي نما ديوار سان فوٽ پاٿ پڻ آخر تائين ساٿ نڀايو پئي. فوٽ پاٿ ۾ ديوار جي وچ تي هڪ ٻئي پرسان بينل ٻن گيزرن جي ڳڙڪين ۾ ٻاهه جا ڀنيٺ پڙڪي رهيا هئا. ساڳي طويل فوٽ پاٿ تي ڪا


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاگردياڻي هٿن ۾ ڪتاب پڪڙي ڪجھ رٽڻ جي ڪوشش ۾ اچ وڃ ڪري رهي هئي. درويش ڏٺو، ان ڇوڪريءَ جڏهن باغ وٽ ختم ٿيندڙ فوٽ پاٿ وٽان مڙي گيسٽ روم ڏانهن منهن ڪري هلڻ تي شروع ڪيو ته سندس نگاهه لاشعوري طور ڪتاب تان هٽي، گيسٽ روم ۾ ويٺل درويش ڏانهن ڪجهي تي وئي. هڪ بي معنيٰ نگاهه، جيڪا راهه هلندي پاڻ مرادو شين تي پوندي ويندي آهي.

درويش گهڻ رخي منظر مان لطف اندوز ٿي رهيو هو ته ڪوئل گيسٽ روم ۾ داخل ٿي. هلڪي ترسان شال اوڊيل صحت مند سانوري ڪوئل، هلڪن گهنڊيدار وارن ۾ 1960ع جي ڏهاڪي ۾ نهندڙ انڊين فلمن جي ڪلاسڪ هيروئن جهڙي لڳي رهي هئي. درويش احترامن اٿندي ڪوئل جي گم سم نگاهه ۾ پنهنجي اوچتي اچڻ جي احساس کي جهٽڻ چاهيو، پر ڪوئل جي نگاهه کي ڪوريئر سروس ذريعي پهتل گفٽ پيڪ وانگر بند ڏسي، هو سمجهي نه سگهيو ته ڪوئل جي نگاهه جي نهان خاني ۾ ڪهڙو احساس سمايل هو... هوءَ بي نياز وکون کڻندي درويش جي پر ۾ پيل صوفا تي اچي ويٺي ته درويش به ڪوئل جي پوءِ واريءَ ۾ ويهڻ لڳو. صوفا تي ويهندي هن کي ڪجھ گهڙين لاءِ محسوس ٿيو ڄڻ هو هاسٽل جي گيسٽ روم ۾ ڪنهن صوفا تي ويهڻ بجاءِ، سوئمنگ پول جي شفاف نيري پاڻيءَ جي متاڇري تي ترندي ٽٻي هڻي هيٺ هليو ويو هجي ۽ ٽٻڪ جي آواز ڪان پوءِ سمورا آواز پاڻيءَ جي سطح تي رهجي ويا هجن. انهن لمحن ۾ درويش گيسٽ روم جي ڪليل در مان نظر ايندڙ هاسٽل جي قلعي نما ديوار، ديوار سان ساٿ نڀائيندڙ فوٽ پاٿ، مطالعو ڪندڙ ڇوڪريءَ باهه ڪيندڙ گيزرن کي به بلڪل ائين ڏٺو جيئن سوئمنگ پول جي لهرائيندڙ شفاف پاڻيءَ هيٺان باهريان منظر نظر ايندا آهن.

”ڪيئن آهيو؟“ ڪوئل جي نرم لهجي، لمحن جي اجنبي خاموشيءَ جي هٿن ۾ آواز جو گلدستو ٿمائي ڇڏيو.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”نيڪ آهيان، اوهان ڪيئن آهيو؟“ اوهان چوندي درويش کي عجيب محسوس ٿيو، چو تہ خطن ۾ ۽ ٽيليفون تي ڪوئل کي هميشہ تون ڪري مخاطب ٿيندور هيو هو.

”جي- بس الله جو شڪر آهي.“ جينيٽڪس ۾ ايم.فل ڪندڙ ڪوئل جو جواب ٻڌي حيران ٿيڻ جي بجاءِ، ڪوئل جي خط جو پئراگراف ياد اچي ويو هيس:

(سائنس جي شاگرداڻي هئڻ جي باوجود ڏاڍي مذهبي ڇوڪري آهيان، جيڪا الله جي سهاري جي رهي آهي. I Never can deny God چو تہ جتي مان سائنس کي واڻرو ٿيندي ڏسندي آهيان، اتي رليجن، ۽ ايجوڪيشن سان همڪلام رهندا آهن. منهنجو اڌ وقت الله لاءِ آهي، اڌ دنيا لاءِ، دنيا کي اجان تياڳي نہ سگهي آهيان ۽ نہ ئي تياڳڻ جو ڪو ارادو اٿم (الله ڄاڻي ٿو). الله کي ايترو ويجهو سهڻ جي نہ طاقت اٿم نہ حيثيت، اها تہ بزرگن ۽ اوليائن جي هستي آهي، مان تہ معمولي ٻن مهينن جي ٻارڙي آهيان، جيڪا الله کي ڪڏهن ڪڏهن ياد ڪري خوش ٿي وڃندي آهي، ۽ ڪائنس رحم جي طالب رهندي آهي. منهنجي حيثيت تمام ننڍي آهي، ۽ هن جي ذات لاحد آهي. ايتري ئي فيڊ چاهيان ٿي جيتري هضم ڪري سگهان، نہ تہ مان ٽڪمي تہ فنا ٿي وينديس. جيڪڏهن هن جو پورو احساس سمائڻ جي ڪوشش ڪيم تہ منهنجا سمورا ايٽمز، ماليڪيولز ٽٽي پوندا. اجا مرڻ نٿي چاهيان. زمين سان بہ مون کي پيار آهي.)

”دوست جا ڪهڙا حال آهن؟“

ڪوئل جي زبان مان پنهنجي وڏي پٽ جو نالو ٻڌي مرڪي چئي ٿو.

”والٽڊزني جي ڪارٽونن ۾ پيو جيئي.“

”۽ باھُو...؟“

”هو بہ پنهنجي تخيلاتي دنيا ۾ مست آهي.“ جواب ڏيندي نون


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سالن جي پٺ جو خيال اچيس ٿو.

”ٽيون ڏينهن رات جو ادي فريال کي خواب ۾ ڏٺو هيم، ڪجهه نيڪ نہ پئي لڳي.“

هو گهٻرائجي سوچي ٿو، ’ٽيون ڏينهن ٿي نہ فريال کي سندس شڪايت تي ڊاڪٽر وٽ وٺي ويو هيس‘ ۽ چئي ٿو:

”خبر ناهي ڇو، هيمو گلوبين گهٽجي ويو اٿس!“

”ادي فريال جيڪڏهن پنهنجو خيال نٿي رکي، تہ اوهان هنن جو خيال رکونا... آفيس وڃڻ سان گڏ توهان ٽنهي کي بہ سنڀالڻ جو ذمو هنن تي آهي، ظاهر آهي اهڙي صورتحال ۾ ٿڪجي پوندي هوندي، اوهان هنن جي خدمت ڪندا ڪريو، جوسز ناهي پياريندا ڪريوس، خيال رکو هنن جو، هيمو گلوبين گهٽجڻ نہ گهرجي.“ ڪوئل تنبيهہ واري لهجي ۾ چئي ٿي، درويش کي گيسٽ روم ۾ ٽڏ وڪوڙي ڇڪي، آهي، هو ڪچن وٽ ٽڏ جون جهنجهٽيون وڄندي محسوس ڪري رهيو آهي. جسم کي ڏڪڻ کان روڪڻ خاطر سخت ڪري ڇڏيو اٿائين، پر چهري مان ظاهر ٿيڻ نہ ڏيندي پڇي ٿو:

”تو ڇا سمجهيو، تہ ڪير آيو آهي؟“

”ماسيءَ چيو: ڪوئي وڏن وارن وارو آيو آهي توسان ملڻ. اهو ٻڌي منهنجي مٽي ۾ گهنٽي وڄي وئي، مان سوچيو، اهي نوهان ٿي ٿي سگهو ٿا.“ ڪوئل ڊبيل ڪِلَ ڪلي تي ۽ چئي ٿي:

”ڪجهہ راتين کان توهان کي بہ مسلسل خواب ۾ ڏٺو هيم.“

”ڇا پئي ڪيم؟“ تجسس مان پڇي ٿو.

”ناراض هيؤ.“

”ان ڏينهن تنهنجو لهجو بہ تہ ڪيڏو خراب ٿي ويو هو.“

ڪوئل ڪنڌ جهڪائي نيل پالش ڪان خالي وڏن نهن ۾ نهارڻ لڳي ٿي، هو چئي ٿو:

”مٽان وري فون بہ هيئنگ ڪري ڇڏيو هيئي...“


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوءَ نهن تان نظر نٽي هٽائي.

”توکي خبر آهي نه، سموري دنيا ۾ گفتگو کي اڌ ۾ ڪٽي رسيور آف ڪري ڇڏڻ کي ڪيترو خراب سمجهيو ويندو آهي؟“

”نه پوءِ توهان مان کي ستايو ڇو پيا؟“ ڪوئل نهن تان نگاهه هٽائي ڇڏي ٿي.

”منهنجو توسان ڪو رشتو آهي؟“

”جي- آهي.“

”ڪهڙو...؟“

”مون کي پاڻ خبرناهي.“

”خبر ناهي، يا ٻڌائڻ نٿي چاهين؟“

”ڪو رشتو آهي، مان فقط ايترو ڄاڻان ٿي.“

گيسٽ روم پرسان ٽٽندڙ ديوار مٿان مزدورن جا هٿوڙا تيز ٿي ويا آهن. درويش کي گيسٽ روم جي ٽڏ بيزار ڪرڻ لڳي آهي، هو هٿوڙن جي آوازن کي بهانو بڻائي چئي ٿو:

”هتي ڏاڍو گوڙ آهي، ٻاهر هلي سگهجي ٿو...؟“

”ڇونه“ ڪوئل صوفا تان اٿندي چئي ٿي: ”پراڻو واش روم نوڙي نئون پيا ناهين.“

ٻاهر اچي ويا آهن، سونهري اس جو تڙڪو درويش جي ٿاڪور ڪرڻ لڳو ته هن جسم ۾ پرسڪون تمازت پرجندي محسوس ڪئي. ٻئي پور وچوٽ تي هلڻ لڳن ٿا، ڪوئل ڄڻ خود ڪلامي ڪرڻ لڳي ٿي:

”مان کي هميشه منهنجن خوابن نقصان پهچايو آهي، منهنجي خواب ۾ آيل ان ڪمزور ساڌو جي نيڻن ۾ الائي ڪهڙو جادو هو، جيڪو مان کي ڪنهن حد تائين توهان جي نيڻن ۾ نظر آيو آهي، دراصل اهي اوهان جا ئي نيڻ هئا، جن منهنجن خوابن کي پنهنجين ڪهاڻين ۾ لکيو ۽ مان توهان کي ان ڪري Like ڪيان ٿي، جو مان اوهان کي پهرين پنهنجن خوابن ۾ ڏٺو پوءِ ڪتابن ۾.“ هوءَ چپ ٿي وڃي ٿي ته درويش


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جئي ٿو:

”هِہ سال اڳ- جڏهن سال جي پهرين بارش تنهنجو طويل خط منهنجن هٿن تائين پهچايو هو، تہ اهو نيرو لفافو، مون کي نيري رنگ مان اُٿيل اهڙي ڇاري محسوس ٿيو هو، جنهن ۾ تون مون کي ڪنهن سهڻي پوپٽ وانگر قاتل نظر آئي هئينءَ. پر جيئن ئي لفافو کولي خط پڙهڻ لڳو هيس، تہ تنهنجي تحرير جي جادو مون کي پوپٽ بڻائي ڇڏيو هو، مان آفيس جي ٽيبل تي انسان بڻجڻ جي جستجو ۾ ڦٿڪڻ لڳو هيس، تہ قاتل لفافي مان ٻہ هٿ نڪتا هئا، جن ڏاڍي آرام سان پوپٽ کي پنهنجي ٻڪ ۾ ڪنيو هو، ۽ واپس لفافي ۾ غائب ٿي ويا هئا ۽ مان ڪيترا مهينا ان لفافي اندر، پنهنجي بقاءَ جي جنگ لڙندو رهيو هيس، ۽ ڪامياب ٿي ٻاهر نڪتو هيس پر هڪ آديءَ جو، ٽيليفون تي ڳالهايل تنهنجي جملي مون کي آئيني سامهون آڻي بيهاريو هو. مان حسد ۽ ڪاوڙ جي آڳ ۾ ٻڇندي جڏهن آئيني ۾ ڏٺو هو، تہ حيران ٿي ويو هيس، منهنجو اڌ جسم انسان جو هو باقي اڌ پوپٽ جو. بيوسيءَ مان آئينيءَ ۾ نهاريندو رهيو هيس. ان رات مون کي خبر پئي هئي تہ لفافي مان تہ فقط پنهنجو جسم ئي ٻاهر ڪڍي سگهيو هيس. بيو پيرو پاڻ کي تنهنجي آڏو ان وقت ڪمزور محسوس ڪيو هئم، جڏهن هڪ دوست سان توکي ڊسڪس ڪندي چئي وينو هيم، ’تڪجي پيو آهيان، ڪوئل کي ڇڏڻ تو چاهيان.‘ اهو ٻڌي هن هڪدم چيو هو، ’ڪوئل جي ايڊريس مون کي ڏي، مان جينيٽڪس تي آرٽيڪل لکڻ تو چاهيان.‘ هن جي ڳالهہ ٻڌي دل ۾ آبو هو، منهن ۾ نونشو هٽي ڪيانس.“

”سڪ منهنجي طرفان ٻہ هٽي ڇڏيوس ها.“ هڪدم چئي ٿي:

”هن جي همت ڪيئن ٿي اهو چوڻ جي! ۽ توهان مان کي ڪنهن ٻي شخص سان ڊسڪس ڪيو ٿي ڇاجي لاءِ...؟“ هوءَ وقفي کان پوءِ چئي ٿي: ”ضروري آهي ڇا، جيڪڏهن توهان مان کي ڇڏي ڏيو، تہ ماڻهو مان کي واندو سمجهي خط لکڻ شروع ٿي وڃن...“ چوندي ڪوئل جي آواز


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي لام تي ڏک پرسوئي لهي اچي ٿو. درويش ماحول ۾ پيدا ٿي ويل سنجيدگيءَ ۾ رنگ پرڻ خاطر چئي ٿو: "مان پنهنجي حياتيءَ ۾ ٻن عورتن کي ڪڏهن لمحي لاءِ به واندو ويٺل نه ڏٺو، هڪ اندراگانڌي، جنهن پنهنجي سياسي مصروفيتن سبب پنهنجي مڙس کي ڇڏي ڏنو. ٻي ڪوئل، جنهن لاءِ جينيٽڪس، محبت کان وڌيڪ اهم آهي." درويش جي جملي تي ڪوئل جي چهري ۾ ٽهڪ پرجي ٽا وڃن، جن کي لنوائيندي چئي ٿي:

"ٻار اسڪول وڃن ٿا؟"

"ويندا ته آهن، پر ٻاهُو کي اسڪول ناهي وڻندو."

"توهان وانگر." چوندي ڪوئل کلي پئي ٿي.

"اسان جا اسڪول، سرٽيفڪيٽ ورهائڻ جي فيڪٽرين کان وڌيڪ ڪجهه به ناهن، ۽ منهنجي خيال ۾ ذاهپ جو اسڪول سان ڪو خاص تعلق به نه هوندو آهي، جيڪڏهن ائين ٿي هجي ها، ته آئنسٽائن پنهنجي ڪلاس جي ڏڏ شاگردن ۾ شمار نه ڪيو وڃي ها، نه ئي اسڪول نيڪالي مليس ها."

"صحيح آهي، ڪوالٽيز ٻار ۾ Inheritant هونديون آهن." ڪوئل چوندي جڻ درويش جي ڳالهه جي تصديق ڪري ٿي.

فوجين سان پريل ڊاٽسن سندن پرسان لنگهي ٿي. فوجي هنن ڏانهن نهارڻ لڳن ٿا، ڊاٽسن اڳتي وڌي وڃي ٿي ته ڪوئل چئي ٿي:

"ڪئمپس ڪليل هوندي آهي، ته هي روڊ شاگردن سان پريل هوندو آهي، پر ڪالهه ٻن گروپس ۾ چوڪريءَ تان جهيڙي جي ڪري خالي پيو آهي."

"اڄا!؟" درويش کي اسلام آباد يونيورسٽيءَ ۾ چوڪريءَ تان جهڳڙو عجيب ٿو لڳي. پر هو 'پينڊورا باڪس' جو سوچي مطمئن ٿي ٿو وڃي.

"توکي ڪاڏي وڃڻو ته ڪونه هو؟" هن کي اوچتو خيال اچي ٿو، ته پڇيس ٿو.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاءُ جو دشمن ٿي پيو آهي.“... ۽ سندس گفتگو هڪ دفعو ٻيهر جهرڪين جي چرچر ۾ تبديل ٿي وڃي ٿي. درويش پنهنجي شعور ۾ اڇڻ واري ڄمار کان پوءِ، ستاويهن اناويهن سالن واري زندگيءَ تائين، روڊن تي، هوٽلن ۾، سينيما گهرن ۾، جهازن ۾، ٽرين جي سفر ۾، مختلف فنڪشنز ۽ پارٽيز ۾ اجنبي ماڻهن جي گفتگوءَ مان اهڙا سوين جملا ٻڌا آهن، جن مان ڪيئي تہ هن جي ياد جو حصو بڻجي چڪا آهن. گهمندي ڦرندي جملا جهٽڻ هن جي دلچسپيءَ جو حصو رهيو آهي. هن سوچيو: ’يادون، ويوئل کان وڌيڪ آڊيو هونديون آهن، جيئن خواب آڊيو کان وڌيڪ ويوئل هوندا آهن.‘ پر چئي ٿو:

”ياد ريڊيو هوندي آهي ۽ خواب ٽيليويزن.“

ڪوئل سندس ڳالهہ سان اختلاف ڪرڻ بجاءِ چپ چاپ هلندي رهي ٿي. هن جي هلڻ ۾ گمان کان وڌيڪ يقين سمايل آهي تہ هوءَ اڪيلي ناهي:

”گهٽو اڳي منهنجين اکين ۾ خوابن جي ندي وهندي هئي“، ڪوئل کي خاموش ڏسي درويش ڳالهائڻ لڳي ٿو: ”وري هڪ وقت اهڙو بہ آيو، جڏهن خوابن جي ندي پاڻ سان گڏ منهنجا ڇپر بہ لوڙهي وئي، ۽ مان ٻي عڪس راتيون گذارڻ لڳس. پر 1998ع جي پهرئين بارش تنهنجو خط کڻي آئي، تہ منهنجو ذهن تنهنجي تحرير جي مهڪ سان واسجي ويو ۽ پوري سال کان پوءِ تنهنجن خطن جا پکي، منهنجي تصور جي ڏنڊ تي•لهي ٽڙڳڻ لڳا، اهڙا پکي جن جي نيڻن ۾ خوابن سان گڏ هڪ شڪايت بہ سمايل رهندي هئي، تہ ’درويش ننهنجيون اکيون ٻي خواب ڇو آهن...؟‘ ۽ پوءِ اوچتو ئي اوچتو، اهڙين ئي ٻي عڪس راتين مان هڪ رات جي ڪنهن پهر ۾، منهنجي خواب اسڪرين جو بٽڻ آن ٿي ويو، تہ مان پهريون ڀيرو ڊوميسٽڪ چينل ذريعي ٽيليڪاسٽ ٿيندڙ منظر کي پنهنجي خواب اسڪرين تي ڏٺو، جنهن ۾ پاڻ ٻئي هڪ قديم قلعي جي برج تي ويٺا هئاسين، ۽ مان ان قلعي جي قدامت ۽ سونهن


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي باري ۾ توکي ٻڌائي رهيو هئس، ان خواب کان پوءِ منهنجي خواب اسڪرين تي هڪ ئي وقت چار چينلز آن رهندا آهن. جيڪي وقت بہ وقت پنهنجا پروگرام ٽيليڪاسٽ ڪندا رهندا آهن. انٽرنيشنل، نيشنل، ڊوميسٽڪ ۽ ايبسٽريڪٽ. جنهن چينل تان مون کي تون نظر ايندي آهين، ان کي مان ڊوميسٽڪ ۾ شمار ڪندو آهيان.“

”اڇا...؟“ ڪوئل ڊسمبر جي ساماڻجندڙ اس ۾ هر طرف ٿهڪن جا خستہ ۽ لذيذ پاپ ڪارنز پکيڙي ڇڏيا. درويش جي دل چاهي ٿي، ڪوئل جي وکيريل گرما گرم ٽهڪن جي پاپ ڪارنز کي پنهنجي سماعت سان گڏ، بليزر جي کيسن ۾ بہ ڀري ڇڏي ۽ هوٽل پهچي انهن ٽهڪن جي پاپ ڪارنز مان خوب ڊؤ ڪري لطف وٺي.

هاسٽل جي گيٽ کان ڪجهہ وکون پري بيهندي چيئي ٿو:

”توکي دير ٿي وئي آهي.“

”ٽائيم ڇا ٿيو آهي...؟“ ڪوئل بيهر ڪجهہ دير اڳ ڳالهايل جملو ورجائي، بي خياليءَ مان پنهنجو هٿ متي ڪري خالي ڪرائي تي نگاهہ وجهي ٿي. درويش کي ڪوئل جي ٽائيم ڏسڻ جو انداز وڻي ٿو. هوءَ هٿ هيٺ ڇڏي چيئي ٿي:

”اچو، چانهہ پي وڃو.“

ڪوئل جي دعوت کي ڪنهن طرح لنوائڻ مناسب نہ سمجهي، ساڻس گڏ ٻيهر هاسٽل جي سرد گيسٽ روم ۾ اچي، ساڳي صوفا تي ويهي رهي ٿو، تہ ڪوئل دروازي مان غائب ٿي وڃي ٿي. هو وقت گذارڻ خاطر هڪ دفعو ٻيهر، دروازي مان نظر ايندڙ هاسٽل جي باغ تي ختم ٿيندڙ قلعي جهڙي ديوار جو ساٿ نڀائيندڙ فوٽ پاٿ ۽ فوٽ پاٿ تي جلندڙ گيزرن کي ڏسڻ لڳي ٿو. پر هاڻي ان سڄي منظر مان هٿن ۾ ڪتاب پکڙي فوٽ پاٿ تي اچ وڃ ڪندڙ ڇوڪري غائب آهي. ٻاهر واش روم ٺاهيندڙ مزدورن جي هٿوڙن جا آواز ڪجهہ گهٽيل آهن، پر گيسٽ روم ۾ ڦهليل سردي اوتري ئي شديد آهي. خالي گيسٽ روم ۾ ڏکهي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آرس پيچي سڏو ٿي ويهي رهي ٿو. تڏ سبب بات روم جو خيال وري جاڳي پيو اٿس. جنهن کي روڪيندي گئسز ڪڪين ۾ پرجڻ لڳنس ٿيون. پڇتاءُ ٿيڻ لڳيس ٿو تہ صبح جو خيال اچڻ جي باوجود حاجت پوري چونہ ڪيائين... پر اهو ڪو پهريون ڀيرو تہ ڪونہ هو، جنهن ڪري ائين ٿيو هجيس... هن تہ سموري زندگي (جيڪو ٿيندو ڏٺو ويندو) واري جملي تي عمل ڪندي گذاري ڇڏي هئي. ڪوبہ ڪم اڳواٽ سوچي ڪرڻ، هن جي اصول جي خلاف هو. هن لاءِ جيئڻ، اڻ ڏٺل منزل ڏانهن بي سرو ساماني جي سفر وانگر رهيو هو ۽ هن پنهنجي زندگيءَ جا اوڻيتاليهہ سال اهڙي صورتحال ۾ ڪاميابي سان گذاري ڇڏيا هئا.

پاسو مٽائي ذهن ۾ جاڳي پيل حاجت جي خيال کي ريجهائڻ چاهي ٿو، تہ ڪوئل هٿن ۾ دونهان ڪڍندڙ خوبصورت ڪافي مگ کنيو روم ۾ داخل ٿئي ٿي، ۽ مگ درويش کي پيش ڪري، پر واري صوفا تي ويهي رهي ٿي. هو سياٽي ڪان بچڻ خاطر، گرم مگ تي پنهي هٿن جي پڪڙ مضبوط ڪري دونهين جو هوش ربا رقص ڏسندو، تڪڙا ڍُڪ پرڻ جي جستجو ڪرڻ لڳي ٿو، پر پهريون ئي ڍڪ محتاط بڻجي وڃڻ جي تلقين ڪري ڇڏيس ٿو.

”آرام سان پيئو، ڇئي ڇڏينديس گيسٽ اچي ويا هئا.“

درويش کي ڪوئل جو لهجو، هڪ دوست يا محبوبا ڪان وڌيڪ زال جهڙو ٿو محسوس ٿئي.

”تنهنجو گائيڊ، يقيناً خوبصورت پوڙهو هوندو؟“ درويش بظاهر وائڙو سوال پڇي ٿو. پر اهو سوال پڇندي هن جي ذهن ۾ ايس- او- ايس ڪاليج لندن ۾ جاگرافي پڙهائيندڙ پروفيسر ڊاڪٽر زوار حسين زيديءَ جي سحرانگيز شخصيت جو تصور ايري ٿو.

”نہ. هو تہ پوري پني قد جو نهايت پوڙهو پروفيسر آهي.“ جواب ڏيندي ڪوئل جي چپن تي اهڙي مرڪ تري اچي ٿي، جنهن ۾ درويش پنهنجي لاءِ واضح طرح لڪيل ڏسي ٿو (تون يقين ڪر، هو مان لاءِ فقط


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ پروفيسر ڪان وڌيڪ ڪابہ حيثيت نہ رکي.) ڪوئل جي اهڙي وضاحت جي ترديد ڪرڻ مناسب نہ سمجهي. باهر هڪ دفعو وري باقاعدي هٿوڙي بازي شروع ٿي وئي ٿي، مگر مان آخري ڏڪ پريندي هن کي تعجب ٿو ٿئي، تہ ههڙي سرديءَ ۾ هاسٽل جي ڪمري کان گيسٽ روم تائين پهچڻ جي باوجود، چانهہ آخر پنهنجي گرمي ڇو ڪونہ وڃائي سگهي هئي!؟ ايڏي دونهادار چانهہ تہ ڪالهہ رات کان اسلام آباد ۾ ڪٿي بہ نصيب نہ ٿي هيس، پنهنجي فائيو اسٽار هوٽل ۾ نہ. ڪوئل جي آندل چانهہ هن کي هيٽر بجاءِ، ڪوئل جي روح جي گرميءَ تي پڪل لڳي ٿي. هو سوچي ٿو: 'تڏهن تہ آخري ڏڪ تائين چانهہ جو درجہ حرارت گهٽجڻ بجاءِ روح کي گرمائيندو رهيو.'

"گهر وئي هئينءَ؟"

درويش جي سوال تي چئي ٿي: "ٻہ مهينن کان نہ وئي آهيان، ۽ سوچي ٿي: "ڇا وڃي ڪريان، جن ڀائرن سان محبت ڪندي آهيان، سي پنهنجين زالن جي عشق ۾ ايترا تہ ظالم ٿي ويا آهن، جو مون کي گهر ۾ ڏسي خوش ٿيڻ بجاءِ، اڻ ڪونيل مهمان وانگر ٽريٽ ڪرڻ لڳندا آهن. پيءُ ويچارو تہ هاڻ ٻي زبان ٻڌجي چڪو آهي، باقي هڪ ماءُ آهي، جنهن جي سامهون هوندي آهيان تہ چڙي پوندي آهي، ۽ جڏهن پري هلي ويندي آهيانس تہ پريشان ٿي ويندي آهي." پر هوءَ چئي ٿي: "گذريل هفتي امان فون ڪيو هو، روئڻهارڪي آواز ۾ چيائين: "اچ نہ تہ مان هلي ايندي سانءِ."

ڪوئل کان گهر نہ وڃڻ جو سبب پڇڻ ضروري نہ سمجهي، ٻہ سالن ۾ هڪ ٻئي جي مسئلن کي ايترو تہ چڱيءَ ريت سمجهي چڪا آهن، جيترو ڪنهن نابين جا بہ هٿ سندس استعمال ۾ ايندڙ روزاني ڪار وهنوار جي شين کي سمجهي وٺن. هو ٻئي ڪيتري دير ماٺ ٿي وڃن ٿا. سمورو گيسٽ روم هٿوڙن جي پرشور آواز ۾ گونجندو رهي ٿو. ڪوئل ٿننڌڙ ديوار جي ڪرندڙ ٺڪرن ۽ هٿوڙن جي گوڙ ۾ پڙڪي ٿي:


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”مان ڏاڍي اڪيلي ٿي پئي آهيان...“

ڪوئل جو مايوس جملو ٻڌي، درويش جي دماغ ۾ جڙيل پراڻي واش روم جي ديوار ڪي ڪوئي هڪ ئي هٿوڙو هڻي ڪمزور ڪري ٿو ڇڏي، هڪ نئين واش روم جي بنياد وجهڻ لاءِ. ڪوئل جي روح جي گرميءَ تي ڪڙهيل چانهه جي حرارت، درويش جي وجود ۾ متحرڪ ٿي وڃي ٿي. هو چئي ٿو:

”مان هن وقت به توسان شادي ڪرڻ لاءِ تيار آهيان، پر هڪ شادي شده مرد سان شادي ڪرڻ ڪان پوءِ ڇا تنهنجي اڪيلائي ختم ٿي ويندي...؟ ۽ اهو به، ته ڇا ان گهر ڪي تون دل سان پنهنجو تسليم ڪري سگهندينءَ...؟ جنهن ۾ توڪان پهرين فريال ۽ سندس ٻار آباد آهن...؟“

ڪوئل هٿوڙن ۾ ٽڪرا ٿي ڪرنڌڙ ديوار جي آوازن وچ ۾ ڊسٽمبر ٿيل خالي ديوار ۾ ڏسندي رهي ٿي. درويش چئي ٿو: ”ڪوئل مان اهو توکي ان ڪري ٿو چوان، ته تو پنهنجي زندگيءَ جا اهم ترين سال هاسٽلن جي ميس ۾ ماني کائيندي گذاري ڇڏيا آهن. ان ڪري ڪنهن ٻيءَ عورت سان گڏجي بورچيخانو شيئر ڪرڻ تولاءِ ايترو به آسان نه ٿيندو. ۽ مون کي اها به خبر آهي ته تو ۾ فريال جيتري درگذر ناهي.“

”ادي فريال جهڙيون عورتون تمام گهٽ ٿينديون آهن“، ڪوئل ديوار تي نگاهون ڄمائي چئي ٿي: ”هو ايڏي لوئنگ ليڊي آهن جو مان سوچي شرمسار ٿي ويندي آهيان.“

”ڪوئل، مان تنهائيءَ ۾ ڪيترا ڀيرا ان ڳالهه تي سوچيو آهي.“

درويش اونهي سوچ مان چئي ٿو: ”ته جيڪڏهن منهنجي هوندي، فريال ٻي شادي ڪري ساڳي گهر ۾ مون کي ڇڏي پنهنجي نئين مڙس سان سهاڳ رات گذارڻ لاءِ بيڊروم جو دروازو بند ڪري ڇڏي، ته مان ڇا محسوس ڪندس...“

”توبه“ چوندي شرميلي مُرڪ مرڪي پئي ٿي. هو چئي ٿو:

”ڪوئل، اهڙي صورتحال جو سوچي ڏُک ٿيڻ بجاءِ عجب ٿيڻ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڳندو آهي، بلڪ هڪ عجيب مضحڪ خيز ڏک جو احساس ٿيڻ لڳندو آهي.“

”ٿيڻ به گهرجي“ ڪوئل مختصر جملو ڳالهائي ٿي.

”تون مون کي هڪ خط ۾ لکيو هو: (مان زندگيءَ جي ٻپهريءَ مان گذري رهي آهيان؟ جتي رشتا ته ڇڏيو، انسان جو پنهنجو پاڇو به ساٿ ڏيڻ لاءِ راضي نه هوندو.) تو بلڪل صحيح لکيو هو. ڪوئل، ٽيهه سال گذري وڃڻ کان پوءِ عورت جي زندگيءَ ۾ ٻپهري شروع ٿي ويندي آهي. ٻپهريءَ جي ان تکي اس ۾ ماڻهوءَ کي کپي ته هو نيڻ نهار تائين نظر ايندڙ حقيقت جي سمورن ٽونز کي بيباڪ نگاهه سان پرکي“. درويش، لمحن جي چانءِ ۾ ساهي پٽي چئي ٿو: ”عورت جو جسم هاڻ مون لاءِ ڳجهارت نه رهيو آهي، جيئن اڄ کان ٻاويهه سال پهريان هو. مان پنهنجي جوانيءَ جا ڇڙواڳ لمحا انين فيبروري اوٽيهه سؤ ٽياسيءَ جي راتين ۾، فريال جي بي حساب پاڪرن حوالي ڪري ڇڏيا. پوين ٻاوهين سالن ۾، فريال سان منهنجي اهڙي سيڪشوئل ايڪوئشن ٿي چڪي آهي، جنهن جي نڀڻ لاءِ هڪ طويل ذهني هم آهنگيءَ جي ضرورت هوندي آهي.“ درويش، مسلسل خالي ديوار ۾ نهاريندڙ ڪوئل ڏي ڏسي ڪجهه سوچي چئي ٿو:

”مان توکي اهو ان ڪري ٻڌائي رهيو آهيان جو، تون هڪ شادي شده مرد سان شادي ڪرڻ ٿي چاهين... نئين ڪوٽ خريدڻ جي وصيت هوندي به خبر ناهي ڇو! تون سيڪنڊ هئنڊ ڪوٽ وٺي پائڻ ٿي چاهين!؟“

”منهنجي پسند جا سمورا ڪوٽ بازار مان گهٽو اڳ وڪامي چڪا.“ چوندي ڪوئل ڪلي پئي ٿي اداس ڪل، ۽ چئي ٿي:“ هاڻي مان کي اهڙو ڪوئي به نظر نٿو اچي، جيڪو منهنجي جسم کان وڌيڪ، سرديءَ ۾ ڪنبندڙ منهنجي روح جو ڪوٽ بڻجي سگهي...“

ٽوڙي جو ٻاهر واش روم ناهيندڙن جا هٿوڙا جهڪا ٿي چڪا


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهن، تنهن هوندي بہ هو عجيب بيچينيءَ مان اڳتي جهڪي چئي ٿو:
”هتي ڏاڍو گوڙ آهي.“ ۽ ويهي رهي ٿو.

هو ٻئي ٻاهر اچي هر ڏسا پکڙيل تڙڪي جي وچايل سونهري قالين تي وکون رکندا، پور وچوٽ تي هلڻ لڳن ٿا.

”ڪوئل، مان توکي پهرين پيار جهڙا پاڪر پائي نہ سگهندس، توکي پهريون پاڪر پائڻ جو حق فقط ان کي هئڻ گهرجي، جنهن تي ڪڏهن عورت جي جسم جو راز نہ کليو هجي... تنهنجي چپن کي چمڻ جو حق فقط ان شخص کي آهي، جنهن ڪڏهن عورت جي چپن جي گرمي محسوس نہ ڪئي هجي...“

”هاڻي نہ اهي هٿ ايندا، نہ اهي چپ.“

ڪوئل کان هلڪي کل نڪري ٿي وڃي. هوءَ اسلام آباد جي آسمان ۾ ’اوشا اٿپ‘ جي پيشاني تي جڳمڳائيندڙ بنديا جهڙي سورج ۾ نهاري، ڪنڌ جهڪائي هلڻ لڳي ٿي. درويش پنهنجي منهن ڳالهائي ٿو:

”اسان اهڙي دنيا ۾ ٿا رهون، جتي عورت جي باطني سونهن کي ڏسڻ بجاءِ، سندس جسم کي نگاهہ جي انچ ٽيپ سان ماپيو ٿو وڃي. سندس ذهن ۾ آباد نفيس ڪائنات کي لنوائي، ڪلڪيوليٽر کڻي هن جي ڄمار جو ڇيد ڪيو ٿو وڃي.“ جهاڙين مان بہ پوپٽ هڪ ٻئي پٺيان اڏامندا سندن سامهون کان ترندا هليا وڃن ٿا، هنن جي نگاهہ پوپٽن جو اوسين پيڇو ڪندي ٿي رهي، جيسين اهي غائب نٿا ٿي وڃن. هو ڪمپيوٽر سائنس ڊپارٽمنٽ کان واپس ٿي، ماٺ جي وادي پار ڪرڻ لڳن ٿا. (هڪ ڊگهي ماٺ کان پوءِ) درويش چئي ٿو: ”وقت اجا بہ تنهنجن هٿن ۾ آهي، جيڪڏهن تون پنهنجي خوابن کي درياهہ ۾ وهائي ڳولهڻ چاهين، تہ هڪ اهڙي زندگي ڳولهي سگهين ٿي، جيڪا فقط تنهنجي پنهنجي هوندي، جنهن ۾ ڪنهن بہ ٻيءَ عورت جو عمل دخل نہ هوندو.“ ڪوئل ڪو جواب ڏيڻ بجاءِ پنهنجا هٿ چادر ۾ لڪائي ٿي ڇڏي. هو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چئي ٿو:

”۽ جيڪڏهن تنهنجي زندگيءَ ۾ اهڙا ڏينهن اچن، ته تون منهنجي دنيا مان چپ چاپ کسڪي وڃجانءِ.“

”ڇو، توهان کي ڏک ٿيندو؟“ ڪوئل خوشگوار موڊ ۾ اچي پڇي ٿي ته درويش چئي ٿو:

”انسان عجيب مٽيءَ مان جڙيل آهي بي بي — جيسين درد کان ناآشنا هوندو آهي ته گل کان به وڌيڪ نازڪ هوندو آهي. پر جڏهن وقت جون سرد هوائون هن تي حملا آور ٿينديون آهن، ته اهو ساڳيو شخص آئيسبرگ بڻجي، ڏک جي وڏن وڏن ٽائيٽانڪس کي به اڌ ڪري ٻوڙي ڇڏيندو آهي.“

ڪوئل سرد نگاهه ڪٿي وڻن ۾ رنگ مٽائي ويل پنن ۾ ڏسي، شال ۾ گم ٿيل ٻانهون ظاهر ڪري، سرءُ جي موسم جهڙي مرڪ مرڪي سوچڻ لڳي ٿي، ’ڪنهن ايري غيري کي ڳولڻ لاءِ مان وٽ به وقت ناهي، افتخار الائي ڪاٿي آهي... ۽ تون- تون به ته منهنجن خوابن ۾ بنا اجازت هليو آيو آهين.‘

”تون ڳولهي سگهين ٿي ڪوئل. پر جيڪڏهن ان ڳولها جي سفر ۾ بيزار ٿي پئين، ته مان ته تنهنجو آهيان ئي، تنهنجو پنهنجو مگر مون وٽ اچڻ کان پهرين اهو ضرور سوچجانءِ، ۽ طئي ڪري ونجانءِ، ته جيتري محبت مان توسان ڪريان ٿو، ڇا اوتري محبت ۽ احترام تون فريال کي ڏئي سگهندينءَ...؟“

ڪوئل درويش جون ڳالهيون ٻڌندي، گرلز هاسٽل وٽ پهچي وڻن جي ٻڇاءَ لاءِ ٺاهيل سيمنٽ جي ننڍڙي ڪناري تي ويهي رهي ٿي، ۽ سموري ماحول کي گم سم نگاهه سان نهارڻ کان پوءِ چئي ٿي: ”مان سوچيندس.“

درويش ڪوٽ جي کيسي ۾ هٿ وجهي ٿو ته کيس گذريل رات وارو خواب ياد اچي ٿو، جنهن ۾ هن هڪ وڏي پهاڙي چوٽيءَ تي ويهي،


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رات جي ڏاڍي ۾ ستارن جا رابيل ٿوڙي گجرو ٺاهيو هو، ۽ آسمان جي سرمئي ڍنڍ مان چنڊ جو ڪنول چُني، ڪوٽ جي کيسي ۾ رکي ڇڏيو هو. درويش جي دل چاهي ٿي، هو ڪوٽ جي آستين ۾ لڪل ڪرائي ۾ پاتل ستارن جي رابيل جو گجرو لاهي، ۽ ڪوٽ جي اندرين کيسي ۾ رکيل چنڊ جو ڪنول ڪڍي، ڪوئل جي خدمت ۾ پيش ڪري ڇڏي:

"شهزادي ڪوئل، مسافر درويش طرفان آنڊل هي ٻه قيمتي ۽ نادر سوکڙيون قبول ڪرڻ فرمايو، جيڪي هن اسلام آباد جي طويل ۽ سرد رات جي ڏڪائيندڙ سفر ۾، شهر جي سڀ کان اونچي پهاڙي چوٽيءَ تي آباد، 'خواب بازار' مان هڪ نه ڪٽندڙ رات جي عيوض، خاص اوهان لاءِ خريد ڪيون آهن."

پر هو اهو سڀ چوڻ جي بجاءِ، مرڪي پئي ٿو ۽ ڪنڌ جهڪائي ڪار ڏانهن وڌي پنهنجيءَ سيٽ تي ويهي رهي ٿو. ڪار موڙ مڙڻ لڳي ٿي ته درويش ڏسي ٿو، ڪوئل سرد هوائن ۾ شال جو پلئه لهرائيندي، گرلز هاسٽل جي گيٽ ۾ الوپ ٿي وڃي ٿي.

•••


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# زندگي ۽ ٽيبل ٽاڪ

”ساندھ ٽن سالن کان تو ڪجھ بہ نہ لکيو آھي. ايڏي ماٺ ڇو ڪئي اٿئي. ڇا تنھنجو ھاڻي ذات مان بہ ويساھ نڪري چڪو آھي!؟“

ھن ڪرسيءَ تي پاسو ورايو پوءِ ٻنھي ھٿن جون آڱريون وارن ۾ ڦاسائيندي پوئتي ڪيون ۽ پنھنجيون اکيون ھن ۾ کپائي پوءِ ھيٺ ڪندي چيو.

”مون لکڻ ناھي ڇڏيو، اھو ڇڏي بہ ڪيئن ٿو سگھان.“

”مون تہ گذريل ٽن سالن ۾ تنھنجي ھڪ بہ لکڻي ناھي پڙھي. ڏاڍو واجھايو ھئم تنھنجين لکڻين لاءِ، خبر نہ آھي تو ڪھڙن ۽ ڪنھنجي صفحن لاءِ لکيو آھي!“

”مون صرف ڊائرين ۾ لکيو آھي ۽ ڊائريون گھٽوڪري تہ مرڻ کان پوءِ ئي ڇپبيون آھن.“

”گذري ويل ٽن سالن ۾ ڪو بہ سانحو، ڪا بہ قيامت توکان ڪجھ بہ نہ لکرائي سگھي. وڏي حيرت جھڙي ڳالھ آھي.“

”قيامتون ۽ سانحا ذات مٿان گذرندي گذرندي، ھاڻي اھي بہ پنھنجو ردعمل وڃائي وينا آھن.“

”تہ پوءِ اندر جي دنيا مان نڪري ٻاھر جي دنيا ۾ ڇو نہ ٿو اچين؟“

”ٻاھر جي دنيا!“

”ھا، ٻاھر جي دنيا.“

ھن سگريٽ دکايو. گھڙي کن سگريٽ کي ٻن آڱرين ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قيرائيندو رهيو. اڪيون ٽيبل جي شيشي جي هيٺان پيل آفيس جي اسٽاف سان گڏ نڪتل گروپ فوٽو تي ڪتل هئس. ڪجهه سوچي رهيو هو يا جواب ڪونه پئي ذهن ۾ ٺهيس. پوءِ خالي اکيون ڪٽي هن ڏانهن نهاريو هئائين. جڻ پڪڙجي پيو هجي ڪو ڏوهه ڪندي، يا واٽ پئي ڳوليائين بچڻ جي- پوءِ نڙي صاف ڪندي چيائين.

”ٻاهر جي دنيا ڏاڍي ڏکي آهي، تمام ٽڙيل پکڙيل، تضادن جو شڪار ٿيل آهي، ان کي گڏ ڪرڻ لاءِ اڄ ڪان ست سال اڳ پنهنجي قلم کي عربن جي پيٽرول وانگر استعمال ڪيو هوم ۽ سٽو حيل هليو ويو هوس.“

”اها خبر مون اخبارن ۾ پڙهي هئي، ها پوءِ ڇا ٿيو؟“

”ڪجهه به نه، شاگردن ڪاليج جي اندر، وڏن وڏن وٽن جي چوٽين تي ڪارا جهنڊا هنيا هئا ۽ سيني پٽين تي چاڪنگ ڪئي هئي. مائٽ غريب هئا، ٻيو ڪو به ضمانت ڏيڻ لاءِ تيار ڪونه هو.“

”پوءِ لکي ڏنو هوندئي.“

”نه، ڏوهه ڪونه ڪيو هوم.“

”ته پوءِ ٻاهر ڪيئن نڪتئين؟“

”شاگردن پاڻ ۾ چندو ڪري هڪ وڪيل ڪيو هو ۽ ضمانت به انهن مان ڪنهن هڪ جي پيءُ ڪرائي هئي. ان مهينا سسپينڊ هوس، سال کن ڪيس هليو. ڏوهه ثابت نه ٿيڻ جي صورت ۾ ڪيس خارج ڪيو ويو.“

”۽ پوءِ تو ٻاهر جي دنيا لاءِ لکڻ ڇڏي ڏنو.“

”نه، ائين ڪونهي، باقي اهڙي قسم جي آڏي پڇا کان لهرائيندو آهيان.“

”توکي اهڙي قسم جي ذهني ۽ جسماني تڪليف ڪٽڻ تي پڇتاءُ ته ڪونه ٿيو آهي!“

”نه...“

”نوڪري ڪيئن پئي هلي...؟“

”بس، نيڪ آهي...“


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ٻڌو هوم نوڪري پروموشن ملڻو هو...؟“

”ها، پر پوءِ ٻاهرين اسڪالرشپ لاءِ NOC نه ڪونه مليو ۽ پروموشن به روڪيو ويو.“

”توکي ڏک ته ڏاڍو ٿيو هوندو.“

”ڏک، ٿيو هو، ڏک آهي- هونءَ به ماڻهو جيڪو ڪجهه صحيح سمجهي، پنهنجي ذهن سان ڪندو آهي. پوءِ اڳتي هلي وري اهڙين ڳالهين ۾ ڪمن کي پاڻ ئي رد ڪندو آهي، پر مون گهٽ ۾ گهٽ پنهنجي اهڙي ڳالهه ۽ عمل کي اڄ ڏينهن تائين رد ناهي ڪيو. پوءِ جيڪڏهن ان عمل کي جاري نه رکي سگهيو آهيان ته اهڙين حالتن سان ناهه به ڪونه ڪيو اٿم.“

”اڃا اڪيلو آهين؟“

”ها...“

”هُن جو ڇا ٿيو؟“

”ڪنهن جو؟“

”جنهن تي ناول لکيو هيئي.“

”ذهني طرح نابالغ ۽ عام رواجي سوچ رکندڙن مان هئي.“

ته پوءِ ناول ڪيئن لکيئي؟“

”هن جي آئيڊيلسٽ اکين ۾ حقيقتن جا ڏک ۽ سک پرڻ لاءِ...“

”هن محسوس ڪيو هو اهڙين ڳالهين کي؟“

”تڏهن ته وري نه ملي آهي...“

”گهڻو عرصو ٿيو اٿس؟“

”ڇهه مهينا کن ٿيا اٿس.“

”سمجهين ٿو ته ايندي؟“

”حقيقت ڪڙي ٿيندي آهي. اڻ ڪري آئيڊيلسٽ ماڻهو پروسي جوڳا نه هوندا آهن.“

”تون به ته پنهنجي ڄمار ۾ آئيڊيلسٽ رهيو آهين. سماج کان


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ونئي جيون ساٿيءَ تائين.“

”مان انڪار تورونئي ٿو ڪريان.“

”ته پوءِ اها بي پروسي جهڙي تهمت توتي به لڳي ٿي سگهي.“

”اهڙين تهمتن جي ڪري ئي ته ڪجهه حاصل نه ڪري سگهيو آهيان.“

”ته پوءِ هن تي، ڇا نالو ٻڌايو هيئي؟“

”پرهه.“

”ها. پوءِ پرهه تي اهڙي ڏوهه مڙهڻ جو ڇا سبب؟“

”ڏوهه مڙهڻ جي ڳالهه ڪانهي. بس فرق سوچن جي الڳ الڳ هئڻ ڪري خواهش جو هو. گڏجي رهڻ بي معنيٰ، هڪ ٻئي جي حالتن ۽ عادتن کي برداشت ڪري آهستي آهستي هڪ ٻئي لاءِ ارپنا جي جذبي کي چڱي ڪان چڱو بنائڻ هوندو آهي... ڪجهه ڳالهيون اهڙيون به هونديون آهن، جيڪي سماجي حيثيتن ۽ قوميت جي شعور کان سواءِ اڻپوريون ۽ غيرجٽادار ثابت ٿينديون آهن. جيئن ته پرهه قوميت جو سطحي شعور ته رکي ٿي، پر جيون ساٿيءَ جي باري ۾ طبقات جو شڪار ٿي پئي آهي. هن کي قوميت ۽ آزاد خياليءَ جي جذبي ڪيترن ئي ڏاهن، اديبن ۽ شاعرن سان ملايو. انهن مان هڪڙو مان به آهيان.“

”هوءَ توسان ڪڏهن ملي هئي؟“

”مان سمجهان ٿو، ذري گهٽ ٽي سال اڳ.“

”توکي پهرين گڏجاڻيءَ ۾ متاثر ڪيو هئائين.“

”ڪنهن حد تائين.“

”پوءِ ان سلسلي کي تو وڌايو يا هن؟“

”ٻنهي گڏجي. هن پهريون خط پهرين گڏجاڻيءَ کان پوءِ سنت ئي لکيو ۽ پوءِ بنا دير جي هڪ ٻئي کي لکندا رهياسين، جنهن ۾ هن ٽن حيثيتن سان ڏاڪي به ڏاڪي قدم وڌايا، پهريون احترام، پوءِ دوستي ۽ پوءِ پيار.“


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”تو هن تي ناول ڪڏهن لکيو؟“

”ٽئين سال جي اڌ ۾، جيڪو ڪيس سالگره جي موقعي تي ڏنم.“

”تو ڪيس پرپوز ڪري غلطي تہ ڪانہ ڪئي.“

”نہ...“

”پوءِ انڪار ۾ ڇڏي وڃڻ جو سبب؟“

”هن انڪار ڪونہ ڪيو هو. بظاهر اهو چيائين تہ منهنجو هڪ دوست مون سان ايتري محبت ڪندو آهي ۽ چوندو آهي تہ جيڪڏهن تو ڪنهن ٻئي سان شادي ڪئي تہ مان توهان ٻنهي کي ماري پوءِ پاڻ کي بہ ماري ڇڏيندس.“

”۽ تو ان جي جواب ۾ ڪجهہ نہ چيو هو.“

”نہ، باقي ان ڪان اڳ ۾ ڪيس ٻن ٽن گڏجاڻين ۾ ايترو ضرور چيو هئم تہ تون ايتري تہ سٺي ۽ وڻندڙ آهين جو توکي پڄاڻ تي دل تي چويم.“

”هن جو اهڙي ڳالهہ تي ڪو خاص ردعمل.“

”هوءَ صرف اکيون ملائي مُرڪي ڇڏيندي هئي.“

”توهان جهڙن مردن کي عورت جي اندر جي ڪڏهن بہ خبر نہ پئجي سگهندي آهي. صرف خوبصورت لفظ ڳولي جملا ڳالهائي ڄاڻو.“

هو وري ٻيو دفعو اٿڪي پيو هو. ڇڻ هلندي هلندي سندس آڏو ذرتي ٻ. اڌ تي پٽي هجي ۽ ٻئي پاسي پهچڻ لاءِ پريشان تي پيو هجي. هن جي آڱرين ۾ اڌ ٻجيل سگريٽ ڦري رهيو هو. جيڪو هن ابش ٽري ۾ مروٽيندي پيڪٽ مان ٻيو سگريٽ ڪڍي دکايو ۽ پوءِ ڪال بيل تي آڱر رکي ڇڏي. انهيءَ گهڙي آفيس جو در کليو.

”جي سائين...“

”تون چا پيئندينءَ؟“

”جيڪو تون پيئين.“

”بابا، چانهہ تيار ڪري وٺ.“


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪجهہ دير هو ٽيبل تي پيل ڪاغذن کي اٿلائيندو رهيو.

”سامي، هونءَ تون ڏاڍو سنو ماڻهو آهين، ۽ پيارو پڻ. مون کي تنهنجي اها معصوميت ۽ اڻ ڄاڻائي واري انا وڻندي بہ آهي. پر تنهجي ايڏي وڏي اڪيلائي کي ڏسي، سچي دل بہ ڏکندي آهي. مان سمجهان ٿي تہ تون اڻ ڄاڻائي ۾ ٿي سهي، پر پرهہ کي ضرور ڪو ڏک پهچايو هوندو، نہ تہ ٽن سالن وارواهڙو تعلق ڪنهن بہ صورت ۾ اجايو يا ڄرَ جو ڦوٽو نٿو ٿي سگهي.“

”شايد ائين ٿي آهي.“

”شايد نہ، پڪ سان چئو. ڪڏهن تہ آڻ بہ مڃيندو ڪر. مان بہ توکي پنهنجي ذات جي حوالي سان ڪجهہ نہ ڪجهہ سمجهي سگهي آهيان. ائين ڇو ڪندو آهين؟ اڪيلاين سان جيڪڏهن تون ايترو ئي پيار ڪرين ٿو تہ پوءِ دروازن کي بند ڪري ڇو نہ ڇڏيندو آهين؟ ائين هر ايندڙ ويندڙ کي دل ۾ ويهاري پوءِ سهٽن اکرن سان ڇو موڪلائيندو آهين؟ گهٽ ۾ گهٽ جيڪي توکي چاهين ٿا، انهن سان تہ ائين نہ ڪندو ڪر، اُنهن کي تہ پنهنجي اندر جي ڪنهن نہ ڪنهن ڪُنڊ ۾ جاءِ ڏئي ڇڏيندو ڪر!!!“

هن کي راحيءَ جي اهڙن جملن مان هڪ ٿي وقت لڳاتار چماٽن جي وسڪاري سان گڏوگڏ پنهنجائپ ۽ همدردي وارين پرپور ڳرانڙيون بہ محسوس ٿيون. هن جو جهڪيل ڪنڌ وري هڪ دفعو مٿي ٿيو، راحيءَ جي اکين ۾ اکيون ڪپائڻ چاهيائين. ان وقت راحيءَ جو ڪنڌ جهڪيل هو ڏک وچان. ڪجهہ ئي گهڙين ڪانپوءِ جڏهن راحيءَ ڪنڌ مٿي ڪيو تہ کيس سندس اکيون پرپيل محسوس ٿيون.

”راحي انساني زندگيءَ لاءِ چا چا نہ ضروري آهي. هڪ اڻ ڪٿندڙ لسٽ آهي خواهشن جي، جيڪا ڌرتيءَ کان وٺي آسمان تائين ڦهليل آهي. مان ان تي وري لاجڪ سان راءِ ڏيندس نہ وري توکي ڏک ٿبندو. پليز راحي، انهن ڳوڙهن کي ضايع نہ ڪر، تو وٽ تہ هاڻي سڀ ڪجهہ آهي، جنهن جي هر ڇوڪري خوابن ۾ خواهش ڪندي آهي. پوءِ مڙس


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چون ٿا تہ اعليٰ تعليم سان بہ ماڻهو دولت ۽ عزت ڪمائي سگهن ٿا. توکي خبر آهي تہ مان محبت ڪان وٺي سماجن ۾ انقلابن تائين، آئيڊيلسٽ رهيو آهيان. باقي منهنجي حال پسنديءَ واري ڳالهہ کي پرهہ شايد غلط سمجهيو آهي. مان ان ڳالهہ جو بنهہ ڪونہ آهيان تہ ڪو انسان يا دنيا کي فاني سمجهي زندگيءَ جي قدرن ۽ ماڻهن وارن عملن کان پاسو ڪري، سڀ ڪجهہ تياڳي ڇڏجي. سو ائين بنهہ ڪونهي. هتي وڏن شهرن جي اڌ کان وڌيڪ آبادي مسواڙي جاين ۾ ٿي رهي. پوءِ جيڪڏهن هڪڙي پرهہ ڪنهن ٻن ڪمرن واري مسواڙي جاءِ ۾ رهي تہ ڇا ٿي پوندو. هتي ڪيترن ماڻهن ۽ ٻارن جا آئيندا محفوظ ۽ سلامت آهن. ڪير انهن جي گارنٽي ڏيندو!!؟؟"

ان وقت ئي آفيس جو در کليو. پٽيوالي ساميءَ کي چيو،

"سائين، ٻاهر ميڊم جي گاڏي آئي آهي."

ائين چئي هو در ٻيڪڙي ٻاهر هليو ويو. راحيءَ ڪنڌ مٿي ڪري ساميءَ کي ڏٺو. ڪيس ائين لڳو ڄڻ سامي کا وڏي ڊوڙ ڊڪندي اڌ ۾ ئي ٿڪجي هار مڃي وينو هجي.

"چڱو مان هلان ٿي!"

ائين چئي هن ٽيبل تان پرس کنيو ۽ وڃڻ لاءِ اٿي بيٺي. سامي چاهيندي بہ راحيءَ کي ٻاهر تائين ڇڏڻ ڪونہ ويو. هو اتي ئي ٽيبل ۽ ڪرسيءَ جي وچ ۾ قاتل بينو رهيو. سندس ڪنن ۾ ڪافي دير تائين "خداحافظ" جا جهيڻا رهجي ويل لفظ، اداس ڌُنَ جيان وڄندا رهيا.

●●●



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# هيءَ پر اڳارَن...

رات شبِ برات هئي. هن سيرو ۽ پوريون ناهيون ۽ ختمو ڏيئي، اوڙي پاڙي ۾ ورهايون. اَڄ هن اهي سڀ ڪم اڪيلي سر ڪيا هئا. ڏاڍي ماٺ ميٺ انتهائي ڌيرج سان- چپ چاپ. هن جي اها مانائي، هن جي اندر جي مانائي، چپ ۽ سناٽي جو پڙاڏو هئي ۽ اڄ هن جي وڏاري ڌيءَ هن جي سڏ جو انتظار ڪندي رهي هئي. نينا پنهنجي ماءُ جي ان عادت کان چڱيءَ پر واقف هئي. گهر جو ڪم ڪندي رڙين ڪرڻ جي عادت. هوءَ ڪم ڪندي بار بار ڪنهن نہ ڪنهن کي پئي سڏيندي هئي. خاص ڪري نينا جڏهن بہ گهر ۾ هوندي هئي تہ هوءَ ڏهہ ڀيرا نينا کي ئي سڏيندي هئي:

"نينا! مون کي برنيءَ ۾ کنڊ تہ پري ڏي."

"نينا! ڊوڙي، آءُ، مونکي تورا بادام پستا تہ وڍي ڏي."

"نينا او نينا! مني هيڏانهن اچ- مناڻ تہ چکي ڏي."

"نينا..."

"نينا... نينا..."

۽ نينا نيٺ انهن سڏن کان بيزار ٿي چوندي هئي:

"بس ماما: مان ۽ منهنجو ڪمپيوٽر ٻئي ٿا اچون شگر ٽيسٽ ڪرڻ جي لاءِ!" ۽ هوءَ مرڪي پيار مان چڙبيندي هئي: "نينا! مسخري نہ ڪر. پاڙي وارن ٻڌي ورتو تہ، سياڻي اخبار ۾ منهنجي شگر ۾ مبتلا هجڻ جي خبر شهہ سرخين ۾ لڳي ويندي ۽ سياڻي سڄو پاڙو منهنجي عيادت لاءِ بمع نسخن جي اچي ڪنو ٽيندو."


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڙي کي ڪنو ڪرڻ ته پري جي ڳالهه، هن ته پنهنجن ٻچن کي به اڄ رڌڻي ۾ ڪنو نه ڪيو. هن چپ چاپ اڪيلي سر ئي سڀ ڪم نبيريا، بنا سڏ واڪي جي. بلڪه هن کي محسوس ٿيو ته اڄ ڪم ڪجهه وڌيڪ جلدي، وڌيڪ سٺي نموني ٿي ويا آهن. هن جي مائيءَ ته پڇاڙيءَ ۾ اچي رڳو پاڙي اوڙي ۾ ورهائڻ وارو هن جو ڪم آسان ڪيو. مائي جيڪا دراصل پاڻ پنهنجي عيد ونڻ آئي هئي. اڄ ته هن مائيءَ سان به اوڀاريون لهواريون نه ڪيون. بس ڏيئي وٺي هن کي روانو ڪيائين.

هن ٻاهران ٻاهران بيحد ڪُول لُڪ (Cool Look) ٿي ڏني، پر هن جي اندر ۾ اڱار ٿي ڏڳيا. هن انهن اڱارن جي تپش پنهنجي مڙس ۽ پنهنجي ٻارن تائين نٿي رسائڻ چاهي. ان ڪري هوءَ پاڻ مٿان برف جا تهه چاڙهيندي وئي. هوءَ تهه در تهه چڙهيل برف جي ڇپن هيٺ پنهنجي اندر ۾ اُبرندڙ آتش فشان کي لڪايو پئي هلي. بيحد ڪُول نظر ايندڙ هوءَ، پاڙي اوڙي ۾ ورهائي، چوڪيدار ۽ مائيءَ کي عيد ڏيئي واندي ٿي، هن پنهنجي گهر وارن لاءِ سيرو هاٽ پاٽ (hot pot) ۾ وڌو، اچي نيپڪن سان ڍڪيل ڊش ۾ پوريون سيٽ ڪيون. هڪڙي پليٽ ۾ بيسڻ جي حلوي جا ڪٽيل پيس رکيائين. سچي گيهه ۾ ٿوم ٿي داغ سان مهڪيل پٽاٽن جي ساڳ ۽ سائي مصالحي وارو رائتي جو bowl هن ڪنيو ۽ اهي سڀ شيون هن ڊائننگ ٽيبل تي آڻي رکيون ۽ پليٽيون سيٽ ڪري، گهر جي هڪ هڪ ڀاتيءَ کي هن پاڻ هلي وڃي سڏيو.

سندس سهرو پنهنجي ڪمري ۾ نماز پڙهي رهيو هو، ان ڪري هوءَ نينا ۽ مينا جي ڪمري ڏانهن هلي وئي. نينا ڪمپيوٽر تي ڪنهن گيم کيڏڻ ۾ گم هئي ۽ ننڍڙي گول مٽول مينا اڪين تائين لڙڪيل ڪٽيل وارن جي وڇين مان گيمز ڏسي رهي هئي. ماڻس سندن ڪمري ۾ اچي، پيار مان نينا جي ڳُڇي ٺپيندي چيو:

"Its time to close your computer"

هن ننڍڙي مينا جا چهري تان وار هٽائي، هن کي جهڪي چميو ۽ پوءِ سائيڊ بورڊ تي رکيل سهڻي رنگارنگ ربر بئنڊ سان هن جون ٻه


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ننڊڙيون پوريون ناهيون. ڪمري جا ڪشن سيٽ ڪري، چادر چڪي، ٻاهر نڪرندي، هن ٻنهي کي هڪ ڀيرو وري تاڪيد ڪندي چيو:

”نينا مينا، توهين ٺيڪ ٻه پنجن منٽن ۾ ڊائننگ ٽيبل تي اچو.“

پٽهنس سارنگ ڪراچيءَ مان پٽس جي آٽي ڊنل Fender جي تارن جو سيٽ گهرايو هو ۽ گٽار جي تارن کي فٽ ڪرڻ جي ڪم ۾ رڌل هو. هوءَ فلور ڪشن (Floor Cushion) تي هن جي پر ۾ ويهي رهي:

”سارنگ! سيئي تارون پيو مٽائين ڇا؟“

”ها ماما- سيئي تارون هنيون اٿم- پراڻيون سنڀالي رکندم- ڪيڏي مهل ڪا تار ٽٽي پئي ته ڪم اچي وينديون.“

”بس بابلا- هاڻي اهو پوءِ ويهي ڪجو- ڀهرين اچو ته سڀ گڏجي ماني کائون.“

”بس ماما هي آخري تار سيٽ ڪري اچان ٿو.“

”بس پٽ، پنجن منٽن ۾ ٽيبل تي اچو- ۽ ڏاڏا سائينءَ کي به وٺيو اچو.“

هوءَ پنهنجي بيڊروم ۾ وڃي ٿي، در جي سائيڊ ۾ رکيل ڪوچ تي سندس مڙس پنهنجي ڊائريءَ ۾ ڪجهه حساب ڪتاب ڪرڻ ۾ مصروف آهي. هوءَ هن کي ڪلهن وٽان ڇهندي گذرندي چئي ٿي:

”ڊارلنگ. ماني تيار آهي. هلو!“

هوءَ رئو لاهي بيڊ جي ڪناري تي ڇڏي ٿي ۽ سينگار ميز آڏو بيهي وارن مان هيئر بئنڊ ڪڍي، برش سان وار سڌا ڪري ٿي ۽ پنهنجي جسم جا انگ ونگ ڏسندي واش روم ۾ هلي وڃي ٿي. واش روم مان هوءَ هٿ منهن ڌوئي، فريش ٿي ٻاهر اچي ٿي، آرسيءَ آڏو بيهي، ٽيلڪم پائوڊر هٿ تي هاري، ٻنهي هٿن کي مهٽي ڪنڌ تي هٽي تي ۽ اهي ئي هٿ وري پنهنجي ڇهري تي گهمائي ٿي- ويسلين جو ذرو آڱر تي کڻي چپن تي هٽي ٿي. هئڊ لوشن هٿن تي کڻي ٿي ۽ ٻنهي هٿن تي ڏاڍي مشاقيءَ سان مهٽي ٿي. بيڊ تان رئو کڻي، سيني تي پکيڙي ٿي، ته ڏسي ٿي مڙسهنس ڊائري بند ڪري ڪيس گهرين نظرن سان گهوري رهيو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. هوءَ در ڏانهن وڌي ٿي ۽ سوچي ٿي ته هوءَ جڏهن هن وٽان گذرندي ته، هو ضرور ڪا مستي ڪندو- هوءَ هوا جي جهوٽي جيان هن وٽان لنگهي ٿي ته، ان لمحي هو اتي بيهي ٿو ۽ هن کي ٻانهن مان جهلي جهٽڪي سان پاڻ ڏانهن ڇڪي ٿو ۽ پاڪر ۾ ڀريندي چئي ٿو: ”سنئي پئي لڳين!“ هو ٻئي بيڊروم جي در کان ٻاهر اچي هڪ ٻئي جي هٿ ۾ ڏنل هٿ کي آهستگيءَ سان ڇڏيندا، آڱرين جي پورن تائين هڪ ٻئي کي ڇهندا، هٿ الڳ ڪن ٿا- ۽ هڪ ٻئي ڏانهن نهاري ڳهري مرڪ مرڪن ٿا ۽ ڊائننگ ٽيبل تي هڪ ٻئي جي آمهون سامهون ٿي ويهن ٿا. مڙسهنس ٻارن کي نالا کڻي سڏي ٿو: ”نينا، مينا، سارنگ، اچو.“ سارنگ اچي ٿو ته هن کي ڏاڏي کي وٺي اچڻ جو چئي ٿو.

سڀ ڪاڌو کڻي ٿا وڃن ته هوءَ پنهنجي پليٽ ۾ پنهنجي پسنديده بيسڻ جي حلوي جي ڪٽيل ٽڪي کڻي ٿي ته، اوچتو هن کي صبح واري وسريل وارتا وري ياد اچي ٿي وڃي ۽ هن جي جسم ۾ سياٽو پئجي ٿو وڃي. هوءَ ان ڳالهه کي وسارڻ جي ڪوشش ڪري ٿي ۽ ٻارن ۽ مڙس سان ڳالهين ۾ بزي ٿي وڃي ٿي. ٻارن جي اسڪول جون ڳالهيون، سارنگ جي گٽار جي ڪارڊس (Chords) ۽ سُرن جون ڳالهيون، ڏاڏي جون اڄ جي خاص خبرن بابت تبصراتي ڳالهيون ۽ اٿين ڊائننگ ٽيبل تي سموري فئملي هڪ ٻئي جي ڪمن ۽ ننڍين ننڍين خوشين کي گڏجي شيئر ڪري ٿي ۽ ائين اهو ڏينهن هڪ خوبصورت فئملي افيئر بڻجي وڃي ٿو.

ٽيبل تان سيئي اٿن ٿا ته، نينا ۽ سارنگ ٿانون کڻڻ ۾ هن جي مدد ڪن ٿا. نينا ٽيبل صاف ڪري ٿانوَ ملڻ بيهي ٿي رهي.

تيسين سارنگ پنهنجي پاڪيٽ منيءَ مان ورتل ڦٽاڪا، جهرمر، بم، وچون، نانگ، انار سڀ کڻي اچي ٿو. ڏاڏو، پيءُ ۽ پٽ ننڍڙي مينا سوڌو اڱڻ ۾ وڃي ڦٽاڪا ٻارين ٿا، بم ڦاڙين ٿا، جهرمر ٻارين ٿا- نينا به واندي ٿي انهن سان وڃي شامل ٿئي ٿي.

ڦٽاڪن جا ڌڌڪا ۽ ٺڪاءُ هن جي ذهن کي هڪ ڀيرو وري به


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏوڙي ڇڏين ٿا. هن جي اندر جو آتش فشان نڪاءُ ڏيئي ڦاٽڻ تي چاهي. هوءَ ان ڪان بچڻ ۽ پچڻ تي چاهي ۽ جاءِ نماز وڇائي، عبادت جي رات جو حق ادا ڪرڻ لاءِ نفل پڙهڻ شروع ڪري ٿي. نفل پڙهندي... ٻاهر ٻمن جا نڪاءُ... هن جي اندر ۾ ڇڻ ٻم ڦاڙيندا ٿا وڃن.

هن جو باس سُوئر وانگر وچ ڪڙڪائيندو هن ڏانهن مسلسل وڌندو ايندو آهي... ۽ هوءَ ڏڦو هٿ ۾ ڪٽي- هن جي هر وار کي ناڪام ڪندي ۽ ڏڦو هن کي ڪاپار ۾ هڻندي رهندي آهي. پر پوءِ به هو مرندو ناهي. هر وار جي اٿندو آهي ۽ سڌو هن ڏانهن الر ڪندو آهي. هو سدائين هن کي انسٽيگيٽ (instigate) ڪرڻ لاءِ جملا چوندو رهندو هو. ”توهان جو مڙس ڏاڍو لڪي (Lucky) آهي. جو هن کي توهان جهڙي زال ملي آهي.“ يا هو ته، “I envy your husband!” يا وري عجيب gestures پيو ڏاهيندڙ هو. پر هوءَ سدائين هن کي نظرانداز ڪندي رهندي هئي. ٻڌو اڻ ٻڌو ڪندي هئي. ڏٺو اڻ ڏٺو پئي ڪندي هئي. پر اڄ... اڄ ته هو سوئر جو ڦر سڀ ليڪا لتاڙي ويو. هن ڪيس پنهنجي آفيس ۾ هڪ آفيشئل ميٽر ڊسڪس ڪرڻ لاءِ سڏايو هو... ميٽر ڊسڪس ڪري، چانهه جي آخري سپ پري، هوءَ جيئن اٿي، ته هو اوچتو اُڇل ڏيئي اٿيو ۽ هن جي ٻانهن ۾ ڪٽي هٿ وڌائين، ”آءِ ايم ڊائنگ ٽو سليپ ود يُو هني!“ ۽ هن پنهنجي پوري قوت سان ڇڪي پنهنجي ٻانهن ڇڏائي ۽ وڄ جي تيزيءَ سان هڪ زوردار ٿڦڙ هن جي ڳل تي وڄائي ڇڏيائين. ۽ شپاڪ سان در ڪولي ٻاهر نڪري وئي.

هوءَ پنهنجي سيٽ تي پهتي ته سڄي رڦي رهي هئي. هن کي لڳو ته، سندس رڳن ۾ رت بدران گرم لاوو وهي رهيو آهي. ڪاوڙ ۾ هن جي هٿن جون مُنيون پڪوڙجنديون ٿي ويون ۽ هن پنهنجون ٻئي منيون نڪاءُ ڪري ٽيبل تي هٽي ڪديون ۽ مُنين تي متو ٽيڪي ڇڏيائين. ڪي ڪن پوءِ هن ڪنڌ مٿي ڪنيو، ٿرماس مان ٿڌو پاڻي گلاس ۾ اوتيو ۽ تڪ ڏيئي پي ويئي. هن ڪرسيءَ جي بئڪ تي متو ڊاريو- ۽ جسم جي تنائو کي گهٽائڻ لاءِ هن جسم کي تورو ڍلو ۽ ايزي ڇڏي ڏنو. هوءَ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪجهہ رليڪس ٿي تہ، هن پاٽيءَ جو گلاس وري ڀريو، دراز کولي هن ڪجهہ پنا ڪڍيا. پين ڪنيائين ۽ پنهنجي سيڪشن بدلائڻ لاءِ هڪڙي درخواست لکيائين. وچ وچ ۾ هوءَ سِپ سِپ ڪري ٿڌو پاڻي بہ پيئندي رهي. پني جي اڌ ٽڪر تي هن شارٽ ليوَ لاءِ نوٽ لکيو ۽ بيل وڄايائين. Peon آيو تہ، هن کي اهو ڏيڍ پنو ڏيئي، هن پنهنجو شولڊر بئگ ۽ لنچ باڪس کنيو ۽ آفيس کان ٻاهر نڪري آئي...

هيڏي وڏي، روشن ۽ سينٽرلي ايئرڪنڊيشنڊ آفيس ۾ اڄ هن کي گگهہ اونداهي، گهُٽ ۽ ٻوسٽ جو احساس ٿيو هو، ان لمحي هن جي من ۾ سواءِ نفرت جي ڪجهہ ڪونہ هو. ۽ ڪروڌ جي ان ٻاهہ هن کي پيڙي نپوڙي رکيو هو. هوءَ سڄو ڏينهن ٻرندي، سڙندي ۽ ڀڄرندي رهي هئي. لمحو لمحو جيئندي ۽ مرندي رهي هئي. سڄي ڏينهن جي ان ڀوڳنا، هن جو سَنڌ سَنڌ چُور چُور ڪري ڇڏيو هو. هوءَ شام جو اٿي تہ، اهو سوچي اٿي تہ هوءَ هن واقعي بابت سوچيندي بہ ڪونہ. هن هڪ ڏکهو ٻات ورتو. شاور مان وهندڙ پاڻيءَ جي تيز ٿڌي ڌار ڦوهار هن جي تن ۽ من تان سموريون ڪسافتون لاهي ڇڏيون ۽ هوءَ اُجري آرسيءَ وانگر جرڪڻ لڳي ۽ پوءِ هن ماٺ ميٺ ۾ انتهائي ڌيرج سان چپ چاپ گهر جا سمورا ڪم نهايت سبڪ رفتاريءَ سان سرانجام ڏنا...

هن ۾ جيتري دير ٻيهڻ جي سگهہ هئي. هوءَ نفل پڙهندي رهي. نفل پڙهي پورا ڪري، هن سلام ورايو ۽ اکيون پوري، هٿ دعا لاءِ کنيا.

ٻاهر اڱڻ ۾ خاموشي هئي. سنڌن ڪمري مان ڪنهن پراڻي ڪلاسڪ مووِيءَ جا ڊائيلاگ، روشنيءَ جي ليڪ سان ليئا پائي رهيا هئا. ۽ سموري وايومنڊل ۾ گٽار جي جهَڙ جي جهنڪار هئي.

●●●


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مينهان ۽ نينهان

شان ڪرسيءَ جي پُٺ تي آهلي، پٻن تي زور ڏئي، ڪرسيءَ ڪي پوين ٽنگن تي بيهاريو ۽ پوءِ پت سان ٽيڪ ڏيارڻ لاءِ ڪرسيءَ ڪي پوئتي جهٽڪو ڏنائين. بئلينس نہ رهيو ۽ جهول کائي ڪرسيءَ ڪيس ڪرسيءَ تي آٽي سٽيو ۽ هو ڪي پل تہ ٽيبل تي ئي پيو رهيو. ٻانهن ۾ منهن ڏئي. ”پت پوئتي سرڪي تہ نہ وئي.“ هن سوچيو. ٺونٺ پوسرڻ لڳيس تہ ڪنڌ ڪٽي، ٻانهن ڪنجهي ڏنائين. ٺونٺ وٽان ڪل رهڙجي وئي هيس ۽ اتي ڦٽيون ڦٽيون رت جمي ويو هو. ان هنڌ ڦيٽي مڪي، ڦوڪ ڏئي، قميص جي ٻانهن هيٺ ڪري، وري بہ ٽيبل تي ٻانهن ۾ منهن ڏئي ڇڏيائين.

”هيلو!“ شان جي ڪنن ۾ روپيون ٽليون وڳيون. هن ڪنڌ کنيو. سامهون لالان بيٺي هئي. وسڻ جا ويس ڪيو. ڪلهن تي پنين جا بادل کنيو. لبن تي لالي لايو. هو تہ لالان جي مک تي ڪوڙي اکيون کٽي نہ سگهندو هو.

”ڏسين تہ ائين پيو، جڻ پهريون ڀيرو پيو ڏسين!“ مرڪ لالان جي ڳٽي تي ڊمپل ڪي تهائين گهرو ڪري ڇڏيو.

”پهريون ڀيرو نہ آخري ڀيرو!“ هو بہ مرڪيو. هڪ رُنل مرڪ ۽ لالان ڪي ويهڻ لاءِ ڇئي ڪمري مان نڪري ويو. ٻاهر قميص جي ٻانهن سان اکين ڪي اگهي موٽي آيو. ”ٻاهر تا هلون!“ ۽ هو ٻاهر نڪري ڪار ۾ اچي ويٺا. ڪار اسٽارٽ ٿي حيدرآباد جي رستن تي ڊوڙڻ لڳي.

”ڪيڏي نہ ويجهي آهين ۽ ڪيڏي نہ پري آهين!“ شان جڻ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجو پاڻ سان ڳالهايو. لالان هن جي هٿ تي پنهنجو هٿ ڌري ڇڏيو.
لالان، جا هن جي سڀ ڪجهه هئي. جا هن جي ڪجهه به نه هئي!
هوءَ جا هن جو آد ۽ انت هئي. سا هن سان پڇاڙڪو ڀيرو ملي رهي هئي. هوءَ جا هن سان روز ملندي هئي. ڪلاس ۾- ڪاريڊور ۾- سينٽ هال ۾- فنڪشنز ۾- مشاعرن ۾- جشن روح رهاڻ ۾- جلسن ۾- جلوسن ۾- سنڌوءَ تي- هرهنڌ...! ان سان ملڻ نه ملڻ جي ماڳ، اڄ ڪان پوءِ نه هو ڪيس ڪڏهن ڏسي به نه سگهندو! هن ڪي ينجر پڇندا پاسيا. ٻاهر بوندون برسڻ لڳيون ۽ ونڊ اسڪرين تي گڏ تي لڙي ٻڌجي لڙڻ لڳيون. پوءِ وڏقڙو وسڻ لڳو. شان وائپرز هلائي، هيڊ لائيٽس ٻاري ڇڏيون ۽ لالان انهن جي روشنيءَ ۾ بوندن جي جهرمر پسڻ لڳي.
”اسان جا لڙڪ به بادل روئي رهيو آهي!“ شان ٿهڪ ڏنو. جيڪو ڪيس ئي سڏڪو پاسيو. لالان هن جي هٿ کي چپن تائين آندو ۽ ڪيس جڻ ياد ڏياريائين. ”اڄ اسين روئڻ جي ڪابه ڳالهه نه ڪنداسين!“ شان ٿڌو ساهه ڀريو ۽ لالان جي هٿ کي هلڪو زور ڏئي، ڪار کي ڄام شوري ڏانهن موڙيائين.
لالان- شان ئي ان نالي سان سڏيندو هئس. لالان ڪيس پهرين ئي ٻڌائي ڇڏيو هو ته سندن ساٿ صرف امتحان تائين آهي. پوءِ جوڳي نه ڪنهن جا مِٽ! امتحانن کان پوءِ هوءَ وري به ڪوٽڻ ڪڙجي، ويندي.
”نه، سڄي ڄمار جو ساٿ، نه!“ لالان چيو هئس، ”ان ۾ پڙهيل هئڻ جي ڳالهه آهي به، نه به آهي.“ هوءَ ڪن اکن چپ رهي هئي. ”ڏس شان، آئون هڪ اهڙيءَ فيمليءَ مان آئي آهيان، جنهن ۾ ڇوڪرين جو پڙهڻ منع آهي. وڏ ۾ وڏ، ته به انهن کي قرآن جي تعليم ڏني ويندي آهي.“
”۽ پوءِ قرآن سندن جهوليءَ ۾ وجهي، حق بخشرايو ويندو آهي!“ شان چيو.
”آئون خاندان جي پهرين ڇوڪري آهيان.“ لالان ٻڌو اڻ ٻڌو ڪندي چيو، ”جيڪا يونيورسٽيءَ تائين پهتي آهيان. ۽ آئون... آئون ان ڏس ۾ آخري ڇوڪري ٿيڻ نه ٿي چاهيان!“ ۽ هن جي پنيان خاندان جون


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻيون ٻہ ڇوڪريون، جيڪي تعليم جي مختلف مرحلن ۾ هيون ۽ يونيورسٽيءَ تائين پهچڻيون هيون. لالان پنهنجي پيءُ کي ويساهہ ڏنو هو تہ هوءَ ساڻس، ڪڏهن بہ، ڪا بہ ويساهہ گهاتي نہ ڪندي.

”۽ پيار سان ويساهہ گهاتي!“ شان جڻ سڏڪي کي لفظن ۾ اوتيو هو،

”اهي لفظ تنهنجي منهن تي نہ ٿا پون.“ لالان هن جي کلهي تي ڪنڌ لاڙي ڇڏيو هو. ”آئون توسان گهاريل ٻن سالن ۾ پنهنجي پوري زندگي گهاري ٻہ ڇڪيس!“ لالان جي اهڙي سهج سڀاءُ تي شان کي اچرج ٿيندو هو.

ڪار ڄامشوري جي پل تي پهتي تہ لالان پنهنجي پرس مان سڪن جي مُٺ ڀري، ڪار جي دريءَ جو شيشو هيٺ ڪري، سڪا ڇولان ڇول سنڌوءَ ڏانهن اُڇليا.

ڪار پل اڪري ”المنظر“ ڏانهن مڙي وئي. هو ڪار مان لهي ”المنظر“ تي وڃي وينا. اُتي جي هوا لالان جي وارن سان ڪينچل ڪري رهي هئي. وسندي مينهن ۾ وهندي سنڌوءَ جو شور پاڻ ۾ رلمل ٿي ويا هئا. لالان اتي ريلنگ وٽ وڃي بيني، سنڌوءَ ڏانهن منهن ڪري. شان بہ سندس پر ۾ اچي بيٺو. ٻيئي مينهن ۾ پڄڻ لڳا.

”لالان!“

”هون!“

”جڏهن تون ئي نہ رهندينءَ جيون ۾، تہ پوءِ مون وٽ جيئڻ جو ڪهڙو جواز رهندو؟!“

لالان جي ٽهڪ جو جلترنگ ٻريو، ”اهو تنهنجي ڪهاڻيءَ ”رڃن ۾ رڙ تي“ جو ڊائلاگ آهي نہ!؟“

”پر اهو منهنجي سوال جو جواب ناهي!“

”جيئڻ لاءِ جواز لازمي تہ ناهي. زندگي تہ اسان تي مڙهي وئي آهي ۽ اها اسان کي بهرحال پوڳڻي آهي، پر ...“ لالان ريلنگ وٽان هٽي، ٽيبل تي اچي ويني. شان ڪجهہ دير اتي ئي بيٺو رهيو. هينئون ڇپ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏندن ۾ ڏيو ۽ پوءِ لالان ڏانهن هليو آيو. هوءَ چانهه پي رهي هئي. شان به چانهه جون سرڪيون ڀريون ۽ پوءِ ٻنهي پنهنجا ڪوپ بدلايا.

”پر ڇا؟“

”پر اهو ته تو وٽ جيئڻ لاءِ جواز موجود آهي!“

”ڪهڙو؟“

”لکڻ!“

”لکڻ!“ شان جي چپن تي وهه وهاڻيل مرڪ ڦٽڪڻ لڳي. دل ۾ آيس ته لالان کي ٻڌائي ته اجان ڪلهه رات ئي هن جي پيءُ سندس ناول ”جي مارڳ منجهه مرن“ جو پهريون چيپٽر ڦاڙي ڊسٽ بن ۾ ڦٽو ڪري ڇڏيو هو. شان پنهنجي ساڄي هٿ کي ڏنو ۽ پوءِ ڪليل هٿ کي مٺ ۾ بند ڪري ڇڏيو. پڻس چاهيو ٿي ته شان ڪاروبار ۾ سندس هٿ ونڊائي پر شان ڪاروباري ماڻهو نه هو، ۽ اها ڳالهه هو پنهنجي پيءُ کي سمجهائي نه سگهيو هو.

لالان واچ ۾ ڏٺو. ”ڇا وقت ٻيهي نه تو سگهي!“ شان پڇيو.

لالان جي مک تي مرڪ ٽڙي پئي، ”واچ ٻيهي سگهي ٿي، پر وقت نه!“

شان بل ڀَي ڪيو- ۽ ٻئي هيٺ لهي ڪار ۾ وڃي ويٺا. ڪار اسٽارٽ ٿي رستن تي ڊوڙڻ لڳي. لالان هيڊلائيٽس جي روشنيءَ ۾ بوندن جي جهرمر پسڻ لڳي. حيدرآباد پهتا ته مينهن بند ٿي چڪو هو. ”بس- اني!“ لالان چيو ۽ شان ڪار بيهاري ڇڏي. لالان هن جو هٿ پنهنجي هٿ ۾ ورتو، ان کي چپن تائين آڻي چميو ۽ اکين تي رکيو ۽ چميو ۽ ٻنان ڪجهه چوڻ جي ڪار جو در کولي لهي وئي ۽ شان کيس ويندو ڏسندو رهيو، نيڻ نهار تائين...

●●●


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيدل مسرور

# سمن سائين

بنسي. ننڊي هوندي ڪان ئي منهن مهانديءِ ۾ ساري ڍٽ جو نڪ آهي. وري جو ماڻس ماڻڪي سندس ڪيرٽيءَ جهڙن پترن پترن ڳنڙن تي لالڙي لائي ۽ ڪيس ٻانڊڙو پڙو پارائي، سينگاري پٽس سڳنڊيي ڏي ڏمڻ تي اماڻيندي هئس تہ رستي جي پاسي ۾ وڻل سمورا ڪمي ڪاسبي بہ ڪيس ڏسي پيا ٺرندا هئا.

وارياسي جي واٽ تي جڏهن ڪان سرڪاري رستو ٺهيو هو تہ گڏهن تي گنب جي مٽي ڍوئڻ وارا اوڏ ۽ ڏاٽا ڪهاڙيون نيڻ ۽ ناهڻ وارا لورا بہ رستي جي ڪناري ڪناري پنهنجا پکا اڏي اچي وينا هئا. سڳنڊيي جا وڏا تہ اميرن جا اوبارو گرهہ ڪائي مري ويا هئا، مگر سڳنڊيي ننڊي لاڪر ئي لوهار وٽ نوڪري ڪئي هئي ۽ ماڻڪيءَ سان لانئون لهڻ ڪان اڳ ۾ ئي پنهنجي بني وڏي هئي.

ماڻڪيءَ کي هن اڏيري لال ۾ چيني چنڊ جي ميلي تي ڏٺو هو. هڪ طرف ماڻهن جاتائون تي پيتيون تہ ٻئي طرف ماڻهو ٺول ونڻ ۾ مگن هئا، پر سڳنڊيو، ماڻڪيءَ جي مست ڪنڊڙ آواز تي هرڪ هاري وينو هو. ماڻڪيءَ سان گڏ سندس جاجڪن بہ ساٿس سُر تي ونرايو پر ماڻڪي. مور جهڙي ڳچيءَ ۾ پاتل، چانديءَ ۾ مڙهيل دلپاڪ تي هٿ رکي پتائي پلاري جو ڪلام: ”پهرين رات پريت جي، جيڪس وسري تو ويئي... پهرين رات پريت جي. جيڪس وسري تو ويئي...“ اهڙي تہ سوز منجهارون تي ڳايو جو هن سڳنڊيي جهڙن سوين عاشق جيئڙن جون دليون ونگي ورتيون هيون.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڳنڌيي بہ پنهنجا ڏرمي تنتر منتر ڏاڍا ٻڌا هئا مگر پٺائيءَ جا ٻول ٻڌيَ هن کي پهريون ڀيرو پيار جي پر ڪيف ڪيفيت جو احساس ٿي رهيو هو. خاص ان ڏينهن تہ پٺائيءَ جا ٻول پهرين رات پريت جي ماڻڪيءَ جو مڌر آواز ۾ سندس سونهن نانگ وانگر سندس من ۾ ڪنڊلي هڻي ويهي رهيا.

ماڻڪي، بربلي بہ ڪانہ هئي جو رڳو تماشبين کي نات نخرو ڏيکاري، مجرو ڪري پئسو ڦري وڃي، سک ڪلياڻ ڪري مگر هن کي تہ سمن سرڪار جي دعا ٿيل هئي. جتي مڱڻهار، فقير، ملنگ توڙي بر ۾ آيل ڳني گويا بہ حيران ٿي ويا هئا تہ هيءَ ٽاريلي بلبل وانگر ڳٽ ڳٽ ڪندڙ ڳائڻي ڪٿان پيدا ٿي آهي.

سمن سرڪار جي ميلي تي بہ هر سال مڱتا توڙي وڄتا چونڪيون ڏيڻ ويندا هئا. فقير فقراءَ الڳ پنهنجون گودڙيون ڪنيون ايندا هئا ۽ يڪتارا چپڙيون وڄائي ميلي جو مزو وڌائيندا هئا تہ ملنگ موالي وري جهارا جهنگارا ڪري، مٽيا مٽڪا ڳانا ڪولابا پائي، هٿن ۾ چمٽا ۽ پيرن ۾ ڇيريون ٻڌي ڌمالون هڻي پيا حاضري ڏيندا هئا.

انهيءَ سال گرمي بہ گرمي هئي. مٿان وري بجلي نہ بيٽري. نہ ئي ڪو پيٽرول وارو جنريٽر. پر خبر تڏهن پئي جڏهن هٿ ٻتين، چمنين ۽ گئس جي گولن تي جهڳٽا ناهيو جهمرين ۾ جهالار ڪندڙ درويش اوچتو ڪو سوز ڀريو سڏ ڪيو.

سمن سائين مان تہ گولي غلام تنهنجي در جي.

ٻاگهي تہ ٻاگهي هڻڻ وارن جا هٿ بغلن ۾ ئي رهجي ويا. ڳائڻن ۽ عطاين بہ حيران ٿي هڪ ٻئي ڏانهن نهاريو. ائين ٿي لڳو ڄڻ سمن سائين جي سموري پڙ جي هڪ نہ رڪجندڙ شور جو ڪنهن رستو روڪي ورتو هجي. هر ڪنهن جو ڌيان انهيءَ سريلي آواز ڏانهن ڇڪجي ويو، هرڪنهن ڪنائڻ شروع ڪيو:

دلا ڀريندس دل سان هو اديون
مٿيون ڀريندس دل سان


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سمن سائين مان تہ گولي غلام تنھنجي در جي...

آواز سمن سرڪار جي تربت جي پويان واري پڊر مان پئي آيو، جتي ڪي ڍاڻي نند جي خمارن ۾ ڏنگا ڦڏا ستل ھئا، جتي ماڻڪي ڪن تي ھٿ رکيو ڳائي رھي ھئي. ڪجليو ساڻس سرندي تي سنگت ڪري رھيو ھو. واري واري سان ھرڪو ڪيس ڏسڻ آيو، پر جيڪو بہ ڪيس ڏسڻ آيو ھو سندس سندر آواز جي نازڪ ٻنڌڻن ۾ ٻڌيو ويو ۽ پويان جو فڪر لاھي ويھندو ويو ۽ ائين آھستي آھستي ويا حشام ماڻھن جا ڳڏ ٿيندا.

پوءِ ان پيھہ مان ڪو نانگو مست نڪري وٽس آيو. سندس ڪڇ ۾ ڪکڙ جھليل ھو ۽ ٻئي ھٿ ۾ مائي جو دونو ھو، جيڪو اچي ماڻڪيءَ کي ڏنائين ۽ پوءِ اوچتو ئي اھو نانگو مست انھيءَ پيھہ ۾ گم ٿي ويو. جن جن ماڻھن کي ان مست جي اھا ادا سمجھہ ۾ آئي تن وڏا وڏا نعرا ھڻڻ شروع ڪيا. اھو ڏينھن اھو شينھن ماڻڪيءَ جو ڪو اٽو مٽ تر ۾ پيدا ڪونہ ٿيو.

ماڻڪيءَ جي سڳنڌيي سان ڪا نُک يا متي مائٽي بہ ڪانہ ھئي، پر جتي بہ ٻڌندو ھو ماڻڪيءَ جي محفل تہ نڪاءُ ڪندو ھو وجي اتي. ھٽندي ڏٽندي ماڻڪيءَ کي بہ نيٺ ٻابور پئجي وئي تہ سندس ڏونکي چاجين ۾ سڳنڌيي نالي ڪو عاشق پيدا ٿي پيو آھي. ماڻڪي تہ ماڻڪي پر ان جي جاجڪ ڪجليي بہ ڪيس گھٽيون ئي نمريون ھنيون، پر سڳنڌيو بہ ماڻڪيءَ کي چچڙ ٿي چنبڙي پيو ۽ ڪنھن البيلي عاشق وانگر سئون سنئون چئي ڏنائينس:

”مون ساڻ پرڻو ڪر نہ تہ منتر ڪرائيندو سان؟“

”منتر ۾ نہ جانءِ تہ...“

”آپگھات ڪري ڇڏيندس.“

”اھڙا ڪوڙ توجھڙا ڪتيءَ ڪائو...“

”چڱو آزمائي ڏس.“

”پر مون تي سوين عاشق آھن، تون ڪھڙو تونگر آھين.“

”تونگر ئي تہ نہ آھيان.“


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”پوءِ!“

”تنهنجي در جو غلام تي گذاريندس.“

ماڻڪيءَ ڏي هن جي ڪا ڏراوت بہ رهيل ڪانہ هئي، پر ساڏن پئڇن توڙي اميرن صاحبن جا مجرا مزمانيون سڀ ڏسي چڪي هئي ۽ ڪانون وانگر ڪن ۾ ڇهنب هڻڻ وارا ٻول ٻڌي چڪي هئي. سو ڪٽي سڳنڌيي جي آرتي اتارائي، پرٽي جي رسم ڪري ڇڏيائين، ائين لڪئي جو ليڪ پُڙجي ويو.

اها رات سڳنڌيي ۽ ماڻڪيءَ جي جيون ۾ تہ چندرما جي جوت جڳائي وئي پر اها ئي رات ڪجليي سرندي واري تي ڪٽي پيئي ۽ هن هڪ اونهي انڌي کوهہ ۾ ٽپو ڏئي ڇڏيو.

”بس هن جو داڻو پاڻي ئي ايترو هو“. ماڻڪيءَ جي اکين ۾ ڳوڙها ڏسي سڳنڌيي ڪيس دلجاءِ ڏيندي چيو.

ماڻڪيءَ کي ڪجليي جي پانئڻ جو احساس تہ هو پر هوءَ ان جا اهي پار سجاڻي ڪانہ سگهي هئي تہ سندس جاجڪ يا ملت پيتي، سندس پرٽي تي ايترو خفي ٿيندو جو وجي آپگهات ڪري ڇڏيندو.

پرٽي کان پوءِ سڳنڌيي ماڻڪيءَ کي ٿاٿائي ونائڻ لاءِ ميلن ملاکڙن تي ڳائڻ سان گڏ ڪيس ريڊيو اسٽيشن تي بہ وٺي ويو، پر دروازي تي ئي جواب مليس تہ، ”ابا ايري غيري لاءِ هت جاءِ ڪانهي. هلو هلو. وڃي ميلن ملاکڙن ۾ ڳايو وڃايو.“

ڪنهن همدردي ڪندي سمجهايس تہ، ”ابا! جتيون پيو گسائيندين، ورنہ ڪجهہ ڪين. چڱو تي تہ ههڙي جاءِ کان پاسيرو رهہ.“

پر سڳنڌيي همت ڪانہ هاري ۽ هٽي ڏٽي ريڊئي جي ڪنهن وڏي پروڊيوسر سان ملڻ ۾ ڪامياب تي ويو، پر انهيءَ شخص بہ ماڻڪيءَ کي ٻڌڻ کان سواءِ ٺوڪ ڪندي چيو.

”هي ٺٺمڪڙي وري ڇا ڳائيندي، ريڊيو تي وڏا وڏا ڳائڻا ڳائيندا آهن. محنت رياض ڪريو، پوءِ اچجو تہ ڏسنداسين.“

سڳنڌيي جا تہ نپ ٿي نري ويا... سو ڦڪي منهن ماڻڪيءَ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏانهن نهاريائين تہ ماڻڪيءَ سندس من جي ڪيفيت ڪي سمجهندي دلجاءِ ڏنس.

”مرشد سمن سرڪار جو در تہ بند نہ ٿيو آهہ سُڀُنا.“

سمن سائينءَ جي ميلي جا شوقين ۽ سڪائون ڏيڻ وارا يا جاڻائون پرڻ وارا بہ ڪڪڙ ڪچن ۾ ڪنيو ايندا هئا تہ ماڻڪيءَ جي راڳ ٻڌڻ لاءِ ٽئي راتيون ٽڪي پوندا هئا. ماڻڪيءَ جي محفل بہ ڪا محفل ٿيندي هئي. اصل ٽن راتين ۾ ايتري تہ گهور پوندي هئس جو سارو سال ويهي کائي تہ بہ نہ کٽيس. پر ماڻڪي مصري شاهہ امام، ميرانپور جهوڪ واري توڙي ڪنڊرن جي ڪنڊڙيءَ وارن بزرگن جا ميلا ڪڏهن نہ وساريا.

سڀُنڌيي سان پرڻي ڪان بہ سال پوءِ ڪيس سمن سائينءَ تان ئي ڪيس ڏيءَ جو نياءُ مليو. تڏهن سڀُنڌيي ڪي اوڏڙو ڏسي ڪن ۾ چيو هئائين. ”سُڀُنا تون بہ هاڻي ڪورو تپائڻ ڇڏي ڏي.“

”کهڙي پوري ڏنگيءَ ڪنيو آ جو هلندڙ روزيءَ کي بند ڪري ڇڏيان.“

”مرشد گهڻو ڪجهہ ڏنو آهي.“

”پر پوءِ ماڻهو چوندا تہ ماڻڪيءَ جي ڪمائيءَ تي ڪريو پيو آهہ.“

”ماڻهو پيا ڏوڙ پائن تنهن ۾ تنهنجو ڇا.“

”پر ماڻڪي اصل ڳالهہ تہ اها آهي تہ روهي، سانداڻ، متڪن ۽ ڏمڻ ڦوڪڻ کان سواءِ ڪو ٻيو ڪم تہ اچي بہ ڪونہ ٿو.“

”مرشد سمن سرڪار نياءُ ڏنو آ...“

”هان تہ ٻڌاءِ نہ....“

”ٻتو لولو ڏيٺو پوندئي.“

”سڀُن سنوڻ جو پڪو هان ماڻڪي.“

”ڪڙيون ڳسائٽيون پونديءَ.“

”پر تون ٻڌاءِ تہ....“

”نالو ڇا رکنديئنس.“

”ڇاڳلائي تہ نہ ٿي ڪرين؟“ سڀُنڌيي ڳالهہ کي سمجهندي، من


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ پرجي آيل خوشيءَ کي روڪيندي پڇيس.

”نه، سچ ٿي ڪريان.“

”ته پوءِ...“ هو سوچيندي چوڻ لڳو، ”نر ته ڪجليو، چوڪري ته بنسي...“

ماڻڪيءَ مرڪي ڏنو ته سڳنديو وڏي اچي سندس ٽنگن کي زور ڏيڻ لڳو. ماڻڪي ڄاتو ٿي ته سڳنديي جي پيار جو وڏو اظهار ائين ئي هوندو هو.

اها بنسي ڄائي ته سمن سرڪار جي گاديسر کيس دعا ڏني، ٻن سالن جي ٿي ته مصري شاهه امام جي گادي ڌڻيءَ ڪان دعا جو ڌاڳو وٺي سندس ڳچيءَ ۾ وڌائون، پنجن سالن جي ٿي ته ڪنڌڙيءَ وارن بزرگن جي در تان پڙ واري چادر مليس... هر هنڌ ايڏي آجيان ڏسي ماڻڪيءَ جو کيس گائڪ بنائڻ وارو آدرش به پڪو ٿي ويو ۽ کيس پنهنجا ڪلام پاڻ ياد ڪرائڻ سان گڏوگڏ هڪ استاد به رکي ڏنائين.

استاد آڏو به تر جو مڃيل پيٽي ماسٽر هو. آبي شابي جي سا عادت هئس پر هن بنسيءَ کي راڳ ۾ ماڻڪيءَ جي ڪلپنا کان به ٻه هٿ مٿي محنت ڪرائي. اٽندي ويهندي سڏي چوندو هوس:

”او بنسي! آءُ ته سورٺ کي سڏو ڪرايانءِ...“

”او بنسي! آءُ ته هڪڙو نئون لوڪ گيت ياد ڪرايانءِ...“

بنسي، سندر ته ننڍڙي لاڪون ئي هئي. جوان ٿي ته من موهيندڙ روپ وٺي اصل ڪا قلجهڙي ٿي پئي. ماڻڪي به گهٽو ڪري هر ميلي تي پاڻ سان وٺي ويندي هئس ۽ پاڻ سان گڏ ڳارائيندي به هئس. پر استاد آڏو جي اجازت اجا ڪانه هئس. جوَ ماڻڪي کيس اڪيلي سر ڳائڻ لاءِ ميدان تي لاهي ۽ هونئن ماڻڪيءَ جو پنهنجو به خيال گهٽ هو. ڄاڪاڻ ته ٻڌندڙن ۾ به بي ڳُرا گهٽائي هئا. خاص طور سندن تر جو راوت اپليو ته اصل ڇوريءَ مان نظر ئي نه ڪڍندو هو.

هڪوار پنهنجي منهن سان سڳنديي، استاد آڏوءَ تي زور به ڀريو ته، ”هاڻ ڪٽي بنسيءَ کي اجازت ڏي ته اڪيلي سر ڳائي.“

اتفاق سان ماڻڪيءَ به اهي جملا ٻڌي ورتا جنهن تان سڳنديي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي چوڻ لڳي. ”سڳنا ماڻهو وڏا بي وڙا ٿي ويا آهن، سارو ڏينهن ٻانيو جهليو بينا آهن.“

”تون بيڪي بڪواتيءَ ڪان ٿي ڏرين ڪي.“

”نہ...“

”تہ پوءِ؟“

”اپليي جو متو اڇي قريو آهي.“

”ڇا ٿو چوي!“

”چوي ٿو بنسي ڏيو، ٻئي متا ٿو ڪٽي.“

سڳنڌيو، زال جو جملو ٻڌي سڪتي ۾ اچي ويو. اپليو! سندس راڄ جو راوت هو... پر هيو بہ وڏو زاني، ڪا گاڏيلي عورت اڳ ۾ ئي ٻهاري وينو هو. سڳنڌيي کي اچرج ان ڳالھ جو بہ ٿيو پئي تہ اپليو، پنهنجي راڄ جو مندو ڇو ٿيو هو!

”بنسيءَ کي بہ ڏٺيءَ سندر صورت ڇا ڏني آهي. اسان لاءِ ڪشالا وڌي ويا آهن“. سڳنڌيي کي سوچ ۾ ٻڌل ڏسي ماڻڪيءَ پنهنجي اندر ۾ لڪل ڳالھ جو اظهار ڪندي چيو.

سڳنڌيي کي هڪ گهڙيءَ تہ پنهنجو سڄو جيون وئرٿ لڳو، ڇاڪاڻ تہ هن کي اها بہ خبر هئي تہ ترجا کي ڪامورا بہ اپليي جا گانڍيا سانڍيا هئا. هن کي ائين لڳو. اپليو جهڙو ڪوڏيارو نانگ هجي، ٻاهران ڪوڏين جهڙن چٽن وارو، اندران ڏنگڻ وارو.

”ڳڪ ٿي پويان پيو آهي.“

”پوءِ؟“ سڳنڌيي جا تہ واڇٽ ئي وڃي ويا. هن تہ سمجهيو پئي، هو ڳائٽا فنڪار ۽ فقير آهن ڳائي وڄائي من ريجهائڻ وارا. ماڻهن جا تہ ڪڏهن هو ميرا مندائي ڪونہ ٿيا آهن تہ .... ماڻهو ڪين ستائڻ جي ڪڍ چو پيا آهن.

”گهر جا ڪڪڙ ماري ڏنا اتئين سڳنا، مان بہ ماڻڪي آهيان، جي هن جون ڪامورن سان... ڳنڍيون آهن تہ مان بہ نگهوسار ڪرائيندي مانس... مون بہ سمن سائينءَ جون جاڻائون پيٽيون آهن، وڏن وڏن پيرن


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واري آهيان. هٿ ته لائي ڏيکاري کو بنسيءَ کي...“
”ته پوءِ ڏرين ڪوهه ٿي.“
”ڏري منهنجو آڱوٺو، تون جيئندو آهين نه مان اهڙن ڪتن ڪنداتن کي ٽڙا مٽي تي ڏيڻ واري آهيان.“
”پوءِ بنسيءَ کي ڳائڻ جو ڪونه ڏين، پاڻ کي پاونگ به سمجهين ٿي ته ڏرين ڪوهه ٿي.“
”سوچيان ٿي ته اسين فقير ماڻهو آهيون، ڪٿي ڪو پنڊڻ نه ٿي پوي.“
”سمن سرڪار تي ويساهه ڪرين ٿي ته پنڊڻ جو ٿيندو... هن ڀيري سرڪار جي ميلي تي ٻاٻيهي کي ٻولڻ ڏي ماڻڪي- مالڪ وينو ناهي پاڻي ئي گور ڪندو گريب ٿي.“

.....

سمن سرڪار جو ميلو به هن ڀيري ته ڪو ڏاڍوئي پريو هو. بازار ته بازار، جنهن ۾ پانت پانت جا دڪان. هڪ طرف ڪاڏي پيتي جا ٻئي پاسي چوڙين ڪنگڙين ۽ مسي مساڳ ۽ هار سينگار جا. ڳانن وارا ته اصل هر موڙ تي پيا ڦيريون پائن. ٻاهرين ٻنن تي چانهه جا هوٽل، نانوائي، رنگ برنگين مناين وارا ته مزار ڏانهن ويندڙ رستي تي شربت وارا، قلن پڳڙن وارا، ريوڙين وارا، نذر نياز لاءِ ڳانن چادرن جا دڪان الڳ.

بازار کان ٻاهر ته ٻاره به رونشو لڳو پيو هو. هڪ طرف انن جي جهوڪ، جيڪا ساجن سوائيءَ جي ميلي تي به لڳندي هئي ته پرسان ئي قسم قسم جا ڏاند، وري جو ٽورو اڳتي هل ته گهوڙن جي نمائش، لاٺوڊ تي اصل رڙ پئي پئي.

”واهه ڙي صمد... واهه ڙي ڪميت، پري تي پاسو ڏي سهڻا اچئي تو پنج ڪلياڻ، پڙهو ڪلمو مير مرسل تي، هي ڏسو عربي جام جي ملڪ جو عربي گهوڙو، ها سهڻا ٽڪيٽ وٺ هل اڳتي...“

مئن روڊ تان بسون به اصل هينان مٿان ماڻهن سان سٽيون پئي آيون. بس مان لهندڙ هر ٻئي پانڌيئڙي وٽ ڪڪڙ ڪڇ ۾ هو. اٽڪل اڌ ميل جي ايراضيءَ ۾ ته رڳو سرڪس وارا، موت جي کوهه وارا، ديسي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پرديسي پکين ۽ جانورن وارا، هڪ هڪ نموني جا چوڏول.

بس سان لهندي سڳنديي، ماڻڪيءَ، بنسيءَ ۽ سندن جاجڪن، سمن سائينءَ جي گاديسر وٽ سلامي ڏني.

”اج تہ چونڪي ڪرائينس تي نہ بنسيءَ ڪي، ماڻڪي؟“ گاديسر، بنسيءَ جي ڪجلين اکين ۾ نهاريندي چيو.

”جيئن حڪم سرڪار جو ٿئي.“

”ابا وريل، وينو آهين نہ! ها هنن فقيرن جي مڙئي پارت هجئي.“

”جي بابا... جيڪر حڪم بابا، پر بابا سائين ايس پي صاحب جو حڪم آيو آهي تہ ميلي ۾ ناچ گانو نہ ٿيندو.“

”تہ پوءِ ڇا ٿيندو؟“ گاديسر، ايس پي صاحب جو حڪم ٻڌي ڪلي وينو: ”ميان وريل تون بہ تہ آفيسر آن. تون ئي ٻڌاءِ ڀلا ميلن ملاکڙن تي راڳ ويراڳ نہ ٿيندو تہ پوءِ مچڻ مان ڪهڙو فائدو.“

”سرڪار گذريل هفتي حيدرآباد ۾ ببليءَ جي ناچ ۾ ڪي ڪامورا پاڻ ۾ اٽڪي پيا هئا. اخبارن ۾ تہ الائي ڇا ڇا شايع ٿيو هو. ان ڪري ايس پي صاحب پنهنجي هن ضلعي ۾ ناچ تي پابندي مڙهي ڇڏي آهي.“

”پر ابا وريل، هي ڪا ببلي تہ ڪانهي. هي تہ اسان جا فقير آهن، سالن کان پيا ٿا چونڪيون پرين، ميان ڪهڙا آفيسر ٿيا آهيو. ڪجر ٻن ۽ فقيرن ۾ فرق ئي نظر نہ ٿو اچيوَ.“

”بس بابا سائين وڏن جا عقل بہ وڏا تہ حڪم بہ وڏا.“

”پر پنڙا ثقافت جو وزير پيو اچي، ڪليڪٽر صاحب پيو اچي. هيڏا سارا فنڪار اچي پڙ ۾ لٿا آهن، اهي ڇا گاني بجاني کان سواءِ موٽي ويندا. پر گذريل سال جو اسٽيج تي ڪو پروگرام ڪيو هيئي اهڙو تہ ڪرين ٿو نہ؟“

”هائو بابا!“

”پوءِ اسٽيج تي ئي هنن فقيرن ڪي بہ ڳائڻ ڏيو نہ.“

”بابا سائين فنڪار تہ اڳي ئي گهڻا آهن. پوءِ جيئن حڪم بابا سائينءَ جو.“ وريل پنهنجي خضاب ڪيل مڇن ۽ ڏاڙهيءَ تي هٿ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قيربندي چيو. پوءِ منهن ورائي ماڻڪيءَ کي اڪ پڳائين، جڻ چوندو هجي:

”تون فڪر ئي نہ ڪر ماڻڪي، مان جو وينو آهيان.“

ماڻڪيءَ بہ اهڙيون سوين اکيون ڏٺيون هيون جن ۾ گهڻو ڪري لاڳ ۾ ملندڙ پئسن جي حصي پتيءَ سان گڏ نفس نڪاري جي لالچ بہ هوندي هئي.

سڳنڌيي هٿ جوڙي، ورپل صاحب کي دعائون ڏنيون ۽ گاديسر کان پيرين پئي موڪلايو.

”مائي ماڻڪي پڙ ۾ ناچ ڪرڻ جي منع آهي، ڏس متان...“

”صاحب اسان ناچو تورئي آهيون...“

”ابا ورپل، هنن جو ڪيجرن سان ڪهڙو واسطو...“

”پر پوءِ بابا سائين چئي ڇڏڻ ضروري آهي، پئسن جي ڪري اهي فقير ئي قريو ناچو ٿيو پون.“

ماڻڪيءَ جي وات تي ڪو اگرو جملو نهي تہ آيو پر هوءَ بنسيءَ کي وٺي، گاديسر کان موڪلائي هيٺ پڙ ۾ آئي.

اڳ، جتي هر سال ماڻڪيءَ جو منڊوو لڳندو هو، اتي هن ڀيري لاڙڪاڻي کان آيل مور ۽ مکٽي وارن ديرو ڄمايو هو جن سان لاڙڪاڻي جون ئي بہ مشهور ناچڻيون بہ گڏ هيون. جن وٺني پئي سينگار ڪيو.

ماڻڪيءَ، استاد مور کي سلام ڪيو، چاڪاڻ تہ ماڻڪيءَ ڪيس سڃاتو ٿي تہ هو اتر واري پاسي جو پلو ڳائڻو هو ۽ مکٽو سندس ياءُ هو جيڪو پيٽي وڄائيندو هو.

استاد مور بہ مرڪي ماڻڪيءَ کي سلام جو جواب ڏنو ۽ بنسيءَ ڏانهن اشارو ڪندي پڇيائينس:

”اڄ پلا ان کي بہ لاهين ٿي ميدان تي نہ؟“

”آيا تہ مرشد جي چونڪي ڏيڻ آهيون پر چون ٿا تہ پڙ ۾ راڳ ڏاڳ نہ ٿيندو ۽ اسٽيج ٿيندو.“

”ها! ٻڌو تہ اسان بہ آ، پر هاڻي هيڏا ڀاڙا خرچ ڪري آيا آهيون، توهان تہ مڙئي راڳ ويراڳ ڪري چونڪي ڀري وٺندؤ، اسان جو روزگار


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ... بابا... نچڻ ڳائڻ تي آهي، توکان کھڙي لڪ بابا.“

”ڀلا پڙ ۾ ڳائڻ وڄائڻ تي پابندي ڇو لڳائي اٿئون؟“ مکڻي، سڳنڌيي کان سوال ڪيو.

”ابا مون کي تہ لڳي ٿو تہ پڙ ۾ ڳائڻ وارا سرڪاري سپاهين کي مال پاڻي ڪونہ ٿا ڏين، ان ڪري پابندي لڳائي اٿئون.“ سڳنڌيي کان اڳ ۾ ئي مور، مکڻي کي جواب ڏنو.

”وڄتا ساڻ اٿئُ؟“ مکڻو، پنهنجي ياءُ جو جواب ٻڌي ڳالھ کي سمجھي ويو سو، سڳنڌيي کان پڇڻ لڳو.

”هائو بابا، توهان جي دعا هجي.“ جواب ڏيندي سڳنڌيو اڳتي وڌي الم ڏانهن هليو ويو، جتي ڪيس رلهي وڇائڻ ۽ ٽنگون ڊگھيري ٺيڪ ڏيڻ جيتري جاءِ نظر آئي هئي.

”ابا درويش“ مکڻي، سڳنڌيي کي رڙ ڪندي چيو، ”اهو آئي وئي جو گذر آ ابا، تورو پرنان تي ويهو.“

سڳنڌيي بہ سمجھيو تي تہ مکڻو کيس اتي ويهڻ کان ان ڪري روڪي رهيو هو جو سندن مجري ڏسڻ لاءِ ايندڙ ماڻهن جو رستو ٿي بند ٿيو. پهرين تہ هن خيال ڪيو تہ جڏهن پڙ ۾ ناچ ٿيڻو ئي ڪونہ آهي تہ پوءِ رستي تي ويهڻ يا نہ ويهڻ مان ڪهڙو نقصان پر پوءِ هن سوچيو تہ ويچارا لاڙڪاڻي کان پاڙا پري آيا آهن. سو، رلهي ڪڻي الم جي پرسان ئي ٻي جاءِ تي رلهي وڇايائين. ساڻس گڏ لوهي پيتي بہ هئي، جنهن ۾ ماڻڪيءَ ۽ بنسيءَ جي پائڻ لاءِ ڪپڙا ۽ زيور هئا. سڳنڌيي پيتي رکي رلهيءَ جي هڪ پاسي ٽنگون ٽيڙيون تہ مٿان ماڻڪيءَ جا سازنده بہ اچي پهتا.

بنسيءَ جو سمورو ڌيان لاڙڪاڻي کان آيل انهن ٻنهي ڪنجرين ڏانهن، جن کي خبر بہ هئي تہ پڙ ۾ ناچ ڪرڻ جي منع ٿيل آهي پوءِ بہ انهن ويني پئي سينگار ڪيو. انهن کي ڏسندي بنسيءَ جي دل ۾ سينگار ڪرڻ جو خيال جاڳيو تہ هن پيتيءَ مان ڪپڙن جو بجڪو ڪڍيو ۽ ماءُ کي ڏيکاريندي پڇيو.

”منهنجو هي وڳو ٺيڪ آهي امان ماڻڪي؟“


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ها، اڄ لاءِ تہ نيڪ آهي. سپاٽي ڪٽي ڀيو پائجانءِ.“

”اڄ ڪليڪٽر صاحب ايندو ۽ وزيرصاحب بہ ايندو انهيءَ فيشني وڳي ڪي ڇڏ، پنهنجو اباڻو لباس اوڍي وٺ، آخر تہ پنهنجي ملڪ جي ثقافت آهي. هو ٻانڌڻو پڙو ڪڍي پاءِ.“ سڳنڌيي سڌو تي وهندي ٻنسيءَ کي مخاطب ڪيو. اڻ ئي وقت سندس نگاهہ چانهن واري ڇوڪري تي پئي تہ هن ڪيس ششڪر ڏئي چانهہ آڻڻ جو اشارو ڏنو.

چانهہ جو ڍڪ پيئندي ماڻڪيءَ جو هينئون بہ جاءِ تي آيو جڻ سفر جو سڄو ٿڪ لهندي محسوس ڪيائين. چانهہ پيئڻ کان پوءِ ٻنسيءَ ۽ ماڻڪيءَ ٻانڌڻو پڙو پاتو ۽ چوليءَ مٿان پيلي رنگ جو رئو مٿي تي رکي وينيون سينگار ڪرڻ تہ جيئن سڄ جي تڙڪي ۾ لبن تي لالڙي صحيح نموني لڳي سگهي.

پر اڃا آرسي رکي وينيون مس تہ وردين ۾ ملبوس بہ سپاهي، لنين سان اچي مٿن ڪڙڪيا. سپاهين کي ڏسي، ٻنسيءَ جون تہ اصل وايون ئي ولڙيون تي ويون.

”هل ڇوري اٿ.“ هڪ سپاهيءَ ڪيس ٻانهن کان وٺي ڇڪي مٿي ڪيو.

”امان...“ ٻنسيءَ رڙ ڪئي.

ماڻڪيءَ کي بہ اهڙو تہ جهٻو آيو جو ڌيءَ کي ڇڏائڻ لاءِ سپاهيءَ تي ائين الر ڪيائين جيئن ڪڪڙ پنهنجي ٻچن لاءِ باز تي الر ڪندي آهي، پر سپاهي بہ هيو جاننو جوان سو نہ ڪيائين هر نہ تر، سڌو هٿ وڌائين ماڻڪيءَ جي ٻہ ٻانهن ۾ ۽ ٻنسيءَ سان گڏ ان کي بہ گهليندا ويا پوليس جي موبائيل ڏانهن.

ٻنسيءَ جي رڙين سان گڏ ماڻڪيءَ بہ گهڻو ئي زور هلايو، پر مرداڻي مروٽيل ٻانهن ڇڏائي ڪانہ سگهي. ٻنسيءَ تہ پيءُ سان گڏ ايندڙ ويندڙ کي بہ ڇڏائڻ لاءِ پئي منٿون ڪيون، پر ماڻهن جو بہ جڻ ساهہ سڪي ويو هو ۽ هرڪو ائين پري پري تي بيهي هي تماشو ڏسڻ لڳو جڻ ڪي ڪاسائي، اضحيءَ جي سينگاريل ٻڪرين کي ڪن کان وٺيو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪوس گهر پئي ويو. سڳنڌيي به وڏي ڏاڙ گهوڙا مچائي، سازندن ته سازندن به پنهنجا بوچڻ ۽ ٽوپيون لاهي ٽي سپاهين جي پيرن ۾ وڌيون پر سپاهين سندن منٿن تي ٺورو به ڌيان ڪونه ڏنو، تڏهن سڳنڌيو پڳو سمن سائين جي گاديسر ڏانهن، پر گاديسر، گاديءَ تي موجود هئڻ بجاءِ هيٺ ديڳين وٽ ڪامورن لاءِ ڪڪڙن ڪي سير پئي ڏياري، ويچارو سڳنڌيو وري اوڏانهن ڊوڙيو.

”مرشد ماڙ ڪريو، سپاهي ناحق بنسيءَ ۽ ماٽڪيءَ کي ڪٽي ويا آهن.“

”اڙي سڳنڌيا مون توهان کي چيو به ته ايس پي صاحب پڙ ۾ ناچ ڪرڻ کان منع ڪئي آهي.“ گاديسر بدران، سندس پرسان بيٺل انفرميشن جي آفيسر وريل صاحب ڪيس چيو، ”پوءِ توهان ڏوڙ چوتا پايو. چوتا چئڻ پئسن جي ڪري پنهنجو منهن ڪارو ڪرايو.“

”سرڪار، بنسيءَ ۽ ماٽڪي ته اڃا سان پيون ڪن...“

”اهو به الم پاڪ جي هيٺان.“ وريل وري اهڙي انداز سان چيو ته جيئن گاديسر به مٿن ڪاوڙ ڪري. پر گاديسر کي سمجهه ۾ ڪجهه ڪين پئي آيو ته هو سڳنڌيي سان همدردي ڪري يا آفيسر جي خيال سارو ڪاوڙ ڪري.

”ڄمار گذري آهي سرڪار جون ڊيوٽيون ڏيندي، پلا جي منع ٿيل آهي ته ناچڻين لاءِ ٿي آهي، اسان ته گريب فقير آهيون سرڪار.“

گاديسر ڏنو ته ونگيو حجام به ڪڪڙ کي سير ڏيڻ بدران ڪاتي هٿ ۾ جهليو، سڳنڌيي جي پارت لاءِ پئي ڏانهنس نهاريو، تڏهن ڪيس رهڙ پٽيندي چيائين:

”تنهنجي ڪاتي ڇو بيهي رهي آهي ونگيا. تون ته پنهنجو ڪم ڪر، جلد ڪر ڪليڪٽر صاحب به هيڏانهن ڪي هوڏانهن.“

”سرڪار ويچارا گريب مشڪين آهن.“

”ته مان ڇا ڪريان؟“

”توهان ٿاڻي تي فون ڪري ٿاڻيدار کي چئو نه سرڪار.“

”ها، جو ٿاڻيدار منهنجي پيءُ جو نوڪر آهي.“


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”پر سرڪار، سپاهي اجا ٽاٽي تہ ڪونہ پهتا هوندا.“ سڀُنڌيي، گاديسر کي چيو.
”پر توهان بہ اهڙا ڪم ڇوتا ڪيو.“ گاديسر، سڀُنڌيي ڏانهن ڏسڻ ڪان سواءِ ئي چيو.
”سرڪار توهان جو حڪم هو تہ بنسيءَ کي اڄ اسٽيج تي ڪليڪٽر صاحب جي اڳيان ڳارائيندا سين.“
”سرڪار بنسي تہ اجا ڪچ بالڪ آهي. ٿوري وڏي ٿئي تہ پوءِ صاحبن جي اڳيان آڻجوس.“
”چڱو تون ماٺ ڪر.“ گاديسر وريل کي مخاطب ڪيو ۽ پوءِ پرسان بيٺل خليفي بجاجيءَ کي چيائين، ”ابا بجاجي وڃ پلا هن سان وڃي چڏائي ڏينس ڏيءَ ۽ زال.“
”مولا خوش ڪندوَ سرڪار، اسان گريبن جو اجهو آڌر تون ئي آن بابا.“ سڀُنڌيي وڏي وجي گاديسر جا پير چميا ۽ اکين ۾ آيل ڳوڙها اگهندي پنيرو ئي پوئتي وڃڻ لڳو.
”پر ڏسو پڙ ۾ ناچ ڏاچ نہ ڪجو.“ سڀُنڌيي کي ويندي ڏسي وريل صاحب وري بہ سندس ڏيان ڇڪائيندي چيو.
خلبفي، سپاهين کي چانهہ والري هوٽل تي چانهہ پيئندي ڏٺو تہ رستو مٽي اچي وٺن رسيو. بنسيءَ ۽ ماٽڪيءَ پنهنجي منهن کي، مٽي واري پيلي پوتيءَ سان ڍڪي ڇڏيو هو جيڪي سندن پاسي ۾ ڪنڌ هيٺ ڪيو وينيون هيون.
”آ بجاجي، ڪهڙو حڪم آندو اٿئي؟“ جاننې سپاهيءَ، بجاجيءَ کي سڀُنڌيي سان گڏ پاڻ ڏانهن ايندي ڏٺو تہ پڇيو.
”هنن ڳگدامن کي تہ ڇڏيو.“
”ميان پهرين بهڻي آهي. تڪي ڪير پري آهي، ائين ڪيئن ڇڏيون.“ هن چانهہ، بسيءَ ۾ لاهيندي چيو.
”بابا! اسان ناچو ناهيون. اسان سمن سائينءَ جا فقير آهيون، هر سال حاضري ڏيڻ ايندا آهيون.“


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”تون ماٺ ڪر مرونءَ جي اولاد.“ بسيءَ ۾ بچيل چانھہ سڳنڊيي ڏانهن اڇلائيندي چيو.

”ڳادي ڏٽيءَ جو حڪم آھہ ابا تہ هنن کي ڇڏيو... رات ڪليڪٽر صاحب جي اڳيان هنن کي ڳائڻو آھہ...“

”صاحبن جي اڳيان تہ پوءِ ڳائيندين اڳ ۾ اسان سپاهين جي اڳيان ڳائيندين.“

”ضد نہ ڪر ابا- ضد نہ ڪر.“

”چڱو چڱو تون وڃي وجين.“ ٻئي سپاهيءَ، ٻجاجيءَ کي اک جو اشارو ڪندي چيو.

سڳنڊيي وڏي وجي ان ٻئي سپاهيءَ جي پيرن تي هٿ رکيو، ”بابا مولا وڏائيندوَ اسان...“

”چڱو چڱو ڊيگهہ ڇڏ.“ پهرين سپاهيءَ ڪاوڙ مان سڳنڊيي جو جملو ڪاٽيو، ”پهرين وڃي چانھہ جا پئسا ڏئي اچ دخل تي.“

سڳنڊيو چانھہ جا ڏھہ رپيا ڏئي زال ۽ ڌيءَ کي وٺي پڙ تي واپس آيو. سانجهي ٿي تہ پڙ ۾ ڪنهن لالٽين ٻاريو تہ ڪنهن گئس جو گولو ٻاريو. دڪانن تي بہ لڳل بلب روشن ٿي ويا مگر سڳنڊيي بتي ڪا نہ ٻاري. اندر ۾ ڇڻ ڪو احتجاج هئس. حالانڪ الم پاڪ ۾ لڳل بلب بہ جهرمر ڪري رهيا هئا مگر سڳنڊيي جو من منجهيل هو. ساڻس گڏ ماٽڪي، ٻنسي ۽ سندن سازندا بہ اداس اداس وينا هئا.

ايندڙ ويندڙ زائرين مان ڪن رونشي ڪوڏين ڪانئن پڇيو بہ تہ:

”چو راڳ ڪونہ ٿا ڪريو؟“

تہ سڳنڊيي پنهنجي قتل دل سان جواب ۾ چيو، ”ايس پي صاحب جو حڪم آھہ بابا.“

”پر فقير ميلي جو مزو تہ راڳ سان هوندو آهي، هي ڪهڙو حڪم آهي.“ ڪنهن شخص هڪ ئي وقت سڳنڊيي ۽ پاڻ سان گڏ ويٺل همراھہ ڏانهن منهن ڪندي چيو.

”بس بابا دنيا جا ڪيل آهن.“ سڳنڊيي ٿڌو ساھہ کنيو.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاڙڪاڻي ڪان مور ۾ مڪٽي سان گڏيل آيل ٻئي عورتون بہ سينگار ڪري ڪاڏيءَ ڪي هٿ ڏيو وينيون هيون. ميلي ۾ راڳ ٻڌڻ وارا شوقين بہ سٽڙن ڪنجي هِت هُت ڦيرا پائي رهيا هئا. جيڪي تاريليون هر سال سڪائون ڪٽي اينديون هيون تہ نچنديون سهرا ڳائينديون اينديون هيون، سي بہ چپ چپ وينيون هيون. شام ٿيندي هئي تہ خاص طور باهہ جو مچ ٻاري اهڙو تہ رقص ڪنديون هيون جو ماڻهو ڳالهوٽجي ويندا هئا. عورتون تہ عورتون پر سندن مرد بہ زنانہ ڪپڙا پائي، منهن تي گهونگهٽ ڪري، دهل جي ڏڏڪي تي راسوڙا ڳائي اهڙو تہ راس رچائيندا هئا جو صبح تائين ماڻهو اتان چرندا ئي ڪونہ هئا... پر اڄ هر هنڌ مانار لڳي پئي هئي.

اڳي تہ هر ڪو دهلن شرنائين سان نچندي جهمريون هڻندي اچي سمن سرڪار تي چادر چاڙهيندو هو، پر هن ڀيري ڪو وڏو وزير بہ ميلي جو افتتاح ڪرڻ آيو هو تہ اهو بہ سپاهين جي سيٽين ۾ ماڻهن تي لٺ جي وسڪاري ۾.

ڪنهن وزير جي خوشامد ۾ ٺينڊڙ اسٽيج پروگرام لاءِ بہ جيڪي فنڪار حيدرآباد يا سکر مان آيا هئا سي بہ پروگرام شروع ٿيڻ تائين پڙ ۾ آيل ڳائڻن ۾ ڳائڻين سان پئي ملاقاتون ڪندا رهيا. پوءِ جڏهن لائوڊ اسپيڪر مان هاٿيءَ جهڙيون ريهون اچڻ لڳيون تہ ماڻهو بہ ويا پنڊال پيڙا ٿيندا.

آخرڪار راڳ شروع ٿيو. اسٽيج جي پرسان سيني فنڪارن ڪي گڏي سڏي ويهاريو ويو هو، ويچاري ماڻڪي ۾ بنسي بہ جهڙوڪر پڳل دل سان پنهنجي واري جو انتظار ڪري رهيون هيون.

اسٽيج تان اينڊڙ سازن ۾ آوازن ڪي ٻڌي مڪٽي سان آيل ڇوڪريون بہ پيرن ۾ ڇيريون ٻڌي ويهي رهيون. استاد مور سمجهاين بہ تہ:

”بابا! پڙ ۾ ڳائڻ وڄائڻ جي منع ٿيل آهي. ڇو اجايو ڪاٺ ۾ ٿيون وڄهرايو...“

”استاد مڪٽا تون ٻاجو ڪول... اسانکي ڪوبہ ڪونہ چوندو.“

هڪ ڇوڪري پيرن ۾ پيل گهنگهرن جو آواز ڪندي چيو.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مڪٽو به ويٺو هو تنهن سو هڪدم ڪٽي باجو ڪوليائين. جنهن تي مور ڪيس رهڙ پٽيندي چيو. ”اڙي! انڌيءَ جا ٻال ڪو آيئي نه سپاهي ته ماٽڪيءَ وانگر ٻئي ڇوريون ڪٽي ويندئي.“

”استاد تون چپ ڪري ويھ.“ ٻي ڇوڪريءَ استاد مور کي مخاطب ڪيو.

”ڊڄڻ واريون اهي شريف زاديون ڳوناٽيون ڳائٽيون هوندئي. اسان کي ڪو هٿ ته لائي ڏيکاري.“

”آ استاد ديوانا تون به طبلي جي جوڙي ته ملاءِ. ڄڏ استاد مور کي.“ پهرين ڇوڪريءَ طبلي واري استاد بابو ديواني کي چيو.

بابو ديواني به جوڙي ڪڍي ته سارنگيءَ واري به دل ڪري سارنگي ڳوٿريءَ مان ڪڍي ان جون کي قتل تارون ملائڻ شروع ڪيون. ڪنجريءَ واري ته اڳ ۾ ئي ڪٽي ڇم ڇم شروع ڪري ڏني آهي. سازن جو آواز ٻڌي، مزار ڏانهن سلاميءَ ڏيڻ جو خيال دل تان لاهي هنن کي ڳائيندي ڏسي موٽ ڪاڏي. بس پلڪ ئي نه گذري ته هشام ماٽهن جا گڏ تي ويا ۽ ڇورين مجرو شروع ڪري ڇڏيو.

او... وچ نه پري مون ڪان هتڙو ڇڏائي....

شام کان جن سپاهين جي ڊيوٽي سمن سائينءَ جي پڙ ۾ لڳل هئي تن کي خاص طور هدايت ٿيل هئي ته جيڪو به نچي ڳائي ۽ تماشبينن کان پئسا وٺي تن کي هڪدم جهلي لاڪپ ۾ بند ڪيو وڃي. پر مزي جي ڳالهه اها ته اهي ئي سپاهي توريءَ دير کان پوءِ انهن ڇوڪرين جي ڊيري تي اچي پهتا پر هنن، انهن کي چيو ڪجهه ڪونه- رهندو وات پٽي، واڇون ٽيڙي، ڇورين جو ناچ ڏسڻ لڳا.

هوڏانهن اسٽيج ڏانهن به جڏهن ڇئن پنجن نون نون ڳائڻن ڳائي لاتو ته ڊي سي صاحب به اچي پهتو... تڏهن مس مس وڃي بنسيءَ جو وارو آيو. حالانڪ حيدرآباد وارن ڳائڻن اڳ ۾ وارو وٺڻ لاءِ وريل صاحب تي زور به پريو ته، ”ڪين ٿندي آدم ڪنهن شاديءَ جي محفل تي ويٺو آهي.“


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر وريل صاحب کين چيو تہ، ”ڏيهو تہ توهان کي اهڙو ڏاڍو تو ٻڌرايان جو وات ئي ڪٽلي تي ويندوَ.“

۽ واقعي جڏهن بنسي اسٽيج تي آئي، سازندن ساز ڇيڙيا ۽ هن پنهنجي منهن تي گهونگهٽ وانگر رڪيل پيلي دوپٽي کي سر تي ٺاهي رکيو تہ اسٽيج تي گهٽ روشنيءَ جي باوجود بنسيءَ جي معصوم حسن جو چنڊ چمڪي پيو، تڏهن واقعي چگن چگن جا وات ڪٽلي تي ويا، مٿان جو هن آلاپ ڪري تر جو لوڪ گيت ”موريا موريا ري“ ڳائڻ شروع ڪيو تہ سموري پنڊال ۾ وينل ماڻهن ساڻس تال تي تال ملائڻ شروع ڪيو، تڏهن ڪن ڳائڻ بہ تعريف وچان چپ چبا ڪري هڪ ٻئي ڏانهن نهاريو.

بنسيءَ جو راڳ ماڻهن کي تہ وٽيو ئي وٽيو پر ڊي سي صاحب کي ڏاڍو وڻيو. هن پنهنجي کيسي مان سئو سئو جا بہ نوٽ ڪڍي اردليءَ کي ڏنا تہ بنسيءَ کي انعام طور ڏئي اچي، مگر اردليءَ وڃي وريل صاحب کي هٿ ۾ ڏنا- وريل صاحب پنهنجي هٿ ۾ جهليل مائيڪ تي رنڀ ڪندي اعلان ڪرڻ شروع ڪري ڏنو:

”حاضرين سامعين ناظرين! هي بہ سئو رپيا جناب... ڊپٽي ڪمشنر صاحب خوشي تي هن نئين فنڪاره کي انعام طور ڏنا آهن.“

پنڊال وارن تاڙيون وڄائڻ شروع ڪيون تہ وريل صاحب وري پنهنجي دل مان ٺاهي بنسيءَ کي فرمائش ڪندي اعلان ڪيو:

”حاضرين سامعين ناظرين! جناب ڊپٽي ڪمشنر صاحب فرمائش ڪئي آهي تہ نئين فنڪاره ڪان شام جو هي پهر ٻڌرايو.“ وريل هڪ وڏي رڙ ڪندي چيو، ”تہ حاضرين سامعين ناظرين! جناب ڊپٽي ڪمشنر صاحب جي فرمائش تي اوهان کي اڄ جي هيءَ نئين فنڪاره ٻڌائيندي شام جو هي پهر ناڻءُ اسان جي ڪيو... تاڙيون...“

پنڊال ۾ وينل ماڻهن وري تاڙيون وڄايون پر بنسي هڪي ٻڪي ٿي وئي، هن کي تہ اهو اندازو بہ ڪونہ هو تہ ڊي سي صاحب ڪانئس ڪنهن لوڪ گيت بدران اهڙي گيت جي فرمائش ڪندو، جيڪو سمن سائينءَ جي عرس تي ڳائڻ جهڙو هيو بہ ڪونہ. تڏهن پويان وينل


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڳنڌيي ڏانهن مڙي ڏنائين ته ان چيس ته ”ڳاءِ ابا، صاحبن جي فرمائش آهي.“

بنسيءَ کي اهو ڪلام ايترو ياد به ڪونه هو، جنهن ڪري وري اسٽيج جي پاسي ۾ وينل ماءُ ماڻڪي ڏانهن نهاريائين ته ماڻس مِڃ ڏنس ته، ”ياد اٿئي ته ڳاءِ“

بنسيءَ اشاري سان نماڻو منهن ناهي لاچاري انداز ۾ ماءُ ڏانهن نهاريو، پر ماڻس سندس همٿ وڌائيندي ڳائڻ لاءِ ڪيس اشارو ڪيو. سازندن به مڙئي هٿ پير هڻي ڪلام جا ٻول وڄائڻ شروع ڪيا ته لاچار بنسي به جهڙو تهڙو ڪري ڳائڻ شروع ڪيو.

شام جو هي پهر- نانءُ اسان جي ڪيو.

جڏهن ڪلام ڳائي پورو ڪيائين ته ماڻهو جي تاڙين تي خوش ٿيڻ بدران گهٻراهٽ کان هڪدم اسٽيج تان لهي هيٺ آئي ته متان ڪا ٻي فرمائش نه اچي متان ڪڙڪي. بنسي هيٺ لٿي ته ماڻڪي ٻلهار ٻلهار ٿيندي ڪيس ڳلي سان لڳايو، بنسي دل ئي دل ۾ مرڪي رهي هئي. هوءَ اڄ تمام گهڻي خوش هئي.

اتفاق سان وريل صاحب به ان ئي وقت اعلان ڪري ماڻڪيءَ کي مٿي اسٽيج تي سڏ ڪيو ۽ خاص فرمائش ڪئي ته سمن سائين مان ته گولي، غلام نِنهنجي در جي ٻڌائي.

ماڻڪي ڌيءَ کي پاسي سان ويهڻ جو اشارو ڪري اسٽيج تي چڙهي وئي. مائيڪ اڳي ئي ڪليل هو. ماڻڪي به ايندي شرط گوڏو پيچي ڪَن تي هٿ رکي آلاپڻ شروع ڪيو ته ڏڪڙ واري به تر ڪٽ ڏوڪٽ ڪري ساٿس لئي جهلي ۽ ماڻڪيءَ ان لئي جي آڏر تي ڏوهيڙو ڏنو ته پنڊال سندس مڌر ۽ موهڻي آواز ۾ مگن ٿي ويو.

بنسي به ماءُ کي ڳائيندي ڏسي رهي هئي ته اوچتو ڪنهن سپاهيءَ جو زبرو هٿ سندس ٻانهن ۾ پيو. هن منهن ورائي ڪيس ڏٺو ئي ڪونه ته ٻئي سپاهيءَ سندس ٻوٿ تي هٿ رکيو. وينل فنڪارن اڃا ڳالهه کي سمجهيو ئي ڪونه ته سپاهين، بنسيءَ کي ڪٽي پوليس موبائيل


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ وڏو ۽ هوا تي ويا.

ماڻڪيءَ کي تہ سڌ ئي ڪانہ پئي تہ سندس لاڏن ڪوڏن سان نپايل نينگري پڙ مان ڪجهي وئي هئي. هن تہ سمن سائينءَ جي تصور ۽ عقيدت ۾ فنا تي پئي ڳائو.

موبائيل ميلي جي گوڙ مان نڪري روڊ تي چڙهي، تورو اڳتي ئي ڪنهن زميندار جي اوطاق جي ٻاهران اچي بيٺي جتي تر جو وڏي صوبيدار صاحب، ضلعي جي ڪن ننڍڙن ڪامورن جي خاطر تواضع ڪري رهيو هو. هن جڏهن بنسيءَ جي حسن ۽ آواز جي هاڪ ٻڌي تہ موبائيل موڪلي ان کي ڪٺي اچڻ جو حڪم ڏنو هئائين ۽ سپاهين بہ بنا ڪنهن ڏوهہ جرم جي ويچاري بنسيءَ کي ڪنيپي آڻي وڏي صوبيدار جي اڳيان اچي ٻيهاريو.

وڏي صوبيدار سان گڏ ماڻڪيءَ جي ڳوٺ جو راوت اپليو بہ وينل هو، جيڪو بنسيءَ کي ڏسي ناسون ڦنڊائي پنهنجي منهن مرڪي رهيو هو. وڏي صوبيدار صاحب سپاهين کي اشاري سان بنسيءَ کي اندر ڪمري تائين پهچائڻ لاءِ چيو. سپاهين حڪم جي پيروي ڪئي ۽ صاحب کي سلوٽ ڪري هليا ويا.

بنسيءَ جا هٿ پويان ٻڌل هئا ۽ وات ۾ ڪپڙو ڏنل هوس. ان ڪري سندس ٻيوسيءَ واريون رڙيون ريهون ڪنهن کي بہ ٻڌڻ ۾ ڪين پئي آيون. وڏي صوبيدار کي بنسيءَ جي بدن جي خوشبو شام ڪان ئي بيقرار ڪري ڇڏيو هو، ان ڪري هن جلد ئي پنهنجي مهمانن کان پنجن منٽن جي مهلت گهري ۽ اتي اندر ڪمري ۾ گهڙي ويو، جتي بنسي ويچاريءَ روئي روئي پنهنجا حال برا ڪري ڇڏيا هئا.

”تهان ماڻهن کي ڪيترو تا جهليون تہ ناچ گانو نہ ڪريو، پر توهان مڙوئي ڪونہ تا.“

هن ايندي شرط بنسيءَ جا نوڙيءَ سان ٻڌل هٿ کولڻ بجاءِ پهنجي چيلهہ سان ٻڌل پٽو کوليو، پوءِ هن ڪمري جي هڪ ٻي ٻتي بہ ٻاري ۽ بيڪڙيل دروازي کي کولي ڇڏيو تہ جيئڻ آيل مهمان بہ سندس


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جوان مڙسي جو مزو ڏسي سگهن، پوءِ هن بنسيءَ جي وات ۾ قاتل ڪپڙو لاتو ۽ ڪيس گاريون ڏيڻ شروع ڪيون ۽ گاريون ڏيندي هو بنسيءَ کي چيلهه وارا پٽا هٽڻ لڳو، بنسي هيسجي پوئتي هٽندي وئي، پوءِ جڏهن هوءَ وڃي ديوار سان لڳي ته هن سندس بدن ۾ ڪنهن بکايل بگهڙ وانگر چڪ وجهڻ شروع ڪري ڏنا.

پري پري کان سندس ماءُ ماٽڪي جي ڳائڻ جو آواز اچي رهيو هو:

"سمن سائين مان ته گولي غلام تنهنجي در جي..."

ماٽڪي سمن سائينءَ جي پڙ ۾ ڳائيندي رهي ۽ پنڊال سندس آواز ۾ مست مگن ٿي رهيو پر هن بيگناهه معصوم بنسيءَ جا سڏڪ ڪنهن به ڪونه ٻڌا. شايد سمن سائين به نه پئي ٻڌا... جنهن ماٽڪي کي بنسيءَ جو ٽياءُ ڏنو هو، جو بنسيءَ جو بلادڪار ٿي رهيو هو ۽ هو چپ هو. بنسي ڦٿڪندي رهي. سڏڪندي رهي ۽ پنهنجي لاچاريءَ تي رئندي رهي، دور دور کان ماٽڪيءَ جو آواز پڙاڏا ڪري ساري تر ۾ گونجي رهيو هو:

سمن سائين مان ته گولي غلام تنهنجي در جي.

۽ ان غلام ماٽڪيءَ جي معصوم ڌيءَ بنسيءَ جو بلادڪار ٿي رهيو هو.

●●●


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ائبسٽريڪٽ جيون جا ڪجهہ ائبسٽريڪٽ

”۽ هي بہ ڪوئي جيون آهي؟“

هن ڪي سڄاڳ ننڊ ۾ ورائي ويو خيال ڪنهن ڪڪر جيان، ۽ هو اهو سوچي هنڌ تان اٿي بيٺو. اٿيو تہ سندس نيڻ نهار سامهون ديوار تي ٽنگيل وال ڪلاڪ تي وڃي پئي: صبح جا پنج ٿيا هئا.

”صبح اڃا ناهي ٿيو!“ هن سوچيو.

(صبح؟) + (ڪهڙو صبح؟) + (صبح تہ ڪيترا هئا؟) + (صبح تہ انيڪ هئا، صبح، صبح ٿيو ئي ڪونہ هو يا جيڪڏهن ڪوئي صبح ٿيو بہ هو تہ اهو صبح سندس جيون جي اُماس رات جي ڪُک مان ڦٽندڙ صبح تہ نہ هو!!! هي اهو صبح تہ نہ هو، جنهن صبح لاءِ، ها جنهن صبح لاءِ هن ڪيترا ورهيہ واجهائي گهاريا هئا!)

اوچتو وال ڪلاڪ پنهنجي مڌر آواز ۾ ٽڪاءَ هڻڻ شروع ڪيا: هڪ، ٻہ، ٽي، چار ۽ پنج.

هن اوٻاسي ڏني، آرس ڀڃي، نهار ڪلاڪ تان هٽائي بيڊ روم تي ڦيرائي: بيڊورم ۾ هلڪي نيري بلب جي روشني پکڙيل هئي، ڪمرو مسلسل ايئرڪنڊيشنر هلڻ جي ڪري برف ٿي ويو هو. بيڊ تي سندس ئي پر ۾ سندس زال ۽ ٻار گهاٽي ننڊ ۾ ستل هئا. هن چتائي سندس زال جي مُک تي نهار ڦيرائي. هوءَ سندس زال هئي. (زال؟!! هن ڪڏهن تہ سوچيو بہ نہ هو تہ هو وهانءُ بہ ڪندو. ۽ وهانءُ بہ ڪندو تہ هڪ اهڙي عورت سان جنهن جي ياد ۾ هن هڪ پل بہ نہ گهاريو هو،


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ هن جي جدائي ۾ ڳوڙها ڳاڙيندي، آڪاش جا تارا ڳڻيندي، ٿيڙو ٿڪيا هئا. سچ پڇ تہ جيون جون ڪڙيون سچايون، ٻين سمورين ڳالهين کان مٿانهيون هيون. هر ڳالهہ کان مٿي. ڪوبہ جذبو، ڪابہ ساروڻي، ڪابہ سونهن، ڪابہ سندرتا، جيون جي ڪڙين، حقيقتن کان مٿانهين نہ هئي. انسان ناهہ ڪري ٿو ونئي هر شيءِ سان. نظرين کي، جذبي کي پاسيرو رکي. هو جيون جي هر ڪڙي کان ڪڙي حقيقت سان ناهہ ٿو ڪري ونئي ۽ جڏهن ناهہ ٿو ڪري تہ پوءِ؟ تہ پوءِ ڇا ٿو ٿئي، ڇا ٿو ٿئي پوءِ ۽؟)

ڇا ... ٿو ... ٿئي... پوءِ...؟! هن وراڻيو ۽ ڏنو زال جي مُک کي، جنهن کي وارن جي ڇڳن پئي ڇهيو، سندُر، گهڻي سندر، پر سندس ٻذبن کي نہ سمجهندڙ (شايد سمجهي سگهي بہ نہ ڪڏهن!)

هو مرڪيو ۽ بہ وکون کڻي باٿ روم جو در کوليو، واش بيسن تي بينو، واش بيسن تي لڳل آرسي ۾ هن پنهنجو مک ڏٺو. نل کولي اکين تي ٿڌي پاڻي جا ڇنڊا هنيا. منهن ڌوئي هن ٽوال سان منهن اگهندي وري آرسي ۾ ڏٺو.

ڪيڏو نہ بدلجي ويو آهيان مان، بدلجي ويو سڀ ڪجهہ، نہ اهي جذبا جيون کي بدلائڻ جا، نہ اکين ۾ سپنا ايندڙ دور کي ڏسڻ جا، نہ نراڙ ۾ للاٽ، نہ رات جو آڪاش ۾ تارن جي جهرمر جهرمر کي پسڻ جي، نہ سپنن جي، نہ ٿيڙن کي پنڌ ڪندي ڏسڻ جي، نہ شام جو شفق جي بدلجندڙ رنگن سان گڏ سج جي لام کي ڏسڻ جي.

”ڇا هي بہ ڪوئي جيون آ. ۽ هي بہ آهي ڪو جيون، صبح جو سويل اٿي ٽريڪ سوٽ پائي، جاگر پائي اڌ اونداهن رستن تي تيز جاگنگ، گهر موٽي وهنجي نيرن ڪري زال کي ڪوڙي مرڪ سان ”بائي“ چئي، آفيس وڃڻ ۽ آفيس ۾ جهڪ جهڪ پروپرائيٽرز سان ڳالهہ ٻولهہ، ڊيلنگ، هرڪنهن سان ۽ پوءِ شام جو گهر اچي ويهي رهڻ. ڪڏهن ڪڏهن ڪلب ۾ وڃي هيلو هيلو ڪرڻ ۽ وري ماٺ ڪري وڃي سمهي پوڻ، زال جي سندر مک کي ڏسي. (هڪ مک روز روز ڏسي بہ ڪيڏي نہ ٿي بيزاري ٿئي.)


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ هي بہ آ اهو جيون جنهن جيون کي گهارڻ جا هو ڪڏهن سندر سپنا ڏسندو هو. (تون ۽ مان هونداسين. ٻيو ڪوئي نہ هوندو، هوندا تنهنجا منهنجا سپنا، سپنا ۽ سپنن جي ساڀيا هونداسين تون ۽ مان شفق جا بدلجندڙ رنگ، آڪاش ۾ ٽمڪندڙ ٽيڙو ۽ ڪتيون، چنڊ چمڪندو رهندو ۽ هوائون گهلنديون رهنديون، صبح ٿيندو، رات ٿيندي، ڏينهن ٿيندو، تون ۽ مان هونداسين ۽ ٻيو ڪوئي بہ تہ نہ هوندو، (ڪوئي بہ تہ نہ هوندو).

پر ڪٿي آ هوءَ؟

هن بيزاري مان سوچيو ۽ من مان اهي بيڪار خيال ڪڍي ڊريسنگ روم اچي، ٽريڪ سوٽ ڪڍي پاتو، جوراب ڪڍي پيرن ۾ پاتا ۽ جاگر پائي اچي ڊريسنگ ٽيبل وٽ بيٺو، برش ڪڻي هن وارن کي ڏنو (وار بہ آهستي آهستي ڪنهن بيوفا محبوب وانگر ساٿ ڇڏيندا ٿا وڃن! ڪيڏا نہ سندس گهاٽا وار هوندا هئا، سڀ سندس وارن تي رشڪ ڪندا هئا، پر اهي وار بہ سندس سمورين امنگن سان گڏ لهوار ٿي ويا هئا.)

هن هڪ ٿڌو ساهہ کنيو ۽ وري اچي بيڊ سائيڊ تان چاٻي کنئي. چاٻي کڻي، هن وري زال کي ڏٺو جيڪا ننڊ ۾ ستل هئي. هو الائي ڪهڙي سوچ هيٺ مرڪيو ۽ زال کي ڏٺو ۽ اجرڪ کڻي سندس مٿان وجهي فليٽ جو در ڪولي ٻاهر نڪتو، ڏاڪڻيون آهستي آهستي لهندو هو مين گيٽ کان ٻاهر نڪتو.

ٻاهر اجان رات جي پوئين پهر جا سڏڪا وننڌڙ اونداهيءَ جو راڄ هو، مٿي آڪاش تي تارن کي ڏسندي هن رستي تي اسٽريٽ لائيٽس کي ڏٺو تہ ٿڌڙي هير سندس مک سان لڳي، کيس تازو توانو ڪري ڇڏيو، هن بہ چار ڊگها ڊگها ساهہ کنيا ۽ تکيون تکيون وکون کڻندو اڳتي اونداهيءَ ۾ گم ٿي ويو. سندس پويان ٽي ڪتا هڪ ٻئي پويان ڀڪندا، ڀؤنڪندا هن کان بہ اڳتي ڀڄي ويا. پويان ڪتان ڪتن جي ڀونڪ سان گڏ ڪڪڙن ٻانگ ڏني ۽ آڪاش تي پرهہ ڦٽي جا آثار ظاهر ٿيڻ لڳا.

........


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سمورن ڏينهن وانگر اهو ڏينهن بہ عام ڏينهن هو.

جون مهيني جي آڪاش تان سج ٽانڊا پئي اڇلايا، هر پاسي ڪان اُبس، ساهہ ڪي مونجهہ (ههڙي گرمي.... الله ڏي ٻانهون سهي!) صبح جو واڪ مهل تہ ٿڌي ٿڌي هير پئي گهلي، پر هينئر تہ جهڙوڪر ساهہ ٿي نڪتو. سيمينٽ جون پٽيون ۽ ڇتيون تپي باهہ ٿي ويون هيون. هن پنکي کي ڏٺو، جيڪو ڇت جي سموري تپش سندس مٿان اڇلائي رهيو هو، هن جي دل چاهيو تہ هو هن باهہ جهڙي ڪمري مان نڪري ڪمپيوٽر روم واري ايئرڪنڊيشنڊ ڪمري ۾ وڃي ويهي.

هو اهو سوچي اٿيو تہ فون جي گهنٽي وڳي. هن فيڪس کي ڏٺو پر گهنٽي فيڪس جي نہ پر فون جي هئي، هيڪر هن جي دل چاهيو تہ هو فون نہ کڻي، سندس دل چيو پئي تہ اهو فون سندس باس جو هوندو، هن بيزاريءَ مان فون کنيو، حسب معمول فون سندس باس جو ئي هو.

”هيلو“ فون تي سندس باس جو آواز هو.

”جي.“

”فون ئي نٿا کڻو، هينئر آيا آهيو ڇا؟“

”نہ، مان ڪمري ۾ ئي هئس.“

”پر فون تہ ڪنهن کي کڻڻ گهرجي.“

”جي، آئينده احتياط ڪبو“ هن وراڻيو.

”اوهان اڄ ڏهہ منٽ آفيس ۾ دير سان آيا.“

”ها، مان ڏهہ لڳي ڏهن منٽن تي آفيس آيو هئس.“

”پرڇو؟“

”جي. ڪار ڪونہ اٿم، رڪشا منهنجي گهر ڪان ڪجهہ پريرو ملندي آهي.“

”بهرحال، مون اڪائونٽنٽ کي چيو آهي تہ جيڪو بہ دير سان اچي، ان جي پگهار مان ڪٽ ڪئي وڃي.“

هو چپ.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ٻڌو پيا نہ؟“ هن جي باس چيو.
”ٻڌم.“
”مطلب تہ هاڻ آئنده ائين نہ ٿيڻ گهرجي.“
”منهنجو خيال آهي تہ اوهان کي هن قسم جي آفيس سان پهريون ڀيرو تجربو ٿيو آهي.“
”مقصد ڇا“ سندس باس کي باهہ وٺي وئي.
”مقصد اهو تہ مان صبح جو ڏهين وڳي کان رات جو ٻارهين وڳي تائين آفيس ۾ ڪم ڪريان ٿو ۽ هفتي ۾ ڪا موڪل نٿو ڪريان...“
”ڇوڻ ڇاٽا ڇاهيو توهين؟“ سندس باس چيو.
”اوهان کي اها بہ خبر آهي تہ مان ڪوبہ اورر ٽائيم نٿو وٺان. اوهين پگهار ڏيو ٿا اٺ هزار ۽ اٺن هزارن ۾ آئون ڏهن ماڻهن جو ٿو ڪم ڪريان ۽ ... بہ بہ مهينا توهين پگهار نٿا ڏيو، ٻن مهينن کان مون کي پگهار نہ ملي آهي...“
”توهين مون سان اجايو بحث پيا ڪريو!“ باس سندس ڳالهہ کي اڌ ۾ ڪٽيندي چيو.
”جي نہ، مان بحث ڪونہ ٿو ڪريان پر مان ڪيترن ڏينهن کان گهڻو ڪجهہ برداشت ڪري رهيو آهيان. مان هاڻ اوهان جي اداري ۾ ڪم نہ ڪندس. اوهان کي اٺن هزارن ۾ ڪوئي ڪمدار ملي ويندو.“ هن ائين چئي فون زور سان بند ڪري ڇڏيو. ۽ پوءِ فون جون گهنٽيون وڄنديون رهيون. ٻاهر جون مهيني جو سج وڏيڪ ٽانڊا اڇلائڻ لڳو هو.

.........

هو آفيس مان ٻاهر نڪتو.
ٻاهر سڄي ڏينهن جي گرمي جو آزاريل رستو ۽ ان تي وڇايل ڏامر ڪڌهوڪو ٽڙو ٿي چڪو هو. سامهون ٽيليفون ايڪسچينج جي مٿان خبر ناهي ڪهڙين تاريخن جو اداس چنڊ ڪيس تڪي رهيو هو. هن


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چنڊ کي ڏٺو، چنڊ آڪاش ۾ بينل هو يا ڇڻ ڪنهن بيزاريءَ سان اٿڪائي ڇڏيو هو. ڏينهن جو ٽاندا اڇلائيندڙ جون مهيني جو آڪاش هاڻ ڪنهن ڇپر ڇانوَ وانگر هو بينل سندس مٿان. اوچتو تيز هوا جو جهونٽو سندس منهن سان اچي مڪا ميلو ڪيو. هن تيز ساهه کنيو، هوا ۾ ڪائي چاتل سڃاتل خوشبو هئي شامل (هر مند ڪي، هر هوا ڪي ۽ هر وقت ڪي آهي پنهنجي خاص سڳنڌ ۽ اها ڳالهه به بنهه سمجهه ۾ ايندڙ ۽ سمجهه ۾ نه ايندڙ ته ڪڏهن ۽ ڪٿي ڇو ۽ ڇا لاءِ، هر ڪنهن کي يا ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ کي لڳندي آهي، اها خوشي ڇاتل سڃاتل!)

هن مٿي آڪاش کي ڏٺو، آڪاش به هن ڏانهن نهاريو، سامهون قاسم آباد جو اڪيلو روڊ به اڄ هن جي من جيان هو سنسان، وياڪل، هيڪلو، هن رڪشا لاءِ هيڏانهن هوڏانهن تڪيو پر دور دور تائين ڪنهن به رڪشي جو نالو نشان به ڪونه هو. روز جيان آفيس جي سوزوڪي ۾ ويندڙ هو اڄ رڪشا جي اوسيئڙي ۾ بينل هو، ۽ سندس هٿ ۾ ڪتابن ۽ فائلن جا ٿها هئا جيڪي ڪيس ٽڪاڻ لڳا ۽ رستي تي تيز هوا ۽ ان ۾ اڏامندڙ ڪاغذن کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه هو.

...............

هو گهر ۾ داخل ٿيو.

سندس زال ڪيس ڇتائي ڏٺو ۽ ڏنائين سندس ڪتابن ۽ فائلن کي، هن ڪتاب ۽ فائل اڳڻ ۾ پيل ڪٽ تي اچي رکيا. سندس زال سمجهي وئي.

”ڇو خير ته آهي، اڄ سوزڪي ۾ ڪونه آيا ۽ هي ڪتاب ۽ فائيل؟“ هن جي زال سوال ڪيو، هڪ ڀيرو اڳ به هو ائين ڪتاب ۽ فائل کڻي گهر آيو هو.

”خير ئي آهي.“ هن بيزاريءَ مان ڏنو جواب.

”منهنجو مقصد آهي ته توهين پنهنجا فائل ۽ ڪتاب آفيس مان ڇو کڻي آيا آهيو؟“


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”بس، هاڻ وڏيڪ تون سمجهين تي،“ هن ڦڪي مرڪ مرڪي ڏني.

”سمجهي تہ آئون گهڻو ڪجهہ اڳي ئي ويني آهيان.“ هن جي زال، اڱڻ ۾ بيٺي بيٺي هن سان بحث ۾ شروع ٿي وئي.

”پوءِ پڇين ڇو ٿي؟“

”توهان هي ٽيون ڀيرو نوڪري ڇڏي آيا آهيو؟“

”ٽيون ڀيرو نہ ، پر ٻيو ڀيرو“.

”پر هي توهان ڪي آخر ويني ويني ٿئي ڇا ٿو؟“

هو چپ.

”جواب ئي نٿا ڏيو؟“

”ڀلا آڌيءَ رات جو هتي جهيڙو ڪري ڇا پاڙي وارن کي ٻڌائيندينءَ؟“

”پاڙي وارن کي سڀ خبر آهي تہ توهين زال کي ڪيترو ٿا ڀانيو، پر مون کي اهو ٻڌايو تہ توهان نوڪري ڇو ڇڏي؟“

”ڇا ٻڌايان؟“ هن چيو.

”ڪجهہ تہ ٻڌايو؟“

هو چپ.

”مون کي تہ ٻڌايو آخر گهر ڪٿان هلندو؟“ سندس زال روئڻهارڪي ٿي چيو.

”الله مالڪ آهي“. هن آٿت ڏني.

”الله بہ چوي ٿو.“ ... سندس زال اڃا ڳالهائڻ ۾ هئي تہ هو ڪيس پري ڪري اندر ٿي وي لائونج ۾ داخل ٿيو. پويان سندس زال بہ هلي آئي.

”ڪراچيءَ ۾ سکيا وينا هئاسين، اتي بہ توهان کي اسان جو سک اصل نہ وڻيو، ڪار هئي، گهر هو، اتي بہ توهان سک سان ويهڻ نہ ڏنو!“

”سک، سک، آخرڪار“... هن کي باهہ وٺي وئي پر پوءِ! هن


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي ڪاوڙ کي اجلائي پري ڦٽو ڪيو، ”کهڙيون ٿي ڳالهيون ڪرين؟ ڪراچي واري نوڪري مون دل سان ته نه ڇڏي هئي، ۽ اها توکي به خبر آهي.“

”اتي به توهين پنهنجي باس سان نه نڀيا.“ هن جي زال سندس ڦٽن تي لوڻ ٻرڪڻ شروع ڪري ڏنو.

”مان هن سان نه نڀيس؟“ هو به بحث ۾ شروع ٿي ويو.

”ها توهان هن پوڙهي سان نه نڀي هليا.“

”توکي خبر ناهي ته هن مون کي سؤ ماڻهن کي نوڪري مان ڪڍڻ لاءِ چيو هو!“

”ته پوءِ ڪڍي ڇڏيو ها!“

”سئو بيگناهه ماڻهن کي نوڪري مان ڪڍي ڇڏيان ها؟!“

”ها، آخرڪار باس جو حڪم هو.“

”منهنجي ڦٽن تي لوڻ نه ٻرڪ.“

”پر هاڻ ڇا ٿيو؟ هت ته نيڪ هو سڀ ڪجهه، آخرڪار ٿيو ڇا؟ صبح جو گهران نڪتو ته نيڪ، پوءِ اتي وڃي توهان کي ڇا ٿيو، جو نوڪري ڇڏي آيا؟“

”يلا توکي هاڻ ڇا ٻڌايان.“

”ڪجهه ته ٻڌايو“.

”ڳالهه اها آهي ته مان عزت سان نوڪري ڪري ٿو سگهان، منهنجي پنهنجي عزت آهي، پنهنجو ذهن آهي.“ هو پنهنجي ڳالهه سمجهائي نه سگهيو.

”اها ته ڪا ڳالهه ڪانه ٿي.“

هو چپ.

”سوچي ڇڏيو، زندگي ڏکي آهي. سنها ٻچا، آخرڪار ڪٿان پئسا ايندا؟ ڪجهه ته سوچيو ها.“

”مون چيو ته الله ڏيندو“. هن هٿيار ڦٽا ڪرڻ گهريا.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”الله بہ چوي ٿو، تہ جيڪو ماڻھو پنھنجي روزيءَ ڪي ٿو لت ھڻي...“

”ڏس مان اڳي ئي پريشان آھيان، مون کي وڌيڪ تنگ نہ ڪر.“ ھو ائين چئي پنھنجي ڪمري ۾ گھڙيو.

ٻاھر سندس زال روئڻ شروع ڪري ڏنو، روئڻ سان گڏ ھوءَ ڪجھہ چئي رھي ھئي... ھن ڏيان سان ٻڌو:

”منھنجا نصيب قتل ھئا، جو ھھڙي ماڻھوءَ کي ڪٽي منھنجي ماءُ پنھنجو ناني بنايو، شاديءَ کي ھيترا سال گذري ويا آھن، پر ھڪ ڏينھن بہ ھن شخص مون کي سک نہ ڏنو آھي. پائي پائي لاءِ تو سڪائي. ڪيترن ڏينھن کان چوانس پئي تہ گھر جو سيڌو ختم ٿي ويو آھي. ننڍڙي جو ڪير نتو آٽي. بجلي جو بل نہ پريو اٿس. عذاب ڏئي زندگي جھنم بڻائي ڇڏي اٿس...“ اھي ڳالھيون ٻڌي ھو خاموشيءَ سان پنھنجي ننڍڙي ٻار جي پاسي ۾ ليٽي ٿو پوي.

ٻاھر رات جو سفر ڌيري ڌيري جاري آھي.

ھاءِ حياتي،

ھاءِ حياتي...

حياتي.

آ

شام جي آڪاش ۾.

ٽمڪندڙ ڪنھن اڪيلي تاري جيان!

۽ ھوءَ ننڊ ۽ اڌ سجاڳ ۾ ماضيءَ جي ڪنھن خوبصورت لينڊ اسڪيپ ۾ ڀٽڪڻ لڳو. اڳيان ڪيڪٽس جو جھڳٽو ھو. ھن انھن مان ليئو پائي ھيٺ ڏسڻ شروع ڪيو.

سندس گھر جي اڳڻ ۾ ذاڪرياڻي مجلس پڙھي رھي ھئي.

اڳڻ ۾ ڪارن ڪپڙن ۾ مايون ڏاڍي ڌيان سان مجلس ٻڌي رھيون ھيون، نما شام جو ذاڪرياڻيءَ جو درديلو آواز، سرائڪي ٻوليءَ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ پويان کان پئي سندس ڪنن ۾ گونجيو ۽ سندس مٿان بيٺل شام جو آڪاش ٻ. حسين ؏ جي غم ۾ شامل ٿي ويو هو.

يا حسين ؏،

يا حسين ؏.

هن ڪُڏ ٿي بيٺي بيٺي هيڏانهن هوڏانهن نهاريو. هوءَ اجا نہ آئي هئي، اوچتو آڪاش تان لٿل ڪنهن اپسرا وانگر اچي هوءَ سندس پر ۾ بيٺي. هن ڪيس چتائي ڏٺو. ڪارن ڪپڙن ۾ هوءَ ڏاڍي سهڻي پئي لڳي، سمنڊ جهڙا گهرا نيڻ، نڪ ۾ هيري جي ڪٽي، مٿي تي ستارن سان اٽيل چاري جو رئو ۽ هن بي اختيار چئي ڏنو:

”ڪاش! مان ائين ئي بيٺو رهان هميشہ تنهنجي آڏو ۽ موت اچي مون کي!“

”توهان ڪنهن ڪنهن مهل الائي چو اهڙيون عجيب ڳالهيون ڪندا آهيو، جو هانءُ ئي ڏڪي پوندو آهي.“ هن ڪيس چيو هو. ”خبر اٿوَ تہ هن وقت اهڙيون ڳالهيون نہ ڪبيون آهن!“

هن پٽ کي ٽيڪ ڏئي ڪيس ڏٺو هو، جا نما شام مهل ڪارن ڪپڙن ۾ چئني طرفن کان پکڙجندڙ اونداهيءَ ۾ ڪيس ڪنهن ڪلاسيڪل دور جي ڪا ئي اپسرا لڳي رهي هئي. اوچتو زهره ڪانئس پڇيو هو، ”توهان کان هڪڙي ڳالهہ پڇان؟“

”ها.“ هن وراڻيو هو.

”چا توهين پنهنجي گهر ۾ ملهايل محرم جي هنن سمورين ڳالهين ۾ سچ پچ يقين رکو ٿا، الائي چو ڪالهہ مون کي پنهنجي ساهيڙي ٻڌايو هو تہ توهان جا خيال ۽ نظريا عجيب آهن!“

هن کي ان مهل الائي چو زهره جو اهو سوال ايترو عجيب نہ لڳو هو.

”مون کي پنهنجي خانداني روايتن، رسمن ۽ گذريل دور جي ڳالهين سان بي انتها چاهہ آهي.“ هن چيو هو. ”مون کي اها چڱي ريت


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چاڻ آهي تہ انسان پنهنجي حالتن سماجي پس منظر ۽ مستقبل جي خوف کان کھڙي ريت اک ٻوٽيندو آهي ۽ مون کي اها ٻہ پوري ريت ڄاڻ آهي تہ مان جيڪو اڄ هن دور ۾ جنهن بہ حالت ۾ آهيان ان جي تسلسل ۾ ڪارفرما ٿيندڙ کھڙين کھڙين اوچتن حالتن ۽ واقعن جو نہ ڪٽندڙ قافلو ڏيري ڏيري مون سان سفر ڪري رهيو آهي ۽ جيئن"... اوچتو هن کي محسوس ٿيو هو تہ هن جيڪي ڪجھہ ڳالهايو هو اهي لفظ شام جي هن ماڻ ۾ ڪيس پاڻ ڪاڻ پئي آيا. (انسان پنهنجي ذهني تسلسل کان ڊنل آهي، پريشان آهي. هن وقت پاڇي جيان آخر انسان سان هر مهل واقعن، احساسن ۽ جذبن جي شڪل ۾ مسلسل چو ٿو سفر ڪري.)

"توهان جون سچ پچ تہ اهڙيون ڳالهيون مون کي منجهائي ڇڏينديون آهن." زهره جو آواز ڪيس شام جي خاموشيءَ ۾ ڏاڍو عجيب محسوس ٿيو هو، ان مهل شام جي ٿڌي ٿڌي هوا زهره جا ڪليل وار اڏائي سندس ڳلن سان ٽڪرايا تہ اوچتو پريان مرداني امام بارگاهہ ۾ شام جا نغارا وڄڻ شروع ٿي ويا تہ ڪيس محسوس ٿيو تہ هو محرم جي 5 تاريخ تي سندس ئي حويليءَ جي ڪڏ تي زهره سان موجود آهي ۽ هيٺ سندس گهر ۾ زناني مجلس اڃا جاري آهي.

اوچتو هن بي اختيار چيو هو، "زهره هي هزار سالن جي هن هيڏي وڇوٽيءَ کان پوءِ بہ غم حسين ع ڪيڏو نہ زنده آهي. اهو خيال مون کي سدائين ان مهل ايندو آهي جڏهن مان پنهنجي گهر واري امام بارگاهہ ۾ سياهہ پوش چاڙهيندو آهيان. هن ڀيري بہ سياهہ پوش هٽندي مون کي ائين محسوس ٿيو ڄڻ هي سياهہ پوش ڪنهن اڻ ڏٺل طاقت هن سموري ڪارزار حيات کي ويڙهي ڇڏيو آهي ۽ هن وقت بہ هي شام جي چپ چپات منهنجي حياتيءَ جو انت آهي ۽ هو شام هن سموري زندگي جو انت آهي؟" هو ائين چئي چپ ٿيو هو تہ شام جي وڄندڙ نوبت بہ بند ٿي وئي هئي. زهره سندس انهيءَ ڳالهہ وراڻي ڏيڻ بدران چپ چاپ شام جي ڦهلجندڙ اونداهيءَ ۾ پريان اوپر ڏي بيٺل لمن ۽ ڪنڊين جي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وٽن ۾ جهرڪين جي شور کي ٻڌي رهي هئي ۽ آڪاش ۾ ڍيري ڍيري لهي ايندڙ اونداهي هر شيءِ کي ڄڻ ڳڙڪائي رهي هئي.

(هر شام زندگيءَ جو انت آهي. هر شام زندگيءَ جو پويان تجلو آهي. هر شام زندگيءَ جي سيان نہ ٿيندڙ سوجهرو آهي. هر شام زندگيءَ جي ڪڏهن ساييان نہ ٿيندڙ سپنن جو اولڙو آهي ۽ هر شام فنا جو نہ مٽجندڙ اهو پل آهي جڏهن انسان جي ذهن جو سمورو طلسم پل پل ۾ ٻڙي تائين پهچي وڃندو آهي ۽ ذهن جو طلسم جڏهن ٻڙي تي پهچي وڃي تہ پوءِ فنا جو وشال درياءُ انسان کي پنهنجي وهڪري ۾ اڏائي ڇڏيندو آهي.)

اوچتو زهره پنهنجن ڏگهن ڪارن ۽ ڪليل وارن کي ڪاري سنهڙي چاري جي رئي سان ڍڪيو هو تہ رئي ۾ پريل ستارا جڳ مڳ، جڳ مڳ ڪري اونداهي رات ۾ تارن سان ٽمڪندڙ وشال آڪاش جيان ٻري اٿيا هئا، ڄڻ سامونڊي ڪناري تي دور جهازن ۾ ڪنهن هڪ ئي وقت بتيون ٻاري ڇڏيون هيون. سندس سامهون زهره بيٺي هئي، ايراني ۽ سنڌي حسن جو ڳنڍيل شهڪار زهره... ڪڏهن ڪڏهن تنهنجي هن مرڪندڙ مکڙي کي ڏسي دل آتم هتيا ڪرڻ لاءِ چوندي آهي.“ هو اڪثر اهائي ڳالهہ ڪيس ٽيليفون تي چوندو هو!

”مون کي يقين آهي تہ توهان سڀ زندگي فقط خوبصورت ڳالهيون ڪري سگهون ٿا. مون جيان ڪيتريون ڇوڪريون توهان جي هنن خوبصورت ڳالهين ۾ توهان سان ساٿ نڀائڻ جي ڪوشش ڪنديون پر توهان ڪنهن سان بہ ساٿ نڀائي نہ سگهندا!“ آواز زهره جو هو ۽ هن چرڪي زهره جي ڪارن ڪجلن نيڻن ۾ نهار ڪئي جتي سچن موتين جهڙا ٻہ موتي ڏيري ڏيري ڳلن تان وهي رهيا هئا. هن ڏڄي هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ جي ڪوشش ڪئي هئي پر ڪيس محسوس ٿيو تہ ڄڻ زهره جي اها ڳالهہ ڪوئي اهڙو پڙاڏو هئي، جنهن سان سندس من جي خالي ماڙي زور زور سان گونجي اٿي هئي، هن پنهنجون نهارون


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سامهون ڪيون، دور اولهہ ڏي سج ڪڏهوڪو ٽبي هٽي گم ٿي ويو هو ۽ شام جا گهرا پاڇا لڙي امام بارگاهہ مٿان اچي بيٺا هئا، جنهن ۾ عباس علمدار جي علم جي ڪاري ۽ نئين بيرڪ زور زور سان ڦڙڪي رهي هئي ۽ پريان درياءَ تان ايندڙ ابابيل آڪاش ۾ اڏامندا الائي ڪهڙي پار وڃي رهيا هئا. هيٺ سندس حويليءَ ۾ سيدياڻيون شام جي زناني مجلس ۾ ورهائڻ لاءِ نياز ٿالهين ۾ وجهي امام بارگاهہ ڏانهن ڪٽبي وڃڻ جي تيارين ۾ هيون.

”توهان چپ ٿي ويا... منهنجي ڳالهہ توهان کي ناراض تہ ڪونہ ڪري ڇڏيو، سچ پچ مان ڪنهن ڪنهن مهل ڏاڍي بيوس ٿي پوندي آهيان. منهنجو هي توهان سان هنن محرم جي مجلسن ۾ ملڻ ڏاڍو عجيب ٿو لڳي. منهنجي ماءُ کي پورو پورو شڪ پئجي ويو آهي ۽ توهان، توهان ۾ ايتري همت نہ آهي جو توهان ڪنهن ڏينهن وڃي بابا سان ڳالهايو. بابا ڪنهن ڏينهن منهنجي شادي ڪرائي ڇڏيندو ۽ اوهين، اوهين محرم جو انتظار ڪندا تہ مان مجلس ۾ اچي توهان سان ملاقات ڪريان. توهان جي روز روز ٽيليفون ڪرڻ تي هاڻ ٽيليفون بہ تالي ۾ بند ٿي ويو آهي. توهين اهو چونہ ٿا سمجهو تہ دنيا هر انسان جي اک جي نهار کي سڃاڻي ٿي. توهان جي نوڪرياڻي جڏهن بہ اسان جي گهر اچي ٿي تہ ادا وڏي جي شڪل ڦري ويندي آهي. مان هاڻ ڏاڍي منجهي پئي آهيان!“ زهره ائين چئي سندس ڪلهي تي پنهنجو اچو ڪير جهڙو ڏگهين آڱرين وارو سندر هٿ رکيو هو ۽ هن مڙي ڪيس ڏٺو، جا شام جي اونداهيءَ ۾ ڪيس پنهنجو ئي ڪوئي پاڇو لڳي رهي هئي. هن ڪيس ڏٺو، سندس وارن مٿان اوڍيل رئو ۽ انهي ڪاري رئي ۾ پريل ستارا جڳ مڳ جڳ مڳ ڪري رهيا هئا. ڊگهي قدآور زهره جون ڪاريون ڪاريون وڏيون اکيون، ننڍو سهڻو نڪ ۽ گلابي گلن جهڙا سنهڙا سهڻا چپ. شام جي انت ۾ ڪيس عجيب لڳا هئا ۽ مٿي شام جي انت جي پوئين ٻچاڙڪي هئي. رات جي اونداهيءَ جو راڄ تيزي سان پکڙجندو پئي ويو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ آڪاش ۾ شام جو اڪيلو ستارو ٽم ٽم ڪري ٽمڪي رهيو هو.

”اسان جي زندگين ۾ اهڙيون اداس شامون ڪڏهن ڪهڙا نہ سڪون وارا پل آڻيندڙيون آهن. اڄ هن ئي اداس شام جي آڪاش هيٺان، توهان سان گڏ مون کي ائين محسوس ٿي رهيو آهي تہ ڄڻ پاڻ اڳي بہ ڪڏهن ائين، مليا هئاسين ۽ پوءِ هڪ ٻئي کان جدا ٿي لهرن ۾ لڙهي ويا هئاسين، ڇا توکي بہ ائين محسوس ٿئي ٿو.“

”توهان جي ڳالهين ۾ هڪ جادو هوندو آهي، دل ۾ ڪاوڙ هوندي بہ الائي ڇو اوهان تي ترس ايندو اٿم.“ زهره ڪيس مرڪي چيو هو. هن ان مهل ڏٺو ساهہ کڻي مٿي تارن سان ڀريل آڪاش کي ڏٺو هو جنهن ۾ هزارين ستارا چمڪي رهيا هئا.

هن ڏکيا ڏکيا ساهہ کنيا، هاڻ سندس پويان يادن جو قافلو نہ هو. هن محسوس ڪيو ائين، پر شايد يادن جا قافلا ڪڏهن انسان جو پيڇو نہ ڇڏيندا آهن، آواز انسان جو پيڇو ڪندا آهن. سڄي زندگي هوائون پنهنجي سڳنڌ ۾ گذريل دور جي يادگيرين کي پنهنجي سڳنڌ ۾ لڪائي انسان جي اندر ۾ اوتجي وينديون آهن. هن کي ان مهل پريان اونداهيءَ ۾ ٻبنل وڻ رولاڪ انسانن جي آتمائن جيان لڳي رهيا هئا. اوچتو سندس مٿان بہ چمڙا اُڏامندا هليا ويا تہ هو ڊڄي ويو هو، هن کي ان وقت، وقت کان ڏاڍو ڊپ محسوس ٿيو هو...! (مان گهڻو ڪجهہ پلجي آهيان ويو، ويندس، گهڻو ڪجهہ پلجي يادگيري ڪنهن اونهي ۽ عميق سمنڊ جي نري ۾ پيل ڊٻليءَ ۾ بند موتي جيان خبر ناهي ڪڏهن ۽ ڪٿي لڳي وڃي، ڪنهن جي هٿ ۽ حياتي؟ حياتي آ ٿر جي پٽن ۾ سفر ڪندڙ ڪنهن اڪيلي مسافر جي من جيان هيڪل ۽ وياڪل).

.........

صبح ٿيو،

هو اڄ بہ واڪ تي نہ نڪتو ۽ اڄ سنجهي هن جي اک نہ کلي هئي، اڄوڪو ڏينهن نڙيءَ ۾ قاتل مڇي جي ڪنهن ڪنڊي جيان چڀي رهيو هو، ان سور جي اثر کي ڪمري جو اي سي بہ ٿڌو نہ ڪري سگهيو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو.

پر رات بہ ڪيڏي نہ ڊگهي ٿيو وڃي ڪڏهن ڪڏهن هن سوچيو، آرهڙ جون راتيون بہ ڪيڏيون نہ آهن عجيب ۽ هو الائي ڪيتري وقت کان ايئرڪنڊيشنڊ ۾ سمهي سمهي، آرهڙ جي راتين جو واس وساري ويٺو هو. اوچتو هن کي ياد آيو تہ هو ڪيئن نہ ننڍڙي هوندي آرهڙ جي راتين ۾ کليل اڱڻ ۾ سمهندا هئا. مٿي کليل آڪاش، چنڊ، ستارا ڪنهن ڪنهن مهل چنڊول پکيءَ جو آڪاش ۾ رڙيون ڪري لنگهي وڃڻ، سي ويو ڪيڏانهن؟ ۽ راتيون کليل، گلن جي سڳنڌ سان ڀريل... سندس ننڍڙي ڌيءَ ننڊ مان ڇرڪ ڀري اٿي، روئڻ لڳي، هن جي زال گهري ننڊ ۾ ستل هئي. هن فيڊر کڻي ٻيبي جي هٿ ۾ ڏنو، ننڍڙي ستل ٻارڙي فيڊر کڻي پنهنجي وات ۾ وڌو ۽ روئڻ گهڙيءَ ۾ ٿي ويو بند. هو وري ليٽي پيو.

اڄ ڪيس آفيس ۾ نہ وڃڻو هو. (چڱو ٿيو جو روز روز جي جهڪ جهڪ کان جند ڇٽي پئي، سمورا ٽينشن ٿي ويا ختم. باس ڪيس ذهني ٽارچر ڏيئي رهيو هو. پر ڇو؟ هن سندس ڪهڙو ڏوهہ ڪيو هو؟ ڇا صلو مليو ڪيس ايتري محنت، ايتري ايمانداريءَ سان ڪم ڪرڻ جو؟ ايمانداري محنت سڀ بڪواس، ماڻهو دنيا سان گڏ هلي دنيا وانگر هلي، جڏهن ڪوئي سچو ۽ ايماندار مڃي بہ نہ. تو تہ پوءِ ڪنهن لاءِ ٿڄي ايماندار؟ هيپو ڪريٽ سنسار ۾، هيپو ڪريٽ ماسڪ پويان ڦرن پيا سڀ. اڄ ڪيس آفيس نہ وڃڻو هو. پر ٽائيم ڪيئن ٽيندو ڪِل؟ ۽ گهر جي خرچ لاءِ پئسا ايندا ڪٿان؟ گهر جي مسواڙ گهر جو خرچ ٻارن جي اسڪول جون فيون؟ سڀ ڪجهہ آ عذاب. زندگيءَ جو هر مرحلو، هر پل، هر موڙ آ عذاب.)

۽ هن اکيون پوري ڇڏيون، جڏهن سندس زال بيڊ تان اٿي ڪيس ڏٺو، تہ هو اکيون بند ڪري دت هٽي سمهيو پيو. دت هٽڻ، سمهڻ، پوءِ خيالن ۾ خوبصورت ڳالهيون سوچڻ آهن جي پراڻي هابي. ۽ ٻاهر جون


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آڪاش تي سندس بيروزگاريءَ جو پهريون سج ڪڏهوڪو نروار ٿي چڪو.

...........

”ٻڌو!“ آواز هن جي زال جو هو ۽ هو جيڪو بيڊ تان اٿي هٿ منهن ڌوئڻ لاءِ باٿ روم تي ويو، هڪ منٽ لاءِ بيهي رهيو.

”جي!“

”ننڍڙيءَ جو ڪير ختم ٿي ويو اٿوَ؟“

”پهرين نٿي ٻڌايوَ؟“

”توهان کي هجي ڪو هوش ته ٻڌايان، هوندا آهيو نوڪريءَ ۾ ته سڀ هوش غائب، گهوڙا ڙي گهوڙا، منهنجي آفيس، منهنجا ڪم.“

”صبح ساڻ ليڪچر ضروري آهي ڇا؟“ هن گهنڊ وجهي زال کي نهاريو.

”مطلب ته ٻن ڏينهن کان ڪير ختم ٿي چڪو آهي.“

”ته پوءِ ٿورو ٿورو ڪري هلائيندا ڪريو، حالتن جي خبر اٿو!“

”ذرو ذرو ڪري ته پنهنجي هلايم، گهٽي پاڻي ۾ ٿوري ڪير، ننڍڙي کي دست ڪري ڇڏيا آهن.“

”هينئر ته مون وٽ پئسا آهن ئي ڪونه، توکي خبر آهي ته ٻن مهينن کان پگهار نه مليو آهي.“

”پوءِ آئون پلا ڇا ڪريان؟ وڃو وڃي ڪجهه پئسن جو بندوبست ڪريو، پنهنجي پاءُ کان ڪٽي وٺو.“

هن ماٺ ڪري اها ڳالهه ٻڌي. ”۽ سچي ٻي ڳالهه ٻڌو ڪالهه واپڊا وارا آيا هئا بجلي ڪاٽڻ. اڄ وري ايندا، توهان بل جو مسئلو اڃا حل نه ڪرايو آهي.“ سندس زال چيو ۽ هو سندس ڳالهه ٻڌي باٿ روم ۾ هليو ويو ۽ زور سان باٿ روم جو در بند ڪري شاور کولي وهنجڻ لڳو.

۽ ننڍڙي هوندي کان سندس من وياڪل وياڪل هوندو هو. جڻ وڻ ويڙهي وانگر حياتيءَ جون سموريون بيرحميون ويون هيون ڪيس شروع کان وڪوڙي پر هو ننڍپڻ کان ئي سپنا ڏسندو رهيو هو، هر ڳالهه


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو چڙو سپنو ڏسندو هو، جنهن اسڪول ۾ پڙهندو هو اتي ڪلاس ۾ ويٺي ويٺي هو ڪلاس جي دريءَ مان متئين ڪلاس جي پاڻ کان گهٽي وڏي ڇوڪريءَ کي پيو ڏسندو هو، خيالن ئي خيالن ۾ گهوڙي تي ڪٽي هن کي نڪرندو هو، هوائن جي دوش تي هو هلندا پيا ويندا هئا ۽ تان جو ڪلاس ٽيچر مس حسنا جي رڙ کيس سجاڳ ڪري ڇڏيندي هئي.

”اڙي هن دري مان ڪنهن کي پيو ڏسين؟“

”ڪنهن کي به نہ مس.“ هو ڇرڪ ڀري اٿي بيهندو هو.

اڇي قميص ۽ خاڪي نيڪر ۾، رَسيس مهل هو انهيءَ ڇوڪريءَ جي آڏو پيو ڦرندو هو، ٻاهر ڇولن واري وٽان کيس ڊبل روٽي ۽ ڇولا آٽي ڏيڻ سندس روز جو دستور هوندو هو ۽ هو دل ئي دل ۾ سندس پوڄا پيو ڪندو هو. هڪ ڏينهن هو اسڪول نہ آئي، پوءِ خبر پئي تہ مائٽن هن جي شادي ڪري ڇڏي تہ هو سڏڪا ڀري رنو، پوءِ هو روزانو ان خالي بئنچ کي ڏسندو هو، جتي اها هن کان عمر ۾ وڏي ڇوڪري اچي ويهندي هئي. اوچتو کيس ياد آيو حياتيءَ جو سک سندس پيءُ کي بہ تاحيات نہ مليو هو. هن جو پيءُ بہ هڪ بيحد ڏکارو ماڻهو هو، سڄي حياتي هن جو پيءُ ۽ ماءُ پاڻ ۾ نہ نڀيا هئا. هن جي ماءُ بہ پنهنجي مڙس کان نفرت ڪندي هئي ۽ حياتيءَ جي بيرحمين سان وڙهندي وڙهندي هن جو پيءُ هڪ ڏينهن آخرڪار هار کائي ويهي رهيو هو. پر خوبصورت عورتون کيس ڏاڍيون وڻنديون هيون. پاڙي ۾ ٿيندڙ شاديءَ ۾ هو ڪنوار جي پر ۾ وڃي ويهندو هو، ڳاڙهن ڪپڙن ۾، ميندي رتل هٿن سان، زيور ڀهريل ڪنوارون کيس ڏاڍيون وڻنديون هيون. اکين ۾ ڪجل متي تي پاسو ۽ ٽيڪو، هر هر ساهيڙي جي ڳالهہ تي کلي ڏيڻ، هو ٽڪ ٻڌي اهو سڀ ڏسندو هو.

اوچتو ڪوئي آواز هن کي خيالن جي دنيا مان ٿو موٽائي آڻي ڇڏي.

”آخر ٻاٿ روم مان ٻاهر نڪرندؤ يا سڄو وقت پيا وهنجندؤ؟“


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندس زال باٿ روم جو در کڙڪائي ڪيس جاڳ ڪري چڏيو، هن جا خيال پرزا پرزا ٿي ويا.

”ها اچان ٿو.“ هن شاور بند ڪيو، ٽوال سان مٿو اگهي، ڪپڙا پائي نڪتو.

”ڪيتري دير ٿي وئي توهان کي باٿ روم ۾، تڏهن در ڪڙڪايم.“

هن جي زال گهبرايل هئي ”۽ تو ڇا سمجهيو!“ هن مرڪي چيو.

”ڪجهه به نه.“ هن جي زال جواب ڏنو.

هن مرڪي چيو، ”تو ائين ته ڪونه سمجهيو ته مون خودڪشي ڪري ڇڏي؟“

”خدا خدا ڪريو. صبح ساڻ ڪهڙيون پيا ڳالهيون ڪريو.“

هو ڪلي چپ ٿي ويو ۽ سگريٽ دکائي زال جي چهري کي تڪڻ لڳو.

”خدا جي واسطي سگريٽن کي ته بند ڪريو.“ سندس زال چيو.

”سگريٽ ڪتان ٿو بند ڪري سگهان؟“

”ائين نتا چئو ته هاڻ توهان جي عادت ٿي وئي آهي.“

”چڱو آهستي آهستي سگريٽ ڇڏي ڏيندس.“ هن چيو.

”خالي سگريٽ يا الڪوئل به؟“

”ڪڏهن ڪڏهن پيئندو آهيان ۽ اهو به دوستن سان گڏ.“

”اهو به سڀ ڪجهه ٺيڪ پر مون توهان کي چيو ته اڄ ڪيئن به ڪري ننڊڙي جو ڪير وني اچجو.“

..........

هو گهر کان ٻاهر نڪتو. بنا ڪنهن احساس ۽ بنا سوچ جي (ڪيڏانهن وڃجي؟ هن سوچيو) ٻاهر، رستو اهوئي ساڳيو. رستن جي ٻنهي طرفن کان بيٺل وڻ ۽ وڻن مان ڪرندڙ پن، اهوئي ساڳيو اتي سڀ ڪجهه رهندو آ، سڀ ڪجهه ساڳيو، ڪجهه به نه آ بدلجندو. ڇڙو من اندر جي دنيا جو انسان ڪٿي ٿو بدلجي... تبديل ۽ بدلائڻ جي خواهش ۾ ڪلپنا ۽ سوچ... بدلائڻ ۽ تبديل ڪرڻ جي خواهش ۾ بدلجي وڃي ٿو،


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انسان!

”هاءِ حياتي

هاءِ حياتي

حياتي آ،

ڪنهن تپندڙ ۽ تتل سج ۾

ڪنهن وڻ جيان!)

هو خيالن ۾ گم ۽ رستو تتل سندس پيرن هيٺ اوچتو ڪنهن ڪار جو بريڪن جا تيز چيچڙاٽ، هن ڇرڪي سامهون ڏٺو، هو ڪار جي بنهه سامهون هو.

”ڏسي نٿا هلو ڇا؟“

هو چپ

”ڏسي هلندا ڪريو!“

”سوري“

۽ ڪار وارو ڪاوڙ مان گاڏيءَ کي اسٽارٽ ڪري رمندو رهيو. هن مرڪي رستو پار ڪيو ۽ رستي جي پڪ ڪان ڏيري ڏيري هلڻ لڳو، اندر ۾ آيل پور سندس متي ۾ لڳا قرڻ.

(مهيني جي پڇاڙي+ گهر ڪيئن هلندو+ گهر جي مسواڙ+ ننڍڙيءَ جي ڪير جا پئسا+ فون جو بل+ ۽ ٻوڙ+ ڀاڄي لاءِ پئسا، آخر ڪٿان ايندا! ؟) + فون ڪنجي ويندي ته مڙيئي خير آ. فون کان سواءِ به زندگي گذر تي ويندي+ جاءِ جي مالڪياڻي ته جند ڪونه ڇڏيندي+ هر مهيني جي 5 تاريخ تي مسواڙ نه مليس ته اچي گهر ۾ بيعزتي ڪندي+ سمورن پاڙي وارن کي دانهون ڏيندي+ ايس 26 ڪير ونڻ لاءِ 200 رپيا هر تئين ڏينهن، سچ پچ ته مون جهڙي ماڻهو کي شادي هرگز نه ڪرڻ کپندي هئي+ گهر هلائڻ، گهر جو خرچ هلائڻ جو سمورو تاجو پيٽو هن کان آهي زور ۽ سندس زال کي سواءِ سپنن ڏسڻ جي ٻيو ڪجهه اچي ئي نه ٿو (سندس من تي تري آئي هڪ پراڻي ياد). ساروڻي، حياتي جي سندر سپنن جيان سندر هونديون آهن. ساروڻيون، ڪنهن خوبصورت ڇوڪري جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خوبصورت سپنن جهڙيون ساروٽيون، ڪنهن پراڻي غوراب جيان سمنڊ جي وهڪري تي ڏيري ڏيري هلندڙ لهرن تي، خدا جي پناهه ڪٿان جي ڳالهه ڪٿي وڃي پهتي. ها، سوچيم پئي، ڪا ساروڻي، ساروٽي جيڪا هوندي آهي ساروٽي.

”توهان سموري حياتي بس خواب ئي ڏسندا رهندا!“ هن ڪيس چيو هو. هوءَ جيڪا سندس ذهن جي ڪئنواس تان ڪڏهن به ميسارجي نه سگهي هئي.

هن مرڪي وراڻيو هو، ”خواب ڏسڻ سٺي ڳالهه هوندي آهي.“

”پر سائين، فقط خواب ڏسڻ ئي ته زندگي ناهي، توهين بس خواب ڏسو، خواب ڏسندا رهندا ۽ مان هڪ ڏينهن ڪنهن ٻئي سان پرڻجي اوهان جي آڏو هلي ويندس، توهين ڪجهه به ڪري نه سگهندا، ڪجهه به نٿا ڪري سگهو. مون کي ته لڳي ٿو ته توهان ڪجهه به نه ڪري سگهندا.“

”تون مون کي بلڪل نه سمجهي سگهي آهين.“

”نه مان هر ڳالهه چڱيءَ طرح سمجهي وئي آهيان. توهان کي درد اپنائڻ ۾ مزو ٿو اچي، پنهنجي پاڻ کي ايذائڻ ۾ اوهان کي سڪون ٿو ملي.“

”ائين ناهي...“

”ائين ئي آهي، جيئن مان سمجهان ٿي، توهان ڪجهه به نٿا ڪري سگهو. ڪجهه به نه ڪري سگهندا.“ ۽ پوءِ هوءَ ٻنهي هٿن سان منهن لڪائي روئي ٿي ڏي.

۽ هن جا سڏڪا هو اڃا تائين ٻڌندو آهي.

خوشيون+ ڏک+ سک ۽ حياتي

۽ حياتي؟

حياتي، ڪنهن خوبصورت اُپسرا جو آ ڪوئي خوبصورت سپنو.

۽

محبت به ته


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيترن ٻين جذبن جيان آهي، عارضي!

.........

هو هڪ بنگلي جي در تي وڃي بيهي ٿو، بنگلو سندس دوست جو آهي، در تي بيٺل نوڪر کيس چڱي ريت سڃاڻين ٿا، ان ڪري کيس وٺي وڃي ڊرائينگ روم ۾ ٿا ويهارين، ايتري ۾ سندس دوست اچي ساڻس ياڪر پائي گڏجي ٿو ۽ ٻانهن کان جھلي کيس پنهنجي بيڊروم ۾ ٿو وٺي هلي، ان کان اڳ جو هو کيس پنهنجي مجبوري ٻڌائي ڪجهه اوڌر تي پئسا گهري، سندس دوست ڪٻٽ مان بليڪ ليبل وهسڪي جي بوتل ڪڍي آڻي ٿو سندس آڏو رکي، نوڪر ٻه شيشي جا نازڪ گلاس، جن جي ڪنارين تي سنهري ڪم ٿيل آهي، ميز تي آڻي رکي ٿو.

”يار گهڻن ڏينهن کان پوءِ منهن ڏيکاريو اٿئي؟“ سندس دوست چيو.

”ها، بس، ڪجهه ڪم ڪار هئا.“ هو ڦڪي مرڪ سان چوي ٿو.

”نوڪري جو ڇا حال آهي؟“ سندس دوست سوال پڇي نوڪر کي برف آڻڻ لاءِ چوي ٿو.

”نوڪري اڄ ڪلهه ناهي.“

”ڇا مطلب؟“

”مطلب اهو ته نوڪري ڇڏي ڏنم.“ هو چوي ٿو.

”چڱو ڪيئي. تون آزاد ماڻهو ڪٿي ٿو وڏيرن سان هلي سگهين!“

هو چوڻ چاهي ٿو ته زندگي گهارڻ لاءِ پئسو گهرجي ۽ پئسو وٽس آهي ڪونه، بلڪ اڄ به هو وٽس پئسا اوڌر تي وٺڻ لاءِ آيو آهي. سندس ڌيءَ جي ڪير لاءِ کيس پئسا گهرجن.... پر هو ڦڪائي مان ڇئي ڪجهه نه ٿو سگهي.

ايتري ۾ نوڪر آئيس باڪس ۾ برف ڪٽيو ٿو اچي ته سندس دوست ٻن گلاسن ۾ ڊرنڪ ناهي، گلاس ٿو سندس آڏو رکي. اچي ڪير


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جهڙي گلاس ۾ سون جهڙي رنگ جي وهسڪي ۾ پاڻي ۽ برف جا ٽڪرا ڪيس ڏاڍا ئا سهڻا لڳن.

”دوست ڊرنڪ ڪڻ ۽ غم غلط ڪر. چيئرز.“ سندس دوست پنهنجو گلاس ٿوهن جي گلاس سان ٽڪرائي، هو به چيئرز چئي گلاس کي ٽڪرائي پهريون ڍُڪ ڀريو. وهسڪي جا اعليٰ قسم جي آهي، پر پهريون پيگ ئي هن ڏاڍو سخت ناهيو آهي، هي ٻئي ڍُڪ پري گلاس تو پنهنجي آڏو رکي ڇڏي.

”يار پهريون پيگ ته جلدي پيءُ. وهسڪي جي بوتل مون تنهنجي لاءِ کولي آهي.“ سندس دوست مُرڪي چوي ٿو.

هو ڊرنڪ جو گلاس کڻي. ٻه وڏا ڍڪ هڻي ٿو ته بليڪ ليبل جي ٻارنهن ورهيه رکيل وهسڪي سندس دماغ کي معطر تي ڪري ڇڏي. گهڙي لاءِ هو رليڪس ٿو تي وڃي ۽ پنهنجا سمورا ڏک ۽ درد وساري ٿو ويهي رهي.

”يار تو ٻه زندگيءَ ۾ ڪجهه نه ڪيو.“ سندس دوست وهسڪي جو ٻيو پيگ هٿ ۾ جهلي ڪيس چوي ٿو.

”تون ئي ٻڌاءِ ته ڇا ڪريان!“ هو مجبوريءَ مان چوي ٿو. اسهيءَ موضوع کان هو جند ڇڏائڻ ٿو گهري.

”گهٽ ۾ گهٽ پنهنجو گهر ته وني ڇڏين ها. توکي ته نه پنهنجو گهر آهي، نه ڪار اٿئي.“

هن کي اهي ڳالهيون نٽيون وڻن هو هڪ ئي ڍُڪ ۾ گلاس ۾ پيل وهسڪي ٿو اندر ۾ اوتي ڇڏي... هاڻي ٽيون پيگ مٿس آهستي آهستي پنهنجو اثر ڏيکاري رهيو آهي ۽ هو آهستي آهستي چوڻ شروع ٿئي ٿو.

”پر مون زندگيءَ کي ائين نه ڏٺو آهي جيئن ٻيا ڏسن ٿا... حياتيءَ جي ڊگهي ويڙهه وڙهي اٿم ۽ ان ڊگهيءَ ويڙهه جو نچوڙ خبر اٿئي ته ڇا آهي؟“

”ڇا آهي؟“ سندس دوست هن کي ڏاڍي ڏيان ۽ ڳُٽيءَ جي نظرن


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان ڏسندي چيو.

”ڪجهه به نه.... ڪجهه به نه آهي، چڙو انسان کي دل جي آٿت گهرجي، اندر جو سڪون گهرجي، اندر جو سڪون ئي دنيا جي سڀ کان وڏي دولت اهي. خوش نصيب آهن اُهي ماڻهو جن حياتيءَ جي ويڙهه وڙهي ٿي ان جو سڪون حاصل ڪري ورتو... ان ڪري... ان ڪري انسان کي گهرجي...“

”مان تنهنجي آخري ڊرنڪ ناهيان؟“ سندس دوست چيو.

”نه، مان هاڻ وڏيڪ نه پيي سگهندس مان ٿن پيگن کان وڏيڪ نه پيئندو آهيان... پر اڄ مون تي هڪ تمام وڏي ڳالهه ظاهر ٿي آهي ته انسان جيڪي ڪجهه آهي اهو رهڻ جي ڪوشش ڪري پر ڇا تو ڪڏهن ڪنهن سان محبت ڪئي آهي؟“

سندس دوست کلي ڏنو ۽ هڪ ٿڌو ساهه پري چيو ”توکي خبر آهي ته مون محبت هڪڙيءَ سان ڪئي ۽ شادي ٻي سان ڪيم!“

”اها ڪا وڏي ڳالهه ناهي... دل جو مقصد حاصل ٿيڻ گهرجي. باقي زندگيءَ جو مقصد، آخري گهڙيءَ تائين ظاهر نٿو ٿئي. انسان ڪنهن ويڙهه ۾ ڊوڙندو ٿو رهي ۽ حادثن جو لشڪر هر طرف اوچتو کان ٿو هن جي پويان ڊوڙي.“ هو ايئن چئي اکيون بند ڪري ماٺ تي ويو. ڪمري ۾ ايئرڪنڊيشن هلڻ جي آواز کان سواءِ هڪ عجيب ماٺ ڇانئجي وئي. سندس دماغ ۾ ڪيترا خيال آيا ۽ گم ٿي ويا اوچتو هن اکيون کولي چيو.

”دوست ڇا تون اها ڳالهه ڄاڻين ٿو ته انسان ڏک ڇو ٿو برداشت ڪري؟“

سندس دوست، ڪيس ڏسي مرڪندو رهيو، پر هن ڪوبه جواب نه ڏنو.

”دراصل اسين سڀ مان ۽ تون... مقصد ته اسين ورهين جا ورهيه دوستيون رکون ٿا، زندگيءَ جي هر ننڍي کان ننڍي خواهش لاءِ ڊوڙون ٿا. جدوجهد ڪريون ٿا، پر اڳتي هلي احساس ٿئي ٿو ته اهو سڀ ڪجهه جيڪي ڪجهه اسان ڪيو اهو بيڪار، بي معنيٰ ۽ فضول هو.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڏهن ڪڏهن توکي اهو احساس ٿيو آهي تہ اسين ڪنهن جي لاءِ ٿا ايتري ڊڪ ڊوڙ ڪريون؟ ڇا توکي احساس آهي تہ مان، مان سمورن ٻين ڪيترن ماڻهن کان مختلف آهيان؟"

هن جي دوست ٻيهر مُرڪي ڪيس ڏنو هو ۽ هڪ ڊرنڪ مان سپ وٺندي چيو هو، "استاد مان تنهنجي دل سان عزت ڪندو آهيان، ٽيهن ورهين جي دوستي آهي."

اوچتو هن کي خيال آيو تہ هو هتي ويهي وقت وڃائي رهيو هو ۽ هو اهو وساري چڪو هو تہ هن کي هتي ويهي ڊرنڪ ڪرڻ بدران واپس گهر ورڻ گهرجي... جتي هن جي زال ۽ ٻار اوسيئڙي ۾ ويٺل هئا، پر هن تي آهستي آهستي بليڪ ليبل جا ڪيپ چڙهڻ شروع ٿي ويا هئا.

............

پاڻيءَ جا ٻہ ڦڙا خبر ناهي ڪٿان ٽپ ٽپ ڪري اچي سندس مٿان پيا.

هن منهن کڻي تارن سان ڀريل آڪاش کي ڏٺو، چؤطرف ماٺ جو راڄ هو، رات پنهنجي مڪمل جوڀن سان سندس چؤطرف موجود هئي، سامهون سنڌو درياءُ آهستي آهستي وهي رهيو هو، ڀريان ڪوٽڙي شهر ۽ سندس ساڄي پاسي ڪوٽڙيءَ جي پُل جون بتيون ٽم ٽم ڪيو پئي ٻريون. هو سامهون اٿاهہ سپت سنڌوءَ جي وهڪري کي ڏسڻ لڳو.

ڇا انسان جي آخري جاءِ پناهہ آپگهات ۾ آهي. (هن سوچيو) پر سک ڪٿي ناهي، نہ زندگيءَ ۾ سُک آهي نہ وري مرڻ کان پوءِ. انسان ڪوبہ سُک نٽو ماڻي سگهي. هر طرف کان موت جو پاڇو انسان سان گڏ، گڏ تو هلندور هي، ڪنهن بہ پاسي سک ناهي.

ڪنهن طرف وڃان،

ڪيڏانهن وڃان.

ڏک ۽ موت آهن انسان جا پاڇا ۽ ڪٿي بہ نہ ڇڏيندا اهي ڪڏهن انسان کي؟ ۽ انسان مجبور، بيوس، لاچار ۽ خود غرض، پر هر انسان


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ خود غرض ڪونهي، هن بيزاريءَ مان سوچيو. منهنجي خيال ۾ ڪيڏا نہ تضاد آهن!

هن ٻيهر ڏنو سنڌوءَ جي خاموش وهڪري کي ڪيڏو نہ سڪون آهي، هتي هن مهل آڌي رات جو سندس دل هڪ ٻيرو چڪ ڪاڏي تہ هو هن مهل خاموشيءَ سان پاڻ کي سنڌوءَ کي ارپي ڇڏي. پر هي قديم سئو ورهيہ پُل تان پاڻ کي هيٺ پاڻيءَ ۾ اڇلائڻ بهادريءَ جو ڪم آهي؟ ۽ هو سنڌوءَ جي وهڪري کي ڏسندو رهيو، زندگيءَ بہ هن درياءَ جي وهڪري جيان آهي، خاموش وهندڙ ۽ الٽ لهرن ۾ لڙهندڙ انسان؟ لڙهندو تو وڃي سهٽي وانگر... (هن کي اوچتو الائي ڪهڙو اڻ ڄاڻ ڊپ ورائي ويو) هن سامهون سئو ورهيہ پراڻي نهيل پل کي ڏٺو جنهن کي پريان نظر ايندڙ بتيون ڪنهن راڪاس جي اکين جيان ڪيس ڏسي رهيون هيون. سندس سامهون ڪوٽڙي شهر جون ٻرندڙ بتيون ڪيس زرد ۽ بيمار لڳيون هيون. هو بنا ڪنهن سوچ ۽ سمجهہ جي، ڪجهہ وڪون هلندو پُل جي ويجهو وڃي تو، (زندگي ڪيڏي نہ آ بيوس، هيٺي ۽ هيسيل. ماڻهو ماڻهو جي من ۾ وسي تو ڪوئي پڙپانگ شهر) اوچتو پري ڪان ريل جي سيٽي وڳي ۽ گهڙيءَ ۾ ڪراچي ويندڙ ڪائي آڌي رات جي ٽرين ڌڙ ڌڙ ڪندي پل مٿان اچي لنگهي. هن ريل کي ڏٺو ريل جون بتيون هيٺ سنڌو درياءَ ۾ جهرمر جهرمر ڪري ٻرڻ لڳيون، هن کي سانت ۾ وهندڙ سنڌو درياءَ ۾ مٿان لنگهندڙ ٽرين جي بتين جو پاڻيءَ مٿان پوندڙ عڪس، ڏاڍو عجيب لڳو. گهڙي ۾ ريل لنگهي وئي، هن جي من چاهيو هو تہ ڊوڙي آهستي آهستي لنگهندڙ ريل جي پوئين دٻي ۾ چڙهي پوي ۽ ڪنهن سنسان، اڻ ڄاتل ريلوي اسٽيشن تي لهي پوي. نہ ڪائي منزل نہ ڪائي راهہ... ريل تي هن کي ياد آيو تہ جڏهن هو بابي سان گڏ اسر مهل ڪراچي ويندڙ پيسنجر ٽرين ۾ ڪراچي ويندو هو تہ ڪيس جهمپير اسٽيشن ڏاڍي وڻندي هئي. صدين کان چانيل ڪائنات ۾ اڪيلائي سناٽن، تيز هوائون ۽ ان ۾ لُڏندڙ ۽ لمندڙ وڻ ۽ انهن جا گهرا پاڇا. وقت ڪڏهن بہ ساڳيو نہ ٿو رهي، وقت ۽ انسان جي پاڻ ۾ سدائين ويڙهہ رهي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي، ڪير ڪنهن کي شڪست ڏيندو آهي ڇا ڪڏهن ڪنهن سوچيو آهي.

انهيءَ عجيب ۽ سنسان ماحول ۾ ان وقت ياڻ کي الائي ڇو اڪيلو محسوس ڪيو، ڊنل هوندي بہ من ۾ گهرا يادن جا بار ڪٽندي هن محسوس ڪيو، سندس اندر ۾ ڪنهن هزارين ڏيئا ٻاري ڇڏيا هئا، جن سان سمورو اونداهو اندر روشن ٿي ويو هو. هن ڏکهو ساهہ کنيو ۽ پويان پير ڪيا سندس پويان وهندڙ پاڻي هو، سنسان ماحول هو ۽ سنڌو درياءَ جو وهڪرو آهستي آهستي وهي رهيو هو.

.........

پوئين تاريخن جو اُداس، زرد ۽ سندس من کي اڪيلاين، مايوسين جي اوڙاهہ ۾ ڪٽي ڦٽو ڪندڙ چند، آسمان ۾ اٽڪيل هو ۽ جون جو آسمان سندس مٿان ڪنهن ڇپر ڇانو جيان هو بيٺل اڳي وانگر. اُبس واري هڪ ڄاتل سڃاتل ۽ من کي ياسندڙ خوشبو پکڙيل آهي. هو اڄ ڏينهن تائين سمجهي نہ سگهيو هو، اها ڳالهہ تہ ڪڏهن ڪڏهن ڪائي وايو منڊل پکڙيل سڳنڌ، من کي ڄاتل سڃاتل آخرڪار ڇو لڳندي آهي. ڪٿي ائين تہ ناهي، تہ ڪنهن اڳين جنم ۾ ڪائي سُڳنڌ جيڪا من کي ڪڏهن رڻندي آهي، اها ٻيهر لڳندي آهي ڄاتل سڃاتل. ڪڏهن ڪڏهن ڪي هنڌ، گهر ۽ شهر نہ پهريون ڀيرو ڏسندي بہ لڳندا آهن ڄاتل سڃاتل، هن مُرڪي پنهنجي پويان ڏٺو. سندس پويان قاسم آباد جون سهٽيون ٻتيون اونداهہ ۾ پي جرڪيون، سامهون بيٺل پاڻيءَ ۽ هوا ۾ جهومندڙ لهرن ڪنهن ڪنهن مهل هلڪو آواز ٿي ڪيو. سمورا بنگلا خاموش ننڊ ۾ سُتل هئا، ڪٿان ڪائي ڪني جي پونڪ بہ نٿي ٻڌڻ ۾ آئي. هو سامهون اچو مقبرو ۽ رستو خاموش بيٺو هو. هر شيءِ سُتل هئي، جيڪڏهن ڪوئي سُتل نہ هو تہ سندس من. اڄ هو پنهنجي گهر جو رستو ڀلجي ويو هو، هن جي اڄ پراڻي ڪلپنا پوري ٿي هئي. وهسڪي پيئڻ کان پوءِ گهر ڀلجي وڃڻ جي هئي هن جي هڪ پراڻي ڪلپنا... هن اڳتي وڌي هڪ در کڙڪايو، در کڙڪائيندي کيس احساس ٿيو تہ اهو واقعي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن جو گهر نہ هو، هن ڏيان سان ڏٺو، هو ڪنهن ٻئي جو در ڪڙڪائي رهيو هو. هن مُرڪي ڏٺو. پر اندران ڪوئي آواز نہ آيو. هن کي محسوس ٿيو تہ گهڻي پلجي وڃڻ جي ڪلپنا رکندي بہ هو پنهنجي گهر جو رستو نہ وساري سگهيو هو. (ڇا مان پنهنجو پاڻ سان بہ دوکو ڪري رهيو آهيان؟) هن پنهنجي پاڻ سان هڪ ٻيو دوکو ڪيو هو، گهر جو رستو ڪيس چڱي ريت ياد هو، ڪيتري ڊرنڪ ڪرڻ جي باوجود، ڪيس گهر جو رستو ياد هو. هن ٻيهر مُرڪي پنهنجي گهر ڏانهن ويندڙ گهٽي ڏانهن رخ ڪيو، گهر ڏانهن ويندڙ رستي ۾ ڪيترن بنگلن جون بتيون روشن هيون. هو پنڌ هلي نيڪ اچي پنهنجي گهر جي در وٽ بيٺو...

اهو گهر هو، آهي سندس... هو ننڍيون ننڍيون وکون کڻندو اچي گهر وٽ بيٺو، گهر سڄو اونداهيءَ ۾ ٻڏل هو. پر وارن گهرن جون بتيون روشن هيون، پاسي واري گهر جي گيٽ وٽ رات جي راڻيءَ جي تيز مهڪ سڄي گهٽيءَ کي واسي ڇڏيو هو. هن دگها ڊگها ساهہ کڻي رات جي راڻيءَ جي سڳنڌ کي پنهنجي اندر ۾ اوتيو ۽ ڏٺو اونداهيءَ ۾ ٻڏل پنهنجي گهر کي (معنيٰ تہ واپڊا وارا اڄ ٺي بجلي ڪاٽي ويا؟) چڱو ٿيو... چند ڇڻي.... ويهہ هزار ڪٿان اچن ها؟ پر بجليءَ کان سواءِ بہ نٿو رهي سگهجي. هن بيزاريءَ مانَ سوچيو.

ڇا ڪجي. ڪيئن ڪجي، ڪيڏانهن وڃجي. مشڪلاتون ۽ عذاب حياتيءَ جا، جڏهن اوچتو ٿا اچن تہ ماڻهو آخرڪار وڃي تہ ڪيڏانهن وڃي؟ ۽ اڄ اها بہ ڳالهہ ظاهر ٿي هئي تہ هو حياتيءَ جي سمورين مشڪلاتن کان هاريل شخص هو.

اهو سوچي هن گهر جي در ٻاهران لڳل ڪال بيل تي ڊڄي ڊڄي آڱر رکي (متان نہ ڪاٽي ويا هجن؟) پر ڪال بيل تي ڪيتري مهل هٿ رکڻ جي باوجود گهنٽي نہ وڳي. هو ڪجهہ دير ڪال بيل تي هٿ رکي بيٺو رهيو، سندس مٿان ڪليل آڪاش هو، چمڪندڙ تارا هئا، اوپر کان سفر ڪري اولهہ ڏي ويندڙ چنڊ هو ۽ چنڊ سامهون سرهئي نم جي مٿان چمڪي مُرڪي ڪيس ڏسي رهيو هو، تيز هوا ۽ ان ۾ اُڏامندڙ پن هئا.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوچتو سندس گهر جي اندران ننڍڙيءَ جي روئڻ جو آواز آيو، شايد ننڍڙي ڇرڪ ڀري اٿي آهي، هن سوچيو ۽ هٿ سان گهر جو در وڄايو پر اندران ڪوبہ آواز نہ آيو. هن زور زور سان گهر جي در تي ٺڪ ٺڪ ڪئي. لوهي در تي هن ڪيترا ڌڪ هنيا، آخرڪار گهر جي ڏاڪڻ تي ڪنهن جي قدمن جي چاپ جو آواز آيو.

”ڪير آهي؟“ هن جي زال جو آواز آيو.

”مان .. مان آهيان... در تہ کوليو؟“ هن چيو،

سندس زال در کوليو، هو در کولي اندر داخل ٿيو. هن جي زال کيس ڪجهہ بہ نہ چيو، هو اندر داخل ٿيو، سڄو گهر هو اونداهيءَ ۾ ٻڏل... بورچي خاني ۾ هڪ ميڻ بتي پئي ٻري، ميڻ بتيءَ جي روشنيءَ ۾ ٽي وي لائونج ۾ پيل صوفن تي سندس ٻار گهري ننڊ ۾ ستل هئا. هو هڪ صوفي تي ويهي رهيو.

”توهان ماني کائيندا؟“ هن جي زال پڇيو.

”نہ.... پر بجلي...“ آواز هن جي نڙي ۾ ڦاسي پيو.

”اڄ شام جو واپڊا وارا بجلي ڪاٽي ويا، توهان کي ڪيترن ڏينهن کان پئي چيم تہ ڪجهہ ڪريو، پر توهان هن مئي سپروائيزر جي پويان پيا تہ ڪجهہ بہ نہ ٿيو.“

”پر بل بہ تہ ويهن هزارن جو هو. مون سوچيو تہ اقبال سپروائيزر ڪجهہ ڪندو.“ هن کي ڏاڍي پشيماني پئي آئي پنهنجو پاڻ تي.

سندس زال ڪجهہ بہ نہ چيو.

”پر بجلي بہ اڄ ئي ڪٽڻي هئي.“ هن آهستي چيو.

”چوندا آهن تہ مشڪلاتون هڪ ٻئي پنيان بلڪ گڏ ايندين آهن.“ سندس زال آهستي چيو.

هن ميڻ بتيءَ جي روشني ۾ پنهنجي زال جي مک کي ڏٺو جيڪا ڪائنس ڪيترا ورهيہ ننڍي هئي ۽ ڏٺو ڪيس ڏاڍي افسوس وچان (ڪيڏي نہ سٺي... ٻاهر رهندڙ ڇوڪري ساڻس ڪيئن نہ، کهڙي ريت، کهڙين نہ انيڪ ۽ طرحين طرحين جي مشڪلاتن سان منهن پئي ڏنو.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ هو هيو جو هر ڳالهہ ۾ ذميدارين کان پئي پويان پِڳو.)

”آءِ ايم ساري“. هن زال کي آٿت ڏنو.

”مڙيئي خير آهي، زندگيءَ ۾ هي ڏينهن بہ آخر ڏسڻا هئا... پر توهان مانيَ...“

”نہ، مانيَ نہ کائيندس، پر توهان سامان ڪٿان آندو؟“

”توهان جي ياءُ کي فون ڪيم، هن بصر، پٽاٽا، تيل ۽ چانهہ ڏياري موڪلي.“

هن کي اونداهيءَ ۾ پکڙيل سڄو گهر کائڻ لڳو، مڇر سندس ڪن ۾ پون پون ڪرڻ لڳا. هن زال کي چيو، ”ٻارن کي اندر سمهاريو ها هتي تہ مڇر ڏاڍا آهن؟

”اندر بہ مڇر گهڻا آهن، توهان بہ هتي صوفي تي ليٽي پئو، جهڙي تهڙي رات گذري ويندي.“ هن جي زال چيو.

”ها جهڙي تهڙي رات ئي گذارڻي آهي. پر تون دلگير نہ ٿي، مان صبح سان ڪجهہ نہ ڪجهہ بندوبست ڪري بجلي ڪولرائي وٺندس.“

”اڄ ننڍڙيءَ کي بخار تي پيو اٿو.“ هن جي زال چيو.

”بخار! ڪڏهن... پر ڪير...“ هن سوال ڪيو.

”اڄ ڪير ڪونہ هو، توهان کي تہ خبر آهي، ننڍڙي ٻيو ڪير پيئي ئي ڪونہ ۽ دٻي وارو ڪير ختم ٿي ويو هو.“

”واقعي مان ڏاڍو پشيمان آهيان، تنهنجي آڏو!“ هن چيو.

هن جي زال ڪجهہ بہ وراڻي نہ ڏني ۽ ماٺ ڪري ڪيس رومال ۾ ويڙهيل ننڍڙي هٿ هٿ ۾ ڏني هن خاموشيءَ سان رومال جي ڳنڍ کولي. ان ۾ سندس زال جون ڇهہ سونيون چوڙيون پيل هيون.

”هي ڇا!“ هن آهستي چيو.

”منهنجيون چوڙيون اٿو. صبح جو وڪڻي پنهنجو مسئلو حل ڪري ڇڏجو.“ سندس زال اهو چئي ماٺ ڪري ننڍڙيءَ جي پاسي ۾ ليٽي پئي. هن کي محسوس ٿي رهيو هو تہ ڄڻ ڪنهن زبان بند ڪري ڇڏي هجي هن جي. هن ڪجهہ چوڻ چاهيو پر لفظ سندس زبان ۾ اٽڪي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آباد جون ٻتيون ٻه جهڙوڪ ننڊ ۾ ستل هيون.

هن کي الائي ڇا محسوس ٿي رهيو هو ته هو رستو ڀلجي چڪو هو، خوابن ۽ خيالن ۾ پنهنجي منزل کان پري هٽي وڃي ڪنهن ٻئي رستي تي پهتو هو يا منزل وڃائي ويٺو هو، ڪنهن اڻ ڄاتل قافلي ۾ ڪوئجي ويو هو پر هن جي وڃائجي وڃڻ ۾ ٻه ته ڪا معنيٰ ناهي. هن حياتيءَ کي (هن جي من ۾، هن جي ذهن تي هئا ڪيترن مونجهارن جا ڄار وڇايل) هن کي الائي ڇو لڳندو هو، لڳندو آهي ته هو ڄڻ ڪنهن ريگستاني سفر تي نڪتو آهي. رات ڏگهي ۽ اونداهي ۽ هو ريگستاني ڇيلهي تي جنهن جي ٻنهي پاسن کان ٻيٺل آهن، اڪ جا گهاٽا ٻوٽا جن تي وچ ۾ هو وڃي پيو هلندو پنڌ ئي پنڌ... ساهه منجهي ٿو پر نٿو ڪٽي، رستو ڪٽي نٿو ۽ رستو ڪٽي نٿو، رستو ڪٽي پوندو... رستو ڪڏهن ٻه ناهي ڪٽڻو... رستو ائين ئي ڏگهو ٿيندو ويندو... ۽ هو ئي هلي هلي، اڌ پنڌ ۾ ڪٽي پرندو ٿڪجي... پوندو ٿڪجي...

اوچتو ڪو ولر ڪان وڇڙيل پنڇي آڪاش ۾ رڙيون ڪندو اچي اڏاٽو. هن ڇرڪ ڀري ٻاهر پکڙيل رات کي ڏٺو جيڪا سندس سامهون آهستي آهستي رڙهي رهي هئي...

۽ صبح ٿيڻ ۾ الائي ڪيترو وقت باقي هو...؟

●●●


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ANTHOLOGY OF SINDHI SHORT STORIES (1989 - 2000)

*Compiled by*

***Mahmood Mughal***

SINDHI LANGUAGE AUTHORITY,
HYDERABAD,SINDH

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ISBN: 969-8194-30-4 Rs. 200/-

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book